بيان العارفين
و
تنبيه الغافلين

سيد عبدالڪريم شاهه بلڙي واري جي ملفوظات

تصنيف:

مُحمد رَضا بن عبدالواسع

عرف مير دريائي بن داروغه گهر ٺٽوي

سنه ١٠٣٨ هجري

تحقيق، ترجمو ۽ تشريحي حوالا

ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو

سنڌي ادبي بورڊ

بيان العارفين
وتنبيه الغافلين

سيد عبدالڪريم شاھ بلڙي واري جي ملفوظات

تصنيف:

محمد رضا بن عبدالواسع

عرف مير دريائي بن داروغه گهر ٺٽوي

سنه 1038 هجري

تحقيق، ترجمو ۽ تشريحي حوالا

ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو

1428 ه / 2007ع

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

2007ع

ڇاپو پهريون		سال 2007ع		تعداد هڪ هزار

قيمت: ٽي سؤ ويهه رپيا

خريداريءَ لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)

Email Address: sindhiab@yahoo.com

Website: www.sindhiab.com, www.sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب سهڻي پرنٽرز حيدرآباد مان اعجاز احمد منگي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

ڇپائيندڙ پاران

سنڌ جي ممتاز ڪلاسيڪي شاعر، اهل دل ۽ روشن ضمير عارف ۽ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڏاڏي شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو جنم 20 شعبان 944هه/30 جنوري 1538ع ۾ ٿيو. هيءُ اهو زمانو آهي، جڏهن آزاد، خودمختيار خوشحال ۽ وسيع "سنڌ" تي ساندهه 48 ورهيه مثالي رعايا پرور حڪمراني ڪندڙ سنڌ دوست فرمانروا ڄام نظام الدين سمي عرف ڄام نندي جي وفات کي پريا 30 سال ۽ سنڌ تان مقامي حڪمرانيءَ کي ختم ٿئي 18 ورهيه گذري چڪا هئا. اُن وقت سنڌ جا ماڻهو "پارسيون پـُچندڙ" ڌارين حاڪمن ارغونن ۽ ترخانن جي ظالمانه دؤر ۾ مجبور ۽ لاچار بڻيل هئا.

پندرهين ۽ سورهين صديءَ ۾ وچ ايشيا جي سياسي ماڻڌاڻ ۽ اُٿل پـُٿل هند ۽ سنڌ جي تقدير تي وڏا گهرا سياسي اثر ڇڏيا آهن. وچ ايشيا ۾ صفوي، شيباني، اوزبڪ، مغل، ارغون ۽ ترخان قبيلا اقتدار جي خوني راند ۾ مصروف هئا ته عالمي سطح تي پورچوگيز، ڊچ، فرينچ ۽ انگريز نين تجارتي مارڪيٽن ۽ ڪالونين جي ڳولا ۾ سڄي دنيا ۾ سرگردان هئا. انهيءَ دؤر تائين پورچوگيز وڏيڪ فعال نظر اچن ٿا جو هنن نندي ڪنڌ ۾ گوا ۽ ڊيو جهڙن اهم سامونڊي بندرن ۽ ماڳن تي قبضو ڪرڻ سان گڏ سال 1513ع ۾ هرمز نار تي پڻ قبضو ڪري ورتو. انهيءَ دؤر ۾ اسماعيل صفويءَ هٿان شيباني افغانستان ۾ اقتدار جي جنگ هارائي ۽ سندس ساٿي به پنهنجن پنهنجن صوبن مان اقتدار تان محروم ٿيڻ لڳا. ساڳئي زماني ۾ عمر شيخ ميرزا جو پٽ ظهير الدين "بابر" فرغانا مان نڪري هندستان ۾ قسمت آزمائڻ لاءِ نڪتو ۽ نندي ڪنڌ تي قبضو ڪري ويو. جڏهن ته سندس هٿان قنڌار جي اقتدار تان تڙجڻ ڪان پوءِ شاهه بيگ ارغون پنهنجي لشڪر سان شال ۽ سيوي جي پرڳڻن ۾ پٺڪڻ ڪان پوءِ ڀرين باغبان تي ڪاهيو. هڪ سال ترسي هـن ٻن ڀائرن ڄام صلاح الدين ۽ ڄام فيروز جي اقتداري ڇڪتاڻ جي ور چڙهيل سنڌ تي ڪاهه ڪري چالاڪي ۽ عياريءَ سان سنڌ تي قبضو ڪري ورتو. انهيءَ ويڙهاند ۾ سنڌ جو عظيم جرنيل دولهه دريا خان ڌارين سان وڏي بهادريءَ سان وڙهندي شهيد ٿيو.

اهڙي وايو منڊل ۾ شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو جنم ۽ اُن جي تصوف جي دلپذير فڪر سان ڀرپور شعري تخليق، سنڌ جي نئين جنم جو نياپو ٿي سامهون آيو.

ڪتاب ”بيان العارفين“ جو هي مواد شاهه ڪريم رحه جي ملفوظات تي مشتمل آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌس برڪت ڀري زندگيءَ جي جهلڪ موجود آهي. هن اهم ڪتاب کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري تحقيق ۽ تشريحي حوالن سان سَجائڻ ۽ سينگارڻ وارو مثالي علمي ڪم وڏيءَ محنت ۽ محبت سان اسان جي لائق محقق محترم ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب ڪيو آهي. هن ڪتاب کي بورڊ پاران ڇپائڻ وارو ڪم اصل ۾ لطيف سائينءَ جي فڪر ۽ ساڃاهه کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ واري اهم ڪم جي هڪ ڪڙي آهي. هڪ روايت آهي تہ لطيف سائين قرآن مجيد ۽ مولانا رومي جي مثنويءَ سان گڏ هيءَ برڪت ڀريو رسالو هميشہ پاڻ سان گڏ رکندا هئا.

هيءَ ڪتاب 2002ع ۾ ”اوقاف کاتي ۽ علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت“ پاران ڇپرو ٿيو ۽ هاڻي بورڊ پاران هن ڀيرئين ڇاپي جي اشاعت کي آءٌ سنڌ جي ڪلاسيڪي اتهاس سان چاهہ رکندڙن لاءِ سٺو سؤڻ سمجهان ٿو.

ڄام شورو، سنڌ
اڱارو ١٦- ذوالقعد ١٤٢٨ھ
بمطابق 27- نومبر 2007ع

اعجاز احمد منگي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

عنوانن جي فهرست

پیش گفتار

سرزمین سند همواره مرکز فرهنگ و تمدن اسلامی بوده و عارفان، صوفیان، شاعران، مؤرخان و سخنوران بزرگ دراین سرزمین پدید آمده اند و همگان آثار ادبی و تاریخی و عرفانی از خود به یادگار گذاشته اند. هرگاه به مطالعات محققان و سخن شناسان نظر افگنیم و با تعقل و تفکر به عمق اثار ادبی و عرفانی بنگریم، بزرگان عرفان و ادیبان سخندان را خواهم یافت که توانسته اند دردل و جان مردم رسوخ کنند و شهرت و نام و نشان ویژه از خود برجای گذارند، از جمله: پیش کسوتان ادب فارسی در سند سید عبدالکریم متوفی ۱۰۳۲ ه ق برابر با ۲۳-۱۶۲۲ میلادی است. وی در نیمهٔ دوم قرن یازدهم هجری قمری از شاعران بزرگ و عارفان نام آورسند بوده است. مؤرخان و تذکره نگاران نوشته اند که: نیاکان او در اوایل قرن نهم از هرات در افغانستان به سند (پاکستان) آمده و در سرزمین سند ساکن شده اند.

سید عبدالکریم در سند به شهرت عظیم و خوش نامی رسید، سبب این است که وی جدّ امجد حضرت سید شاه عبداللطیف بهتائی می باشد و این سید عبداللطیف در قرن دوازدهم هجری قمری از بزرگترین شاعران سند بوده است. سید عبدالکریم همیشه در زندگانی خود از لحاظ عرفان خاص اسلامی مرجع خلایق و منبع معرفت الهی بوده است. او شعر را بدان جهت اختیار کرد که بتواند بهتر و موفق تر به رشد و هدایت عام و خاص بپردازد و همگان را مسحور و مجذوب خود گرداند و در حقیقت مخدوم کل خلایق گردد و بالاخره بعد از نیکو نامی و خدمتگری و روشنگری مردمان به سوی معبود شتافت و رخت از جهان بربست.

شش سال پس از درگذشت این عارف بزرگ و شاعر سترگ، یکی از مریدان خاص ویاران نزدیك او به نام "محمد رضا بن عبدالواسع" دامن همت به کمرزده و مجموعه یی از آثار اورا به همراه شرح احوال و زندگی او تحت عنوان "بیان العارفین و تنبیه الغافلین" تألیف و تبویب نموده و برای دوستداران عرفان و ادب به یادگار گذاشته است. این آثار مشتمل بر "ملفوظات" و سخنان گهر بار سید عبدالکریم است که با عقیدت و احترام بسیار از طرف "مرید" برای خدمت به "مرشد" تهیه شده است.

کتاب "بیان العارفین و تنبیه الغافلین" مشتمل برابیات دلاویز در زبان سندی و سخنان دل انگیز و الفاظ معنوی و کلمات روحانی است که همه آنها از بیانات این عارف بزرگوار سید عبدالکریم است. به همین سبب است که این

سخنوریگانه و عارف فرزانه در ادبیات عارفانه و تاریخ تصوف سند، مقام ارجمند و والایی دارد و هر عارف و صوفی ناچار است که این کتاب را بخواند و با ادبیات عرفانی اسلامی به زبان فارسی آشنا گردد و تجربهٔ ادبی حاصل نماید.

متن این کتاب مهم و گران بها به صورت نسخه خطی موجود بود و به صورت عمومی طبع و نشر نشده بود و نیز به زبان سندی ترجمه نگشته بود. نگارنده این سطور بااطمینان بسیار و شوق فراوان، این کتاب را از زبان فارسی به زبان سندی درآورده و به مدد الله باهمت مردان خداکار را به خوبی سرانجام دادم و بسیار شادمان و خوشحالم که این مهم به کوشش این بنده خرد خدا جامه عمل پوشید و صورت تحقق به خود یافت.

نثر فارسی این کتاب ساده و لطیف وروان است زیرا مؤلف می خواسته است هرکس که در طریق الی الله گامی بر می دارد، از این کتاب فایده برگیرد و مستفید گردد. آثار صوفیاء بزرگان شیخ فرید الدین عطار نیشابوری، جلال الدین محمد بلخی رومی، محی الدین ابن عربی، شیخ فخرالدین عراقی، و مولانا نورالدین عبدالرحمان جامی در آثار سید عبدالکریم هویداست و اهمیت کتاب "بیان العارفین و تنبیه الغافلین" بیش از بیش شده است. من خود مجذوب الفاظ شیرین و اصطلاحات غمگین و تشبیهات واستعارات دل انگیز و نثر روان و شیوای این کتاب شده ام بدین جهت به خوبی و خوشی توانسته ام آن را از زبان فارسی به زبان سندی ترجمه کنم و بهره مندی از آن را انجام گردانم.

در این جاباید از آقای دکتر محمد حسین تسبیحی (رها) ادیب و سخنور ایرانی سپاسگزاری کنم که در همه گونه مواقع بامن همکاری داشته و در هنگام مراجعه به کتابخانه گنج بخش مرکز تحقیقات فارسی ایران و پاکستان، مراجع و منابع لازم را در اختیار نگارنده می گذاشته اند و مساعدت و معاونت می نموده اند.

امیدوارم این خدمت ادبی و عرفانی مورد توجه ارباب ادب و عرفان اسلامی واقع گردد و اشتباهات و لغزش های مرا به نظر اصلاح و تصحیح بنگرند و راهنمایم فرمایند. خدای بزرگ همه مارا در راه خدمت به فرهنگ و ادب و هنر و عرفان اسلامی پیروز و موفق و کامیاب گرداند. آمین

١٦ ذوالقعد ١٤٢٨هجري
مطابق 27- نومبر 2007ع
كراچي پاكستان

خواهان دعا
عبدالغفار سومرو

تعارف

باسمه تعاليٰ

سنہ 1937ع ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم ڪتاب بيان العارفين ۾ آيل سنڌي بيتن ۽ انهن جي معنيٰ ۽ تشريح ڪي شايع ڪيو. ۽ ان اشاعت سان ڪتاب بيان العارفين جو نالو وڌيڪ مشهور ٿيو. پر نالي جي مشهوري کان سواءِ هن ڪتاب جي قيمتي مواد جي اهميت توڙي شاهه عبدالڪريم جي عظمت سامهون نہ آئي. ان جي تلافي هاڻي ٿي رهي آهي. جو ڪتاب "بيان العارفين" پهريون پيرو، سڄو سربستو، صحيح سنڌي ترجمي جي صورت ۾ شايع ٿي رهيو آهي. ڪتاب جي اصل فارسي متن جو عڪس بہ پويان شامل ڪيو ويو آهي تہ جيئن، ڪو محقق ترجمي کي اصل متن سان ڀيٽي پنهنجي تسلي ڪري سگهي.

اصل فارسي ڪتاب ڏانهن متوجهہ ٿيڻ، ان جي اهميت محسوس ڪرڻ، ۽ ان جي سنڌي ترجمي جي عزم ڪرڻ جو سهرو محترم ڊاڪٽر عبدالغفار سومري جي سر تي سونهي، جنهن جي اڻ ٿڪ محنت جي نتيجي طور هيءُ اهم ڪتاب روان سنڌي ترجمي جي صورت ۾ شايع ٿي رهيو آهي. ڊاڪٽر عبدالغفار سومري هن کان اڳ، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فڪر ۽ فهم تي خاطر خواهه تحقيق ڪري، سنڌ يونيورسٽي مان پي ايڇ. ڊي حاصل ڪئي ۽ ان ڪاميابي سندس واسطي علمي تحقيق جي طور طريقي، توڙي اعليٰ فڪر ۽ فلسفي جي تجزيي جي راهہ روشن ڪئي. پنهنجي انهيءَ اعليٰ صلاحيت سان، هن صاحب "بيان العارفين" جي سنڌي ترجمي کي توڙي ميين شاهہ ڪريم جي متصوفانہ فڪر کي اعليٰ ۾ اعليٰ معيارن مطابق پڙهندڙن آڏو پيش ڪيو آهي.

ڪتاب جو مقدمو ڊاڪٽر موصوف جي اعليٰ تنقيدي ۽ تشريحي بصيرت تي شاهد آهي. ان ۾ زير بحث آندل سڀ ذيلي موضوع وڏي معلومات ۽ معنيٰ وار آهن. پر انهن مان بہ خاص اهميت رکن ٿا: هڪ "بيان العارفين ۾ صوفي فڪر ۽ ان جا ماخذ" ۽ ٻيو "شاهہ ڪريم جو عرفان" پهرئين مان سنڌ ۾ صوفيانہ فڪر جو تاريخي

پس منظر اجاگر ٿئي ٿو ۽ ٻئي مان سنڌ ۾ صوفيانہ فڪر جو روح روشن ٿئي ٿو. انهيءَ لحاظ سان، سنڌ ۾ صوفيانہ فڪر جي تاريخ ۽ ترويج ۾ هي مقدمو هڪ دستاويزي حيثيت رکي ٿو. ان سان گڏ، متن جي آخر ۾ ڏنل تشريحي حوالا، اعليٰ علمي تحقيق جو آئينو آهن. جن جي مطالعي سان پڙهندڙ جي معلومات ۾ مزيد اضافو ٿيندو.

هن ڪتاب جي شايع ٿيڻ سان، ٻھريون پيرو ميين شاه ڪريم جي ذاتي ۽ فڪري عظمت جو صحيح اندازو ٿئي ٿو. اها عظمت اڄ کان چار سئو سال اڳ، واري سنڌ جي هڪ مثالي فرد جي آهي، جيڪو ساڳئي وقت وڏي عيال وارو شخص آهي، قوت گذر لاءِ ٻني کاهيندڙ هر هاري آهي، غريبن جو هڏ ڏوکي ۽ حال ٻائي آهي، مظلومن جو مددگار ۽ سندن وأسطي حڪمرانن وٽ حق جون سفارشون ڪندڙ آهي، صالحن لاءِ ديني ۽ روحاني رهبر ۽ مرشد آهي، سالڪن لاءِ صوفيانہ فڪر جو شارح آهي، ۽ ذاتي طور تي صوفي باصفا واري عملي زندگي گذاريندڙ عارف آهي.

معاصرانہ روايت [ص 93] مطابق شاه عبدالڪريم قرآن شريف جا ٻہ سيپارا پڙهيو هو. باوجود ان جي، سندس بيانن ۽ وضاحتن ۾، عربي ۽ فارسي عبارتن توڙي تصوف جي اهم ڪتابي ماخذن جي اعليٰ ڄاڻ جا مثال موجود آهن. بيشڪ اهو سندس ذاتي صلاحيت ۽ أفضلـيت جو معجزو هو. پر ان مان اهو گمان پڻ نڪري ٿو، تہ ان وقت سنڌ ۾ ابتدائي مڪتبي تعليم معياري رهنمائي واري هئي ۽ ٻاهريون صحبتي ماحول بہ وڏي فيض وارو هو.

"بيان العارفين" ۾ ميين شاه ڪريم جو همعصر درويش توڙي ڪانئس اڳ، وارن عارفن بابت ڪافي مواد موجود آهي. جنهن جي مطالعي سان ان دور جي معاصرانہ ماحول جي سڃاڻپ ٿي سگهي ٿي. ميين شاه ڪريم جي زباني جن بزرگن توڙي ماڳن مڪانن جا نالا بيان ٿيا آهن، تن بابت وڌيڪ معلومات مهيا ڪرڻ سان هن تحقيق جو دائرو وڌائي سگهجي ٿو. مثلاً: شاه عبداللطيف جي رسالي ۽ سوانح تي تحقيق ڪندي، راقم کي "بيان العارفين" ۾ آيل ڪن نالن بابت هيٺيان اُهڃاڻ مليا:

* حسين گاڏر [ص125] گاڏار فقير جو مقام، ميرپور بٺوري کان 12- ميل ڏکڻ - اوڀر ڪاري گونگڙي تي آهي. جتي ساليانو ميلو لڳي ٿو.

* پير لاکو [ص 329] جاتي طرف آهي.

* سيد جعفر [ص 64] ٻڍي ٽالپر شهر جي اتر - اولهه طرف آهي، ۽ جتي ساليانو ميلو لڳي ٿو.

* سيد لعل شاهه [280] "لعل" جي نالي ٻه مقام: هڪ لعل ڇتو، رڙي جي ٻيلي کان اتر، ٻيو لعل محموداڻي، ميين حسن علي کان اوير، جتي ميلو لڳي ٿو.

* لڏو فقير [ص 276] شيخ لڏو ميرپور بٺوري کان 8 ميل ڏکڻ - اولهه، جاڙيجن جي ڳوٺ کان اولهه ٽڪر تي آهي. ميرپور بٺوري کان 3- ميل اتر طرف "ٻگو شير" جو مقام آهي، جتي ڇون ٿا ته شاهه ڪريم چلو ڪڍيو.

* دُٻي ڳوٺ [ص 394]، ڪور واهه کان اوير 12 - ميل ديهه داسڙڪي ۾ آهي جتي"دُٻي وارا داسڙا"رهن.

* ڊنڊي [ص 291] ۽ ڏاڏون [ص ص 20، 360] ٻئي ڳوٺ ٽنڊي محمد خان کان بلڙي ڏانهن ويندڙ شاهي رستي لڳ (سڃي پاسي) موجود آهن.

* راڏڻ ڳوٺ [ص 331] = راڏوڙي ڳوٺ جيڪو بلڙي کان چار ميل اُتر طرف موجود آهي.

*راهوڻ [ص ص 138، 315]. ٻني جي شهر کان ٻه ميل اوير طرف موجود آهي.

* لنداڻ پرڳڻو [ص 331]، غالباً ماتليءَ کان اُتر - اوير طرف، جتي ديهه "لنداڻا"

* ڪاتيار ڳوٺ [ص 302، 379] بلڙي کان اُتر طرف. ڪاتيارن جا ٽي ڳوٺ آهن: جهنگ ڪاتيار، ملاڪاتيار ۽ عبدالرحيم ڪاتيار شايد مراد "جهنگ ڪاتيار" آهي.

* ڳوٺ مناهيجي [ص 313] / ڳوٺ مناهين، جيڪو ڪور واهه کان 15- ميل ڏکڻ - اوير طرف آهي(مناهين نالو جتن جي پاڙي جو جيڪي شاهه ڪريم جا مريد آهن).

* هنڙي [ص ص 308، 334]، بٺوري کان 4 ميل اُتر (هن وقت اتي پٽون).

مٿيان ڳوٺ سڀ بلڙيءَ جي آسپاس آهن جن جي سڃاڻپ سان ميين شاهه ڪريم جي اچ وڃ واري ويجهي علائقي جو نقشو نروار ٿئي ٿو.

وڌيڪ اهم تحقيق انهن بزرگن جي ڳوٺن ۽ ڳالهين بابت مزيد معلومات مان ٿيندي جن جا نالا "بيان العارفين" ۾ آيا آهن. ڪتاب جو عالمانہ مقدمو اهڙي تحقيقي مطالعي لاءِ دروازو کولي ٿو.

هن ڪتاب جي شروعاتي تياري، ڪمپوزنگ ۽ بٽر پيپر جي مرحلن تائين، "علامہ قاضي رسالو رٿا ۽ اشاعت" جي امداد سان ٿي. ڪتاب جي ڇپائي جي پورائي، حڪومت سنڌ جي اوقاف کاتي طرفان ڏنل گرانٽ سان ٿي، جنهن لاءِ محترم شيخ قبول احمد، چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف سنڌ جو تعاون شامل حال رهيو. نهايت خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو شاهہ عبداللطيف جي رسالي جي ناياب پهرئين بمبئي ڇاپي جي اشاعت کان پوءِ هي پيو اهم ڪتاب آهي، جيڪو سنڌ حڪومت جي اوقاف کاتي ۽ علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت جي گڏيل ڪوشش سان خدمت طور شايع ٿي رهيو آهي.

نبي بخش
(ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
صدر، علامہ آءِ.آءِ. قاضي يادگار سوسائٽي)

سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد سنڌ
15- ذوالحج 1422 ھ
28- فيبروري 2002ع

مهاڳ

شاهه عبداللطيف ڀٽائي بابت مشهور روايت آهي ته هو هميشه پاڻ سان قرآن پاڪ کان علاوه مثنوي رومي ۽ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي ملفوظات "بيان العارفين" گڏ رکندو هو. انهيءَ حقيقت جي مد نظر مون جڏهن شاهه لطيف جي فڪر تي ڊاڪٽريٽ لاءِ مقالي بعنوان "شاهه عبداللطيف جو صوفيانه فڪر ۽ مولانا رومي" تي تحقيق جو آغاز ڪيو، ته مون انهن ڪتابن کي بنيادي ماخذ جي حيثيت ۾ آڏو رکيو. مولانا روميءَ جي مثنوي فارسيءَ کان علاوه دنيا جي هر سڌريل ٻوليءَ ۾ دستياب آهي. ليڪن سوال هو ته بيان العارفين جيڪو اڃا تائين قلمي صورت ۾ هو، اهو ڪٿان هٿ اچي. ڪافي وقت تائين مون پنهنجو مطالعو علامه دائود پوٽي جي "شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام" تائين محدود رکيو، جيڪو هن سن 1938ع ۾ بيان العارفين جا ٽي قلمي نسخا ڀيٽي، اهو ڪتاب مرتب ڪيو هو ۽ جنهن پاڻ لکيو اٿس ته سندس سڄو زور شاهه ڪريم جي بيتن جي صحيح پڙهڻين قائم ڪرڻ تي هو. ليڪن ان سان گڏ پاڻ بيان العارفين منجهان ڪجهه ملفوظات جيڪي بيتن سان مناسبت رکندڙ سمجهيائين، انهن جو انتخاب ترجمو ڪري شامل ڪرڻ تي اڪتفا ڪيائين. هن ڪتاب جو سندس نظرثاني ٿيل ڇاپو سن 1958ع ۾ پيهر شايع ٿيو. آخري ڀيرو هي ڪتاب ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز طرفان سن 1977ع ۾ شايع ٿيو.

علامه دائود پوٽي کان پوءِ "ڪريم جو ڪلام" ڪجهه وڌيڪ تحقيق سان سن 1963ع ۾ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي سکر مان شايع ڪرايو. ميمڻ صاحب ان کانپوءِ بيان العارفين جو منظوم سنڌي ترجمي جيڪو ڪاٺ ٻانيڻ سنه 1213 هه ۾ مڪمل ڪيو هو، تنهن کي تحقيق جو موضوع بنائي، سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڪئي ۽ انهيءَ تحقيق جي آڌار تي "ڪريم جو ڪلام" سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻي طرفان سن 1976ع ۾ نئين سر مرتب ڪري شايع ڪرايائين. نئين تحقيق دوران ميمڻ صاحب هڪ ڪان وڌيڪ قلمي نسخن کي آڏو رکيو ۽ ان ڪري هن نئين ڪتاب ۾ اڳي کان وڌيڪ مواد شامل ڪيائين. ليڪن وري به بيان العارفين جو سڄو سارو مواد سنڌيءَ ۾ نه آندائين ۽ نڪو ان جي لاءِ ڪو سبب ڄاڻايائين. اهڙيءَ صورت ۾ پڻ اها ڳالهه وڌيڪ اشتياق جو سبب بڻي، ته اصل ڪتاب ضرور ڏسڻ گهرجي ته ان ۾ ڪهڙو مواد شامل آهي. آخر ميمڻ

عبدالمجيد طرفان مقدمي ۾ ڪيل نشاندهيءَ تي اسان اهو قلمي نسخو هٿ ڪري ورتو، جيڪو هن پاڻ مطالعي هيٺ آندو هو. اهو قلمي نسخو منصوره لائبرري جي ملڪيت هو، جيڪو سن 1243 هه ۾ محمد صالح ٽالي ڪاتب لکيو هو. انهيءَ نسخي جي مطالعي مان معلوم ٿيو، ته علامہ دائود پوٽي توڙي ميمڻ عبدالمجيد اصل ڪتاب جو چوٿون يا پنجون حصو سنڌيءَ ۾ مس منتقل ڪيو هو. ليڪن ان جو سبب جيئن مٿي واضح ڪيو ويو، اهو هو تہ هنن جو سڄو سارو ڌيان شاهہ عبدالڪريم جي ڪلام کي صحيح صورت ۾ مرتب ڪرڻ طرف هو.

بهرحال اسان جو موضوع شاهہ لطيف جي فڪر کي، شاهہ ڪريم جي حوالي سان سمجهڻ ۽ ان جي اپٽار ڪرڻ هو، جنهن لاءِ شاهہ ڪريم جي بيتن کان سواءِ ان بئي مواد جو مطالعو از حد ضروري هو، جيڪو فارسيءَ ۾ هو ۽ جنهن جو تمام ٿورو حصو سنڌيءَ ۾ منتقل ٿيو هو. بيان العارفين جي سرسري مطالعي مان معلوم ٿيو، تہ ان ۾ واقعي تصوف جي بنيادي تصورات جي سمجهاڻي موجود آهي ۽ ان منجهان شاهہ ڪريم جي فڪر ۽ عرفان کي چڱيءَ ريت سمجهي سگهجي ٿو. ازانسواءِ اهو ڪتاب سنڌ جي تصوف جي ارتقا جي هڪ اهم ڪڙي آهي، جنهن مان شاهہ لطيف جي فڪري اوسَر ۽ سنڌس تصوف کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ملي سگهي ٿي.

بيان العارفين تي اها تحقيق هلندڙ هئي، جو پتو پيو تہ انهيءَ ڪتاب جو نهايت معتبر ۽ صحيح نسخو سيد علي مير شاهہ جوڻن واري وٽ موجود آهي. شاهہ صاحب ذاتي دوستي ۽ علمي ذوق سبب اهو نسخو ڪجهہ وقت لاءِ تحقيق واسطي اسان جي حوالي ڪرڻ قبول ڪيو. اهو نسخو سن 1228هه ۾ ضياءَ الدين بن گل محمد تاريخ 29 رمضان المبارڪ تي لکي پورو ڪيو. ڪتاب جي آخر ۾ شاهہ ڪريم جو خانداني شجرو ۽ سلسلہ بيعت بہ ڏنل آهي. ورق گردانيءَ مان معلوم ٿيو، تہ اهو نسخو واقعي بهترين ۽ نهايت خوشخط لکيل هو، جيڪو منصوره واري کان پاڻ پندرنهن سال اڳ لکيل هو. انهيءَ جستجو دوران هڪ ٽيون قلمي نسخو پير جو ڳوٺ لڳ نئون ديرو ضلع لاڙڪاڻو جي راشدي خاندان وٽان محترم صفي الله عباسي معرفت مليو. ليڪن ان جي شروعات ۾ ڪافي ورق ضايع ٿيل آهن ۽ آخر ۾ پڻ اڌورو آهي. انهيءَ ڪري مٿس ڪتابت وغيره جو بہ ڪو سال لکيل ناهي. بهرحال انهن ٽنهي نسخن ۾ سيد علي مير شاهہ وارو نسخو نهايت عمده ۽ هر لحاظ کان بهتر آهي.

اها سچي حقيقت جڏهن مون سنڌ جي نامور عالم ۽ شاهہ لطيف جي

فاضل محقق ڊاڪٽر بلوچ ڪي ٻڌائي، ته هن پڻ ان ضرورت ڪي محسوس ڪيو ته بيان العارفين جو مڪمل سنڌي ترجمو شايع ٿيڻ گهرجي، بلڪ اهو هن ڪان اڳ، شاهه جي رسالي جا ماخذ تحت شايع ٿيڻ گهربو هو. وڏيڪ ان ڳالهه تي به اتفاق ٿيو، ته هن ڪتاب جي غير معمولي اهميت سبب اصل فارسي متن ڪي به سنڌي ترجمي سان گڏ شايع ڪيو وڃي، ته جئن اهو ڪتاب هميشه لاءِ محفوظ ٿي وڃي. پهريائين اهو ڪتاب محترم صفي الله جي حوالي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، ليڪن ڪجهه وقت ڪان پوءِ هو ڪن مجبورين سبب هي ڪم سرانجام ڏئي نه سگهيو. اهڙيءَ صورت ۾ اهو بار مون تي عائد ٿيو، شايد ان ڪري به ته ان سڄي ڪم جي تحريڪ منهنجي هٿان ٿي هئي. جيتوڻيڪ مون کي پنهنجي فارسي دانيءَ تي ايترو اعتماد نه هو، پر شايد غير معمولي دلچسپي سبب اهو سڀ ڪجهه مڪمن ٿي پيو.

هن سلسلي ۾ ٻيو نهايت اهم ڪتاب جنهن مان ترجمي توڙي ماڳن مڪانن، ذاتين ۽ ماڻهن جي نالن سمجهڻ ۾ مدد ملي، اهو بيان العارفين جو پراڻي سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو هو، جيڪو عبدالرحمان بن محمد ملوڪ ڪاٺ ٻانيڻ سنه 1213 هه ۾ مڪمل ڪيو. اڳتي هلي، اهو ساڳيو ترجمو سنه 1293 هه ۾ مخدوم عبدالصمد نورنگ پوٽي مطبع مرغوب هرديار بمبئي مان ڇپائي پڌرو ڪيو. اهو ڪتاب علامه دائود پوٽي شاهه ڪريم جي ڪلام مرتب ڪرڻ وقت پڻ استعمال ڪيو. اسان پڻ هن ڪتاب مان استفادو ڪيو. ليڪن ان ۾ ڪن هنڌن تي ڪي نقل ڇڏيل آهن، ته ڪٿي ايڪڙ ٻيڪڙ ٿورو گهڻو پنهنجي طرفان اضافو ڪيل آهي. اهڙيءَ طرح منجهس ڪي بيت غائب پڻ آهن. اهو ئي سبب آهي. جو اسان سڄو سارو دارومدار علي مير شاهه واري نسخي تي رکيو آهي، جيڪو هر لحاظ کان معياري آهي ۽ ان ڪري ان جو عڪس پڻ گڏ ڇاپيو آهي. منصوره وارو نسخو پڻ ڪن هنڌن تي ناقص هو، تنهن ڪري ان جون اختلافي پڙهڻيون نه ڏنيون اٿئون، جيڪي هونئن به تمام ٿوريون آهن. البت عڪسي ڪتاب جي آخر ۾ منصوره واري قلمي نسخي ۾ شاهه عبدالڪريم جي خاندان وينڌي شاهه عبداللطيف تائين، قابل مؤلف 467 شعرن تي مشتمل جيڪومنظوم احوال ڏنو آهي، ان جو عڪس پڻ ڏنو آهي، ته جيئن اهو مواد به هميشه لاءِ محفوظ ٿي وڃي.

آخر ۾ آءُ انهن سڀني سڄڻن ۽ گهڻگهرن جو ٿورائتو آهيان، جن جي مدد ۽ همت افزائي سبب هي تاريخي ڪم سر انجام ٿي سگهيو. انهن ۾ خاص طور ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، صدر علامہ آءِ. آءِ. قاضي ميموريل سوسائٽي جنهن ڪتاب جي مسودي کي نظر مان ڪڍيو ۽ وقت بوقت رهنمائي ڪئي. هتي اهو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو، تہ هن ڪتاب جي ابتدائي مرحلن ۾ علامہ آءِ. آءِ. قاضي سوسائٽي جو تعاون حاصل رهيو. جناب علي مير شاهہ پنهنجي خاندان طرفان ساهہ سان سانڍيل بيان العارفين جو نسخو ڏيئي، هن سڄي ڪم کي هڪ نئين رخ سان مڪمل ڪرڻ جو موقعو ڏنو. قاضي شوڪت علي ۽ برادرم سليم الله صديقي ﭘاڻائي پڻ منهنجي خصوصي شڪريي جا مستحق آهن، جن پنهنجي ڪتبخانن مان متسفيد ٿيڻ جو هر وقت ڀربور موقعو ڏنو.

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو فيبروري 2002ع ۾ سنڌ اوقاف کاتي ۽ علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا جي تعاون سان ڇپجي پڌرو ٿيو هو. خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ سنڌي ادبي بورڊ جي انتظاميا شاهہ عبداللطيف جي حوالي سان هن ڪتاب جي اهميت کي محسوس ڪندي ٻئي ڇاپي شايع ڪرڻ جو اهتمام ڪيو جنهن لاءِ آءٌ بورڊ جي لائق سيڪريٽري محترم اعجاز احمد منگيءَ جو ٿورائتو آهيان. ڪن مهربان دوستن سڄڻن پهرين ڇاپي ۾ ڪن اوڻاين ۽ غلطين جي نشاندهي ڪئي جن ۾ ڊاڪٽر عبدالحئي ابڙو، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ جناب محمد ايوب ٻنڌاڻي شامل آهن. هن ڇاپي ۾ مناسب هنڌن تي اها اصلاح ڪئي وئي آهي. اهڙيءَ طرح انهيءَ عرصي دوران پنهنجي معلومات ۾ جيڪو واڌارو ٿيو، انهيءَ جي آڌار تي ڪجهہ نوان اضافا ڪيا ويا آهن. محترم امين الله علوي ۽ محترم سليم الله صديقي صاحب جن پروفن پڙهڻ ۾ مدد ڪئي جنهن لاءِ هو ٻئي صاحب شڪريي جا مستحق آهن.

اميد تہ هيءَ ڪاوش سنڌي ادب جي گهڻگرن ۽ تصوف جي شائقين وٽ قبوليت جو شرف ماڻيندي.

عبدالغفار سومرو

بنگلو سيڪريٽري-7
باٿ آئلينڊ، ڪراچي
1- ذوالحج 1422ھ / بمطابق 13- فيبروري 2002ع

مقدمو

شاهہ ڪريم جي سوانح

شاهہ عبدالڪريم 20 شعبان 944 هہ / 30- جنوري 1538ع تي مٽيارين جي شهر ۾ ڄائو ۽ 7- ذوالقعد 1032 هہ /1- سيپٽمبر 1623ع تي پنهنجي ڳوٺ بلڙيءَ ۾ وفات ڪيائين. موجوده ڪتاب "بيان العارفين" جي خاص خصوصيت اها آهي، تہ اهو شاهہ ڪريم جي هڪ سچاڻ مريد محمد رضا بن عبدالواسع داروغہ گهر جيڪو ننڍي جو رهندڙ هو، تنهن شاهہ ڪريم جي وفات کان فقط ڇهہ سال پوءِ يعني 1038 هہ /1629ع ۾ لکي پورو ڪيو. ان لحاظ سان انتهائي مستند تذڪرو آهي. هن ڪتاب ۾ شاهہ ڪريم جي خاندان جو مختصر ۽ سندس حياتيءَ جو مفصل احوال ڏنل آهي. ان سان گڏ سندس تعليمات ۽ هدايتون، صوفيانہ اقوال ۽ عارفانہ گفتا، جيڪي پنهنجي مريدن آڏو يا ٻين بزرگن سان ملاقاتن يا مجلسن ۾ ارشاد فرمايائون گڏ ڪيل آهن. ان کان سواءِ شاهہ ڪريم جو شجره نسب ۽ سلسلہ طريقت پڻ ڏنل آهي. ڪتاب جي آخر ۾ شاهہ ڪريم جي اولاد جو ذڪر ٿيل آهي، جنهن ۾ ڄاڻايل آهي تہ شاهہ ڪريم کي اٺ پٽ ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون. شاهہ ڪريم جي وفات کان پوءِ سندس پٽ ميان محمد گادي نشين ٿيو. سندس ٻئي پاءُ جلال شاهہ جي چوٿين پيڙهيءَ مان، سنڌي ٻوليءَ جو عظيم صوفي شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پيدا ٿيو.

بيان العارفين مان شاهہ ڪريم جي حياتيءَ بابت جن خاص ڳالهين جي خبر پوي ٿي، سي هيٺينءَ ريت آهن.

(الف) شاهہ ڪريم جي تربيت سندس والده ڪئي، ڇاڪاڻ تہ هو اجا ننڍو ئي هو تہ سندس والد وفات ڪري ويو.

(ب) شاهہ ڪريم ننڍپڻ ۾ مڪتبي تعليم ڏانهن ڪو خاص ڌيان نہ ڏنو. جيتوڻيڪ سندس وڏي ڀاءُ سيد جلال شاهہ جو خيال هو تہ پڙهي عالم فاضل ٿئي.

(ج) شاهہ ڪريم ننڍي هوندي کان طبعاً فڪر ۽ سماع جي طرف مائل هو. جڏهن تہ هو پڙهائي ڇڏي بہ وڃي سماع ۾ شريڪ ٿيندو هو.

(د) جوانيءَ ۾ هو پاڻ بہ سماع ۾ حصو وٺندو هو. هڪ ڏينهن اهڙي محفل ۾ مشغول هو جو وڏي پاڻس اتان وٺي اچي قاضيءَ آڏو پيش ڪيس ۽ سندس نڪاح پڙهايو ويو.

(هـ) جيستائين سيد جلال شاهہ جيئرو هو. تہ شاهہ ڪريم گهر ٻار جي ٻار کان آجو هو ۽ گهڻو وقت سماع ۽ ذڪر جي محفلن ۾ گذاريندو هو.

(و) هڪ ٻن حوالن مان معلوم ٿئي ٿو. تہ ڪافي سير و سفر پڻ ڪيو هئائين. گجرات جي شهر احمد آباد تائين ويل ٿو ڏسجي. جتي پڻ سماع جي محفلن ۾ شريڪ ٿيو ۽ اتي ٿي هندي بيت ٻڌائين. جن مان ڪي بيان العارفين ۾ آيل آهن.

(ز) شاهہ ڪريم محنت مشقت ۽ سخت پورهئي واري زندگي گذاري. پنهنجي ٻني پاڻ آباد ڪندو هو. بلڪ گهرو ڪم ڪار بہ پاڻ ڪندو هو. ايترو بہ ذڪر ٿيل آهي. تہ پنهنجي گهر ڀاتين ۽ ٻارن لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ڄانور وغيره رڌي تيار ڪندو هو.

(ح) جيتوڻيڪ شاديءَ جي باري ۾ صوفين جو نظريو ڪنهن حد تائين غير رواجي رهيو آهي، ليڪن شاهہ ڪريم جا شاديءَ جي باري ۾ خيالات گهڻو سخت ۽ انوکا آهن.

(ط) شاهہ ڪريم صوفين وانگر معمول مطابق عبادت کان سواءِ سخت رياضتون پڻ ڪيون. هن ڪتاب ۾ انهيءَ ڳالهہ تي نهايت تفصيل سان روشني وڌل آهي. تہ شاهہ ڪريم پنهنجو ڏينهن ۽ رات کهڙيءَ ريت کهڙين مشغولين ۾ گذاريندو هو.

(ي) هن کي سماع سان فطري ۽ غير معمولي لڳاءُ هو. ايتري قدر جو جڏهن ڪنهن قوال يا ذڪر ڪان ڪو اعليٰ معنيٰ ۽ فهم وارو بيت ٻڌندو هو. تہ مٿس وجد جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي ۽ اڪثر ڪري پنهنجي ڪلهن تي رکيل چادر انعام طور ڏئي، پوءِ اُٿندو هو. مطلب تہ ڪڏهن بہ قوال کي هٿين خالي وڃڻ نہ ڏيندو هو.

(ڪ) شاهہ ڪريم اسلام جي اوائلي صوفين جي زهد ۽ تقويٰ جو اعليٰ مثال هو. هو ٿورو کائڻ. ٿورو ڳالهائڻ ۽ ٿورو سمهڻ واري اصول جو عملي نمونو هو. سندس زندگي اعليٰ انساني اخلاق ۽ آدرش جو مثال هئي. پاڻ

بنا کنهن دعويٰ ڪرڻ جي پيغمبر اسلام ﷺ جن جي زندگيءَ جو عملي تعبير پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. پاڻ تمام سادو ڪائيندو هو. اڪثر روزي ۽ فاقي ۾ گذاريندو هو. ڪي ويلا اهڙا به ايندا هئا، جو گهر ۾ ڪائڻ لاءِ ڪي ڪين هوندو هو. پر عين وقت تي ڪو سوالي اچي نڪرندو هو ته پاڻ ته ڇڏيو، پر گهر ڀاتين ڪي به بکيو رکي، سائل کي پيٽ ڀري کارائيندو هو.

(ل) شاهه ڪريم جو زمانو ارغونن ۽ ترخانن جي استبداد ۽ ڏاڍ جو زمانو هو. جنهن ۾ مقامي ماڻهن سان عام جام زيادتيون ٿينديون هيون. پر جڏهن به ڪو ستايل يا مظلوم وٽن دانهن کڻي ايندو هو، ته پاڻ ان جي دادرسيءَ لاءِ گڏجي، ان حڪران تائين ويندو هو. پوءِ ڪڏهن اهو ڪم ٿيندو به هو ته ڪڏهن نه به ٿيندو هو. هن سلسلي ۾ پاڻ اهڙي شخص وٽ به بار بار هلي ٿي ويو، جنهن پلي ڪيس هن ڪان اڳ سڪٿين هٿين موٽائي ڇڏيو هجي. بلڪ ڪڏهن ته ائين به ٿيو هوندو جو اڳلي ڪين مورڳو عزت ڏيڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو هجي.

(م) شاهه ڪريم جا پنهنجي وقت جي عالمن ۽ بزرگن سان سٺا تعلقات هئا ۽ خاص طور تي مخدوم نوح رحه سان وڏي عقيدت هئس. بيان العارفين جي لکيت موجب جيتوڻيڪ بظاهر سلطان ابراهيم بهاري ڪان قادري طريقي ۾ ذڪر جي تلقين ورتي هئائين، پر اصل ۾ شاهه ڪريم اويسي طريقي جو بزرگ هو. جيئن شاهه لطيف جي سوانح نگار مير سانگي پڻ لکي آهي ته شاهه ڪريم ڪان وٺي شاهه لطيف تائين، هيءَ خاندان قادري طريقي سان منسلڪ رهيو. تاهم شاهه عبداللطيف پاڻ اويسي طريقي کي پسند ڪيو، جيڪا ڳالهه مخدوم محمد معين ٺٽويءَ سان سندس خط و ڪتابت مان ظاهر ٿئي ٿي.

مجموعي طور، بيان العارفين مان اهو تاثر ملي ٿو، ته شاهه ڪريم پرپور عملي زندگي گذاري، جنهن ۾ انساني همدردي ۽ اعليٰ اخلاق جا ڪيئي مثال موجود آهن. بلڪ سندس زندگيءَ مان تصوف بابت انهيءَ عام منفي راءِ جي ترديد ٿئي ٿي، جنهن مطابق صوفين کي مورد الزام ٺهرايو وڃي ٿو، ته اهي عمل جي دنيا ڪان پڇي خانقاهن ۾ پناهه وٺن ٿا ۽ ٻين جي ڪمائي تي گذر سفر ڪن ٿا. بيان العارفين مان اهو به پتو پوي ٿو، ته شاهه ڪريم ڪڏهن به پنهنجي طرفان ڪرامت ڏيکارڻ جي دعويٰ نه ڪئي ۽ نه ڪڏهن اهڙو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪيائين. مطلب

ته سندس تصوف جا اصول ڪنهن به مرحلي تي هن جي عمل ۾ حائل يا رڪاوٽ نه بڻيا. نه رڳو پاڻ انهن تي عمل ڪري ڏيکاريائين، بلڪ ٻين کي به اهڙي تلقين ڪندو رهيو، ته انسان جو عمل ۽ ڪردار ئي سندس اصل قدر يا سڃاڻپ آهي.

شاه ڪريم جي سماع جي روايت

صوفي ادب ۽ تذڪرن ۾ سماع ۽ ذڪر جو شروع کان وٺي بيان ملي ٿو. صوفين جي اولين تصنيفات ابونصر سراج جو ڪتاب اللمع (378 ھ)، ابوطالب مڪيءَ جو "قوت القلوب"(382 ھ)، ڪلاباذيءَ جو ڪتاب "التعرف"(380 ھ)، هجويريءَ جو ڪشف المحجوب (465 ھ)، قشيريءَ جو رسالہ قشيريہ (465 ھ) ۽ امام غزاليءَ جو 'احياء علوم الدين' شامل آهن. اهڙيءَ طرح ستين صدي هجري يا تيرهين صدي عيسويءَ ۾ لکيل، شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جي 'عوارف المعارف' ۾ پڻ سماع تي پورو باب موجود آهي. برصغير پاڪ و هند ۾ سڀ کان اول چشتي سلسلي جي بزرگن وٽ ۽ تنهن کان پوءِ سهروردين وٽ سماع کي اهم حيثيت حاصل رهي آهي. انهن ذڪرن مان معلوم ٿئي ٿو، ته ڪيترائي صوفي سڳورا ڪڏهن ڪڏهن سماع جي دوران جذب ۽ محبت جي غلبي سبب فاني دنيا کي ڇڏي، واصل بالله ٿي ويا. هجويري ڪشف المحجوب ۾ پنهنجي اکين ڏٺو هڪ اهڙو واقعو بيان ڪيو آهي. چشتي سلسلي جي مشهور بزرگ بختيار ڪاڪيءَ لاءِ مستند روايت آهي، ته هيٺئين شعر ٻڌڻ کان پوءِ مٿس اهڙو حال پيو جو ٽن ڏينهن کان پوءِ انهيءَ حال ۾ گذاري ويو.

ڪشتگان خنجرِ تسليم را،
هر زمان ازغيب جاني ديگر است.

[تسليم جي ڪاتيءَ سان ڪٺلن کي هر گهڙيءَ غيب جي طرفان هڪ نئين زندگي ملي ٿي.]

شيخ بهاء الدين زڪريا ملتاني(661 ھ) لاءِ به مشهور آهي، ته هو سماع ٻڌندو هو. روايت آهي ته هڪ دفعي عبدالله روميءَ نالي قوال ملتان آيو. شيخ جي خدمت ۾ حاضر ٿي چوڻ لڳو، ته سندس راڳ شيخ الشيوخ شهاب الدين سهروردي پڻ شوق سان ٻڌندو هو. اهو ٻڌي شيخ فرمايو ته پوءِ زڪريا به ضرور اهو راڳ ٻڌندو. قوال سومهڻيءَ جي نماز کان پوءِ راڳ شروع

ڪيو. جنهن ۾ هيٺين بند جو ورجاءُ هو.

مستان ڪه شراب ناب خور دند

از پهلوئي خود ڪباب خوردند

[اهي مست جن خالص شراب پيتو آهي، انهن پنهنجي ئي جسم جي ڪنهن حصي کي ڪباب ڪري کاڌو آهي.]

سنڌي تصوف جي تاريخ ۾ نائين صدي هجري يا پندرهين صدي عيسويءَ ۾ درويش احمد [مخدوم احمد ڀٽي] جيڪو هالڪنڊيءَ جو هو. هڪ دفعي جڏهن نيرن ڪوٽ ۾ سماع جي محفل ۾ هو، ۽ هيٺيون بيت ٻڌائين، ته سندس روح پرواز ڪري ويو.

سڏ سٽي پريندءَ جو، وانگي جان نه ورن،

ڪوڙي دعويٰ دوست جي، ڪچاڙي ڪي ڪن.

بيان العارفين مان معلوم ٿئي ٿو ته شاه ڪريم ڪي جوانيءَ کان سماع طرف فطري لاڙو هو. بلڪ هن ڪتاب ۾ سندس زندگيءَ جو پهريون وڏو واقعو ٻڌايو ويو آهي. سو اهو ته سندس وڏو ڀاءُ اڪثر سماع جي محفلن مان زوريءَ گهر وٺي ويندو هو. اهڙيءَ طرح جڏهن شادي تي ڪرايائونس، تڏهن به سماع جي محفل ۾ مشغول هو. جو وڏي ڀائس ميان جلال وٺي آئي قاضيءَ اڳيان پيش ڪيس، ته جيئن سندس نڪاح پڙهيو وڃي. سماع سان بيحد لڳاءُ ان مان به ظاهر آهي ته پاڻ آخر ۾ ائين چوندو هو. ته ٻيا ماڻهو دنيا جا ٻيا فن ۽ هنر سکيا، آءٌ ڪجهه به نه سکيس سواءِ سماع جي. سورهين صديءَ جي شروع ۾ لکيل تاريخ معصومي جي حوالي مان معلوم ٿئي ٿو. ته سنڌ ۾ صوفيانہ سماع جو وڏو زور هو. بهرحال شاه ڪريم جي زندگيءَ ۾ سماع جي غير معمولي اهميت سبب ئي هن ڪتاب ۾ هڪ پورو فصل سماع تي موجود آهي. شاه ڪريم سماع جو وڏو قدردان هو ۽ جيئن بيان ٿيل آهي، ته جڏهن به سماع جي محفل ختم ٿيندي هئي، ته قوال کي ڪجهه نه ڪجهه ضرور ڏئي اُٿندو هو. مطلب ته قوال کي ڪڏهن به خالي هٿين وڃڻ نه ڏيندو هو. بلڪ ائين به ٿيو ته جڏهن هڪ دفعي سندس بدن تي رڳو هڪ قميص پاتل هئي، ته اها به لاهي قوال کي ڏنائين. دراصل صوفين وٽ هن روايت جو بنياد رسول اڪرم ﷺ جن جو اهو عمل آهي، جو پاڻ ڪعب بن زهير کان قصيده بانت سعاد کان ٻڌڻ

ڪانپوءِ پنهنجي ڪلهن واري چادر لاهي، ان کي انعام طور ڏني هئائون.

بيان العارفين جي مصنف موجب شاهه ڪريم اڪثر پاڻ سماع ڪندو هو يا سماع ۾ حصو وٺندو هو. اهو سماع جو شوق ئي هو. جيڪو ڪيس گجرات ۾ احمد آباد تائين وٺي ويو ۽ جتي هندي دوهن ۽ بيتن ٻڌڻ جو اتفاق ٿيس. شاهه ڪريم وٽ سماع جي حيثيت ذڪر برابر هئي ۽ اها ڪا عيب يا نئين ڳالهه بہ نہ هئي. ابوطالب مڪي 'قوت القلوب' ۾ چوي ٿو تہ سماع ذڪر جي صورت آهي، بشرطيڪ ان سان خدا جي طرف رجوع ٿئي. شاهه ڪريم لاءِ روايت آهي تہ اٿين ڪيترا پيرا ٿيو هوندو، جو سماع دوران ڪنهن بيت ٻڌڻ سان مٿن حال يا وجد طاري ٿي ويندو هو ۽ وري ڪجهہ دير ڪان پوءِ هوش ۾ ايندو هو. تہ وري سماع ۾ شروع ٿي ويندو هو. بيان العارفين مان خبر پوي ٿي تہ انهيءَ زماني ۾ سماع کي بهشت جي نعمتن مان هڪ نعمت تصور ڪيو ويندو هو. هڪ ٻيو قول اهو بہ آهي، تہ خداتعالىٰ تائين پهچڻ جي سولي واٽ سماع آهي. انهيءَ ڪري پاڻ مريدن کي بہ سماع ۾ حصي وٺڻ جي هدايت ڪندا هئا ۽ ڪين اها ڳالهه هرگز نہ وڻندي هئي، تہ ڪو مريد سماع اڌ ۾ ڇڏي اٿي وڃي. هن سلسلي ۾ چوندا هئا تہ سماع جا آداب پوري طرح بجا آڻيو.

بهرحال سنڌ ۾ صوفيانہ سماع جي روايت جيڪا شاهه ڪريم وٽ ملي ٿي، ان کي شاهه لطيف نهايت منظم طريقي سان مروج ۽ جاري رکيو.

حڪايتن ۾ حقيقت جو پهلو

عام طور سوال پڇيو وڃي ٿو، تہ تصوف جديد دور جي انسان لاءِ ڪهڙي ڪارج جو آهي؟ اهو سوال ان پس منظر ۾ ڪيو وڃي ٿو، تہ صوفيانہ ادب ۾ گهڻي ڀاڱي اهڙيون حڪايتون، نقل ۽ واقعا بيان ٿيل هوندا آهن، جيڪي عقل کان ٻاهر يا بعيد از قياس سمجهيا وڃن . ان جو هڪڙو سڌو سنئون جواب اهو آهي، تہ خالص عقل جي رستي حقيقت کي سمجهڻ وارن جو تعداد ڪنهن بہ دور ۾ تمام ٿورو يا نہ هئڻ جي برابر رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو دنيا جي سموري مذهبي ۽ اعلىٰ ادب ۾ سمجهاڻيءَ جو موثر طريقو تمثيل، نقل نظير ۽ ڪهاڻيون رهيون آهن.

انهيءَ ڪري اهو صحيح آهي، تہ تصوف ۽ خاص طور ملفوظاتي

ادب(Hagiography) ۾ واقعي ڪيئي اهڙيون ڳالهيون جيڪي بظاهر طبعي لحاظ کان ناممڪن يا عقل کان ٻاهر لڳن ٿيون بيان ڪيل آهن، پر گهڻو غور ڪري ڏسبو. ته انهن ۾ ڪو عيب به ڪونهي. ڇو ته اهي گهڻيون ڳالهيون صرف نصيحت جي لحاظ کان بيان ٿيل آهن. اصل مقصد انسان جي رهنمائي ڪرڻ ۾ ڪيس ڇڱائي ۽ برائي جي تميز کان واقف ڪرڻ آهي. هتي بنيادي سوال نصيحت جو آهي ۽ ان لاءِ مابعد طبعياتي يعني عقل کان ٻاهر وارن طريقن جي ضرورت آهي. انساني تاريخ ۽ فڪر جو اڀياس، جنهن ۾ خود مذهب شامل آهي، ٻڌائي ٿو ته اهو مابعد طبعياتي طريقي کانسواءِ ناممڪن آهي.

انهيءَ پس منظر ۾ ڏسبو ته اوائلي دور ۾ ديون ۽ پرين جون ڪهاڻيون يا جانورن ۽ پکين جي زباني ڪهاڻيون، انساني نفسيات جي عين مطابق هيون. ليڪن جڏهن انسان فڪري ارتقا جا مرحلا طئي ڪيا. ته سندس موضوع سڌو سنئون انسان پاڻ بڻجي پيو. اها ڳالهه سڀ کان وڌيڪ صوفيانه ادب تي صحيح نظر اچي ٿي، جتي هر ڳالهه جو محور انسان جي پنهنجي ذات ۽ ان جو شعور آهي. اهو سندس ذات جو شعور ئي آهي، جيڪو ڪيس خدا جي ذات جو شعور بخشي سگهي ٿو. انهيءَ لحاظ کان سڀني صوفين جو بنيادي اصول يا متو"من عرف نفسه فقد عرف ربه" جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو، تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو رهيو آهي. سمورو صوفي ادب خداشناسي، خودشناسي ۽ انسان شناسي تي مشتمل آهي. اهو ئي سبب آهي، جو صوفي ادب ۾ سڄو زور ٻين انسانن جي حقن جي شناس ۽ ادائگي، انهن سان برتاءُ ۽ سلوڪ، انسان جا باهمي حق ۽ فرض، اٿڻ ويهڻ جا آداب، هڪٻئي سان برابريءَ جي هلت ۽ عزت وغيره جهڙن اعليٰ انساني قدرن تي رهيو آهي. انهيءَ ڪري هنن انسانن جي منفي قوتن: غصو ۽ غيبت، ڪوڙ ۽ ڪپٽ، وڏائي ۽ هٺ ۽ ٻين اهڙن اوگڻن جي ختم ڪرڻ جي ترغيب ڏني آهي ۽ انساني شخصيت جي مثبت پهلوئن سچ ۽ سهپ، صبر ۽ شڪر، اميد ۽ توڪل، مساوات ۽ محبت وغيره تي زور ڏنو. حقيقت به اها آهي ته انساني معاشري جي بقا ۽ دوام لاءِ منفي قوتن جي مقابلي ۾ مثبت قوتن کي روبعمل آڻڻو آهي. صوفين جي سڄي فلسفي ۾ انسان جي انسان سان ۽ انسان جي ڪائنات ۽ خدا سان تعلقات ۾ اها ئي ڳالهه نظر ايندي.

انهيءَ پس منظر ۾ ڏسبو ته صوفيانه ادب ۾ جيڪي به نقل نظير آهن. انهن جو ماحصل انسان جي پنهنجي ذات جي تصحيح ۽ اصلاح آهي. وري اهي نقل يا حڪايتون گهڻي ڀاڱي ولين ۽ ٻين وڏين شخصيتن جي حوالي سان آندل آهن. اهو ان ڪري ڄاڪاڻ ته انساني نفسيات وڏين شخصيتن جي حوالي سان گهڻو متاثر ٿيندي رهي آهي ۽ اصلاح جو اهي وڏو ۾ وڏو ذريعو رهيا آهن، بلڪ اهي بني نوع انسان لاءِ روشنيءَ جي مينار جي حيثيت رکن ٿا. هاڻي جئن ته صوفين جو مطمح نظر هميشه نصيحت ۽ هدايت هئي، تنهن ڪري هنن هروڀرو ڳالهه جي اصليت تي زور نه ڏنو آهي، جنهن ۾ پڻ سندن بالغ نظري شامل آهي، هنن وٽ ڳالهه يا قصي جي هيئت(form) ۽ ترتيب غير ضروري ۽ ثانوي آهي، ڇو ته هنن جو اصل مقصد انساني عمل ۽ ڪردار جي اصلاح آهي.

شاهه ڪريم جي دور جو سياسي ۽ سماجي پس منظر

سورهين صدي سنڌ جي تاريخ ۾ انتهائي انتشار ۽ وڳوڙ جو زمانو هو جنهن جي شروعات سن 946 هه /1521ع ۾ سنڌ جي مقامي حڪمرانن سمن جي شاهه بيگ ارغون هٿان شڪست سان ٿي، ۽ سنڌ تي ڌارين جو راڄ قائم ٿي ويو. شاهه بيگ ارغون اڃا پاڻ ڪي پوريءَ ريت مضبوط نه ڪيو هو، جو ٻن سالن اندر گذاري ويو. سندس مرڻ ڪان پوءِ هن جو پٽ شاهه حسن ارغون حڪمران ٿيو ته هڪ ڀيرو وري سما خاندان طرفان ڄام فيروز وڏو لشڪر وٺي، ساڻس مقابلو ڪيو، پر بري طرح ناڪام ٿيو.

شاهه حسن ارغون جيتوڻيڪ پنجٽيهه سال حڪومت ڪئي، پر هن جو دور به انتهائي افراتفري ۽ ڪشمڪش جو عالم ثابت ٿيو. همايون سن 1540ع ۾ شير شاهه سوريءَ کان شڪست کائي، سنڌ جو رخ رکيو ۽ تقريباً ٽي سال سانده سنڌ ۾ ڀٽڪندو رهيو. شاهه حسن سياسي چال طور ڪيس ڪٿي به آرام سان ويهڻ نه ٿي ڏنو. جتي به ويو ٿي، ته هن لاءِ تڪليفون ٿي پيدا ڪيائين. آخر همايون قنڌار جو رخ رکيو. شاهه حسن ارغون لاولد فوت ٿيو ته سندس بيگم مرزا عيسيٰ ترخان سان شادي ڪئي ۽ اهڙيءَ طرح هو سنڌ جو حڪمران ٿيو. پر جئن مرزا عيسيٰ حڪمران ٿيو، ته بکر جي حڪمران سلطان محمود ڪيس مڃڻ ڪان انڪار ڪيو. آخر مرزا عيسيٰ ترخان بکر تي سن 1555ع ۾

حملو ڪيو. هو اجا بکر ۾ ئي هو، تہ پورچوگيزن ٺٽي تي حملو ڪري، شهر کي باهہ ڏيئي، وڏي ڦرلٽ ڪئي ۽ الائجي ڪيترن انسانن جو ناحق قتلام ڪيائون. چون ٿا تہ اصل ۾ مرزا عيسيٰ پورچوگيزن کي سلطان محمود جي خلاف پنهنجي مدد لاءِ گهرايو هو. پر جڏهن ڪيس ٺٽي ۾ نہ ڏنائون، تہ وڏيڪ ترسڻ جي بجاءِ انتهائي ذليل ۽ ڪمينہ صفت هجڻ جو مظاهرو ڪيائون. مطلب تہ شاهہ حسن جي مرڻ کان پوءِ سنڌ ٻن حصن ۾ تقسيم ٿي وئي. بکر کان سيوهڻ تائين سلطان محمود جو تسلط هو، تہ سيوهڻ کان ٺٽي تائين مرزا عيسيٰ جو حڪم هلندو هو.

اهڙيءَ طرح مرزا عيسيٰ ترخان ارڙنهن سال حڪمراني ڪندو رهيو ۽ جڏهن سن 1566ع ۾ وفات ڪيائين، تہ سندس پٽ مرزا محمد باقي بيگ تخت نشين ٿيو. هو ڏاڍو ظالم ۽ سفاڪ ثابت ٿيو. ايتريقدر جو سندس ننڍو ڀاءُ ۽ ڀاڻو بہ مخالف ٿي ويا ۽ انهن جي سڏ تي سلطان محمود بکر مان مرزا باقيءَ تي چڙهائي ڪري آيو، پر ڪو بہ فيصلو ٿي نہ سگهيو.

اهو ئي زمانو هو، جڏهن اڪبر بادشاهہ سنڌ کي مغل سلطنت سان ملائڻ خاطر سنڌ تي لشڪر چاڙهي موڪليو، جنهن جي نتيجي ۾ اتر سنڌ تي سن 982 هہ /1574ع ۾ سندس قبضو ٿي ويو. ٺٽي جي حڪمران مرزا باقي اهو حال ڏسي، اڪبر بادشاهہ سان مصالحت جو رستو اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پنهنجي ڌيءَ اڪبر بادشاهہ جي حرم ۾ دهليءَ ڏياري موڪليائين. جنهن کي هن قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ هوءَ واپس موٽي آئي. آخر مرزا باقيءَ جهڙي اڌ چرئي ۽ ظالم حڪمران مان سنڌ جي جان ائين خلاصي ٿي، جو سنہ 993 هہ / 1585ع ۾ هو چريو ٿي پيو ۽ ترار ڪڍي پاڻ کي ڦٽي وڌائين ۽ پوءِ انهن ڦٽن وگهي ئي سندس موت ٿيو.

مرزا باقيءَ جي مرڻ کانپوءِ سندس پٽ مرزا جاني بيگ حڪران ٿيو، جيڪو پڻ پيءُ وانگر ظالم ۽ جابر ٿيو. پهريائين تہ هن پيءُ جي بدلي خاطر ڪيترن بيڏوهي انسانن کي پڪڙي ناحق مارائي ڇڏيو. انهن افعالن جي ڪري جلد ئي هو اڪبر بادشاهہ جو اعتماد وڃائي ويٺو، جنهن ڪري سنہ 1000هہ /1591ع ۾ عبدالرحيم خان خانان اڪبري لشڪر وٺي سنڌ ۾ داخل ٿيو. پوري هڪ سال جي ڪشمڪش کانپوءِ جاني بيگ آڻ مڃي. مرزا جاني

بيگ کي وٺي وجي دهليءَ ۾ رهايائون ۽ سنڌ ۾ سندس سورهن سالن جي پٽ مرزا غازي بيگ کي ٺٽي جو نواب مقرر ڪيائون. ان ڪانپوءِ جيستائين سنڌ مغلن جي سلطنت ۾ شامل رهي، تہ دهليءَ کان ٺٽي جا نواب مقرر ٿيندا رهيا.

مغل صوبيدارن ۽ انهن جي نائبن جي وقت ۾ سنڌ سان ڇا وهيو واپريو، ان جو تفصيل همعصر "تاريخ مظهر شاهجهاني" ۾ چٽيل آهي، جيڪا سن 1039هہ کان 1040هہ دوران يوسف ميرڪ تصنيف ڪئي. جنهن مصنف ديباچي ۾ پاڻ ڄاڻايو آهي، تہ سندس تاليف جو سبب مغلن جي نائبن طرفان اهي مظالم ۽ ڏاڍايون هيون، جيڪي هنن ٺٽي، سيوهڻ ۽ بکر ۾ سنڌ جي عوام سان روا رکيا ۽ يوسف ميرڪ پاڻ انهن جو اکين ڏٺو شاهد هو. هن جي لکڻ موجب سنڌ ۾ ڪنهن بہ قسم جو امن امان ڪو نہ هو جنهن ڪري عوام جي عزت ۽ مال ملڪيت قطعي محفوظ نہ هئا. حڪمرانن ڪلئي عام ماڻهن جي بيعزتي ٿي ڪئي ۽ اجايا سجايا محصول ۽ اوڳاڙيون ٿي ڪيون. ٻنين ۾ جڏهن فصل پچي تيار ٿيندا هئا، تہ سرڪار جا هٿ ٺوڪيا ماڻهو ڊل مقرر ڪرڻ لاءِ نڪرندا هئا ۽ ايڏي جمعبندي لاڳو ڪندا هئا، جو پوکيندڙن لاءِ ڪجھہ نہ بچندو هو. بلڪ ڊورن ڊگن سميت ارڪو ترڪو ضبط ڪري، بقايا جي وصولي ڪئي ويندي هئي.

مٿين ڳالهين جي تصديق بيان العارفين مان پڻ ٿئي ٿي. جيئن اهو ذڪر آيو آهي، تہ مغلن جا ڪيترا جاگيردار اهڙا هوندا هئا، جو زمين آباد ڪندڙ هارين کي آباديءَ جو پورو حصو ڪو نہ ڏيندا هئا. خود شاهہ ڪريم سان اهڙا واقعا ٿيا. جنهن ۾ سندس پٽن جو مغلن جي جاگيردار سان جهيڙو ٿي پيو ۽ جهيڙي ۾ مغلن جا مٿا ڦاٽي پيا. جنهن جي دانهن مرزا جاني بيگ تائين وڃي پهتي، شاهہ ڪريم ٺٽي ۾ اچي جلال بن علي شيرزايءَ کي سفارش طور پاڻ سان گڏ وٺي هلڻ لاءِ وٽس آيو، تہ جيئن معاملو رفع دفع ٿئي، ليڪن جڏهن جلال شيرازي هلڻ کان انڪار ڪيو، تہ پاڻ اڪيلي سر وڃي مرزا جاني بيگ وٽ حاضر ٿيو. جنهن تي سندس چٽين لڱل لباس جو ايڏو اثر ٿيو جو جاگيردار جي دعويٰ رد ڪري پيس.

اهڙيءَ طرح ٻئي قسم جون زيادتيون بہ عام جام هيون ۽ انهيءَ ڪري مقامي ماڻهو شاهہ ڪريم وٽ ايندا هئا، تہ هو ساڻن گڏ هلي انصاف وٺي ڏئي. اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو تہ ڪڏهن دادرسيءَ لاءِ ٻين سان ميڙ

بنجي بہ گڏجي ويندا هئا. جيڪڏهن هڪ دفعو مُـهت نہ ملندو هون، تہ ٻيو دفعو بہ گڏجي وڃڻ ۾ عار نہ سمجهندا هئا.

سنڌ هند ۾ تذڪرن ۽ ملفوظات جي روايت:

برصغير ۾ علي هجويريءَ جو ڪشف المحجوب (450هـ /1057ع) تصوف بابت پهرين تصنيف آهي، بلڪ فارسيءَ ۾ پڻ اهو تصوف تي پهرين باقاعدي تحرير آهي. ڪشف المحجوب جتي تصوف جي بنيادي تصورات جي سمجهاڻي آهي، اتي اهو ڪنهن حد تائين تذڪرو بہ آهي. ليڪن اهو ملفوظات ۾ شمار نٿو ٿئي، ڇو تہ ملفوظات اهڙي تحرير کي چيو وڃي ٿو، جنهن ۾ ڪنهن هڪ صوفي بزرگ جي زندگي ۽ تعليمات خاص طور ان جي گفتگو ۽ قولن کان سواءِ سندس نصيحتن ۽ حڪايتن کي جمع ڪيو ويو هجي. ان لحاظ کان برصغير ۾ پهريان ملفوظات چشتي سلسلي جي بزرگن جا آهن، جنهن ۾ سڀ کان اول"انيس الارواح" آهي، جيڪا خواجہ عثمان هارونيءَ ڏانهن منسوب آهي ۽ ان جو مرتب خواجہ معين الدين چشتي اجميري(631هـ /1234ع) ڄاڻايو وڃي ٿو. ٻئي نمبر تي خواجہ معين الدين اجميريءَ ڏانهن منسوب ملفوظات "دليل العارفين" آهي، جنهن جو مرتب قطب الدين بختيار ڪاڪي آهي. ٽئين نمبر قطب الدين بختيار ڪاڪي(633هـ /1236ع) ڏانهن منسوب "فوائد السالڪين" آهي، جنهن جو مرتب فريد الدين گنج شڪر (663هـ /1265ع) آهي. پنجين نمبر تي "راحت القلوب" آهي، جيڪا گنج شڪر ڏانهن منسوب آهي ۽ ان جو مرتب خواجہ نظام الدين اولياء آهي(724هـ /1324ع). گنج شڪر ڏانهن ٻي ملفوظات "اسرار الاوليا" پڻ منسوب آهي، جنهن جو مرتب خواجہ بدرالدين اسحاق آهي. نظام الدين اولياء ڏانهن هڪ کان وڌيڪ ملفوظات منسوب آهن، پهرين"فضل الفوائد" جيڪا امير حسن سجزي مرتب ڪئي.

بهرحال انهن سڀني ۾ وڌيڪ مفصل، مستند ۽ مقبول فوائد الفواد آهي، جنهن ۾ ڪل 188 مجلسن جو احوال قلمبند آهي ۽ اها پندرهن سالن جي عرصي دوران (707 هجري کان 722 هجري) نهايت عقيدت وچان سجزي مرتب ڪئي ۽ آخر ۾ قبوليت خاطر مرشد جي خدمت ۾ پيش ڪيائين.

وري اٺين صدي هجريءَ ۾ چشتي بزرگن بابت امير سيد خورد

ڪرمانيءَ جو لکيل تذڪرو"سير الاوليا" جيڪو هن سن 770هه /1370ع ڌاري تصنيف ڪيو. ان ڪري نهايت معتبر ۽ جامع آهي. ڇاڪاڻ تہ مصنف خانداني طور ان سلسلي سان وابستہ هو ۽ پاڻ عالم فاضل شخص هو. هن تذڪري ۾ چشتي صوفين جي سلسلي ۾ سوانح سان گڏ سندن تعليمات کي نهايت موثر ۽ دلپذير انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب جي ڪجهہ بابن جا عنوان وغيره بيان العارفين سان ڪي قدر مشترڪ آهن. ان ڪانسواءِ ڪي نقل ۽ اقوال بہ مشترڪ آهن. جن جي نشاندهي تشريحي حوالن ۾ ڪئي ويندي. امير خورد امير خسرو جو همعصر هو ۽ نظام الدين اولياءِ جي صحبت جو شرف حاصل هوس.

ڏهين صدي هجريءَ ۾ لکيل ٻيو اهم تذڪروشيخ حامد بن فضل الله جماليءَ جو"سيرالعارفين" آهي جيڪو هن سن 941 هه / 1535ع ڌاري لکي مڪمل ڪيو. هن ۾ چشتي سلسلي جي بزرگن ۽ ملتان جي سهروردي بزرگن ڪانسواءِ ٻين ڪجهہ اهڙن صوفين جو ذڪر شامل آهي جن سان مصنف سنڌ ۽ ملتان جي سير و سفر دوران مليو. هن سلسلي ۾ خاص طور سنڌ ۾ سمن جي دور جي قابل ذڪر هستي مخدوم بلاول آهي. جنهن وٽ هن شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جو عوارف المعارف ڏٺو.

يارهين صدي هجريءَ جي شروع جو هڪ نهايت اهم تذڪرو"گلزار ابرار" آهي، جيڪو غوثي مانڊوي سن (1012هه /1604ع کان 1019هه /1610ع) دوران تصنيف ڪيو. اهو تذڪرو جيئن تہ گجرات ۾ لکيو ويو. تنهن ڪري منجهس سنڌ جي ڪيترن بزرگن جو ذڪر موجود آهي، جن مان خاص طور قاضي قادن، مخدوم نوح^{رح}، مخدوم بلاول ۽ شيخ عيسيٰ جندالله برهانپوري جيڪو اصل ۾ پاٽ جو هو، قابل ذڪر آهن. غوثي مانڊوي شيخ عيسيٰ جندالله جو وڏو عقيدتمند هو، تنهن ڪري ان جو ۽ سندس خاندان جي ٻين فردن جو احوال تفصيل سان ڏنو اٿس.

هن تذڪري مان معلوم ٿئي ٿو، تہ انهيءَ دور ۾ پڻ سماع ۽ سنڌي ڪافيون سنڌ کان ٻاهر گجرات ۾ گهڻو مقبول هئا. هن سلسلي ۾ مصنف خاص طور شيخ لاڏجيئي جو ذڪر ڪري ٿو. تہ هو سنڌي ڪافين ڳائڻ سبب ڪيڏو مشهور هو ۽ سندس ڳائڻ ۾ ڪيڏو تاثير هو. غوثي قاضي قادن جو احوال ڏيندي سندس شاعريءَ جو بہ ذڪر ڪيو آهي، بلڪ سندس ڪن بيتن جو

فارسيءَ نثر ۾ ترجمو پڻ ڏنو آهي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو. تہ ان زماني ۾ گجرات ۾ سنڌي شعر و شاعري کي گهڻي پذيرائي حاصل هئي. دراصل اهو ئي دور هو، جڏهن سنڌ جا ڪيترا عالم ۽ بزرگ سنڌ مان نقل مڪاني ڪري وڃي گجرات ۽ احمد آباد ۾ آباد ٿيا هئا. گجرات جي پاڙيسري ملڪ هجڻ سبب سنڌ وارن جو اتي اڪثر اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. خود شاهہ ڪريم پاڻ بہ گجرات ۽ احمد آباد ويو هو، جتي هنديءَ ۾ بيتن ۽ دوهن ٻڌڻ جو اتفاق ٿيو هوس ۽ ڪي دوها ڪيس ايترا پسند هئا، جو اهي پاڻ مريدن آڏو اڪثر ڪري پڙهندو هو، جنهن ڪري بيان العارفين واري پڻ ٽي هندي بيت نقل ڪيا آهن.

'گلزار ابرار' بيان العارفين کان صرف اوڻنهن سال اڳ ۾ تصنيف ڪيو ويو. جنهن ڪري سنڌي بزرگن بابت منجهس ڪي روايتون بلڪل ساڳيون بيان العارفين واريون بيان ٿيل آهن. ان کان سواءِ گلزار ابرار ۽ بيان العارفين جي مصنف جا ڪي فڪري ماخذ ساڳيا معلوم ٿين ٿا. تشريحي حوالن ۾ انهن ڳالهين جي نشاندهي ڪيل آهي. جڏهن گجرات ۾ غوثي مانڊوي گلزار ابرار تصنيف ڪري رهيو هو، تڏهن سنڌ اندر سيد عبدالقادر "حديقة الاولياء" نالي پهريون تذڪرو سن 1016 هـ /1607ع ۾ لکي پورو ڪيو. جنهن ۾ هن سنڌ جي ايڪٽيهن بزرگن جو احوال ڏنو ۽ سڀ کان پهريائين شيخ بهاءُ الدين زڪريا ملتاني سهروورديءَ جو احوال ڏنائين ۽ ان لاءِ مولانا جاميءَ جي مشهور تذڪره "نفحات الانس" جو حوالو ڏنائين.

'حديقة الاولياء' 'بيان العارفين' کان صرف 22 سال اڳ لکيو ويو، جنهن ڪري ٻنهي ۾ ڪن بزرگن بابت ساڳيون روايتون بيان ٿيل آهن.

انهيءَ ساڳي عرصي دوران سنڌ اندر جيڪو ٻيو تذڪرو لکيو ويو، اهو "رسالہ فتحيہ" آهي، جيڪو مخدوم نوح رحہ جي سوانح ۽ تعليمات بابت چيو وڃي ٿو. اهو رسالو مخدوم نوح رحہ جي پوٽي مخدوم فتح سن 1019 هـ /1610ع ۾ تاليف ڪيو. جيڪو مخدوم خاندان وٽ محفوظ آهي. جيئن تہ مخدوم نوح رحہ سان شاهہ ڪريم جي وڏي عقيدت هئي، ان لحاظ کان هن رسالي جو مطالعو دلچسپيءَ کان خالي نہ ٿيندو. بهرحال مخدوم نوح رحہ متعلق ٻيو مفصل تذڪرو "دليل الذاڪرين" سال 1106 هـ /1694ع ۾ حاجي پنهور نالي مرتب ڪيو، جيڪو مخدوم خاندان جو مريد ۽ عقيدتمند هو. ظاهر آهي تہ هيءَ

ملفوظات بيان العارفين کان گهڻو پوءِ جي آهي. وڏي ڳالهه ته مصنف وٽ بيان العارفين موجود هو، جنهن مان استفادو ڪري، ان مان ڪي نقل يا حڪايتون جيڪي، شاهه ڪريم بابت هئا، تن کي درج ڪيو اٿس. هي ڪتاب به قلمي صورت ۾ آهي، جنهن جي فوٽو ڪاپي جناب قاضي شوڪت علي پراڻن هالن واري کان عنايت ٿي ۽ اسان تشريحي حوالن ۾ انهن ڳالهين جي نشاندهي ڪئي آهي.

سنڌ جي صوفين ۽ بزرگن جي سلسلي ۾ آخري وڏي ڪاوش مير علي شير قانع جا ڪتاب: "تحفة الڪرام" ۽ "معيار سالڪانِ طريقت" آهن، جيڪي هن ترتيبوار سن 1181هه ۽ 1202 هه ۾ مرتب ڪيا. تحفة الڪرام ۾ انهن ساڳين بزرگن جو احوال علائقي جي حساب سان ڏنل آهي. جڏهن ته ٻئي ڪتاب ۾ هن هر هجري صديءَ جي بزرگن جو حوال الڳ ڪري ڏنو آهي. ان ڪري ڪي قدر تفصيل سان آهي، ليڪن ٻنهي ۾ مواد تقريباً ساڳيو آهي. معلوم ٿئي ٿو ته تحفة الڪرام لکڻ وقت مير علي شير جي آڏو بيان العارفين هو، تنهن ڪري ڪيترن ئي بزرگن بابت اهي ساڳيون ڳالهيون دهرايون اٿس، بلڪ شاهه ڪريم بابت احوال ته بلڪل ساڳئي جو ساڳيو بيان العارفين تان ورتو اٿس. البت "معيار سالڪانِ طريقت" ۾ ڪن بزرگن بابت ڪي نيون ڳالهيون آيل آهن. بهرحال مير علي شير قانع پنهنجي لکيتن ۾ "بيان العارفين" کي اهم ماخذ طور استعمال ڪيو آهي.

بيان العارفين ۾ صوفي فڪر ۽ ان جا ماخذ

سنڌ ۾ تصوف جي ارتقا کي ٻن واضح دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. اوائلي دور کي جيڪڏهن اٺين صدي هجري يا چوڏهين صدي عيسوي تائين محدود ڪجي، ته ان ۾ درويشي، زهد ۽ فقر تي گهڻو زور هو ۽ صوفي بزرگ پاڻ ان جو عملي نمونو هئا. ٻئي دور ۾ صوفي فڪر داخل ٿئي ٿو، جنهن جي شروعات قاضي قادن سان ٿئي ٿي ۽ شاهه ڪريم ۾ ٻنهي روايتن جو سنگم نظر اچي ٿو. هتي ڏسڻو اهو آهي، ته انهيءَ صوفي فڪر جي غلبي ۽ ترقيءَ جا ڪهڙا محرڪ هئا ۽ اهو فڪر بنيادي طور ڪتان ۽ ڪيئن پهتو.

بيان العارفين مان معلوم ٿئي ٿو ته شاهه ڪريم جي وقت يا ٻين

لفظن ۾ سورهين صدي عيسوي تائين سنڌ جا بزرگ ۽ صوفي اسلامي تصوف جي مثالي شخصيتن ۽ انهن جي شاندار فڪري ڪاوشن ڪان چڱيءَ ريت واقف ٿي چڪا هئا. تاريخي لحاظ ڪان تيرهين صدي اندر سنڌ ۾ سهروردي سلسلي جو زور بلڪل واضح نظر اچي ٿو. سومرا ۽ سما گهڻي ڀاڱي ملتان جي سهروردي سلسلي سان وابستہ هئا. جيتوڻيڪ اها بہ حقيقت آهي، تہ سهروردي سلسلو سنڌ سنئون نوح بکري ذريعي سنڌ ۾ پهچي چڪو هو. روايت آهي تہ جڏهن بغداد ۾ بهاءُ الدين زڪريا شيخ شهاب الدين سهرورديءَ ڪان موڪلائڻ لڳو، تہ شيخ فرمايس سنڌ ۾ اسان جو هڪ اهڙو دوست آهي، جيڪو تيل ۽ ڏيئو پاڻ سان گڏ کڻي آيو هو. اسان کي صرف ان کي روشن ڪرڻ جي ضرورت هئي. تون واپسيءَ ۾ ان سان ملاقات ڪجانءِ. چون ٿا تہ جڏهن بهاء الدين زڪريا سنڌ پهتو تہ نوح بکري ان ڪان اڳ وفات ڪري چڪو هو. نوح بکري، بکر جي قلعي ۾ مدفون ٿيو. جيڪو روهڙي ۽ سکر جي وچ درياءَ اندر ٽڪريءَ تي واقع آهي، سندس مقبرو ريلوي بند سان لڳو لڳ اڄ تائين موجود آهي. تيرهين صديءَ ۾ شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جو ڏوهٽو سيد محمد مڪي، جيڪو سنڌ هند جي رضوي سيدن جو ابو ڏاڏو آهي، بکر ۾ اچي رهيو، جتي سن 644هہ / 1248ع ۾ وفات ڪيائين.

اهڙيءَ طرح سورهين صديءَ ۾ سنڌ اندر قادري سلسلي جا ڪيترا بزرگ بلڪ شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي خاندان جا ڪيترا فرد سنڌ اندر پهچي چڪا هئا. شاهہ خيرالدين قادري جيڪو پراڻي سکر ۾ مدفون آهي، سن 911هہ /1507ع ۾ بغداد ۾ پيدا ٿيو ۽ 1028 هہ /1634ع ۾ وفات ڪيائين. هو مخدوم نوح جو ننڍو همعصر ۽ سندس عقيدتمند هو. ان لحاظ ڪان هو شاهہ ڪريم جو پڻ همعصر هو.

شاهہ ڪريم جو دور سنڌ ۾ فارسيءَ جي اوج جو زمانو هو. خاص ڪري ارغونن ۽ ترخانن جي حڪمرانيءَ سبب سنڌ ۾ فارسيءَ جو زور هو. ان ڪري فطري طور سنڌ جي تصوف تي فارسي زبان جي عظيم صوفي شاعرن جهڙوڪ: عطار، رومي، سعدي ۽ جاميءَ جو نهايت واضح اثر ملي ٿو. بيان العارفين ۾ هڪ هنڌ فريدالدين عطار ۽ ٻئي هنڌ شيخ سعديءَ جا نالا ورتل آهن. اهڙيءَ طرح نقل حڪايتن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ انهن مان ڪيترا عطار

جي مشهور ۽ معروف ڪتاب تذڪرة الاولياء مان ورتل آهن. بيان العارفين ۽ تذڪرة الاولياء ۾ ڪيترن بزرگن ۽ ولين جون حڪايتون ساڳئي انداز ۾ بيان ٿيل آهن. جن مان خاص طور رابعہ بصري، بايزيد بسطامي، جنيد بغدادي، ابراهيم ادهم ۽ ابوالحسن خرقاني قابل ذڪر آهن. ان ڪان سواءِ ٻنهي ۾ جن مشهور ومعروف صوفين جو ذڪر ملي ٿو، تن ۾ حسن بصري، ذوالنون مصري، حبيب عجمي، شقيق بلخي، [حسين] منصور حلاج، احمد بلخي خضروي شامل آهن. ليڪن ڪي نالا اهڙا بہ آهن، جيڪي تذڪرة الاولياء ۾ ناهن، جنهن جو مطلب آهي، تہ ضرور ڪي ٻيا ڪتاب بہ مروج هئا.

بيبي رابعہ بصريءَ جو حج تي وڃڻ ۽ سندس استقبال لاءِ ڪعبي جو اچڻ. يا وٽس مهمانن جو اچڻ جڏهن تہ سندس گهر ۾ ٻن مانين جو اٽو موجود هو. سي جڏهن پچي تيار ٿيون، تہ اهي بہ در تي آيل سائل ڪي ڏئي ڇڏيائين، جنهن ڪان پوءِ وري هڪ ٻانهي ويهہ مانيون کڻي آئي. اهڙيءَ طرح بيبي رابعہ بصريءَ جو هٿ ۾ باهہ ۽ پاڻي کڻي نڪرڻ تہ جيئن بهشت ۽ دوزخ کي ختم ڪري، تہ جيئن الله جا ٻانها سندس بي لوث اطاعت ۽ عبادت ڪن. اهي سڀ نقل ۽ ٻيون حڪايتون تذڪره ۾ موجود آهن.

بايزيد جو عرش تي پهچڻ، ان ڪان خدا جو ڏس پڇڻ ۽ عرش جو جواب، تہ ان کي سندس ٻانهن ۾ ڳول. ان ڪانسواءِ ڪي ٻيا نقل پڻ تذڪره مان ورتل آهن. وڌيڪ تفصيل سان هن ڪتاب جي پڇاڙي ۾ حاشين تحت مشترڪ ۽ ممڪن ماخذن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. اهڙيءَ طرح اسان بيان العارفين ۾ آندل قرآن ڪريم جي آيتن، حديثن ۽ صوفين جي اقوالن جي ممڪن ماخذن جي پڻ نشاندهي ۽ وضاحت ڪئي آهي.

بيان العارفين مان عطار جي تذڪره ڪان علاوه جن ٻين ڪتابن جي نشاندهي ٿئي ٿي، اهي 'منطق الطير' ۽ 'پندنامہ' آهن. هڪ هنڌ عطار جي هيٺئين شعر کي سڌو سنئون آڻڻ بجاءِ ان جو حوالو ڏنل آهي.

ڪفر ڪافر را و دين دينداررا

ذره دردت ده دل عطـــار را.

اهو شعر عطار جي جڳ مشهور ڪتاب منطق الطير مان ورتل آهي.

اهڙيءَ طرح "تجريد" "تفريد" جيڪي تصوف جا بنيادي اصطلاح آهن ۽

شاهه ڪريم پنهنجي هيٺئين بيت ۾ انهن جي غير معمولي افاديت تي روشني وڌي آهي.

جـي تجريـدان نڱـا، پينـا ۾ تفريـد،
هن ڪـڏهين ٿئي، هـن ڏهـاڙي عيـد.

"تجريد" ۽ "تفريد" جي نهايت عام فهم سمجهاڻي عطار "پندنامه" ۾ ڏني آهي. اهي شعر اسان حوالن ۾ سمجهاڻيءَ خاطر ڏنا آهن. تجريد ۽ تفريد جي سمجهاڻي شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جي ڪتاب عوارف المعارف ۾ بہ ڏنل آهي. جيڪو پڻ سنڌ جي صوفين ۾ نهايت مقبول هو.

بيان العارفين ۾ جيڪو شاهه ڪريم جو آخري بيت ڏنل آهي، ان ۾ حسن خرقانيءَ جو وڏو درجو ڄاڻايل آهي ۽ دعا ڪيل آهي تہ اي مالڪ جيئن هن کي نوازيئي تيئن اسان تي بہ پنهنجي خاص نوازش ڪر.

خرقـان خـوش ڪـري، اڃـي ويناسـون،
جٿائين ڏنئہ حسن کي، تٿائين ڏينديـن تـون.

ظاهر آهي تہ هن بيت ۾ يارهين صديءَ جي مشهور صوفي ابوالحسن خرقانيءَ(وفات 424 هه / 1033ع) جو ذڪر آهي. هو محمود غزنويءَ جي زماني ۾ ٿي گذريو ۽ بادشاهه جي ساڻس وڏي عقيدت هئي. عطار پنهنجي مشهور تصنيف تذڪره ۾ لڳ ڀڳ پنجاهه صفحن تي مشتمل سندس احوال ۽ ڪرامتون بيان ڪيون آهن. هن بيت مان واضح ٿئي ٿو، تہ شاهه ڪريم کي حسن خرقانيءَ جي شخصيت سان وڏو اُنس هو. جنهن ڪري، سمورن صوفين منجهان صرف حسن خرقانيءَ جو نالو سندس شعر ۾ آيو آهي. خرقاني سماع جو پڻ وڏو ذوق رکندڙ هو.

تذڪره جي روايت موجب حسن خرقانيءَ جي ڄمڻ ۽ ولايت جي پيشنگوئي بايزيد بسطامي(وفات 260هه) ڪئي هئي، حالانڪ ٻنهي ۾ اٽيتاليهن سالن جي وٿي آهي ۽ ٻئي شهر خرقان ۽ بسطام هڪٻئي کان ڪجهہ ميلن جي فاصلي تي آهن. حسن خرقانيءَ کي بايزيد سان وڏي عقيدت هئي. آخر انهيءَ عقيدت سبب ڪيس اويسي طريقي سان فيض مليو. گويا حسن خرقانيءَ جي فضيلت جو وڏو سبب اهو اويسي هجڻ پڻ آهي. غالباً شاهه ڪريم جي مٿئين بيت ۾ انهيءَ فيض جي نشاندهي ۽ تمنا ڪئي وئي آهي. ڪي

صوفي اويسي طريقي کان انهيءَ کري متاثر ٿيا هئا. جو انهيءَ طريقي ۾ خدا جي طرفان سڌو سنئون فيض يا انعام ملي ٿو. شاهه ڪريم به انهيءَ ڪري پاڻ کي اويسي نسبت سان ظاهر ڪرڻ وڌيڪ پسند ڪيو آهي. جيتوڻيڪ بيان العارفين جي شروع ۾ هڪ روايت آندل آهي. جنهن مطابق پاڻ هڪ اهڙي گمنام شخص جي پير و مرشد سمجهي وڏي خدمت ڪيائين، جنهن جو واسطو بهار ملڪ سان هو.

بهرحال اها حقيقت آهي ته سنڌ ۾ اويسي طريقي کي وڏن وڏن صوفي بزرگن گهڻو پسند ڪيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو مخدوم نوح رحه لاءِ پڻ اويسي طريقو مشهور آهي ۽ سيني تذڪرن ۾ ان ڳالهه تي زور آهي. اها ڳالهه شاهه عبداللطيف ڀٽائي تي به صادق اچي ٿي. جو ته شاهه ڪريم کان وٺي شاهه حبيب تائين اهو سمورو خاندان قادري طريقي سان منسلڪ بيان ڪيو وڃي ٿو. جنهن جو شجرو پڻ لکت ۾ ملي ٿو ۽ جيڪا حقيقت سندن ذڪر فڪر جي طريقي مان پڻ واضح ٿئي ٿي. ليڪن پوءِ به شاهه لطيف پنهنجي وقت جي عالم ۽ فاضل شخص مخدوم محمد معين ٺٽويءَ ڏانهن خط لکي، اويسي طريقي بابت وڌيڪ پڪ ۽ خاطري ڪئي هئي. شاهه لطيف ۽ مخدوم معين ٺٽويءَ جي وچ ۾ ٿيل اها خط و ڪتابت اڃا تائين محفوظ آهي.

ڏنو وڃي ته سنڌي تصوف جي اوائلي شاعريءَ واري روايت ۾ صوفين جي نالن ڪڻڻ جو تمام گهٽ رواج هو. غالباً اهو شاهه ڪريم هو، جنهن شاعريءَ ۾ حسن خرقانيءَ جهڙي صوفيءَ جو نالو وٺي ذڪر ڪيو آهي، انهيءَ لحاظ کان شاهه لطيف وري صرف منصور حلاج جو نالو ورتو آهي.

تذڪره عطار کان پوءِ جنهن ٻي شخصيت جو نالو بيان العارفين جي مرتب ورتو آهي ۽ جنهن جو شاهه ڪريم جي فڪر تي ممڪن اثر نظر اچي ٿو. اهو فارسي زبان جو وڏو صوفي شاعر ۽ نثر نويس مولانا عبدالرحمان جامي(817هه -898 هه) ۽ سندس ڪتاب"لوايح" آهي. پهرين ته بيان العارفين جي شروعات نبي ڪريم ﷺ جن جي جنهن قول "لااحصي ثناء عليڪ أنت ڪما اثنيت علي نفسڪ" سان ڪئي وئي. اهو ساڳيو قول "لوايح" جي بلڪل آغاز ۾ ڏنل آهي. بلڪ لوايح ۾ ڪجهه وڌيڪ الفاظ پڻ آهن.

ان کان پوءِ "توحيد ۽ ان جي سمجهاڻي" واري باب تحت وحدت

الوحود جي جنهن انداز ۾ سمجهاڻي ڏني وئي آهي. ۽ جيڪي فارسي شعر حوالي طور آندا ويا آهن. اهي لوايح مان ورتل آهن. مثال طور: صفحي 191 تي هيٺيان شعر آندل آهن.

زد خنده کہ من بعکس خوبان جهان

در پرده عيان باشم و بي پرده نهان

دراصل اهي پٺي سٽون لايح 15 جي رباعي جون آهن. جنهن جون پهريون ٻہ سٽون هن ريت آهن يا مڪمل رباعي هن طرح آهي:

باگلرخ خويش گفتم اي غنچہ دهان

هر لخظ مپوش چهره چون عشوه گران

زد خنده کہ من بعکس خوبان جهان

در پرده عيان باشم و بي پرده نهان .

[مون پنهنجي گلابي چهري رکندڙ محبوب کي چيو: اي مکڙيءَ جهڙي وات وارا معشوق، هر لمحي پنهنجي چهري کي ناز و انداز سان نہ لڪاءِ! ان تي هو کلي چوڻ لڳو: "مان دنيا جي ٻين معشوقن جي برعڪس پردي ۾ هجڻ جي باوجود ظاهر آهيان ۽ وري بنا پردي جي لڪل پڻ آهيان".]

"لوايح جامي" تصوف ۽ سلوڪ ۾ فڪري لحاظ کان چوٽيءَ جو ڪتاب آهي. جنهن ۾ خواجہ عبدالله انصاري، ابن عربي، صدرالدين قونوي، مولانا رومي ۽ محمود شبستريءَ جا حوالا ملن ٿا. تصوف جي بنيادي مسئلن جهڙوڪ: خدا ۽ انسان جي تعلق، وجود ۽ عدم، فنا ۽ فقر جي عقلي ۽ فلسفيانہ انداز ۾ وضاحت ڪيل آهي. مثلاً: "فنا جو مطلب آهي تہ ذات حق جو ايترو غلبو ٿئي. جو انسان جي اندر ۾ حق جي شعور کان سواءِ ٻي ڪا ڳالهہ نہ رهي. وري فنا درفنا جو مطلب آهي، تہ انسان کي پنهنجي فنائيت جي بہ خبر نہ رهي." اهو سڄو خيال لوايح جي هيٺئين رباعيءَ ۾ سمايل آهي.

آنرا کہ فنا شيوه و فقر آينست

ني کشف و يقين نہ معرفت نہ دينست

رفت اوز ميان همين خدا ماند خدا

"الفقر اذاتم هو الله" اينست

[جن فنا کي پنهنجو شيوو ۽ فقر کي طريقو بنايو آهي. انهن لاءِ نہ

ڪشف آهي نہ يقين، نہ معرفت ۽ نہ دين! جڏهن سڀڪجهہ وڃان هليو ويو تہ رڳو خدا ئي خدا رهيو. "فقر جي پڇاڙي خود خدا آهي جو اهو ئي مطلب آهي.]

بيان العارفين ۾ صفحي 34 تي اهو ساڳيو خيال هن ريت بيان ڪيو ويو آهي، تہ درويشيءَ مان مراد آهي، "نہ ڪشف نہ ڪرامت. نہ يقين نہ معرفت. يعني فنا ۽ فقر. ان لحاظ کان بيان العارفين ۾ فقر يا فقيريءَ کي بذات خود مقصد ڄاڻايو ويو آهي. نبي ڪريم ﷺ جن جو قول "الفقر فخري" جو اهو ئي مطلب ڄاڻايو ويو آهي.

"اذا تم الفقر هو الله" جي وڏيڪ سمجهاڻي شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي حوالي سان صفحي 151 تي ملي ٿي، جو هن سڀ درجا ڪشف، ڪرامت، غوثي ۽ شيخي قبول نہ ڪيا، پر آخر ۾ فقيريءَ جو درجو قبول ڪيائين، جتي اهو مقولو آيل آهي.

خدا، ڪائنات ۽ انسان جي باهمي تعلق جي سمجهاڻيءَ لاءِ بيان العارفين جي صفحي 142 تي هيٺيان شعر ڏنل آهن.

عالمي چيست بر زخي جامع
صورت خلق حق درو واقع
عالمي نيست ولي هست نما
حق هست ولي نيست نما

[هي عالم ڇا آهي؟ هڪ گڏيل برزخ جنهن ۾ مخلوق ۽ حق ٻنهي جي صورت واقع آهي. عالم آهي ئي ڪو نہ، پر لڳي ٿو تہ آهي. حق آهي پر ڏسڻ ۾ ڪو نہ ٿو اچي.]

هتي اها ڳالهہ قابل توجهہ آهي تہ مٿي ڄاڻايل پهريان ٻہ شعر دراصل مولانا جاميءَ جي مشهور مثنويءَ "سلسلة الذهب" مان ورتل آهن، جتي "عالمي" جي بجاءِ لفظ "آدمي" آهي، ۽ صحيح پڙهڻي هن ريت آهي:

آدمي چيست برزخي جامع
صورت خلق و حق درو واقع

[انسان ڇا آهي؟ اهو هڪ برزخ جو مجموعو آهي، جنهن ۾ مخلوق ۽ حق جي صورت واقع آهي.]

اهڙيءَ طرح جيستائين هيئين باقي ٻن سٽن جو تعلق آهي يعني:

عـــالمي نيســـت ولـــي هســـت نمـــا
حـــق هســـت ولـــي نيســـت نمـــا

تہ اهي ٻہ سٽون بنيادي طور مثنوي مولانا رومي جي پنجين دفتر جي هيٺئين عنوان مان تصرف ڪري جوڙيل آهن.

مثالِ عالم هستِ نيست نما و عالم نيست هِست نما

[سمجهاڻي بابت موجود عالم جيڪو بظاهر معدوم آهي ۽ معدوم عالم جيڪو بظاهر موجود آهي.]

رومي مٿئين موضوع جي وضاحت ڪندي هيٺن چيو آهي:

نيســـت رابنمـــود هســـت آن محتشـم
هســـت رابنمـــود برشـــڪل عـــدم

[انهـيءَ جـاه و جـلال وري"نيسـت" کـي هسـت ظـاهر ڪيـو آهـي ۽ "موجود" کي "معدوم" جي شڪل ۾ ڏيکاريو اٿس.]

دراصل هيءَ مولانا روميءَ جو نهايت پسنديده موضوع آهي. هڪ ٻئي هنڌ ان جي سمجهاڻي هن ريت ڏئي ٿو:

ايـن جهـان نيسـت چـون هسـتان شـده
و آن جهـانِ هسـت بـس پنهـان شـده

[هي جهان جيڪو نيست آهي، سو هستيءَ وارو ٿو لڳي. جڏهن تہ هو جهان جيڪو اصل ۾ هستيءَ وارو آهي، سو مخفي يا ڳجهہ وانگر آهي.]

هڪ ٻئي هنڌ چوي ٿو:

مـا عـدم هـائيم و هسـتي هانمـا
تـو وجـود مطلقـي هسـتي هـائي مـا.

[اسين عدم يعني معدوم، پر ظاهر ۾ هستي يا وجود آهي. تـون وجود مطلق آهين ۽ اسان جو وجود توسان آهي.]

اسلامي تصوف ۾ عام طور ۽ سنڌ جي تصوف ۾ خاص طور"پـاڻ سـڃاڻڻ" ۽ وجود جي نفـي جـا پهلـو انتهـائي واضح آهن. هـن سلسـلي ۾ شاهہ ڪريم جو هيٺيون بيت خاص طور قابل ذڪر آهي:

پهرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي هوءِ لَهُـ
توهان ڏار نـ سپرين، منهن منجهين پاءِ.

انهيءَ خيال تي ايترو زور ڏنو ويو آهي. جو چيائون تـ طالب کي گهرجي تـ پنهنجو وجود وڃائي. ائين ڪرڻ سان ئي اهو راز هٿ ايندس جيڪو"فصوص" ۽ "لمعات" ۾ بـ نـ ملندس. ان سلسلي ۾ هي شعر ڏنل آهي:

رو نفي وجود ڪن ڪـ دريابي
سري ڪـ نيابي در فصوص و لمعات

اهي بـ سٽون دراصل جاميءَ جي هيٺ ڏنل رباعي مان ورتل آهن. جيڪا "اشعة اللمعات" جي آخر ۾ آندل آهي.

توحيد حق اي خلاصہ مخترعات
باشد بـ سخن يافتن از ممتنعات
رو نفي وجود ڪن ڪـ درخوديابي
سري ڪہ نيابي ز"فصوص" و "لمعات".

[حق تعاليٰ جي توحيد بابت سڀني نين ڪاوشن جو اهو خلاصو آهي. تـ ان جو بيان ڪرڻ ناممڪن آهي. بس، وڃ ۽ وڃي پنهنجي وجود جي نفي ڪر تـ پنهنجو پاڻ ۾ توکي اهو راز ملندو. جيڪو "فصوص" ۽ "لمعات" ۾ بـ نـ ملنديءَ!]

جاميءَ جي مٿي مذڪوره رباعيءَ ۾ جن ٻن ڪتابن "فصوص" يعني ابن عربيءَ جي فصوص الحڪم ۽ عراقيءَ جي "لمعات" جو ذڪر آيو آهي، هتي ضروري ٿو لڳي تـ انهن تي ڪجهہ روشني وڌي وڃي. اهو انهيءَ ڪري، چاڪاڻ تـ بيان العارفين ۾ انهن ٻنهي ڪتابن جي واضح اثرات کي محسوس ڪري سگهجي ٿو.

"فصوص الحڪم" اسلامي دنيا جي عظيم صوفي ذهن محي الدين ابن عربي (560هـ / 1165ع - 638هـ / 1240ع) جي فڪري ڪاوش جو نتيجو آهي. فص لفظ جي لغوي معنيٰ ٽِڪ يا نگينـ ۽ اصطلاحي معنيٰ حقيقت يعني ڳجهہ يا راز يا سر آهي. سمورو ڪتاب ڪل 27 فصوص تي مشتمل آهي ۽ هر فص ۾ حضرت آدم عليہ السلام کان وٺي خاتم الانبيا ﷺ جن تائين هر نبيءَ جي حوالي سان سانس مخصوص حڪمت الاهي جي اسرارن جي تشريح ۽ توضيح ملي

ٿي. مثلاً: پهرين فص ۾ حضرت آدم عليہ السلام جي حوالي سان مشهور حديث قدسي "ان الله خلق آدم عليٰ صورتہ" يعني "بيشڪ الله تعاليٰ آدم کي پنهنجي صورت تي پيدا ڪيو". جي سمجهاڻي ڏنل آهي. اتي ئي اهو بحث ڪيو ويو آهي، تہ ڪيئن انسان خدا جي ذات جو مظهر آهي. ان کان پوءِ انهيءَ ساڳي فص تحت ٻي مشهور قدسي حديث "ڪنت ڪنزاً مخفياً فاحببت ان اُعرف فخلقت الخلق" يعني مان لڪل خزانو هوس پوءِ مون محبت وچان خيال ڪيو تہ آءٌ سڃاتو وڃان، جنهن ڪري مون خلق کي پيدا ڪيو." هن حديث جي تشريح ڪندي ابن عربي چوي ٿو، تہ دراصل اها ساڳي ذات آهي، جيڪا حقيقت جي لحاظ کان حق آهي تہ ظاهر جي لحاظ کان خلق يا مخلوق آهي. ٻين لفظن ۾ ذات حق جو ظاهري پهلو هي عالم آهي ۽ عالم جو باطني پهلو حق جي ذات آهي. ليڪن هتي پهچڻ کانپوءِ ابن عربي وري خبردار ڪري ٿو، تہ ان جو ٻيو ڪو مطلب نہ ورتو وڃي تہ حق وري بہ حق آهي ۽ مخلوق وري مخلوق. ان حقيقت کي هو صحيح بخاريءَ جي هن حديث سان واضح ڪري ٿو:"ڪان الله ولم يکن معه شيئا"يعني الله تعاليٰ هو ۽ ان سان گڏ ٻي ڪا شيءِ نہ هئي. يا جيئن ان جي وضاحت ۾ صوفين جو قول آهي"الان ڪما ڪان". هو(اها ذات) هن وقت بہ ائين آهي، جيئن ان وقت هو.

ابن عربي زندگيءَ جا آخري سال بغداد ۾ گذاريا ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. بغداد ۾ هو شيخ شهاب الدين سهرورديءَ سان مليو ۽ ان کان علاوه صدرالدين قونويءَ جي سائس ملاقات ٿي. تہ هو ڪانئس از حد متاثر ٿيو. ابن عربي وحدت الوجود جي منفرد عقلي تشريح سبب اسلامي تصوف تي نهايت ديرپا اثر ڇڏيا ۽ ان ڪري کيس شيخ اڪبر جي لقب سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

بيان العارفين ۾ ابن عربيءَ جي جنهن مخصوص نقطۂ نظر جو حوالو مليو ٿو، اهو آهي:"خدا ذات جي ڪري احد آهي ۽ صفات جي ڪري واحد." ابن عربيءَ هي بحث فصوص الحڪم ۾ ڪيترن هنڌن تي ڪيو آهي. خاص طور فص اسماعيلي ۽ يوسفيءَ ۾ جتي هو اهي الفاظ استعمال ڪري ٿو. ابن عربيءَ جو مشهور شارح ڪاشاني هن امر جي وضاحت ڪندي لکي ٿو:"حق تعاليٰ پنهنجي ذات جي ڪري احد آهي ۽ اتي ڪنهن بہ قسم جي ڪثرت ڪونهي. ليڪن الوهيت جي لحاظ کان ڏانهس بي شمار. بلڪ اڻ ڳڻ نسبتون آهن. ان جو مثال هڪ جي انگ جي ٻين سڀن يا اڻپورن انگن سان نسبت آهي."

اهڙيءَ طرح فص شعيبيءَ ۾ چوي ٿو تہ عالم ۾ جيڪا بہ ڪثرت آهي، اها سڀ ان واحد حقيقيءَ ۾ موجود آهي. جيڪو وجود مطلق آهي ۽ ڪثرت جي صورت ۾ ظاهر ٿيو آهي.

بيان العارفين ۾ هڪ ٻيو اهم بحث تنزيہ ۽ تشبيہ جو آهي، جتي پڻ اهو ساڳيو فصوص الحکم وارو نظريو دهرايل آهي. بنيادي سوال آهي تہ خدا جي ذات منزه آهي يا مشبہ يا ٻئي؟ ابن عربي ان ڳالهہ جي نهايت زور شور سان تائيد ڪري ٿو. تہ خدا جي ذات منزه بہ آهي تہ مشبہ پڻ. هو پنهنجي پر ۾ تنقيد ڪندي چوي ٿو، تہ محض تشبيہ جو مطلب خدا جي ذات کي محدود ڪرڻ آهي ۽ محض تنزيہ جو مطلب خدا جي ذات کي مقيد ڪرڻ آهي. هن سلسلي ۾ سندس هيٺيان اشعار آهن:

فان قلت بالتنزيہ کنت مقيداً- وان قلت بالتشبيہ کنت محدداً.

ابن عربي هيءَ سڄو بحث فص نوحيءَ ۾ نهايت وضاحت سان ڪيو آهي. هو ان خيال جو پڻ آهي، تہ حضرت نوح عليہ السلام جي دعوت محض تنزيہ تي مبني هئي، جڏهن تہ سندس قوم محض تشبيہ تي عقيدو رکندڙ هئي. جيڪڏهن حضرت نوح عليہ السلام جي دعوت ۾ تنزيہ ۽ تشبيہ ٻئي هجن ها. جهڙيءَ طرح رسول الله ﷺ جن ڪيو تہ هو ضرور ڪامياب ٿئي ها. ابن عربيءَ مطابق ليس ڪمثله شيءَ ۾ تنزيہ ۽ تشبيہ ٻئي آهن.

بهرحال ابن عربيءَ جي حوالي سان سيني ڪان وڌيڪ اهم عبارت جيڪا سندس مخصوص نظريہ' وحدت الوجود جو بنياد آهي ۽ جيڪا بيان العارفين ۾ ملي ٿي. اها "فسبحان من اظهر الاشياء وهو عينها" آهي. ليڪن هيءَ عبارت فصوص الحکم ۾ نہ. بلڪ فتوحات مڪيہ جي ٻئي ڀاڱي ۾ ملي ٿي. اهو هڪ ضخيم ڪتاب آهي، جيڪو پنهنجي وفات کان فقط ٻہ سال اڳ ۾ مڪمل ڪيائين ۽ ان جي تصنيف تي قريباً پنجٽيهہ سال صرف ڪيائين.

انهيءَ ساڳيءَ عبارت سان گڏ سندس هيٺيان اشعار بہ آهن:

فما نظرت عيني الی غير وجهه
وما سمعته اذني خلاف کلامه
فکل وجود کان فيه وجوده
وکل شخص لم يزل في منامه

[منهنجي اک ان جي چهري کان سواءِ بيو ڪجھ نہ ڏٺو. منهنجي ڪنن هن جي آواز کانسواءِ بيو ڪجھ نہ ٻڌو. پوءِ هر شيءِ جو وجود هن جي وجود اندر آهي. هر شخص هميشه کان وٽي سندس خلوتگاھ ۾ آهي.]

انهيءِ نقطئہ نظر جي مزيد وضاحت ڪندي چوي ٿو. تہ محققين وٽ خدا جي وجود کانسواءِ ٻي ڪا شيءِ موجود نہ آهي. جيتوڻيڪ اسين موجود آهيون. ليڪن اسان جو وجود سندس وجود سان آهي ۽ جيڪو وجود غير جي سبب آهي. اهو عدم جي برابر آهي. انهيءَ ڪري دل جي اکين سان ڏسندڙ عارف حق کان سواءِ بيو ڪجھ نہ ٿو ڏسي. هن سلسلي ۾ ابن عربي مشهور عربي شعر:

وفي كل شيءِ له آيةً
تدل على انه واحد

[هر شيءِ ۾ هڪ نشاني آهي. جيڪا دلالت ٿي ڪري تہ اهو واحد آهي. ڪي هن ريت ترميم ٿو ڪري.]

وفي كل شيءِ له آيةً
تدل على أنه عينة

[هر شيءِ ۾ هڪ نشاني آهي. جيڪا دلالت ٿي ڪري تہ هو هر شيءِ جو عين آهي.]

اهڙيءَ طرح خدا ۽ عالم يا حق ۽ خلق جي باهمي نسبت جي سمجهاڻي ڏيندي چوي ٿو. تہ وجود حقيقي واحد آهي ۽ ان جي مقابلي ۾ اسان کي جيڪي نظر اچي ٿو يا حواسن ذريعي محسوس ٿئي ٿو. اهي ٻئي عين واحد جا پهلو آهن. جيڪڏهن وحدت جي نگاھ سان ڏسبي تہ اهي حق آهن ۽ ان کي حق ڪوٺڻ کپي. ليڪن ڪثرت واري نگاھ ڪبي تہ اهي خلق آهن ۽ انهن کي خلق جو نالو ڏيڻ کپي. هن نظريي جي هڪ فارسي شعر ۾ نهايت سولي سمجهاڻي ڏنل آهي.

صفات و ذات چو ازهم جدا نمي بينم
بهرچہ مي بينم بجز خدا نمي بينم.

معني: صفات ۽ ذات کي جڏهن آءٌ هڪٻئي کان الڳ نٿو ڏسان. ان ڪري جيڪي ڪجھ ڏسان ٿو. تہ خدا کانسواءِ بيو ڪجھ نٿو ڏسان.

سنڌ هند ۾ ابن عربيءَ جا نظريات ڪيئن ۽ ڪڏهن پهتا. هن سلسلي ۾ "گلزار ابرار" ڪتاب مان ڪافي معلومات ملي ٿي. ڪتاب جي مؤلف غوثي موجب انين نائين ۽ ڏهين صدي هجريءَ ڌاري احمدآباد ۽ گجرات صوفين جا وڏا مرڪز هئا. خاص طور گجرات چشتي سلسلي جو وڏو مرڪز هو. جيڪو بختيار ڪاڪيءَ جي زماني ۾ قائم ٿيو. چشتي سلسلي جا بزرگ بنيادي طور وحدت الوجود ڏي مائل هئا ۽ اهي پهرين ابن عربيءَ جي تحريرن سان مانوس ٿيا. ڏهين صدي هجري يا سورهين صدي عيسوي ڌاري سنڌ جي صوفين جي اتي آمد و رفت علمي ۽ فڪري تعلقات کي وڌيڪ مضبوط ڪيو. گجرات ۽ ٺٽي جي وچ ۾ عام جام اچ وڃ هئي. شيخ عيسيٰ جندالله پاٽائي(962هـ /1554ع-1031هـ /1621ع) جنهن برهانپور ۾ سڪونت اختيار ڪئي ۽ شاهه ڪريم جو همعصر هو، تنهن پنهنجي تفسير "انوارالاسرار" لکڻ وقت فصوص الحڪم ۽ ابن عربيءَ جي بين تحريرن کي سامهون رکيو آهي. گلزار ابرار موجب جاميءَ جو 'نفحات الانس'، 'لوايح' ۽ بيون تصنيفات برصغير ۾ گهڻيون مشهور هيون، جنهن تي هتي جي ڪيترن عالمن شرحون لکيون. بيان العارفين مان اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو تہ گجرات ۽ سنڌ جي وچ ۾ عام جام اچ وڃ سبب ئي شاهه ڪريم احمد آباد ويو هو. جتي سماع جي محفلن ۾ شريڪ ٿيو هو. لهاذا اهو اتي جو علمي ۽ صوفيانہ ماحول هو. جتان ابن عربيءَ جا اثرات پهتا آهن يا اثرانداز ٿيا آهن، جن کي وڌيڪ عالمانہ شڪل ۾ بيان العارفين جي مرتب محمد رضا پيش ڪيو آهي.

ٻيو ڪتاب "لمعات" فخرالدين عراقي(وفات688هـ /1289ع) جي تصنيف آهي. هو اصل ۾ همدان جو هو جيڪو قلندرن جي ٽولي سان سير سفر ڪندو اچي ملتان پهتو. اتي ڪيس شيخ بهاءُالدين زڪريا جي صحبت حاصل ٿي، جنهن ڪيس پنهنجو خليفو ۽ نياٽو بنايو. شيخ جي وفات کان پوءِ هو بغداد ۽ اتان وري قونيہ ويو جتي شيخ صدرالدين جي صحبت ۾ رهيو. جنهن کان فصوص الحڪم جو درس ورتائين. فصوص کان متاثر ٿي پنهنجو رسالو "لمعات" لکيائين. جنهن ۾ ڪل 28 لمعا آهن ۽ انهن ۾ خدا، ڪائنات ۽ انسان جي تعلق جي تشريح عشق جي حوالي سان ڪيائين. مولانا جامي(وفات 898هـ) لمعات کان ايڏو متاثر ٿيو جو نہ رڳو ان جي تشريح اشعة اللمعات

نالي سان لکيائين. بلڪ ساڳي طرز تي پنهنجو الڳ ڪتاب"لوايح" نالي سان لکيائين. جنهن جا حوالا اسان اڳ ۾ بيان ڪري آياسون.

برصغير ۾ وحدت وجودي يا همه اوست جي فڪر کي عام ڪرڻ جو سهرو وڏي حد تائين جاميءَ جي "لوايح ۽ اشعة اللمعات" کان علاوه سندس شاعريءَ تي آهي. جنهن ذريعي اهي تصورات وڌيڪ عام فهم ۽ قابل قبول ٿي پيا . اهو جاميءَ جي شاعريءَ جو ڪمال هو. جنهن ڪيس مقبوليت بخشي. جاميءَ جي فڪر ۽ عرفان جو برصغير ۾ ڦهلجڻ جو ٻيو وڏو سبب هي به هيو ته هو افغانستان جي موجوده علائقي هرات جو هو. گويا قريب هجڻ سبب اچ وڃ ۽ رابطي جو وڏو امڪان هو. سيرالعارفين جو مصنف جمالي دهلوي هرات ۾ جاميءَ جو مهمان ٿيو هو. اهڙيءَ طرح سنڌ جا ڪي عالم سڌو سنئون جاميءَ کان مستفيض ٿيا هئا. گلزار ابرار مولانا قاسم ڪاهيءَ جو نالو ورتو آهي. مير علي شير قانع" معيار سالڪان طريقت" ۾ پڻ اهڙو ذڪر ڪيو آهي.

عراقيءَ جي "لمعات" ۽ بيان العارفين ۾ فڪري لحاظ کان ڪجهه ڳالهيون مشترڪ نظر اچن ٿيون. سڀ کان پهرين هيٺيون شعر آهي. جيڪو صفحي 187 تي آهي.

آن پادشاه اعظم در بسته بود محکم
پوشيد دلق آدم، ناگاه بر در آمد.

[اهو عظيم بادشاهه جيڪو هڪ قلعي ۾ محفوظ ويٺو هو. اوچتو آدم جو پوش پائي اچي ظاهر ٿيو آهي.]

هي بيت لمعه 24 ۾ آيل آهي. ان کان اڳ خواجه عبدالله انصاريءَ جو هي قول آندل آهي: "حق تعالیٰ خواست که صنع خود را ظاهر کند، عالم آفريد، خواست که خود را ظاهر کند، آدم را آفريد" يعني جڏهن حق تعالیٰ گهريو ته پنهنجي ناهيل شيءِ کي ظاهر ڪري، ته هن عالم کي پيدا ڪيائين. پر جڏهن گهريائين ته پاڻ کي ظاهر ڪري ته آدم کي پيدا ڪيائين." لمعات ۽ بيان العارفين ۾ وڌيڪ مشترڪ خيالات ۽ اقوالن جي سمجهاڻي آخر ۾ تشريحي حوالن هيٺ ڏنل آهي.

ابن عربيءَ جي فصوص الحکم ۽ فتوحات مکيه. فخرالدين عراقيءَ جي لمعات ۽ جاميءَ جي لوايح کان علاوه جنهن ٻئي ڪتاب جا اشعار ۽ ان سڌا اشارا بيان العارفين ۾ ملن ٿا. اهو شيخ محمود شبستريءَ(650هه / 1253ع)

جو 'گلشن راز' آهي، جيڪو هن 717 هه /1317ع ۾ تصنيف ڪيو. جنهن ۾ هن پندرهن سوالن جا تفصيلي جواب ڏنا، تصوف جي بنيادي مسئلن خدا، ڪائنات ۽ انسان جي تعلق جي وضاحت ڪئي آهي. بيان العارفين ۾ صفحي 189 تي هيٺيون شعر ملي ٿو:

روا باشد انا الله از درختي

چرا نبود روا از نيک بختي.

[جيڪڏهن وڻ جي لاءِ "انا الله" يعني مان خدا آهيان" چوڻ روا آهي ته پوءِ ڪنهن نيڪبخت انسان لاءِ اهو چو روا نه آهي؟!]

دراصل اهو شعر گلشن راز جي ستين سوال جي جواب ۾ موجود آهي. اهڙيءَ طرح هي شعر ٿوري تبديليءَ سان صفحي 112 تي ڏنل آهي. اصلي شعر هن ريت آهي:

ڪسي مرد تمام است کز تمامي

کند با خواجگي کار غلامي.

[سيني ڪامل شخصن ۾ اهو وڏيڪ ڪامل آهي، جيڪو مٿانهين درجي تي پهچڻ کانپوءِ به ٻانهپ جي واٽ وٺي.]

جيتوڻيڪ مثنوي مولانا رومي(1204ع-1273ع) جو بيان العارفين ۾ سڌو سنئون ڪو به حوالو يا شعر نٿو ملي، تاهم شاهه ڪريم جي ڪيترن بيتن ۾ بلڪل سڌو سنئون ۽ سندس قولن ۾ روميءَ جي خيالن جي ترجماني يا هڪجهڙائي ملي ٿي. بيان العارفين ۾ هڪ هنڌ نڙ جو ذڪر ڪندي چيو ويو آهي، ته عام ماڻهو نڙ جي آواز کان ته متاثر ٿي وڃن ٿا، پر نڙ ۾ ڦوڪ ڏيڻ واري ڏانهن سندن خيال وڃي ئي ڪو نه ٿو. مولانا رومي مثنويءَ جي شروعات نڙ جي ان ٻنٽي تمثيل سان ڪئي آهي، ته هڪ طرف نڙ ان ڪري ٿو آواز ڪري، ڇاڪاڻ ته ان کي پنهنجي اصل کان واري ٻُوڙي کان ڪپي الگ ڪيو ويو آهي. پيو هي ته نڙ اصل ۾ انساني روح آهي، جيڪو پنهنجي اصل سان ملڻ لاءِ بيتاب آهي.

صوفين جو نظريو آهي ته هن ظاهري حواسن سان خدا جي ذات کي پروڙي نه سگهبو. ان لاءِ مخصوص حواسن جي ضرورت آهي. روميءَ انهيءَ خيال کي نهايت شدمد سان ڪيترن هنڌن تي ورائي ورائي بيان ڪيو آهي. هڪ هنڌ چوي ٿو:

گوش خر بفروش و ديگر گوش خر
کين سخن را در نيا بد گوش خر

[هي گڏهڻا کن وڪڻي ٻيا ڪن خريد ڪر، ڇو تہ اهو سخن انهن گڏهن وارن ڪنن سان نہ ٻڌي سگهبو.]

شاهہ ڪريم جو هيٺيون بيت روميءَ جي مٿين شعرن جو ڄڻ ترجمو ٿو معلوم ٿئي:

هي ڪن گڏهڻا وڪڻي، ڪن ڪي ٻيا ڳنهيج،
سندي پريان ڳالهڙي تنين سان سڻيج.

صوفين وٽ 'صورت' ۽ 'معنيٰ' جو فهم بنيادي حيثيت رکي ٿو. مثنوي روميءَ ۾ صورت ۽ معنيٰ تي مختلف هنڌن تي وڏو بحث ٿيل آهي. صورت مان مراد هي ظاهري جهان آهي، جنهن ۾ انسان بہ اچي وڃي ٿو ۽ معنيٰ مان مراد لڪل جهان جنهن ۾ ذات خداوندي بہ شامل آهي. شاهہ ڪريم انهيءَ خيال کي ڏاڍي سهڻي انداز ۾ سنڌ جي مشهور لوڪ داستان مارئي جي حوالي سان هن ريت بيان ڪيو آهي.

صورت ليکي هت، معنيٰ ليکي مارئين،
عمر مون جي چت، اوطاقون ٿرن ۾.

شاهہ ڪريم جي هن بيت کي روميءَ جي هيٺين شعرن سان ڀيٽ ڪري سگهجي ٿي:

صورتش برخاک و جان بر آسمان،
لامکاني فوق وهم سالکان.

[بدن جي لحاظ کان هو ڌرتيءَ تي آهي، پر روح جي لحاظ کان لامڪان تي آهي. اهو لامڪان سالڪن جي وهم و گمان کان بہ مٿي آهي.]

هن سلسلي ۾ روميءَ جو هڪ ٻيو مشهور بيت آهي:

گر بظاهر عالم أصغر توئي،
دان بمعني عالم اکبر توئي.

[جيتوڻيڪ بظاهر، تون "عالم اصغر" آهين، ليڪن ڄاڻ تہ اصل ۾ "عالم اکبر" بہ تون آهين.]

شاهه ڪريم هڪ بيت اندر قرآن پاڪ جي آيت"مڪروا و مڪر الله والله خيرالماڪرين" تضمين ڪئي آهي. سندس مطلب آهي تہ سڀڻ سان ميلاپ بهتر آهي يا وڇوڙو، اهو ذات خداونديءَ تي ڇڏي ڏجي، ڇو تہ اهو ئي بهترين تدبير ڪندڙ آهي.

سوئي صلح سڄڻين، سوئي ڦوڙائـون،
والله خيرالمـاڪرين، ايهـي ميڙائـون.

مولانا روميءَ بہ ساڳي آيت تي تضمين ڪئي آهي ۽ اهـو ساڳيو مرڪزي خيال هن ريت پيش ڪيو آهي.

مڪر حق سر چشمہ ايـن مڪر هاست،
"قلـب بيـن اصبعيـن" ڪبرياسـت.

[ذات حق جي تدبير سڀني تدبيرن جو سرچشمو آهي، ڇو تہ مؤمن جو قلب ذات ڪبريا جي ٻن آڱرين جي وچ ۾ آهي.]

سڀئي صوفي مشهور حديث قدسي جو حوالي آڻين ٿا."ڪنت ڪنزاً مخفياً فاحببت ان اعرف فخلقت الخلق" يعني آءٌ لڪل خزانو هوس، پوءِ مون گهريو تہ آءٌ سڃاتو وڃان، جنهن ڪري مون مخلوق کي پيدا ڪيو.

مولانا رومي پنهنجي مثنويءَ ۾ هن حديث جي انيڪ پهلوئن تي روشني وڌي آهي، جنهن ۾ ظاهر آهي تہ محبت جو پهلو وڌيڪ غالب آهي.

رومي چوي ٿو:

جملہ معشوقسـت و عاشـق پـرده اي،
زنـده معشوقسـت و عاشـق مـرده اي.

[سڀ ڪجهہ اهو معشوق آهي ۽ عاشق پردي ۾ يا لڪل آهي، معشوق ئي زنده آهي، باقي عاشق تہ مئل آهي.]

بيان العارفين واري پڻ مٿين ساڳي حديث جو حوالي ڏيئي، ان جي هيٺيان شاهہ ڪريم جا هيٺيان ٻہ بيت هڪبئي پويان ڏنا آهن:

پـاٺهي سـلطان پـاٺهي ڏي سـنيهڙا،
پاڻ ڪر ياڻ لهي، پـاڻ سـڃاڻي پـاڻ.

ٻيو بيت آهي:

اسين سڪون جنهن ڪي، سي تان اسين پاڻ،
هاڻي وڃ گمان، صحيح سڄاتا سپرين.

غور ڪري ڏسبو تہ هنن ٻنهي بيتن ۾ اهو ئي حديث شريف ۽ روميءَ وارو خيال ڪارفرما آهي، تہ اصل اهو محبوب پاڻ سڀ ڪجهہ آهي ۽ ڪيس سڃاڻڻ لاءِ هي سڀ ڪجهہ آهي.

اهڙيءَ طرح نفي ۽ اثبات يا "لا" ۽ "الا" بابت پڻ روميءَ ۽ شاهہ ڪريم جي خيالن ۾ ڪافي حد تائين مشابهت ملي ٿي. رومي هڪ هنڌ چوي ٿو:

لاشـــدي پهلوئـــي الا خانـــہ گيـــر،
اين عجب ڪـہ هـم اسيري هـم امير.

["لا" (ڪجهہ نہ) ٿيو آهين، پر "الا" جي طرف وڌ. اها عجيب ڳالهہ آهي تہ تون ٻانهو بہ آهين تہ امير پڻ!]

سندس هڪ ٻيو شعر هن ريت آهي:

زانڪـــہ در الاســـت او از لا گذشـــت،
هرڪـــہ در الاســـت او فـــاني نگشـــت.

[جيڪو "الا" جي منزل تي پهتو، اهو "لا" مـان گذري ويـو، جيڪو "الا" ۾ پهتو، اهو فنا ٿيڻ کان بچي ويندو.]

هاڻي شاهہ ڪريم جي هيٺئين بيت تي غور ڪريو، جيڪو هن قاضي قادن جي هڪ بيت جي جواب ۾ چيو هو:

لامَ لـــوڏي ڪـــڊ، الا م لاهـــ لڪ ســـين،
جو مظهر سندو ماڻهين، تنهن ڪيئن ڪرين وڍ.

هن بيت مان ظاهر آهي تہ هتي شاهہ ڪريم نہ صرف يعني "نفي" ۽ "الا" يعني اثبات جي اهميت واضح ڪئي آهي. بلڪ انهيءَ سان گڏ ان طرف پڻ اشارو ڪيو آهي، تہ انسان جيڪو ذات خداونديءَ جو مظهر آهي، ان جي اصل کي نظر انداز ڪيئن ٿو ڪري سگهجي.!

شاهہ ڪريم جو عرفان

خدا، انسان ۽ ڪائنات جي باهمي تعلق جي ساڃهہ صوفين جي نظريي جو بنيادي محور آهي ۽ سمورو تصوف انهيءَ نسبت يا لاڳاپي کي سمجهڻ ۽

سمجهائڻ جي ڪوشش آهي. عام طور صوفين وٽ اهو نظريو زياده مقبول آهي، تہ هي عالم هڪ پڙاڏو يعني اصليت کان خالي آهي. اصل حقيقت صرف ذات خداوندي آهي. ليڪن انسان کي ان سڄي ڪائنات ۾ هڪ خصوصي حيثيت حاصل آهي. انهيءَ ساڳي نظريي کي ٻين لفظن ۾ هن ريت بيان ڪيو ويو آهي، تہ خدا تعاليٰ پنهنجي صفتن کي ظاهر ڪرڻ واسطي هي جهان خلقيو پر پنهنجي ذات کي ظاهر ڪرڻ واسطي آدم کي پيدا ڪيو. انهيءَ لحاظ کان انسان خدا جي ذات جو آئينو آهي. "خلق آدم عليٰ صورته" جو بہ اهوئي مطلب آهي.

انسان ۽ خدا جي تعلق کي واضح ڪرڻ خاطر صوفين گهڻو ڪري تمثيل جو سهارو ورتو آهي، ڇو تہ هونئن اها حقيقت سمجهائڻ تمام ڏکي ڳالهہ آهي. سادي ۾ سادو مثال آواز ۽ ان جي پڙاڏي جو آهي. ٻيو مثال پاڻي ۽ ان تي پيدا ٿيندڙ حباب يا ڦوٽي جو آهي يا وري پاڻي ۽ ان تي پيدا ٿيندڙ لهرن جو آهي. مولانا رومي وري پنهنجي جدت طبع سان ني يا ڪيپل نڙ ۽ ان کي وڄائيندڙ جي تمثيل سان واضح ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح ڪجهہ ٻيا مثال بہ آهي.

بهرحال انسان ۽ خدا جي تعلق جي اها وضاحت هڪ لحاظ کان سولي بہ آهي، تہ ٻئي لحاظ کان ڏکي پڻ. تمثيلي انداز کي ڇڏي جڏهن ان جي تشريح خالص عقلي ۽ فلسفياڻ لحاظ کان ڪئي وڃي ٿي، تہ اها نهايت گنڀير يا دقيق ٿيو پري، محي الدين ابن عربيرحہ جنهن کي اسلامي دنيا جو ان لحاظ سان وڏي ۾ وڏو صوفي شمار ڪيو وڃي ٿو. تنهن پنهنجي لکيتن ۾ ۽ خاص طور"فصوص الحڪم" ۾ اهڙي تشريح جي ڪوشش ڪئي آهي. ان جي مقابلي ۾ مولانا رومي پنهنجي مثنويءَ ۾ بنيادي طور تمثيلي انداز اختيار ڪري، ان جي عقلي سمجهاڻي پيش ڪري ٿو.

صوفين جي نظر ۾ جنهن انسان کي اها سمجهہ يا شعور حاصل ٿئي ٿو، اهو عارف آهي ۽ انهيءَ طريقي کي معرفت چئجي ٿو. صوفين جي نظر ۾ عالم صرف شين جي ظاهري پهلوءَ تائين محدود آهي. جڏهن تہ عارف سڌو سنئون حقيقت سان رابطي ۾ آهي ۽ ان رابطي جو بنياد سندس ذاتي مشاهدو يا تجربو آهي. تاهم اهو مشاهدو مخصوص تربيت کان سواءِ حاصل نٿو ٿي سگهي ۽ ان لاءِ مرشد يا شيخ جي ضرورت پوي ٿي.

بيان العارفين مان معلوم ٿئي ٿو، تہ شاهہ ڪريم جيتوڻيڪ بنيادي طور فقر ۽ زهد جو صاحب هو، تاهم هو اعليٰ عرفان جو صاحب پڻ هو. هڪ طرف سندس عرفان بيان العارفين ۾ آيل مقولن مان عيان آهي، تہ ٻئي طرف سندس

شاعريءَ مان ان ڳالهہ جو پتو پوي ٿو. هڪ لحاظ کان ڏسجي تہ گودڙي اوڍڻ ۽ پٽڪي کان وٺي پيرن ۾ جتي پائڻ ۽ نہ پائڻ سڀ تفصيل بيان العارفين ۾ ملن ٿا. ليڪن ساڳئي وقت ڪئين اهڙا قول ملن ٿا، جيڪي سندس وسيع المشرب عارف جي حيثيت کي ظاهر ڪن ٿا. مثلاً: چيائون تہ فقيرن جو حجرو هيءَ زمين آهي، ۽ آسمان ان جي ڇت آهي. ڪرامتن لاءِ چيائون تہ ڪرامات خرابات يعني شراب وانگر حرام آهن. بلڪ سڌو سنئون ڪفر آهي. اهڙيءَ طرح فقير جو اشتقاق ڪندي چيائون تہ ف مان مراد دائمي فڪر ۽ ق مان مراد هميشہ قرب ۽ ي مان مراد خدا سان ياري ۽ ر مان مراد هميشہ رياضت آهي. پير ڪير آهي؟ پير ۾ ڪهڙيون خصلتون هجن؟ ان جي جواب ۾ چيائون تہ جيڪو شخص مرتبي جي لالچ نہ رکي اهو پير آهي. آءُ فقيرن کي پير ڪري سمجهندو آهيان، ڇو تہ پير ان کي چئجي جنهن کي ڏسڻ سان خدا ياد اچي. فرمايائون تہ پيرن کي سڀ ڪم ڪرڻ گهرجن: زمين ڪيڙي آباد بہ ڪن، تہ خلق خدا جي واسطو بہ رکن. ائين بہ چيائون تہ جيڪو ماڻهو سمجهي ٿو تہ سيڪجهہ پير ڏئي ٿو يا ان کان ملي ٿو، اهو بلڪل غلط ٿو سوچي. جيڪي ڪجهہ ملي ٿو سڀ ڪجهہ خدا جي طرفان آهي ۽ ان کان سمجهڻ گهرجي. هڪ دفعي ڪنهن شخص جو ٻڌائون جيڪو پاڻ کي سيد سڏائي رهيو هو. ان کي سڏائي چيائون تہ توکي ڇا ٿيو آهي جو پاڻ کي فقير نٿو چوائين. ڇا توکي خبر ناهي تہ پيغمبر عليه الصلاة والسلام پاڻ فرمايو هو "الفقر فخري" يعني فقر منهنجو فخر آهي. فرمايائون تہ طالب کي گهرجي تہ ڪنهن مطلب يا مراد، ڪشف ۽ ڪرامت، قرب ۽ معرفت جي لالچ سان خدا کي ياد نہ ڪري، ڇو تہ خدا تعاليٰ چوي ٿو تہ مون کي ڪو بہ مطلب رکي ياد نہ ڪريو، بلڪ مون کي سواءِ ڪنهن مطلب جي ياد ڪريو. مطلب تہ بيان العارفين ۾ اهڙا ڪيترا قول ۽ نقل ملن ٿا، جيڪي شاهہ ڪريم جي عرفان کي اسلامي تصوف جي تاريخ ۾ هڪ ممتاز حيثيت ڏين ٿا.

هن سلسلي ۾ سندس شاعريءَ تي هڪ نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو، تہ اتي پڻ شاهہ ڪريم پنهنجي عرفان ذريعي بلڪل نئين روشني وجهي ٿو. مثلاً: پاڻ قاضي قادن جا بيت پسند ڪندا هئا ۽ اڪثر مريدن آڏو اهي پڙهندا هئا. جيتوڻيڪ قاضي قادن پنهنجي وقت جو جيد عالم ۽ فاضل شخص هو، تاهم سندس هيٺين بيت تي غور ڪريو، جيڪو سندس مشاهداتي ڪيفيت جو آئينہ دار آهي.

سائر ڏيئي لت، اوچي نيچي پوڙئي،
هيڪائين هيڪ ٿئو، ويئي سڀ جهت

شاهہ ڪريم جو مشاهدو ذرا مختلف آهي ۽ هن پنهنجو نظريو هن

ريت بيان ڪيو آهي تہ:

سائر ڏئي نہ لت، اوڃي نيچي سڀ ڪهين
نابودي نہ ٿئي، ايءَ ناديدي جهت

قاضي قادن جو هڪ ٻيو بيت آهي.

"لا" لاهيندي ڪن ڪي، "لا" مورهين ناهہ
بالله ري پريان، ڪٿ نہ ڏسجي ڪو ٻيو.

شاهہ ڪريم ان جي جواب ۾ هيٺيون بيت چيو آهي، جنهن ۾ نفي ۽ اثبات سان گڏ انسان جيڪو خدائي مظهر آهي، تنهن جي حيثيت کي نهايت خوبي سان واضح ڪيو ويو آهي.

"لا" ۾ لوڏي ڪڍ، الا ۾ لاهہ لڪ سين
جو مظهر سندو ماڙوئين، تنهن ڪيئن ڪرين وڍ.

سالڪ صوفين جي نظر ۾ نفي ۽ اثبات يعني "لا" ۽ "الا" کان سواءِ سلوڪ جي تڪميل نٿي ٿي سگهي ۽ شاهہ ڪريم جي بيتن مان اها حقيقت چڱي ريت واضح ٿئي ٿي.

جيتوڻيڪ شاهہ ڪريم اصولي طور صوفين جي انهيءَ نظريي سان متفق آهي تہ انسان جو وجود محبت جو مرهون منت آهي، ۽ انسان کي پنهنجي اصلي محبوب سان هر وقت رابطي ۾ رهڻو آهي ۽ ان جي خوشنوديءَ لاءِ جنهن ۾ سندس خوشنودي آهي، تگ و دو ڪرڻي آهي، ليڪن محبت جي تقاضا سبب اهو تعلق نهايت نازڪ ۽ عجيب آهي. خاص طور جڏهن اهو حاصل ٿئي ٿو تہ ان جي عقلي سمجهاڻي نٿي ڏئي سگهجي:

ڪاجا پر پرين، نہ سا سئي نہ ٻُڌي
متيون سڀ منجهن، انهيءَ ڏني قضيي.

شاهہ ڪريم پنهنجي مشاهدي جي آڌار تي چوي ٿو، تہ سلوڪ يا محبت جي اها واٽ ايڏي سولي بہ ناهي جيئن ڪن ماڻهن سمجهي آهي. يا ڪين گمان آهي تہ هو ان جي تڪميل ڪري چڪا آهن:

آهي اهجائو، پير پريان جو جيڏيون
جنين ساجائو، تنين تان نہ پروڙئو.

متن

بيــان العارفين و تنبيــه الغافلين

(سنذي)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

ديباچو

سڀ تعريفون ۽ شڪرانا جيڪي سوچ جي سرحد کان پري ۽ عقل جي دائري کان ٻاهر آهن، انهيءَ خلقڻهار کي جڳائن. جنهن سالڪن جي زبان کي معنوي واڻ ڏيکاري ۽ عارفن کي يقيني سڃاڻپ بخشي. قول مبارڪ آهي ته **لا احصي ثنا ٔ عليڪ انت ڪما اثنيت عليٰ نفسڪ**"آءٌ تنهنجي ثنا پوري ڪري نٿو سگهان، تنهنجي ذات ئي تنهنجي ثنا ڪري ڄاڻي ٿي."

انهيءَ ڪري خدا جا ٻانها سندس ثنا جي وادي ۾ گم آهن. موحدن جون دليون ذات پاڪ جي فڪر ۾ حيرت زده ۽ پاڻ کي قصور وار ڄاڻن ٿيون. سندس راه ۾ صديقن جي صفائي ۽ پاڪيزگي اونده انڌاري کان وڌيڪ ناهي. اتي عارفن جي دلين جا پکي وحدت جي واديءَ ۾ حيران ۽ سرگردان آهن، قطعو:

سبحان خالقي ڪه صفاتش ز ڪبريا
بر خاڪ عجز مي فگند عقل انبيا
گر صد هزار قرن همه خلق ڪائنات
فڪرت ڪند درصفت و عزت خدا
آخر بعجز معترف آيند ڪاي الٰه
دانسته شد(1) ڪه هيچ ندانسته ايم ما
سبحان قادري ڪه بر آئينه وجود
بنگاشت از دو حرف دوگيتي ڪه مانشاء

[پاڪائي ان خلقڻهار جي جنهن جي وڏائيءَ جون صفتون نبين جي عقل کي به عاجز ڪن ٿيون. توڙي جو سوين هزارين سال هن ڪائنات جي مخلوق خدا جي صفت ۽ عزت تي فڪر ڪري، پر آخر پنهنجي عاجزيءَ جو اعتراف ڪندي ته بيشڪ اي الله سائين! اسان کي اهو معلوم ٿيو. ته اسان ڪجھ نه ڄاتو آهي. پاڪائي ان قادر ڪريم جي جنهن وجود جي آئيني تي ٻه حرف ڇٽي ڇڏيا ته جڻ هو ڇاهي ائين ٿيندو!]

ناز آهي قادر جي ان قدرت تي ۽ صانع جي ان صنعت تي. جنهن انساني گروهن کي ذاتي ۽ صفاتي لحاظ کان مختلف ۽ الڳ الڳ جوڙيو.

جنهن فعل جي ارادي ۽ عمل جي صادر ٿيڻ جي سلسلي ۾ سالڪن جي واٽ کي صورت ۽ معنيٰ جي لحاظ کان ڏار ڏار ۽ هڪٻئي جو ناقص(پڄندڙ) بنايو. جئن ارشاد خداوندي آهي: "**فمنهم ظالم لنفسه و منهم مقتصد ومنهم سابق بالخيرات**"(سورة 28 :122): يعني پوءِ انهن مان ڪي پنهنجي نفس تي ظلم ڪندڙ آهن. ته ڪي وري درمياني هلت وارا آهن ۽ ڪي وري چڱائي ۾ اڳرائي ڪندڙ آهن."

خداوندي ڪه بي شبه است ومانند
بقدرت بر خداوندان خداوند
خداوندي ڪه اورا نيست همتا
ڪه زير هستي او جمله آشيا

[خدا جيڪو هر شڪ کان بالاتر آهي ۽ جنهن جهڙو ٻيو ڪو ناهي، جيڪو پنهنجي قدرت سان سيني مالڪن جو مالڪ آهي، خدا جنهن جو ڪو مثال يا ثاني ناهي، جنهن جي هستيءَ هيٺ سڀ شيون آهن.]

صلواتن ۽ سلامن جا موتي، گوهر آبدار ان عالم جي آذار ۽ اسان جي سردار جي بارگاهه ۽ سندس گنبذ مٿان نڇاور، جنهن جي اشاري سان چنڊ ٽڪرا ٿي پيو، جيڪو قُل هوَ اللهُ جي نور جو چشمو آهي، جيڪو لِي مَعَ الله جي اسرارن جو مجموعو آهي، جيڪو لِيغفرلَڪ الله جو خاص مخاطب آهي، جيڪو لِينصُرَڪ الله نصرا عزيزا جي شَرف سان مشرف آهي، يعني خدا جو محبوب خاص حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم.

جنهن رب العزت جي ان پسنديده ٻانهي جي سوچ سمجهه سان پيروي ڪئي ۽ ان جي ٻڌايل رستي کي نگاهه ۾ رکيو، اهو بدعت ۽ گمراهيءَ جي کڏي مان نڪري، سلامتي ۽ امن جي پينگهي ۾ قرار وارو ٿيو. اهو ڪوڙ ۽ اونداهيءَ جي فريب مان نڪري هدايت جي رستي تي گامزن ٿيو.

برقامت او(2) قباي لولاڪ
زيباو مناسب است و چالاڪ

[ان جي بدن مبارڪ تي "لولاڪ" جي پوشاڪ تمام سهڻي ۽ مناسب آهي-]

صلي الله عليه في الليل اذا يغشيٰ والنهار اذا تجليٰ وعلي آلهٖ المجتبين واصحابه المقتدين اجمعين.

اما بعد: اها حقيقت سچاڻ ۽ روشن ضمير، سچ جيان روشن ۽ ڪيميا جو اثر رکندڙ دانشورن، دقيقه سنج ۽ حق جي ڳالهه قبول ڪندڙن کان ڳجهي ناهي ته مريد پنهنجي پير جي قول ۽ فعل کان ڌار رهي نٿا سگهن ۽ اهي(قول ۽ فعل) سڀ جو سڀ ڪنهن کي ياد پڻ نٿا رهي سگهن. تنهن ڪري حضرت جن جيڪي ارشادات فرمايا يا سندن حاضريءَ ۾ جيڪي وهيو واپريو، تنهن کي ڪنهن رسالي ۾ گڏ ڪرڻ گهرجي، ته جيئن مريدن کي فيض رسي. انهيءَ سبب ڪن گهڻگهرن ۽ حق جي راهه اختيار ڪندڙ دوستن جي زور رکڻ تي هن فقير هٿان هي ڪتاب تصنيف ٿيو. انهن دوستن جو چوڻ هو ته اسان جي پير مرشد جيڪي چيو ۽ سندن وقت ۾ جيڪي وهيو واپريو، اهو سڀڪجهه لکي گڏ ڪر ته جئن غافلن لاءِ تنبيهه ۽ اجائي دعويٰ ڪندڙن يعني هنيلن لاءِ هٽ پڇڻ جو سامان ٿئي. اهو ئي سبب آهي، جو مون نالي محمد رضا بن عبدالواسع عرف مير دريائي بن داروغه گهرساڪن ننڍ جيڪو حضرت جن جو دلي طور ظاهري توڙي باطن جي لحاظ کان خادم ۽ پيرن جي خاڪ آهي، تنهن حضرت جن جون دلپذير حڪايتون ۽ وڏيون ڪرامتون، سنڌي بيت، توحيد ۽ نصيحت جا عجيب ۽ اعليٰ نڪتا گڏ ڪيا آهن.

اهو حضرت سيد عبدالڪريم بلڙي وارو آهي، جيڪو عزت ۽ عرفان جو صاحب، زاهدن جو اڳواڻ ۽ پرهيزگارن جو پيشوا آهي، جيڪو ولايت جو عارف ۽ نبيءَ جو وارث آهي، جيڪو حق سان ڳالهائيندڙ فنا في الله ۽ بقا بالله آهي، جيڪو امت مصطفيٰ ﷺ جو چراغ(3) ۽ دين جي روشنائي آهي، جيڪو اهل تحقيق جو امام ۽ دوستيءَ جي دريا ۾ غرق آهي، جيڪو ٻانهن لاءِ سواريءَ جو هنو ۽ ولين جي شمع آهي، جيڪو اسلام جو ثبوت ۽ دليل آهي، جيڪو طريقت جي سونهن ۽ معرفت جي ٻيڙي آهي، جيڪو تحقيق ۽ ڪرامت جي ميدان ۾ اڏامندڙ آهي، جيڪو وصل جي درگاهه جو والي آهي، عارفن جو شرف ۽ شان آهي، مريدن جي دلين جي خبر رکندڙ آهي، زماني جو قطب آهي، خدا جي مهربانين جي کاڻ آهي ۽ الاهي اسرارن جو دريا آهي. يعني حضرت سيد عبدالڪريم بن سيد لال محمد عرف الله شاه جي ڪامل فرزندن، سڄڻ ساٿين، سچن مريدن، ۽ اصلي خادمن، جيڪي سڀ سندن منظور نظر هئا ۽ سندن صحبت ۾ گهڻو اٿيا ويٺا هئا. انهن کان ٻڌي ۽ گڏ ڪري هن ڪتاب جي

صورت ڏنم. جيڪو هڪ مقدمي، ستن بابن ۽ پڇاڙيءَ تي مشتمل آهي. ڪوشش ڪري مشڪل ۽ ڏکين فارسي لفظن کان پاسو ڪيو اٿم. تہ جيئن ڪنهن کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ تڪليف نہ ٿئي. ان ڪتاب جو نالو **"بيان العارفين و تنبيہ الغافلين"** رکيو اٿم ۽ رب العزت جي بارگاهہ ۾ اُميد ٿو ڪريان تہ جيڪو هن ڪتاب جي پڙهڻ مان فائدو وٺي ۽ لاڀ پرائي، اهو هن ڪتاب جي مصنف ۽ ڪاتب کي چڱي دعا سان ياد ڪري.

هيءَ ڳالهہ ڄاڻڻ گهرجي تہ هن ڪتاب ۾ جتي بہ لفظ "حضرت جن" استعمال ڪيو ويو آهي، ان مان مراد ولايت جو والي ۽ تمام وڏي بزرگيءَ وارو ۽ رب پاڪ جو پسنديده حضرت **عبدالڪريم** آهي(4) باقي جيستائين حضرت جن جي مريدن، خادمن ۽ مخلصن جو **تعلق** آهي، تہ اهي ايترا گهڻا آهن جو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهن ۽ ان ڪري اسان هن سلسلي ۾ اختصار کان ڪم ورتو آهي.

بابن جي فهرست هن ريت آهي:

مقدمو: جنهن ۾ پيري مريدي، ڄمڻ جي تاريخ ۽ انهن ماڳن جو ذڪر آهي، جتي حضرت جن جي بزرگن رهائش اختيار ڪئي. اهو مقدمو وري ٻن فصلن تي مشتمل آهي.

پهرين فصل ۾ پيري مريديءَ جو ذڪر ۽ حضرت جن جي ڄمڻ جو بيان آهي.

ٻئي فصل ۾ انهن ماڳن جو بيان آهي، جيڪي وقت جي اوليائن سان گڏجي پاڻ ڏنائون.

باب پهرئين ۾ حق جي طلب، حال لڪائڻ، تجريد تفريد، ورد وظيفن کان علاوه وعظ ۽ نصيحتون آهن، جيڪي حضرت جن مريدن کي ارشاد طور چيا. اهو باب وري ٻن فصلن ۾ ورهايل آهي. فصل پهرئين ۾ نصيحتن جا نڪتا ۽ انهن جي سمجهاڻي آهي. ٻئي فصل ۾ ورد وظيفا بيان ٿيل آهن.

باب ٻئي ۾ سوال جواب آهن، جيڪي ڪائڻ ڪنهن پڇيا ۽ پاڻ انهن جا جواب ڏنائون.

باب ٽئين ۾ حلم، تواضع ۽ سندن مجاهدي ۽ سخاوت جو بيان آهي. هن باب ۾ وري بہ فصل آهن. فصل پهرئين ۾ فقط حلم، تواضع ۽ مجاهدي جو ذڪر آهي ۽ فصل ٻيو سخاوت جي باري ۾ آهي.

باب چوٿين ۾ سماع، محبت، وجد ۽ شوق جو ذڪر آهي.(5) هن باب جا پڻ بہ فصل آهن. فصل پهرئين ۾ سماع ۽ وجد جو بيان آهي ۽ ٻئي فصل ۾ محبت ۽ شوق.

باب پنجين ۾ توحيد ۽ ان بابت اعليٰ فڪر جا نڪتا ۽ انهن جي سمجهاڻي ڏنل آهي.

باب ڇهين ۾ نبين، ولين ۽ اڳين پوين بزرگن جون حڪايتون ڏنل آهن، جيڪي حقائق ۽ دقائق سان لبريز آهن. هن باب ۾ ٽي فصل آهن. پهرئين فصل ۾ انبيا عليهم الصلواة والسلام جون حڪايتون ۽ آخرت جو ڪجهه ذڪر به شامل آهي. ٻئي فصل ۾ بزرگان سلف جي حقيقتن جو ذڪر آهي. ٽئين فصل ۾ سنڌ جي ولين ۽ بزرگن جا دقيق نڪتا بيان ٿيل آهن.

باب ستين ۾ حضرت جن جي تصرفات ۽ خوراق عادات کان سواءِ سندن برڪتن ۽ ڪرامتن جو تفصيل آهي. هن باب ۾ ٻه فصل آهن. پهرئين فصل ۾ تصرفات جو ذڪر ٻئي فصل ۾ ڪرامتن ۽ برڪتن جو بيان آهي.

پڇاڙي: حضرت جن جي وفات جي تاريخ ۽ پنهنجي فرزندن جي باري ۾ جيڪي فرمايائون بيان ٿيل آهي. هن جا به ٻه فصل آهن. پهرين فصل ۾ وفات جي تاريخ (6) ۽ ٻئي فصل ۾ اهي سخن ۽ گفتا، جيڪي پنهنجي پٽن لاءِ چيائون.

مقدمي ۾ پيري مريدي جي ذڪر کان علاوه ڄمڻ جي تاريخ ۽ انهن ماڳن جو بيان آهي، جيڪي وقت جي قطب، زماني جي سرموڙ، طريقت جي سالڪن جي رهبر، شريعت جي عالمن جي نگران، ولايت جي آسمان جي سج، سعادت جي دائري جي مشتري ڏانهن نسبت رکن ٿا.

جيڪو معرفت جي آسمان جو قطب، اهل حقيقت جو مددگار، انسانن جي سونهن ۽ اسلام جي چمڪ، غريبن جو حامي، فقراء جو نگهبان، فاضلن جو مربي، پرهيزگارن جو پسنديده، سنڌ جي بزرگن جو افتخار، شريعت تي عامل ۽ طريقت ۾ ڪامل، ملڪ خداوندي جو مددگار آهي، يعني حضرت سيد عبدالڪريم سنڌي رحمة الله عليه ۽ سندس بزرگن بابت آهي.

مقدمو

مقدمو ٻن فصلن تي مشتمل آهي. پهريون فصل پيري مريدي ۽ تاريخ ولادت بابت آهي. ٻيو فصل انهن ماڳن مڪانن بابت آهي، جتي سندن آبا و اجداد رهائش اختيار ڪئي.

فصل پهريون

پيري مريدي ۽ تاريخ ولادت:

ڀٽائڻ گهرجي ته سيد عبدالڪريم جي ولادت متعلوي يعني مٽياري جيڪو سنڌ جو هڪ پرڳڻو آهي، سال 944 هجري ڌاري ٿي. حقيقت موجب پاڻ اويسي هئا. (7) جئن سندن وڏن کان نقل آهي ته جوانيءَ ۾ پاڻ سماع ڏي گهڻو مائل هئا ۽ هڪ ڏينهن جڏهن پاڻ سماع ۾ مشغول هئا. ته سندن وڏو ڀاءُ ميان سيد جلال جيڪو پاڻ وقت جو عارف هو، اتي اچي نڪتو. هن کين ڳل تي چماٽ وهائي ڪڍي ۽ اتان اٿاري زوري وٺي اچي پنهنجي نيڪ سيرت والده ماجده وٽ پيش ڪيائين ۽ چوڻ لڳو ته مان کو علم نه پرايو ۽ پاڻ کي ضايع ڪيم. هي پڻ گهري ٿو ته ڪجھ نه پڙهي ۽ رڳو سماع ۾ وقت ضايع ڪري. جيڪا ڳالھ بلڪل نامناسب آهي. چون ٿا ته ان وقت حضرت جن هي بيت پڙهيو:

[1]

اِن دَرِ سندي مڱڻي، اِڳي اِيئن نه هيرَ،
جيئن ڊِڱها ڪري پير، سڄيون راتيون سمهي.

["انهيءَ در جي مڱڻي کي اڳي اها عادت نه هئي، ته سڄيون راتيون پير ڊگها ڪري سمهيو پيو هجي"!]

وڏيڪ روايت ٿا ڪن ته جڏهن ميان سيد جلال حضرت جن کي اهڙيءَ ريت چماٽون هڻي وٺي آيو. ته والده مٿس ڪاوڙ ڪئي ۽ کيس چيائين ته شاھ ڪريم کي ٻيهر ڪجھ به نه چئج. ڇو ته توکي هن جي درجي ۽ مرتبي جي ڪا خبر ڪونهي. ائين چئي والده کين هيءَ ڳالھ ڪري ٻڌائي. (8)

هڪ دفعي عارف بالله سيد حيدر متعلوي جون مينهون گم ٿي ويون. هن جي پٽن ڏاڍي ڳولا ڪئي، پر مايوس ۽ دلگير ٿي ويهي رهيا. آخر ۾

حضرت رسالتمآب ﷺ جن غيب جي پردي مان سندن خبرگيريءَ واسطي انهيءَ جي گهر تشريف فرما ٿيا. آءٌ انهيءَ وقت شاهه ڪريم ڪي هنج تي کڻي پنهنجي گهر جي دروازي تي بيٺي هئس ته اوچتو پاڻ ڪريم ﷺ جن انهيءَ گهر مان ٻاهر نڪتا. مان ادب خاطر گهر جي ڏيڍيءَ ۾ پاسيري ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ته پاڻ فرمايائون ته پري نه وڃجو. تڏهن شاهه ڪريم کي کڻي سندن آڏو ڪيم ته پاڻ پنهنجي پڪ مبارڪ سندن وات ۾ وڌائون ۽ ان کانپوءِ پاڻ هليا ويا. مطلب ته اها بزرگي ۽ ڀلائي سڀ ان ڳالهه جو نتيجو آهي.

حضرت جن جي مرتبي جو ٻيو سبب پڻ بيان ڪيو وڃي ٿو، جيڪو وري هن ريت آهي. والده چيو ته شاهه ڪريم اڃان منهنجي پيٽ ۾ هو ته هڪ ڏينهن حضرت رسالت مآب ﷺ جن غيب جي پردي مان پنهنجو منهن مبارڪ ڏيکاريو جنهن جي ڪري اسان جو گهر روشن ۽ پرنور ٿي ويو(9) مون ڏٺو ته پاڻ شاهه ڪريم کي کڻي منهنجي هٿن ۾ ڏنائون ۽ چيائون ته هيءَ اسانجي امانت آهي، ان جو خيال ڪر ۽ ان جو نالو عبدالڪريم رکج.

ميان سيد جلال چيو ته جڏهن مون پنهنجي ماءُ کان اها ڳالهه ٻڌي ان کانپوءِ وري ڪڏهن شاهه ڪريم کي ڪجهه به نه چيم. بلڪ جيئن وڻندو هوس، تيئن پيو ڪندو هو ۽ آءٌ ان کي قبول ڪندو ويندو هوس، آخر کيس چئي ڇڏيم ته جيستائين آءٌ زنده آهيان، تيستائين تون ڪو به فڪر نه ڪر. اهڙيءَ طرح تنهنجي عيال جو بار به مون تي آهي. مطلب ته حضرت جن جي خدمت پيا ڪندا هئاسين ۽ سندن ڪونرا به پري رکندا هئاسين. چون ٿا ته جيستائين ميان سيد جلال زنده هو ته شاهه ڪريم فقيرن ۽ درويشن سان صحبت ۾ رهيو ۽ انهن جي خدمت پيو ڪندو هو. جڏهن ميان سيد جلال هن فاني جهان مان دارالبقا ڏي منتقل ٿيو. تنهن کانپوءِ حضرت جن رسالت مآب ﷺ جي فرمودي موجب پنهنجي اهلِ عيال جي خدمت ۾ مشغول ٿيا. نه ته جيڪر اها به هرگز نه قبول ڪن ها.

روايت موجب روحاني تربيت ٻهار ملڪ جي هڪ اهڙي فقير کان حاصل ٿين، جيڪو ان وقت سنڌ ۾ تشريف فرما ٿيو هو. هن سلسلي ۾ حضرت جن جي عقيدتمندن ۽ چاهيندڙن کان روايت آهي ته پاڻ ٻڌايائون ته اها منهنجي جوانيءَ جي ڳالهه آهي، ته هڪ ڏينهن اسانجي ڳوٺ جي مسجد ۾ هڪ درويش

اچي ترسيو(10) هن ٻڌايو تہ سندس تعلق ٻهار سان آهي، جيڪو هندستان جو هڪ شهر آهي. دراصل هو زماني جو مرشد، يڪتا عارف، وقت جو قطب، بينظير پير، تجريد ۽ تفريد جو صاحب، الاهي رازن جو ڄاڻو، ۽ ڏاڍيءَ جي ڪيترين نعمتن سان نوازيل هو. مان سندس خدمت ۾ ڏينهن رات لڳي ويس، وري جڏهن خبر پيم تہ ڪڪڙ کائڻ جو شوقين آهي، تڏهن مورڳو ڪڪڙن جو ولر ڪٺي ڊاريم. پوءِ هر روز ڪڪڙ ڪُهي ۽ پُچي سندن آڏو پيش ڪندو هوس. مطلب تہ سندن خدمت چاڪريءَ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏيم. اٽڪل ڇهہ مهينا هو انهيءَ مسجد ۾ ٽڪيل رهيو، پر مون پنهنجي وسان سندس خدمت ۾ ڪمي اچڻ نہ ڏني. آخر هڪ ڏينهن پاڻ پنهنجو احوال ويهي ٻڌايائين.

"مان اصل ۾ سپاهي هوس. منهنجا مٽ مائٽ ۽ ڀيا قبيلي وارا خوشحال ۽ مالدار هئا. هڪ ڏينهن ڀائرن سان گڏجي جنگ لاءِ نڪتس. جڏهن ٻئي لشڪر هڪٻئي جي سامهون ٿيا ۽ مقابلو شروع ٿيو ۽ جوڌا جوان ڪرڻ لڳا، تڏهن منهنجي هٿان ايترا ماڻهو مارجي ويا، جو انهن جي رت سان منهنجي ترار جو مٺيو برف وانگر هٿ ۾ ڄمي ويو. اهڙي وقت خدا جي خوف اچي ورايو ۽ ان جي محبت اچي غلبو ڪيو، تڏهن پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳس تہ خدا توکي خلق کي قتل ڪرڻ لاءِ پيدا نہ ڪيو آهي.(11) انهيءَ وقت ئي گهوڙي تان لهي، لغام ڀائرن جي هٿ ۾ ڏيئي، چيو: مان تہ هتان ٿي ٿو اچان. اهو بهانو ڪري ڀائرن کان پڇي نڪتس. پر جهنگ جهر جهاڳيندو اچي اهڙي جهنگل ۾ ڦاٿس جتي رڳو هاٿي ئي هاٿي هئا. انهيءَ حيراني ۽ پريشانيءَ جي عالم ۾ ڏينهن جو وڻن ۾ لڪي گذاريندو هوس، تہ جيئن هاٿي ڏسي نہ وٺن ۽ رات جو پنڌ ڪندو هئس. آخر ڏينهن رات ۽ رات ڏينهن ڪري نيٺ انهيءَ خوفناڪ جهنگل مان ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيس ۽ هڪ نئين شهر ۾ اچي پهتس. اهڙيءَ طرح ڪيترا ملڪ ڏسندو ۽ قدرت جا عجيب مشاهدا ڪندو، شهر شهر ڦرندو هتي اچي پهتو آهيان. هڪ اها گهڙي جڏهن گهوڙي تان لهي ڀائرن کي ڇڏي جو نڪتو آهيان ۽ ٻي هيءَ گهڙي تہ وري پنهنجي واپس وڃڻ جو خيال نہ ڪيو اٿم.

پنهنجي احوال کانپوءِ مون کان پڇڻ لڳا. تہ هتي اوهان جي ملڪ ۾ ڪهڙا بزرگ ۽ درويش آهن ۽ اهي ڪهڙي طريقي سان خدا کي ياد ڪن ٿا؟

مون کين ٻڌايو تہ هڪڙو مخدوم نوح آهي ۽ ٻيو سيد ميران يوسف بکري، جيڪو ٺٽي شهر جي ٻاهران هڪ ٽڪريءَ تي رهي ٿو. ان کان علاوه وقت جي ٻين ڪيترن مشهور ۽ معروف درويشن جا نالا ڪٺي ويس ۽ انهن جي ذڪر فڪر جو طريقو بہ ڪيس ٻڌايم (12) انهن سڀني مان سيد ميران يوسف بکريءَ واري جو الله جي ذڪر جو طريقو کين گهڻو پسند آيو. ڇو جو ان کان پوءِ اڪثر انهيءَ طريقي جي تعريف ڪندا هئا. آخر هڪ ڏينهن انهيءَ لاجواب شخص مون کي ذڪر جي تلقين ڪئي. پر ساڳئي وقت چيائين تہ اهو راز ڪنهن تي نہ کولج. مون اها ڳالهہ قبول ڪئي. پر هڪ ڏينهن اوچتو زبان تي آٿي ويئس. ان ڪانپوءِ جڏهن مسجد ۾ ويس ڏسان تہ هو اتان وڃي چڪو هو. انهيءَ واقعي ڏاڍو ملول ۽ دلگير ڪري وڌو. سڄو جهان ڇڻ تہ اونداهو ٿي ويو. ۽ سڀ عيش عشرتون وه محسوس ٿيڻ لڳيون. انهيءَ فڪر ۾ حيران ۽ سرگردان هئس جو اوچتو دل ۾ خيال آيم تہ مبادا سيد ميران يوسف وٽ ويا هجن. اهو سوچي مسجد مان گهر بہ ڪونہ آيس. سڌو ٺٽي ڏي رخ رکيم. ڳوٺ پنيان ڳوٺ لتاڙيندو، تڪليفون ۽ ڪشالا ڪڍندو. آخر سيد يوسف جي دائري تي اچي پهتس. ڏٺم تہ اهو بزرگ اتي وينل آهي. ڏاڍو خوش ٿيس ۽ اڳيون سڀ تڪليفون وسري ويم. ويجهو وڃي سندس منهن مبارڪ کي چڱيءَ طرح ڏسڻ جي ڪوشش ڪيم. تہ سندن بلند درجات ۽ شرح صدر جو احساس ٿيڻ لڳو. مان اچا سوال ڪرڻ وارو هئس تہ پاڻ چوڻ لڳا تہ سيد ميران يوسف جي جيڪا تعريف ٻڌي هئي سون. اها سڀ سچ هئي. بلڪ ان کان وڌيڪ ڏٺوسون. (13)

نوبڪلائي ۾ ملاقي ٿي کين اهو سڀ ڪجهہ ٻڌايم. جيڪي شروع کان آخر تائين مون تي وهي واپري چڪو هو. اوچتو جڏهن سندن نظر منهنجي اگهاڙن پيرن تي وڃي پئي تہ پنهنجا پيزار يعني جوتا لاهي مون کي پائڻ لاءِ ڏنائون ۽ چيائون تہ حج تي تا وڃون. اهي اسان لاءِ تڪليف جو باعث آهن. مون اهي وٺي ڪٺي پاڻ وٽ رکيا. پر پائڻ جي همت نہ ٿيم. بلڪ اهي تحفو سمجهي سيني سان سانڊڻ لڳس. خيال ڪيم تہ انهن کي سبائي مٿي تي پڳڙي ڪري رکندس. جيتوڻيڪ سيد ميران يوسف صلاح ڏني تہ پيرن ۾ پائي ڇڏ. پر مون اها ڳالهہ قبول نہ ڪئي. پوءِ فرمايائون تہ پلا ان مان ٽوپي سبرائي مٿي ۾ وجهہ. مون ٽوپي ساز وٽ ٽوپي سبرائي. مٿي ۾ پائي وڃي سندن حضور ۾

حاضر ٿيس. اهو ڏسي پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ مصلي هيٺان پيل پئسا ڪڍي مون کي ڏيندي چيائون، ته انهن جون نئين شهر مان مانيون وٺي اچ. مون اهي پئسا تبرڪ سمجهي پاڻ وٽ رکي ڇڏيا ۽ پنهنجي پئسن جون مانيون وٺي آيس. پر ڇا ڏسان ته پاڻ آهن ئي ڪونه. پڪ ٿيم ته اتان هليا ويا آهن. مون کي ڏاڍو جهٽڪو لڳو. جهڙو زمين پيرن هيٺان نڪري وئي هجي. اڳين خوشي ۽ سرور ويندو رهيو ۽ ان جي جاءِ تي غم ۽ اندوه ڇانئجڻ لڳي. ماني مٽي تي انهيءَ فڪر ۾ غلطان ڪين هر وسندي ۽ واهڻ ۾ ڳوليم. آخر گهڻن ڪشالن ۽ تڪليفن کان پوءِ بندر جي شهر ۾ (14) جيڪو سنڌ جو ٺٽي شهر آهي، اتي ڪين ڳولهي هٿ ڪيم. پاڻ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي روانا ٿيڻ وارا هئا. مون به جلدي ڪري اهي مانيون کولي سندن اڳيان رکي، ادب سان ٻيهي رهيس. مون کي ڏسي سندن منهن تي مرڪ تري آئي ۽ منهنجي تڪليفن ۽ حالت کي ڏسي همدردي ڪرڻ لڳا. اتي ئي هڪ ڪڙو ڪٽي منهنجي هٿ ۾ ڏنائون ۽ چيائون ته وڃي عيال جو قوت ڪر. جيئن اهو ڪڙو هٿ ۾ ورتم ته سون جو ٿي پيو. مون عرض ڪيو ته آءٌ سون واسطي توهان جي پٺيان نه آيو آهيان. تڏهن پاڻ وڌيڪ مهربان ٿيا ۽ چيائون ته پنهنجي موٽي وڃ. چيم ته توهان جي خدمت کانسواءِ مون کي قرار ۽ آرام نه ايندو ۽ پريشان گذاريندس. ڇا ڪجي جو مقصد حاصل ٿئي، سواءِ خدمت جي دعا جي طلب ڪرڻ به نٿي ٿئي. هاڻي منهنجي حق ۾ دعا ڪريو. فرمايائون ته وڃ ٻن ٽن سالن کانپوءِ تنهنجي دل ۾ عشق خداونديءَ جو اهو مچ ٻرندو جو تون خوش گذاريندين. باقي هاڻي وڃي منهنجي بدران پنهنجي اهل عيال جي خدمت ۾ مشغول ٿيءُ. پنهنجي زبان مبارڪ سان اهي الفاظ چئي موڪلائي روانا ٿيا ۽ آءٌ پاڻ کي انتهائي بيوس محسوس ڪرڻ لڳس.

هيءَ انهيءَ وقت جي ڳالهه آهي، جڏهن آءٌ سندس ڳولا ۾ در در پئي ڀٽڪيس. انهيءَ دوران آءٌ پير آر وٽ وقت جي عارف شيخ پٺي رحمة الله عليه جي مقبري تي اچي نڪتس. (15) اتي مون هڪ ڪنڊ ۾ ڇٽن فقيرن کي ويٺل ڏٺو. انهن مان هڪڙو اٿيو ۽ ڪستو هٿ ۾ کڻي گدائي لاءِ پير آر شهر ڏانهن ويو ۽ جلد ئي ڪاڏي سان ڀري واپس آيو. پوءِ اهو ڪاڏو انهن مان هڪ ڇٽي جي اڳو آندو ويو. جنهن ان جا پنج حصا ڪيا. چار پاڻ ۾ ورهائي ڪنيائون ۽ هڪڙو حصو مون کي ڏنائون. جڏهن کان اهو لقمو ڪاڌو اٿم، تڏهن کان وٺي مون لاءِ

ڪاٺ نہ ڪاٺ برابر آهي، جڏهن تہ وجود مان بشريت جي صفت ئي ختم ٿي وئي هُئي. حضرت جن جي هڪ ٻئي مخلص کان نقل آهي تہ پاڻ چيائون تہ جڏهن آءٌ انهن فقيرن وٽ پهتس تہ انهن مان هڪ ڇٽي زمين تان هڪ اهڙي ڪاني کڻي مون کي ڏني جنهن کي چوسڻ کان پوءِ مون منجهان ڪجهہ نہ ڪاٺ ڪري ٻڪ لڳڻ واري انساني صفت ختم ٿي وئي.

شاهہ ڪريم جي انهن بزرگن کان علاوه وقت جي عارف ۽ قطب مخدوم نوح ؒ، وقت جي ولي سيد ميران يوسف بکري جيڪو ٺٽي جو رهندڙ هو ۽ مخدوم آدم سميجو جيڪو ڪلاڻ ڳوٺ ۾ رهائش پذير هو، ۽ جيڪي پنهنجي وقت جا اولياءُ هئا. تن سان خاص صحبت رهي.

فصل ٻيو

شاهہ ڪريمہ جو مرتبو ۽ مقامہ:

ڇاڻ گهرجي تہ حضرت جن جا ايترا مقامات آهن، جو لکت ۾ آڻڻ کان ٻاهر آهن. البت جيڪي ڪجهه سنڌ جي بزرگن کان بيان ٿيل آهن، اُنهن جو هت ذڪر ڪجي ٿو. (16) نقل آهي تہ مشهور بزرگ ۽ عارف حاجي شورو جيڪو جوڻ پرڳڻي ۾ وره جو رهندڙ هو، اهو چوندو هو تہ سيني بزرگن ۽ اوليائن کي خداتعاليٰ سان ڪا ساعت نصيب ٿيندي آهي. ليڪن حضرت جن کي دائمي وقت هو ۽ ان جي ٻي ڪنهن کي خبر ڪونہ هئي.

ٻئي دفعي حاجي شوري وٽ هڪ فقير اچي ڪين ٻڌايو تہ حضرت جن جا مريد چون ٿا، تہ اسين خداتعاليٰ جو مشاهدو ماڻيون ٿا. توهان ٻڌايو تہ اهي ڪوڙ ٿا ڳالهائن يا انهيءَ دعوئ ۾ ٿورو گهڻو سچا آهن. چيائين تہ بلڪل سچا آهن. اسان بہ ايڪويهن بزرگن جي خدمت ڪئي آهي. جهڙوڪ: مخدومہ اسماعيل جاڳو ۽ سيد رڪن الدين رحمة الله عليہ وغيره. پر ڪٿان گوهر مقصود حاصل نہ ٿيو. جڏهن حضرت جن جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيمہ تہ پاڻ هٿ جي اشاري سان چيائون "اهو" آهي يا نہ! بس لفظ "اين " يعني "اهو" چوڻ سان مون کي پنهنجو اصل مطلب حاصل ٿي ويو. انهيءَ ڪري جيڪي هر وقت سندن خدمت ۾ حاضر هوندا هئا، تن کي اهو مرتبو ڇو نہ ملندو؟!

چون ٿا تہ حاجي شوري جا ڪيترائي مريد هئا، پر حضرت جن جي خدمت ۾ آيو تہ مٿس حضرت جن جي نگاهہ جو ايڏو اثر پيو. جو چيائين تہ سندن هوندي اسان کي ڪنهن کي مريد ڪرڻ نہ جڳائي ۽ ان کان پوءِ پنهنجي مريدن کي چيائين تہ اڄ کان اسان پاڻ سائين جن جا مريد آهيون. (17) ۽ توهان بہ سندن مريد آهيو. بلڪ مريدن کي نصيحت ڪيائين تہ هن کان پوءِ مٿان ڪو دل ۾ ٻيو خيال آڻيو.

درويش صابر سومرو جيڪو قطب زمان مخدومہ نوح عليہ الرحمة جي خاص مريدن مان هو، تنهن جو پڻ چوڻ هو تہ هر ولي کي اهڙو وقت ميسر اچي ٿو، جنهن ۾ الله تعاليٰ جي مشاهدي سان واصل ٿئي ٿو. ليڪن حضرت جن تورڙي جو

زمين تي ليٽيل هوندا هئا، تہ بہ حق جي مشاهدي ۾ محو هوندا هئا.

بيو نقل آهي، تہ درويش بهاءُ الدين گودڙيو جيڪو پڻ مخدوم نوح رحہ جي خاص خليفن منجهان هو. اهو چوي ٿو تہ هڪ ڏينهن آءٌ حضرت جن وٽ آيس. ڪين عرض ڪيم تہ سائين، جنهن نظر سان خدا جو ديدار ڪريو ٿا، مون تي بہ اها نظر شفقت ڪيو. ائين بہ چوندو هو تہ منهنجي هميشہ اها تمنا رهي، تہ حضرت جن جي اهڙي صحبت جو موقعو ملي، جڏهن بيو ڪوبہ نہ هجي. اهو بہ سندس قول آهي تہ حضرت جن جو پاسو ڪوڙي سمهڻ، اسانجي ڪيترين عبادتن کان بهتر آهي. حضرت جن خدا جي راهہ کي ايترو تيزيءَ سان طي ڪن ٿا، جو رڳو پاڻ کي خبر ائن(18) باقي اسان کي تہ ڪا خبر ناهي. بهاءُ الدين گودڙيي چيو تہ مون جيڪي اوليائن جي باري ۾ رسالا مرتب ڪيا، اهي حضرت جن ئي سمجهندا هئا، ان ڪري سندن وفات کان پوءِ مون اُهي ڪڏهن کولي بہ نہ ڏٺا.

نقل آهي تہ وقت جو عارف ۽ شيخ حضرت ميان سيد ابراهيم ولد پير طريقت سيد يوسف جيڪو ميان سيد جعفر جو ڏاڏو هو ۽ ڪيس حضرت جن وٽ وڏي رسائي هئي، ان جو قول آهي تہ جنهن ڏينهن کان حضرت جن محبت ۽ شوق جي گهوڙي کي تقويٰ جي تازياني سان ڊوڙايو آهي، تڏهن کان وٺي ان جو لغام ڍرو نہ ڪيو آهي.

ميان ابراهيم ولد مخدوم نوح رحہ جو قول آهي، تہ اسان کي فن حڪمت مان ڪجهہ حصو مليو آهي، پر حضرت جن زماني جا لقمان حڪيم آهن ۽ ڪين سيئي فن ۽ هنر اچن ٿا.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن زماني جو عارف ۽ دانشمند مخدوم ضياءُ الدين وعظ ڪري رهيو هو، حضرت جن اڃان صغير هئا، ليڪن پاڻ هڪ ڪنڊ ۾ ويهي اهو وعظ ٻڌي رهيا هئا. وعظ ختم ٿيڻ کانپوءِ جيئن شاهہ ڪريم اٿي هلڻ لڳو تہ مخدوم جي نظر سندس پٺيءَ تي پئجي وئي(19) تہ ڏسڻ شرط چيائين، سبحان الله! هي ڇوڪرو هن عمر ۾ ئي حضرت خضر عليہ السلام سان صحبت ۾ آهي، جيڪڏهن ڪيس جوانيءَ ۾ ڏسان ها تہ کهڙو نہ چڱو ٿئي ها!

نقل آهي تہ درويش مهراڻ نهڙيو جيڪو پاڻ بزرگي ۽ درويشيءَ ۾ ناليرو هو، تنهن جو مرشد وفات ڪري ويو. گهڻي وقت کانپوءِ ڪيس حضرت

جن جي قدمبوسيءَ جو شرف حاصل ٿيو. حضرت جن کان ايترو متاثر ٿيو جو حاضرين کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو تہ مدت ٿي منهنجو مڙس گذاري ويو ۽ آءٌ بغير مڙس جي هئس، پر هيئر اوهان سڀني کي شاهد بنائي حضرت جن کي آءٌ پنهنجو مڙس ٿو قرار ڏيان يعني کين پنهنجو مرشد ٿو تسليم ڪريان ۽ پنهنجي گردن سندن غلاميءَ ۾ ٿو ڏيان.

درويش صالح سومري کان نقل آهي تہ حضرت جن لاءِ لذيذ طعام ۽ اوچا لباس سندن گدائي واري طبع جي لحاظ کان برابر هئا. يعني سندن طبيعت تي انهن جو ڪو اثر نہ ٿئي، پر ٻين جي ڪري نڪو اهڙا کاڌا کائيندا هئا ۽ نہ اهڙو لباس پهريندا هئا. بلڪ ڇتين لڱل لباس تي قناعت ڪندا هئا تہ جٿن مردن لاءِ اوچو لباس ۽ سٺو کاڌو حجت يعني ضروري نہ ٿي پوي.

نقل آهي تہ درويشي رنگ ۾ رتل پير طريقت ميان عبدالعزيز جيڪو ڏاڏونءَ جو رهاڪو هو، هڪ ڏينهن حضرت جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو ۽ پٺي هٿ سيني تي ٻڌي با ادب بيهي رهيو. حضرت جن فرمايو تہ ڪير بيٺو آهي؟(20) هن جواب ڏنو، عبدالعزيز! چيائون، ٻلي ڪري آيا. ان ڪانپوءَ سندس هٿ هٿ ۾ ورتائون. عبدالعزيز چوڻ لڳو تہ جڏهن کان اوهان جو اهو قول ٻڌو اٿم تہ ڦٽيل کي ٻيهر ڦٽ نہ ڏجن، تڏهن کان سچيءَ دل سان پرپٺ اوهان جو مريد ٿيو آهيان.

هڪ ڏينهن انهيءَ بزرگ کان پڇيائون تہ حضرت جن ۽ بهاءُ الدين گودڙيي جي باري ۾ تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟ چوڻ لڳو تہ بهاءُ الدين ڪنهن جيڏي ماڻهوءَ کي ماري سگهي ٿو، پر مئل ماڻهوءَ کي جياري نٿو سگهي. پر حضرت جن ولايت جي اهڙي درجي تي آهن، جو اهي ٻئي ڳالهيون ڪري سگهن ٿا.

فاني في الله ۽ عارف بالله ميان عيسيٰ رحمة الله عليه جيڪو حضرت جن جي تمام پيارن مريدن منجهان هو، تنهن چيو تہ مون گهڻائي ملڪ ڏٺا، وڏي محنت ۽ ڪشالا ڪيم ۽ گهڻن بزرگن جي خدمت ڪيم. ايتريقدر جو آخر تنگ ٿي پيس. ڪٿان بہ مقصد حاصل نہ پئي ٿيو. آخر جڏهن حضرت جن جي خدمت ۾ آيم تہ انهن سڀني رولڙن کان جان خلاصي ٿي ۽ مون کي پنهنجو مقصد حاصل ٿيو.

نقل آهي تہ شروع وارن ڏهاڙن ۾ حضرت جن خدا جي طلب ۾ ڪنهن طرف

نکري پوندا هئا. هڪ ڏينهن درياءَ جي ڪناري تي اچي پهتا. وضو ڪري نفل نماز ۾ مشغول ٿي ويا. جڏهن نماز پوري ڪري ساڄي طرف سلام ڦيريائون، تڏهن ان طرف جي دنيا ۽ ان جي حقيقتن جو ڪشف حاصل ٿين.(21) ۽ اهڙي طرح کابي طرف سلام ڦيريائون ته ان طرف جيڪي ڪجهه هو، ان جي خبر پين.

درويش صابو سومرو چوندو هو، ته هالڪنڊي جيڪو مخدوم سرور نوح عليه رحمة جي رهائش آهي، اهو "بهشت اول" آهي، ته حضرت جن جي رهائش "بهشت ثاني" آهي.

درويش احمد کان نقل آهي ته جيڪو ماڻهو حضرت جن جي صحبت ۾ ايندو هو، پوءِ هڪ مهينو هجي يا هڪ گهڙي، پر موڪلائڻ وقت روئيندو ويندو هو ۽ حضرت جن جي صحبت ڇڏڻ ڪيس ناگوار گذرندي هئي.

ان وقت جي سچاڻ عالم ميان عبدالرشيد بصير کان نقل آهي ته جڏهن اسان حضرت جن کان ڪو نقطو ٻڌندا هئاسين، ته ائين محسوس ٿيندو هو ته معنيٰ ۽ فهم جا الائجي ڪيترا وڏيڪ نقطا کلڻ وارا آهن. ليڪن اوچتو اجل اچي سندن مٿان بيٺو ۽ هن فاني جهان مان ڪوچ ڪري ويا.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن واڻ ويندي فقير بهاءُ الدين گودڙئي پٽ تان اڌ ڪارڪ جو لڌو، جيڪو ڪٺي هٿ ۾ ڪيائين. پڇيائونس ته ڇو ڪنيو اٿئي؛ جواب ڏنائين ته ان تي الف لکيل آهي. حضرت جن جڏهن اها خبر ٻڌي ته پاڻ فرمايائون: "اسان ڪهڙي شيءِ پٽ تان کڻون ڇو ته هر شيءِ خدا تعاليٰ کي پئي ياد ڪري. البت بهاءُ الدين ويچاري جي رڳو ڪارڪ جي ڪڪڙيءَ تي وڃي نظر پئي."(22)

نقل آهي ته ابوبڪر پٽ بايزيد وقت جو هڪ بزرگ ۽ پهتل شخصيت هو ۽ هو سوڍن جو رهندڙ هو. ان جي پٽ کان روايت آهي ته هر وقت اسان جي پيءُ تي وجد ۽ حال جو غلبو رهندو هو ۽ جڏهن به مٿس اها ڪيفيت طاري ٿيندي هئي، ته اسان کي گهرائي چوندو هو، ته حضرت جن جي خدمت ۾ وڃو. هڪ ڏينهن پڻ مٿس ساڳي ڪيفيت طاري ٿي ۽ نهايت تاڪيد سان چيائين ته وڃي حضرت جن جي خدمت ۾ رهو. ان کان پوءِ هي واقعو سندس زبان تي آيو ته هڪ ڏينهن آءٌ ٻنيءَ ۾ ويٺو هوس. اوچتو ڏٺم ته آسمان تي ڪڪر ڇانئجي ويو ۽ ان ڪڪر مان هڪڙو شخص ظاهر ٿيو. جنهن جي نوري نظر سان مون

ڪي الاهي تجلي عنايت ٿي ۽ خدا جو وصال ميسر ٿيو. انهيءَ ڪيفيت سبب آءٌ ذري گهٽ ديوانو ٿيڻ وارو هوس. پر مولا جي مهرباني ٿي جو ان شخص مون کي هدايت ڪندي چيو ته: "اي پٽ. وصال جي باري ۾ ڪا شيءِ بيان ڪر ته وصال ڪيئن آهي!" اهي لفظ ٻڌي منهنجا هوش ٺڪاڻي تي اچي ويا. آءٌ ڪجھ به ڪيجي نه سگهيس. ان تي چيائون ته ڪڏهن ڪڏهن وصال ٿئي ٿو. پر حضرت جن لاءِ چون ٿا ته سندن اڪيون دائمي طور خدا جي وصال ۾ محو رهنديون هيون. (23) چيائين: هائو! اها ڳالهه صحيح آهي ۽ ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي. ان جو مثال ائين آهي جيئن واڳون هميشه پاڻيءَ ۾ رهندو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن منهن مٿي ڪري اکيون کوليندو آهي.

نقل آهي ته هڪ شخص پنهنجي مقصد خاطر شيخ پنيؒ جي مقبري تي اچي ويٺو ۽ عبادت ڪرڻ لڳو. رات جو ڪيس خواب ۾ هڪ بزرگ اچي چيو ته خلق خدا جي پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ واسطي حضرت جن ڏانهن ٿي رجوع ڪري. تون هتي ويٺو ڇا پيو ڪرين! جيئن سجاڳ ٿيو ته سڌو اچي حضرت جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ جلد ئي خاص مريدن ۾ شمار ٿيڻ لڳو.

باب پهريون

حق تعاليٰ جي ذڪر ۽ طلب، خود قرباني ۽ حال لڪائڻ بابت - ورد وظيفا، وعظ ۽ نصيحتون جيڪي فاني في الله ۽ باقي بالله، عشق ۽ معرفت جي داناءَ، شوق ۽ احسان جي درياهه، حظيره قدس جي ساڪن، رضا جي چشمي، وفا جي نقطي، وقت جي شيخ ۽ پير، اڪابرن ۽ ابرارن جي شرف ۽ شان، اسرارن جي واقف ۽ انوارن جي معدن، درويشن جي سردار، بي خويشيءَ ۾ معمور، روحاني قلبي، جسم ۽ جان جي ڪعبي، سبحان ۽ ذات صمد جي مقرب، يعني حضرت سيد عبدالڪريم سنڌي رحہ جيڪي مريدن ۽ مخلصن لاءِ هدايت طور جيڪي فرمايو. (24) هي باب ٻن فصلن تي مشتمل آهي. پهريون فصل حق تعاليٰ جي ذڪر ۽ خود قرباني، پاڻ لڪائڻ، تجريد ۽ تفريد ۽ انهن جي سمجهاڻيءَ بابت آهي.

فصل پهريون

حق جو ذڪر ۽ ان جي سمجهاڻي:

فرمايائون: **فوت الانفاس قتل الانبيا** ' بغير حق معنيٰ ياد خدا کان دم يا ساهه جي غفلت نبين جي ناحق قتل برابر آهي." چيائون تہ پنهنجي ساهه پساهه جي سنڀال ڪريو ۽ هر ساهه کڻڻ سان الله پاڪ جو نالو وٺو، ڇو تہ هرهڪ پساهه توهان لاءِ خدا جي امانت وانگر آهي. ان ڪري جنهن هر ساهه سان خدا کي ياد ڪيو، تنهن ڄڻ تہ امانت باسلامت حق ادا ڪيو. پر جنهن هڪڙو دم بہ خدا جي ياد کانسواءِ ڪنيو تنهن گويا امانت ۾ خيانت ڪئي.

هڪ مخلص کان نقل آهي تہ هڪڙي ڏينهن وقت جي زاهد ميان عبدالله سان گڏجي حضرت سيد صاحب وٽ وياسون. ڪجھ ڏينهن وٽن هئاسون ۽ صبح جو موڪل گهريسون، تڏهن فرمايائون، جتي بہ هجو خدا تعاليٰ کي ظاهر توڙي باطن ۾ هر وقت ياد ڪندا رهو، ۽ جيڪڏهن ان جي محبت دل ۾ رکو تہ پوءِ اهو شرم ڪجو تہ ڪهڙي هنڌان تي آيا آهيو ۽ ڪنهن جي صحبت ۾ رهي آيا آهيو.

[2]

تون چوءِ الله هيڪڙو، وائي ٻي م سڪ
سچو اڪر من ۾، سوئي لڪئو لڪ.

[تون چئو الله هڪڙو آهي ۽ ٻي ڪا ڳالهه نہ سڪ. اهو ئي سچو اکر دل ۾ وري وري پيو لک يعني ورجاءِ.]

فرمايائون تہ پنهنجي پساهن کي خدا جا قاصد يعني پيغام پهچائيندڙ ڪري ڄاڻو. جيڪو ساهہ خدا جي ياد ۾ ڪنيو اهو سڄايو آهي جنهن کي ڇٽڪ توهان سينگاري ان جي حضور ۾ موڪليو ٿا. (25) پر جيڪڏهن ڪو دم خدا جي ياد کانسواءِ ڪنيو تہ ڄڻ توهان هڪ نبيءَ کي قتل ڪيو. ان ڪري سياڻي توهان کان پڇا ٿيندي تہ منهنجي نبين کي ڇو قتل ڪيو؟

فرمايائون تہ طالب کي گهرجي تہ هلڻ وقت اڪيلو هجي ۽ پنهنجي پيرن ۾ نظر رکي ۽ هيڏانهن هوڏانهن نہ ڏسي. ڇو تہ نگاهہ ڊوڙائڻ دل جي پريشاني ۽ خرابيءَ جو سبب بڻجي ٿي. مطلب تہ هر قدم تي الله جو نالو وٺي ڇو تہ عمر ائين گذري ويندي ۽ سڄ هڪ هنڌ ٻيهي ڪو نہ رهندو. ائين پساهہ پورا ٿي ويندا.

فرمايائون تہ جيڪڏهن توهان کي ڪا اهڙي شيءِ ملي ٻہ وڃي، جنهن سان اوهين ترقي ڪري سگهو. پر خدا جو قسم جيڪڏهن اها شيءِ سنت رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي موافق ناهي، تہ ان کي الله جي واسطي ڇڏي ڏيو. پوءِ پلي ان ۾ توهان جو ڪيڏو ٻہ نفعو ڇو نہ هجي!

فرمايائون تہ طالب کي ٽي ڪم ڪرڻ گهرجن: (1) بکيو رهڻ (2) اڪيلائي ۾ رهڻ (3) خدا جو گهڻي محبت سان ذڪر ڪرڻ.

فرمايائون تہ هميشہ خاموشي اختيار ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ڪو توهان کان ڪنهن شيءِ بابت پڇا ڳاڇا ڪري تہ ان کي زبان سان جواب نہ ڏيو، بلڪ ان کي هٿ جي اشاري سان ٻڌايو. اهو ان ڪري تہ جيئن اها گهڙي ٻہ حق جي ذڪر کان وانجهيل نہ رهجي وڃي.

هڪڙي مريد کان نقل آهي تہ هڪ رات حضرت جن جي خدمت ۾ ويٺا هئاسون تہ ڪتي جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. جنهن تي چيائون: سبحان الله جن کي جاڳڻ جو حڪم آهي اهي غفلت جي ننڊ ۾ آهن. ۽ هو ويچارا سجاڳ

آهن. (26) وڌيڪ چيائون تہ بہ ڄڻا گڏجي سفر نہ ڪريو. پر جي سفر تي نڪرو تہ پوءِ الڳ الڳ ٿي وڃو. بلڪ اهڙيءَ طرح جو هڪڙي کي ٻئي جي پاڇي جي بہ خبر نہ پوي. ڇو تہ ٻئي ماڻهوءَ جي پاڇي سان دل ۾ وسوسو پيدا ٿئي ٿو ۽ ماڻهو خدا کان پري ٿي پوي ٿو.

هڪڙي مرد کان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن هو پاڻ ۽ هڪ ٻيو ارادتمند ٻئي گڏجي حضرت جي خدمت ۾ آياسون. ڏنوسين تہ فقير ميان عبدالقدوس نويڪلائي ۾ ساڻن ملاقاتي ٿي واپس وڃي رهيو هو. اسان ٻنهي کي گڏ ڏسي فرمايائون تہ ميان عبدالقدوس ڏاڍو نيڪ ماڻهو آهي جو هو پاڻ اڪيلو آيو ۽ اڪيلو ٿي هليو ويو. اسان کي اڪيلو ماڻهو گهڻو پسند آهي، ان کان جو ماڻهو گڏجي ڪنهن وٽ وڃي. وڌيڪ چيائون تہ ماڻهوءَ کي کپي تہ وڻ تي ٽڙ تان ڇڙهي تہ جيئن ڪيس ان جا ميوا وغيره هٿ اچي سگهن. وڻ جي ٽاريءَ کي جهلڻ ۽ پوءِ ميوا پٽڻ درست ناهي.

فرمايائون تہ طالب کي کپي تہ ڪنهن شيءِ جي تمنا نہ ڪري ۽ لاطمعي اختيار ڪري. بلڪ ڪنهن بہ مراد يا مطلب، ڪشف ۽ ڪرامت، قرب ۽ معرفت وغيره جي اون نہ رکي. ائين بہ چيائون تہ ڪشف ۽ قرب وغيره کي پنهنجو مقصد نہ بڻايو. خدا تعاليٰ چوي ٿو تہ مونکي، ڪو بہ مطلب رکي ياد نہ ڪريو بلڪ مون کي، سواءِ ڪنهن مطلب جي ياد ڇو نہ ٿا ڪريو. وڌيڪ چيائون تہ جيڪو پاڻ کي طالب چوائي ٿو، پر ڪنهن شيءِ يا سبب ڪري خدا کي ياد ڪري ٿو، اهو دراصل خدا سان تعلق نٿو رکي.

ارشاد آهي تہ فقير جي مشغوليءَ جي علامت اها آهي جو واٽ ويندي جيڪڏهن سندس چادر ڪنڊن ۾ ڦاسي پوي تہ ڪيس خبر نہ پوي ۽ نہ وري چادر جي طلب ڪري. چيائون تہ طالب کي ڪوشش ڪري ڳالهائڻ نہ گهرجي، ڇو تہ انهيءَ وقت ۾ الله جي ذڪر کان پري ٿي پوي ٿو(27).

هڪ مريد کان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت جن جي پيرن کي زور ڏيئي رهيو هوس جو خيال آيم تہ سندن لاءِ پاڻيءَ جو ڪونرو پري اچي رکان.

تڏهن پاڻ اجازت ڏنائون، پر چيائون تہ رستي ۾ الله الله ڪندو وڃ ۽ جڏهن ڪرزي کي پاڻيءَ ۾ وجهي پرڻ لڳين، تہ غور ڪجانءِ تہ ان مان کهڙو آواز ٿو نڪري. پڪ ڄاڻ تہ اهو آواز بہ غير الله جو نہ هوندو. ان ڪري تون بہ الله الله ڪندو رهج.

چيائون: اهو شخص خدا جو طالب نٿو ٿي سگهي، جنهن کي دنيا وارا سڃاڻندا هجن يا اهو ڪنهن بہ واسطي سان سڃاتو وڃي يا هو پاڻ ڪنهن بہ کي سڃاڻندو هجي.

ڪنهن بہ ماڻهوءَ ڳالهائڻ ذريعي خدا کي ڪو نہ سڃاتو. تنهن ڪري طالب کي ڳالهائڻ وقت گهٽ فڪر ڪرڻ گهرجي تہ متان ڪٿي پنهنجو نقصان نہ ڪري وجهي.

هڪ مخلص کان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن ڪنهن ڳوٺ ۾ وينا هئاسون تہ حضرت جن وٽ هڪڙو ماڻهو آيو جيڪو چوڻ لڳو تہ مون کي ڏاڍو درد ۽ تڪليف آهي، مون لاءِ دعا ڪريو. پاڻ مون کي اشارو ڪري چيائون تہ ان شخص کان پڇو تہ ڪيس دنيا جو درد آهي يا خدا تعاليٰ جو. اهو ٻڌي ان شخص وراڻيو تہ دنيا جو درد اٿم. تڏهن پاڻ ڏاڍو افسوس ڪندي چيائون تہ اسان سمجهيو هو تہ توکي خدا تعاليٰ جو درد نصيب ٿيو آهي.

جيڪڏهن ڪو طالب رڳو ڳالهين ۾ خدا جو نالو پيو ڪٿندو. پر انهيءَ وقت(دل ۾) خدا کي وساري ويهندو. تہ ان مان ڪو فائدو ناهي. اهڙيءَ طرح غير الله جو ذڪر سندس زبان تي پيو هلندو ۽ وري پيو ان کي ورجائيندو تہ ان مان ڪيس وڏو ڇيهو رسندو. ان ڪان پوءِ هي سنڌي بيت پڙهيائون.(28)

[3]

ڏکين ذاتِ پئو، هينئڙو لوهَ سنداڻَ جيئن،
سَنيارِي ڪي سڄڻين ورڃي تان نہ ويو.

[(منهنجي) دل لوهہ جي سنداڻ وانگر ڏکن جي عادي ٿي وئي آهي. تنهن ڪري سڄڻن جي سنڀار ۽ يادگيري ۾ پگهرجي ختم نٿي ٿئي.]

رات جو تہ هر ڪوئي جاڳي ٿو، پر مرد اهو آهي جيڪو ڏينهن جو خدا کي ياد ڪري(يعني دنيا جا سڀ ڪم ڪاريون وساري خدا کي ياد ڪري).

انسان لاءِ ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو شرف ٿي سگهي ٿو تہ خدا تعاليٰ فرمايو آهي: **فاذكروني اذكر كم**: (سورة 2:152)"توهان مونکي ياد ڪريو تہ آءٌ توهان کي ياد ڪريان". وڌيڪ چيائون تہ طالب کي گهرجي تہ پاڻ کي بحر شهود ۾ اهڙيءَ طرح غرق ڪري جو "اذكروني" کي جدا ڪري.

ننڍپڻ جو ذڪر آهي تہ استاد اسان کي ڪائين ڪرڻ لاءِ جهنگ ۾ موڪليندو هو ۽ هڪ سبق بہ ڏيندو هو تہ اهو ياد ڪري اچجو. پوءِ جڏهن اسين جهنگ ويندا هئاسون تہ ٻيا سڀئي پنهنجو سبق ياد ڪري ونندا هئا. پر آءٌ صرف خدا جو نالو پيو ونندو هوس. موٽي اچڻ ڪانپوءِ جڏهن اهو سبق پڇندو هو تہ ٻيا سڀ ٻڌائي ويندا هئا. پر آءٌ ڪو نہ ٻڌائي سگهندو هوس. جيتوڻيڪ آءٌ پڙهڻ خاطر ڪوشش ڪندو رهيس، پر ڪو فائدو نہ ٿيو.

جيڪڏهن نماز پڙهڻ وقت ڪنهن ٻيءَ شيءِ جو خيال اچي ويو تہ پوءِ ڄڻ انهيءَ شخص ان شيءِ جي عبادت ڪئي.

طالب کي گهرجي تہ ڳالهائڻ وقت گهٽو فڪر ڪري، ڇو تہ ڳالهائڻ ۾ سندس نقصان آهي. (29) فرمايائون تہ الله الله ڇٽو. ٻين جو نالو وٺڻ ڇڏي ڏيو.

[4]

ڇرين جِنِ ڇتِ ڪري، سڳ سڀئي ڇن،
ڪي پائين پرين مڙان تہ مت منهنجي ڳن.

[پنهنجي دل کي ڇرين وانگر ڪري، سيئي لڳ لاڳاپا ڇني ڇڏ. جيڪڏهن تون چاهين تہ محبوب سان ملان تہ منهنجي اها نصيحت وٺ .]

سندن ارشاد آهي تہ غرق(غير سان مشغولي) کان فرق(مولا سان مشغولي) بهتر آهي. **ماجعل الله لرجل من قلبين في جوفه**(4:33) يعني خدا تعاليٰ انسان جي اندر ۾ ٻہ دليون نہ ٺاهيون آهن.

جيڪڏهن طالب کان ڪو گناهہ ٿي پوي تہ رڳو افسوس ڪرڻ ۾ وقت نہ وڃائي، بلڪ يا غافر يا غفار يا غفور پڙهي. پنهنجو حال هٿان نہ وڃائي بلڪ خدا جي ياد ۾ لڳي وڃي.

[5]

پريان سندي ڳالهڙي جيڪو ٻي ڪري،
مت منهنجي ڪن ڪري، تنهن کي جاب م ڏي.

[جيڪڏهن پرين کان سواءِ ڪو ٻي ڪنهن جي ڳالهہ يعني ذڪر ڪري. منهنجي صلاح وٺين تہ ان کي ڪو جواب نہ ڏي يعني ڪو لاڳاپو نہ رک]

جيڪڏهن ڪو مبتدي يعني ابتدائي سالڪ خدا جي ذڪر کان هڪ گهڙي بہ غافل رهندو تہ وچ ۾ وڏو فرق پئجي ويندو. ساڳي حالت منتهي يعني

پڪي پختي سالڪ جي پڻ آهي.

طالب کي گهرجي تہ پنهنجي حال ۾ مشغول رهي، ماضي ۽ مستقبل جي فڪر ۾ نہ پوي.

ذڪر ڪندڙ جي دل کي ڪا بہ شيءِ ڪارو نٿي ڪري، توڻي جو اها حلال نہ هجي.

جيڪو ماڻهو خدا کي ياد نٿو ڪري، انهيءَ ۽ جانور ۾ ٻيو ڪو فرق ناهي، سواءِ انهيءَ جي تہ ڪيس پڇ ڪونهي.

طالب لاءِ فوت کان موت بهتر آهي. ڇو تہ موت خلق کان (غائب) آهي ۽ فوت حق کان (غائب ٿيڻ) آهي. (30)

جڏهن طالب کي ذڪر ڪندي اڄ ۽ سڀاڻي هڪ نظر اچن تہ هو ڇڻ فريب ۾ مبتلا ٿيو پوي، پر جيڪڏهن ڪنهن خدا جي يادگيريءَ کي اڄ جي بجاءِ سڀاڻي لاءِ ڇڏي ڏنو تہ ان لاءِ مرڻ بهتر آهي.

جيڪا بہ عبادت ڪريو، ان ۾ اجوري ۽ ثواب جو خيال نہ ڪريو. ڇو تہ خدا تعاليٰ فرمايو آهي تہ مون کي ڪشف ۽ ڪرامت جي واسطي ياد نہ ڪريو.

[6]

واڪي ٻي مہ پڪلِ، مرُوڻان مُوران پڪستان،
بِا للهِ سندو سڄڻين، هُو هلا چو هُلُ.

[ٻي ڪنهن آواز تي پلجي نہ پؤ، پوءِ اهو مرن. مورن ۽ ٻين پکين جو ڇو نہ هجي. خدا جو قسم، اهو سڀ هل ۽ شور سڄڻ کان سواءِ ٻي ڪنهن جو ناهي]

هڪٻئي جي سامهون (ڪچهريءَ جي لحاظ کان) نہ ويهو. ڇو تہ ائين ڪرڻ سان خدا کان پري ٿي ويندا. **ذڪر جلي** يعني وڏي آواز سان ذڪر گهڻي زور سان ڪريو ۽ اهڙي ضرب هڻو جو ڦهرين ئي ضرب سان دل پرزا پرزا ٿي پوي.

[7]

مستيون ميڙي ڪانءِ، واڇا ڪجي وڄ پنڌُ،
جو تو سالڙ پانڌيو، سو هر ٻولي ناهہ.

[سڀ عقل واريون ڳالهيون جمع ڪري ساڙ. رڳو محبت من ۾ رکي ڪاهي پوءِ. جيڪو تو درياهہ سمجهيو آهي، سو هڪ وک هرگز ناهي .]

جڏهن جلي ذڪر شروع ڪريو ته "لااله" ساڄي پاسي کان ڇڪيو. ۽ "الا الله" کاٻي پاسي کان، ڇو ته دل کاٻي طرف آهي. جلي ذڪر ۾ گهڻا فائدا آهن. هڪڙو اهو (31) ذڪر ڪندڙ جي بخشش ٿئي ٿي، ٻيو جيڪو ان کي ٻڌي ٿو، تنهن جي مغفرت ٿئي ٿي ۽ جيڪڏهن اهو ٻڌندڙ ان کي ٻي ڪنهن تائين رسائي ٿو. ان جي به مغفرت ٿئي ٿي. اهڙي طرح ستين شخص تائين اهو سلسلو دراز ٿئي ٿو. ان کان سواءِ ذڪر جَهَرَ جو ٻيو وڏو فائدو اهو آهي ته اهڙي شخص کان سجاڳيءَ توڙي ننڊ جي حال ۾ خدا جو نالو نٿو وسري. ان جو مثال هن ريت آهي ته جهڙيءَ طرح ڪو ڏنار جهنگ ۾ مال چاريندو آهي ۽ ڏينهن جو انهن کي "هدي هدي" ڪري پيو سڏيندو آهي. پر جڏهن رات جو گهر ۾ سمهيل هوندو آهي ته ننڊ ۾ اهي ساڳيا لفظ چئي پيو ڦلندو آهي. بلڪ اوچتو اڪ ڪلڻ ڪانپوءِ به اهي لفظ أمالڪ سندس زبان مان نڪرڻ لڳندا آهن. مطلب ته طالب لاءِ جهر يعني ظاهري ذڪر پڻ اڻين آهي.

جيڪڏهن ڪو شخص ذڪر جَهَر جي شروعات **لا اله الا الله** سان ڪري بس ڪري ته ٻيو هڪدم **الاالله** سان شروع نه ڪري. بلڪ ٿورو وقفو ڪري ته جيئن ساڳيو ٻهريون شخص ئي **الاالله** سان آغاز ڪري......

طالب کي گهرجي ته جيتري دير ظاهري ذڪر ڪري، اوتري دير ذڪر کان پوءِ فڪر به ڪري، ۽ جي ائين ڪندو ته ان جو مثال هن ريت آهي. جئن هڪڙو ماڻهو گهري ته کير مان ڏونرو ناهيان. پر ان لاءِ ٿورو سنياڻ کير ۾ وجهي ۽ ان کي هڪ هنڌ رکي نه ڇڏي، بلڪ وتي گهمندو. ته اهو کير هرگز نه ڄمندو. اٽلو ڦٽي پوندو. پر جيڪڏهن کير ۾ سنياڻ وجهي ٿانوَ کي هڪ هنڌ رکي ڇڏي ته اهو کير ڄمي ڏونرو ٿي پوندو ۽ ان مان مکڻ پڻ نڪرندو.

فرمايائون: **الذکر بلافکر کالشجر بلاثمر** يعني ذڪر فڪر کان سواءِ ائين آهي. جيئن وڻ بنا ميوي جي هجي. ان ڪري ذڪر کان فڪر بهتر آهي. (32) طالب کي گهرجي ته الله جي نالي وٺڻ وقت فڪر ڪري ۽ نيت ڪري ته هو اهڙي هستي يعني خدا جو نالو وٺي رهيو آهي. جيڪو پاڻ کي پاڻ سڃاڻي ٿو ۽ ياد ڪري ٿو.

سماع مخفي ذڪر آهي ڇو ته ان ۾ احد جو ورد آهي. پر عام ماڻهن کي خبر ناهي. اهي حيران آهن ته اهو صرف آواز ئي آواز آهي. ڇيائون ته خلق سان گڏ پلي هجو. پر انهن سان ملي هڪ نه ٿي وڃو.

[8]

ڪنڌيون ۽ ڪروتون، اي پڻ سگر توڪ،
هنيون ڏجي حبيب کي، لڳ گنڌجن لوڪ.

[دل دوست کي ڏجي ۽ جسم پلي ماڻهن جي وچ ۾ هجي، حجرا ۽ عبادت جون جايون، اهي پڻ چڱيون شيون آهن.]

يعني انجمن ۾ خلوت ڪرڻ کپي. هڪڙي ڏينهن هڪ پير مرد سندن خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪرڻ لڳو ته سائين پڌڙو ٿي ويو آهيان ڇا ڪريان؟ چيائونس ته وڃي الله الله ڪر. ان کان وڌيڪ بيو ڇا ڪندين.

[9]

وهائيءَ ٿي وڃ، تو نه سرندو تن ري،
تا سا وڃي پڄ، پٺي حبا ڪاڻ پرين سين.

[توٽي رات جو پويون پهر آهي ته به اٿي هل، ڇو ته انهن ڪانسواءِ تنهنجو چارو نه آهي. پرين سان جيڪا ڪاڻ پيئي اٿئي، سا اٿي لاهه يعني ائين پوري ڪر.]

چيائون ته موڪلاڻ مهل جڏهن اهي لفظ چئبا آهن، ته وجو ۽ پلي وڃي قرار ڪريو ته انهن جو مطلب اهو نه هوندو آهي ته وڃي سمهي پئو. بلڪ ڇوڻ جو مقصد هوندو آهي ته گوشي نشين ٿي خدا کي ياد ڪريو ۽ ان جي ذڪر سان قرار حاصل ڪريو.

خلق مئل آهي ۽ صرف ذڪر ڪندڙ جيئرا آهن. تمثيل: جڏهن مهاڻا مڇين کي چار ۾ ڦاسائي ٻاهر ڪڍندا آهن. ان وقت کي مڇيون مئل هونديون آهن ۽ ڪي پيون ڦٿڪنديون آهن، ته ڪي وري جيئريون هونديون آهن. ان ڪري مهاڻا چوندا آهن ته هي مڇيون زنده آهن. ملائڪ به اهڙيءَ طرح هڪبئي کي چوندا آهن ته هي جيڪي ذڪر ڪندڙ آهن، اهي زنده آهن ۽ باقي ٻيا سڀ مئل آهن. (33) جنهن شخص جي دل ۾ خدا جي دوستي داخل نه ٿي آهي، ان جو ڪو اعتبار ناهي. ان لاءِ هڪ ننڍو ذرڙو به اژدها برابر آهي! قيامت جي ڏينهن خدا تعاليٰ ۽ سندس رسول محمد عليه الصلواة والسلام انهيءَ شخص کي پنهنجو دوست قرار ڏيندا. جنهن جي دل ۾ سندن محبت هوندي.

طالب کي گهرجي تہ هر حال ۾ خدا کي ياد ڪري. پوءِ ڪيس ان لاءِ توفيق ساڻي ٿئي يا نہ ٿئي. وس آهر خدا جي راهہ ۾ هلڻ جي ڪوشش ڪري. ڇاڪاڻ تہ جڏهن باغائي ٻنهي هڻن سان ڪوڏر هڻندو آهي، تڏهن ئي زور بازو جي نتيجي ۾ زمين جو ڪو ٽڪرو تيار ڪري سگهندو آهي.

جيستائين طالب پنهنجي دل کي سڀني خيالن ۽ خطرن کان خالي نہ ڪندو، تيستائين خدا جو ذڪر سندس دل ۾ قرار نہ وٺندو. ڇاڪاڻ تہ جيستائين جهنگ سان ڀريل زمين کي صاف نہ ڪبو، تيستائين منجهس ڪو ٻہ سلو نہ اُپرندو.

جيڪڏهن ڪو سمجهي ٿو تہ هي ڪم پورو ڪري پوءِ خدا کي ياد ڪندس تہ هو ڀليل آهي، ڇو تہ اهڙا دنيا جا ڪم ڪڏهن ڪٽڻا نہ آهن. هڪ ڪم کان واندو ٿيندو تہ ٻيو اڳيئي سندس آڏو هوندو. پوءِ وري ان ۾ مشغول ٿي ويندو. مطلب تہ اهڙيءَ طرح ابدي فراق يعني هميشہ واري فرقت جو شڪار ٿي ويندو. (34) دنيا جي ڪمن جو مثال ائين آهي جيئن هڪ شخص مٽيءَ جو گيچڻ ڀري مٿي تي رکي، پوءِ ڪيتري بہ ڪوشش ڪري پر جيئن ئي هلڻ لڳندو، تہ ڏوڙ سندس منهن تي ضرور ڪرندي.

[10]

اِٿي ڇَـلَ ڇَـرين جَـڻ، سَـڱ سڀئي ڇَـن،
جـي ڀانئين ڀرين مڙان، تہ مـٽ منهنجـي ڳَـن.

[اٿي ڇرين وانگر هل ۽ سڀ لڳ لاڳاپا ختم ڪر. جيڪڏهن تون گهرين ٿو تہ محبوب سان ملان، تہ پوءِ منهنجي اها صلاح وٺ.]

طالب کي گهرجي تہ خدا جي طلب کان ڪڏهن بہ عاجز نہ ٿئي ۽ ائين ڪڏهن بہ نہ سوچي تہ خدا ڪا اهڙيءَ شيءِ آهي. جنهن جي طلب ڪري نٿي سگهجي. بلڪ هر حال ۾ خدا جي طلب ۾ مشغول رهي ۽ پنهنجي دل تي اهڙا خيال اچڻ نہ ڏي.

اسم الله جو ذڪر ئي خدا جو ذڪر ناهي. بلڪ اهو تہ ان جي نالن منجهان هڪ نالو آهي. باقي خدا تعاليٰ پاڻ شيءِ ئي ٻي آهي. ذڪر اهو ناهي تہ رڳو زبان سان ويٺو الله الله ڪرين، بلڪ ذڪر اهو آهي تہ دل کي خدا سان ڳنڍيل رکين. جيئن پيغمبر ﷺ فرمايو آهي تہ "من احب شيئاً اکثر ذکره"

يعني جيڪو ماڻهو ڪنهن شيءِ سان محبت ڪندو آهي، سو اڪثر انهيءَ کي ياد ڪندو آهي.

[11]

جي جاڳندي مَنَ ۾، سَتي پڻ سيئي،
مَن پريان نيئي، پڳَميو پاڻ ڳري.

[جي جاڳندي دل ۾ آهن. ستي پڻ اهي ئي ياد آهن. پرين منهنجي دل پاڻ سان کڻي وجي قابو ڪئي آهي.]

حديث آهي تہ "**ان الله لاينظر إلي صورکم ولکن ينظر الیٰ قلوبکم ونياتکم** - يعني خداتعاليٰ اوهان جي شڪلين کي ڪو نہ ٿو ڏسي، نڪي توهان جي عمل کي بلڪ توهان جي دلين ۽ نيتن کي ڏسي ٿو. (35) ذڪر فڪر کان سواءِ بيڪار آهي، وري فڪر دل جي صفائي کانسواءِ حاصل ڪو نہ ٿيندو. ۽ دل جي صفائي مجاهدي کان سواءِ هر گز نہ پلئہ پوندي. اهڙيءَ طرح مجاهدو وري الاهي جذبي ۽ ڪشش کان سواءِ ناممڪن آهي.

هيڪڙائي واري کي هٺ ڪرڻ لاءِ هيڪلو هجڻ ضروري آهي. جئن پيغمبر عليہ‌الصلواة والسلام فرمايو آهي تہ "**ان الله وتريحب الوتر**" يعني خدا هيڪڙو آهي ۽ هيڪڙائي پسند ڪري ٿو. جيڪو بيابان جي ڪنڊ ۾ ويهي خدا کي ياد ڪري ٿو، تنهن کي خدا تعاليٰ اڪيلو نہ ڇڏيندو. بلڪ ڪيس ڪائڻ ۽ اوڍڻ لاءِ ايترو ملندو جو ڪنهن جو محتاج نہ ٿيندو.

هڪڙي مخلص کان نقل آهي: هڪ ڏينهن مان ۽ ٻيا مريد حضرت جن سان گڏجي ٻئي وياسين، اوچتو مون کان "هو هو" جي ضرب نڪري وئي. جڏهن پاڻ اهو آواز ٻڌائون تہ ڪين اها ڳالهہ بري لڳي ۽ مون ڏانهن منهن ڪري چيائون: اهو ڇا آهي؟ ڇا ٻيا جيڪي گڏ هلن ٿا، تن کي اهو ذڪر ياد ناهي جو تون ڪين ياد ڏياري رهيو آهين!؟

مصرع: مَٺِ پيڙيائي پِلي، جو اپٽي تہ واءُ.

[مٺ کي بند رکڻ ڀلو آهي، جي کلي تہ سڀ ڪجھہ واءِ وانگر اڏامي ويندو.]

خدا تعاليٰ کان ڪشف ۽ ڪرامت، مشاهدو ۽ معرفت حاصل ڪرڻ يا غوث ۽ قطب ٿيڻ جي تمنا نہ ڪريو. انهن ڳالهين جي فريب ۾ ئي نہ اچو. بلڪ خدا کي فقط خدا ڪارڻ ياد ڪريو.

[12]

پائيارِي سـيـڪا جا سر ڳـهڙو ڌري،
ڪا لڌ سندي سڄڻين، ڪا پورهئي ڪان پري.

[مٿي تي گهڙو رکي پاٽي ڀري ايندڙ عورتون ته گهڻيون آهن. پر انهن مان ڪامحبت وچان ٿي ڀري ته ڪا صرف پورهئي خاطر اهو ڪم ٿي ڪري .(36)]

تنهائي ۾ هر ڪو خدا کي ياد ڪري ٿو. پر مڙس اهو آهي جو ماڻهن جي ميڙ ۾ به غافل نه ٿئي. جڏهن ڪو فقير حجري ۾ ويهي خدا جي ياد ۾ مشغول ٿئي ٿو ته سندس مرشد اچي ساٿي ٿئي ٿو. پوءِ جيڪڏهن اتي مرشد جي زيارت ڪان غافل ٿيو ته ڪجهه نه ڪمايائين. اهڙي طرح فقير جڏهن حجري ۾ گوشي نشين ٿين ٿا ته وڏي محنت ڪن ٿا. پر جڏهن ٻاهر اچن ٿا ته وري غافل ٿي پون ٿا.
جيڪڏهن مريدن منجهان ڪو پلي ڏور مشرق ۾ رهندو هجي، پر هو خدا کي ياد ڪري ٿو ته اهو مون کي گهڻو نزديڪ آهي. پر ٻيو جيڪو مون وٽ نزديڪ آهي ۽ خدا جي ذڪر کان غافل آهي، اهو اسان کان گهڻو ڏور ۽ پري آهي.

[13]

وَرَ وسـري تـہ ڪـوهُ، پـروَرَ نـہ وسـرلوس،
ڪو نہ چوندو ڪذهين، تہ اگـڻ اونداهوس.

[جيڪڏهن مڙس کان وسري وئي ته ڇا ٿي پيو، پر ڪانئس مڙس وسرڻ نه کپي، ڪير به ائين نه چوندو ته سندس اگڻ اونداهو ٿي ويو.]
ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ ڏينهن درويش احمد رونجهي حضرت جن کان پڇيو ته گذر سفر واسطي کهڙو ڪم ڪندا آهيو. چيائون ته ڪوڏر هڻندو ۽ ٻني کيڙيندو آهيان. پڇيائين ته جڏهن ڪوڏر هڻندا آهيو ته خدا کي ڪيئن ياد ڪندا آهيو. ان تي پاڻ مرڪي جواب ڏنائون ته اي احمد. جڏهن پاٽياري عورت ڀهڙا دلا مٿي تي رکي هٿ سان سوگها ڪري (37) ٽلندي ۽ ڳالهائيندي گهر ويندي آهي، ته گهڙا ان کي هلڻ ۽ ڪچڻ کان روڪي نه سگهندا آهن. اهو ٻڌي احمد خاموش ٿي ويو ۽ وري نه ڪڇيو. حضرت جن فرمايو ته دراصل اهي گهڙا دل تي رکيل هوندا آهن ۽ نه هٿن پيرن تي!

فرمايائون تہ نفي ۽ اثبات ۾ فرق ڪجو. يعني **لااِلہ الا اللّٰہ** چوڻ وقت اثبات جي ضرب زور سان هڻو. پوءِ چيائون تہ ذڪر ڪندڙ کي قرآن پڻ ياد نٿو رهي! وري چيائون تہ مٿل شينهن کان جيئرو ٻلو بهتر آهي. چو تہ جيئرو الله جو نالو وٺي سگهي ٿو، پر مٿل ڪجھ بہ نٿو چئي سگهي.

هڪ ڏينهن مريدن کي چيائون تہ اسان کي گهڻو ياد ڪيو آٿو. هاٿي خدا جي ذڪر سان مشغول ٿيو.

هڪڙي مريد ڳالھ ڪئي تہ آءٌ نٿي مان هلي حضرت جن جي خدمت ۾ ٻلڙيءِ آيس. جڏهن اتي پهتم تہ پاڻ عبادت ۾ مشغول هئا. ان ڪري مان اتي ويٺل ٻين مريدن سان ڪچهري ڪرڻ لڳي ويس. جڏهن حضرت منهنجو ڳالهائڻ ٻڌو، تہ مون کي گهرايائون ۽ مون کي نصيحت ڪرڻ لڳا تہ جڏهن آءٌ ڳالهائي رهيو هوس تہ ڪين ڏاڍي تڪليف ٿي پهتي، تہ فقير کي ڳالهائڻ ۾ مشغول نہ ٿيڻ کپي. ٿوڙي جو ٻيا ڳالهائڻ ۾ رڌل هجن. ان کانپوءِ مون کي گهڻيون نصيحتون ۽ هدايتون ڪيائون. مون اهي گفتا ۽ هدايتون(38) ٻڌي موڪلائڻ جي اجازت ورتي ۽ نٿي واپس آيس. جيڪڏهن الله تعاليٰ ڪنهن کي ڪا ڳجهي شيءِ عنايت ڪري تہ ان کي گهرجي تہ اها ظاهر نہ ڪري.

[14]

مُنہ ٻيڙيالي ٻلي، جي اُٻيني تہ واءُ،
جُہ پڌر وڏي ڳالهڙي تہ ڇڏي وڃي ساءُ.

[منهن بند ٻلي آهي، جو تہ جي کلي پوندي تہ ڪاڳالھ ڳجهي نہ رهندي. اهڙيءَ طرح جڏهن ڪا (ڳجھ واري) ڳالھ ظاهر ٿي پوندي، تہ پوءِ ان مان مزو نڪري ويندو.]

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن ڪو مريد حضرت جن جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو. ان کان پڇيائون تہ خدا کانسواءِ ٻي ڪنهن کي ياد تہ ڪريو ڇا؟ مريد وراڻيو تہ خدا جي ياد ۾ مشغوليءَ کان پوءِ حضرت جن کي ياد تہ ڪريون. ان تي وراڻيائون تہ چڱو!

جيڪو شخص رزق جو طالبو آهي. ان کي الله جو نالو وٺڻ نہ کپي. بلڪ هن کي کپي تہ رزاق نالي جو ورد ڪري، چو تہ خدا جي طلب هر مراد ۽ مطلب کان آجي هئڻ کپي.

[15]

جيڪي ڳـهران م وڃ، جيڪي موٽ م سـهڻي،
هيڪڙائي هــت ڪـر، پيون پيري پـئج.

[اي سهڻي يا ته پنهنجي گهر مان نه نڪر يا نڪرين ته وري موٽي نه اچ. مطلب ته هيڪڙائي کي هٿ ڪر. پيون سڀ شيون پڇي پورا ڪر.]

نقل آهي ته هڪڙو مريد سندن خدمت ۾ آيو. ان کان پڇيائون ته خدا کي ياد ڪريو ٿا. مريد وراڻيو ته سائينجن جي برڪت سان سڀ ڪجهه حاصل آهي. ان تي ڪيس سمجهايائون ته ائين نه چئو. چو ته هڪڙي وٽ جو ملڻ به وڏي ڳالهه آهي.(39)

سيني عبادتن کان الله پاڪ جو نالو برتر آهي. ان جو مثال ڏيندي چيائون ته جيئن ملڪ جي حساب سان روپئي ۾ پئسا آهن ۽ دنيا ۾ درهم آهن يا پٿرن ۾ لعل گوهر آهن، ته وري وڏ ۾ وڏ سنگ فيروزه آهي تيئن عبادتن ۾ خدا جو نالو آهي.

نقل آهي ته هڪ دفعي وٽن هڪ مريد ايو ۽ چوڻ لڳو ته توهان منجهان ڀين سيني کي ته فائدو رسيو آهي، پر مون کي ڪو فائدو نه ٿيو آهي. تڏهن ڪيس نهمائش ڪندي فرمايائون ته اهڙو سخن نه ڪجي - پلا، سوچ ته تون هن رستي تي ڪيئن پهتو آهين؟

[16]

سوئي هيڏان، سوئي هوڏان، سوئي من وَساءِ،
تنهين سندي سوجهري، سوئي سو پــساءِ.

[اهو ساڳيو محبوب هن طرف به آهي ته هن طرف پڻ، بلڪ دل ۾ به اهو ئي آهي اهو ئي پنهنجي روشنيءَ ۾ پاڻ نظر اچي ٿو.]

هڪڙا فارغ المشغول يعني هر مشغلي کان وانجهيل آهن ته ٻيا وري مشغول الفارغ يعني فراغت ۾ مشغول آهن.

فرمايائون ته جس دم - دم يعني ساهه منجهائڻ ڪپي. ان جو مثال هيئن آهي ته جڏهن سانداريءَ ۾ هوا ڦوڪبي آهي ته پوءِ اها پريل لڳندي آهي ۽ جڏهن ان مان هوا ڪڍي ڇڏبي آهي ته ڪلي ٿي پوندي آهي. اهڙيءَ طرح حبس دم وقت الله الله گهڻو ڪجي ۽ دم ڇڏڻ وقت وري لااله الا الله چئجي ته جيئن دل جي صفائي حاصل ٿئي.

هڪڙي مريد کان نقل آهي تہ هن حضرت جن جي خدمت ۾ حضرت سفيان ثوري رحمة الله عليه جو هي قول ٻڌايو: "**انما حرم الوصول ليقنع الاصول**" يعني "وصول ان ڪري منع آهي تہ جيئن اصولن کي پڪو ڪجي" (40) اهي الفاظ ٻڌي پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ڪيتري وقت تائين اهي الفاظ دهرائيندا رهيا. ان کان پوءِ چوڻ لڳا تہ وصول جا **اصل ڪل چار** آهن: (1) ٿورو کائڻ (2) خلق سان ٿورو گڏجڻ (3) ٿوري ننڊ ڪرڻ (4) حق جو گهڻو ذڪر ڪرڻ.

چاڪاڻ تہ طالب انهن چئن اصلي ڳالهين جو خيال نٿا رکن تنهن ڪري الاهي وصال کان وانجهيل رهجي وڃن ٿا.

خداتعاليٰ جو فرمان آهي تہ "**واذكر ربك اذا نسيت**" (سورة 24:18) يعني خدا کي ايستائين ياد ڪيو جيستائين توهان پاڻ کي پلجي وڃو. اهڙيءَ طرح خدا کي انهن گهڙين ۾ ياد ڪريو، جيئن نفس جي خواهش ۽ لذتن کي وساري ويهو. اجا بہ رب کي ان ساعت ياد ڪريو جڏهن سڀ ذڪر وساري ويهو. ارشاد خداوندي آهي تہ "**واذكر ربك في نفسك تضرعا وخيفة ودون الجهر**" (سورة 205:7) يعني "خدا کي دل ۾ ياد ڪريو. ۾ نياز نوڙت سان ۽ لڪي لڪي يا ڳجهہ ڳوهہ ۾. سواء ظاهر ٿيڻ جي". خدا کي ظاهر ٿوري باطن ۾ ياد ڪريو يعني زبان ٽوٽي دل سوڌو. جو تہ نياز ۽ نيزاري دل جي حصي ۾ آهي ۽ آواز زبان وغيره جي حصي ۾ آهي. فرمايائون.

من عرف نفسه فقد عرف قلبه ومن عرف قلبه فقد عرف روحه ومن عرف روحه فقد عرف سره ومن عرف سره فقد عرف اسراره ومن عرف اسراره فقد عرف اخفا ' ومن عرف اخفا ' فقد عرف ربه. (41)

ترجمو: جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو تنهن واقعي پنهنجي قلب کي سڃاتو ۽ جنهن پنهنجي قلب کي سڃاتو تنهن روح کي ڄاتو. ۽ جنهن روح کي سڃاتو تنهن ڳجهہ کي ڄاتو. جنهن ڳجهہ کي ڄاتو تنهن اصلي راز کي ڄاتو. جنهن راز کي ڄاتو. تنهن وڏي ڳجهہ کي ڄاتو. جنهن انهيءَ ڳجهہ کي ڄاتو. تنهن واقعي پنهنجي رب کي سڃاتو.

خداوند تعاليٰ جو فرمان آهي: "**ان الله يامر كم ان تؤدوا الامانات اليٰ**

اھلھا (سورۃ 4: 58) يعني بيشڪ الله حڪم ڪري ٿو تہ توھان لائق ماڻھن کي امانت پھچايو." اوھان جا دم يا ساھ جيڪي خدا تعاليٰ توھان کي ڏنا آھن، اھي سندس امانت آھن. ان ڪري منجھن ھرگز خيانت نہ ڪريو. مرشد جي صحبت ۾ تہ ھرڪو خدا کي ياد ڪري ٿو، پر ڪامل اھو آھي، جيڪو مرشد کان پري ھجڻ جي باوجود خدا جي ذڪر ۾ مشغول ھجي. اھڙيءَ طرح جتي بہ ھجو ۽ جنھن حال ۾ ھجو ان محبوب کي ياد ڪريو.

فقير کي گھرجي تہ ڪارو لباس پائي، بلڪ مٽي کي بہ ڪاري ڪپڙي سان ڍڪي. طالب کي گھرجي تہ هميشہ ڇتين لڳل ڪپڙا پھري ۽ ٽوپا بہ سڌا نہ ھٽي. اھڙي طرح رنگين ڇتيون ھڻڻ کان بہ پاسو ڪري. ڇو تہ فقير جي دنيا سنوان سڌا ٽوپا آھن. لباس ۾ اھي ڌاڳا يا ٽوپا ڏيڪاءَ جي لحاظ کان نہ پر ڇتين مٿان ڇتين جو مطلب سادگي ۽ نھٺائي ظاھر ڪرڻ آھي.

ھڪڙي مريد کان نقل آھي تہ ھڪ ڏينھن ڪجھ مريد حضرت جن جي گودڙي سبي رھيا ھئا. جو مون کي بہ ارشاد ڪيائون تہ آءٌ بہ ساڻن ٿي وڃان. مون عذر پيش ڪيو تہ آءٌ سبي نہ ڄاڻان، مون کي سڌو ٽوپو اچي ئي ڪو نہ. تڏھن پاڻ چيائون تہ جيئن بہ توکي اچي تيئن ويھي ھڻ. مان ڏاڍو خوش ٿيس ۽ ٻين سان گڏجي گودڙي سبڻ ۾ مشغول ٿي ويس.

پنھنجي پٽن کي چيائون تہ توھان وٽ(42) ھڪڙي چادر ۽ ھڪڙي ڪلاھ ھجڻ کپي. اھڙي حال ۾ پنھنجي رب سان مشغولي اختيار ڪريو ۽ اڪيلائي کي پسند ڪريو. باقي توھان جي عيال جي خدمت اسان جي ذمي آھي. ان ڪري ڪنھن وسوسي يا پولي ۾ نہ پئو.

ھڪڙي مريد ڳالھ ڪئي تہ حضرت جن جي صحبت ۾ وڃڻ ٿيو. منھنجي ڪلھن تي ڇڳي موچاري ٿلھي ڪفني پيل ھئي. جڏھن مون ڏٺو تہ حضرت جن پاڻ پٽيءَ اگھاڙا ويٺا ھئا، تہ مون پنھنجي ڪلھن تان اھا ڪفني لاھي سندن ڪلھن تي وڌي. پاڻ فوري طور چيائون تہ ٻيون اگھريون ڪٿي اچي ھن ڪفنيءَ جي مٿان چاڙھيو تہ جيئن سخت ٿئي. ڇو تہ مون کي اھا گھڻي نرم محسوس ٿئي ٿي. ان ڏينھن کانپوءِ مون ھميشہ ڇتين لڳل اوڇڻ اختيار ڪيو ۽ وري ڪڏھن سفيد ۽ نرم ڪپڙو ڪلھن تي نہ رکيم.

خيال آيو تہ چڱا موچارا ڪپڙا پھرڻ، پر پوءِ ائين تہ ڪيوسون تہ

متان پين جي لاءِ حجت يعني ضروري ٿي پوي.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن حضرت جن سوار ٿي ڪنهن طرف وڃي رهيا هئا ته واٽ تي هڪ درويش جيڪو پنهنجي بزرگي، مجاهدي ۽ ترڪ لباس ڪري مشهور هو، ساڻن ملاقي ٿيو. ان وقت ان بزرگ کي سفيد لباس پهريل هو ۽ مٿي تي وڏي پڳ ٻڌل هئس. هن ڏانهن نهاري مخاطب ٿي ڪيس چوڻ لڳا "تون اهوئي آهين جو اڳي هئين." اها ڳالهه ان شخص کي نه آئڙي ۽ هي بيت پڙهيائين:

[17]

ڦٽيون ڪر ڦڙڪيون، وَر ونگائي پاءِ،

جا تن اندر ڪاءِ، سا معلوم محبوب کي. (43)

حضرت جن کي اها ڳالهه ناگوار گذري ۽ پاڻ هي بيت پڙهيائون:

فڪر ڪر ڦڙڪين، ور ونگائي لاهه،

سائي ساري هٿ ڪر، سيڻن جا سهاءِ.

اهو ٻڌي اهو شخص بلڪل مات ٿي ويو ۽ وڏيڪ نه ڪڇيو.

فرمايائون ته مٿي کي پوريءَ طرح ڍڪيل رکو. وڃ اگهاڙو ڇڏي نه ڏيو ڇو ته اها جڳهه شيطان اچي ولاري ٿو.

جيڪو شخص حلال کائي ٿو ۽ حلال پهري ٿو، ان جي هر دعا اگهامي ٿي. اهو حلال هينئن آهي ته هو پنهنجي اوگهڙ پڻ ڍڪي ٿو ۽ پنهنجي هٿن سان حلال ڪمائي ڪري ٿو. انهيءَ صورت ۾ هو جيڪا به دعا گهري ٿو ته اها مستجاب ٿئي ٿي.

خداتعاليٰ خوراڪ ۽ پوشاڪ ٻن ڳالهين جي ڪري ڪئي آهي. هڪڙي ب ۽ ٻي اگهاڙ جي ڪري. ۽ فقيرن ٻنهي کي قبول ڪيو آهي.

طالب کي گهرجي ته پڳ ٻڌڻ وقت سڌا ۽ سهڻا ور نه ڏئي، جهڙا تهڙا ور ڏئي ۽ پڳ ٻڌڻ ۾ زيب زينت کان پاسو ڪري. (44)

چيائون ته جيڪڏهن ڪو شخص عرش عظيم تان لهي اچي پر ڪيس سفيد لباس پيل هوندو ته ان وٽ هرگز نه وڃبو. ان جي مقابلي ۾ هڪ ٻيو فقير

جنهن کي اڳڙين وارو لباس هجي ۽ خدا جي ڪيس ڪا خبر نہ هجي تہ جيڪر ان وٽ هلي وڃبو. وڏيڪ چيائون تہ تقويٰ جو لباس ائين آهي، جيئن قرآن پاڪ جا حرف. فقير کي گهرجي تہ هڪڙي چادر سان ئي پنهنجي اوگهڙ ۽ عيب ڍڪي ۽ ٻيءَ جي طلب نہ ڪري.

روايت آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت جن جي گودڙي ڌوئڻ لاءِ ويل هئي، تيستائين پاڻ پٽن اگهاڙا ويٺا هئا. ايتري ۾ سندن فرزند ميان حسين اچي نڪتو جنهن پنهنجي سفيد چادر لاهي سندن ڪلهن تي وڌي. تڏهن پاڻ اها چادر لاهي زمين تي رکيائون ۽ چوڻ لڳا تہ "سفيد چادر انهن کي اوڍڻ گهرجي جن جي دل روشن ۽ اڇي هجي. ان ڪري، اسان کي اها پائڻ نہ گهرجي. ان ڪان پوءِ هي بيت پڙهيائون:

[18]

ڪاٺياريون ڪينءَ ڪن، عمر اڇا ڪپڙا،
جني جا تن ۾، ورتا وين سهن.

[اي عمر، اهي ڪاٺياريون ڪينءَ اڇا ڪپڙا پهرينديون، جن جا مڙس تن ۾ طعنا ۽ مهڻا تا سهن.]

"قوت الفقير ما وجد ولباسه ماستر وسكنه حيث دركه" يعني فقير جو قوت اهو آهي جيڪو ڪيس ملي، سندس لباس اهو آهي جيڪو اوگهڙ ڍڪي ۽ سندس رهڻ جي جاءِ اها آهي، جتي ڪيس رات پئجي وڃي. اڳ ۾ اهڙا درويش بہ ٿي گذريا آهن جيڪي پنهنجي تڳڙين لڳل ڪپڙن کي دلق سمجهي چلا ڪڍندا هئا.(45)

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن هڪ فقير سندن خدمت ۾ آيو. پاڻ ان ڪان اچڻ جو ڪارڻ معلوم ڪرڻ لڳا. ان تي اهو فقير چوڻ لڳو تہ هي پاتل چولو ڦاٽي پيو آهم ان کي ڪنهن فقير ڪان توبي ڏيارڻ لاءِ آيو آهيان. اهو ٻڌي ڪين مٺيان لڳي ۽ ان کي چيائون تہ فقيريءَ جي پهرين منزل پنهنجو خرقو سبڻ آهي.

ڳالهہ تا ڪن تہ هڪ ڏينهن پاڻ سيد جلال شيرازي رحمة الله عليه جيڪو وقت جو فاني في الله ۽ ڏٺي پاڪ جو برگزيده بندو هو. ان وٽ تشريف فرما ٿيا. ڪين گهڻو ڪري هڪ ڊگهو جبو ۽ پڳ پاتل هوندي هئي ۽ ان ڏينهن بہ پاڻ انهيءَ لباس ۾ هئا. جنهن تي ان بزرگ ڪين چيو تہ انهيءَ جبي کي ترڪ

ڪو نہ ٿا ڪريو. ڇا اهو عزت ۽ تڪريم جي نشاني آهي؛ ان تي ڪيس جواب ڏنائون تہ خداوند تعاليٰ فرمايو آهي: "**يا بني آدم قد انزلنا عليكم لباسا يواري سواتكم وريشا ولباس التقوي ذالك خير**" (سورة 7:26) "يعني اي آدم جي اولاد! بيشڪ اسان توهان لاءِ پوشاڪ کي نازل ڪيو آهي تہ جيئن توهان ان سان پنهنجي اوگهڙ ڍڪيو ۽ پاڪائي واري پوشاڪ وڌيڪ بهتر آهي، تقويٰ جو لباس حلال وارو آهي ۽ ان سان اوگهڙ ڍڪجي ٿي.

چياڻون تہ طالب کي ڇڙو رهڻ کپي ۽ شادي نہ ڪري. چوندا هئا تہ جڏهن خبر پوندي اٿم تہ فلاڻي خدا جي طالب شادي ڪئي آهي تڏهن مٿي ۾ سور پئجي ويندو اٿم. اهڙيءَ طرح جڏهن سندس مجلس ۾ ڪو شخص ايندو هو تہ پاڻ ڪانئس پڇندا هئا تہ اڪيلو آهين يا شادي شده؟ ڇڙو هجڻ جو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيندا هئا. (46) ۽ جيڪڏهن اهو شخص چوندو هو تہ عيال وارو آهيان تہ کين تڪليف پهچندي هئي ۽ ناگواريءَ جو اظهار ڪندا هئا.

هر روز لکين انسان خدا جي طلب ڪن ٿا، پر انهن مان ڪو هڪڙو قبوليت جي درجي تي پهچي ٿو. ٻيا سڀئي ان ڪارڻ محروم رهجي وڃن ٿا. جو اهلِ عيال جي شغل ۽ دنيا جي محبت مٽ غالب آهي.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت جن جي مجلس ۾ ويٺا هئاسون تہ هڪ مريد اچي کين نڪاح ۾ شريڪ ٿيڻ جي التجا ڪئي. ان تي ڪيس چياڻون تہ اسان کي توهان مان اها اميد نہ هئي تہ تون پاڻ کي کوهہ ۾ اڇلائيندين ۽ اسين اچي تنهنجو پٽ ڪاٽينداسون. اهو فقير ڪوشش ڪندو رهيو تہ پاڻ راضي ٿي هلن، پر پاڻ نہ ويا. حالانڪ چون ٿا تہ جڏهن بہ ڪو کين هلڻ لاءِ چوندو هو تہ پاڻ هليا ويندا هئا. پر هن فقير جي نڪاح تي ڪو نہ ويا.

چون ٿا تہ هڪڙو مجذوب درويش هو جو چئي رهيو هو تہ اي خداوندا. جيڪي مون کان اڳ ٿي گذريا انهن کي توڙي هينئر وارن کي نہ بخش. ڪنهن ماڻهوءَ پڇيس تہ هي ڇا چئي رهيو آهين؟ ورندي ڏنائين تہ اڳيان ان ڪري جو مون کي گهر ٻار نہ ڪرڻ جي نصيحت نہ ڪيائون ۽ هينئر وارا ان ڪري جو مون کان اهو نہ ٿا پڇن تہ نڪاح ڪريون يا نہ.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ ڏينهن حضرت جن جو هڪڙو مريد وقت جي عالم مولانا محمد صدر وٽ ويو. جيئن هو گهر کان ٻاهر نڪتو ڇا ڏسي تہ

سندس. منهن ڪارو لڳو پيو هجي ۽ انهيءَ حالت ۾ هو وچ بازار ۾ اچي ويٺو. تڏهن مائٽن ان کان سوال پڇيو تہ منهن کي ڪارو ڇو ڪيو اٿو. (47) جواب ڏنائين تہ جيڪو شخص اهل دنيا جي آستاني تي پهتو ۽ اتي ٿي پلٽي هٽي ويٺو. ان جو مثال اجهو ان ريت آهي.

ڪافي وقت گذرڻ ڪانپوءِ انهيءَ مريد نڪاح ڪيو. تڏهن پاڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ ترسيل هئا. جڏهن پاڻ اها خبر ٻڌائون تہ مون کي چيائون انهيءَ فقير کي وڃي ٻڌاءِ تہ جڏهن ٻهريون دفعو منهن ڪارو ڪيو هيئي. تڏهن اهل دنيا وانگر پاڻيءَ سان ڌوئڻ بعد صاف ٿي پئي سگهيو. پر هاڻي تہ دل کي بہ ڪارو ڪيو اٿئي. جيڪا ڪنهن بہ شيءِ سان پاڪ نہ ٿي سگهندي.

چيائون تہ فقير جڏهن پنهنجي زال سان همبستري ڪري ٿو تڏهن جٽڪ اهڙي سوراخ ۾ پيشاب ڪري ٿو. جنهن منجهان پوءِ ڪيترا ماڪوڙا ۽ ماڪوڙيون ٻاهر نڪرن ٿا.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن ڪنهن اچي ڪين ٻڌايو تہ فلاڻي مريد نڪاح ڪيو آهي. جيئن اها خبر ٻڌائون تہ ڏاڍو غمگين ٿيا ۽ چيائون تہ هو اڄ اسان لاءِ مري ويو ۽ هن دنيا مان ڪوچ ڪري ويو.

جون ٿا تہ هڪ پٽ پيءُ کي چيو تہ مون کي بہ زالون پرڻاءِ. جڏهن ٻهرين نڪاح کي ڳپل عرصو گذري ويو تہ پيءُ پٽ کي چيو تہ هاڻي ٻي شاديءَ جي تياري ڪجي. تڏهن پٽ وراڻيو تہ اها هڪ ئي ٻنهي کان زور آهي.

هڪڙي مريد کان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن اسان حضرت جن جي ڳولا ۾ هڪ مريد جي شاديءَ جي دعوت ۾ ويا هئاسون. واپسيءَ ۾ ٽني جي ڪن ڳوٺن کان ٿيندا آياسون. تان جو سندن ڳوٺ اچي پهتاسون جتي پاڻ هئا. (48) قدمبوسيءَ جي سعادت حاصل ڪري اجا مس ويٺاسون تہ چوڻ لڳا. ان شخص کي ڪوهہ ۾ ڦٽو ڪري آيا آهيو. عرض ڪيم تہ سائيجن بلڪل صحيح ٿا فرمائين. اها رات اسان اتي رهياسون. تان جو ٻئي ڏينهن صبح جو وري سندن سچ جيان چمڪندڙ چهري کان منور ٿياسون. وري ويٺائي هئاسون تہ پاڻ ساڳي ڳالهہ ڪيائون تہ ان فقير کي ڪاهي ۾ اڇلائي آيا آهيو. شايد سندس پٽ اچي ڪيس ان مان ڪڍي!

هڪ شخص وعظ ۾ حورن ۽ غلمانن جو ذڪر پئي ڪيو ۽ چيائين

پئي ته مسلمانن کي بهشت ۾ خدمت لاءِ پڻ حورون ۽ غلمان ملندا. اتي ڪو فقير وينو هو تنهن چئي ڏنو ته هي ڪهڙا ملان آهن. جو هتي به جماع جي خواهش ڪن ٿا ته اڳتي به ڪين اهو ئي اونو آهي.

هڪ مريد ڪان نقل آهي ته آءُ حضرت جن جي صحبت ۾ هرس ۽ سندن خدمت چاڪريءَ جي سوچ ۾ غلطان هوس جو پاڻ مون ڏي نهاري چوڻ لڳا ته هن ويچاري تي الائي ڪهڙو بار ڪٽي وڌو اٿن. اهو چئي مثال ڏنائون ته چڙن جو عيالدارن کي ڏسي شادي ڪرڻ ائين آهي جيئن ڪا مڇي چار ۾ ڦاسي لڇي ۽ ٽپڪا ڏئي، پر ٻيون مڇيون سمجهن ته ڪا چيز ملي اٿس. (49) پوءِ انهيءَ اميد تي اهي به ان طرف رخ رکن ۽ پاڻ کي ڦاسائي مارائي وجهن.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪڙي مريد ارادو ڪيو ته نڪاح ڪريان. حضرت جن کي جڏهن اها خبر پئي ته چيائون ته جڏي ڏيوس پلي نڪاح ڪري ته خبر پويس. پوءِ هي مثال ٻڌايائون. چون ٿا ته ڪنهن بادشاهه کي هڪڙو پٽ هو. هڪ ڏينهن ان پٽ پيءُ کي چيو ته مون کي ست زالون پرڻاءِ. پر ان ڪم ۾ جلدي ڪريو. پٽس چيس ڪجهه صبر ڪر. پهرين زال سان سڄي رات شب باشي ڪرڻ ڪانپوءِ صبح جو جڏهن ٻاهر آيو ته ٽڪ ۾ چور چور اچي هڪ هنڌ وينو. اوچتو هڪ مک اچي سندس ڏاڙهيءَ کي چنبڙي پئي. پر عجب اهو جو ان کي هڪلي ته وجي ئي ڪانه. آخر ايترو تنگ ٿيو جو ان مک کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو ته خدا جي واسطي مون کي ڇڏ. نه ته آءُ بابا کي چوان ٿو ته اهو تنهنجو نڪاح ڪرائي ته تنهنجي اها عادت ختم ٿئي!

هميشه ٻڌو اٿئون ته جيڪي خدا جا طالب ٿيا. تن الله ڪارڻ پنهنجا گهر ٻار ڇڏي ڏنا. تڏهن ئي اهي ڪماليت کي پهتا ۽ يڪتا ولي ثابت ٿيا. انهن پنهنجي ماءُ پيءُ هجڻ وارا حق ئي ختم ڪري ڇڏيا ۽ اسان ڪڏهن نه ٻڌو ته اهي انهيءَ وات ڪان وري واپس ٿيا.

هڪڙي مخلص ڪان نقل آهي ته هڪ ڏينهن آءُ ۽ ٻيا مريد خادم گڏجي حضرت جي خدمت ۾ وياسين. جڏهن اتي پهتاسون ته ٻيا خادم جلد ئي پنهنجن ڪمن ڪارين سانگي ٽڙي پکڙي ويا. ليڪن آءُ ۽ هڪڙو ٻيو مريد ان حجري طرف آياسون جتي پاڻ آرامي هئا. (50) سندن منهن تي ڪپڙو پيل هو ۽ پاسي پر ليٽيل هئا. پورا ٽي ڏينهن اتي ويٺا رهياسون. پر ان دوران پاڻ ڪجهه

بہ نہ ڪيا. بلڪ محبت جي موجن ۾ مستغرق ۽ شهادت جي دريا ۾ ايترو تہ بڏل رهيا جو اسان ڏانهن متوجہ ڪو نہ ٿيا ۽ نہ پڇيائون تہ ڇو آيا آهيو؟ آخر لاچار ٿي اندر گهڙي ويس ۽ سوچيم تہ پيرين پئي موڪلايان. اوچتو منهن تان پلاند لاٿائون ۽ منهنجو هٿ هٿ ۾ وٺي منهنجي چڙائي جي تعريف ڪرڻ لڳا. ان ڪانپوءِ چيائون تہ مون ٻڌو آهي تہ هو فقير جيڪو توسان گڏجي آيو هو، بي شادي ڪرڻ وارو آهي. طالب کي پرڻجڻ نہ گهرجي. انهيءَ وقت هي بيت پڙهيائون:

[19]

متاڪا ڪيرو ڪرت نہ پڏن ڪوڏ،
آيا اڳن هوڏ، سر ڏنو سرو پيس.

[”هٿ وارا جوان پنهنجي ڳوڏ ۾ چيلهہ سان پٺسا ٻڌي ڪونہ هلن. پر اڳڻ ٿي بيهڻ ڪان پوءِ مست ٿي سر جو سودو ڪري شراب پئن.“ فارسي بيت:]

اي جواني تا تواني زن مڪن،
چنبري پر خاڪ را بر سر مڪن.

[”اي جوان جيستائين ٿي سگهي زال نہ پرڻج. پنهنجي مٿي تي خاڪ پريل نوڪري نہ ڪن.“]

اهو پڻ فرمايائون تہ ”**من اراد صاحبہ فالله يڪفيہ**“ يعني جيڪو دوستي رکڻ گهري تہ پوءِ الله ان لاءِ ڪافي آهي.“ وڌيڪ اهو بہ چيائون تہ فقير کي قرآن پاڪ جي هن آيت تي هن دنيا ۾ ئي عمل ڪرڻ گهرجي. ”**يوم يفر المرء من اخيہ و امہ وابيہ وصاحبتہ وبنيہ لڪل امريءِ منهم يومئذشان يغنيہ**“ (سورة عبس: 34-37) يعني جنهن ڏينهن سڀڪو پڇي پاسي ٿيندو، ڀاءُ ڪان، ماءُ ڪان، پيءُ ڪان“ زال ڪان ۽ پٽ ڪان.“ انهيءَ ڏينهن هر شخص پنهنجي حال ڪان بي خبر هوندو.

فقير کي انهيءَ آيت تي غور و فڪر ڪرڻ گهرجي تہ ائين واقعي آهي يا نہ. حضرت جن اها نصيحت ڪندي پاڻ زار زار روئي رهيا هئا ۽ آخر ۾ چيائون تہ جيڪڏهن پاڻيو تہ نڪاح ڪرڻ سان خدا جي ذڪر ۾ خلل نہ پوندو پوءِ پلي نڪاح ڪريو(51) پر جيڪڏهن سمجهو ٿا تہ نڪاح ڪرڻ سان خدا جي ياد ڪان محروم ٿي ويندا تہ پوءِ نڪاح نہ ڪريو. ان نصيحت ڪان پوءِ اسان کي اجازت ڏنائون ۽ اسين ننڍي اچي پهتاسون.

ڪجھ مدت کان پوءِ جڏهن پاڻ نئين آيا ته مان پيغمبر عليه الصلواة والسلام جي هيءَ حديث ڪاغذ جي ٽڪري تي لکي وٺي ڪٺي ويس - "**ماترڪت بعدي فتنه اضر علي الرجال من النساءِ**" يعني اسان کان پوءِ مردن لاءِ ڇڏيل وڏيڪ نقصان ڏيندڙ فتنو عورتن منجهه آهي. پاڻ اها حديث ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا. بلڪ ان کي بار بار ورجائڻ لڳا. ايتري قدر جو معلوم پئي ٿيو ته ڄڻ وجد ۾ اچي ويا آهن.

فقيرن تي جڏهن نفس غالب پوي ٿو ته نڪاح ڪن ٿا پوءِ چون ٿا ته سنت ٿا ادا ڪريون. هڪ دفعي چيائون ته جيڪڏهن ڪنهن فقير تي نفس جو ايڏو غلبو ٿي پوي جو هو ڪنهن عورت سان زنا ڪري وجهي ته بيشڪ انهيءَ عظيم گناهه ڪيو. پر اميد آهي ته هو جلدي تائب ٿيندو ۽ خدا تعاليٰ انهيءَ توبه سبب کيس بخشي ڇڏيندو. پر جيڪڏهن نڪاح ڪيائين ته ڄڻ پاڻ کي هلاڪت ۾ وڌائين ۽ پاڻ کي خدا کان محروم ڪيائين. ائين چئي پاڻ فرمايائون ته جڏهن منهنجي شادي ڪرائي وئي، ته مون کي ڪا خبر نه هئي ته ايندڙ رات ڇا ٿيڻو هو؟

ان کانپوءِ هيءَ حڪايت ٻڌايائون ته هڪ ڏينهن مٽيارين جي شهر ۾ آءٌ سماع ۾ مشغول هوس جو اوچتو منهنجو وڏو ڀاءُ ميان سيد جلال اتي اچي نڪتو ۽ مون کي ٻانهن کان پڪڙي گهر وٺي آيو(52) جتي اڳيئي قاضي ۽ ٻيا سادات ويٺا هئا. مون کي انهن جي اڳيان ڪٺي ويهاريائون. آئون حيران پريشان هيس ۽ ڪا خبر نه ٿي پيم هي سڀ ڪجهه ڇا هو. تان جو قاضي پڇڻ شروع ڪيو ته "هنن ڇئن شرعي شرطن موجب تو فلاڻيءَ ذيءَ فلاڻي جي کي قبول ڪيو"؟ اهو ٻڌي ڄڻڪ منهنجو هوش خطا ٿي ويو ۽ آءٌ بلڪل چپ ٿي ويس. آخر شرم وچان ۽ ايترا سادات جيڪي اچي گڏ ٿيا هئا انهن سيني جو لحاظ ڪندي، لاچار ڪٺي هائو ڪار ڪيم، پر هاڻي جو آءٌ پنهنجي فقيرن کي منع ڪندو ٿو رهان ان جو سبب فقط اهو آهي ته مون کي جيڪو نقصان نڪاح مان پهتو آهي. مبادا اهو ٻين کي به پهچي.

ڪي ماڻهو چون ٿا ته نڪاح ڪرڻ سنت آهي ۽ ان ۾ پيغمبر عليه الصلواة والسلام جي پيروي آهي. پر عجب جهڙي ڳالهه آهي ۽ سيني کي خبر آهي ته پاڻ سڳورا رات جو عبادت ۾ ايترو ته بيهندا هئا جو سندن پير مبارڪ

بہ سچي پوندا هئا. پوءِ اهڙي عبادت تي تہ عمل پيرا کو نہ ٿا ٿين، باقي ڳالهيون گهڻيون ٿا ڪن.

نقل آهي تہ مولانا بهاءُ الدين گودڙيو شادي ڪان اڳ ڪڏهن بہ پنهنجن هٿن سان پئسا نہ وٺندو هو ۽ نڪو ڏيندو هو. شاديءَ ڪانپوءِ جڏهن ڪنهن ماڻهو ڪيس پئسا ڏنا تہ اهي وٺي ڏندن سان جهلي پنهنجي پڳ ۾ رکيائين. ميان ابراهيم مخدوم نوح عليہ الرحمة جو پٽ جيڪو ان وقت موجود هو، ٻڌائي ٿو تہ مون اهو سڀ لقاءُ ويٺي ڏٺو. (53) مون کي اها ڳالهہ ڏاڍي گران گذري ۽ دل ۾ عجيب بيقراري ۽ بي آرامي محسوس ڪيم. آخر اتان اٿي حضرت جن جي خدمت ۾ آيس ۽ ان فقير جي سچي حقيقت حال ڪين عرض رکيم. ٻڌي چوڻ لڳا تہ دنيا واقعي هڪ مڪار ۽ غدار ڪراڙي عورت جيان آهي، جيڪا ٻين کي هميشہ فريب ڏئي پاڻ ڏي مائل ڪري ٿي، خاص طرح اهڙن فقيرن کي جيڪي زهد تقويٰ جي لباس ۾ آهن ۽ پاڪائي جي پڳ مٿي تي پهرين ٿا. اهي ڳالهيون ٻڌي اندر کي ڏاڍو سڪون اچي ويو ۽ پوءِ آءٌ موڪلائي هليو آيس.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ دفعي حضرت جن ڪنهن مريد جي نڪاح ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ويا ٿي ۽ واٽ تي هي ٻہ بيت پئي پڙهيائون:

[20]

جا تو گهيڙي ڳهڻ، مانگرياڙي مڇڙا،
ان ڪنديءَ ڪڏي ڪيترا، نيٺي پڇاڙيا پٽ.

[اي مڇڙا هي مانگرياڙي ڪندي جيڪا تو پنهنجي نڙگهٽ ۾ گهيڙي آهي، تنهن ڪيترن ئي کي ڪڏي پٽ تي هنيو آهي.]

[21]

ڏورا پسي ڏور، جو ولين وهرو نڪري،
مانگرياڙي مڇڙا، هڏ نہ وڌين هور.

[جيڪڏهن پري کان ئي ڏور يعني ڄار کي ڏسي تيزيءَ سان نڪري وڃين ها، تہ پوءِ اي مڇڙا، ڪڏهن بہ ان مانگرياڙيءَ ڪنديءَ جي خوف ۾ نہ هجين ها!]

جڏهن جوان مرد ۽ عورت اڪيلائي ۾ گفتگو ڪن ٿا، تہ ان وقت

شيطان شهوت جي سرمي جي سرائي پري انهن جي اکين ۾ وجهي ٿو ۽ پوءِ هو پاڻ ۾ گڏجن ٿا. اهڙيءَ طرح شيطان ٻنهي کي فريب ڏيئي وڏي مصيبت ۾ وجهي ٿو. (54)

چيائون تہ "**العلم نقطة و کثره الجاهلين**" "يعني علم ٿورو آهي پر جاهلن ان کي وڏائي ڇڏيو آهي". علم وارا ۽ دانشمند جڏهن تو ڙ تي پهچن ٿا تڏهن الله کي ياد ڪن ٿا. هوڏانهن فقير شروع ڪان ئي انهيءَ نالي کي وٺيو وينا آهن. مطلب تہ عالمن جي انتها فقيرن جي ابتدا برابر آهي. جيئن قول آهي تہ "**شمة من المعرفة خيرمن کثرة العلم**" يعني معرفت جو ذرو بہ ظاهر علم جي گهڻائي کان بهتر آهي." اهڙيءَ طرح قرآن جا حافظ تہ گهڻا آهن. پر حدن جا حافظ يعني حدود الله جي نگهباني ڪرڻ وارا گهٽ آهن. علم جا طالب بہ جهجها آهن. پر عليم يعني ذات خداونديءَ جا طالب اڻ لڀ آهن.

[22]

ڪنز، قدوري، ڪافيا، جي پڙهي پروڙين سڀ،
تہ ڪر منبي ماڪوڙي کوهہ ۾، پيئي ڪجي اڀ.

[توڙي جو تون ڪنز، قدوري ۽ ڪافيا جهڙا سڀ ڪتاب پڙهي ۽ سمجهين وجين - پر پوءِ بہ تنهنجو مثال ائين آهي. جيئن ڪا منبي ماڪوڙي کوهہ ۾ اندر پئي آسمان کي ماپڻ جي دعويٰ ڪري.]

فرمايائون: "**العلم بلاعمل کالشجر بلاثمر**" يعني علم عمل کانسواءِ ائين آهي جيئن وڻ ميوي کانسواءِ. چيائون تہ عالمن ۽ فقيرن ۾ اهو فرق آهي تہ پهريان خلق جي وچ ۾ پردو ڪندڙ آهن ۽ فقير انهيءَ پردي کان الڳ آهن.

فرمايائون تہ فقير کي گهرجي تہ سيپاري جو چوٿون حصو يعني فقط ايمي پڙهي. ڇو تہ اهو فرض آهي. باقي سڄي عمر ويٺو خدا کي ياد ڪري. دنيا واسطي علم حاصل ڪرڻ کان بهتر آهي تہ ماٿو ڪورڪو ڏنڊو وٺي ڪري. چيائين تہ علم بهشت تائين پهچائي ٿو. پر ذڪر خدا تائين رسائي ٿو. ان کان پوءِ قاضي قادن رحمة الله عليه جيڪو پنهنجي وقت جي وڏن عارفن مان هو. ان جا هي بيت پڙهيائون:

[23]

ڪنز قدوري، ڪافيا، ڪي ڪو نہ پڙهئوم،
سو پاڙهہ ٻي ڪو ٻئو، جتان پرين لڌوم.

[ڪنز، قدوري ۽ ڪافيه(ڪتابن) مان مون ڪجهہ بہ ڪو نہ پڙهيو. اهو پڙهڻ(پاڙهہ) ئي ڪو ٻيو جنهن مان پنهنجي پرينءَ ڪي ڳولي لڌم. (55)]

ٻيو [24]

لوڪان نحوُ صرفُ، مون مطالع سپرين،
سوئي پڙهنو سو پڙهان، سولي سو حرف.

[ماڻهو تہ صرف ۽ نحو(ڪتابن) ڪي پڙهڻ ۾ لڳا پيا آهن. پر آءٌ محبوب جي مطالعي ۾ مشغول آهيان. مان تہ ورائي ورائي اهو ساڳيو(محبوب) حرف ٻيو پڙهان.]

چرن ٿا تہ جيڪڏهن ڪو طالبعلم هڪ دفعو پنهنجي ارادي سان حضرت جن جي مجلس ۾ شريڪ ٿيندو هو تہ وڏيڪ پڙهڻ ڪان هٿ ڪڍي ڇڏيندو هو. نقل آهي تہ هڪ مريد هڪ طرف قرآن جو سبق وٺندو هو تہ ٻئي طرف وري سندن مجلس ۾ ايندو هو. هڪ ڏينهن ميان عيسيٰ رحمة الله عليه جيڪو پاڻ حضرت جن جي عقيدتمندن مان هو، آخر ان مريد کي چئي ڏنو تہ جيڪڏهن تون حضرت جي صحبت مان ڪجهہ پرائين ها. تہ جيڪر پوءِ اهو پڙهڻ بند ڪرين ها.

چيائون تہ علم سواءِ عمل جي ائين آهي جيئن ڪو ماڻهو اُجايل هجي. پر رڳو پاڻي پاڻي ويٺو پڪاري.، پر جيستائين پاڻي نہ پيئندو. ايستائين سندس اُڃ ڪو نہ لهندي.

نقل آهي تہ هڪ عالم سگهورو جيڪو مشڪواة شريف ۽ ٻيا ڪيترا ڪتاب پڙهيل هو ۽ وڏا بحث ڪندو هو ۽ ٻين کي انهن جي تشريح ڪري ٻڌائيندو هو. هڪ ڏهاڙي حضرت جن جي محفل ۾ شريڪ ٿيو. چون ٿا تہ حضرت جن جي منهن مبارڪ ڏسڻ ڪان پوءِ مٿس ايڏو اثر ٿيو. جو اهي سڀ ڪتاب ڪٽي اچي حضرت جن جي آڏو رکيائين. پاڻ اهي سڀ ڪتاب وڪٽي فقيرن جي لنگر ۾ خرچ ڪري ڇڏيائون. چون ٿا تہ انهيءَ ڪانپوءِ وري ان شخص ڪڏهن ڪتابن جو منهن نہ ڏٺو. البت هو پوءِ حضرت جن جي خاص ويجهن ماڻهن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. (56)

فرمايائون تہ علم هڪ ڏيئي وانگر آهي ۽ عمل ان جي وٽ ۽ تيل جيان آهي. ڪو بہ ڏيئو تيل ۽ وٽ ڪانسواءِ ڪا روشني نٿو ڏئي سگهي يعني ڪنهن ڪم جو ناهي.

هڪڙي مخلص کان نقل آهي تہ هڪ ڀيري ميان محمد جيڪو وقت جي عالمن ۽ دانشمندن مان هو. ان جو ناني حضرت جن جي خدمت ۾ اچڻ لڳو. جلد ئي مٿس ايڏو فقيري رنگ غالب پئجي ويو. جو پڙهڻ پڙهائڻ کي بلڪل ترڪ ڪري ڇڏيائين ايتري قدر جو هڪ ڏينهن ميان محمد حضرت جن کي چورائي موڪليو تہ "تو فلاڻي کي پڙهڻ کان منع ڪئي آهي ڇا؟ بلڪ کيس هدايت ڪريو، تہ جيڪي پڙهيو اٿس تنهن کي ضايع نہ ڪري". انهيءَ وقت اهو شخص حضرت جن وٽ ويٺو هو. پاڻ کيس مخاطب ٿي چوڻ لڳا تہ ڪهڙي سبب کان پڙهڻ ترڪ ڪيو اٿئي! جواب ڏنائين تہ جيڪڏهن علم ٿو پڙهان تہ فقيرن جي صحبت کان محروم ٿو ٿيان. پر جيڪڏهن فقيرن سان ٿو ويهان تہ علم ميسر نہ ٿو ٿئي. " حضرت جن اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ از راهہ عنايت فرمايائون تہ جيڪي عالمن کان علم ذريعي حاصل ٿئي ٿو. سو توهان کي بنا پڙهڻ جي حاصل ٿيندو. کيس چيائون تہ آءٌ فقط قرآن پاڪ جا ٻہ سيپاره پڙهيو آهيان ۽ وڌيڪ پڙهڻ جي مون ڪڏهن ڪوشش نہ ڪئي آهي.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ ڪيترا ڀيرا وقت جا مشهور عالم ۽ دانشمند جهڙوڪ: مولانا صدر، مخدوم حامد ڏاڏوٽائي ۽ مولانا داؤد مفتي سندن مجلس ۾ ايندا هئا. پر جڏهن پاڻ معنيٰ جا موتي ۽ دقيق نڪتا بيان ڪندا هئا. تہ اهي سڀ سمجهڻ کان عاجز ٿي پوندا هئا ۽ حيرت جو اظهار ڪندا هئا. (57)

(چيائون تہ) هڪ دفعي خيال آيو تہ ڪتاب "ڪشف الاسرار" جو مطالعو ڪجي. صابو سومرو رحمة الله عليه جيڪو وقت جي عارفن مان هو تنهن منع ڪئي تہ اهو خيال لاهي ڇڏيو، بلڪ خدا کي ياد ڪريو ۽ ان جي تالي جو ورد ڪريو. مون لاءِ اها نصيحت ڏاڍي فائديمند ثابت ٿي. ان ڪانپوءِ قاضي قادن جو هي بيت پڙهيائون:

[25]

سيئي سيل ٿيام، پڙهيام جي پان لئہ،
اکر اڳيان ايري، واڳو ٿي وريام،

[اهي ئي منهنجي لاءِ زنجير بنجي پيا جيڪي آءٌ پڙهندو هوس. اهي ساڳيا حرف واڳونءَ وانگر ايري مون کي ورائي ويا.]

فرمايائون ته شريعت خدا جي واٽ جو دروازو آهي. پوءِ جيڪو ان دروازي مان داخل نه ٿيندو ته اهو گمراهه ٿيندو. اهڙيءَ طرح جيڪو بادشاهه جي دربار ۾ حاضر ٿيڻ گهرجي. ته اهو مقرر دروازي کان داخل ٿئي ته پوءِ ڪيس اچڻ به ڏيندا ۽ انهيءَ شخص کي ڪو به بي ادب نه چوندو. پوءِ جيڪڏهن ديوار ٽپي داخل ٿيندو ته اهو بي ادب چئبو ۽ سزا جي لائق پڻ.

فرمايائون ته ڪي شخص هن دنيا ۾ قرآن پاڪ جي هڪ لفظ جون لک معنائون ڪن ٿا. پر جڏهن قيامت جي ڏينهن خدا جي آڏو حاضر ٿيندا ۽ پنهنجي پروردگار کان معنيٰ ٻڌندا ته ڪين يقين ايندو ته پاڻ ڪجهه نه ٿي جاتائون. (58) بلڪ ڪين احساس ٿيندو ته ماليخوليا جهڙي مرض ۾ مبتلا هئاسون ۽ اجايون ڳالهيون ٿي ڪيون سون.

هڪ مريد کان نقل آهي ته هڪڙي رسمي طالبعلم اهو گفتو ڪديو ته جيڪي ماڻهو حضرت جن جي خدمت ۾ اچن ٿا. اهي علم کان محروم ٿي پون ٿا ۽ شريعت تي عمل ڪرڻ به ڇڏي ڏين ٿا. مون اها ڳالهه حضرت جن کي اچي ٻڌائي. هڪ ڏينهن حضرت جن ان طالبعلم جا مهمان ٿيا. ان ڏاڍي تعظيم و تڪريم ڪئي ۽ ونس جيڪي هو سو آڻي حاضر ڪيائين. هڪ پيو مريد جنهن مون کان اها ڳالهه ٻڌي هئي ۽ اهو پڻ اتي موجود هو. تنهن اهو ساڳيو ذڪر ڇيڙيو. پاڻ اهو ٻڌي ڪاوڙ ۾ اچي ويا ۽ ان کي مخاطب ٿي چوڻ لڳا ته اسان شريعت جي خلاف ڪهڙي ڳالهه ڪئي آهي. اسان وٽ ته جيڪي فقير اچن ٿا. ان کي اها نصيحت ڪريون ٿا ته ٿورو کائو. گهٽ سمهو. خلق سان گهٽ ملو. خدا کي گهڻو ياد ڪريو. ڇا اهو سڀ ڪجهه شريعت جي خلاف آهي؟ تڏهن اهو طالبعلم ڏاڍو شرمندو ٿيو ۽ اهڙي هيبت اچي مٿس طاري ٿي جو هڪ حرف به نه ڪچيو. بلڪ ڳچيءَ ۾ ڳارو وجهي حضرت پير جي پيرن تي ڪري پيو ۽ زمين تي هيٺ ويهي ڏاڍيون ليلڙائيون ڪرڻ لڳو. چوڻ لڳو ته مون اهي لفظ ڪڏهن به نه ڪديا آهن ۽ اها مون تي تهمت آهي. پر جيڪڏهن پل ۾ چيا اٿم ته توبه ٿو ڪريان ۽ پيهر ڪڏهن به نه چوندس. ان ڪانپوءِ حضرت جن اتان روانا ٿي هڪ ٻي ڳوٺ ۾ آيا. اهو شخص ڪافي وقت ساڻن گڏ رهيو ۽ هر وقت زاري ۽ پشيمانيءَ جو اظهار ڪندو رهيو. (59)

فرمايائون ته اصل ڳالهه عمل جي آهي. عمل کانسواءِ هر شيءِ بيڪار

آهي. مثلاً: ڪو شخص ڏاڙهي ڪوڙائي، شراب پيئي، پر پاڻ کي پڙهيل ۽ دانا ۽ سمجهي تہ "فصوص" ۽ "لمعات" جهڙا ڪتاب سندس نظر مان گذريا آهن. تہ انهن سڀني ڳالهين مان ڪهڙو فائدو! مطلب تہ عمل کانسواءِ علم بيڪار آهي.

چيائون تہ جيڪو ماڻهو دنيا واسطي علم پرائي ٿو، اهو ڪافر آهي جيڪو آخرت واسطي حاصل ڪري ٿو. اهو وري منافق آهي. البت جيڪو الله واسطي حاصل ڪري، اهو مؤمن آهي. طالب کي گهرجي تہ پير جي حاضريءَ ۾ رهي يا بزرگن جي ڪتابن مان مستفيد ٿئي.

فقير کي گهرجي تہ ٿورو کائي. بک لڳيس تہ رڳو پنج گرهہ کائي. ڇو تہ کائڻ حياتيءَ واسطي آهي ۽ نہ نفس جي لذت لاءِ. پر جيڪڏهن فقير بک جي ڪري پيٽ ڀرڻ ڪري کاڌو. تنهن ڇڻ حرام کاڌو. عام ماڻهن جو روزو اهو آهي تہ اسر ويل نيت ڪن ۽ سانجهيءَ ٽائي افطار. پر خواص جو روزو اهو آهي تہ جڏهن مٿس اڃ ۽ پياس اچي غلبو ڪري، تہ ان وقت چند قطرا پاڻيءَ جا پيئن تہ جيئن پياس برقرار رهي. ساڳيءَ طرح جڏهن بک اچي کين بيحال ڪري تہ چند گرهہ کائين، پر ڍؤ نہ ڪن ۽ بک کي بلڪل ختم نہ ڪن. فقير کي گهرجي تہ پيٽ بکيو، انگ اگهاڙو ۽ جگر اُجيو رکي. فقير جو مرتبو تڏهن وڌندو جڏهن خلق سان گڏ هوندي جدائي اختيار ڪندو ۽ کائڻ پيئڻ ۾ گهٽتائي قبول ڪندو. (60)

فقير کي گيهہ بہ نہ کائڻ گهرجي، ڇو تہ سڀ اندر کي ڪارو ڪري ٿو. فقير کي اڪيلائي پسند هجڻ گهرجي. طعام جي خيال کي بہ دل کان پري رکي، ڇو تہ شيطان هميشہ انهيءَ فڪر ۾ رڌل رهي ٿو. البت خلق کي خبر ڪري تہ جيئن کيس اهي کاڌو رسائين. ڪافرن جو طعام هرگز نہ کائڻ گهرجي، تہ ڇو تہ ان سان دل ڪاري ٿئي ٿي. انهن جي کاڌي کان ايتري قدر پاسو ڪريو جيتري قدر هو پاڻ ڪن ٿا. جڏهن کان اها خبر پئي اٿم تہ ڪافرن جي کاڌي کائڻ سان اندر ڪارو ٿئي ٿو، تہ اهڙو طعام ڪڏهن بہ فقيرن کي نہ کارائيندا آهيون. بلڪ آءٌ پاڻ اهو کائي ڇڏيندو آهيان تہ جيئن منهنجو نقصان ڀلي ٿئي. پر انهن جو فائدو نہ وڃي. چيائون تہ گهڻا ماڻهو اهڙا آهن جيڪي فقيرن کي صرف ان ڪري کاڌو کارائيندا آهن تہ جيئن سندن نالو مشهور ٿئي ۽

مائٹهن ۾ عزت وارا ليکجن يعني هر کو سندن تعريف ڪري. بِک، ڪانسواءِ ڪاڏو ڪائڻ خدا واسطي آهي ته بِک لڳڻ سان ڪاڏو نفس واسطي آهي.

فرمايائون ته مهمان واسطي گهڻا طعام تيار ڪرايو. پر ٿورو ٿورو ڪري سندس آڏو پيش ڪريو ته جيئن جلدي ڪائي ڍءُ نه ڪري.

ڪي صوفي سڳورا ڪائڻ ڪانپوءِ جڏهن گرڙي ڪن ٿا ته اسان سان گڏ ڪاڏي جا ذرڙا به ٻاهر ڪڍي ڦٽي ڪن ٿا ته جيئن ڪوليون ماڪرڙا ڪائن. پيا وري ٻهرين گرڙي ڪان ٻاهر بجاءِ اندر نين ٿا ته جيئن ڪاڏي جا بچيل ذرڙا هيٺ زمين تي نه ڪرن ۽ بي ادبي نه ٿئي.

فرمايائون ته طالب کي گهرجي ته اڪيلو ٿي سفر ڪري. پر جيڪڏهن ڪي چار ڄڻا سمجهن ٿا ته هڪ مانيءَ تي گذر ڪري سگهبو ته پوءِ پلي گڏجي سفر ڪن.(61) چون ٿا ته هڪ ڏهاڙي ڪو مريد پنهنجي ڳوٺان هلي حضرت جن جي خدمت ۾ آيو. ڪيس رذل ڄانور ڪائڻ لاءِ آٿي ڏنائون. جنهن تي ان شخص چيو ته سائين مون هڙو ڪاڏو ڪڏهن نه ڏٺو آهي. پاڻ پڇيائونس ته تڏهن وانءِ تي ڇا ڪاڌءِ؟ هن ورائيو ته ڪجهه جون جو اٽو ساڻ هو. تنهنجي ماني پچائي ڪاڌي اٿم. ان تي پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ هي بيت پڙهيائون:

[26]

اسين تتان آئيون، جتي ڪهنبو ناهه،
جي وڃون(ڪنه) وياهه، ته پن مٽي لوئيون.

[اسين ان هنڌان آيا آهيون، جتي ڪهنبو ڪپڙو ناهي - توڻي جو اسين ڪنهن شاديءَ ۾ وڃون، ته به اسان جي مٽي تي ڪٽيون هونديون آهن]

فرمايائون ته فقيرن جي دنيا ڪرامت ۽ پيٽ پرڻ نه آهي. فقيرن جو ڪائڻ پيئڻ پوشاڪ پهرڻ، ڪلڻ ۽ ملڻ جلڻ ٻين کان مختلف هجڻ گهرجي.

جيڪڏهن ڪو دوست اچي مهمان ٿئي ته پني يا قرض ڪڻي به ان جي خاطر ڪجي. پر جيڪڏهن اهي ٻئي ڳالهيون نه ڪري سگهي، ته پوءِ اهو سمجهبو. ته ڪوڙو آهي يا ان وٽ ڪو مال متاع آهي.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن ٻاهر کي مهمان آيا ۽ پاڻ اچا ان وقت حجري ۾ هئا. وٽن ڪافي طعام پڻ موجود هو جو سندن فرزند اچي ڪين چيو ته اهي اسان جا مهمان آهن. انهيءَ طعام مان ڪجهه حصو ڏيو ته ڪين پيش ڪجي.

پاڻ خاموش رهيا ۽ طعام کڻڻ نہ ڏنائون. (62) سندن پٽ منجهي پيو تہ اڄ ڇا ٿي ويو جو طعام کان منع ٿا ڪن. چوڻ لڳا تہ اسان طعام ڏيڻ ۾ بخيلي نٿا ڪريون. پر اسان چاهيون ٿا تہ توهان اها آشنائي ترڪ ڪيو ۽ اهو ميل ميلاپ ختم ڪريو. پوءِ پلي بي آشنائي پيدا ڪريو.

چيائون تہ اهڙي دوستي ۽ مهماني هرگز اختيار نہ ڪريو. جنهن ۾ نفر ڪي قبول نہ ڪيو وڃي. اهڙي ياريءَ کي ڇڏي ڏيو. جو تہ اها ڳالهہ ياري دوستيءَ جي مسلڪ سان لڳي ٿي ڪو نہ ٿي. فرمايائون تہ پنڻ خدا جو خزانو آهي. ان کي هٿان ڪڏهن بہ نہ ڇڏيو. باقي جيڪو توهان وٽ آهي. اهو سڀ فاني آهي.

جيڪڏهن ڪو فقير اڄي مهمان ٿئي تہ پلي قرض کڻو. پوءِ کڻي هڪ درهم عيوض لک درهم ڏيڻا پون. ان ۾ بہ فائدو آهي. اهو هڪ درهم هٿ ضرور ڪجو.

[27]

پنجين دمين ۾، ڪيجي ڪي سڄڻين،
تہ پن توڻي ڪنيو، جي سو سرءِ ڪم،

[سڄڻ جي لاءِ هڪ درهم جي جڳهہ تي پنج درهم ڪڍڻا پون تڏهن بہ سجايا. پوءِ بہ چئہ تہ تو ڪنيو. بشرطيڪ اهو ڪم پورو ٿئي.]

چيائون تہ هڪڙي جماعت رزق جي طالبو آهي تہ بي جماعت اهڙي بہ آهي. جنهن جو رزق خود طالبو آهي ۽ اهي اُهي آهن جيڪي خدا جي طلب ۾ آهن. نيڪبخت اهو آهي. جيڪو رزق ڳولهي ٿو ۽ بدبخت اهو آهي جيڪو هڪ هنڌ نڪاٿو ڳولهي ٿو ۽ اتي ويٺو رهي ٿو. جيڪڏهن فقير کي طعام جي مٿان ڏونرو، سٺي يا ڪيرو وجهي ڏين. پر اهو فقير ان ڏونري کي پين لاءِ ڇڏي نہ ڏئي ۽ پاڻ چٽ ڪري وڃي. (63) تہ دنيا بہ ان کي ڇڏي ويندي. فرمايائون تہ جيڪڏهن رڳو بک سبب ڪو خدا کي پهچي ها تہ پهرين شينهن ٿي هجن ها. چيائون تہ طالب کي ايستائين ڪاڏو ڪائڻ نہ گهرجي. جيستائين بک مٿس ايترو غلبو ڪري جو خدا جو ذڪر نہ ڪري سگهي. اهڙي طرح پاڻي بہ تيستائين نہ پيئي جيستائين پياس کيس بيحال ڪري. ايستائين نہ سمهي. جيستائين سمجهي تہ زمين تي ڪري پوندس. ۽ ايترو ڳالهائي جيترو ضروري هجي.

طالب کي کائڻ کان پرهيز ڪرڻ کپي، پر جي پاڻ کي بکيو محسوس ڪري تہ فقر يعني گدائي ڪري. فقر وقت سندس روش شهباز وانگر هجي يعني جيڪڏهن هڪ دفعي ارادي ڪرڻ سان ڪيس ڪا شيءِ ملي وڃي تہ وٺي ڪائي نہ تہ باز رهي. طالب کي کپي تہ جڏهن سون قسمن جا طعام سندس آڏو اچن تڏهن پيٽ جو فقط ويهون حصو پري ڪائي. طالب کي گهرجي تہ ايتري بک ڪڍي جو سندس قضا حاجت ٻليءِ برابر هجي. ان ڪانپوءِ بک ۾ اجا وڌيڪ اضافو ڪري. تانجو سندس قضا حاجت ڪُئي جي اخراج برابر هجي.

چيائون تہ فقر يا گدائي وارو طعام پاڪ آهي ۽ جڏهن اهو کٽي فقير اندر داخل ٿئي ٿو تہ خدا تعاليٰ جبرئيل عليہ السلام کي حڪم ڪري ٿو تہ اتي پهچي ۽ پنهنجا پک کولي انهيءَ طعام کي هر شڪ شبهي کان محفوظ ڪري. جيڪو شخص فقر جي لاءِ گدائي ڪري ٿو، پر پاڻ ان منجهان نٿو کائي، تڏهن بہ ان کي برڪت حاصل ٿيندي. خدا جي راهہ ۾ گدائي ڪرڻ فقيرن جو طريقو آهي. (64) مقولو آهي تہ "**الجوع طعام الله في الارض يعني بک الله جي طرفان طعام آهي هن ڌرتيءَ تي**". مثال ڏيندي چيائون تہ جيڪر توهين پاڻ ڪجهہ بہ نہ ڪريو. چو تہ توهان کي پڪ آهي تہ اچ توهان جي ٻي هنڌ دعوت آهي. پوءِ جڏهن الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ رزق جي ضمانت ڪئي آهي ۽ ان جو هر وعدو سچو آهي تہ اوهان کي يقين ڇو نہ ٿو اچي ۽ رزق جي طلب ۾ حيران پريشان ڇو ٿا ٿيو يا رڳو پنهنجي ڪمائي ۽ ڪسب تي اعتماد ڇو ٿا ڪريو.

طالب کي گهرجي تہ ماڻهن سان شروع کان وٺي جيڪا آشنائي ۽ گهرائپ رکي ٿو، ان کي ختم ڪري ۽ ٻيهر اهڙي گهرائپ کان پاسو ڪري. بلڪ طالب کي خلق کان ائين ڀڄڻ گهرجي، جيئن ڪانءَ ڪمان کان ۽ ماڻهو شينهن کان! طالب کي گهرجي تہ هميشہ هيڪلو رهي ۽ پنهنجي نظر پنهنجي سيني تائين محدود رکي.

جيڪڏهن ڪو طالب زبان سان ياد الاهيٰ ۾ مشغول آهي. پر دل ۾ خدا کي وساري ويهي ٿو. ان جو مثال انهيءَ هرڻ جهڙو آهي. جنهن کي شڪاريءَ جو تير لڳو آهي ۽ انهيءَ حالت ۾ شڪاريءَ کان ڀڄي نڪتو آهي. هاڻي سندس زخم پچي پيو آهي ۽ ان ۾ ڪينئان پئجي ويا آهن ۽ ڏاڍي سور ۾ مبتلا آهي. پر جيڪڏهن پهرين تير لڳڻ سان ئي زمين تي ڪري ها. تہ جيڪر

حلال ٿي پوي ها. سيني کي فائدو به پهچي ها ۽ انهيءَ سور يا مصيبت کان به ڇٽي پوي ها. (65) طالب کي ڪمند جي ڇڙيءَ وانگر ٿيڻ کپي. جنهن جي پاڙ ۽ پيڇڙي ٻئي بيڪار آهن. باقي وچ سنو ۽ بهتر آهي ۽ اهو ئي لذيذ ۽ مٺو آهي. اهڙيءَ طرح ٻڍاپڻ ۽ ٻالڪپڻ ٻئي بيڪار آهن. ان ڪري عبادت ۽ توبه جو وقت جوانيءَ ۾ آهي. ان ۾ ئي عبادت جو مزو وٺجي ۽ حق جي يادگيريءَ ۾ مشغول رهجي. ته جيئن جوانيءَ واري عبادت جي برڪت سببان ننڍپڻ جون خطائون معاف ٿين ۽ پيريءَ ۾ سرخرو ٿئي. جيئن قول آهي ته ان **الحسنات يذهبن السيات** (114:11) يعني بيشڪ نيڪيون براين کي ختم ڪري ڇڏين ٿيون.

طالب کي گهرجي ته نڪر جي ڪُني وانگر ٿئي. جنهن کي پاڻيءَ سان ڀري باهه تي رکندا آهن. جيڪڏهن باهه جي تَوَ تي منجهس ڏار يا هلڪو سوراخ ٿي پيو ته پوءِ هميشه پيو عذاب سهندو.

[28]

جي مون سڏ ڪيا، پنيوران پاهر ٿي،
سي جي پرين سُڻا، ته هوند نه وٺا نڪري.

[پنيور کان پاهر نڪري جيڪي مون سڏ ۽ واڪا ڪيا. سي جيڪڏهن منهنجو پرين ٻڌي ها ته جيڪر ائين هليو نه وڃي ها.]

طالب کي گهرجي ته جڏهن سفر ۾ هجي. ته ڪنهن جو مهمان نه ٿئي. جڏهن رات پويس ته انتظار ڪري ته جئن ڳوٺ وارا سمهي پون ۽ ڳوٺ ۾ داخل ٿئي. فقير کي گهرجي ته اڪيلو رهي ۽ ماڻهن . ان نه ملي. بيابان ۾ يا اهڙي جاءِ ۾ رهي. جتي ڪيس ڪو ڏسي نه سگهي. (66)

صلح ۽ امن. سچ ۽ ويرانيءَ ۾ آهي. خزانو به ويرانيءَ ۾ ملندو. اهڙيءَ طرح محبوب پڻ اڪيلائي ۾ ملندو!

[29]

وڻ سا سچي ويڙ، جتي سڄڻ هيڪڙو،
سو ماڳني ڦير، جتي ڪوڙ ڪماڙ هئين.

[اها سچ گهٽو بهتر آهي جتي محبوب اڪيلو ملي وڃي. اهو ماڳ ئي مٽي ڇڏجي، جتي خراب ماڻهن جي گهٽائي هجي.]

فرمايائون تہ جن ٻن قسمن جا آهن. هڪڙا شيطان جي صورت ۾ تہ ٻيا انسان جي روپ ۾. شيطاني جن لاحول پڙهڻ سان ڀڄي وڃن، پر انساني جن کڏهن بہ نہ ٽرن. هڪڙو انساني جن هزار شيطاني جنن کان وڌيڪ خراب آهي.

جڏهن کان خبر پيم تہ نماز جي پهرين صف ۾ ويهڻ سان تمام گهڻو ثواب ملي ٿو، تڏهن کان پهرين صف ۾ ويهڻ ڇڏي ڏنم تہ جيئن ٻيا ثواب ڪمائي وٺن.

هڪ مخلص کان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن مون نماز جي امامت ٿي ڪرائي جو حضرت جن بہ اچي پٺيان نماز ۾ شامل ٿيا. دعا گهرڻ وقت بہ ڏٺم تہ پاڻ وينا ٿي هئا. ان کان پوءِ جڏهن اٿي گهر ڏانهن هلڻ لڳا تہ آءٌ بہ سندن پٺيان اٿي هليس. مون کي ڏسي چوڻ لڳا تہ دعا ڏاڍي پرجوش انداز سان گهري اٿئي ۽ اسان کي اها ڏاڍي سٺي لڳي. تاهم افضل اهو آهي تہ پنهنجي حال کي ظاهر نہ ڪجي. جيتوڻيڪ حال لڪائڻ بہ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي. خاص طور جڏهن اهو ڪنهن تي ظاهر ٿي پوي. ان کانپوءِ هي نقل ٻڌايائون.

هڪ عورت ۽ سندس سهرو گڏ ڪنهن جهنگل مان وڃي رهيا هئا. (67) جڏهن وچ رستي تي هئا تہ عورت کي اچي ويم جا سور ٿيا ۽ ڏاڍو پريشان ٿي. هاڻي جيڪڏهن آواز ٿي ڪري تہ سهري کي ٿي خبر پوي، پر جي لڪائي ٿي تڏهن بہ سور ۽ ايذا ڪيس صبر ڪرڻ ڪو نہ ڏيندا ۽ آخر لاعلاج ٿي دانهون ڪرڻ لڳندي.

چيائون تہ جيڪڏهن پهرين تير سان شڪار هڻ، پٽ تي ڪريو تہ حلال بہ ٿيندو. پر جي نہ ڪريو ۽ ٿورو اٿر ٿيس، تہ اهو ڪم کان ڇٽو ۽ هميشہ لاءِ مصيبت ۾ پيو.

طالب کي ننڊ نہ ڪرڻ گهرجي. بلڪ ويٺو رهي پوءِ جيڪڏهن ننڊ مٿس غلبو ڪري ۽ بيوس ٿي ڪنهن طرف ليٽي پوي تہ اهو ئي سندس قبلو آهي. طالب کي ڏينهن توڙي رات جو پير ڊگها ڪري سمهڻ نہ گهرجي. جيڪڏهن فقير کي ننڊ ۾ سار ٿي پوي تہ اٿي ويهي رهي، تانجو وري اچي کيس جڏهن ننڊ ورائي تہ پوءِ سمهي پوي.

هڪڙي مخلص کان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن ڪو فقير جنگهون ڊگهيري ويٺو هو جو پاڻ ان کي هٿ سان اشارو ڪري چيائون تہ گوڏڙي کي

پنهنجي ڪلهن تي رکي ارام سان ويهه. فقير چيو ته حضرت جن جو اهو سخن منهنجي دل تي اهڙو نقش ٿي ويو جو ان ڪانپوءِ ڪڏهن به پير ڦهلائي نه ويٺس.

جيڪي به خدا جا طالب ٿيا آهن، انهن دنيا کان سرد مهري اختيار ڪئي آهي ۽ ان کي خوار خراب سمجهيو اٿائون، پر جيڪي دنيا جا طالب ٿيا، اهي وري خدا کان محروم رهجي ويا.

هڪ مريد کان نقل آهي ته هڪ ڏينهن حضرت پير جن ڪنهن ڳوٺ ڏانهن ٿي ويا. آءٌ ۽ هڪ ٻيو فقير سندن خدمت ۾ هئاسون. واٽ تي ان فقير جو پيءُ اچي سائين مليو ۽ عرض ڪيائين(68) ته هن خادم يعني سندس پٽ کي دعا ڪريو ته ڪپڙي لٽي ٻائڻ جو خيال رکي ۽ منهنجي حقن جو به ڌيان ڪري. اهو ٻڌي حضرت پير جن مسڪرائڻ لڳا ۽ چيائون ته اها دعا هرگز نه ڪبي بلڪ اها دعا گهربي ته شل خدا جي طلب ۾ مشغول رهي ۽ ان واٽ کي ڪڏهن به نه ڇڏي.

فقير کي گهرجي ته سڀ لاڳاپا ختم ڪري ۽ هيڪلائي يعني تجرد اختيار ڪري.

[30]

جي تـجريـدان نڪـتـا، پيـئا ۾ تفريـد،
ڪن ڪـڏهين نـٿـي، هـن ڏهـاڙي عيـد

[جيڪي تجريد مان نڪري تفريد ۾ داخل ٿين ٿا. پوءِ انهن جي ڪڏهن ڪڏهن نه، بلڪ هر روز عيد ٿئي ٿي.]

فقير کي گهرجي ته پهريائين"تجريد" جي تڪميل ڪري، پوءِ "تفريد" جي پچا ڪري، جيڪڏهن ڪو چوي ته آءٌ فقير آهيان، پر خلق سان ملڻ جلڻ ۾ فائدو آهي، ته اهو فقير ناهي.

[31]

پنيورا ٻـ ٿـوڪ، ڪنهـن نـ نـيا پـان سـبن،
سـڪن سـپرين ڪـي، لاڳاپاسـين لـوڪ.

[پنيور مان ڪو بـ ٻـ شيون پاڻ سان ڪٺي نه سگهيو آهي، هڪ سپرين جي سڪ ۽ ٻيو خلق سان واسطا ۽ لاڳاپا.]

فرمايائون ته دل جو سڪون اسبابن جي ترڪ ڪرڻ ۾ آهي ۽ نه انهن کي گڏ ڪرڻ يا جمع ڪرڻ ۾! انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڪو فقير پلي سچيءَ دل سان نه سهي، پر ڪوڙي دل سان ئي هڪ سال ڪنهن حجري اندر هيڪڙائي ۾

گذاريندو تہ خدا تعاليٰ انهيءَ جي دل مان اهو ڪوڙ ڪڍي ڪيس سچ سان نوازيندو. "**الشهرة آفة ولکن الناس يحبونها والوحدة راحة و لکن الناس لايرضون بها**". يعني مشهوري مصيبت آهي پر ماڻهو ان کي پسند ڪن ٿا. ۽ هيڪڙائي راحت آهي پر ماڻهو ان ۾ خوش ناهن."

و اخرما ياخذ من رؤس الصديقين حب الجاه يعني صديقن جي دماغ مان جيڪا آخري ڳالهہ بہ نڪري ويندي اها مرتبي جي محبت آهي. طالب کي گهرجي تہ بلند همت هجي.

[32]

ونگا ور پاڳن، گهور ابتي گهوٽن،
سيگڙيين پر ڏنو، ونا ڪيچ چرن.

[انهن جي پڳن جا ور ڏنگا آهن ۽ اهي گهوٽ نظر بہ ٻئي طرف رکن ٿا. هو پنهنجي سينگ يعني ڪمان جي زور تي. ڪيچ جي ملڪ ۾ چرندا ۽ گهمندا وتن ٿا.]

وڏيڪ چيائون تہ اهي "**ڪمال همت**" وارا آهن. فرمايائون تہ روئڻ جا ويهہ قسم آهن. انهن مان فقط هڪڙو خدا ڪارڻ آهي ۽ باقي اڻويهہ خدا کانسواءِ غير جي واسطي آهن.

[33]

نينهن نياپي نہ ٿئي، سڏين سين نہ هون،
ڪارين راتين رت ڦڙا، جان جان نين نہ رون.

[نينهن نياپي سان نٿو ٿئي ۽ نہ وري رڳو سڏن ڪرڻ سان محبوب ملي ٿو. بلڪ جيستائين اونداهين راتين ۾ اکيون رت جا ڦڙا نٿيون روئن.]

چيائون تہ ان طالب کي ڇا حاصل ٿيندو. جنهن جي دل حرص، و هوس سان ڀريل آهي. ائين چئي قاضي قادن رحمة الله عليه جو هي بيت پڙهيائون:

[34]

سڄڻ منجهہ هئام، مون ويٺي واءُ ٿيا،
هيڏان هوڏان هتڙا، هيٺن جاڙ وڏام.

[سڄڻ منهنجي اندر ۾ هئا. ۽ مون ويٺي ئي غائب ٿي ويا. هيڏانهن هوڏانهن هٿوراڙيون اجايون پئي ڏنم.]

طالب کي گهرجي تہ پنهنجو وجود وڃائي، تہ پوءِ اهو راز معلوم ٿيندس جيڪو "فصوص" ۽ "لمعات"(70) جيڪي تصوف جا اعليٰ ڪتاب آهن، انهن مان بہ هٿ نہ ايندس.

فارسي شعر:

رو نفي وجود کن کہ يابي،
سري کہ نيابي در فصوص و لمعات.

[وڃ ۽ پنهنجي وجود جي نفي ڪر تہ توکي اهو رازِ معلوم ٿيندو، جيڪو "فصوص" ۽ لمعات ۾ بہ نہ ملندو .]

ايستائين خدا جي معرفت حاصل نہ ٿيندي، جيستائين پنهنجو سر نہ ڏيو.

[35]

پهرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي هوءَ لَهُ،
تو هان ڏار نہ سپرين، منهن منجهين پاءِ.

[پهرين پاڻ کي فنا ڪر ۽ پاڻ کي فنا ڪري هن کي حاصل ڪر، سپرين توکان ڌار نہ آهي، رڳو پنهنجي اندر ۾ منهن وجهہ.]

جيڪو اُجوري خاطر عبادت ڪري ٿو، اهو ٻانهو نہ آهي، بلڪ اُجوري تي بيٺل پورهيت آهي. ان جو مثال هيئنئن آهي جيئن ڪو ماڻهو ڪجهہ مزور ۽ هڪ غلام ڪنهن ڪم لاءِ وٺي وڃي. فارغ ٿيڻ کان پوءِ غلام پنهنجي گهر هليو وڃي، پر ٻيا مزور پنهنجي اُجرت وٺڻ لاءِ انتظار ڪن.

طالب کي گهرجي تہ عجز اختيار ڪري ۽ ٻانهپ قبول ڪري. اهي بہ اصلي ڳالهيون آهن. بادشاهہ جيڪي ڪري يا ان جو خيال هجي، ٻانهي جو ڪم آهي تہ ان تي راضي رهي. ائين نہ چوي تہ هي ڪيئن يا ڇا لاءِ ڪيائين.

[36]

اي ڪچالي منجهہ تو، جو تو پانيو ڪچ،
جيڪي سندو سڄڻين، سيولي سچ.

[اها تنهنجي خامي آهي جو توکي ڪچ ٿو نظر اچي، سڄڻ جي هر ڳالهہ تہ سڀ سچ آهي .]

هڪ مريد مجازي عشق ۾ ورتل هو، (71) ان کي هدايت طور هي بيت ٻڌايائون.

[37]

مجازي ۾ مت ڪر، اکيون اي ۾ هير،
هاري حقيقت جي، پڇي تين نه پير.

[مجازي پنهنجا مائٽ نہ ڪر ۽ پنهنجون اکيون انهن نہ هيراءِ. اي هاريل انسان. پڇا ڪري حقيقت وارن جي ڪڏ چو نہ ٿو لڳين.]

[38]

اِي مجازي ماءِ، جي تو پانئيا سپرين،
هاري حقيقي پرين، ڪڇو ڪوه ٿئاءِ.

[اي، امڙ. جن کي تو پنهنجو محبوب سمجهيو آهي، اهي تہ مجازي آهن. اي هاريل انسان. تون ياڻ کي حقيقي محبوب جي آڏو ڪڇو چو ٿو ڪرين!]

طالب کي گهرجي تہ جڏهن ڪنهن بزرگ کان ڪو الاهي سخن ٻڌي تہ دل جي ڪنن سان ان کي هنڊائي. ۽ ائين نہ چوي تہ مون اڳ ۾ بہ اهو ٻڌو آهي. ڇوءِ پلي ڪٿي ٻڌو چو نہ هجيس. پر جيڪڏهن ائين چئي ويٺو تہ اها سخت دليءِ جي نشاني آهي. آخر اهڙي سخن ٻڌڻ جو ڪهڙو فائدو جنهن تي عمل نہ ڪجي.

[39]

ڪرها ڪاميا، جر الٿو چونہ پئو.
مون آن گهتو سيڪارئو، سيا لڏو نہ هڙو.

[اي اُنو. ڪاميا درياه جو پاڻي چو نہ ٿا پئو. مون تہ توهان کي گهڻو آماده ڪيو. پر شايد نصيب ۾ نہ هيو.]

[40]

هي ڪن گڏهنا وڪني، ڪن کي ٻيا ڳنهج.
سندي پريان ڳالهڙي، تنين سين سنيج.

[هي گڏهه جهڙا ڪن وڪڻي. ڪي ٻيا ڪن خريد ڪر. پرين جي ڳالهه انهن ڪنن سان سڻج.] (72)

طالب کي گهرجي تہ خلق سان ملڻ جي گهڻي رغبت نہ رکي ۽ اهڙيءَ طرح گذاري جو سندس حال جو ٻئي ڪنهن کي پتو نہ پوي جهڙي طرح برسات جي موسم ۾ سپ ڪاري پاڻيءَ مان ٻاهر نڪري رات ڪولي بيهندي آهي. تہ

جيئن برسات، جو قطرو سندس پيٽ ۾ داخل ٿئي. پوءِ جيڪڏهن اهو قطرو کاري پاڻيءَ جي ملاوت کان پاڪ هوندو آهي ته اتان منجهس بي بها موتي جنم وٺندو آهي. پر جيڪڏهن انهيءَ قطري ۾ بي ڪا ملاوت ٿي ته اهو هرگز موتي ڪو نه بڻجندو بلڪ ناقص ۽ اڻپورو رهجي ويندو.

طالب کي هڪ اهڙي شخص وانگر ٿيڻ کپي جيڪو ماکيءَ لاهڻ جي تمنا رکندو آهي. جيئن هو هر وڻ ۾ ماکيءَ جي ماناري لاءِ نهاريندو وتندو آهي ۽ ان جي ڳولا ۾ ڦرندو آهي. تانجو اهڙي وڻ مان ماکي ملندي اٿس جنهن ۾ ڪنهن جو گمان ئي نه هوندو آهي. اهڙيءَ طرح هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيندو آهي.

[41]

منڊ ۾ منهن ويهه، اُبي اوسڙ اُس ۾،
تو سيئي سين ڪيا، ڏور جنين جو ڏيهه.

[اي عورت، چانو ۾ ويهي نه رهه. بلڪ اٿي اُس ۾ انتظار ڪر. تو اهي مائٽ ڪيا آهن، جن جو ملڪ ڏورانهون آهي.]

طالب کي گهرجي ته جڏهن ڪو سخن ٻڌي، ته سخن کي ڇڏي اصل ذوق حاصل ڪري. طالب کي گهرجي ته جيڪو چڱو سخن ڪنهن کان به ٻڌي، پوءِ اهو ڪافر هجي يا مسلمان، مجذوب هجي يا هوشمند. ان تي عمل ڪري ۽ ان کي هٿان نه ڇڏي. طالب کي گهرجي ته خلق سان نه گڏجي. پر اڪيلائي يعني خلوت اختيار ڪري. تانجو اهو ڏسي سگهي، جيڪي ڏسڻو اٿس. ان جو مثال ڏيندي چيائون ته جيڪڏهن تيز وهندڙ پاڻيءَ ۾ نظر ڪبي ته پنهنجي صورت هرگز ڏسڻ ۾ نه ايندي. (73) پر جيڪڏهن ان پاڻي مان ڪو ٿانءُ ڀري ٿوري دير لاءِ رکي ڇڏجي ته جيئن آترجي، پوءِ ان ۾ نظر وجهبي ته صورت صاف نظر ايندي.

[42]

جي ليڪ لوڪ ڏانهن، ڄاڻ ڄاڻ سي نه لتاءِ،
تان تان ٿيي نه ماءِ، پورو پسڻ پرينءَ جو.

[خلق جي طرف جيڪي سوراخ کليل آهن، اهي جيستائين بند نه ٿيا آهن، تيستائين، اي امڙ، پرينءَ جو پورو ديدار حاصل نه ٿيندو]

جيستائين طالب حرص و هوس جي ڦندي ۾ گرفتار آهي ۽ انهيءَ ۾

پاڻ کي خوش سمجهي ٿو، تيستائين خدا کان دور ۽ وڇڙيل رهندو. ان جو مثال هن ريت آهي. ڪو ڏاند رڳو ڪيڙيءَ جي ڪم تي هريل آهي ۽ ان جو مالڪ چاهي ٿو تہ هاڻي اهو ڏاند ڪيڙي بجاءِ ٻئي ڪم ۾ لڳايان، تہ جيستائين ان کي ڪجهہ ڏينهن اجو ۽ بکيو نہ رکندو، ۽ ڪيڙيءَ وارو ڪم ان کان نہ وٺندو. تيستائين اهو ڏاند ٻئي ڪم جهڙو نہ ٿيندو.

[43]

امڙ ڪوءِ، گھروءِ، مونهان ساٿڙو وڃي نڪرلو،

هينئڙو ڏيئي وٽ جيئڻ، مون جڻن تان نہ پرئوءِ.

[اي امڙ، ٻن پوي تنهنجو گهر! مون کان ساٿي نڪتا ٿا وڃن. لڳي ٿو تنهنجي دل ڏيئي جي وٽ وانگر مون جيان نہ سڙي آهي.]

جڏهن پاڳيو گهرندو آهي تہ سندس مينهن کير جهجهو ڏئي تہ ان جو پنهنجو ڦر کهي پڌيندو آهي. البت بيو ڦر اچي ڏيکاريندس تہ کير زياده ڏيندي. انهيءَ مينهن کي پڪ پئجي ويندي آهي تہ سندس ڦر ڪنو ويو آهي ۽ هي ڦر ڏاريو آهي، پر ضرورت سمجهي ان کي ٻئي چٽيندي آهي ۽ لاچار ڪٿي ان کي قبول ڪندي آهي ۽ ڪجهہ بہ نہ ڪڇندي آهي. (74) عام ماڻهن جون ٻيڙيون انهيءَ طرف ٿيون هلن، جيڏانهن موجن جو رخ آهي. پر خدا جي طالبن جون ٻيڙيون اُبتڙ رخ ۾ ٿيون هلن.

[44]

چوريءَ پاهت ڳجهہ سين، پٽر ناهہ ارٿ،

پهرين پاڻ لڪائين، تهان پوءِ وٿ.

[چوريءَ جي مصلحت ڳجهہ ڳوهہ ۾ آهي، ان جي اصليت ظاهر ڪونهي. چور هميشہ پهريائين پاڻ کي لڪائيندو ۽ پوءِ چورايل شيءِ کي!]

فرمايائون تہ **من مدحک فقد ذبحک** يعني جنهن تنهنجي تعريف ڪئي تنهن گويا توکي ڪُنو." چيائون تہ جيڪو هن حديث تي عمل ڪندو اها سڄي جمار هن لاءِ ڪافي آهي. اها حديث آهي تہ "**کن في الدنيا کانک غريب او عابر سبيل وعُد نفسک من اصحاب القبور**" يعني هن دنيا ۾ پاڻ کي غريب مسافر ڪري ڄاڻ ۽ پنهنجي نفس کي قبر ۾ داخل يعني اصحاب القبور وارن ۾ شامل سمجهہ." چيائون تہ فقيرن کانسواءِ ٻين سان صحبت نہ

ڪريو" جيئري توڙي مٿي انهن سان گڏ هجو.

ڏينهن رات ۾ چوويهه گهڙيون آهن. انهن مان هڪ گهڙي ديني پائرن وٽ ويندا ڪريو. اهي اهڙا آهن جو توکي تنهنجا عيب ٻڌائيندا.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ ڏهاڙي ڪو مريد حضرت جن جي خدمت ۾ آيو. ڪيس ويهڻ ڪانپوءِ نصيحت ڪيائون ته جيڪو ماڻهو پاڻي به نه پئي ۽ اڪيلو به رهي ته اهو جلد خدا رسيدو ٿيندو. چون ٿا ته ان شخص تي ايترو اثر ٿيو جو هن ماڻهن سان ملڻ جلڻ ته ڇڏي ڏنو. (75) پر پاڻي پيئڻ به بند ڪيائين. آخر ايترو ضعيف ۽ نبل ٿي ويو جو پاڻ ڪٽائي اچي خدمت ۾ حاضر ٿيو. پهچڻ ڪانپوءِ افسوس ڪرڻ لڳو ته ڪاش پنڌ ڪري خدمت ۾ اچان ها. پاڻ فرمايائون ته جڏهن نفس مٿل هجي ته سواري جائز آهي. ورنه سواري ڪرڻ غلط آهي.

[45]

سڪان جي نه سئين، پارانيا پرينءَ جا،
سي ساٿي نه سُجهڻا، جي تنين ڪي ڏين.

[جيڪي سڪ منجهان پرين جا نياپا نه ٿا ٻڌن. اهي انهن ساٿين کي نه سڃاڻندا، جيڪي انهن کي نياپا ڏين ٿا.]

چيائون جيڪو تنهنجي منهن تي تنهنجي تعريف ڪري، اهو تنهنجو دشمن آهي. خلوت ان کي ججائي، جيڪو پهريائين پاڻ کي ڪڍي ٻاهر ڪري، ۽ پوءِ حجري ۾ وهي.

[46]

ڳالهه اها ئي هڪڙي، جا مون ڪالهه ڪئي
پينر ڪيم پڪنئو، ٿيندي تا نه - ٻئي.

[ڳالهه اها ئي هڪڙي آهي، جيڪا مون ڪالهه اوهان سان ڪئي. اي پينر، اوهين اجايو مٿو نه ماريو، ٻي ڳالهه ڪا نه ٿيندي.]

فرمايائون ته عزت جو بکيو طالب هر روز ڪيترا پيرا قتلام ٿئي ٿو ڇو ته جڏهن هو ٻين وٽ وڃي ٿو، جيڪي ڪيس عزت نٿا ڏين ته ڇڻ قتل ٿئي ٿو. انهيءَ ڏينهن ڪان ڊڇڻ گهرجي جڏهن سيني جا راز ۽ ڳجهه ظاهر ۽ پڌرا ٿيندا. فرمايائون ته فقير وٽ ڪنهن دنيا واري شخص جو اچڻ ستر جنن ۽ شيطانن (76) ڪان وڌيڪ خراب آهي، ڇو ته شيطان لاحول پڙهڻ سان پڇيو

وجن. پر انسان انهن لفظن چوڻ سان بہ پري ڪو نہ ٿا وجن.

فرمايائون تہ اهي بزرگ جيڪي پاڻ تجريد ۾ آهن ۽ ٻئي خلق کي خدا جي راہ طرف سڏڻ جي تڪليف نٿا ڪن. سي انهن ماڻهن تي ڪلن ٿا جيڪي ٻين جي اهو سمجهي مدد ڪن ٿا تہ هنن خدا کي صحيح سڃاتو آهي. جو ٻين کي خدا جي واٽ ڏيکارين ٿا.

چيائون تہ پير پاڻ خلق کي خدا جي طرف سڏڻ جو ڪم هرگز اختيار ڪري نٿا سگهن. البت جڏهن خدا ۽ رسول ﷺ جو حڪم ٿئين ٿو. تڏهن اها ذميواري قبول ڪن ٿا.

فرمايائون تہ جنهن شخص مرتبي جي لالچ نہ رکي، تہ اهو پاڻ پير آهي.

طالب کي گهرجي تہ حجري جو دروازو سوڙهو ۽ ننڍو بنائي تہ جئن هر دفعي جڏهن هو اندر داخل ٿئي تہ سندس پٺي ٻيٺي ٿئي. انهيءَ ڪري هو هر وقت خبردار رهندو. پر جيڪڏهن دروازو ڪشادو هوندو ۽ سولائي سان پيو اندر ٻاهر ويندو تہ غافل ۽ آرام طلب ٿي پوندو.

فرمايائون تہ طالب جيڪڏهن پير وٽ ويٺو هجي ۽ ان وقت ڪو اهل دنيا اچي نڪري تہ طالب کي گهرجي تہ اتان اٿي وڃي ۽ اتي نہ ويهي. ڇاڪاڻ تہ هو عالم حڪمت جو آهي. ۽ هي عالم قدرت جو آهي. ضرور اهو شخص دنيا جي حڪمت جون ڳالهيون ڪندو. جيڪي فقيرن کي ٻڌڻ روا ناهن. البت پير ٻڌي تہ ڪيس روا آهن. سمجهاڻي ڏيندي چيائون تہ ڪي دريائي جانور آهن جيڪي خشڪيءَ تي پهچڻ شرط مري ٿا وڃن. اهڙيءَ طرح خشڪيءَ جا جانور آهن. جيڪي درياءَ ۾ گهڙڻ سان مري ويندا. ٻيا وري اهڙا آهن جي درياءَ ۾ هجن تہ بہ هلاڪ نہ ٿين ۽ جي سڪيءَ تي اچن تہ بہ صحيح سلامت. (77)

مطلب تہ جتي بہ وڃن مختار آهن. پير انهن وانگر آهن. مريد کي نہ جڳائي تہ پير وانگر اهل دنيا سان ميل جول رکي.

چيائون تہ فقير جڏهن سفر تي وڃي تہ ٽي منزلون ڪري. پهريون جڏهن ڪنهن دريا جي پرسان سندس گذر ٿئي تہ اتي منزل ڪري ۽ ان ڪان پوءِ اڳتي وڌي. ٻيو جڏهن ڪنهن قبرستان وٽان لنگهي تہ اتي بہ ڪجهہ دير سڪونت اختيار ڪري. ٽيون جڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ پهچي تہ مسجد ۾ منزل انداز ٿئي.

هڪڙي مخلص کان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن اسان حضرت جن سان ٻيڙيءَ ۾ وينا هئاسون. جڏهن ٻيڙي ڪناري تي پهتي تہ پاڻ پنهنجي لٽ سوڌو جلدي هيٺ لهي آيا. ٻيا سڀئي پنهنجي پنهنجي بار لاهڻ ۾ لڳي ويا. جنهن ۾ هنن کي ڪافي پريشاني پيش آئي. انهيءَ تي حضرت جن اهو قول دهرايو"نجا المخففون و هلڪ المثقلون" يعني ھلڪي بار وارا ڇٽي ويا ۽ ڳري بار وارا هلاڪيءَ ۾ پئجي ويا.

جڏهن ڪو شخص ڪنهن بزرگ وٽ ويندل هجي ۽ اهو بزرگ تقرير شروع ڪري ڏئي ۽ ٻڌندڙ ان جو اهل نہ هجي تہ پوءِ خدا طرفان تي صانع صورتون ظاهر ٿين ٿيون. پهريون تہ هن کي ننڊ اچي ۽ ڪوڙينديون. ٻيو تڏهن ڪو شخص اچي ڪيس سڏيندو ۽ هو اتان کسڪي ڪنهن ٻي ڪم ۾ وڃي مشغول ٿيندو. ٽيون تہ اتي ويٺي ٿي سندس دل تي اهڙا هول ۽ ويچار اچي چڙهندا. جو هو انهن ۾ ٻڏي ويندو.

فرمايائون تہ اهڙو گهر جنهن ۾ ڪاوڙ ڏمر آهي. سي معرفت نہ هوندي. مرد اهو آهي جيڪو پنهنجي ڪاوڙ ماري ٿو ۽ غصي کي کائي وڃي ٿو. (78) سيني حلال لقمن منجهان وڏيڪ حلال ڪاوڙ کائڻ آهي. هينانهين هلڻ واري کي بيهڻ ني ملي ٿو.

نهٺي ماڻهوءَ جو مثال گدري جي ول وانگر آهي. جيڪا ميوو بہ ڏئي تہ چانو بہ. ۽ هينلو ماڻهو ان ڪجيءَ جي وڻ وانگر آهي. جيڪو سڀني ۾ گهڻو بلند آهي. پر ايترو نہ ميوو اٿس ۽ نڪي ڇانو!

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن پري کان ڪو فقير سندن خدمت ۾ آيو ۽ اچڻ سان ئي فقيرن جي جاءِ کي اورانگهي مٿي چڙهي ويٺو. پاڻ ڪرڙي نظر سان نهاري چپ ٿي ويا. چيائون تہ فقير کي جڳائي تہ جڏهن مجلس ۾ حاضر ٿئي تہ جتي جوتا لاهي اتي ويهي رهي ۽ مٿي ويهڻ جي ڪوشش نہ ڪري. ڇو تہ اهو شاهاڻو طريقو آهي.

جيڪڏهن ڪو اوهان کي نالي سان سڏي تہ بہ پيرا ڪيس نرميءَ سان جواب ڏيو. پر جڏهن اوهين ڪنهن کي سڏيو تہ پهرين"ميان" چئي سندس نالو وٺو.

[47]

تَنَنْ مَ تَاءِ ڪَنَّاءِ، ٻوڏ ڇوني تہ جيءَ ڇو،
جي پانئين پرين مڙان، تہ ڏوهنون ڳڻ پاءِ.

[جتي ڪثي تڪو نہ پئو، پر جيڪڏهن هو "بوڏ" (ٻوٽ) جونئي تڏهن بہ تون ڪين "جيءُ" جو جيڪڏهن پرين سان ملڻ چاهين ٿو تہ پنهنجي ڏوهن کي گھٽڻ ۾ بدلاءِ]

جيڪڏهن ڪو ٻانءُ کي پهتل يعني خدا رسيده سمجهي ٿو تہ اهو هرگز پهتل ڪونهي. فرمايائون تہ خدا تعاليٰ جيڪي گهري ٿو سو ڪري ٿو، ليڪن پنهنجي ٻانهن کان سندن ڪمن جي باري ۾ پڇا ڪري ٿو. خدا تعاليٰ کان سندس ڪمن بابت ڪوئي پڇي نٿو سگهي. (79) جيئن قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي **لايسئل عما يفعل وهم يسئلون** (21: 23) يعني ان کان ڪوئي پڇي نٿو سگهي، جيڪي ڪجهہ هو ڪري ٿو، البت هُنن کان پڇا ڪئي ويندي." وري اهو پڻ ارشاد آهي تہ "**ما آتاکم الرسول فخذوه وما نهٰکم عنه فانتهوا**(7:59)" يعني رسول جيڪي توهان کي ڏئي سو وٺو ۽ جنهن کان منع ڪري تنهن کان رڪجي پئو."

چيائون تہ اسان جتي بہ بہ شخص اهل دنيا جا وينل ڏٺا، تن وٽ ڪڏهن نہ ويناسون. پر جيڪڏهن اسان ڪٿي وينا هئاسون ۽ اهي آيا ۽ اچي وينا، تہ ان جي خبر خدا کي هوندي. طالب کي گهرجي تہ عبادت واري جڳهہ مان سواءِ نيت جي ٻاهر نہ نڪري.

جڏهن ڪو طالب لڳاتار ٽي ڏينهن ذڪر الاهي نہ ٻڌندو تہ سندس دل تي ڪارنهن جو نڪو پيدا ٿي پوندو. پوءِ جيڪڏهن چوٿون ڏينهن بہ گذريو تہ اهو اڳي کان وڌو ٿي پوندو. اهڙيءَ طرح جئن ڏينهن گذرندا ويندا تہ اهو ڪارنهن جو نڪو بہ وڌيڪ ڦهلبو ويندو.

فقير کي گهرجي تہ مجلس ۾ ايستائين ويهي، جيستائين ذڪر الاهي ٿئي ٿو. پر جڏهن دنيا جو ذڪر شروع ٿئي تہ مٿس لازم آهي تہ اتان اٿي هليو وڃي ۽ اتي نہ ويهي. فقير کي حجري مان نڪرڻ لاءِ بہ سبب ٿي سگهن ٿا يا تہ بلڪل بيڪار ٿي ويهي رهندو يا ڪنهن حاجت سان لڳي ويندو.

چيائون تہ فقيرن جو حجرو هيءَ زمين آهي، ۽ آسمان ان جي ڇت آهي. فرمايائون تہ ڪرامات خرابات يعني شرابخاني برابر آهن. بلڪ منڊو سنئون ڪفر آهي.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن ڪو ماڻهو حضرت جن کي سفارش طور

ڪنهن شخص وٽ وني ويو. پر هن اها ڳالهه نه مڃي. پاڻ موٽي آيا. واٽ تي ڪين هڪ درويش گڏيو جيڪو چوڻ لڳو ته ولي شخص کي مرتايو اٿي. هاڻي تون به ڪين تير هڻ. ان تي ڪيس هي واقعو ٻڌايائون ته آءُ (80) اڪثر مخدوم نوح ۽ ٻين ڪيترن بزرگن جي مجلس ۾ ويندو هوس. پر اتي ڪڏهن به مون ڪرامت واري ڳالهه نه ٻڌي. اتي هميشه ذڪر الاهي جي ڳالهه ٿيندي هئي. ڇيائون ته گهڻا پير پنهنجي ان حالت تي روئيندا ته جيڪڏهن دنيا ۾ سندن نالو مخفي رهي ها ته بهتر هو.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن حجري کان ٻاهر هڪ سيد ٻي شخص سان بحث ڪري رهيو هو ته آءُ سيد آهيان ۽ ان ڪري توکان وڌيڪ فضيلت وارو آهيان. تڏهن پاڻ ان سيد کي سڏائي ڪيس چوڻ لڳا ته توکي ڇا ٿيو آهي جو پاڻ کي فقير نٿو چوائين. ڇو ته اهو مرتبو پڻ ان ۾ داخل آهي. ان ڪري ته پيغمبر عليه الصلواة والسلام فرمايو هو الفقر فخري يعني فقر منهنجو فخر آهي. فقير جڏهن ڪنهن کان موڪلائيندو ته ڪيس ڪو غرض يا طمع رکڻ نه گهرجي.

فرمايائون ته ڪرامتن سان ڪافر به مسلمان ٿيو پئون. ليڪن مريد اهو آهي جيڪو بغير ڪرامت جي اخلاص حاصل ڪري. ڇيائون ته جيڪي تو وٽ آهي، اهو خرچ ڪر. لالچ ڇڏ ته اصل غرض ۽ مقصد حاصل ٿيئي.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن حضرت جن دعا جي ثواب بابت گفتگو ڪري رهيا هئا. هڪ مريد اهو سڀ ڪجهه ٻڌي رهيو هو. پر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ثواب واري ڳالهه سندس ذهن تان لهي وئي. سو ٻيهر حضرت جن کي چوڻ لڳو ته ثواب واري ڳالهه تي روشني وجهجو. اهو ٻڌي حضرت جن کي منيان لڳي ۽ ڪيس گهڻي دير تائين نصيحت ڪندا رهيا ته سڀڪو اجر ۽ ثواب سان رغبت رکي ٿو، پر اصل تي ڪو وجي ئي ڪو نه ٿو. ان کان پوءِ انهيءَ مريد وري اهڙو سوال ڪڏهن ڪو نه ڪيو.

ڇيائون ته مرد خدا جي هڪ نظر چاليهه چاليهن کان وڌيڪ بهتر آهي. (81) "ان تكلم العارف فقد هلك وان سكت المحب فقد هلك" يعني: جيڪڏهن عارف ڪجهه ڪڇي ٿو تڏهن به هلاڪ ٿئي ٿو، پر جي محب ماٺ ٿو ڪري، تڏهن به هلاڪ ٿئي ٿو.

ڇيائون ته ڪمال حاصل ڪرڻ وارا شريعت جي لحاظ کان جَـوَ جي

ڏاڍي جيترو حساب پڻ رکن ٿا. جنهن ۾ هي شعر آهي:

همان مردي تمام است در تمامي
کند با خواجگي کار - غلامي.

[اهو مرد هر لحاظ کان ڪامل آهي جيڪو سردار هوندي غلامي ڪري ٿو.]

فرمايائون ته عالمن اڳيان زبان قابوءِ ۾ رکجي، وليــن اڳيــان دل سنڀالجي ۽ بادشاهن اڳيان نظر کي روڪجي. چيائون ته مريد کي گهرجي ته پير کي سچ ڪري ڄاڻي، يعني جتي هجي، اتي پير کي حاضر سمجهي. بلڪ پير جو مرتبو سچ کان به مٿي آهي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن سچ جي آڏو ڪو ڏڌي ٽڪر يا ڪا ٻي شيءِ اڇي ڏهن به ڍڪجي ويندو. ليڪن پير مريد جي دل کان واقف آهي، پوءِ ڪٿي به هجي.

فقير ٽن قسمن جا آهن هڪڙا اهي آهن، جيڪي ان فڪر ۾ آهن ته خدا تعاليٰ ساڻن ڪهڙو سلوڪ ڪندو. ٻيا اهي آهن جيڪي ان ڳالهه کان ڊڄن ٿا ته خدا تعاليٰ الائجي سندن تقدير ۾ ڇا لکيو آهي، نيڪ آهيون يا بد! ٽيان پنهنجي حال ۾ مشغول آهن ۽ هر فڪر کان فارغ آهن. چيائون ته دل اها جنهن ۾ دنيا توڙي آخرت جو خيال داخل نه ٿئي. خدا جي طلب ۽ وات ان کي ملندي جنهن کي دل به اهڙي هوندي.

فرمايائون ته اهڙو طالب جيڪو ٻنهي جهانن جي اميد رکي ٿو، سو ڪوڙو آهي. نقل آهي ته حضرت جن کي گوڏي ۾ اڪثر سور رهندو هو. هڪ ڏينهن گوڏي چورڻ وقت جڏهن کين ڏاڍو سُور ٿيو ته رڙ ڪيائون "الله" ان کان پوءِ فوراً پاڻ چوڻ لڳا ته اهو نالو مون خدا واسطي ڪونه ڪنيو بلڪ گوڏي ۾ سور اپڙڻ ڪري ائين ڪيوسون. فرمايائون:

نماز عابدان رکوع وسجود است (82)
نماز عارفان ترک وجود است.

[عابدن جي نماز رڪوع ۽ سجدا آهي. عارفن جي نماز وجود کي ترڪ ڪرڻ آهي.]

چيائون ته اسان حاجت کان سواءِ ڪو هڪڙو قدم نه کنيو آهي. جڏهن فقير کي ڪا دربيش اچي ته ڀرپائين دل ۾ سوچي، اميد آهي ته اتان مطلب پورو

ٿيندس. پر جي ائين نہ ٿئي تہ پوءِ ڪنهن ٻئي سان صلاح مصلحت ڪري. فرمايائون تہ خدا جي واٽ ۾ هٿن، پيرن ۽ زبان سان تہ هلجي، مگر دل سان هلجي. پر جيڪڏهن دل ۾ ڪو گمان گذري تہ پوءِ ٻين کان پڇڻ بنا ڪو چارو ڪونهي.

[48]

جي پڇنا سي نہ منجهئا، جي پڇن سي ويرَ،
جو لکن ۾ ماڙهوئين، سو ڪلڪن ۾ ڪير.

[جيڪي پڇن سي ڪڏهن بہ نہ منجهندا. ۽ جيڪي پڇن ٿا سي عقلمند آهن. اها ڳالھ جيڪا ماڻهن ۾ گڻ آهي، سا ڪير ۾ اوگڻ برابر آهي.]

جيڪڏهن ڪو خداتعالي کان ڪا شيءِ گهري ٿو تہ ڪيس خبر نہ پوندي، ڇو تہ هو پنهنجي عقل آهر گهرندو. پر جيڪڏهن نہ گهرندو تہ ڌڻي تعاليٰ ڪيس اها شيءِ ڏيندو، جنهن جو هو پاڻ لائق آهي.

فرمايائون تہ بهشت ۾ انسان جي سڀني عضون جهڙوڪ: هٿن، پيرن ۽ اکين کي ڏسڻ جي قوت عطا ٿيندي، جهڙي هتي اکين کي آهي. ليڪن اهو ساڳيو مرتبو هن دنيا ۾ خدا جي خاص بندن کي حاصل آهي، جو هنن جا اهي سڀ عضوا ٻين جي اکين وانگر هي بہ ڏسن ٿا.

چيائون تہ دل جي ساڄي طرف رحماني ملائڪ وينو آهي ۽ کٻي طرف شيطان جيڪو وسوسو وجهندڙ آهي ۽ انهن ٻنهي جي وچ تي دل آهي. جڏهن دل سڄي يعني رحماني ملائڪ طرف منهن ڪري ٿي تہ نيڪي ۽ چڱائي جا ڪم ٿين ٿا. پر جڏهن وري کٻي طرف منهن ڪري ٿي تہ شيطاني وسوسا ڪيس گمراھ ڪرڻ ۾ لڳي وڃن ٿا. ان ڪري مردِ خدا کي گهرجي تہ ٻنهي کي چڱيءَ طرح سڃاڻي تہ جيئن فريب ۾ نہ اچي. (83) ۽ شيطان مٿس غلبو نہ ڪري.

فرمايائون تہ ماڻهن جنهن شيءِ کي معرفت سمجهيو آهي، اها معرفت نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ جڏهن ڪو تپ يا عرض جي ڪري بيهوش ٿي پوندو آهي تہ ان وقت اجايو سجايو ٻيو وڦلندو آهي، پر جڏهن هوش ۾ ايندو آهي تہ پنهنجي ڪيل ڳالهين کي بلڪل ڀلجي ويندو آهي. انهن ماڻهن جي معرفت جو مثال بہ اهڙوئي آهي.

ڇون ٿا تہ هرڪو ماڻهو خدا کي ٻہ دفعا ڏسي ٿو. هڪ دفعو هن دنيا ۾ اچڻ يعني جمڻ وقت، ٻيو "الست بربکم" جي وقت ۽ ٽيون مرڻ ويل. اهڙيءَ طرح هر انسان کي ٻہ جسم آهن، پر ٻنهي هڪڙي شڪل جا آهن. هڪ

اهو جيڪو بلڪل ظاهر يا پڌرو آهي. پيو بلڪل هن جسم جهڙو آهي ۽ تيون عرش هيٺان رکيل آهي. جڏهن هن ظاهري جسم کان ڪو گناهه سرزد ٿئي ٿو تہ عرش هيٺان بيٺل جسم کان پڻ ساڳيو ڏوهه واقع ٿئي ٿو. جنهن تي اهو في الفور اتان غائب ٿي وڃي ٿو. ان تي ملائڪ عرض ڪن ٿا تہ خداوندا. هي بندو جيڪو هتي بيٺل هو سو ڪاڏي غائب ٿي ويو. خدا فرمائيندو تہ اهو منهنجو راز هو ۽ هيٺئر بہ منهنجي راز ۾ آهي ۽ توهان کي خبر ڪونهي. مراد اها آهي تہ خداتعالىٰ پنهنجي ٻانهي جو راز انهن ملائڪن تي نٿو کولي ٻڌائي ۽ ان جي گناهن کي ٻين تي ظاهر نٿو ڪري. ليڪن هن جسم کان جيڪي ڪجهہ ظاهر ٿئي ٿو، ان کي نگاهہ ۾ رکڻ وارا ملائڪ لکندا وڃن ٿا. ان ريت هن جسم کان جيڪي ڪجهہ ٿئي ٿو، اهو عرش هيٺ جسم کان پڻ ظاهر ٿئي ٿو.

فرمايائون تہ محبوب جي راز کي فاش ڪرڻ پاڻ کي سوريءَ تي چاڙهڻ برابر آهي. جيئن منصور ڪيو ۽ ان جو نتيجو ڏٺائين. چيائون تہ طالب جي دل درياءَ وانگر آهي. (84) جنهن ۾ ڪيترا ماڻڪ موتي آهن. پوءِ جيڪڏهن ان ۾ منهن وجهندو تہ اهي موتي ملندس. ورنہ ائين نلهو رهجي ويندو. ان وقت پاڻ هي بيت پڙهيائون.

دريا دلــم ديــده مــا معــدن دُر اســت.

گردست من تهي ست ولي چشم من پر است.

[اسان جي دل دريا آهي ۽ اسانجون اکيون موتين جي کاڻ. جيتوڻيڪ منهنجا هٿ خالي آهن. پر منهنجون اکيون پُر آهن.]

فرمايائون تہ محبوب کي انتها نہ آهي ۽ نکي طالب کي ڪا انتها آهي. پر جيڪڏهن محبوب کي انتها هجي ها تہ طالب کي پڻ هجي ها. طالب جي پڻ هڪ منزل آهي جنهن کي "انتها" ڪوٺين ٿا. پر ان جو مطلب اهو ڪونهي تہ ان کان مٿي ڪا منزل يا مقام ڪونهي.

[49]

چاچر چڳيرن، گهور نہ اچي گهاتولين،

اکيون انهن سنديون، ڪڏا ڪرون پچن.

[گهاتو پهلوانن کي ننڍو پاڻي نظر ئي نٿو اچي. هنن جون اکيون تہ اونهي پاڻيءَ جون خبرون پچن ٿيون.]

[50]

هنج تنهين هوءِ، اونهي ۾ اوڙاهه جو
اي ڪانئرو ڪوءِ، جو ڇاڇر ۾ ڇيرون ڪري.

[هنج پکي اتي هوندو آهي جتي تمام اونهي ڪن جو پاڻي هوندو آهي. البت هي ڪانئرو آهي جيڪو ننڍي پاڻي ۾ پيو رانديون ڪري.]

چيائون ته وڻ آخر ۾ ان طرف ڪرندو آهي، جيڏانهن ورڪائيندو آهي. متبدي ۽ منتهي ۾ ڪو فرق ناهي، جيڪڏهن ڪين اصليت جي آگاهي حاصل نه ٿي آهي. فرمايائون ته نمازيءَ کي گهرجي ته تڪبير اوليٰ يعني الله اڪبر چوڻ وقت دل ۾ سمورو ڌيان الله جي وڏائي تي ڏئي. وري سبحان ربي العظيم ۽ سبحان ربي الاعليٰ چوڻ وقت دل ۾ استقامت پيدا ڪري ۽ اهو فڪر ڪري ته (85) هرڪا وڏائي ۽ شان جنهنجو اسان خداتعاليٰ جي باري ۾ تصور ڪري سگهون ٿا. هو انهن سڀني کان مٿانهون آهي.

فرمايائون ته پنهنجي حسب نسب تي فخر نه ڪرڻ گهرجي. ڇو ته اها به دنيا جي هڪ شيءِ آهي. بلڪ پنهنجو پيءُ ڏاڏو پاڻ ٿيڻ گهرجي. چيائون ته هينئر اهڙو وقت اچي ويو آهي جو پٽ پنهنجي پيءُ جي ڪرامتن تي ناز ڪن ٿا. جيڪي ڪڏهن جو گذر ڪري ويا.

[51]

جي اتر جي لاهه، سڄڻ سڀ پرکنا
ري پنهنجي ڪنٽي، سُيَر پري نه باهه.

[اتر توڙي ڏکڻ، سڀني دوستن سڄڻن کي آزمائي ڏٺوسون ليڪن پنهنجي ڪمائي کان سواءِ سني باهه نٿي ٻري.]

فرمايائون ته ڪيترا نبي سڳورا ڪافرن جو اولاد هئا ۽ ڪيترا ڪافر وري نبين جو اولاد هئا.

چيائون ته شريعت ۾ حقيقت ائين آهي جيئن کير ۾ مکڻ. سلامتيءَ جي واٽ اها آهي ته ظاهر ۾ شريعت جي پيروي ڪرين. جهڙوڪ: روزا رکين، نمازون پڙهين، نفل ادا ڪرين ۽ دل خدا سان ڳنڍيل رکين.

فرمايائون ته حقيقت جي ڄاڻ رک پر ڪنهن کي ڪين ٻڌاءِ. چيائون ته جيڪو رڳو شريعت سکيو. پر حقيقت جي ڪا خبر نه رکيائين ته اهو ان پکيءَ

وانگر آهي جنهن جي هڪ ڪنيڙاتي پڳل آهي، پوءِ ان سان ڪٿي هو ڪيتري به ڪوشش ڪري، پر اڏامي نہ سگهندو. ساڳي حالت ان شخص جي آهي، جيڪو حقيقت ڄاڻي ٿو، پر شريعت کان بي خبر آهي. طالب لاءِ اهي ٻئي نهايت ضروري آهن. (86)

چيائون تہ طالب کي گهرجي تہ ٻڌڻ وقت پنهنجا ڪن حضرت موسيٰ عليہ السلام جي ڪنن وانگر ۽ پنهنجي زبان کي ان درخت جيان سمجهي، جنهن تي تجلي پئي ۽ پنهنجي دل ۾ حق تعاليٰ جي اميد رکي تہ پوءِ اهي سڀ ڪجھ ٻڌندو جيڪي حضرت موسيٰ عليہ السلام کي نصيب ٿيو.

فرمايائون تہ دنيا جو ترڪ ڪرڻ دين جو ترڪ ڪرڻ آهي، ۽ پاڻ کي ترڪ ڪرڻ خدا کي ترڪ ڪرڻ آهي.

فقير کي گهرجي تہ خدا تعاليٰ جي نالن جا اسباب معلوم ڪري، ۽ سمجهي تہ هن دنيا ۾ چڱائي ۽ برائي، هدايت ۽ گمراهي، جيڪي ظهور پذير ٿئي ٿو، اهو سندس ذات جي انهيءَ نالن سبب آهي. انهيءَ ڪري جتي هدايت ڏسي تہ سمجهي تہ اهو ان هاديءَ جي ڪري آهي. اهڙيءَ طرح جي ڏمر ۽ قهر ڏسي تہ اهو ان جي قهاريت جي ڪري آهي. ليڪن فقير کي گهرجي تہ جتي گمراهي ۽ قهر ڏسي، اتان پڇي هدايت جي طرف اچي. بهر صورت نيڪي ۽ بديءَ کي ذات خدارنديءَ جي ڏالي کي سمجهي ۽ ان ۾ ٻي ڪنهن جو دخل نہ سمجهي.

هڪڙي مخلص کان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن آءٌ حضرت جن جي خدمت ۾ ويٺو هوس جو فرمايائون تہ جيستائين اوهان پنهنجي نفس کي نہ سڃاڻندا تيستائين خدا تعاليٰ کي نہ سڃاڻي سگهندا. ڪافي وقت ان ڳالھ تي غور ڪندو رهيس، پر ان جي معنيٰ نہ سمجهي سگهيس. آخر گهڻي سوچ کان پوءِ معلوم ٿيو تہ واقعي نفس جي معرفت روح جي معرفت آهي ۽ روح جي معرفت سواءِ عجز عاجزيءَ جي حاصل نٿي ٿئي. هڪ ڏينهن آءٌ وري حضرت جن جي خدمت ۾ ويس ۽ اها حقيقت عرض ڪيم. پاڻ چيائون تہ بلڪل نيڪ سمجهيو اٿئي. چو تہ خدا تعاليٰ پاڻ فرمايو آهي: **ولا ترڪنوا الي الذين ظلموا فتمسڪم النار**. (11: 13)(87) ظالمن جو پاسو نہ وٺو، ورنہ توهان کي بہ باه وڪوڙي ويندي.

ترجمو: چيائون تہ جيڪڏهن ڪو شخص سياري ۾ ٻي ڪنهن ماڻهوءَ

مٿان اهڙيءَ طرح ڇانو وجهي يا ڇانو ڪري جو ان جي مٿان سج جي گرمي نہ پهچي تہ اهو پڻ ظالم آهي ۽ جيڪو ڪري ٿو اهو ظالم.

چيائون تہ پيغمبر عليہ الصلواة والسلام جي فرمودي "**يعرف الرجل بالمعاملة**" جون بہ معنائون آهن يعني تہ ڪنهن بہ شخص جي سڃاڻپ ان لحاظ کان ڪجي تہ دم يا ساهہ کڻڻ وقت الله کي ياد ڪري ٿو يا غير جي ياد ۾ مشغول آهي.

فرمايائون تہ ارشاد خداوندي "**اني انا ربک فاخلع نعليک انک بالواد المقدس طوي**" (12:20) يعني آءٌ تنهنجو رب آهيان پوءِ پنهنجا جوتا لاهہ. بيشڪ تون مقدس وادي طويٰ ۾ آهين." اتي جوتا يعني نعلين مان مراد دنيا، آخرت، فرزند ۽ عيال آهي.

صوفي اهو آهي جو ڪنهن کي سوال نہ ڪري ۽ نہ ڪنهن کي ڪم چوي.

فرمايائون تہ مرشد اهو آهي جيڪو سڀ کان پهريائين مريد جا هن دنيا سان تعلقات ختم ڪري ۽ ان کانپوءِ ڪيس ڪا شيءِ عنايت ڪري. وري چيائون تہ مرشد اهو جيڪو مريد کي سندس صحبت ۾ ٿيل هر ڳالهہ ۾ خدا جو جلوو پسائي.

چيائون تہ پيغمبر عليہ الصلواة و السلام جو قول آهي، تہ: "**الموت جسر يوصل الحبيب** الي الجيب" يعني موت هڪ پل آهي جنهن ذريعي هڪ دوست ٿي دوست سان ملي ٿو. ان ڪري جيڪو ماڻهو هن دنيا ۾ جنهن شيءِ کي عزيز رکي ٿو. مرڻ کانپوءِ ڪيس اها حاصل ٿئي ٿي يا هو وڃي ان سان ملي ٿو.

پيغمبر عليہ الصلواة والسلام اهو پڻ فرمايو تہ "**من زار حي ولم يرزقہ شيءً فکانما زار ميتاً**" يعني جنهن ڪنهن اهڙي جيئري ماڻهوءَ سان ملاقات ڪئي پر ان وٽ ڪجهہ نہ کاڌائين تہ ڄڻ ڪنهن مئل سان ملاقات ڪيائين.

چيائون تہ جڏهن ڪو فقير ڪنهن بزرگ جي زيارت لاءِ وڃي ۽ ان بزرگ (88) کان ڪي الاهي سخن ٻڌائين تہ ڄڻ ڪيس رزق جي بخشش ملي.

چون ٿا تہ هڪ ڏينهن حضرت جن وقت جي عالم ۽ فاضل شخص ميان حامد ڏاڏوٽائي واري کان رسول پاڪ ﷺ جي هن فرمودي جو مطلب

پڇيو: "**الانسان عبيد الاحسان**" يعني انسان احسان جو ٻانهو يا غلام آهي. ان تي هن ورائيو معنيٰ بلڪل ظاهر آهي - ان تي حضرت جن ڇيو تہ ڇا سبب آهي جو ڏٺئون. مينهون ۽ ٻڪريون جيڪي صبح جو مالڪ جي گهران نڪري جهنگ چرڻ وڃن ٿيون. سي شام جو انهيءَ احسان سببان موٽي پنهنجي گهر اچن ٿيون ۽ ٻئي ڪنهن هنڌ نٿيون وڃن. اهڙيءَ طرح جڏهن ڪو ماڻهو آن جا داڻا کئي پاڻ اڳ ۾ ٿي هلڻ لڳندو آهي تہ ولر سندس پويان ايندو آهي. ظاهر ٿيو تہ نہ رڳو انسان پر چوپايا ۽ جانور پڻ احسان جا ٻانها آهن. اهو ٻڌي مولانا حامد چوڻ لڳو تہ بيشڪ حضرت جن کي گهڻي خبر آهي.

وڌيڪ چيائيون تہ احسان خدا جو نالو آهي. ان ڪري سڀ انسان ۽ سڀ شيون ان ذات جون مطيع آهن. پوءِ ان ۾ حيوان. انسان. پکي پکڻ. جن پريون پڻ اچي وڃن ٿا. ليڪن هن حديث ۾ پيغمبر **عليہ الصلواة والسلام** انسان جو ذڪر صرف ان ڪري ڪيو. ڇاڪاڻ تہ انسان اشرف المخلوقات آهي ۽ ٻين سڀني شين جي مقابلي ۾ عقل ۽ شرف وارو آهي. ان ڪري هتي انسان مان مراد هر قسم جي مخلوق آهي، پوءِ جنهن کي عقل آهي تہ اهو ان ذات جي اطاعت ڪندو ۽ ٻيا وري (89) هن جي فرمانبرداري ڪندا.

مولانا حامد جڏهن اها سمجهاڻي ٻڌي تہ آفرين جا الفاظ چيائين. بلڪ اها معنيٰ سندس دل ۾ گهر ڪري وئي ۽ ڪيس ڏاڍي سني لڳي.

فرمايائون دنيا جو لفظ"دنو" مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ ويجهڙائي يا نزديڪي آهي. ان ڪري خدا جي ويجهڙائي يا قرب خداوندي پڻ هن دنيا ۾ حاصل ٿئي ٿو.

چيائون تہ بصير يعني ڏسندڙ اهو آهي، جيڪو ظاهري اکين سان ڏسي پر بصارت دل جي روشنيءَ کي چون ٿا.

"تجريد" جو مطلب آهي، دنيا کي ڇڏڻ ۽ خلق خدا جي سان لاڳاپا ٽوڙڻ."تفريد" آهي فنا في الله ٿيڻ ۽ پنهنجو وهم وسارڻ.

چيائون تہ اهل ظاهر چون ٿا: **اقتلوا الموذي قبل الايذاءِ** يعني: دشمن کي ايذاء پهچائڻ کان اڳ ختم ڪريو. اهل طريقت چون ٿا: **اقتلوا الموذي بعد الايذاءَ** يعني: دشمن کي ايذاء پهچائڻ کان پوءِ ختم ڪريو. ليڪن اهل حقيقت چون ٿا: "**اترڪ الموذي بعد الايذاءِ**" يعني: موذي يا دشمن کي ايذاء بعد ڇڏي

ڏيو. پر اهل معرفت چون ٿا تہ **احسن الموزيات بعد الايذاءَ** يعني ايذاءَ پهچائيندڙ سان پاڻ نيڪي ڪريو.

فرمايائون تہ: **تارڪ الورد ملعون وصاحب الورد ملعون.** ان قول جي سمجهاڻي ڏيندي چيائون تہ جيڪڏهن ڪو شخص ورد ڪرڻ ۾ مشغول هجي، پر ٻي خلق جو سائس ڪم هجي، جيڪو ٻي ڪنهن وٽان نہ ٿيندو هجي ۽ انتظار ڪندا هجن، تہ ان صورت ۾ اهڙي شخص کي ورد نہ ڪرڻ گهرجي ۽ جي ڪندو تہ لعنتي آهي.

پر ٻيو شخص جيڪو واندو آهي ۽ مسجد کان فارغ ٿي ٻاهر نڪتو آهي ۽ وري ڪنهن راند روند جهڙي شغل ۾ لڳي ٿو، ليڪن پاڻ کي ورد سان نٿو لڳائي تہ اهو پڻ لعنتي آهي. چيائون تہ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو ڪنهن ۾ ڪم پوي ۽ هو هلي وٽس اچي ۽ اڳلو ورد ۾ مشغول هجي ۽ ڪم وارو شخص ٻيهي ان کي سڏڻ لڳي تہ ٻاهر نڪري اچ(90) تہ صاحب ورد ان غرض واري کي چوي تہ ٻيهہ. ليڪن ان کي اهو ضرور چوي تہ هو بنا ورد جي آيو آهي. البت ان جو ڪم ڪري.

چيائون تہ اهو پکي پنهنجي ٻين ساٿي پکين سان گڏ اڏامندو جنهن جون کنڀڙاٽيون صحيح سلامت آهن، پر جنهن جا کنڀ پڃل آهن يا زخمي آهي، اهو اڏامي نہ سگهندو.

چيائون تہ جڏهن ڪنهن جي گهر وڃو تہ خاموشيءَ سان ويهي رهو ۽ هر طرف نظر ڊوڙائڻ جي ڪوشش نہ ڪريو.

فرمايائون تہ اهڙو وڻ جيڪو خشڪيءَ تي آهي ۽ سڪي وڃي، تہ ان جو علاج ٿي سگهي ٿو، پر جيڪو وڻ پاڻي ۾ هوندي سڪي وڃي تہ لاعلاج آهي.

چيائون تہ فقير کي ٽن جڳهن تي منزل ڪرڻ گهرجي. هڪ جبل ۾ ٻيو ويراني يا بيابان ۾ ٽيون درياهہ جي ڪناري.

نقل آهي تہ حضرت جن کان جيڪو بہ ڪعبي جي زيارت يعني حج جي اجازت گهرندو هو تہ ان کي نہ ڏيندا هئا. بلڪ چوندا هئا تہ فقيرن لاءِ ڪعبي جي زيارت نفل آهي. پر جيڪڏهن اتي وڃي پهچن ٿا تہ ڪانئن گهڻا فرض ڇڏائجي وڃن ٿا.

طالب کي گهرجي تہ قبرستان ۾ نہ ٽڪي، ان سان دل سخت ٿئي ٿي، جو تہ مردا ڪجهہ کائين پيئن ڪون ٿا ۽ جيئرا کائڻ جا محتاج آهن. ها، ان

لاءِ مقام ۾ ترسڻ جائز آهي. جنهن جيئري پاڻ کي ماري ڇڏيو هجي. ڇيائون ته اڳئين وقت ۾ درويش پنهنجي درويشيءَ جو اظهار نه ڪندا هئا. پر زماني ۾ جڏهن ڪنهن کي مردن کان جواب ملي ٿو ته ان تي وڏو ناز ڪن ٿا.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن ڪو مريد پاڻيءَ جو ڪوئرو پري حضرت صاحب کي ڏنو. پاڻ جڏهن هن ڏانهن نظر ڪيائون ته اهو مريد ڪين ڏاڍو خوش ۽ سرهو نظر آيو. فوري طور ڪيس چيائون (91) ته ڪوئري پرڻ تي ايڏو خوش ٿيڻ نه کپي. يا ائين سوچڻ نه کپي ته بس هاڻي بين جا ڪوئرا ڪين پريندس. بلڪ خدمت خاطر اهو ڪم مرڻ گهڙيءَ تائين جاري رکڻ گهرجي.

چيائون ته طالب کي گهرجي ته هميشه جتي پير ۾ پائي نه هلي. ڪڏهن اگهاڙين پيرين به هلي. ان ڪري جڏهن سفر ۾ هلي ته ڪڏهن پائي ته وري ڪڏهن هٿ ۾ کڻي هلي. مطلب ته پاڻ کي اهڙو نه هيرائي جو جڏهن جتي ميسر نه هجيس ته هلڻ کان لاچار ٿي وهي رهي ۽ چري نه سگهي.

فرمايائون ته بڇڙي ڪم ڪرڻ سان ذات بڇڙي ڪونه ٿي ٿئي. بلڪ گناهه بذات خود بڇڙو آهي.

جيڪڏهن ڪو شخص اهو ارادو ڪري ته هر ٽي ڏينهن مردي سان گڏ سمهندو يعني اهو جيڪو کائيندو سو هي کائيندو. جيڪي هو پهريندو، سو هي پهريندو ۽ آءٌ پڻ خلق خدا جي سان ايترو ميل جول رکندس. جيترو هي رکندو. ته پوءِ جلد ٿي اهو الله جو پهتل ٻانهو بنجي ويندو.

فرمايائون ته جيڪڏهن ڪو شخص جن لڳڻ ڪري ٿي ديوانو ٿي پوي، ته اهو پڻ بهتر ڇو ته اها گهڙي ته پنهنجي خوديءَ کان آجو رهندو.

[52]

قرب ڪبريا، ماءَ ملاقي نه ٿيني،
صوفيءَ جي صلاح ۾، پورو اي پرياءَ.

[اي امڙ! قرب ۽ تڪبر جو هڪ هنڌ گڏجڻ نهي ٿي ڪو نه. صوفين جي مشرب ۾ انهيءَ ڳالهه تي پورو اتفاق آهي.]

طالب کي گهرجي ته جيڪڏهن ڪير ڪيس تڪليف پهچائي ته غمگين نه ٿئي. بلڪ ائين سمجهي ته اها تڪليف خدا جي طرفان آهي ۽ انهيءَ تڪليف پهچائيندڙ کي ڪجهه نه چوي. (92)

ان جو مثال ائين آهي جيئن ڪو ماڻهو ڪنهن ڪي لٺ سان ماريندو هجي ته اهو ماڻهو جيڪڏهن اها لٺ پڇي ڇڏي، چاڪاڻ ته ڪيس ان لٺ سان ماريو ٿي ويو. ته اها بيوقوفي ڇٽبي. لٺ ڪهڙو ڏوهه ڪيو. اصلي ذميوار لٺ هڻندڙ آهي.

[53]

چندن چـور ڪريندي، رتو منهن ڪـماڙ،
سڄڻ ڏڄڻ نـه ٿئي، جي رسي سئو وار،
پروڙلـو پـراڙ، تـه ڪرهينـدي قـرب ٿـئي.

[چندن جي ڪاٺ ڪي ڪپيندي ڪهاڙي جو منهن ڳاڙهو ٿي ويندو آهي. دوست دشمن هرگز نه ٿيندو، توڙي سئو ڀيرا ڪاوڙجي. پراڙ ڪي خبر پئي آهي ته جهيڙي منجهان قرب پيدا ٿئي ٿو.]

چيائون ته فقيرن جي نظر ۾ اهل دنيا وارا پن جي هڪ اهڙي انبار مثل آهن، جنهن ۾ جيڪڏهن هڪڙي چڻگ اڏامي پوي ته پوري ڍڳ ڪي ساڙڻ لاءِ ڪافي آهي.

فرمايائون تـه اولياءُ ٽن قسمن جا آهن. هڪڙا اهي جو جڏهن لوح محفوظ تي نظر پوين ۽ پنهنجي عمر ٿوري ڏسن ته ان کي وڌائن. ٻيا اهي جيڪي ڊگهي عمر ڏسن ته ان کي گهٽائي ٿوري ڪن ته جيئن هن دنيا ۾ ٿورو ترسن. ٽيان اهي جيڪي لوح محفوظ ۾ سڀ ڪجهه ڏسن. پر ڪجهه ڪين ڪن. بلڪ خدا جي رضا تي راضي رهن ۽ ان تي شڪر ڪن.

فرمايائون ته روحن جي خلقت ۾ حضرت محمد عليه الصلواة والسلام سڀ کان اڳ ۾ آهن. ليڪن جسماني خلقت ۾ آدم عليه السلام سڀني کان اول آهي.

چيائون ته پير مريدن کي ٻيو ڪجهه نٿا ڏين. بلڪ جيڪي، مريدن وٽ آهي، اهو ڪيس چمڪائي ڏيکارين ٿا. ته جيئن ڏسي سگهي. ان جو مثال اجهو ائين آهي جيئن آئيني ناهڻ وارو اصل تان (93) ڪٽ لاهي ان کي صفا ڪري چمڪائيندو آهي. ايتريقدر جو ان ۾ ٻي ڪا شيءِ نه وجهندو آهي، تان جو اصل چمڪندڙ مٿاڇرو صاف ظاهر ٿي پوندو آهي ۽ اهو روشني ڏيڻ لڳندو آهي.

چيائون ته ڪشف ۽ ڪرامتون دنيا جون ڳالهيون آهن. اصل ڳالهه آهي ته انهن سڀني کي ڇڏي ٻي دنيا هٿ ڪجي.

فرمايائون **كل ما خطر ببالك والله بخلاف ذالك** يعني: تنهنجي سوچ ۾ جيڪي ڪجھ اچي ٿو الله ان ڪان ٻيءَ طرح آهي.

چيائون تہ جنهن ٽي دفعا ڪوڙ ڳالهايو، تنهن ڄڻ تہ هڪ ڀيرو زنا ڪئي. پر جيڪڏهن ڪنهن ٽي دفعا زنا ڪئي تنهن گويا هڪ ڀيرو غيبت ڪئي. وري جنهن ٽي دفعا غيبت ڪئي تنهن گويا سماع جي حلقي ۾ هڪ ڀيرو بي معنيٰ ضرب هنئي تنهن گويا سماع ۾ بي معنيٰ رقص ڪيو.

فرمايائون تہ موسيٰ عليہ السلام جي اها سنت آهي تہ جڏهن فقير گهران نڪري تہ اها نيت ڪري تہ من ڪنهن طالب خدا سان ملاقات ٿئي ۽ ڪو درويش گڏجي وڃي، جيڪو خدا جي راهہ ڏيکاري. عيسيٰ عليہ السلام جي اها سنت آهي تہ جڏهن طالب گهر ڪان ٻاهر نڪري تہ اها نيت ڪري تہ من منهنجو پير اهڙي هنڌ تي پوي، جتي اڳي ڪنهن طالب ۽ دوست خدا جي پنهنجو پير رکيو هجي.

فرمايائون تہ بي نمازي کي ڪُهڻ گهرجي.

چيائون تہ جڏهن ڪو طالب خدا جو اهل دنيا سان تواضع اختيار ڪري ٿو ۽ انهن وٽ ٿورو يا گهڻو ويهي ٿو يا صحبت ڪري ٿو تہ خدا تعاليٰ سندس دين کي چٽ ڪري ٿو ۽ هن جي سموري عبادت کي ضايع ڪري کيس خوار ڪري ٿو. چيائين تہ خدا تعاليٰ شينهن جي ڪنن ۾ ظهور ڪري ٿو، پوءِ جيڪي طالب شينهن ڪان ڊڄن ٿا، سي خدا جي طلب يا تمنا ڪيئن ٿا ڪن. (94)

فرمايائون تہ خلق جي پيدا ٿيڻ جو سبب اولياءُ آهن. جيڪڏهن اولياءُ عدم ۾ هجن ها تہ بہ مخلوق بہ پيدا نہ ٿئي ها. ان جو مثال ائين آهي جئن باغائي وڻن کي پاڻي ڏيندو آهي تہ ان لاءِ واهيون ٺاهيندو آهي، پوءِ انهيءَ پاڻيءَ جي ڪري بنا ڪنهن بچ جي ڄڻڻ جي ٻيو ڪيترو گاهہ ۽ اوڙ پاڙي جي ڇمي پوندا آهن.

چيائون تہ پيرن کي ڪا بہ قدرت ناهي جو مريدن کي پنهنجي پاران شيءِ عنايت ڪن. جو تہ جيڪڏهن ائين هجي ها تہ پهريائين پنهنجن پٽن تي شفقت ڪن ها ۽ ان ڪان پوءِ ٻين تي ڪن ها!

فرمايائون تہ جيڪڏهن ڪو چڱو خواب ڏسي تہ بہ ڪنهن سان بيان ڪري ۽ اهو کيس چڱي تعبير ڪري ٻڌائي تہ پوءِ ان جو اثر بہ چڱو ٿيندو.

چيائون تہ جيڪو ماڻهو جمعي ڏينهن غسل نہ ڪري تہ ان کان ڏنڊ طور ڪا شيءِ اوڳاڙي ڪجي تہ جيئن ٻي دفعي غفلت نہ ڪري ۽ خبردار ٿئي.

فرمايائون تہ جڏهن ڪو شخص خدا جو طالب ٿئي ٿو تہ ان جو پيءُ ماءُ، ڏاڏو بلڪ انهن جا پيءُ ماءُ جيڪي اڳي مري چڪا آهن، ويندي آدم عليہ السلام تائين سڀ الله تعاليٰ جو شڪرانو بجا آڻين ٿا تہ الحمدلله اسانجي اولاد منجهان ڪو طالب خدا پيدا ٿيو آهي.

چيائون تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو خدا واسطي ڪنهن ٻئي وٽ ڪم لاءِ وڃي ۽ سندس اهو ڪم ٿي پوي تہ ڄڻ سندس نفس جيئرو ٿي پيو. پر جيڪڏهن اهو ڪم نہ ٿيو ۽ خالي موٽيو تہ ڄڻ سندس نفس مري ويو. ان ڪري انهيءَ ماڻهوءَ جي حق ۾ اها بهتر ڳالهہ آهي تہ سندس ڪم نہ ٿئي. چيائون تہ جڏهن ڪنهن وٽ دعا ڪرائڻ وڃو تہ سنت پوري ڪريو، ڇو تہ بنا سنت جي مقصد حاصل نہ ٿيندو.

چيائون تہ جيڪو مجلس ۾ ويهي ڪوڙ هڻي تہ خداتعاليٰ ان کان سچائي (95) کي پري ڪري ڇڏيندو. پر جيڪو سچ چوندو تہ خدا تعاليٰ ان جي دل کان وري ڪوڙ کي پري ڪري ڇڏيندو.

فرمايائون تہ هر پير جيڪو بهتري چاهي ٿو تہ اها حاصل ڪري سگهي ٿو، تانجو حضرت محمد ﷺ تائين پهچي سگهي ٿو. ليڪن ان کان مٿي وڃي نٿو سگهي. چيائون تہ آءٌ فقيرن کي پير ڪري سمجهندو آهيان. ڇو تہ پير ان کي چئجي جنهن کي ڏسڻ سان خدا ياد اچي. مون کي پڻ فقيرن کي ڏسڻ سان خدا ياد ايندو آهي.

هڪڙي مخلص کان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت جن سان رستي ۾ گڏيا ٿي وياسون جو پاڻ نصيحت ڪندي هي بيت پڙهيائون:

[54]

سَہِڻ جان سَـهَـو، تہ ڪر روح رَچنديون،

سندو ڪاڻ ڪَـهَـو، پُـتو ٿي پَـرَ سَـهـي.

[سهڻ جيستائين برداشت ڪري، تيستائين پلي جيڪي دل چاهي سو ڪر. ڪھوءَ جي ڪاڻي ڪيتري بہ پراڻي هوندي، تڏهن بہ بار ڪڻي ويندي.]

چيائون تہ جڏهن ڪو خدا وارو زمين تان گذر ڪري ٿو تہ زمين جو

اهو حصو ٻي زمين جي مقابلي ۾ پاڻ کي خوش نصيب سمجهي ٿو، پر جيڪڏهن اهو اتي ڪجهه دير لاءِ ترسي ٿو ته اها زمين پاڻ کي اجا وڌيڪ خوش نصيب سمجهي ٿي. ليڪن جڏهن هو اتي نفل ادا ڪري ٿو ته زمين جو اهو حصو پاڻ کي وڏي ڀاڳ وارو سمجهي ٿو.

فرمايائون ته جڏهن نماز جي نيت ڪريو ته ائين هرگز نه چئو ته ڪو منهن ڪعبة الله جي طرف ڪيان ٿو. بلڪ چئو ته منهن ڪيم مڪان ڪعبي ڏانهن. ڇو ته ڪعبو ڪڏهن ڪڏهن خدا وارن جي طواف تي وڃي ٿو ۽ پنهنجي جاءِ تي ٽڪيل ڪو نه ٿو رهي.

چيائون ته طالب لاءِ هن دنيا ۾ ئي خدا جو عرفان ضروري آهي. ڇو ته قيامت جي ڏينهن جڏهن رب تعاليٰ پنهنجي تجلي ڏيکاريندو ته انهيءَ ڏينهن ڪيس اهي ئي سڃاڻندا جن ڪيس هتي ڄاتو هوندو ۽ اهي ئي سجدو ڪندا. ٻي مخلوق جيڪا هن دنيا ۾ ڪانئس غافل آهي، اتي پڻ بيخبر ۽ غافل رهندي.(96)

چيائون ته الله تعاليٰ جي لطف منجهان ڪن انسانن جي بخشش ان ڪري ٿئي ٿي جو هو اولياءَ الله وارن سان لاڳاپي ۾ آهن. يعني انهن جي گفتگو ٻڌن يا انهن جي هٿ ۾ هٿ ڏين ٿا، يا ايترو ويجهو اچن ٿا، جو انهن جي چادر سان لڳي ويهن ٿا.

فرمايائون ته ڪي ماڻهو چون ٿا ته خدا تعاليٰ جيڪي چاهي ٿو اهو اوس ٿئي ٿو. ان ڪري اسين ڪجهه به نه ڪنداسين. حالانڪ جڏهن ڪين بک لڳي ٿي ته طعام جي گهر ڪن ٿا. ٿانو صاف ڪن ٿا. پاڻي پرين ٿا ۽ ٻاهه ٻارين ٿا. اهڙيءَ طرح جڏهن سندن چادر ميري ٿئي ٿي ته ڏوڪڙ ڏيئي صابڻ خريد ڪن ٿا ته جيئن ان کي ڌوئي اُجرو ڪن. مطلب ته انهن سڀني وقتن تي ائين ڇو نه ٿا چون ته جيڪي ڪجهه خدا کي ڪرڻو آهي، سو ضرور ٿيندو.

چيائون ته مٽي تي وار رکڻ چڱو ناهي.

فرمايائون ته عارف ڪٽي ڪوڙو هجي سڄي زاهد کان بهتر آهي.

چيائون ته ظالم ۽ ڏاڍ سان هٿ ڪيل هڪڙو قيراط، حق سچ جي ستر قيراطن کي ضايع ڪري ڇڏي ٿو.

چيائون ته جڏهن مهمان اچي ته هرو ڀرو تڪلف نه ڪجي. جيڪي گهر ۾ حاضر هجي، اهو آڻي سندن آڏو رکجي.

چيائون ته ڇرين سان صحبت اختيار نه ڪريو. ڇو ته توهان کي اهو

ئي حاصل ٿيندو جيڪي وٺن آهي.

قيامت جي ڏينهن ڪيترن قبرن منجهان جن تي وڏا قبا نهيل آهن، باهه جا شعلا نڪرندا. ليڪن ڪيترن مسائن منجهان نور جون لاٽون نڪرنديون. چيائون ته جيڪو ماڻهو مجلس ۾ پوئتي اچي ويهي ٿو، ان جو غرض اهو هوندو آهي ته جيئن بيا اٿي وڃن ته آءٌ اڳتي اچي ويهان. قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ گهڻن شخصن کان اهو پڇندو ته توهان دنيا ۾ جيڪا عبادت ڪئي، ان جو توهان کي اتي اُجورو مليو؟ هو منجهي پوندا ۽ چوندا ته ڪيئن! خدا تعاليٰ فرمائيندو ته اتي(97) جن ماڻهن توهان کي سلام ڪيو. عزت ڏني ۽ اهڙيءَ طرح بيا ماڻهو يا جيڪي توهان جي غلاميءَ ۾ رهيا! اهو ٻڌي هو شرمسار ٿيندا ۽ پوءِ ماٺ ڪري ويهي رهندا.

نقل آهي ته حضرت جن اهل دنيا وارن سان سخن الاهي ڪو نه ڪندا هئا. پر جيڪڏهن ڪي اهڙا اصل دنيا جا سخن الاهي سڻڻ واسطي ايندا به هئا ته انهن سان گهڻو ڪري دنيا جون ڳالهيون ڪندا هئا.

چيائون ته جيڪڏهن ڪو شخص مجلس ۾ ويهي خدائي سخن ٻڌائي ٿو، پر سندس نيت اها آهي ته جئن ماڻهن جون دليون هن جي دام ۾ ڦاسن ۽ هو ڏانهس متوجهه ٿين ۽ معتقد بنجن. وري ان کان پوءِ انهن ماڻهن کان ڪا شيءِ وٺي ٿو يا انهن جو ڪاڏو کائي ٿو. ته انهيءَ شخص ۽ ٻئي اهڙي ماڻهوءَ جي وچ ۾، جيڪو زور زبردستيءَ سان سندن مال ڦري ٿو، ڪو به فرق نه آهي.

فرمايائون ته صوفي ڏينهن تتي جو ٻاهر نڪرن ٿا ۽ پنهنجو ڪم ڪار ڪري واپس ٿين ٿا. ان جو ڪارڻ هي آهي ته صبح ۽ شام جو هوا اٿڌي ۽ وٺندڙ ٿئي ٿي ۽ ان وقت ڪوليون ماڪوڙا ۽ ٻي مخلوق ٻرن کان نڪري ٻاهر گهمڻ لڳن ٿا. جنهن ڪري امڪان آهي ته اهي سندن پيرن هيٺان اچي مري نه پون.

چيائون ته جڏهن ڪا مسجد ويجهي هجي، پر پوءِ به ماڻهو فرض نماز جو وجي اتي ادا نه ڪري ته اها مسجد ان لاءِ بددعا جو سبب ٿيندي ۽ کانئس نفرت ڪندي. بي نمازي اهو آهي جيڪو سنت جماعت کي ڪڏهن به نتو پهچي.

[55]

پَر ۾ پَچي پرينءَ کي، پسجي پرڏيهه.
جتي ساجن سپجي، ساهه کي سو ساٿيهه.

[پرين لاءِ پنهنجي پر ۾ ٻچي پرديس پسجي، جتي ساجن ملي. ساهه لاءِ اهو ئي ساٿيهه آهي .]

چيائون ته جيڪو ماڻهو پير جي حاضريءَ ۾ هجي. پر پوءِ وڃڻ جو خيال ڪري(98) تڏهن پير کان اجازت نه گهري، پر اهڙيءَ طرح غائب ٿئي جو پير کي ڪا خبر نه پوي، بلڪ سياڻي پيا ائين چون ته فلاڻو ماڻهو جيڪو هتي هو الائجي ڪيڏانهن ويو.

چيائون ته ڪم اهڙي ماڻهو کي ڇئجي جيڪو ڳالهه پوري ٻڌڻ کان اڳ ئي ٽپ ڏئي وڃي ان سان لڳي. ياري اهڙي شخص سان رکڻ گهرجي، جيڪو ڏهاڙي سو گناهه بخش ڪري.

فرمايائون ته پيرن کي سڀ ڪم ڪرڻ گهرجن. زمين کي کيڙي آباد به ڪن ته خلق خدا جي سان به واسطو رکن. ليڪن مريدن کي پيرن سان ريس نه ڪرڻ گهرجي.

نقل آهي ته هڪڙو مريد حجري اندر ڪنڌ مٿي ڪنيو دروازي طرف نگاهه ڪيو ويٺو هو. جڏهن حضرت جن جي مٿس نظر پئي ته چيئين ڪندي ڪيس چيائون ته ڪيڏانهن ڏسي رهيو آهين. فقير کي اهو نٿو جڳائي ته ڪنڌ مٿي ڪري ائين ويهي، بلڪ ڪنڌ جهڪائي ويهجي ۽ پنهنجي پٺي حجري جي دروازي طرف ڪري ۽ منهن حجري طرف ڪري.

چيائون ته خدا تعاليٰ جو فرمان آهي: **ان تعدوا نعمة الله لاتحصوها.** (18:16) يعني جيڪڏهن توهان خدا جون نعمتون شمار ڪرڻ لڳندا ته ڳڻي نه سگهندا.

فرمايائون ته پيش امام کي التحيات کان بعد گهڻيون دعائون نه پڙهڻ کپن. جو ته ان وقت نمازي جيڪي دعائون نٿا چاهن. خاموش رهن ٿا ۽ نماز ۾ خاموشي حرام آهي. تڪبير جي وقت مٿو سڌو هجڻ گهرجي يعني هيٺ ۽ جهڪيل نه هجي، جو ته قيام درست نه ٿيندو.

چيائون ته جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن بزرگ يا وليءَ جو نقل ٻڌي ته ٻڌندڙ کي ائين سمجهڻ گهرجي ته ڄڻ هو پاڻ اهو نقل ان بزرگ کان ٻڌي رهيو آهي جنهن جو اهو قول آهي. انهيءَ وقت ٻي ڪا به شيءِ هٿ ۾ نه رکي ويندي. پٽ تان ڪک به نه کڻي. جو ته جيڪڏهن ائين ڪيائين ته ڪيس ڪو فائدو نه رسندو. (99)

فرمايائون ته رڪوع ۽ سجدي ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج پيرا تسبيح پڙهڻ گهرجي. وڌيڪ چيائون ته "الله" چوڻ فرض آهي ۽ "اڪبر" چوڻ واجب آهي.

چيائون تہ فرمان خداوندي آهي: **لن تنالو البر حتيٰ تنفقو مما تحبون** (92:3) يعني توهان هرگز نيڪي کي نہ رسندا جيستائين توهان پنهنجي پسند وارين شين مان خرچ نہ ڪريو. حضرت جن جو هن آيت مان مطلب هو تہ خدا جي راھ ۾ خرچ ڪريو ۽ اهڙين شين جي پٺيان پيچرو ڇڏيو جيڪي دوستيءَ جي راھ ۾ رڪاوٽ آهن.

بيت

هرچہ داري، صرف ڪن در راهٔ او،
لن تنالوا البر حتيٰ تنفقوا.

حضرت جن هن آيت ۾ لفظ "بر" کي "بر" ڪري پڙهندا هئا، جنهن مان مراد خدا جي ذات وٺندا هئا. يعني توهان "خدا جي ذات" کي هرگز رسي نہ سگهندا، جيستائين پنهنجي **پسنديده مال مان خرچ نہ ڪندا.**

چيائون تہ فرمان خداوندي آهي: **ڪل حزب بما لديهم فرحون** (32:30) يعني سڀڪو ٽولو پنهنجي پنهنجي راہ تي خوش آهي. جهڙي طرح ڪا مينهن جڏهن پنهنجي وڳ کان ڇڄي پري هلي ويندي آهي تہ تيستائين ڪيس آرام نہ ايندو آهي، جيستائين موٽي اچي وري ساڳي وڳ ۾ شامل نہ ٿيندي آهي.

چيائون تہ پيغمبر عليہ الصلواة والسلام جو قول آهي: **الدنيا جيفة وطالبها ڪلاب** يعني هيءَ دنيا ڍونڍ آهي، ۽ ان جا طالب، ڪتا آهي. هتي "جاه" ئي ڍونڍ آهي ۽ ان جا طالب ڪتا آهن.

فقير کي گهرجي تہ نيم بسمل يعني اڌ ڪٺل پکيءَ وانگر هجي، نہ مٿل نہ جيئرو. خدا تعاليٰ کي اهڙا فقير گهڻا پسند آهن.

چيائون تہ جڏهن ڪو خدا کان ڪا شيءِ گهري، تہ ان جي سچائپ ڪري طلب نہ ڪري، ڇاڪاڻ تہ جهڙيءَ طرح هو ان شيءِ کي سچائي ٿو، اهڙيءَ طرح ڪوئي نٿو سچائي. هن کي کپي تہ پنهنجي نفس کي سچائڻ جي ڪوشش ڪري، تہ جئن ان شيءِ جي سچائپ حاصل ٿئيس، جيڪا ڪيس سچاڻڻ گهرجي.

[56]

سڏ نہ سلامي ٿيا، وهي نہ ورنا جيءِ،
هائي ٿني ڪي، ناهي ماڳ مليرِ ۾.

اجيڪي سڏ ڪرڻ تي سلامي نہ ٿيا ۽ مند تي موٽي نہ آيا، تن لاءِ

هاڻي مليرَ ۾ ڪا جاءِ يا هنڌ ڪونهي.] (100)

نقل آهي تہ هڪڙو وسواسي فقير ڪنهن ڏينهن اچي حضرت جن جي ڳوٺ وٽان لنگهيو. سو حضرت جن کي چورائي موڪليائين تہ پلاڻي ڪري هڪ ڪوزو ڏياري موڪليو. حضرت جن ڏانهس پنهنجو ڪوزو ڏياري موڪليو. هن اهو ڪوزو واپس موڪليو ۽ چورائي موڪليائين تہ هي ڪوزو استعمال ٿيل آهي. نئون ڏياري موڪليو. حضرت جن هڪ نئون ڪوزو وٺي پنهنجي خادم هٿان ڏياري موڪليو ۽ نياپو ڏنائونس تہ فقير کي چئجانءِ. اي وسوسن ۾ ورتل. رڳو ڪوزن کي نہ پوڄ! بلڪ وڃي ڪنهن مرد خدا جي ڪي ڏينهن خدمت چاڪري ڪر.

[57]

پاڻيءَ اتي جهوپڙا، مورک اُڃ مرن، دانهون ڪن مُنهن جٿن ، دم نہ سڃاڻن.

[پاڻيءَ جي ڪنڌيءَ تي سندن گهر آهن. پر تڏهن بہ مورک انسان پيا اُڃ مرن. مجبور انسانن وانگر پيا رڳو دانهون ڪن. باقي وقت کي سڃاڻن نٿا.]

چيائون تہ پيغمبر خدا جو فرمان آهي: **المؤمن مراة المؤمن** يعني مؤمن ٻئي مؤمن جو آئينو آهي. مطلب تہ جڏهن هڪ مؤمن ٻئي ۾ ڪا برائي ڏسي تہ ان کان پاسو ڪري ۽ جيڪا چڱي عادت ان ۾ ڏسي تہ ان کي اختيار ڪري.

فرمايائون تہ اسان جي واسطي وارن منجهان جڏهن ڪنهن شخص جو ڪو ڪم يا مراد پوري نہ ٿئي تہ اهڙي وقت ۾ حضرت غوث الثقلين شيخ محي الدين عبدالقادر جيلاني قدس الله سره کي ياد ڪري ۽ ان جي مدد طلب ڪري تہ اهو ڪم يا مراد حاصل ٿيندس. (101) جو تہ حضرت غوث پاڪ اسان جي يارن جا گهٽگهرا آهن ۽ تڪليف يا ڏکئي وقت ۾ ڪين اڪيلو نہ ڇڏيندا.

فرمايائون تہ دنيا چار ڏينهن ۽ چار راتيون آهي. پهريون ڏينهن ۽ رات اُهي آهن. جيڪي گذرن ٿا. ٻي رات ۽ ڏينهن هي جهان آهي. ٽين رات اها آهي جڏهن ساهہ اندر وڃي ٿو ۽ ماسوي الله کان نفي اختيار ڪري ٿو. پر جڏهن ٻاهر نڪري ٿو تہ سندس ڏينهن آهي. چوٿين رات اها آهي جڏهن پنهنجو پاڻ ۾ فنا ٿجي ۽ چوٿون ڏينهن اهو آهي جڏهن باقي بالله ٿجي.

چيائون تہ سبحان الله جو مطلب آهي تہ سڀ پاڪائي انهيءَ خدا جي لاءِ جيڪو پاڪائيءَ جي لائق آهي. جيڪر پاڪائيءَ جو بخشيندڙ آهي. بلڪ جيڪا پاڪائي اسين هن ڏانهن منسوب ڪريون ٿا. ان کان بہ پاڪ آهي. والله اعلم بالصواب.

فصل ٻيو

ورد وظيفا ۽ نفل نمازون وغيره

فرمايائون تہ مون ڪيترن ورد وظيفن بابت ٻڌو. پوءِ جڏهن انهن تي عمل ڪري ڏٺم تہ منهنجا ڪيترائي مقصد پورا ٿيا. ڇيائون تہ فقير ڪي گهرجي تہ هر نماز کانپوءِ ٿورو ورد ڪري، ورد کان سواءِ نماز ائين آهي جئن سڀ ڪان سواءِ طعام.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو بي فڪر ٿي رڳو هڪ ڀيرو الله جو نالو وٺي تہ الله تعاليٰ ان کي هزارين ورهين جي عبادت جو اجر ڏئي ٿو. ۽ جي دل سان چوي تہ ٽن ڪروڙ ورهين جو. پر جي ان وقت سندس دل ۾ جنبش پيدا ٿئي تہ پوءِ روايت ڪن ٿا تہ ان ٻانهي کي ايترو ثواب ٿئي جو جيڪڏهن سڀ وڻ قلم ۽ سڀ درياه مس ٿي پون ۽ زمين آسمان ڪاغذ هجن. ۽ ملائڪ توڙي انسان سڀ ويهي لکن تہ جيڪر لکي نہ سگهن. (102)

چيائون تہ رات ۽ ڏينهن ۾ چوويهہ گهڙيون آهن. هر گهڙيءَ ۾ هزار دم ڪڍجن ٿا. ان ڪري خدا جي ياد کان سواءِ جنهن هڪ دم بہ ڪنيو تنهن ڄڻ تہ پنهنجو وڏو نقصان ڪيو. جيڪڏهن ڪو شخص صبح ۽ مغرب جي نماز کانپوءِ هر دم سان گڏ سئو ڀيرا **"لا الٰہ الا الله"** چوي تہ ڄڻ سندس سڄي ڏينهن ۽ رات جا سيئي دم حق تعاليٰ جي ذڪر ۾ گذريا.

چيائون تہ جيڪو نمازي سلام ڦيرڻ وقت ڪبي طرف **"لا الٰہ الا الله"** چوي ۽ وري پوءِ سڄي طرف ڦري **"محمد رسول الله"** چوي تہ لکڻ وارا سندس ثواب لکڻ کان عاجز ٿي پوندا. جيڪو نمازي فرض کان پوءِ پنهنجا ٻئي هٿ سجدي واري جڳهہ تي رکي پوءِ مٿي کڻي پنهنجي منهن تي گهمائي ۽ ٽي ڀيرا ڪلمو پڙهي تہ الله تعاليٰ ان جي نماز کي نہ موٽائيندو. جيڪر فرض نماز کانپوءِ چار ڀيرا آگرين تي **لاحول ولا قوة الا بالله** پڙهي بند ڪري ۽ پنجون ڀيرو پنجين آگر تي پڙهي ۽ درود پڙهي هٿ منهن تي ڦيرائي ۽ چوي **"من الازل الي الابد"** ۽ پنهنجي آگرين سان منهن تي هڪڙو دائرو ناهي پورو گهمائي اچي تہ اهڙي ماڻهوءَ کي خدا تعاليٰ هن دنيا ۾ ضرور ديدار ڪرائيندو تہ بہ مرڻ وقت اهو ضرور نصيب ٿيندس. ڪي چون ٿا تہ حضرت جن آگرين ڦيرائڻ وقت

الي الابد جي بجاءِ **الي الخيال** پڻ چوندا هئا.

چيائون تہ هر پيري جڏهن گهر ۾ داخل ٿيو تہ "**قل يا ايها الكافرون**" پڙهو. (103) تہ جيئن ان گهر ۾ برڪت پوي. مان جنهن گهر ۾ ۽ ڳوٺ ۾ ويندو آهيان تہ اها سورة پڙهندو آهيان. تہ جئين اهي برڪت کان خالي نہ رهن.

چيائون تہ فقير کي گهرجي تہ ڪاڏي ڪاڻ وقت هر گره تي بسم الله چوي. ۽ جڏهن ان کي چباڙي تہ يا قيوم يا قيوم چوي ۽ جڏهن ڳيت ڏئي تہ الحمدلله چوي. پوءِ جيڪڏهن اهو شخص چوي تہ مون طعام نہ ڪاڏو آهي. بلڪ نور خدا جو واپرايو اٿم تہ اهو صحيح ٿو چوي ۽ ان لاءِ ڪوڙ نہ لکندا.

چيائون تہ جڏهن چار چٺا گڏ ويهي ڪاڌو ڪائين تہ ساٺن پنجون هٺ نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جو هوندو آهي. پر جيڪڏهن ڏهہ چٺا گڏ ويهي ڪائيندا تہ يارهون هٺ خداوند تعاليٰ جو هوندو آهي.

چيائون تہ جيڪو نماز جي بانگ کان پوءِ پنهنجا هٿ منهن تي نئو گهمائي. قيامت ڏينهن ان شخص جا هٿ پچي ڇڏيندا.

چيائون تہ جيڪو جڪ اچڻ کان پوءِ سي پيرا الحمد ۽ ٽي پيرا **اذا جا نصرالله** سورة پڙهي ٿو. خدا تعاليٰ ان کي تيستائين نہ ماريندو جيستائين کيس پنهنجي معرفت نصيب نٿو ڪري.

چيائون تہ جيڪو سج لهڻ کانپوءِ سج اُڀرڻ کان اڳ ۾ سجدي اندر پنجويهہ دفعا هيءِ دعا پڙهندو: "**اللهم اغفرلي ولوالدي والمؤمنين والمؤمنات والمسلمين والمسلمات برحمتك يا ارحم الراحمين**" تنهن کي الله تعاليٰ محتاجيءَ کان محفوظ رکندو ۽ کيس پنهنجي معرفت نصيب ڪندو. چون ٿا تہ حضرت جن **اللهم اغفرلي و لامة محمد عليه الصلاة والسلام** پڙهندا هئا.

چيائون تہ جيڪڏهن بانگ ڏيڻ ۽ پهرين صف ۾ بيهڻ جي ثواب جي ماڻهن کي خبر پئجي وڃي تہ جيڪر هڪٻئي سان جنگ ڪرڻ شروع ڪري ڏين.

چيائون تہ شهر توڙي جهنگل ۾ بانگ وڏي آواز سان ڏيڻ گهرجي تہ جئين پلي وڻ ٽڻ، پکي پکڻ وغيره سڀ بڌن ۽ بانگ ڏيندڙ (104) جي موجود هجڻ جي گواهي ڏين.

چيائون تہ جڏهن مؤمن وضو ڪري ٿو تہ ملائڪ نور جا طبق پري سندس مٿان بيهن ٿا. ۽ ان ڳالهہ جو انتظار ڪن ٿا تہ جڏهن هو پنهنجو مٿو

اگهاڙو ڪري مسح ڪندو تہ اهي طبق نور جا هن جي مٿي تي اوتيندا. پر جي ائين نہ ڪيائين تہ واپس موٽي ويندا.

ڇيائون تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو سمهڻ ويل پنهنجو سڄو هٿ دل تي رکي سئو ڀيرا ياحَــيُ پڙهي ۽ پوءِ ننڊ ڪري تہ خدا تعاليٰ ان جي دل کــي يادگيري، ڪان هرگز غافل نہ ڪندو.

ڇيائون تہ گهوڙي وغيره تي سوار ٿيڻ وقت هيءَ دعا پڙهڻ گهرجي **الحمد لله الذي سخرلنا هذا وما كنا له مقرنين** يعني سڀ تعريف الله پاڪ جي جنهن مطيع ڪيو اسان لاءِ هنن (جانورن کي) ۽ اسان کي ڪا طاقت نہ هئي."

ڇيائون تہ ننڊ ڪرڻ وقت هيءَ دعا پڙهي: "**وقل رب انزلني مباركا وانت خيرالمنزلين.**"

ڇيائون تہ ننڊ مان جاڳڻ ويل هيءَ دعا پڙهي: **الحمد لله الذي احياني بعد ما اماتني واليه النشور.**

ڇيائون تہ اهڙي وڏي حاجت يا ڪم جيڪو هونئن نہ ٿي سگهي تہ هيءَ دعا پڙهي: **اللهم اني اسئلك مالا استحق واعوذبك مما استحق** يعني اي الله. مان اها شيءِ گهران ٿو. جنهن جو استحقاق ڪونهي ۽ تنهنجي پناهہ گهران ٿو جنهن جو مان مستحق آهيان."

ڇيائون تہ ماني کائڻ لاءِ ٻئي هٿ ڌوئڻ کپن. باقي ٻئي ڪاڏي کائڻ لاءِ هڪ هٿ ڪافي آهي جو تہ ماني، کي هڪ هٿ سان پڇڻ مڪروه آهي.

ڇيائون تہ جيڪڏهن ڪنهن ڇلي ۾ يا ڪي ٻيا نفلي روزا رکيا آهن. پر ڪٿي ماڻهن جي وچ ۾ اچي وينو آهي ۽ اتي طعام آندو ويو آهي تہ پوءِ هو ان ۾ شريڪ ٿئي ۽ ان ۾ عذر نہ ڪري ۽ ائين نہ چوي تہ مون کي روزو آهي. پر جيڪڏهن چيائين تہ مون کي روزو آهي تہ هن ڇڻ ڪنهن شيءِ جي خبر نہ رکي ۽ اجايو پنهنجو زيان ڪيائين. (105)

ڇيائون تہ جڏهن ڪو ماڻهو پرائي ٻنيءِ وٽان لنگهي ۽ ان مان ڪو سلو پٽي وٺي ۽ پوءِ ان کي زمين تي اڇلائي ڇڏي ۽ ان جي ڪري اڳلي جي فصل کي نقصان پهچي تہ اهڙي صورت ۾ ان ٻيل ڪنڌڙ جون سڀ نيڪيون ان ٻنيءِ جي مالڪ جي ڪاتي ۾ لکيون وينديون.

ڇيائون تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو سمهڻ وقت هيٺين لفظن واري دعا

پڙهندو تہ ان جا اهڙا ڪبيرا گناهہ جيڪي ڪنهن سبب هن کان اڳ تہ بخشيا ويا هوندا. سي بہ بخش ٿي ويندا. "**سبحان المقدر لما يشاءُ بقدرته وفعال لما يريد بعزته برحمتک يا ارحم الراحمين.**"

چيائون تہ نبين ۽ ولين جو اهو معمول هوندو هو تہ عصر جي نماز ادا ڪرڻ کانپوءِ خاموشي اختيار ڪندا هئا ۽ دنيا جي گفتگو نہ ڪندا هئا. اهڙي طرح عشاءَ جي نماز ۽ تنهن ڪانپوءِ عصر جو اٿي اشراق تائين ماٺ ۾ رهندا هئا. ۽ ڪجهہ بہ نہ ڪچندا هئا. جيڪو ماڻهو اهو معمول رکندو تہ خدا تعاليٰ ان کي هن دنيا ۾ شيطان جي ڦندي کان پناهہ ۾ رکندو. ڇو تہ اهو ئي وقت آهي جڏهن شيطان پنهنجو ڄار ڦهلائي ٿو تہ من ڪو ان ۾ ڦاسي. ان ڪري، جيڪو اهو معمول اختيار ڪندو تہ اهو آخرت ۾ نبين ۽ ولين سان گڏ هوندو.

چيائون تہ جيڪو شخص نماز کان پوءِ ٽيٽيهہ دفعا سبحان الله ۽ ٽيٽيهہ ڀيرا الحمد الله ۽ وري ٽيٽيهہ دفعا الله اڪبر جو ورد ڪري ٿو تہ ان شخص لاءِ نبي ۽ ولي جي برابر عبادت لکن ٿا ۽ ان کي "ورد اڪبر" ڪوٺين ٿا.

چيائون تہ جيڪڏهن ڪنهن طالب هٿان ڪو گناهہ واقع ٿي پوي تہ پوءِ ان تي غم ۽ افسوس ڪرڻ اجايو آهي ۽ نہ وري خدا مان نا اميد ٿئي، بلڪ ياغافر يا غفار يا غفور جي ورد ۾ مشغول ٿئي تہ جئن سندس بخشش ٿي پوي.

چيائون تہ وضو ڪرڻ دوران ۽ پيرن ڌوئڻ وقت يا قادر يا قادر جو ورد ڪري. هرروز صبح جي نماز بعد ڏهہ ڀيرا ڪلمہ **لا الـه الا الله محمد رسول لله** جو ورد ڪري. (106)

چيائون تہ ٻپهريءَ جي نماز وقت ويهہ دفعا، ٽيهريءَ جي وقت ٽيهہ دفعا، سانجهيءَ وقت چاليهہ دفعا ۽ سمهڻيءَ جي نماز وقت پنجاهہ دفعا ۽ وتر جي نماز کانپوءِ سٺ دفعا پڙهڻ افضل آهي. بلڪ هيءَ ورد ٻين سڀني کان وڌيڪ آهي.

چيائون تہ جيڪو درياهہ مان وهنجي نڪري ٿو اهو گناهہ کان ائين پاڪ ٿي پوي ٿو جيئن آسمان مان آيل برسات جو قطرو هجي، جيڪو جمعي ڏينهن غسل ڪري ٿو تہ ٻي جمعي تائين خدا تعاليٰ ان جا گناهہ ميساري ڇڏي ٿو.

چيائون تہ مسجد ۾ ويهي ڪک هٿ ۾ ڪڻڻ نہ گهرجي ڇو تہ اها شيطان جي تسبيح آهي.

چيائون تہ جڏهن ڪنهن قبر جي مٿان بيهي نيت ڪري هي الفاظ پڙهبا تہ ميت جي روح کي اهڙن لک ختمن جو ثواب ملندو. جيڪي قبوليت وارا هوندا ۽ اهو ثواب ان ميت جي کاتي ۾ لکندا. اهي الفاظ هي آهي:
حسبي الله شهد الله سمع الله سبحان الله ماشاءَ الله تبارک الله قل هو الله لا الـه الا الله محمد رسول الله.

چيائون تہ جيڪو مٿي هٿ کڻي ٽي ڀيرا اول ۽ آخر صلواة پڙهي ۽ ٻن صلواتن جي وچ ۾ هڪ ڀيرو سوره فاتحہ پڙهي ۽ پنج ڀيرا ربنا ۽ پنج ڀيرا يارب چئي جيڪا شيءِ گهرندو تہ خداتعاليٰ کيس ميسر ڪندو ۽ هن جا هٿ خالي نہ موٽائيندو. دعا وقت هٿ سيني برابر يا ان کان مٿي کڻڻ گهرجن. چيائون تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص جا جوتا سڌا ڪري رکيا تہ خدا تعاليٰ ان جي دل کي بہ سڌائي بخشيندو.

چيائون تہ جڏهن ڪو ماڻهو فقط خدا واسطي ڪنهن ٻئي جي ڪم خاطر (107) نڪري ٿو تڏهن خدا تعاليٰ زمين تي بہ فرشتا موڪلي ٿو. هڪڙي جي هٿ ۾ نور جا بہ طبق تہ ٻئي جون ٻئي مٺيون خاڪ ۾ ڀريل هونديون آهن. جيڪڏهن اهو شخص جنهن وٽ ڪم سانگي هو وڃي ٿو ۽ هو اهو ڪم ڪري ٿو تہ اهو ملائڪ جنهن جي هٿ ۾ نور جا بہ طبق آهن. هڪ طبق انهيءَ ڪم ڪندڙ شخص جي مٿان تہ ٻيو ان شخص جي مٿان جيڪو خدا ڪارڻ هلي آيو. ان تي نڇاور ڪري ٿو. پر جيڪڏهن اهو شخص ڪم نٿو ڪري ۽ اڳلي کي نااميد موٽائي ٿو تہ اهڙي شخص مٿان ٻيو فرشتو خاڪ جون ٻئي مٺيون اڇلائي ٿو.

چيائون تہ جيڪڏهن ڪو شخص سياري ۾ ٿڌ جي سبب کان گرم پاڻيءَ سان وضو ڪري تہ ان جا اڌ گناهہ معاف ٿين ٿا. پر جيڪڏهن ٿڌي پاڻيءَ سان وضو ڪندو تہ سيئي گناهہ معاف ٿي وڃن ٿا.

چيائون تہ جڏهن ڪو ماڻهو ٻئي کان پنهنجي لاءِ دعا گهرائي تہ هن کي کپي تہ ڏهہ دفعا آمين چوي تہ خدا تعاليٰ سندس سيئي مقصد پورا ڪندو.

چيائون تہ جيڪو ماڻهو سمهڻ وقت ڪلمو يعني **لا الـه الا الله محمد رسول الله** پڙهي ۽ وري اٿڻ وقت بہ پڙهي تہ هن جيڪو وقت غفلت يعني ننڊ ۾ گذاريو تہ سندس اهو سمورو وقت ملائڪ عبادت ۾ شمار ڪندا.

چيائون نہ مٿو ڪوڙائڻ، ڪاري چادر پهرڻ ۽ بيابان ۽ ريتي ۾

پيشاب ڪرڻ جو مزو ئي پنهنجو آهي. ليڪن اهي ٽئي ڳالهيون عام کي نہ ٻڌائڻ کپن، سواءِ دوستن جي!

چيائون تہ جيڪڏهن ڪو سمهڻيءَ جي نماز کان اڳ ۾ اڌ ڪارڪ (108) جي برابر خوراڪ کائيندو تہ ڪانئس حساب ورتو ويندو. پر جيڪڏهن نماز کان پوءِ طبق طعام جو کائيندو تڏهن بہ ڪانئس ڪا پڇا نہ ٿيندي.

چيائون تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو خدا واسطي ڪنهن ٻئي جي ڪم خاطر ڪنهن وٽ هلي آيو ۽ جيڪڏهن اهو ڪم ٿي ويو تہ اهڙي هلي وڃڻ کي ثواب ملندو. پر جيڪڏهن اهو ڪم نہ ٿيو تہ پاڻ هن جي ڪاتي ۾ بہ ثواب لکيا ويندا.

چيائون تہ پاڪ زمين تي نماز پڙهڻ ۾ ڪکن واري جڳهہ يا مصلي تي نماز پڙهڻ کان وڌيڪ ثواب آهي.

چيائون تہ ڪلمي کانپوءِ ٽي دفعا صلوات پڙهڻ گهرجي.

چيائون تہ جيڪڏهن ڪو شخص گهري تہ مري ويل کان ڪيس جلدي جواب عنايت ٿئي تہ پوءِ ان جي قبر تي وڃي ۽ پيرانديءَ کان ويهي ٻئي هٿ ان قبر مٿي رکي ۽ پوءِ جڏهن اتي تہ هٿ ٻڌي ويهي ۽ سورة ياسين هڪ ڀيرو پڙهي پوري ڪري. سورة پوري ٿيڻ کان پوءِ ويهي وري ٻئي هٿ قبر مٿان رکي ۽ وري اتي ويهي سورة ياسين پڙهي. ۽ ساڳيءَ ريت ٽيون ڀيرو بہ سورة ياسين پڙهي پوري ڪري. ائين ڪندو تہ جلدي ڪيس جواب ملي ويندو. پر جيڪڏهن هڪ ڏينهن اندر ڪيس ڪو جواب نہ ملي تہ ٽي ڏينهن سانده ائين ڪري تہ ضرور پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ويندو.

چيائون تہ وضو ڪرڻ وقت ڪوڙي جي منهن کي ڌوئڻ ائين آهي. جيئن پيغمبر عليه الصلواة والسلام جو منهن مبارڪ ڌورائيندا هجو. جيڪو ماڻهو مرشد جي زيارت لاءِ گهران نڪري ٿو تہ هر وک (109) کڻڻ تي سندس لک گناهن جا معاف ٿين ٿا.

چيائون تہ جڏهن قضا حاجت لاءِ ويهو تہ ڀريائين سڄي پير تي زور ڏيو ۽ تنهن کانپوءِ کٻي تي ۽ آخر ۾ ٻنهي پيرن تي جيئن تڪليف نہ ٿئي. فراغت وقت وسوسن ۾ نہ پئو.

چيائون تہ جڏهن ڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ سان تعظيم سان پيش اچي ٿو ۽ هيڻاهين سان هلي ٿو تہ خدا تعاليٰ سندن گناهہ بخشي ڇڏيندو. پر

جيڪڏهن ان جي تڪرير خاطر اٿي بيهي ٿو. ته الله تعاليٰ ان جي ماءُ پيءُ جا به گناهه بخش ڪري ڇڏيندو.

چياٺون تـه فضيلت ۽ ثـواب ان کي حاصل ٿيندو، جيڪو ڪنهن مسلمان ڀاءُ جي ڪم لاءِ ڪنهن ڏانهن هلي وڃي ٿو ۽ نه ان کي جيڪو اهو ڪم ڪري ٿو.

چياٺون ته جنهن ٿانوَ يا برتن ۾ ڪاڏو ڪائو، ان ۾ هٿ نه ڌئو. پوءِ پلي ان ۾ جـوَن جهڙو گهڻ ڪاڏو تيار ٿيو هجي.

چياٺون ته جيڪڏهن صبح کان وٺي شام تائين ورد پڙهندا رهو ته اصل ۾ صبح وارا ورد به ختم نه ٿيندا. اهڙيءَ طرح وري شام کان وٺي صبح تائين شام وارا ورد پڙهو ته اهي به ختم ٿيڻ وارا نـه آهن. انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڪو ماڻهو صبح ۽ شام جي نماز کان پوءِ هيءَ آيت پڙهندو رهي ته جيڪر هن صبح ۽ شام وارا سڀ ورد پورا ڪيا آهن. اها آيت هيءَ آهي:

فسبحان الله حين تمسون وحين تصبحون وله الحمد في السموات والارض و عشيا و حين تظهرون يخرج الحي من الميت ويخرج الميت من الحي ويحي الارض بعد موتها وكذالک تخرجون. (17:20)

چياٺون ته جيڪو شخص هر نماز کان پوءِ هي يارنهن ڪلما پڙهندو، ته ان کي هميشه ايمان جي سلامتي(110) نصيب رهندي: **اشهد ان لا اله الا الله وحده لاشريک واشهد ان محمدا عبده و رسوله و حبيبه و قريبه و شفيعه و شفاعته وامامته وامام المؤمنين وامام المتقين وشفيع المذنبين ورحمة للعالمين وخاتم النبين و حبيب رب العالمين.**

چياٺون ته پيغمبر عليه الصلواة والسلام فرمايو ته جيڪو هر نماز کان پوءِ هي استغفار پڙهندو، تنهن جڻ ته هن دنيا ۾ مون جهڙي نماز پڙهي: **استغفرالله ربي من كل ذنب اذنبته عمدًا وخطأً سرا وعلانيه واتوب اليه من الذنب الذي اعلم و من ذنب الذي لا اعلم و انت علام الغيوب ولا حول ولا قوة الا بالله العلي العظيم.**

چياٺون ته نفل نمازن ۾ تسبيح نماز ائين آهي جيئن تارن ۾ چنڊ، ملائڪن ۾ جبرئيل ۽ نبين ۾ حضرت محمد عليه الصلواة والسلام.

چياٺون ته جيڪڏهن ڪو شخص وضو ڪري به رڪعتون نفل تحيت

والوضوءُ جون ادا ڪري ۽ پهرين رڪعت ۾ سوره فاتحہ ۽ قل يا ايهاالڪافرون ڏهہ ڀيرا پڙهي ۽ ٻي رڪعت ۾ الحمد ڪانپوءِ ڏهہ ڀيرا قل هو الله پڙهي سلام ڦيري، تنهن ڪانپوءِ لفظ يا لطيف جو سئو ڀيرا پڙهي ۽ سجدي ۾ وڃي ڏهہ ڀيرا اهي الفاظ پڙهي: **سبحان الله والحمد لله ولا الـه الا لله والله اڪبر ولاحول ولا قوة الا بالله العلي العظيم.** ان بعد ڏهہ ڀيرا صلواة ۽ درود پڙهي ۽ ڏهہ ڀيرا **ربنا آتنا في الدنيا حسنة وفي الآخرة حسنة وقنا عذاب النار** پڙهي ۽ ان ڪانپوءِ سجدي مان منهن مٿي ڪري. (111) تہ رب تعاليٰ ان جا هن دنيا ۾ مڙئي مقصد پورا ڪندو. ان ڪانسواءِ آخرت ۾ جيڪي ملندس، ان جو حساب ڪرڻ ڪان ٻاهر آهي ۽ هن ڪي خضر عليه الصلواة والسلام جي نماز ڪوٺين ٿا.

چيائون تہ جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ تهجد نماز پڙهڻ مشڪل ٿي پوي يا سستيءَ جي ڪري، نہ پڙهي سگهندو هجي تہ سنت عشاءَ ڪان پوءِ چار رڪعتون نماز حاجات نفل ادا ڪري، جنهن جي هر رڪعت ۾ سوره فاتحہ ڪان پوءِ پنجويهہ دفعا قل هو الله پڙهي. انهيءَ نفل نماز سان هن جو تهجد ادا ٿي ويندو ۽ قبوليت ڪي رسندو.

چيائون تہ جيڪو اڳئين نماز ڪانپوءِ چار رڪعتون نفل پڙهي ٿو ۽ سوره فاتحہ سان گڏ ٻيو جيڪو ڪيس ياد آهي، اهو پڙهي ٿو تہ ڪيس ايترو ثواب ٿيندو جو لکڻ ڪان ٻاهر آهي.

چيائون تہ فقير ڪي ٽي تهجد ادا ڪرڻ گهرجن. هڪڙو سمهڻ‌ءَ جي نماز دوران. ٻيو اڌ رات ۽ ٽيون عصر جي وقت. ائين ڪندو تہ پيغمبرن سان برابريءَ جو ثواب ملندس. پر جيڪڏهن انهن ٽنهي جي ادائگي نٿو ڪري سگهي تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ضرور ادا ڪري.

چيائون تہ نماز ۾ ويهڻ وقت ايترا ويجها ٿي ويهو جو ڪلها ڪلهن سان گسڻ لڳن. ڇو تہ چون ٿا تہ حضرت رسالت پناهہ صلي الله عليہ وسلم جا يار هڪٻئي سان ايترو لڳي ويهندا هئا، جو سندن ڪپڙا پهرين ڪلهن وٽان ڦاٽي پوندا هئا.

چيائون تہ جيڪو ڇنڇر جي رات عشاءَ جي نماز ڪان هميشہ هڪ نفل صلواة الغنا جو هن ترتيب سان پڙهي تہ هر رڪعت ۾ فاتحہ ڪان پوءِ **آيۃ الڪرسي** هڪ ڀيرو ۽ سورة **انا اعطينا** ست ڀيرا ۽ **قل هو الله** (112) ٻارنهن

دفعا پڙهي ته رب تعاليٰ کيس ٻنهي جهانن ۾ غني ڪري ڇڏيندو ۽ ڪنهن جو محتاج نه ٿيندو.

ڇهون ته اشراق جي نماز ۾ پنج نفل آهن. پر جيڪڏهن رڳو ٻه نفل به هن ترتيب سان پڙهندو ته کيس پنجن جو ئي ثواب ملندو. پهريون نفل ٻه رڪعتون شڪرانه آهي، جنهن جي پهرين رڪعت ۾ سورة فاتحه کان پوءِ سورة آيةُ الڪرسي خالدون تائين پڙهي ۽ ٻي رڪعت ۾ **ومن يتق الله يجعل له مخرجا** کان **قدرا** تائين پڙهي. ٻيو نفل شڪر النهار جو آهي، جنهن جي هر رڪعت ۾ سورة فاتحه کان پوءِ پنج دفعا سورة اخلاص ملائي پڙهجي.

ڇهون ته سنت مؤڪده جي ٻن رڪعتن منجهه پهرين رڪعت ۾ سورة فاتحه کان پوءِ سورة ڪافرون پڙهي ۽ ٻي رڪعت ۾ سورة اخلاص پڙهي. حضرت ابن عباس رضي الله عنه جي باري ۾ روايت آهي ته پاڻ قسم کائي ڳالهه ڪيائون ته مون پاڻ رسول خدا کان اها ترتيب ائين ٻڌي.

ڇهون ته جيڪو مؤمن جي اوبر ڪائيندو، الله تعاليٰ ان جي دل جي مٿان چاليهن ڏينهن جي جميل ڪارنهن کي ختم ڪري ڇڏيندو.

ڇهون ته جيڪو وهندڙ پاڻيءَ سان وضو ڪري نفل ادا ڪندو ته ان کي ستر رڪعتن جو ثواب ملندو. پر جي ٻي عام پاڻيءَ سان وضو ڪندو ته ساڳيو ٻن رڪعتن وارو ثواب ملندس. (113)

باب ٻيو

سوال ۽ جواب

اهي سوال جواب جيڪي، حضرت عارف حقائق رباني، سلطان ملت محمدي، اوليائن جي دل جي ميوي، جگر گوش رسول خدا، حجت اهل معامله برهان ارباب مشاهده، امامن جي امام، عالمن جي عزت، (114)سنڌ هند جي بزرگن جي شرف ۽ شان، طريقت جي سالڪ، رهبر راهه خدا، معرفت جي تاج، محبت جي ملڪ جي آسمان، ذات صمد جي پسنديده يعني حضرت سيد عبدالڪريم سنڌي رضي الله عنه فقيرن ۽ ٻين پائرن لاءِ ارشاد فرمايا.

پڇيائون ته نماز کانپوءِ ڪهڙو ورد پڙهڻ گهرجي؟ چيائون ته الله جو نالو وٺڻ گهرجي. وري پڇيائون ته ورد ڪيئن پڙهڻ گهرجي؟ چيائون ته سڀئي ورد ترڪ ڪريو رڳو ورد الورد ۾ مشغول ٿيو. پڇيائون ته اهو ڇا آهي؟ جواب ڏنائون ته "اسم الله" جو. پڇيائون ته فقير کي ڪيئن هجڻ کپي؟ ورائيائون ته: ان ٻلي وانگر جيڪو هر وقت ڪنئي کي شڪار ڪرڻ خاطر جوهه هٽي ويهندو آهي، ۽ پوءِ جيڪڏهن هڪ پلڪ لاءِ به سوراخ تي نظر رکڻ کان غفلت ڪندو آهي، ته شڪار وڃائي ويهندو آهي. پڇيائون ته فقير خدا کي ڪيئن ياد ڪري؟ چيائون ته هڪ حجرو ناهي ۽ ان جي اندر ٻي تمام ننڍي جڳهه هجي، ان ۾ ويهي خدا کي ياد ڪري، پر اها جڳهه اهڙي اونداهي ۽ سوڙهي هجي، جو ان ۾ پنهنجو ڏندڻ به ڳولهي نه سگهي، نڪو ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ جو آواز ٻڌي سگهي، بلڪ مک جو آواز به نه ٻڌي سگهي. پڇيائون ته طالب، خدا کي ڇا لاءِ ياد ڪري؟ جواب ڏنائون ته ڪشف ڪرامت واسطي نه، نکي غوثيت ۽ شيخي لاءِ، بلڪ خدا کي خدا واسطي ياد ڪجي ته جئن خدا تعاليٰ پڻ ڪيس ياد ڪري. جيئن ارشاد آهي: "**فاذڪروني اذڪرڪم.**" پڇيائون: ذڪر ڪيئن ڪجي؟ فرمايائون: ذڪر فڪر ساڻ ڪجي. پڇيائون ته فڪر ڇا آهي؟(115) چيائون ته خدا تعاليٰ کي سميع ۽ بصير ڄاڻجي. پڇيائون ته ذڪر جي ڪهڙي واٽ ڀلي آهي؟ فرمايائون ته ڪي بزرگ **لا اله الا الله** کي نفي ۽ اثبات سان گڏ ڀلو سمجهن ٿا، پر ڪي رڳو الله جو اسم وٺن ٿا ۽ ان ۾ ئي نفي ۽ اثبات

سمجهن ٿا. شيخ شبلي رحمة الله عليه ان کي ٿي بهترين ۽ افضل ترين ذڪر ڪرڻي ٿو يعني جڏهن ساه اندر ڪنجي تہ الله جو نالو وٺي. پر جڏهن ٻاهر ڪڍي تہ "هو" چئي ۽ اهوئي طريقو بهتر آهي. اهو طالب لاءِ **لا الـه الا الله** ڪان ان ڪري صحيح آهي جو چون ٿا تہ ممڪن آهي تہ لا الـه چوڻ وقت سندس دم پرواز ڪري وڃي ۽ ائين نفي ۾ رهجي ۽ الا الله چوڻ يعني اثبات ۾ نہ پهچي سگهي: انهي ڪري رڳو الله الله چوڻ گهرجي. چو تہ ان ۾ نفي ۽ اثبات ٻئي آهن. شيخ شبلي رحمہ جو چوڻ آهي. تہ هتي الف مان مراد حق جو اثبات آهي ۽ لام غير جي نفي آهي. ۽ ان جو مطلب آهي تہ جيڪي ڪجهہ آهي. اهو منجهس موجود آهي ۽ جيڪو الف ۽ هہ جي وچ تي آهي. اهو سڀ فاني ۽ نفي آهي.

پڇيائون تہ سفر ڪرڻ گهرجي يا نہ؟ چيائون تہ سفر ان کي ڪرڻ گهرجي. جيڪو دل ۽ زبان، اکين ۽ ڪنن ۽ پيرن سوڌو ٻانهن کي مشغول رکي. پڇيائون تہ ڪنن ۽ هٿن. پيرن ۽ اکين جو ڪهڙو ذڪر آهي؟ جواب ڏنائون تہ ڪنن جو ذڪر اهو آهي تہ جيڪي ٻڌي. اهو حق تعالىٰ کان سواءِ ٻي ڪنهن کان نہ سمجهي، اکين جو ذڪر اهو آهي تہ جيڪي ڏسي. ان کي غير نہ سمجهي. اهڙيءَ طرح هٿن، پيرن ۽ ٻين عضون جو ذڪر اهو آهي تہ انهن عضون جي هر حرڪت. حق تعالىٰ کان سمجهي ۽ ان ۾ پنهنجي عضون جو دخل نہ ڏئي. پڇيائون (116) تہ خدا تعالىٰ کي جڏهن توفيق سمجهجي تہ ياد ڪجي يا بغير توفيق؟ چيائون تہ توفيق سان تہ سيڪو ياد ڪري ٿو. پر مريد اهو جو بغير توفيق چاهيندي نہ چاهيندي پيو رب کي ياد ڪري. پڇيائون تہ هن بيت جو ڇا مطلب آهي؟:

[58]

ڪارين ڪنين ڪڪڙين، ڪـره ولاڙ وڃن،
ويلو ڪن نہ وچ تي، نڪي اوڳار ڀڃن.

[ڪارن ڪنن وارا ڳاڙهسرا اٺ تڪا پيا وڃن. اهي وچ تي نڪي ويساهي ٿا وٺن. ۽ نڪي اوڳارڻ ڪري بيهن ٿا.]

چيائون تہ ان جون ٻہ معنائون آهن. هڪڙي تہ ان مان مراد ڏينهن ۽ رات آهن. جيڪي ائين گذرن پيا ۽ بيهن هرگز نٿا. ٻي حياتيءَ جا پساه يا پل

جيڪي نهايت تيزيءَ سان توهانجي هٿن مان گذرندا وڃن ٿا. پڇيائون ته خدا تعاليٰ کان ڪهڙي شيءِ گهرجي؟ چيائون ته ڪا به نه! وري پڇيائون ته خدا تعاليٰ کان ڪا شيءِ گهرڻ ڪيئي؟ چيائون ته اهو سڀ ڪجهه انهيءَ ۾ شامل آهي. سوال ڪيائون ته غلام ڪنهن کي چئجي؟ جواب ڏنائون ته غلام اهو آهي جيڪو صاحب جي حضور ۾ هر وقت حاضر هجي. پڇيائون ته ٻانهو ڪنهن کي چئجي؟ وراڻيائون ته ان کي جنهن کي مالڪ هڪ نه ٻئي ڪم لاءِ ڪيڏهن موڪلي. گويا پاڻ وٽ رکيس بلڪ ٻئي هنڌ ڪٿي موڪليس. سوال ڪيائون ته يقين جي ڇا معنيٰ آهي؟ چيائون ته يقين جون ٽي معنائون آهن: (1) علم اليقين(2) عين اليقين(3) حق اليقين. ان جي سمجهاڻي اها آهي ته جڏهن ڪنهن کي خبر پوي ته واٽ تي درياءَ آهي ته اهو علم اليقين آهي. پر جڏهن درياءَ جي ڪناري تي پهچي ۽ پنهنجي اکين سان درياءَ ڏسي ته اهو عين اليقين آهي. پر جڏهن ان ۾ مستغرق ٿئي ته اهو حق اليقين آهي. پڇيائون ته مؤمن(117) ڪنهن کي ٿا چون؟ توهان الائجي ڪهڙي مؤمن بابت پڇو ٿا. پڇيائون ته عرش ڪيئن آهي؟ جواب ڏنائون ته اهو هديه يا تحفي جيان آهي. پڇيائون ته درويشي ڇا کي ٿو چئجي؟ وراڻيائون نه ڪشف، نه ڪرامت، نه يقين، نه مرفت! سوال ڪيائون ته مسلمان ڪير آهي ۽ مؤمن ڪير آهي؟ چيائون ته مسلمان اهو آهي جنهن جي هٿ ۽ زبان کان ٻي ڪنهن کي تڪليف نه پهچي. وري پڇيائون ته هٿن ۽ زبان جي وسيلي رنجائڻ ته ظاهر آهي ۽ سمجهه ۾ اچي ٿو. پر دل سان رنجائڻ ٿي سگهي ٿو ڇا؟ چيائون ته خدا تبارڪ و تعاليٰ جيئن هٿن ۽ زبان ۾ اها قدرت رکي آهي، تهڙيءَ طرح دل کي به اها قوت عطا ڪئي آهي. انهيءَ ڪري نه رڳو هٿن ۽ زبان تي نگاهه رکي بلڪ دل تي به نظر رکو. مؤمن اهو آهي جيڪو ظاهر توڙي باطن ۾ ٻي ڪنهن کي ڪڏهن به رنج نه ڏئي.

پڇيائون ته جيڪڏهن عبادت ۾ ريا يعني ڏيک ويک شامل ٿي وڃي ته عبادت ڇڏي ڏيڻ گهرجي يا نه؟ جواب ڏنائون نه. بلڪ اهو معلوم ڪرڻ گهرجي ته اهو ريا ڪهڙي سبب ٿيو آهي ۽ ان جو ازالو ڪرڻ گهرجي. پڇيائون ته فقير جي دل ۾ بي اختيار ڪي وسوسا اچي پون ٿا. انهن کي ڪيئن دفع ڪجي؟ چيائون ته اهو ڪارڻ معلوم ڪرڻ گهرجي ته اهو وسوسو ڪيئن ۽ ڇاجي ڪري ٿيو آهي. پوءِ ان تي عمل ڪجي. بهرحال اهي خطرا به خدائي حڪم موجب اچن ٿا.

پڇيائون ته فقير کي ڪيئن هجڻ گهرجي؟ جواب ڏنائون ته رڳو اهي سوال پڇن ٿا. پر جڏهن جواب ملين ٿو ته وري ان تي عمل نٿا ڪن ۽ پوءِ وري چون ٿا ته اسان کي ان جواب جو ڪو فائدو نه ٿيو. چيائون ته چئن شين جو خاص خيال رکو. فقير انهن ئي ڳالهين تي عمل نٿا ڪن ۽ پوءِ رڳو وينا هر ڪنهن کي پڌائن ته ڪو فائدو نه ٿيو. حالانڪ (118) انهن چئن شين منجهان هر هڪ تي گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو پورو سال عمل ڪجي ۽ جيڪڏهن فائدو نه ٿئي ته پوءِ پلي اعتراض ڪجي. مطلب ته جيستائين انهن چئن تي پورو عمل نه ٿيو آهي ته فائدي جي اميد نه رکجي. اهي چار ڳالهيون هي آهن: (1) گهٽ کائڻ (2) گهٽ سمهڻ (3) گهٽ ملڻ (4) خدا جو گهڻو ذڪر ڪرڻ.

پڇيائون ته فقير کي ڪهڙيءَ طرح ٿيڻ گهرجي؟ چيائون ته پيڙي هلائيندڙ مهاڻي وانگر. جو جيڪڏهن هڪڙي ساعت به غافل ٿيو ته پيڙي ہي واڻ هلي ويندي. پڇيائون ته سماع ۾ ويهڻ ۽ ڪهڙي حالت اندر شرڪت ڪجي؟ فرمايائون ته جڏهن گهر کان ٻاهر نڪري ته خدا جو ذڪر نه وساري ۽ اها نيت رکي ته اميد ته اهڙن شخصن سان ملاقات ٿيندي. جيڪي خدا سان واصل آهن. اهڙيءَ طرح سماع ٻڌڻ وقت جيڪڏهن سماع جو ذوق غالب ٿئين ته پلي ان ۾ حصو وٺي. ورنه خدا پاڪ جي ذڪر ۾ مشغول رهي. ازانسواءِ جيڪي سماع ڪن ٿا. ان باري ۾ فڪر ڪري، ته چوندڙ ڪير آهي؟ ٻڌندڙ ڪير آهي؟ جيڪڏهن ائين ڪري سگهي ته پلي سماع جو ارادو ڪري. باقي جيڪڏهن گهر مان نڪرڻ وقت جي ذڪر کي گهر ۾ ڇڏي ڏئي ٿو ۽ سماع ۾ اچي رڳو ماڻهن کي ڏسي ٿو ته اهو سماع ٻڌڻ ناهي، بلڪ اهو سڀ ڪجهه اجايو آهي.

پڇيائون ته هي جو چون ٿا ته ماءُ پيءُ جا حق ادا ڪرڻ ۽ انهن کي راضي رکڻ فرض عين آهي. پر فقير جيڪڏهن خدا جي طلب ۾ مشغول ٿين ٿا ته والدين کي راضي رکي نٿا سگهن، يا جيڪڏهن ماءُ پيءُ جا حق ادا ڪن ٿا ته وري خدا جي طلب ۾ پنتي پئجي وڃن ٿا. اهڙيءَ صورت ۾ طالب کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ چيائون ته اهڙو طالب تعزير جي لائق آهي. جيڪو پنهنجي پير کان ڪو سخن ٻڌي ٿو، پر وري بين ڏانهن به رجوع ڪري ٿو (119) ۽ پنهنجي پير جي قول يا سخن کي وساري ويهي ٿو. ان جو مثال ائين آهي جيئن ڪو شخص

پاڻ رمضان جي پهرين تاريخ جو چند ڏسي ۽ پوءِ ڪيترا ب ساٿهو ڪٺي ان کي چو نہ ڇون تہ اڄ روزو ناهي تہ هن لاءِ ڳالهہ وقعت نٿي رکي. چو تہ هن تي روزو رکڻ فرض آهي. اهڙيءَ طرح جيڪي خدا جي طلب ۾ سچا آهن. اهي هن دنيا کي پٺي ڏين ٿا. پر جيڪي دنيا جا طالب آهن تہ اهي خدا عزوجل کان ڏڪجي گهڻو دور ٿي وڃن ٿا.

پڇيائون تہ ڪيتري مدت ٿي آهي جو آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي سندن درميان آهن. اهو هر روز ائين ڏسندا اچون ٿا. چيائون تہ اهو خدا جو جهان آهي. جنهن کي ڏسو ٿا. ليڪن خدا جي راهہ بلڪل ٻي آهي. چيائون تہ فقير کي ڪنهن ساعت خدا جي يادگيريءَ ۾ تمام گهڻو خوش و خورم ٿيڻ کپي تہ وري ڪنهن مهل سڀ شيون وساري ويهي ۽ ڪنهن ڳالهہ جو فڪر يا اونو ڪيس نہ هجي.

فرمايائون تہ خدا تعاليٰ ان کي خوش رکي ٿو. جيڪو سڀ شيون وساري ويهي ٿو. سمجهاڻي جيستائين هڪڙي بادشاهہ ٻي بادشاهہ کي نہ ڏٺو آهي تہ ان کي ڏسڻ خاطر رستي جون تڪليفون برداشت ڪري ٿو. پر جڏهن ملاقي ٿئي ٿو تہ پوءِ يڪدم آرام ۾ اچي وڃي ٿو.

پڇيائون تہ نفس ۽ شيطان ٻئي فقير جا دشمن آهن. پوءِ ڇا ڪجي؟ جواب ڏنائون تہ ڪنهن کي بہ گهٽ سمجهڻ نہ گهرجي. وري پڇيائون تہ جنگي گهوڙي جي ايتري خدمت ڇا لاءِ ٿا ڪن ۽ ايترو گاهہ ڇو ٿا کارائنس؟ چيائون تہ اصل ۾ ان جي جنگي خصلت جي خدمت ٿا ڪيون.

پڇيائون تہ ٻڌو اٿئون تہ خدا تعاليٰ جنهن کي گهڻي شهرت ڏني آهي سا محبت جي علامت آهي. جواب ڏنائون تہ اها علت آهي(120) محبت ناهي.

پڇيائون تہ عشق مجازي فقير لاءِ ڪيئن آهي؟ چيائون تہ ان ۾ ڪا چڱائي ۽ ڀلائي ڪانهي. سواءِ ان جي تہ انهيءَ دوران پنهنجي عشق جي حفاظت ڪري سگهي. وري پڇيائون تہ مجاز جي حفاظت ڪيئن ڪجي؟ چيائون تہ اهڙيءَ طرح جو معشوق کي عاشق جي عشق جي خبر نہ پوي.

پڇيائون تہ فقير ڪهڙيءَ طرح خدا کي ياد ڪري؟ ڇو تہ خدا جو مڪان معلوم ناهي ۽ نہ وري ڪو اهڙو هنڌ يا جڳهہ آهي. جتي ڪو وڃي ڪيس ڳولهي. ۽ نہ وري. اهڙي شيءِ آهي جو ان کي دل ۾ رکي ياد ڪري. جواب

ڏنائون تہ خدا تعاليٰ کي شيءِ ڇوڻ درست آهي ڇو تہ سڀڪو سندس ائين طلب ڪري ٿو ۽ ڳولهي ٿو. بلڪ خدا تعاليٰ اهڙي شيءِ آهي جو ٻيون شيون بہ ڪانئس ظهور ۾ اچن ٿيون.

چيائون تہ جيڪو ماڻهو مڪو شريف يا ٻي ڪنهن جاءِ ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪري نڪري ٿو، تہ اهو آخر اتي وڃي پهچي ٿو. پر جيڪو ماڻهو خدا جو ارادو ڪري نڪري، تہ اهو ڪهڙي واٽ وٺي هلي؟ جواب ڏنائون تہ ٿورو کائڻ، ٿورو سمهڻ، سادو لباس پائڻ، اڪيلو رهڻ ۽ گهڻو ذڪر ڪرڻ. اها خدا جي واٽ آهي. چيائون تہ پر اسان کي ڪو فائدو نٿو ٿئي. وراڻيائون تہ ائين نہ چئو. بلڪ ٿورو ڳالهايو، اکيون بند رکو ۽ گهٽ کائو. انهيءَ طريقي تي عمل ڪريو. پوءِ جيڪڏهن فائدو نہ ٿئي تہ پلي شڪايت ڪريو.

چيائون تہ فقير خدا تعاليٰ جي قرب ۽ مشاهدي جي طلب ڪن ٿا. جواب ۾ چيائون تہ گهڻن ئي قسمن جا مراقبا، مشاهدا ۽ قرب آهن. اوهين ڪهڙو ٿا طلبيو؟ شايد اوهين اهڙو مشاهدو ٿا طلب ڪريو، جنهن ۾ ڪو، مڪر رکيل هجي، جيئن خدا تعاليٰ فرمايو آهي. "**ومكروا ومكرالله والله خيرالماكرين**".(54:3) ترجمو: انهن سٽ سٽي ۽ الله بہ سٽ سٽي ۽ الله پلو سٽ سٽيندڙ آهي."

[59]

سوئي صلح سڄڻين، سوئي ڦوڙائون، (121)
والله خيرالماكرين: ايهي ميڙائون.

[اهو ئي سڄڻن جو صلح آهي ۽ اهو ئي سندس فراق آهي. الله تعاليٰ بهترين تجويز ڪندڙ آهي ۽ اهو ئي سندس وصال آهي.]

پڇيائون تہ جيڪڏهن ڪو ذڪر جي غلبي سبب نماز چڱيءَ ريت پڙهي نہ سگهي تہ اها نماز ڪيئن آهي؟ چيائون تہ اها درست آهي.

چيائون تہ مخدوم ساهڙ پنهنجي مريدن کي چوندو هو تہ جڏهن ساهہ اندر کڻو تہ الله جو پورو نالو وٺو ۽ وري جڏهن ساهہ ٻاهر ڪڍو تہ تڏهن بہ پورو نالو وٺو. ان جو ڇا مطلب هو؟ چيائون تہ ان جو مطلب آهي تہ هر دم يا ساهہ جو جداگانہ ثواب آهي.

پڇيائون تہ مخدوم بلال، ٽلٽيءَ وارو پنهنجي مريدن کي چوندو هو تہ

جڏهن ساهه اندر نيو تہ "هُو" چئو. پر جڏهن ٻاهر ڪڍو تہ "الا" چئو. ان جو ڇا مطلب آهي؟ جواب ڏنائون تہ ان جو مقصد آهي تہ "نفي" کي ٻاهر ڪڍو ۽ اثبات کي اندر نيو تہ جيئن دل کي قرار اچي.

پڇيائون تہ توهان جي ذڪر جي ترتيب جو ڇا مقصد آهي جڏهن توهين چئو ٿا. تہ ساهه اندر نيڻ وقت"الا" چئو. پر ٻاهر ڪڍڻ وقت "هُو" چئو؟ جواب ڏنائون تہ سيئي نبي ۽ بزرگ انهيءَ ڪري اڪثر روئندا هئا تہ جڏهن آخري پساهہ پورو ٿئي. تہ ان جو خاتمو اثبات ٿئي يعني"هُو" چوڻ سان روح قبض ٿئي. پڇيائون تہ ڪو ماڻهو دل سان خوب ذڪر ڪري ٿو. پر جڏهن ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ سان گفتگو ڪري ٿو يا ڪنهن ٻئي ڪم ۾ مشغول ٿئي ٿو تہ ذڪر وساري ويهي ٿو. ليڪن وري جڏهن خبردار ٿئي ٿو تہ ذڪر شروع ڪري ڇڏي ٿو. ان باري ۾ ڇا ٿا چئو؟(122)

چيائون تہ ڪي ذڪر ڪندڙ دائمي آهن تہ ڪي وري واهمي يعني وهمي، ۽ انهن جو ذڪر اهڙي قسم جو آهي. پڇيائون تہ لااللہ الا الله جي ڪهڙي معنيٰ آهي؟ وراڻيائون تہ ان جي معني ان کي ايندي جيڪو خريد ڪندڙ. وڪڻندڙ ۽ خريد ٿيندڙ شيءِ ٽنهي کي هڪ ڪري ڄاڻي.

پڇيائون تہ جڏهن ڪو ماڻهو سور يا تڪليف ۾ هوندو آهي تہ ان کي ڪا ٻي شيءِ ياد ايندي آهي؟ جواب ۾ چيائون تہ جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي هڪڙو تير گهائل ڪري وجهندو آهي تہ ان کي پوءِ ٻيو ياد ڪو نہ ايندو آهي.

پڇيائون تہ عشق ۽ محبت ٻئي هڪڙي شيءِ آهن؟ چيائون. نہ! پڇيائون ٻنهي ۾ ڪهڙو فرق آهي. جواب ڏنائون تہ عشق جو مثال اهڙو ٻرندڙ مچ آهي. جنهن ۾ جيڪڏهن ڪا بہ شيءِ پوي. تہ سڙي ختم ٿي وڃي. پر محبت جو مثال هيئن آهي تہ جيئن ڪو ماڻهو ڪک ڪانا. ڇيڻا وغيرہ گڏ ڪري انهن کي چڻنگ ڏيکاري تہ جئن آهستي آهستي دونهون نڪري. ۽ ٻيا سمجهن تہ انهن ڪانن ۽ ڪکن جي باهہ ۾ ڪهڙي گرمي هوندي. پر جڏهن ويجهو وڃي انهن کي هيٺ مٿي ڪري تہ اندران ٻرندڙ باهہ جو شعلو ڏسي.

پڇيائون تہ عاشق ۽ عارف ٻنهي مان ڪنهن جو درجو مٿي آهي؟ جواب ڏنائون تہ عاشق جو مرتبو عارف کان بلند آهي.

چيائون تہ ڪهڙو سبب آهي جو شيخ پڻي تي تمام گهڻا ماڻهو اچن

ٿا؟ جواب ڏنائون تہ شيخ پنھنجو پاڻ نہ ھوندو، اھا ذات ھوندي.

پڇيائون تہ ڪو ماڻھو ھئي ڪنھن کي ھميشہ ياد ڪري ٿو، اھو ڪيئن آھي؟ جواب ڏنائون تہ اھو ماڻھو اڳلي سان ھروقت وابستہ آھي، يعني ان جي حضور ۾ آھي.

پڇيائون تہ اسان ڪجھ ڪو نہ پڙھيو، ھاڻي ڇا ڪريون؟ جواب ڏنائون تہ توڙي جو توھان ايترا ڪتاب پڙھيا ھجن، جيڪي جڏھن گڏ ڪجن تہ ھوند پورو گھر ڀرجي وڃي، تڏھن بہ ان کان وڌيڪ بھتر معرفت جي بوءِ آھي. (123)

پڇيائون تہ فقير جي ڇا معنيٰ آھي؟ فرمايائون تہ فقير ۾ چار حرف آھن. 'ف' مان مراد آھي تہ ھو ھميشہ فڪر ۾ غرق آھي، 'قاف' مان مراد آھي تہ ھو ڪڏھن بہ قرار ۾ نہ آھي. 'ي' جو مطلب آھي تہ ھو خدا جي ياريءَ جو خواھشمند آھي ۽ ھئي سان مشغول نٿو ٿئي. 'ر' مان مراد رياضت آھي. جنھن تي ھو پاڻ کي ھيرائي ٿو.

پڇيائون تہ اسان جي دل چوي ٿي تہ فقيرن جي واٽ اختيار ڪيون، پر ايتري توفيق نٿي ٿئي. البت فقيرن سان دوستي رکون ٿا. چيائون فقيرن جي دوستي پڻ ڀلي ڳالھ آھي. ڇو تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن پاڻ خدا کان دعا گھري آھي تہ مون کي انھن جي دوستي حاصل ڪر، جيڪي تنھنجا دوست آھن.

پڇيائون تہ ڪي طالب خدا جا جھنگ ۾ وڃي خدا کي ياد ڪن ٿا. پر نماز جي وقت انھن جي دل ۾ خيال ٿو اچي تہ غلط ڪم ڪيو اٿئون جو سنت جماعت کي ڇڏي آيا آھيون. اھڙي وقت ھو ڇا ڪن؟ جواب ڏنائون تہ فوراً بانگ چئي تڪبير چوي ۽ نماز ۾ بيھجي وڃي، تہ ڪيترا سارا ملائڪ اچي سندس پويان بيھندا. ايترا ڪيترا بزرگ گذريا آھن جن پنھنجا گھر بار ڇڏي اچي جھنگ وسايا. پر پوءِ سنت جماعت ڇڏجي وڃڻ ڪري اتي ئي بانگ ڏيندا ھئا ۽ نماز پڙھندا ھئا. ايتري قدر جو اھي وفات بہ اتي ڪندا ھئا ۽ ڪين ڪو دفن وارو بہ ڪو نہ ھوندو ھو.

پڇيائون تہ طالب ڪڏھن بڪ ۾ آھي تہ ڪڏھن ڍايل، ڪڏھن وري مشغول آھي تہ ڪڏھن غفلت ۾. اھو سڀ ڪجھ ڇا آھي؟ جواب ڏنائون تہ اھي سڀ خدا جي طرفان خيال آھن، جيڪي اچن ٿا ۽ وڃن ٿا، ۽ اھو پاڻ جيڪي چاھي ٿو سو ڪري ٿو.

پڇيائون ته ذڪر ڪندڙ جي ڪهڙي سڃاڻپ آهي؟ جواب ڏنائون ته اها هيءَ آهي ته جڏهن واڻ وينڊي سندس (124) چادر ڪندن واري وڻ ۾ ڦاسي پوي ته ڪيس خبر نه پوي، ۽ پنتي موٽڻ ۽ اها چادر ڇڏائڻ جو فڪر نه ٿئيس.

پڇيائون ته علم جا طالبو ڇون ٿا ته توهان ڇو نه ٿا پڙهو؟ چيائون ته انهن کي اهو جواب ڏيڻ کپي ته اسان جي حق ۾ دعا ڪريو ته پڙهڻ نصيب ٿئي. ليڪن پنهنجي پير جي طريقي يا واٽ کي هرگز ڇڏڻ نه گهرجي. بلڪ ان تي استقامت رکڻ گهرجي.

پڇيائون ته درويش حسين گاڏر جيڪو ٻهارا شهر جو رهندڙ آهي ڪيئن آهي؟ چيائون ته اهو ماڻهن کي جٺياري ٿو ۽ ماري ٿو. پر مسلمانن جي ڪلمي جي خبر ڪا نه اٿس!

پڇيائون ته ميران محمد رحمة الله عليه جيڪو سنڌ ۾ آيو. تنهن لاءِ ملان چون ٿا ته هو مهدي ڪونه هو. ان جي ڳالهه تي اعتبار ڪونه ٿا ڪن. حالانڪ هو پاڻ کي مهدي ڪوٺائي ٿو. ان جي حقيقت ڇا آهي؟

جواب ڏنائون ته خدا تعاليٰ بزرگن کي مرتبا بخشي ٿو. جيڪي هو ڪنهن طريقي سان لڪائن ٿا، ته جيئن ٻين کي خبر نه پوي. اهڙي طرح ميران محمد کي پڻ مرتبو مليل هو. جنهن کي هو ڪنهن نموني سان لڪائي نه سگهيو. ان ڪري هن پاڻ تي اهو لقب رکرايو. ته جيئن ماڻهو سندس منڪر ٿين ۽ ڪيس سڃاڻي نه سگهن.

پڇيائون ته ولين ۽ نبين کان گناهه ٿئي ٿو يا نه؟ چيائون ته ٿئي ٿو. ليڪن انهن جو گناهه سندن مرتبي جي بلنديءَ جو سبب بڻجي ٿو. ڇو ته هو پنهنجي گناهه کي ٿيندي ڏسن ٿا ۽ ان جي ڪري گهڻي آهه. زاري ۽ استغفار ڪن ٿا. جنهن ڪري سندن درجا بلند ٿين ٿا.

پڇيائون. ته خدا تعاليٰ کان وصال جي طلب ڪجي؟ چيائون ته اها پڻ نفس جي خواهش آهي. پڇيائون ته خدا تعاليٰ جي يادگيريءَ ڪيئن آهي؟ جواب ڏنائون پاڻ کان پاسي ٿيڻ! پڇيائون ته تنهائي ۾ فائدو آهي يا خدمت ۾؟ چيائون ته تنهائي ۾ وصال آهي ۽ خدمت بزرگن جو عمل آهي. پڇيائون ته حضرت جن باهه ڪيئن ۽ ڇالاءِ پاريندا هئا؟ (125)

چيائون ته جيڪڏهن سنهيءَ ڪاٺيءَ کي باهه ڏبي ته گناهه به هلڪا

انهيءَ نسبت سان ڏوڪڙي صاف ٿي ويندا. پر جيڪڏهن ٿلهي ڪاٺيءَ کي باهه ڏبي ته گناهه به انهيءَ حساب سان محو ڪيا ويندا.

پڇيائون ته وجود جي نفي ڪيئن ڪجي؟ چيائون ته ان جا به طريقا آهن. هڪڙو سي لڳ لاڳاپا ٽوڙي ۽ ان جو مثال هيئن آهي ته جڏهن نفس چويس ته ڪاءِ تڏهن سمجهي ته مردار ڪائڻ لاءِ چوي ٿو. اهڙيءَ ريت پنهنجي وجود کي ماري مُچ ڪري. پڇيائون ته تجلي ڇا آهي؟ جواب ڏنائون ته زبان سان ان کي بيان ڪري نٿو سگهجي. البت دل کي ان جي خبر پوي ٿي.

[60]

مُورک مُور نه پُجهنا، هيڏان هوڏانهن ڪن،
ڪَتَر جن اکين ۾، سي ڪيئن پرين پسن.

[نادان اصل ڳالهه کي ته سمجهن ڪو نه ٿا، اجايو پيا هيڏانهن هوڏانهن ڏسن. جن جي اکين ۾ گند ڪچرو پيل آهي، سي پرينءَ کي ڪيئن ڏسي سگهندا .]

پڇيائون ته ڪو ماڻهو بي مطلب سماع ڪندو وتي، ان جو ڪهڙو فائدو؟ جواب ڏنائون ته ڪرڻ ڏيوس. اهو ايئن آهي، جيئن هڪڙو اولاٽيو اڏامي اچي انبار ۾ پوي، ته انبار پوري کي ساڙي ڇڏيندو.

پڇيائون ته خدا تعاليٰ فرمايو آهي ته مون کان گهرو ته آءٌ اوهان کي ڏيان. ليڪن حضرت جن چون ٿا ته خدا تعاليٰ کان ڪجهه نه گهرو، اهو ڪيئن؟ جواب ڏنائون ته خدا تعاليٰ پاڻ فرمايو آهي: **كل حزب بما لديهم فرحون** (قرآن:32:30) ترجمو: هرگروهه کي جيڪي ڪجهه مليو ٿو، اهي ان تي خوش آهن. مطلب ته اها جماعت يا ماڻهو ٺي پيا آهن، جيڪي نٿا گهرن.

پڇيائون ته حضور ﷺ ۽ پيا ڪيترا ولي سڳورا ڏينهن رات ورد وظيفن ۾ گذاريندا هئا. اوهان هن سلسلي ۾ ڇا ٿا چئو؟ جواب ڏنائون ته اهي سڀ ڪرڻ گهرجن. پر جيڪڏهن دل جي ارادي سان ادا ڪندا ته بيٺو فائدو ٿيندو. پڇيائون ته جڏهن ڪو دعا ڪرڻ لاءِ سوال ڪري ته دعا ڪجي يا نه؟ فرمايائون ته ان جي رضا خاطر دعا ڪرڻ گهرجي، باقي بيو ڪو خيال نه ڪري ته جيئن اهو جيڪي گهري ٿو سو حاصل ٿئي. پڇيائون ته ذڪر هرهر ڪرڻ گهرجي؟ جواب ۾ چيائون ته نه. وري چيائون ته هائو. چيائون ته نه، ان ڪري جو

جيڪڏهن (126) ڪو ماڻهو بادشاه سلامت جو رڳو نالو هر هر پيو وٺندو ته اهو بي ادبي ۾ شمار ٿيندو. هائو جي وضاحت اها آهي، ته جڏهن ڪو ڏنار ڏينهن رات مال چاريندو آهي ته سندس زبان تي"حدي حدي" جو لفظ پڪو ٿي ويندو آهي. ايتري قدر جو جڏهن رات جو سمهي پوندو آهي، ته ننڊ ۾ به اهو آواز پيو ڪڍندو آهي.

پڇيائون ته تڪبير اوليٰ جي باري ۾ ٻڌايو؟ فرمايائون ته تڪبير اوليٰ اها آهي، جڏهن امام "الله اڪبر" چئي، آخري، حرف "ر" تي پهچي ته مقتدي پڻ تڪبير چئي. پڇيائون ته جيڪڏهن فقير جي دل ۾ بغير ڪسب ڪرڻ جي خيال خطرا پيدا ٿين ته ڇا ڪري؟ چيائون ته ان تي ڪسب ڪرڻ حرام آهي.

پڇيائون ته خدا تعاليٰ جي معرفت يعني سڃاڻپ ڪيئن حاصل ڪجي؟ فرمايائون ته اها ڏاڍي مشڪل آهي ۽ ان جو هٿ اچڻ سولو ناهي. سڀ کان پهرين خدا تعاليٰ پنهنجي طالب کي دنيا سان نوازي ٿو. پر جي اهو طالب دنيا ڏانهن التفات نٿو ڪري ته پوءِ سندس دل ۾ بهشت جي آرزو وجهي ٿو. پر اهو طالب ان نور کي خدا تعاليٰ جو نور سمجهي ٿو. پر جڏهن اهو طالب ان نور کي قبول نٿو ڪري، ته باري تعاليٰ ان کان وڌيڪ روشن ٻي نور جي تجلي مٿس موڪلي ٿو. اهڙيءَ طرح ان کان پوءِ سوين دفعا پيو نٿون نور جيڪو اڳيئن کان وڌيڪ روشن ٿئي ٿو، اهو ڏانهس موڪلي ٿو. ليڪن اهو طالب انهن سيني کي ڏيان ۾ نٿو آڻي ۽ اُن قريب ۾ نٿو اچي. آخر ۾ انهن سيني نورن کان وڌيڪ نور جي مٿس بارش ٿئي ٿي. پر هو ان کي به پنهنجو مقصد نٿو سمجهي. ۽ ان کان به اُڳتي وڌي وڃي ٿو. ان ڪانپوءِ خدا جي راهه ۾ هڪ پل سندس آڏو اچي ٿي، پوءِ جڏهن هو ان کي به ٽپي پار پوي ٿو ته اهڙي مرحلي تي پهچڻ کان پوءِ چون ٿا ته طالب کي خدا جي ڪجهه شناسائي يا آگهي حاصل ٿي.

[61]

ڪاڪ وٽن سان، اونين نه اورگهي،
جي گن هوءِ گهڻا، ته راڻا روئندا وٺا.

[اوني ڪاڪ جي وٽن کي اورانگهي پار پئجي نه سگهيا. توڻي جو منجهن ڪيترائي گڻ هئا، ته به راڻا روئندا ويا.] (127)

[62]

جاڳي جاڳي سسئي، جا هيجا هت وڏاءِ،
تا سجي سيج پرينءَ ري، پنهون پٺر ناهه،
نڪرندي ڇياءِ، گهوڙا گهر نه سپرين!

[سسئي جڏهن جاڳي جاڳي سڪ مان هٿوراڙيون ڏنيون ته خبر پيس سيج پرينءَ کان سواءِ سڄي پيئي آهي. ۽ پنهون پٽرئي، تي ڪونهي. ٻاهر نڪرندي ڇيائين ته هاءِ گهوڙا . سپرين ته گهر ۾ آهي ئي (آهن ئي) ڪونه!]

پڇيائون ته علم جو راز ڇا ۾ آهي؟ جواب ڏنائون ته سڀ ڪنهن سان نئڙت سان هلڻ. ٻين کي پاڻ کان ڀلو ڀائڻ ۽ عاقبت جو خيال رکڻ. پڇيائون ته درود ڪهڙو پڙهڻ گهرجي؟ ڇيائون ته: **اللهم صل علیٰ محمد صلواة انت لها اهل وهو لها اهل.**

پڇيائون ته ڪي بزرگ هڪ ساهي ڇون ٿا ته اسان خدا کي ڏٺو. ٻي ساهي ڇون ٿا ته نه ڏٺو. ان جو ڇا مطلب آهي؟ ڇيائون ته درست ٿا ڇون. ان جو مثال هي آهي ته جڏهن ڪو ماڻهو ڪناري تي بيهي نظر ڪري ۽ پڪاري چوي ته مون ڪاري پاڻيءَ جو سمنڊ ڏٺو ته صحيح ٿو چوي، پوءِ پلي ان ڳالهه جو قسم کائي وڃي. تڏهن به ڇٻو ته ڳالهه غلط ڪو نه ٿو ڪري. باقي نه ڏسڻ جو جيستائين تعلق آهي ته ان جو مطلب آهي ته سمنڊ جي پاڻيءَ جو ڪو انت ڪونهي ۽ ان جي حقيقت کي هو پروڙي نٿو سمجهي. ان لحاظ کان هن جو اهو چوڻ ته مان سمنڊ کي ڏسي نه سگهيس. پڻ درست آهي.

پڇيائون ته چلي ۾ ويهڻ جي اجازت ڏيو. جواب ڏنائون ته مون کي چلي ۾ ويهڻ جي پوري ترتيب جي خبر ناهي ۽ مون پنهنجي پوري عمر ۾ چلو نه ڪڍيو آهي ۽ نه اهي روزا رکيا اٿم . وري پڇيائون ته ڀلا ڪو ماڻهو خلوت يعني چاليهي ۾ وڃي ويهي. پر سندس خيال گهر ٻار ۽ بازار ۾ ٻيا گهمن ۽ انهيءَ سوچ ۾ غرق هجي (128) ته اهڙي ماڻهوءَ کي چلي ۾ ويهڻ گهرجي يا نه؟ جواب ڏنائون ته ويهڻ گهرجي، ڇو ته ان جو مثال ائين آهي، جيئن هڪ جهنگلي پکيءَ کي ڦاسائي پڃري ۾ بند ڪبو ته ڦهريان ڪافي ڏينهن ان پڃري ۾ ڪيس ڪو آرام نه ايندو.

پڇيائون ته خدا جي راهه ۾ هن دنيا ۽ آخرت کان سواءِ ڪي ٻيا

حجاب بہ آهن يا نہ؟ جواب ڏنائون تہ خدا جي راه ۾ گهٽيون دنيائون ۽ ڪيتريون آخرتون آهن. تون ان منجهان ڪهڙي ڪهڙي کي ترڪ ڪندين. ان ڪري تون هينئن ڪر جو پنهنجا پير پنهنجي مٽي تي رک تہ پوءِ پنهنجي مقصد کي حاصل ڪندين.

پڇيائون تہ ڪيترا بزرگ ڪرامتن کي دوست رکن ٿا ۽ ڪانئن ڪرامتون ظاهر بہ ٿين ٿيون. اهو ڪيئن؟ جواب ڏنائون تہ هنن وٽ ڪرامتن جي ڪا حيثيت ڪونهي. اهي ڪرامتون هنن لاءِ عام شيءِ وانگر آهن. جيڪي ظاهر ٿين ٿيون. هو پاڻ درياءَ وانگر آهن ۽ ڪرامتون ڪکن ڪانن. وانگر اها ڳالهہ ظاهر آهي تہ ڪک ڪنبا درياءَ جي مٿاڇري تي پيا ترندا آهن.

پڇيائون تہ فقير ڪشف ۽ ڪرامت جي طلب ڪري يا نہ؟ اهي مرتبي کي بلند ڪن ٿا يا نہ؟ جواب ۾ چيائون تہ انهن سڀني کان فقيريءَ جو مرتبو بلند آهي ۽ اهي سڀ ان کان گهٽ آهن. ان جو مثال ائين آهي تہ جڏهن ڏينهن ٿيندو آهي تہ جيتوڻيڪ ستارا آسمان ۾ ئي هوندا آهن. پر سج جي نڪرڻ تي پنهنجي روشني ڇڏي ويندا آهن.

پڇيائون تہ ٻڌو اٿئون تہ حديث ۾ آهي تہ جيڪو ماڻهو دريا جي مٿان فلاڻي آيت يا حديث پڙهندو تہ دريا خشڪ ٿي ويندو. يا جيڪڏهن اها پٿر تي پڙهندو تہ اهو سونو ٿي پوندو. ليڪن موجوده زماني ۾ ڪو ائين ڪري ٿو تہ ڪجهہ ڪو نہ ٿو ٿئي. ان جو ڪهڙو سبب آهي؟ جواب ڏنائون تہ اهو هر ڪنهن جو ڪم ناهي. اهڙا تمام گهٽ ماڻهو آهن. (129)

پڇيائون تہ ڪهڙو ماڻهو خدا واسطي ٻي ڪنهن ماڻهو جي ڪم خاطر پاڻ تي ذميواري عائد ڪري سگهي ٿو؟ جواب ڏنائون تہ اهڙو ماڻهو جيڪو انهيءَ ڪم ڪرڻ سان خوش نہ ٿئي. پر جيڪڏهن اهو ڪم سندس هٿان نہ ٿئي تہ وري دلگير بہ نہ ٿئي.

چيائون تہ طالب جڏهن وقت جي حاڪمن ڏانهن وڃن ٿا تہ پنهنجو زيان ڪن ٿا. حضرت جن جو هن باري ۾ ڪهڙو خيال آهي؟ جواب ڏنائون تہ بلڪل صحيح چيو اٿئي. ليڪن اسين ٻين جي نفعي خاطر پنهنجو نقصان برداشت ڪريون ٿا. ان ڪري وڃون ٿا.

چيائون تہ خدا تعاليٰ جڏهن حضرت قطب رباني غوث الثقلين شيخ

محي الدين عبدالقادر جيلانيؒ تي پنهنجي خاص عنايت ڪئي ۽ ڪيس چيو تہ ڪشف و ڪرامت، ۽ غوثي ۽ شيخي وغيره قبول ڪر. تہ هن معذرت ڪئي. خدا تعاليٰ ڪيس وري فرمايو تہ منهنجي مشاهدي ۽ جمال جو درجو قبول ڪر تہ اهو بہ قبول نہ ڪيائين. آخر جڏهن ڪيس فقير جي مرتبي جي آڇ ڪئي وئي تہ اهو قبول ڪيائين. پڇيائون تہ انهيءَ ڳالهہ جو ڪهڙو مقصد آهي؟ جواب ڏنائون تہ فقر جو مطلب ترڪ ڪرڻ آهي. فقر بذات خود مرتبو ناهي بلڪ هر مرتبي کي ڇڏي ڏيڻ فقر آهي. انهيءَ ڪري چيو اٿن. **"اذا تم الفقر فهوالله"** جڏهن فقر تمام يعني پورو ٿئي ٿو تہ الله تعاليٰ جي ذات ظاهر ٿئي ٿي."

پڇيائون تہ فقير پاڻ وٽ مال جمع ڪن ٿا، اهو ڪيئن؟ جواب ڏنائون تہ جيڪڏهن پاڻ پير آهي نہ تہ جائز ناهي. سندس مرضي.

پڇيائون تہ حضرت جن جڏهن اسان لاءِ دعا ڪن ٿا. تہ اسان جي دل روشن ٿئي ٿي ۽ رب پاڪ جي ساجهہ حاصل ٿئي ٿي. فرمايائون تہ اهو سڀڪجهہ عطاءِ خداوندي آهي، جنهن کي گهري تنهن کي ڏئي ٿو. ڪيترا بزرگ پنهنجي دل جي نور سببان عرش جو سير ڪن ٿا. ۽ اهو نور اهڙو آهي. جنهن جو هزارين سج ۽ چنڊ گڏجن. تڏهن بہ ان جو مقابلو ڪري نٿا سگهن. وري عرش کي خدا تعاليٰ اهڙي روشني ڏني آهي، جو خدا تعاليٰ هن جهان ۾ جيڪو نور پيدا ڪيو آهي، جنهن ۾ سج. چنڊ ۽ تارا سڀ اچي وڃن ٿا. اهي مڙئي ان جي مقابلي ۾ ڪجهہ ناهن. اهڙيءَ طرح عرش کي جيڪي ڪنگرا آهن انهن جي وچ وارو فاصلو طي ڪرڻ ۾ ڪيئي سال گهرجن.(130) اهو فاصلو ايترو آهي جو انهن ڪنگرن تي ويٺل ملائڪ جڏهن هڪ هنڌان اٿي ٻي ڏانهن اڏامڻ شروع ڪن ٿا تہ اتي پهچي نٿا سگهن ۽ وچ تي ئي سڙي وڃن ٿا. ليڪن اولياءُ الله جيڪي دل جي نور سببان گهڻو مٿي وڃن ٿا ايتري قدر جو عرش انهن کي سج وانگر نظر اچي ٿو. پر هو ان ڪان بہ اڳتي نڪري وڃن ٿا ۽ تان جو عرش هنن کي هڪ ڏيئي وانگر ڏيک ڏئي ٿو. پر اهو سڀ ڪجهہ عنايت خداوندي سبب ممڪن آهي. جنهن کي هو لائق سمجهي ٿو تہ ان کي ڏئي ٿو. تنهن هوندي توهان جيڪڏهن پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ چاهيو تہ اوهان کي آساني نصيب ٿيندي.

پڇيائون تہ اوهين ڇا لاءِ فقيرن سان گهڻو وقت گڏ گذاريو ٿا. چيائون

ته انهن جي صحبت مان اسان کي فيض مليو آهي. ۽ اسان جيڪو وقت انهن سان گڏ رهون ٿا ته دل ۾ اهڙو قرار پيدا ٿئي ٿو. جو پنهنجو هجڻ ۽ نه هجڻ برابر لڳي ٿو

پڇيائون ته جماع وقت خدا کي ياد ڪرڻ گهرجي يا نه؟ چيائون ته ان وقت پاڻ گهڻو ياد ڪرڻ گهرجي. جو ته اها خوشي ۽ عيش عشرت جي گهڙي آهي.

[63]

سا ڪنو ساني ڪن، سپريان جي ڳالهڙي،
هيڪڙيالي سکيا، ٻي نه اڄهي تن.

[هو پنهنجي پرين بابت اها ساڳي ڳالهه هر هر پيا ڪن. هو اها هڪڙي ڳالهه سکيا آهن. ٻي انهن کي اچڻي ڪو نه!]

پڇيائون ته مخدوم شيخ بهاء الدين ڪامل پير طريقت هو. پر پاڻ وٽ گهڻي دولت ۽ مال رکندو هو. ان جو ڪهڙو سبب آهي؟ جواب ڏنائون ته انهن لاءِ مال جمع ڪرڻ جي نسبت نه ڪجي. خدا کي خبر آهي ته هو ڪهڙي نيت سان ائين ڪندا هئا. توهان کي انهيءَ جاچ ۾ نه پوڻ گهرجي.

پڇيائون ته ڪي اهل الله اهڙا آهن. جو توڪل نٿا رکن ۽ ظاهري اسباب ترڪ نٿا ڪن. ان جو ڪهڙو سبب آهي؟(131)

جواب ڏنائون ته جيڪڏهن توڪل ڪندا ته خدا تعالى انهن کي چڙهي ڪونه ڏيندو ۽ کين رزق رسائيندو. پر خدا تعالى حڪمت ۽ قدرت ٻئي پيدا ڪيون آهن. ليڪن حڪمت جو رستو اختيار ڪرڻ بهتر آهي يعني پنهنجو ڪم ڪار ڪرڻ گهرجي. پر جيڪڏهن هو ائين نه ڪندا ته ماڻهو انهن وٽ جمع ٿيڻ لڳندا ۽ انهن جي توجه جو مرڪز بنجي ويندا. انهيءَ ڪري پنهنجي ڪم ڪار ۾ مشغول رهڻ بهتر آهي.

پڇيائون ته ميت کي زمين ۾ پوري پوءِ ان جي تربت کي ڇا لاءِ ٿا سينگارين؟ جواب ڏنائون ته ان جو مثال ائين آهي جيئن ڪو شخص ڏاڍو بيمار هجي. پر ان جي آڏو تمام سهڻا ۽ قيمتي لباس آڻي رکجن ته ڇا ان بيمار شخص کي اهڙيءَ حالت ۾ اهڙي قيمتي لباس جي سڌ ٿي سگهي ٿي. چيائون ته مردي جي تربت جو مثال به ائين آهي.

چيائون ته جڏهن ڪنهن جي دل ۾ خدا جي محبت داخل ٿئي ٿي ته هو

اچي پير وٽ حاضر ٿئي ٿو ۽ تڏهن اهو خيال سندس دل تان هٽي وڃي ٿو. ان جاءِ تي پير جي محبت ۽ اخلاق سندس دل ۾ گهر ڪرڻ لڳن ٿا. جواب ڏنائون ته جيڪڏهن مريد انهيءَ طريقي سان هلندو ته بهتر آهي. ڇو ته جڏهن هو پير جي حضور ۾ آهي ۽ ان جي محبت ۾ ڪيس فرحت اچي ٿي ته اهڙي وقت ۾ جيڪڏهن پير ڪيس طلب خداوندي جي نصيحت ڪندو ته اها سندس دل ۾ گهر ڪري ويندي ۽ ڪڏهن به ٻاهر نه نڪرندي ۽ ان تي عمل به شروع ڪري ڏيندو. پر جيڪڏهن اهو نه ڇاتائين تڏهن به پير جي محبت ۾ پيو هلندو تان جو پنهنجو پاڻ وڃائي، خدا جي ذات سان مشغول ٿي ويندو.

ذڪر جلي جي باري ۾ ڪنهن پڇيو. فرمايائون ته تمام گهڻو بهتر آهي. سوال ڪندڙ چوي ٿو ته اهي الفاظ ٻڌڻ کانپوءِ منهنجي دل ذڪر جلي سان تمام گهڻو هلڻ لڳي.(132)

پڇيائون ته اسان جڏهن مسجد ۾ وڃي ويهون ٿا ته رسمي دانشمند اسان کي ورائي وجن ٿا ته توهان علم ڇو نٿا پڙهو ۽ اجايو پنهنجو وقت ڇو ٿا وڃايو. اسان انهن کي ڪهڙو جواب ڏيون؟ فرمايائون ته انهن سان هرگز بحث نه ڪجو ۽ نه انهن کي جواب ڏيو. بلڪ کين چئو ته اسان جي باري ۾ دعا ڪريو ته خدا تعاليٰ اسان کي هدايت جي راه نصيب ڪري.

پڇيائون ته رب جي يادگيري ڪهڙي شيءِ جو نالو آهي؟ جواب ڏنائون "بيداري ۽ سجاڳي"!

پڇيائون ته جيڪڏهن ذڪر ڪندڙ اهڙو آهي جو ٻين ماڻهن سان گفتگو ڪري ٿو، تڏهن ڪانئس الله جو اسم خطا نٿو ٿئي. ان کي گفتگو ڪرڻ گهرجي يا نه؟ چيائون ته ڀلي ڪري ان کي روا آهي.

پڇيائون ته ڇا واقعي مرد اهو آهي جو الله جي يادگيري به ڪري، پر ٻيا ڪم ڪاريون به سر انجام ڏئي؟ جواب ڏنائون ته هائو. اهو واقعي مرد آهي. پڇيائون ته فقر جي ڪهڙي معنيٰ آهي؟ جواب ڏنائون ته فقر ۾ ٽي حرف آهن. ف مان مراد فنا آهي، ق مان قرب ۽ "ر" مان مراد رويت حق آهي.

پڇيائون ته جيڪي بزرگ عرش ۽ ڪرسيءَ وٽان گذر ڪري اچن ٿا. اهي ان کي جسماني اکين سان ڏسن ٿا يا دل سان پسن ٿا؟ جواب ڏنائون ته اهو دل جو پسڻ آهي.

پڇيائون ته فڪر ذڪر ڇا آهي؟ چيائون ته فڪر اهو آهي. جو الله جي اسم ونڻ وقت اها نيت ڪري ته ان جو نالو ٿو وٺان جيڪو پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي ٿو، پاڻ کي ڄاڻي ٿو ۽ پاڻ کي ياد ڪري ٿو.

پڇيائون ته ماڻهو چون ٿا ته خدا تعاليٰ پاڻ کي سهڻين صورتن ۾ ظاهر ڪيو آهي. پوءِ ڇو هي بد يا خراب صورتون ڪيئن آهن؟ جواب ڏنائون ته ان جو مطلب آهي ته هي سمورو جهان خوبصورت آهي جنهن ۾ خدا پنهنجو ظهور ڪيو آهي.

پڇيائون ته ٻڌو اٿئون ته ڪنهن پير ڪامل مشان هلڻ جو آخري وقت آيو جو خدا عزوجل (133) طرفان ڪيس آواز آيو ته تون اسان جي درگاهه ۾ قبول ناهين. انهيءَ مهل ٿي پير پنهنجي مريد کي چيو ته مون کان پري ٿي وڃ جو منهنجي ڪئي ڪمائي قبول نه ٿي آهي. اهو مريد اخلاص جي وڏي درجي تي پهتل هو، جنهن ڪري هن پنهنجي طرفان ڪا گهٽتائي نه ڪئي. خدا تعاليٰ جي رحمت ته بي انتها آهي، پوءِ ان پير جو اهڙيءَ طرح محروم ٿيڻ جو ڇا مطلب آهي؟ جواب ڏنائون ته اهو سڀ صحيح آهي. خدا تعاليٰ پنهنجي دوستن سان پاڻ گفتگو ڪري ٿو ۽ ان مان مراد آهي ته منهنجي ذات ڪانسواءِ ٻين وٽ تون ترڪيل آهين ۽ مون ڪانسواءِ ٻين وٽ پري آهين!

پڇيائون ته فلاڻو شخص هي بيت پڙهندو ٿو وتي ۽ اسان حيران آهيون ته ان جي ڇا معنيٰ آهي؟

[64]

والي وجيم شال، ڪنين سين ڪين سڻان،
پلو ڪري پال، ته اکين سين انڌو ٿيان.

| "شل. زبان کان گونگو ٿيان ۽ ڪنن کان ٻوڙو ٿيان. خدا تعاليٰ پلاٽي ڪري ته اکين کان انڌو ٿيان." |

فرمايائون ته سچ چيو اٿس. اهو خدا جو دوست آهي. ڇو جو چيو اٿن: **العارف لاينظر غيره ولايسمع غيره ولايتفكر غيره**: عارف خدا کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي نه ڏسي ٿو، نه ٻڌي ٿو، ۽ نه ڪي ٻئي جو خيال ڪري ٿو."

چيائون ته فرموده خدا عزوجل آهي ته: **ان الذين قالوا ربنا الله ثم استقاموا تتنزل عليهم الملائكة الا لاتخافوا ولا تحزنوا** (سوره:41:30)
ترجمو: بيشڪ جن چيو ته اسان جو رب الله پاڪ آهي ۽ پوءِ ان تي قائم رهيا.

تڏهن انهن تي ملائڪ نازل ٿيا جن چيو نه ڊڄو ۽ نه غمگين ٿيو. " انهيءَ آيت ۾ **ان لاتخافوا لاتحزنوا** جي بشارت دنيا ۽ آخرت ۾ ڪهڙيءَ ريت آهي؟ فرمايائون ته هن دنيا ۾ بشارت مان مراد خداوندي مشاهدو آهي ۽ آخرت ۾ مراد حق سان ويجهڙائي آهي.

پڇيائون ته شيخ پرڪيي چڪي رحمة الله عليه فرمايو آهي ته خدا تعاليٰ (134) وٽ ستر آسمان آهن. ان جو ڇا مطلب آهي؟ جواب ڏنائون ته آسمان ته ست آهن. باقي اهي ستر حجاب آهن. جيڪي پانهي ۽ خدا جي وچ ۾ آهن.

پڇيائون ته هي جو بزرگ چون ٿا پهرين فنافي الشيخ ۽ پوءِ فنا في الله ان جو ڇا مطلب آهي؟ چيائون ته فنافي الشيخ جو مطلب آهي ته پهرين پير جا ظاهري ۽ باطني اخلاق ۽ اطوار پاڻ ۾ جذب ڪري يا اختيار ڪري.

پڇيائون ته اميرالمؤمنين ۽ اميرالمسلمين حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جو ارشاد آهي ته : **من يقول الله لايعرف الله ومن يعرف الله لايقول الله** يعني جيڪو شخص زبان سان الله جو نالو وٺي ٿو. اهو الله کي نٿو سڃاڻي سگهي. پر جيڪو الله کي سڃاڻي ٿو. سو وري زبان سان نالو نه وٺندو! پر ڪيترا بزرگ ۽ ولي ته الله جو نالو وٺن ٿا. پوءِ ان جو ڇا مطلب ٿيو؟ جواب ڏنائون ته جن خدا کي سڃاتو آهي. اهي الله جو نالو وٺن ٿا. پر نالي وٺڻ وقت ان جي نسبت پاڻ ڏانهن نٿا ڪن.

پڇيائون ته ارشاد خداوندي آهي: **واعبد ربک حتيٰ ياتيـــک اليقين** (99:15) "تيستائين پنهنجي رب جي عبادت ڪر جيستائين توکي يقين حاصل ٿي وڃي." گويا يقين حاصل ٿيڻ کان پوءِ عبادت ڇڏي ڏجي. فرمايائون ته عبادت ڪرڻ گهرجي. پر ان جي نسبت پاڻ ڏانهن نه ڪرڻ گهرجي.

پڇيائون ته مشهور بزرگ سيد رڪن الدين متعلوي جو قول آهي ته ذڪر کي پير به آهن ته ڪنيڙائيون پڻ. ان جو ڇا مطلب آهي؟ جواب ڏنائون ته ذڪر جون ڪنيڙائيون بک آهي ۽ هيڪلائي ذڪر جا پير ۽ ماٺ يعني خاموشي ان جا پَرَ آهن. پڇيائون ته ته عارف لا الـه الا الله ڇا لاءِ چون ٿا؟ جواب ڏنائون ته تعظيم جا لفظ چون ٿا. (135)

پڇيائون ته بزرگ چون ٿا ته خدا جو اصلي نـور سياه آهي. ان جو ڇا مطلب آهي؟ فرمايائون ته اصلي نور سياه ناهي. پر جڏهن اصلي نور ظاهر ٿئي ٿو ته ان جي مقابلي ۾ ٻي جيڪا شيءِ اڇي ٿي، اها ڪاري لڳي ٿي. انهيءَ نسبت سان اصلي نور کي ڪارو يا سياهه سمجهن ٿا.

باب ٽيون

حلم، تواضع، مجاهدي ۽ سخاوت جي بيان ۾

طريقت جو سالڪ، محبت جو غريق، اهل معرفت جو سرواڻ، اهل شريعت جو اڳواڻ، پيشوا ڪامل، سعادت جو سج، صوفين جي صف جي پيش امام، عارفن جي احوال جو ڳجهه، طريقت جي سالڪن جو رهنما، اهل تحقيق جي جانين جي سونهن، طريقت ولايت تي گامزن، مڙني اهل هدايت وارن جي سونهن، صوفين جي ملڪ جو والي، محبت وارن جو شهنشاهه، دين اسلام جو امام ۽ استاد، اوليائن جو اڳواڻ، اهل صفا وارن کي نصيحت ڪندڙ، علم ۽ عمل جو ڪعبو، حلم ۽ پرهيزگاريءَ جو نچوڙ، هدايت جي عزت، ولايت جو متوڪل، راهه يقين جو پيشوا، دين مقدم جي طريقت جو رهنما، زاهدن جو منڍ، عابدن جي عظمت، (عالم عامل، عارف ڪامل، تونگر قانع) قبه عزت جو ولي، پرده وحدت جي شمع، سچن جو صبح، ذات حليم جو فرمان پهچائيندڙ يعني سيد عبدالڪريم هن سلسلي ۾ جيڪي ڪجهه فرمايو آهي.

هن باب ۾ ٻه فصل آهن. پهرين فصل ۾ حلم، تواضح ۽ مجاهديءَ جو بيان آهي ته ٻئي فصل ۾ سخاوت.(136)

فصل پھريون

حلم، تواضع ۽ مجاهدي جي بيان ۾

ڇاڻڻ گهرجي ته حضرت جن جي حلم ۽ سخاوت جو اندازو ڪرڻ آهي، جو ان کي تحرير ۽ تقرير ۾ آڻڻ مشڪل آهي. تاهم مريدن جي دلين ٺارڻ واسطي ڪجهه نقل جيڪي ٻڌڻ ۾ آيا آهن، سي بيان ڪجن ٿا. هڪ بزرگ کان نقل آهي ته اهڙن شخصن تي تعجب آهي جيڪي حضرت جن جي صحبت ۾ رهيا آهن، پر جڏهن انهن وٽ طعام پيش ڪيو وڃي ٿو، ۽ جيڪڏهن ان ۾ لوڻ سرس آهي، ته اها ڳالهه به چئي ڏين ٿا ۽ ان تي صبر نٿا ڪن.

حضرت جن جي وڏن سائين کان نقل آهي ته حضرت جن جوانيءَ جو گهڻو عرصو هن طرح گذاريو. صبح جو وڏي اسر اٿي مسجد ۾ بانگ ڏيندا هئا ۽ پوءِ اٿيئي حق جي ياد ذڪر ۾ مشغول ٿي ويندا هئا. تان جو جماعت ڪٺي ٿيندي هئي. نماز کانپوءِ ورد پڙهندا هئا ۽ جڏهن سج نيزي جيترو مٿي ايندو هو ته اشراق ادا ڪندا هئا. ان کان پوءِ گهر اچي طعام پچائڻ ۾ مشغول ٿي ويندا هئا. ايتري قدر جو عورتن وارا ڪم جهڙوڪ: ٽانو ڌوئڻ، ديڳڙي ۾ پاڻي وجهي باهه تي رکڻ، ۽ چانور چاڙهڻ ۽ اهي تيار ڪري پنهنجي فرزند اڳيان رکندا هئا. جڏهن ڪائي خوش ٿيندا هئا، تڏهن گهر کان ٻاهر قدم رکندا هئا. ليڪن تڏهن وري ڪاسو هٿ ۾ کڻي شهر جو چڪر هڻي جيڪو فقر ملندو هون سو آڻي فقيرن آڏو رکندا هئا. فقير جڏهن ڪائي بس ڪندا هئا ته هر ڪلهي تي کڻي، ڍانڊن جو جوڙو ڪاهي، پنهنجي ٻنيءَ تي ايندا هئا. اهڙيءَ طرح زمين کيڙڻ کانپوءِ ڍڳن جي (137) گاهه خاطر جهنگ جو رخ ڪندا هئا. زوال يا ٻنپهرن کان اڳ گهر جو رخ ڪندا هئا ۽ اهو گاهه پنو آڻي ڍورن جي اڳيان رکندا هئا. اتي ئي وضو ساري ٻه رڪعتون نفل جون پڙهي، ٻنپهرن جي بانگ ڏيندا هئا. بهرحال ٻپهريءَ جي نماز سنت جماعت سان ۽ گهڻي سڪون آرام سان ادا ڪندا هئا. جنهن کانپوءِ وري ساڳيو هر ڪلهي تي رکي، ڍڳن جو جوڙو ڪاهي، ٻنيءَ جي ڪم ڪار تي ويندا هئا. ٽپهريءَ وقت وري به گاهه ڪري، ڍانڊن کي پاڻي پياري گهر ٻڌي، مسجد ۾ اچي نماز پڙهندا هئا. تنهن کانپوءِ اتي ئي سانجهي ۽ سمهڻي جي نماز ادا ڪري بعد ۾ گهر ايندا هئا. مختصراً

اهو سندن معمول هو ۽ وري پٺي ڏينهن بہ ائين ڪندا هئا. البت گدائي ڪري فقيرن کي جڏهن ڪاڏو ڪرائيندا هئا تہ پاڻ انهيءَ فڪر ۾ رهندا تہ متان ڪو فقير بکيو رهجي وڃي، ۽ ان صورت ۾ پنهنجو حصو بہ ان کي ڏيئي ڇڏيندا هئا ۽ پاڻ ڪجهہ نہ کائيندا هئا.

جڏهن سڀ فرزند ۽ مريد خادم کائي پي خوش ٿي سمهي پوندا هئا، تہ پاڻ وضو ڪري نفل ادا ڪندا هئا. پوءِ ڳوٺ کان ٻاهر نڪري راهوڻ شهر جو رخ ڪندا هئا. واٽ تي ننڍن ڳوٺن مان لنگهندي مسجدن ۾ وضوءَ لاءِ پاڻي ۽ وٽ ڇڪائڻ لاءِ پٿر رکندا هئا. بلڪ ڪنهن مسجد ۾ ڪو سٽل هوندو هو تہ ان کي زور پڻ ڏيندا هئا. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن واٽ تي ڪو واهڙ ٽپڻو هوندو هون تہ ان کي تري پار پوندا هئا. تان جو جابلو رستو طي ڪري مشهور بزرگ ۽ درويش شيخ جهنڊي پاتڻيءَ جي مقبري تي ايندا هئا. انهيءَ ساڳي هنڌ ستين جي زيارت ڪري، پوءِ مڪلي تي ايندا هئا، جتي هر بزرگ ۽ وليءَ جي مقبري تي ڪجهہ نہ ڪجهہ پڙهندا هئا. (138)

مطلب تہ پنهنجي ڳوٺ کان وٺي شيخ جهنڊي پاتڻيءَ جي مزار تائين واٽ تي جيڪي بزرگ يا مقام ايندا هئا، تن جي زيارت ڪندا هئا. مڪليءَ کان پوءِ ٺٽي شهر ۾ اچي شهر جي مسجد ۾ وڃي وضوءَ لاءِ پاڻي ۽ وٽ لاءِ پٿر گڏ ڪري رکندا هئا، بلڪ اتي ڪو سٽل ڏسندا هئا تہ ان کي زور پڻ ڏيندا هئا. ٺٽي مان نڪرڻ کانپوءِ پير آر جو رخ رکندا هئا، جيڪو ڪلان ڳوٺ ۾ آهي، اتان ٿي شيخ پٺي جنهن جي قبر ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي آهي، اتي ايندا هئا. واپسيءَ ۾ ٻٺوري پرڳڻي جي ڪيترن ماڳن ۽ ڳوٺن مان گذري رات جو پوئين پهر صبح صادق ٿيڻ کان اڳ جڏهن ٻيو لوڪ اجا ننڊ ۾ ستل هوندو هو تہ پاڻ پنهنجي ڳوٺ واري مسجد ۾ پهچي صبح جو ٻانگ پاڻ ڏيندا هئا. ايتري قدر جو ماڻهو چوندا هئا تہ شايد حضرت جن کي ننڊ ئي نٿي اچي، بلڪ لڳي ٿو تہ هو مسلسل جاڳندا رهن ٿا، جو هميشه هن وقت ٻانگ ڏين ٿا. فجر نماز پڙهڻ کان پوءِ وري ساڳيو معمول جنهن جو مٿي بيان ٿيو، ان ۾ مشغول ٿي ويندا هئا. مطلب تہ جوانيءَ جا ڏهاڙا حضرت جن انهيءَ طور طريقي سان گذاريا جو اڪثر اوقات مجاهدن ۽ بزرگن جي زيارت ۾ مشغول رهيا. وڏي ڳالهہ تہ انهيءَ احوال جي ڪنهن کي خبر نہ پئي، سواءِ چند اهڙن دوستن ۽ رفيقن جي جيڪي

ڪين تمام ويجها هئا.(139)

هاڻي جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهو گمان ڪري ٿو يا عجب ڪائي ٿو تہ آخر هڪ رات ۾ اهو سڄو فاصلو ڪيئن ٿو طي ڪري سگهجي. ان کي شايد اها خبر ناهي تہ انهيءَ کان وڌيڪ عجيب و غريب ڳالهايون ٿي گذريون آهن. مثلاً: ڪي اهڙا بزرگ بہ ٿي گذريا آهن جو انهن جو هڪ قدم اوڀر ۾ هو تہ ٻيو اولهہ ۾!

نقل آهي تہ هڪ دفعي حضرت جن پنهنجن فرزندن سان گمرگ جي ڳوٺ جيڪو سن علائقي ۾ آهي، اتان پلو ماني کائي، پنهنجي ڳوٺ واپس اچي رهيا هئا. سيئي گهوڙين تي سوار هئا. اهو ڏينهن ڏاڍو گرم هو ۽ سڄ جي تپش ڏاڍي تاس ٿي لائي. وٽن پاڻيءَ سان ڀريل ڪوزو هو ۽ جنهن کي واٽ تي اُڃ ٿي ورايو تنهن ان منجهان پاڻي پئي پيتو. جڏهن مٽيارين جي ويجهو مانجهو ڳوٺ وٽ پهتا تہ ڪين سخت اُڃ اچي ورايو پر تڏهن بہ ڪنهن کي ڪين چيائون. آخر سندن حالت غير ٿي وئي ۽ سندن بدن مان طاقت موڪلائي وئي. لاچار ٿي پڇيائون تہ ڪنهن وٽ پاڻيءَ ڊڪ آهي؟ جواب ڏنائون تہ اسان واٽ تي پاڻي پئي پيتو تڏهن توهان ڇيو ئي ڪو نہ! توهان هيتري اُڃ الائي ڇو ٿي برداشت ڪئي. فرمايائون تہ ان ڪري تہ مبادا توهان لاءِ پاڻي کٽي پوي! مٿي مذڪور ڳوٺن جي درميان پڻ وڏو فاصلو آهي!(140)

چون ٿا تہ شروعاتي ڏهاڙن ۾ حضرت جن سخت تنگي ۽ بک ۾ گذر ڪندا هئا. ايتري قدر فاقا ڪندا هئا جو سندن فرزند پورهئي ۽ بک جي ڪري ماندا ٿي ويندا هئا. ڪين فقط هڪ سٿا مينهن هوندي هئي، جنهن جي کير مان قوت گذر ڪندا هئا. هڪ دفعي جڏهن فاقن کان لاچار ٿي پيا تہ پنهنجو ڳوٺ ڇڏي، ٻي ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃي رهيا. جتي وري هڪ ڏينهن سندن مينهن کي هڪ شينهن کائي پورو ڪيو. انهيءَ صورتحال تي حضرت جن جي اهل عيال وارا سخت پريشان ٿيا. وٽن ڪا شيءِ نہ رهي جو کٽي پيٽ گذر ڪن. آخر سندن هڪ فرزند پورهئي جي ڳولها ۾ ٻاهر نڪري پيو ۽ اهڙي هنڌ اچي پهتو جتي جَو پئي ڪٽيائون. هن بہ پنهنجو پٽڪو ۽ چادر هڪ طرف رکي، ڏندو کڻي جَو سٽڻ بيٺو تہ من ڪجهہ اُجورو جڙي پوي. هو اجان ان ڪم ۾ مشغول هو تہ ڪو شاهينگ سندس پٽڪو ۽ چادر کڻي رمندو رهيو. جڏهن جَوَ

صاف ڪري واندو ٿيو ۽ ٻه ٽويا اُجوري جا وٺي ان جڳهه تي آيو جتي ڪپڙا رکيا هئا. ته اهي نه ڏسي ڏاڍو دلگير ٿيو. لاچار اهي جوَن جا ٻه ٽويا ساڻ کڻي گهر پهتو. مطلب ته انهن ڏينهن ۾ بک ۽ تنگيءَ جو اهو عالم هو جو ان کي وڌيڪ بيان ڪرڻ مناسب نٿو لڳي.

هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي ته حضرت جن پنهنجي فرزندن سان ٻنيءَ ۾ ڪرچوندڻ ويا. ڪرچوندبندي هو ڪافي پري نڪري(141) ويا ۽ وچ ۾ جهنگ جي ڪري ڪا خبر نٿي پئي. آخر حضرت جن آواز ڏيڻ شروع ڪيا پر ڪو جواب نه آيو. پاڻ ڏاڍا پريشان ٿيا. آخر ڇا ٿيو جو ڪو جواب نٿو اچي. خدا خير ڪري. آخر ڳولهيندي وڃي پٽ کي لڌائون ۽ پڇيائون ته جواب ڇو نه ٿي ڏنئہ. چيائين ته بک جي ڪري ايتري ڪمزوري ۽ هيڻائي وڃي وئي هئي جو آواز نٿي نڪتو. پوءِ حضرت جن جلدي جلدي ان جا ڪجهه داڻا مهٽي صاف ڪري ڪيس فوري طور کارايا ته جيئن هوش ۾ اچي. مطلب ته انهيءَ ڳوٺ ۾ اهڙين تنگ حالتن ۾ گذر ڪندا رهيا. پر ڪڏهن به ڪنهن کي ان حال جي خبر نه ڏنائون. ماڻهو ڀائيندا هئا ته خوش پيا گذارين. جيتوڻيڪ ان وقت ماڻهو سندن ڏاڍي عزت ڪندا هئا. پر پاڻ ڪڏهن ڪنهن سان به اها شڪايت نه ڪيائون. هر ڪو ايئن سمجهندو هو ته پاڻ ڏاڍو خوش ٿا گذارين ۽ ڪين ڪنهن قسم جي تڪليف ناهي.

هڪ دفعي جو ذڪر آهي ته سندن فرزند ڪنهن جي ٻنيءَ تي وڃي جوَ صاف ڪري اجوري طور اڌ ٽويو جوَن جو گهر کڻي آيو. اجان اهي جوَ رڌي ڪري کائڻ لاءِ اَڌو ڪري ويٺو ته حضرت جن گهر اچي نڪتا. چوڻ لڳا ته مسجد ۾ هڪ فقير ويٺو آهي، جيڪو بک کان بيحال آهي. گهر ۾ ڪا کائڻ جي شيءِ ميسر هجي ته ان کي ڏئي اچجي، ڇو ته هو به اسان وانگر بکايل آهي. (142)

اهو ٻڌي سندن فرزند ميان دين محمد جيڪو ڪانئن پوءِ سجاده نشين ٿيو. اها جوَن واري ماني کڻي حضرت جن کي ڏني ته پلي اها فقير کي کارائڻ ۽ چوڻ لڳو ته اسان صبر ڪري ويندا سون. اهو ڏسي حضرت جن ڏاڍو خوش ٿيا ۽ اها ماني کڻي فقير کي پيش ڪيائون. جڏهن گهر موٽي آيا ته پنهنجي فرزند کي چيائون ته اميد اٿئون ته اڳتي بک توهانجي ويجهو نه ايندي ۽ نه ڪڏهن اٿر

ڪندي. تہ بلڪ قدرت توهان کي توهان جي حال تي وڏيڪ استقامت بخشيندي. چون ٿا ڪجھہ ڏينهن ڪانپوءِ حضرت جن جون ھنيون جيڪي هن ڪان اڳ بلڪل برباد پيون هيون. اهڙو اڃي آباد ٿيون جو هميشہ لاءِ خوش گذارڻ لڳا. بلڪ هيءُ بيت اڪثر جهورينداهئا:

[65]

پنندي پريـنءَ سيـن، ويـلا ڪنـدي وتَ،
ڪـو پائيندءِ مـانيون، ڪـو پائيندءِ پـتَ.

[پرينءَ سان پنندي، وقت گذاريندي رَهُـہ. ڪو مانيون ڏيندءِ تہ ڪو وري پت ڏيندءِ!]

هڪ مريد ڪان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت جن کي ڏاڍو ضعيف ڏٺم. عرض ڪيم تہ قبلا جيڪڏهن ٿورو گيھ واپرايو تہ شايد قوت بحال ٿئي ۽ اها هيٺائي ختم ٿي وڃي. جواب ڏنائون تہ پڇاڙيءَ ۾ کهڙو گيھہ ڪائينداسين. هاڻي اسان کي اهڙا ڏس نہ ڏي. ان ڪانپوءِ هي حڪايت بيان ڪيائون تہ هڪ ڏينهن (143) پنهنجي ڳوٺان ٻن علم جي طالبن سوڏو ئي وڃي رهيا هئاسون. اسان ٽئي هڪ ٻيڙيءَ ۾ سوار هئاسون. واٽ تي هڪ شخص مهمانيءَ طور ٻہ ٽويا چانورن جا ۽ پاءُ ڪن گيھ جو ڏياري موڪليا. انهن علم جي طالبن ڇا ڪيو جو اهو سمورو گيھہ چانورن ۾ وجهي رڌي تيار ڪيائون. اهو سڀ ڏسي مون پانيو تہ جيڪڏهن آءُ اهو طعام ڪائيندس تہ مون کي تڪليف ٿيندي. پنهنجي دل ۾ سوچيم تہ مون کي اهڙو طعام جيڪو گيھہ ۾ تيار ڪيو اٿن هرويرو ڪائڻ نہ گهرجي. انهيءَ ڪري آءُ سمهي رهيس. پر جڏهن طعام تيار ٿيو تہ مون کي سڏڻ لڳا تہ آءُ بہ اهو ڪاوان. جيومان تہ مون کي ڇڏي ڏيو. ليڪن هو چوڻ لڳا تہ اهو گيھہ حلال آهي ۽ ڪائڻ ڪان ڪنهن منع بہ ڪونہ ڪئي آهي. پوءِ آخر چو نہ ٿا ڪائو. لاچار ٿي عذر پيش ڪيم ۽ تڏهن وڃي گيھہ ڪائڻ ڪان جان خلاصي ٿي.

نقل ڪن ٿا تہ هڪ ڏينهن حضرت جن چيو تہ پورا چوويھہ ورهيہ ٿيا آهن، جو اسان جي جسم مان چار يا پنج مرض وڃن ئي ڪونہ ٿا.

نقل آهي تہ پاڻ فرمايائون تہ هڪ ڏينهن آءُ گجرات ملڪ جي شهر احمد آباد ۾ هُيس. اتي مون هڪ فقير کي ڏٺو. دل گهڻو چيو تہ جيڪر اهو فقير مون

سان کي خدائي ڳالهيون ڪري، پر هو بلڪل خاموش رهيو ۽ ڪجهه نہ ڪڇيائين. آخر گهڻي دير ڪانپوءِ آءٌ اٿي ڪڙو ٿيس، تہ اهو فقير هي بيت پڙهڻ لڳو:

[66]

هيڪو جو اکر ونگڙو، گُر تَنسي ڏي،
انڌاري گهر ڏيولا، ڦر ڦر (144) جوت ڪري.

[هڪڙو ڏکيو اکر جيڪو گرو يا مرشد توکي ڏئي يا سيکاري، اهو ائين آهي جيئن ڪو ڏيئو اونداهي گهر ۾ ڦر ڦر ڪري روشني ڪري.]

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت جن گدرو کائي بس ڪيو تہ کين ڦيءُ آئي. جڏهن گهڻا دفعا ائين ٿيو تہ پاڻ گدري کائڻ جو معمول بنائي ڇڏيائون. مطلب تہ جڏهن بہ گدرو کائين تہ کين ڦيءُ ضرور ايندي هئي، پر تڏهن بہ پاڻ نہ مڙيا. ڪافي وقت ڪانپوءِ ڦيءُ اچڻ بند ٿي وئي تہ پاڻ وري گدرو کائڻ بند ڪري ڇڏيائون. چيائون تہ اهو ان ڪري ڪيوسين جيئن نفس جي مخالفت برقرار رهي.

چون ٿا تہ هڪ سال سنڌ ۾ اڃي ڏڪار ۽ قحط پيو. ماڻهن ويچارن جا ڏيل ڏبرا ٿي ويا، پر حضرت جن پاڻ وڏيڪ تازا توانا ۽ بت ۾ پرجي ويا ۽ خوش نظر اچڻ لڳا.

نقل آهي تہ حضرت جن فرمايو تہ مون سڄي عمر ۾ صرف هڪ دفعو پنهنجي پٽ کي چماٽ هنئي، پر اڄ تائين دل مان اهو افسوس ختم نہ ٿيو آهي تہ چو چماٽ هنئي ماڻس. اصل شرافت تہ روح جي آهي نہ جسم جي. ڪهڙي خبر تہ منهنجي انهي فرزند جو روح مون کان وڌيڪ افضل آهي.

چون ٿا تہ هڪ دفعي حضرت جن جي ڪنهن مريد کان خطا صادر ٿي پئي جيڪا بي ادبي جهڙي هئي. آخر حضرت جن کي اها خبر پئي ۽ کين مريدن عرض ڪيو تہ هاڻي ان مريد تي توجہ ۽ شفقت جي نظر نہ ڪريو. فرمايائون تہ جيڪڏهن هن کان ڪا خطا ٿي آهي تہ ڇا ٿي پيو. اسان انهيءَ سبب ڪري هن تان شفقت ڇو ڪڻون!

چون ٿا تہ آخري عمر ۾ حضرت جن پاڻ طعام ۾ سٿڻ ۽ اهڙيون ٻيون شيون هرگز نہ وجهندا هئا ۽ نڪي اهڙو ڪاڻو (145) کائيندا هئا. ليڪن ٻيا ماڻهو ائين ڪندا هئا جو سندن کاڌي ۾ سٿڻ وجهي ڇڏيندا هئا.

نقل آهي تہ حضرت جن فرمايو تہ جيڪڏهن اسان کي ڪو ايذاءَ رسائي

يا بي ادبي ڪري ته اسان پورو هڪ سال ان کي ڪجهه نه چوندا سين. هي روايت موجب پاڻ چاليهه سال چيائون يعني ته ايتري وقت تائين اسان کي ان کي ڪا تڪليف نه ڏيندا سين. بلڪ ان کي فرحت ڏيندا سون.

نقل آهي ته هڪ دفعي ڇاموٽ جعفر سمي جا پٽ راه خدا جي ارادي سان نڪتا ۽ پاڻ کي خدا جي مشغولي ۾ وقف ڪرڻ لڳا. حضرت جن کي جڏهن اها خبر پئي ته پنهنجن ڪن ساٿين سان گڏجي ان طرف روانا ٿيا ۽ انهن کي هڪ مسجد ۾ ويٺل ڏٺائون. جتي هو جلي ذڪر ۾ مشغول هئا. تڏهن پاڻ پنهنجن ڪلهن تان چادر لاهي جهلي ٻڌائي کين هٽڻ لڳا. هوڏانهن سندن ساٿي کين خوب تيل لڳائي مالش ڪرڻ ۾ جنبي ويا. پاڻ جڏهن اهو حال ڏٺائون ته چيائون ته جيڪي خدا جا طالب ٿيڻ گهرن ٿا انهن جي اها راه يا طريقو ناهي. بهرحال اها رات انهيء مسجد ۾ گذاري صبح جو پيرين اگهاڙين جوتا به نه ڪنيائون ۽ نه ڪنهن کي ٻڌايائون. اتان نڪري ڪجهه فاصلو طي ڪري هڪ ٻئي ڳوٺ ۾ اچي نڪتا. اتي ملا هارون نالي درويش جيڪو اڳيئي سندن واقف هو. ان وٽ آيا ۽ کيس چيائون ته اسان کي اهڙي جڳهه يا هنڌ ڏس جتي ڪو پهچي نه سگهي. هن کين ٻه ٽي هنڌ ٻڌايا. پر پاڻ پسند (146) نه ڪيائون. آخر کين هڪ اهڙي جهوپڙي پسند آئي جنهن ۾ اندر هڪ ڇُر يا غار هئي ۽ پاڻ ان ۾ لڪي ويهي رهيا. ملا هارون کي چيائون ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو اسان جي ڳولها ۾ اچي يا پيڇا ڳاڇا ڪري ته اسان جو نالو کيس نه ٻڌائجو. هوڏانهن جڏهن اهي همراه جيڪي ساڻن گڏ آيا هئا ۽ جن کي مسجد ۾ ڇڏيو هئائون. سجاڳ ٿيا ۽ حضرت جن کي مسجد ۾ نه ڏٺائون ته سندن ڳولا ۾ نڪتا. هر ڳوٺ ۽ واهڻ ۾ کين ڳولهيندا رهيا. پر حضرت جن ڪٿ به نظر نه آيِن. آخر نااُميد ٿي پنهجي ڳوٺ واپس هليا ويا. حضرت جن پورن ٽن ڏينهن ۽ راتين کان پوء ٻاهر نڪتا ۽ پنهنجي ڳوٺ روانا ٿي ويا.

نقل آهي ته هڪ دفعي حضرت جن جي فرزندن سان ڳوٺ جي چڱي مڙس جي ڇوڪرن سان جهڳڙو ٿي پيو. ايتري قدر جو سندن گهر به ڊاهي پٽ ڪيائون. سندن فرزند اها دانهن کڻي وٽن آيا ۽ سڄي ماجرا ڪري ٻڌايائون. پر پاڻ اهو سڀ ڪجهه ٻڌي ماٺ ۾ رهيا ۽ کين ڪاوڙ يا غصو ڪو نه آيو. آخر ڳوٺ جا چند دڪاندار جيڪي سندن پٽن جي طرفداري ڪري رهيا هئا. اهي

ساڳي دانهن ڪئي حاضر ٿيا. چوڻ لڳا تہ اسان پنهنجا ڳوٺ انهيءَ ظلم زيادتيءَ جي ڪري ڇڏي اچي توهان جي ڳوٺ ۾ رهيا آهيون. پر هتي بہ اهي ڏاڍن مڙسن جا ڇوڪرا اسان کي پيا آزارين ۽ اسان جا جهڳا بہ سلامت ناهن. اهو سڀ ڪجهہ ٻڌي حضرت جن وراڻيو تہ جيڪڏهن هو (147) توهان جا گهر بہ سلامت نٿا ڇڏين تہ پوءِ هي جڳهہ ڇڏي اهڙي هنڌ وڃي رهو، جتي سلامتي سمجهو. مطلب تہ انهيءَ سڄي واقعي ۾ زيادتي ڪانپوءِ بہ ڪين ڪنهن قسم جو غصو نہ آيو.

چون ٿا تہ حضرت جي ڳوٺ ۾ هڪ غير مسلم رهندو هو. پر هو جڏهن بہ بيمار ٿيندو هو تہ حضرت جن سندس عيادت ڪرڻ لاءِ ضرور ويندا هئا.

نقل آهي تہ اوائلي ڄمار ۾ حضرت جن والده جي خدمت ۾ گهڻو وقت گذاريندا هئا. انهن ڏينهن ۾ جڏهن پاڻ مزدوريءَ خاطر ٻين سان گڏجي جهنگ ۾ ويندا هئا تہ اڪثر ڪري سنڌي بيت نهايت خوش الحانيءَ سان چوندا هئا. سندن خوش الحانيءَ جو اهو عالم هو جو مزدور ڪين چوندا هئا تہ توهان جي حصي جو ڪم اسين ٿا ڪريون. اوهان رڳو ويهي دائودي آواز ۾ بيت ٻڌايو. اهڙيءَ طرح حضرت جن ويهي بيت پڙهندا هئا تہ ٻڌندڙ انهن مان حظ حاصل ڪندا هئا ۽ ان سان گڏ ڪوڏر جو ڪم بہ جاري رکندا هئا. آخر هڪڙو ڏينهن اهڙو بہ ايندو هو جڏهن سڀئي مزدور نہ رڳو پنهنجو بلڪ حضرت جن جي حصي وارو ڪم بہ پورو ڪري ڇڏيندا هئا. اهڙيءَ طرح هر مزدور کي حضرت جن لاءِ ڪوڏر جا ڪجهہ لپا هڻڻا پوندا هئا ۽ انهيءَ سان سندن سڀ ڪم مڪمل ٿي ويندو هو ۽ حصي جي مزدوري وٺي گهر موٽي ايندا هئا.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن ڪو مريد کير ۽ پيهون ملائي ٿن ۾ مٺاڻ وجهي حضرت جن جي خدمت ۾ آيو. ان وقت پاڻ ننڊ مان مس اٿيا هئا. ان مريد پنهنجي هٿن سان ان مان ڏرو ڪئي سندن وات ۾ وڌو. انهيءَ تي (148) پاڻ پڇيائون تہ تون کير آهين ۽ هي لقمو ڇا جو آندو اٿئي؟ مريد وراڻيو تہ کير ۾ پيل پيهون آهن. پاڻ اهو ٻڌندي ئي گودڙيءَ مان پيل ڪوڙو ٻصر ڪڍيائون ۽ اهو کائڻ لڳا. ان کان پوءِ جيترا دفعا انهيءَ مريد ڪين مٺا پيهون کارائڻ جي ڪوشش ڪئي، پاڻ ان جي مٽان اهو ڪوڙو ٻصر پيئي کاڌائون. اهو ان ڪري تہ جيئن مٺاڻ جو ذائقو زائل ٿيندو رهي.

چون ٿا تہ حضرت جن جڏهن بہ وقت جي قطب مخدوم نوح رح جي

زيارت لاءِ ويندا هئا. ته هميشه مخدوم جي پٽن کان اوير گهري کائيندا هئا.

نقل آهي ته هڪ ڏهاڙي ڪن ماڻهن جو حضرت جي فرزندن سان سخت جهڳڙو ٿي پيو ۽ گارگند تائين وڃي نوبت پهتي. اچا جهڳڙو ختم ٿي نه ٿيو هو جو حضرت جن پاڻ معمول موجب گدائي وارو ڪاسو هٿ ۾ ڪٺي انهيءَ گهر تي اچي پهتا. اهو ڏسي سندن فرزند اڳيان ٿري آين ۽ ڪين منٿون ڪرڻ لڳا ته ڪجهه دير ته ترسو ۽ ويچار ڪريو. ڪجهه اسان جو خيال ڪريو ته ڪهڙن ماڻهن جي در تي ٿا وڃو. ليڪن پاڻ هڪ ڪن ڪان ٻڌي ٻي ڪان ڪڍي ڇڏيائون. آخر هنن ڪان پاڻ ڇڏائي انهيءَ گهر وارن جي در تي آيا ۽ جيڪي وٺو هون سو وٺي روانا ٿيا.

نقل آهي ته حضرت جن پاڻ بيان ڪندا هئا ته شاديءَ کان پوءِ پنهنجي گهر واريءَ سان ايتري قدر اندر ۾ رنج ناخوش رهندو هوس جو ان جو بيان ڪرڻ صحيح نٿو لڳي. جڏهن به ٻاهران ٿي گهر ايندو هوس. تڏهن ائين سمجهندو هوس ڄڻ دوزخ ۾ داخل ٿيو هجان. اهڙي رنجش جي حالت ۾ (149) به مون کي منجهائس ڪيترا ٻار ڄاوا. پر انهيءَ سموري عرصي دوران خدا ڪانسواءِ ٻي ڪنهن تي پنهنجو حال ظاهر نه ڪيم.

ڄاڻندڙ ٿو ڄاڻي ته منهنجي دل ۾ ڇا وهيو واپرندو هو. پر ڪوشش ڪري اها رنجش لڪائيندو هوس. ايتري قدر جو ڪڪرالي جي شهر مان جيڪڏهن هڪڙو درهم به ملندو هو ته اهو به ڳنڍ ۾ ٻڌي گهر اچي پنهنجي گهرواريءَ کي ڏيندو هوس. اهو صرف ان ڪري ته جيئن اهو نه سمجهي ته ڪو آءٌ کانئس ناخوش آهيان. بلڪ جيئن سمجهي ته ويچاري کي هڪڙو درهم مليو آهي سو به مون لاءِ کڻي آيو آهي. جيستائين جيئري هئي تيستائين ڪنهن سان به پنهنجو راز نه کوليم. هاڻي جڏهن مرحيات ٿي وئي آهي، ته اهي لفظ واتان ڪڍيا اٿم.

نقل آهي ته جڏهن ڪو ماڻهو حضرت جن جا هٿ ڪاڏي ڪائڻ واسطي ڏورائيندو هو ته پاڻ هيءَ دعا پڙهندا هئا: **غفرالله ذنوبک وستراللہ عيوبک** يعني خدا توهان جا گناهه بخش ڪري ۽ توهان جا عيب ڍڪي.

نقل آهي ته سڪرات جي وقت حضرت جن پنهنجي فرزندن کي گهرايو ۽ چوڻ لڳا ته اڳين بزرگن جو طريقو اهو هوندو هو ته اهڙي وقت ۾ هو پنهنجن

مريدن کي بہ جمع کندا هئا ۽ پوءِ پنهنجن پٽن کي چوندا هئا تہ دعا ڪريو. ان تي ڪن چيو تہ توهان بہ ائين ڪريو. اهو بهتر آهي. پاڻ فرمايائون تہ اهي بزرگ پلارا هئا ۽ اسين تہ اجا مريد بہ نہ سونهئون.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن اڻ پڙهيل مريد کي چيائون تہ ڪجهہ پڙهيو آهين؟ هن جواب ڏنو تہ صرف الحمد ۽ **قل هو الله** پڙهيو اٿم. ڪيس چيائون تہ پوءِ پيش امام ٿي ۽ پاڻ ان جي پٺيان نماز پڙهيائون.

چون ٿا تہ هڪ رات جو پاڻ وينا هئا جو سندن مريد (150) ڏيڍو ٻاريو. پاڻ فوراً ان کي وسائي ڇڏيائون. فرمايائون تہ ڏيئو ان کي ٻارڻ گهرجي جيڪو هوشيار هجي، اسان تہ غفلت ۾ آهيون.

چون ٿا تہ پاڻ مجلس ۾ هجن يا اڪيلا پر ڪڏهن بہ ٻئي کي پاڻي پيارڻ لاءِ نہ چوندا هئا. اُج لڳڻ وقت هميشہ پاڻ اٿي دلي يا گهڙي مان پاڻي پري پيئندا هئا ۽ ٻي ڪنهن کي تڪليف نہ ڏيندا هئا.

هڪ مريد کان نقل آهي تہ حضرت جن پاڻ کي اڪثر گهڻو بکيو رکندا هئا. هڪ دفعي رات جو مون وٽ اچي نڪتا. دل گهريو تہ ڪين طعام پيش ڪريان. اندر اچي ڪوٺيءَ ۾ هيڏي هوڏي ڏٺم تہ طاق تي ويڙهيل پڙي رکيل ڏٺم. ڀانيم تہ ان ۾ ڪا مٺائي وغيره آهي. سا کولي سموري انهيءَ ڪاڏي جي مٿان ڪٽي وڌم ۽ آڻي سندن اڳيان رکيم. نہ ڄاڻ تہ ان ۾ ڪا ڪوڙي سُتي ڦڪي رکيل هئي. حضرت جن سمورو طعام کائي ٿالهي خالي ڪري ڏني ۽ ڪجهہ بہ نہ پڇيائون. حالانڪ ٻين موقعن تي اڪثر ڪري ٿالهيءَ ۾ ڪجهہ اوبر ڇڏي ڏيندا هئا. جڏهن صبح ٿيو ۽ مون پنهنجي لاءِ دوا جي ڳولا ڦولا ڪئي تہ ڏٺم تہ دوا واري پڙي نهي ئي ڪو نہ. ڏاڍو پشيمان ٿيس تہ رات واري پڙيءَ ۾ مٺائي نہ، پر اها ڪوڙي ڦڪي هئي. انهيءَ خوف وچان حضرت جن وٽ حاضر ٿيس ۽ معذرت ڪري معافي طلب ڪيم. اهو سڀ ٻڌي پاڻ فرمايائون تہ مون کي خبر ڪونهي تہ رات ڇا کاڌو اٿم.

نقل آهي تہ حضرت جن هميشہ پاڻ وضو ساريندا هئا ۽ ڪڏهن ڪنهن مريد کي نہ چيائون تہ مون کي وضو ڪراءِ. مطلب تہ ڪنهن کي ڪڏهن اها تڪليف نہ ڏنائون.

هڪ مريد کان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن اسان حضرت جن سان گڏجي

ڪنهن طرف وڃي رهيا هئاسون تہ واٽ تي ہہ عورتون اچي ڪين ڇنبڙيون(151) تہ اسان جي گهر هلي دعا ڪريو. اسان گهڻي ڪوشش ڪئي تہ انهن ڪان جان ڇڏايون، پر انهن عورتن حضرت جن کي نہ ڇڏيو ۽ پنهنجي گهر وٺي ويون ۽ دعا گهرايائون. انهيءَ سموري وٺ پڪڙ ۾ حضرت جن ڪجهہ نہ تي ڪڇيو. رڳو پئي مُشڪيا. بهرحال ڇگي دير ڪان پوءِ مون ڪين هٿ مان ورتو ۽ انهن عورتن ڪان جان ڇڏائي ٻاهر آياسين. پاڻ ان وقت تائين مشڪي رهيا هئا ۽ ڪنهن قسم جي ناگواريءَ جو اظهار نہ ڪيائون.

حضرت جن جي فرزند ڪان نقل آهي تہ هڪ دفعي آءٌ سائن گڏ هوس جو اسان پنهنجو ڳوٺ ڇڏي ٻئي ڳوٺ طرف وڃي رهيا هئاسون. حضرت جن کي فقيراڻو لباس پيل هو. البت مون کي سفيد چادر اوڍيل هئي. جڏهن درياءَ جي پتڻ تي اچي پهتاسون تہ پاتڻي اڳئي موجود هو ۽ اسان ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ويٺاسون. ٿوري دير ڪانپوءِ ٻيڙي هلائيندڙ ملاح پئسا گهريا ۽ جڏهن حضرت جن جو وارو آيو تہ پاڻ خاموش رهيا. هوڏانهن ملاح تہ ڪئي هر نہ تر. ڇڙ ۽ غصي وچان حضرت جن جي مٿي تي ٻڌل ريشمي دستار کي سٽ ڏيئي لاهي وڏائين ۽ پنهنجي چيلهہ سان ٻڌائين. اوچتو جڏهن ٻيڙي وچ تي پهتي تہ چڪڻ ۾ ڦاسي پئي. ملاح ٻيڙيءَ کي هلڪو ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي لاهڻ شروع ڪيو ۽ ڪين چيائين تہ رسي سان ٻيڙي ڇڪين. حضرت جن کي ٻڻ چيائين تہ لهي ٻيڙيءَ کي ڇڪيو. اتي مون کي غصو آيو تہ جيڪر ملاح کي گهٽ وڌ ڳالهائي نيڪ ڪجي. پر پاڻ مون کي منع ڪيائون. بلڪ پاڻ هيٺ لهي ٻين ماڻهن سان گڏ ٻيڙيءَ کي ڇڪڻ لڳا. آخر جڏهن ٻئي ڳوٺ پهتاسون تہ نماز جو وقت ٿي چڪو هو. اسان سڌو مسجد ۾ اچي نماز ادا ڪئي. اتي اسان جو ميزبان (152) جيڪو انهيءَ ڳوٺ جو چڱو مڙس هو اچي پهتو. هن جڏهن حضرت جن جو مٿو اگهاڙو ڏٺو تہ يڪدم دستار آڻي حاضر ڪيائين. انهيءَ دوران مون وري ان ملاح واري سڄي ڳالهہ ان چڱي مڙس کي ٻڌائي. جنهن تي هن ان ملاح کي گهرائي ڇنڊ پٽي، بلڪ ڪيس موچڙا هڻڻ وارو هو. جڏهن حضرت جن کي اها خبر پئي تہ پاڻ ان کي منع ڪيائون تہ انهيءَ ملاح ڪو گناهہ نہ ڪيو آهي. بلڪ قصور اسان جو آهي جو هن پنهنجو حق گهريو ۽ اسان ان کي نہ ڏنو. هاڻي ان کي تڪليف ڏيڻ ڪنهن ريت مناسب ڪونهي. ان تي انهيءَ ملاح پشيمانيءَ سان

اظهار ڪيو ۽ معافي گهرڻ لڳو. چوڻ لڳو تہ مون حضرت جن کي نہ سڃاتو. ان ڪانپوءِ ملاح ويندو رهيو. باقي ان شخص اسان جي ڏاڍي خدمت ڪئي.

نقل آهي تہ گهڻو ڪري حضرت جن جڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ ويندا هئا تہ اُن جو ڊيرو ڪتڻ لاءِ هٽن ۾ هوندو هون. جيڪڏهن ڪو مستحق نظر ايندو هون تہ اهو سمورو ڪتيل سٽ اتي ڪوريءَ کي ڏيندا هئا تہ جيئن ان مستحق شخص جي پوشاڪ ٿي سگهي. اهڙيءَ طرح جڏهن ڪنهن جو گهر ڊٺل ڏسندا هئا تہ ان جي ٺهرائڻ ۾ مدد ڪندا هئا. مطلب تہ ڪوشش ڪري هر مسلمان جي حاج پوري ڪندا هئا ۽ تيستائين اتان اڳتي نہ وڌندا هئا.

حضرت جن جي فرزند کان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن ڪنهن ڪم سانگي ٻئي ڳوٺ ڏانهن وڃي رهيا هئاسون. جڏهن انهيءَ ڳوٺ جي ويجهو پهتاسون تہ اڃي ٿڌ ورايو. سياري جي موسم هئي. سيءَ بہ چوي تہ اڄ نہ پوان تہ ڪڏهن پوان. تيز ٿڌي هوا لڳي رهي هئي. آخر مون کي ديوار جي اوٽ ۾ ويهاري پاڻ جهنگ ڏي راهي ٿيا، ٿوري دير ۾ ڪانئين جي ڀري مٿي تي کڻي اچي پهتا ۽ هيٺ رکي منهنجي آڏو باهہ جو مچ کڻي ٻارپائون. (153) پوءِ پاڻ بہ باهہ جي آڏو ويهي رهيا. آخر سياري جي رات اتين گذاري صبح جو نئين طرف راهي ٿياسون.

نقل آهي تہ هڪڙي دفعي حضرت جن جي خادم پيرن کي زور ڏيندي سندن هڪ آڱر پڇي وڌي. باوجود سور جي ان کي ڪجهہ بہ نہ چيائون. ۽ نہ وري منع ڪيائونس. پوءِ جڏهن اهو خادم پاڻ اتان هليو ويو تڏهن ڏاس ۽ مٽي گهرائي آڱر کي ٻڌائون، تڏهن وڃي ٻين کي معلوم ٿيو تہ ان خادم هٿان سندن آڱر پڇي پئي آهي.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت جن ڪنهن طرف وڃي رهيا هئا ۽ ڪيترا مريد خادم ساڻن گڏ هئا. واٽ تي جنهن بہ ڪين ڏٺو ٿي تہ ڏاڍي عزت ۽ تعظيم سان پيش ٿي آيو. حضرت جن کي اها ڳالهہ سٺي نہ لڳي. ان ڪري چا ڪيائون جو مريدن کي چيائون تہ توهان اڳ ۾ ٿي هلو تہ اسان توهان جي پٺيان ٿا هلون. اهو ڏسي ڪو بہ ماڻهو ڏانهن ڪو نہ لڙيو. اڳتي هلي مريدن کي چوڻ لڳا تہ ڏٺَوَ سيڪو توهان جي ڪري اسان کي عزت پيو ڏئي. جيڪڏهن توهان نہ هجو تہ جيڪر اسان کي ڪو سڃاڻي ئي ڪو نہ. اسان جي گرفتاريءَ جو سبب توهان آهيو. اٿين چئي ڏاڍيون نصيحتون ڪيائون. آخر فرمايائون تہ

"**الجاه جيفة و طالبها كلاب**" يعني جاه يا مرتبو مردار يا ڍونڍ آهي ۽ ان جا طالب ڪُتا آهن.

نقل آهي تہ مينهوڳيءَ جي موسم ۾ حضرت جن مَنهَن يا پيهو ناهي، سڄي اهل عيال ۽ ٻارن کي مٽي سمهاريندا هئا. گهڻو ڪري پاڻ چادر کي پکو يا جهلي ناهي پيا کين هٽندا هئا ۽ ان ڪري سمهڻيءَ جي نماز کان وٺي صبح تائين جاڳڻ سان گڏ اها ئي ڪار ڪندا هئا.

نقل آهي تہ حضرت جن جهنگل ۾ وڃي خشڪ سر ۽ ڪانا (154) ڪپي انهن جو ترهو ناهيندا هئا ۽ پوءِ ان کي ترڻ لاءِ استعمال ڪندا هئا. جڏهن اهو ٻڌندا هئا تہ دريا جي فلاڻي طرف ڪو بزرگ يا درويش آهي تہ انهيءَ ڪانن واري ترهي تي تري ويندا هئا.

چون ٿا تہ جڏهن ڏڪار پوندو هو تہ حضرت جن جهنگل ۾ وڃي ازدها نانگ پڪڙي ايندا هئا، ۽ پوءِ ان کي هٽن ۾ جهلي ماڻهن جي ميڙ ۾ ڏيکارڻ لاءِ آڻيندا هئا تہ جيئن ماڻهن کان گدائي ۾ ڪجهہ ملي سگهي. پوءِ جيڪي ڪجهہ ملندو هون، اهو آڻي فقيرن جي آڏو رکندا هئا.

روايت آهي تہ حضرت جن جڏهن بہ ڪنهن ضعيف يا هيڻي کي ڏسندا هئا تہ ان جي حاج پوري ڪرڻ لاءِ وٽس ضرور ويندا هئا. هڪ دفعي هڪ عورت کي ڏنائون جيڪا تڏو ناهي رهي هئي. کين ڏاڍو ترس آيو ۽ پاڻ ان وٽ وڃي اٺاري سندس جڳهہ تي ويٺا ۽ تڏي ناهڻ ۾ مشغول ٿي ويا. اوچتو وقت جي حاڪم مرزا جاني بيگ جو امير قاسم چرڪس اتان اچي لنگهيو. کين ڏسي هٽ ٻڌي بيهي رهيو. ليڪن حضرت جن تيستائين ڏانهن ڪو توجہ نہ ڏنو جيستائين اهو تڏو ناهي پورو نہ ڪيائون.

چون ٿا تہ ڪڏهن ڪي عورتون پنهنجون پراڻيون چادرون يا گنديون حضرت جن وٽ ڪٽي ايندون هيون تہ اهي سبي ڏين. پاڻ ڪجهہ نہ ڪڇندا هئا. بلڪ اهي واقعي سبندا هئا. انهيءَ ڪري سندن حجري جي هڪ ڪنڊ ۾ اهڙن پراڻن ڪپڙن جو ڍير لڳل هوندو هو.

نقل آهي تہ حضرت جن هميشہ فقرائي يا گدائي واري ڪاڏي کي بهتر سمجهندا هئا ۽ اهو ڪائيندا هئا. اهو ئي سبب هو جو جيڪڏهن ڪو ماڻهو کير ۽ پيهون آڻيندو هو ۽ ٻيو ماڻهو (155) گدائيءَ ڪيل ڪاڏو تہ پاڻ کير ۽ پيهن

کي هٿ بہ نہ لائيندا هئا. بلڪ اهو گدائي وارو طعام کائيندا هئا.

چون ٿا تہ جڏهن ڪو ماڻهو حضرت جن کي پنهنجي گهر دعوت تي سڏيندو هو ۽ پاڻ اهو سمجهندا هئا تہ اتي پڪ ڪئين قسم جا طعام تيار هوندا تہ اتي وڃڻ کان اڳ پاڻ ڪنهن فقير کي گدائي لاءِ روانا ڪندا هئا. پوءِ اهو فقير گدائي وارو کاڌو کڻي انهيءَ دعوت واري هنڌ پهچندو هو. پاڻ دعوت کان اڳ انهيءَ کاڌي مان کائيندا هئا تہ جيئن دل جو حرص مري. البت پوءِ مهمانيءَ وارو کاڌو الله جو نالو وٺي کائڻ شروع ڪندا هئا.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن ڪنهن مريد سندن خدمت ۾ جليبيون آنديون. جڏهن کين اها خبر پئي تہ پنهنجي ماڻهوءَ کي موڪلي بصر گهرائي ورتائون. پوءِ اهي ڪوڙا بصر ۽ جليبيون گڏي پئي کاڌائون.

روايت آهي تہ پاڻ چيائون مون کي کير ۽ چانورن جو پٽ ڏاڍو پسند آهي، پر مون ڪڏهن پنهنجي مرضيءَ مطابق تيار ڪري نہ کاڌو آهي.

چون ٿا تہ حضرت جن گهڻو ڪري مهمانن جو اوبر ٿيل کاڌو کائيندا هئا.

روايت آهي تہ جڏهن بہ بهاءُ الدين گودڙيو وٽن اچي مهمان ٿيندو هو تہ موڪلائڻ وقت پاڻ ان کي پنهنجي گهوڙي تي سوار ڪندا هئا ۽ پاڻ اڳيان ٿي هلندا هئا.

چون ٿا تہ حضرت جن رڍن جي اُن پاڻ ڪتيندا هئا ۽ ان مان پنهنجي ڪٿي پاڻ تيار ڪندا هئا.

نقل آهي تہ حضرت جن فرمايو تہ مون جڏهن اهو ٻڌو تہ طالب کي کائڻ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي تہ مون کاڌو کائڻ بلڪل ڇڏي ڏنو. (156) انهيءَ دوران هڪ ڏينهن مخدوم نوح عليه الرحمة جي مجلس ۾ وڃڻ ٿيو. پاڻ طعام ڏياري موڪليائون جو مون نہ کاڌو. جڏهن کين اها خبر پئي تہ مون ڪجهہ نہ کاڌو آهي تہ مون کي سڏرايائون ۽ چيائون تہ کاڌو کائڻ گهرجي. ڇو تہ خداوند تعاليٰ جو فرمان آهي: "**ڪلوا واشربوا ولا تسرفوا**" يعني کائو پيو پر اسراف نہ ڪريو. ان کان پوءِ مون کائڻ جي عادت کي اپنايو.

هالن جي پريي مرّس سيد لوڏي کان نقل آهي تہ هڪ دفعي سانجهيءَ جو وقت هو جو مون ڏٺو تہ حضرت جن کي ڪانين جي پري مٿي تي آهي ۽ پاڻ مسجد ۾ داخل ٿي رهيا آهن. آءٌ سندن پويان لڳو آيس ۽ اچي کين عرض ڪيم

تہ قبلا هتي ڪانئون ڪونہ هيون جو ايترو پري کان بار کڻي آيا آهيو. جواب ڏنائون تہ رستي تي خيال آيو تہ اڄ رات هن مسجد ۾ رهبو. تنهن ڪري پاڻ سان ڪانئون گڏ کڻي آيس تہ اهي ٻاري رات گذاربي.

چون ٿا تہ حضرت جن مرد خواه عورت جيڪو بہ ڪين هلڻ لاءِ منت ڪندو هو تہ پاڻ ان ڏانهن هلي ويندا هئا ۽ ڪو عذر نہ ڪندا هئا.

نقل آهي تہ حضرت جن فرمايو تہ جيڪڏهن ڪو شخص اسان کي خدا واسطي اچي اهو چوي تہ منهنجو ڏنڊ فلاڻي ڪانهري ٻيلي ۾ وسري ويو آهي، جيڪو هڪ ڏينهن جي پنڌ تي آهي تہ جيڪر ان کي کڻي اچڻ لاءِ ضرور وڃون ۽ ڪا سستي نہ ڪيون.

نقل آهي تہ ڪنهن شخص جو ڏاند چورائجي ويو. گهڻي جستجو ۽ تلاش ڪان پوءِ هن ڏاند جو پتو لڳايو تہ فلاڻي ڏاڍي مڙس وٽ بيٺو آهي جنهن ڏاند ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. اهو شخص حضرت جن وٽ آيو تہ خدارا منهنجي واهر ڪريو ۽ مون کي هن کان ڏاند واپس ڪرائي ڏيو. حضرت جن اٿي کڙا ٿيا ۽ ان سان گڏجي ان ڏاڍي مڙس وٽ آيا. (157) ان شخص جڏهن حضرت جن کي ڏٺو تہ چوڻ لڳو توهان پاڻ ڏاند جهڙي معمولي ڳالهہ لاءِ هلي آيا آهيو. حضرت جن فرمايو تہ جيڪڏهن ڪو مون کي ڏنڊڻ جهڙي خسيس شيءِ لاءِ وٺي ويندو، تڏهن بہ آءٌ ويندس، هي تہ ڏاند جو مسئلو آهي. اهڙيءَ طرح چون ٿا تہ هڪ دفعي ڪنهن ڪم سانگي ڪين ڪو وٺي ويو. تڏهن پاڻ بيمار هئا. ايتري قدر جو وات تي هلڻ کان بيحال ٿي ڪري پيا. تڏهن مريدن کي چيائون تہ پلي مون کي ان شخص وٽ کڻي هلو، جنهن ۾ ڪم آهي، ۽ جنهن کي سفارش ڪرڻي آهي.

نقل آهي تہ جيڪڏهن پاڻ مجلس ۾ ويٺا هوندا هئا ۽ اتي ڪنهن غير مسلم جو پٽ اچي ڪين چوندو هو تہ توهان کي اسان جو پيءُ ٿو سڏي، تہ پاڻ فوراً اٿي ان سان ويندا هئا. پر جيڪڏهن اهڙيءَ طرح ٻيو دفعو بہ ڪين ڪو اچي ان طرح چوندو هو تہ پاڻ ان سان بہ گڏجي ويندا هئا. بلڪ هڪ کان وڌيڪ دفعا گهرائڻ تي بہ وڃڻ کان نہ ڪيٻائيندا هئا. پوءِ پلي اهو ڇوڪرو ڪوڙ ڳالهائيندو هجي يا سچ!

ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ ڏينهن مجلس ۾ ويٺا هئا جو وضو سارڻ لاءِ اٿي

کڙا ٿيا ۽ حجري جي طرف اچڻ لڳا جتي مريد خادم ويٺا هئا. پاڻ اچان اڪيلا ئي ٻيٺا هئا تہ هڪ عورت اچي ڪين عرض ڪيو تہ سائين خدا واسطي منهنجي گهر ۾ پنهنجا پير گهمائي اچو. حضرت جن اهي لفظ ٻڌڻ سان ساڻس گڏ هلڻ لڳا ۽ ان جي گهر اچي پهتا. هوڏانهن مريدن جڏهن حضرت جن کي نہ ڏٺو تہ ٻاهر نڪري پيا. ڏٺائون تہ پاڻ اچي رهيا آهن. عرض ڪيائون تہ قبلا، ڪيڏانهن تشريف فرما ٿيا هئا. چيائون تہ (158) دروازي تي ٻيٺو هئس جو هڪ عورت اچي مون کي پنهنجي گهر وٺي وئي. هينئر اتان ٿي پيو اچان.

چون ٿا تہ جڏهن بہ ڪو ڳالهائڻ وقت ساڻن بحث ڪندو هو يا رد ڏيندو هو تہ پنهنجي ڳالهہ کي هيٺ ڪري، هن جي ڳالهہ کي قبول ڪندا هئا.

هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ حضرت جن شيخ جيو عليہ الرحمة جنهن جو مقبرو مڪليءَ تي آهي، ان جي زيارت لاءِ ويا. اهو ڏينهن ميلي جو هو ۽ وڏي خلق آيل هئي. ماڻهن جڏهن حضرت جن کي ڏٺو تہ وٺي مٿن ڳاهٽ ڪيائون ۽ سندن هٿ چمڻ ۽ پيرين پوڻ لڳا. جيتوڻيڪ ڪين اها ڳالهہ سٺي ڪونہ ٿي لڳي تہ ڪو ماڻهو سندن هٿ چمي، پر لاچار خاموش رهيا ۽ "يا معز يا معز يا معز" پڙهندا رهيا.

چون ٿا تہ جڏهن بہ ڪنهن بزرگ يا درويش جي اچڻ جو ٻڌندا هئا، تہ پاڻ سيني ڪان پهريائين ان جي زيارت تي ويندا هئا.

ڳالهہ ٿا تہ ڪن پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ جڏهن گهڻو ضعيف ٿي چڪا هئا، تہ هڪ عورت اچي فرياد ڪيو تہ فلاڻي شخص منهنجي پٽ کي بيگناهہ قيد ڪري رکيو آهي. خدا جي واسطي هلي مون کي منهنجو پٽ ڇڏائي ڏيو.

حضرت جن سوار ٿي ان عورت جي مدد لاءِ نڪتا. اچا نصربہ سومرن جي ڳوٺ وٽ مس پهتا جيڪو ٻنوري جي پرسان آهي تہ پاڻ بيحال ٿي گهوڙي تان ڪري پيا. اهو ڏسي ان عورت عرض ڪيو تہ سائين توهان پنهنجي ڳوٺ واپس [illegible] ۽ اڳتي نہ هلو. پاڻ فرمايائون تہ تون وڃ. هاڻي تنهنجو ڪم اسان جي هلڻ کانسواءِ ٿي ويندو. ان ڪان پوءِ اها عورت هلي وئي ۽ ان جو (159) پٽ واقعي آجو ٿي گهر موٽيو. هيڏانهن پاڻ جو جلدي واپس آيا تہ مريدن پڇيو تہ قبلا، توهان ان عورت جي ڪم سانگي نہ ويا ڇا؟ پاڻ جواب ڏنائون تہ ها بلڪل ويس. پر واٽ تي گهوڙي تان ڪري پيس. انهيءَ ڪري ان عورت مون تي ترس

ڪائي مون کي موڪل ڏني ۽ آءٌ موٽي آيس.

ڳالھ ٿا ڪن تہ ھڪ دفعي وٽن ڪو سوالي آيو تہ منھنجي مينھن فلاڻو ڏاڍو مڙس زور زبردستيءَ ڪاھي وڃي پنھنجي ڳوٺ ٻڪار ۾ جھلي آھي. توھان منھنجي مدد ڪريو ۽ ان شخص ڏانھن ميڙ ٿي ھلو. پاڻ جڏھن اتي پھتا تہ اھو ظالم شخص بظاھر ڏاڍي عزت سان مليو. جيتوڻيڪ سمجھي ويو تہ مينھن جي لاءِ آيا آھن. چوڻ لڳو تہ اسان جو فائدو گناھ ۽ ڏوھ ۾ رکيل آھي ۽ توھان ميڙ ٿي اچي، اسان جو نقصان ٿا ڪريو. نيڪ آھي. ھن دفعي توھان جي ڪري، مينھن موٽائي ڏيان ٿو. پيھر اھڙي تڪليف نہ ڪجو. پاڻ فرمايائون تہ ائين ھرگز نہ چئو. اسان وٽ جيڪو بہ خدا واسطي مدد لاءِ ايندو. اسان ان سان گڏ ضرور اينداسون. توھان پلي پنھنجن نوڪرن کي چئجو تہ اسان کي اچڻ نہ ڏين ۽ دروازي تي لنيون وھائي ڪين. ليڪن اسان ضرور ايناسون.

نقل ٿا ڪن تہ ھڪڙيءَ رات جو ڳوٺ جا ڌنار درياءَ جي ڪناري تي باھ ٻاري سمھي پيا. اسر جي مھل حضرت جن اتي وھنجڻ لاءِ آيا. سياري جي موسم ھئي. سو سرديءَ کان بچڻ لاءِ باھ جي پرسان بيھي تؤ وٺڻ لڳا. ڌنارن ڏٺو تہ ڪو ماڻھو بيٺو آھي سو ا ي مٿن لنين جا وسڪارا ڪيائون. پاڻ ان وقت ڪجھ نہ ڪڇيا ۽ ائين ئي بيٺا رھيا. جڏھن صبح ٿيو تہ روشنيءَ ۾ حضرت جن کي سڃاتائون ۽ سندن پيرن تي ڪري پيا تہ اسان کي معافي ڏيو، جو اسان توھان کي ڪين سڃاتو ھو ۽ اھو سڀ ڪجھ اڻ ڄاڻائي ۾ ٿي ويو آھي. (160) اسان کان واقعي بي ادبي ٿي آھي ۽ اسان کي معاف ڪيو. پاڻ فرمايائون تہ مون کي اھي لنيون توھان نہ ھنيو آھن، جنھن ھنيون آھن، اھو ڄاڻي ٿو، وچ تي توھان جو ڪو ڪم ناھي.

[67]

ڏوھ نہ ڏمرئوءِ، ڏنڻ جي ڏاتار منھن،
ماڻڪين ھٿ پري، آڏو اسر سئوءِ،

[ھو ڪنھن جي ڏوھ سبب نہ ڏمرئو، جيڪڏھن تو ڏاتار جو منھن ڏٺو تہ ھو پاڻ ماڻڪن سان ھٿ پري آڏو پيو اچي!]

ڳالھ ٿا ڪن تہ ھڪ رات پاڻ حجري ۾ باھ ٻاري سمھي رھيا. ائين ڪندي ھڪ شخص سمھڻ لاءِ اندر داخل ٿيو. پاڻ سري بي جڳھ تي سمھيا ۽

پنهنجي جڳهه ان کي ڏنائون. اوچتو هڪ ٻيو شخص به اندر داخل ٿيو. پاڻ وري پنهنجي جڳهه ان جي حوالي ڪيائون. اهڙيءَ طرح ٽيون شخص آيو. تان جو ڪل ڏهه ماڻهو ٿي ويا. پر پاڻ هر وقت پنهنجي جاءِ انهن جي حوالي ڪندا رهيا. ته جيئن اهي ٻاهه جي ويجهو ٿي سمهن. آخر صبح ٿيو ۽ ڏنائون ته پاڻ ڏهن ئي شخصن کان آخر ۾ سنتل آهن.

هڪڙي مخلص کان نقل آهي ته هڪ دفعي رات جو وڏو پهر گذري چڪو هو جو آءٌ حضرت جن وٽ آيس. ڏٺم ته پاڻ نماز ۾ بيٺا آهن. جنهن ڪري خاموش ٿي ڪنڊ وٺي ويهي رهيس. البت هر گهڙيءَ ڏانهن گهوريندو رهيس. تانجو صبح اچي ٿيو. پوءِ پاڻ جلدي نماز مڪمل ڪري فارغ ٿيا. چوڻ لڳا ماڻهو الائجي ڪيئن ٿا تهجد ادا ڪن. اسان کي ته هڪ رڪعت ۾ ئي رات پوري ٿي وڃي ٿي. خبر ناهي اهي تهجد ڪيئن ٿا پڙهن!

هڪ مريد کان نقل آهي ته آءٌ مسلسل ڪيئي راتيون حضرت جن جي خدمت ۾ ايندو رهيس. هر رات حضرت جن کي نفل نماز ۾ مشغول ۽ زار زار روئندي ڏٺم. پاڻ ايڏي تضرع سان بيٺل هوندا هئا جو هڪڙي (161) رڪعت ۾ سڄي رات گذري ويندي هئي. صبح جو اٿي جڏهن حجري کان ٻاهر ايندا هئا ته سڌو درياءَ جو رخ ڪندا هئا. جيڪڏهن وٽن گهوڙو موجود هوندو هو ته ان تي چڙهي نه ته گڏهه تي سوار ٿي گهر ايندا هئا.

چون ٿا ته حضرت جن گهڻو ڪري سمهڻيءَ جي وضوءَ سان صبح جي نماز پڙهندا هئا. پاڻ ائين به چيائون ته رات جو نفل جي پهرين رڪعت ۾ هڪ هزار ڀيرا قل پڙهون ٿا ۽ ٻي رڪعت ۾ ست سئو ڀيرا ته رات وهامي وڃي ٿي.

نقل آهي ته حضرت جن ڪڏهن به گهڻي بک کانسواءِ طعام جي ويجهو نه ويندا هئا. بلڪ جڏهن ڪاڏو سنڌن آڏو ايندو هو ته مريضن وانگر آهستي آهستي ٻن آڱرين ذريعي کائيندا هئا ۽ ٿالهيءَ کي پڻ چٽي صاف ڪندا هئا.

فصل ٻيو

خدمت ۽ سخاوت جي بيان ۾

چاڻڻ گهرجي تہ حضرت جن جي سخاوت ۽ شرافت جو ايترو ذڪر آهي جو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. بلڪ اها ناداني ٿيندي جيڪڏهن آءٌ اها دعوىٰ ڪريان، ڇو تہ مون کي ايتري اهليت ناهي جو سندن سخاوت جو مڪمل بيان ڪري سگهان. بهرحال پنهنجي وت آهر ان جو هتي ٿورو بيان ڪجي ٿو تہ جيئن پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ ۽ هن رسالي جا مطالعي ڪندڙ، هشت از خروار ان مان فائدو وٺن.

هڪ مخلص کان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن آءٌ پاڻ هڪ ٻيو دوست گڏجي حضرت جن جي خدمت ۾ قدمبوسي لاءِ حاضر ٿياسون. اهو اڳين نماز جو وقت هو. اسان سڄي ڏينهن ۾ ڪجهہ نہ کاڌو هو. سو هيئنئر بک اچي بيحال ڪيو هو (162). سندن سامهون رات وارو گدائي ڪيل پٽ جو ڪاسو ڀريو پيو هو. ڪجهہ حصو پاڻ کاڌائون ۽ ٻيو اسان کي کائڻ لاءِ پيش ڪيائون. رات جو رکيل پٽ جنهن ۾ ڏڌ پيل هو سو ڪجهہ بوءِ ڪري ويو هو. پر ڇاڪاڻ تہ حضرت جن جي اوٻر هو، تنهن ڪري کائڻ تي زور رکيوسون، پر کائي نہ سگهياسون. پاڻ اهو ڏسي ڳالهہ کي سمجهي ويا ۽ فوري طور مکڻ ۽ مانيون گهرائي اسان کي ڏنائون ۽ اهو پٽ وارو ڪاسو اسان کان واپس وٺي چوڻ لڳا تہ اهو اسان لاءِ ڇڏي ڏيو. توهان ماني کائو. اسان مانيءَ کي جنبي وياسون، اسان کي چوڻ لڳو تہ خدا ڪارڻ هٿ نہ ڪيو. اسان وري کائڻ شروع ڪيو. پر جڏهن بہ بس ڪرڻ تي اچون تہ وري اسان کي چون تہ کائو. آخر لاچار ٿي هٿ ڪڍيوسين ۽ بچيل مانيون ڳوٿريءَ ۾ وجهي عرض ڪيوسين تہ قبلا اسان سڀ مانيون کائي پوريون ڪيون آهن تہ پاڻ وري ٻيون گهرايائون. چيائون تہ ٿالهي خالي پئي آهي ڪجهہ بہ نہ بچيو آهي. لاچار جيڪي اڌ کاڌل مانيون ڳوٿريءَ ۾ لڪائي ڇڏيون هيم اهي کولي ڪڍي آڏو ڍلايم. تڏهن وڃي ڪين پڪ آئي تہ اسان واقعي ڍؤ ڪري کاڌو آهي.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ دفعي حضرت جن ٻين ڪيترن بزرگن سان گڏجي ڪنهن ڪم خاطر سال جي ڳوٺ روانا ٿيا (163). اتي جنهن هنڌ رهيا تہ پاڻ هر روز صبح جو اٿي سڀ کان پهريائين ڪانين جي ڀريءَ خاطر جهنگ هليا ويندا

هئا. ۽ جيترا ڏينهن پاڻ اتي رهيا سندن اهو ئي معمول هو. جيتوڻيڪ پيا بزرگ جيڪي ساڻن گڏ هئا سي ڏاڍو شرمنده پئي ٿيا ته جيڪر پاڻ ائين نه ڪن.

نقل آهي ته هڪڙي ڏينهن ڪنهن ڪائڻ سوال ڪيو. پاڻ ان کي هڪ دڪان تي ويهاري، ڳوٺ ۾ گدائي لاءِ نڪري پيا. جيڪي ڪين مليو اهو سڀ آڻي ان شخص جي حوالي ڪيائون. وري به ان کي چيائون ته اجان ويهه ڪيڏانهن نه وڃجانءِ. ائين چئي پاڻ وري هڪ ٻئي ڳوٺ ۾ هليا ويا ۽ ايترو سارو ان ملين جو اهو گڏهن تي ڪٺائي اچي ان فقير جي حوالي ڪيائون.

چون ٿا ته حضرت جن پنجن پائين اُن جي هڪڙي ماني پچرائيندا هئا ۽ مهمان جي آڏو ٽن ٿالهين ۾ طعام ڪٺي ويندا هئا. هڪ مهمان لاءِ ڇئن ڄڻن جو ڪاڏو پيش ڪندا هئا. پاڻ سنهڙي مانيءَ کي پسند نه ڪندا هئا. بلڪ چوندا هئا ته سنهڙي ماني اهڙا ماڻهو ڪارائين ٿا، جيڪي مهمان سان حساب ڪتاب رکڻ گهرن ٿا ته هيتريون مانيون ڪاڏيون اٿس.

نقل ٿا ڪن ته حضرت جن چوندا هئا ته جيستائين مهمان ايترو ڪاڏو نٿو بچائي جو سندس بچيل ڪاڏو ڪائي ٻئي جو ڍؤ نه ٿي وڃي. ته چئبو ته ان مهمانيءَ جو حق ادا نه ڪيو.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ دفعي حاجي شورو جيڪو وره ڳوٺ جوڻ پرڳڻي جو رهندڙ هو سو اچي وٽن مهمان ٿيو. پاڻ سڄو ڏينهن قسمين قسمين جا طعام ڪيس پيش ڪندا رهيا. آخر حاجي شوري ڪان رهيو نه ٿيو ۽ چيائين ته ايترا طعام ڇو ٿا ڪٺي اچو مان ته پهرين منجهان(164) ئي ڍؤ ڪيو ويٺو آهيان. اتي پاڻ فرمايائون ته اسان کي ائين ڪرڻ گهرجي. البت توهان جي مرضي آهي ته کائو نه کائو.

نقل آهي ته جڏهن ڪو حضرت جن وٽ مهمان ٿيندو هو ته ڪاڌي کائڻ وقت مهمان وٽ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي نه ڇڏيندا هئا. بلڪ دروازو بيڪڙي ڇڏيندا هئا ۽ فرزندن ۽ خادمن کي چوندا هئا ته اتان هليا وڃو ۽ ڪين چوندا هئا ته جڏهن مهمان جي آڏو ڪو بيو شخص هوندو ته مهمان کائڻ ۾ شرم ڪندو ۽ سمجهندو ته اهو ماڻهو سندن گره بيو ڳڻي. اهڙي طرح جڏهن ڪو مهمان ڪاڌو بچائي ڇڏيندو هو ته پاڻ ڏاڍي ڦڪائي جي انداز ۾ مهمان کي چوندا هئا ته شايد توهان کي اسان جو ڪاڌو نه وڻيو جو بچائي ڇڏيو اٿو ۽ پورو نه ڪاڌو اٿو.

هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ حضرت جن گدرن جي پوک ڪرائي.
چيائون تہ جڏهن اهي پڄي تيار ٿيندا تہ ان مان جيڪا ڪمائي ٿيندي. اها سڀ
فقيرن کي ڏئي ڇڏيندا سين. جڏهن اهي پڄي تيار ٿيا تہ انهن مان پنج سؤ روپين
جي آمدني ٿي. پاڻ اها سڀ خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪري ڇڏيائون.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪڙي ڏينهن مخدوم سرور نوح عليہ الرحمة
حضرت جن ڏانهن سلام ڏياري موڪليا. پاڻ ايڏو خوش ٿيا جو فوراً ڍڳي
کهي فقيرن کي ڪارايائون ۽ چيائون شڪر الحمدالله. اسان کي اهڙي شخص
سلام مُڪا آهن جيڪو پنهنجي فرزندن کي بہ نہ سڃاڻي سگهندو آهي.

چون ٿا تہ جڏهن فقير ذڪر جلي ۾ محو ٿي ويندا هئا تہ پاڻ اٿي انهن
کي پکو يا جهلي ڪري هٽندا هئا. وري جڏهن اهي ذڪر کان فارغ ٿيندا هئا تہ
گهر ۾ جيڪو موجود هوندو هو سو آڻي انهن جي آڏو رکندا هئا.

(165) هڪ دفعي ڪا عورت ماني پچائي حضرت جن لاءِ کڻي آئي
پاڻ ان جي ڏاڍي عزت ڪيائون ۽ ڏاڍا خوش ٿيا. چيائون تہ

جنهن وٽ ڪجهہ نہ هجي ۽ اهو ڪجهہ کڻي اچي تہ ان جي تعريف
ڪرڻ گهرجي.

چون ٿا تہ جڏهن ميان ابراهيم مخدوم نوح جو پٽ سندن ڳوٺ ۾ اچي
رهيو تہ پاڻ اڪثر ان وٽ ويندا هئا ۽ جڏهن وٽس ڪانئون نہ ڏسندا هئا تہ
جهنگل جو رخ ڪندا هئا ۽ ڪانئن جي پري آڻي ان کي ڏيندا هئا. ڪڏهن
ڪڏهن مرد خادم بہ ساڻن انهيءَ ڪم ۾ همراهي ڪرائيندا هئا.

باب چوٿون

محبت، شوق، وجد ۽ سماع جي بيان ۾:

زماني جو قطب، وقت جو شيخ، مريدن جو حامي، مدعين جو ٽوڙ، بيمار دلين جو طبيب، بشري صفات کان فاني، توڪل ۽ رضا جو ترهو، فنا جي واٽ جو راهي، محققن جي گواهي، مريدن لاءِ چڻائي، اهل تسليم جو اڳواڻ، محبت اندر مضبوط، مريدن کي خدا جي حڪم سان سڏيندڙ، توڪل ڪندڙن جو استاد، محققن جو رهبر، زماني جو مرشد، پنهنجي وقت جو يگانو، نيڪن جو پيشوا، اهل صفا جو برگزيده، اسرار الاهي جي مشڪلاتن جو حل ڪندڙ، اوليا جي حقائق ۽ دقائق جو بيان ڪندڙ، توحيد جي گهر جو خزانو، تفريد جو صاحب، سردارن جي ڍال، نيڪبختيءَ جو سج، ذات احد جي لطف جو پاليل - يعني سيد عبدالڪريم سنڌي قدس الله سره جيڪي فرمايو. هي باب ٻن فصلن تي مشتمل آهي. پهرين فصل ۾ محبت ۽ شوق جو ذڪر آهي. ٻئي ۾ وجد ۽ سماع جو بيان آهي.

فصل پهريون

محبت ۽ شوق

ڇاڻڻ گهرجي تہ هن حقير کي کهڙي طاقت ۽ مجال آهي جو(166) حضرت جن جي محبت جي ڪنهن حصي کي بيان بہ ڪري سگهي، ڇو تہ ان جي حد يا انتها ڪونهي، جو ان جو اڪرن ۾ بيان ٿي سگهي. جيئن مطلوب جي ڪا انتها ڪونهي، تيئن طالب جي پڻ انتها ناهي. وري جيئن محبوب جو انت ناهي، تيئن محبت ۽ محبت ڪندڙ جي بہ ڪا پڇاڻي ڪونهي. بهرحال هتي ڪجهہ ڳالهيون يا نقل جيڪي مخلص مريدن ڪان ٻڌڻ ۾ آيا آهن، تن جو بيان ڪجي ٿو.

چون ٿا تہ حضرت جن مسلسل جهنگل ۾ ويندا رهندا هئا. هڪ ڏينهن ڪنهن فقير جيڪو حضرت جن جو گهٽگهرو هو تنهن کين چيو تہ جيڪر جهنگ ۾ نہ وڃو تہ بهتر. اتي شينهن ۽ ٻيا خونخوار جانور آهن. پاڻ جڏهن اهي لفظ ٻڌائون تہ هيڪاري جهنگ ۾ گهڻو پري وڃڻ لڳا ۽ جهڙوڪ وڌيڪ محبت ۽ چاهہ سان اتي گهمڻ لڳا. جڻ تہ اڳيون پوءِ بہ لهي وين ۽ پاڻ وڌيڪ بي خبر ٿي اهڙين خطرناڪ جڳهن تي وڃڻ لڳا، جتي شينهن جي رهائش هئي. ائين ٿي معلوم ٿيو تہ سندن نيت هئي تہ پلي کين شينهن کائي وڃي. پر آخر کين ڪجهہ بہ نہ ٿيو ۽ ڪنهن بہ شيءِ ايذاءُ نہ رسايو.

[68]

متو واهڙ ڪُـن ڪري، سايون ۽ ساڄ،
پرين نہ پٺا ين ۾، مون پاڻيندي واجهہ.

[دريا مست ٿيو ڪُن پيو ڪري ۽ ساز يعني چار بہ سنيوڙيو يعني تيار آهي. مون گهٽيئي جهنگ ۾ واجهہ وڌا پر پرين مون کي هٿ نہ آيا.]

نقل آهي تہ حضرت جن چيو تہ خيال آيو تہ جيڪر مست اگهاڙو ٿي گذارجي ۽ هيءَ گودڙي لاهي ڦٽي ڪجي، پر جڏهن وقت جي عارف مخدوم نوح رحہ کي ڏنوسون تہ اهو خيال دل تان لاهي ڇڏيوسون. (167)

[69]

صورت ليکي هـت، معنـيٰ ليکي ماروئين،
عمر مون جـي چـت، اوطـاقون تـرن ۾.

["ظاهري لحاظ کان آءٌ هت آهيان. پر باطن جي لحاظ کان آءٌ مارن وٽ آهيان. اي عمر. منهنجي دل تي اهي آهن جن جون اوطاقون يعني رهائش ٿر ۾ آهي."]

ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ دفعي صبح جو سويل حضرت جن مسجد جي پٽ سان رسو ٻڌي هڪ بيت بار بار پڙهي رهيا هئا. پر ساڳئي وقت زارو قطار ٿي رنا ۽ شدت محبت وچان لڙڪ سندن ڳلن تي ٿي ڪريا. جڏهن ڏينهن جا ٻہ پهر گذريا، تڏهن ساڻا ٿي زمين تي ڪري پيا. ڪافي دير ائين زمين تي پيا هئا ۽ مٿن گريي جي حالت جاري هئي. گهڻي دير کان پوءِ جڏهن اُٿيا تہ هي بيت پڙهڻ لڳا:

[70]

جونري اتي جن، داغ تنهنجو داسڙا،
تون ڪيئن مٿان تن، چنيسر چت ڪنين.

[جن جي جيري تي اي داسڙا، تنهنجو داغ آهي. تون چنيسر، تن مٿان پنهنجو چت ڪيئن ٿو ڪئين يعني وسارين.]

هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ هڪ پوڙهو ضعيف ۽ منڊو شخص سندن خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪرڻ لڳو تہ دعا ڪريو تہ خدا جي ساڃهہ نصيب ٿئي. پاڻ ان کي نصيحت ڪندي فرمايائون تہ خاموش رهہ ۽ اهڙي ڳالهہ وري نہ ڪر. مبادا اهي هئي ڄنگهون بہ وڃنئي. ۽ اٿڻ ويهڻ کان بہ نہ وڃين!

هڪ خادم کان نقل آهي تہ حضرت جن فرمايو تہ خدا عزوجل جي عاشقن جا حجرا دوزخ جي تري ۾ هوندا.

هڪ مريد کان نقل آهي تہ هڪ دفعي حضرت جن پنهنجي ڳوٺ واپس اچي رهيا هئا ۽ آءٌ ساڻن گڏ هوس. ڪيتري وقت تائين پاڻ ڪجهہ بہ نہ ڪڇيا. مٿن محبت ۽ شوق جو ايترو غلبو هو جو ڪين رستي جو بہ پورو هوش نہ هو تہ ڪيڏانهن وڃي رهيا آهن. (168) آءٌ پڻ بلڪل چپ چاپ ساڻن گڏ هلي رهيو هوس ۽ ايترو بہ نٿي ڪڇيم تہ ڪو رستو هن طرف يا هن طرف آهي. اهڙي طرح هلندي هڪڙي ڪاهي ۾ اچي پياسين. جتي گپ چڪ ۾ ڦاسي پياسين جو اتان نڪرڻ لاچار ٿي پيو. آخر پاڻ چڙائي وري اچي رستي تي چڙهياسين. تان جو ڳوٺ جي پرسان اچي پهتاسين. پر تنهن هوندي بہ ڪين پتو ڪونہ پيو تہ ڪو گهر جي ويجهو پهتا آهيون. پاڻ اڃان سڌو اڳتي وڌي رهيا هئا. جڏهن پڪ ٿيم تہ ڳوٺ ڇڏي اڳتي وڌي ويندا. تہ لاچار ڊوڙي سندن اڳ جهليم. تڏهن پاڻ هوشيار ٿيا ۽ پنهنجي گهر جو رخ رکيائون.

[71]

ڪُن ڪلاچي پار، سڏ نہ سائين،
گھاتوئن سندا مڪڙا، ڪي تڙ پٽي نهار.

[ڪلاچي جي ڪُن جي پرئين پاسي سائين يا ساتين جو سڏ ڪو نہ ٿو پڌجي. ان ڪري، ملاحن جا مڪڙا يا ٻيڙا ڪنهن ٻئي تڙ تي وڃي ڏس.]

نقل ٿا ڪن تہ هڪ ڏينهن حضرت جن کي امامن سڳورن جو قصو دل تي تري آيو ۽ پاڻ زارو زار روئڻ لڳا. ان ڪانپوءِ مراقبي ۾ هليا ويا ۽ جڏهن وري ڪنڌ مٿي ڪيائون تہ امام حسين رضي الله عنه جو نالو ورتائون. ليڪن وري گريي ۾ هليا ٿي ويا. اهڙيءَ طرح رکي رکي مراقبي ۾ ٿي ويا ۽ امام سڳوري جو نالو وٺي گھڙيءَ گھڙيءَ هاءِ هاءِ ۽ افسوس ٿي ڪيائون. ايتري قدر جو روئڻ سبب ڳالهائي نٿي سگھيا.

[72]

ڳوريَ ٻي نہ تات، ميهار لئي من ۾،
جو پن پيئي رات، هو سائر هوءَ سهڻي.

[ويچاريءَ کي ٻي ڪا تات ڪونهي. رڳو ميهار کي ٿي ياد پئي ڪري. توڙي جو رات پئجي وڃي تڏهن اهو دريا ۽ اها سهڻي!] (169)

چون ٿا تہ هڪڙي ڏينهن ڪا عورت حضرت جن وٽ آئي ۽ پنهنجي مڙس جي شڪايت ڪرڻ لڳي تہ مون کي ڏاڍا ڏک ٿو ڏئي ۽ نماز پڙهڻ کان روڪي ٿو. اهو ٻڌي مٿن الاهي محبت ۽ شوق اچي غلبو ڪيو. ۽ اشتياق جا ڳوڙها سندن ڳلن تان وهڻ لڳا. ان وقت سندن زبان تي هيٺيون بيت جاري هو:

[73]

هوتُ نہ ڏنائون، ڏوهہ نہ ڏيان جيڏيين،
مٿي ڪري هتڙا، هوند مون جٺن رنائون.

[جيڏين سرتين کي. ڪهڙو ڏوهہ ڏيان جو هنن هوت ڪي تہ ڏنو ئي ڪو نہ. ورنہ مون وانگر مٿي تي هٿ رکي روئن ها!]

نقل ٿا ڪن تہ ڪنهن مريد حضرت جن کي عرض ڪيو تہ هڪڙو بزرگ هو. جو ٻارنهن سال سانده الاهي محبت ۾ آسمان ۾ اکيون وجهي هڪ هنڌ بيٺو رهيو. پاڻ فرمايائون تہ جيڪي هن ڏٺو هو، سو جيڪڏهن اسين ڏسون ها تہ چوويهہ سال اٿين بيهي رهون ها.

[74]

مجا ڪيئا مَهان، ڪَلين متي ڪينرا،
سپڙ چام سيئان، ويهي رات ورنئو.

[هنن جا منهن سرها آهن ۽ ڪلهن تي ڪينرا اٿن ڇو تہ رات سپڙ چام سائڻ ويهي ورونهن ڪئي آهي.]

نقل آهي تہ هڪ دفعي حضرت جن پاڻ وينا هئا تہ اتفاق سان هي؛ مصرع سندن زبان مان نڪتي:

ڪنهن سر سندا هنجهڙا، ڪٿي ٿا چُڻن؟

"اهي هنج کهڙي چشمي جا آهن ۽ ڪٿي ٿا چڳن!؟" (170)

انهيءَ مصرع ڇوڻ شرط محبت ۽ شوق وچان سندن اکين مان نار وهڻ لڳا، ۽ سندن ڳلن تان ڳوڙهن جي بوندن بس نہ ٿي ڪئي. متان ايتري قدر گريي جي ڪيفيت طاري ٿي جو ٻي مصرع نہ چئي سگهيا.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ دفعي هلندي حضرت جن جو پير ترڪي پيو. انهيءَ وقت جيڪو مريد ساڻ هين تنهن عرض ڪيو تہ اوهان پنهنجي فرزندن سان گڏ رهو ۽ جيئو تہ بهتر. پاڻ فرمايائون تہ. ائين نہ چئو بلڪ چئو تہ فقيرن سان گڏ رهو ۽ جيئو.

چون ٿا تہ حضرت جن هيٺيون بيت نهايت سوز ۽ افسوس، بي انتها محبت ۽ شوق سان هر هر پيا پڙهندا هئا:

[75]

آيل، سوهڻو رد سوهڻي ڪام وسهي،
ستي هنڙا گڏ، جان جاڳان تان ناهہ پرين.

[اي امڙ. خواب لهڻ بيڪار آهي. خواب تي اعتبار نہ ڪجي. ننڊ ۾ گڏ هئا، پر جڏهن جاڳيس تہ ڇا ڏسان تہ پرين آهي ئي ڪونہ!]

فصل ڇهون

سماع ۽ وجد جي بيان ۾

ڄاڻڻ گهرجي تہ هن سلسلي ۾ حضرت جن بابت تمام گهڻا نقل آهن، ليڪن اسان هتي مختصر طور چند بيان ڪريون ٿا.

هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ جوانيءَ جي زماني ۾ حضرت جن سماع پئي ڪيو تہ اتفاق سان قوال هي بيت چيو:

[76]

اڪڙيون ملير ۾، جنين راتو ڏينهــــن،
عمر آسائتن سين، هانءَ ڪندين ڪيئن!

[اهي جن جون اکيون رات ڏينهن ملير ۾ اٽڪيل آهن، تن آسائتن سان، اي عمر! تون هانءُ ڇا ڪندين؟!]

جڏهن تہ انهيءَ بيت ٻڌڻ سان حضرت جن تي شوق ۽ وجد ايترو (171) غلبو ڪيو جو جيڪو لباس مٿي ۽ ڪلهن تي هين، سو لاهي قوال کي ڏنائون ۽ پاڻ پنهنجي اڳهاڙا حجري اندر هليا ويا، ۽ مراقبي ۾ اچي ويهي رهيا. ان تي قوال چادر آڻي اڳيان رکين تہ بت تي ڍڪين. پاڻ چيائون تہ هرگز موٽائي نہ وٺنداسون. ٻيا ڏهہ ڪاسا نانگليءَ جا گهر ۾ پيا آهن، سي بہ توکي بخش ڪيون ٿا. اڄ جيڪڏهن گهر ۾ ٻيو ڪجهہ هجي ها تہ اهو بہ توکي ڏئي ڇڏيون ها. پر رڳو ايترو حاضر آهي. پوءِ هڪ مريد کي چيائون تہ گهران ڏهہ ڪاسا نانگليءَ جا وٺي قوال کي ڏي.

هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ حضرت جن سماع پئي ڪيو تہ اوچتو ٻئي قوال جو هڪ بيت سندن ڪنن تي پيو. ٻڌڻ شرط زمين تي ڪري پيا. سيني پانيو تہ هن فاني دنيا مان رحلت ڪري ويا. ڪجهہ دير ڪانپوءِ قوال ٻيو بيت ڏنو. جڏهن اهو آواز ڪنن تي پيس تہ هوش ۾ آيا ۽ وري پاڻ سماع ۾ مشغول ٿي ويا.

فرمايائون تہ ڪي ماڻهو علم پڙهيا. ڪي ٻيا ڪم سکيا. پر مان سماع سکيس، ۽ ٻي ڪنهن شيءِ جو خيال نہ ڪيم.

هڪ دفعي سماع ڪندي وجد ۽ حال اچي مٿن غلبو ڪيو. ۽ الاهي

محبت ۽ شوق سندن جسم جي رڳ رڳ ۾ داخل ٿي ويو. اهڙي وقت پاڻ هي بيت پڙهيائون:

[77]

ڏيهہ ڏيهائين ناهہ، جتي پير نہ پکيان،

تتي ڪاهوڙيان، ور ڏيئي وڻ چونڊيا. (172)

[هيءُ ڏيهہ بين ڏيهن جهڙو ناهي. هتي پکين جو پير بہ نہ ٿو پهچي. اهڙي هنڌ ڪاهوڙين ور ور ڏيئي وڻن مان ميوا چونڊيا.]

چون ٿا جيڪي بزرگ انهيءَ سماع ۾ حاضر هئا. تن سيني چيو تہ حضرت جن نهايت اعليٰ بيت چيو آهي. جڏهن پاڻ اها خبر ٻڌائون تہ بزرگ هينئن ٿا چون. تڏهن فرمايائون تہ هي بيت تہ آسان آهي. البت هيءُ مصرع پروڙڻ گهرجي:

مون ٻرڀان جا پکڙا، تهان پري ٿيا.

[منهنجي محبوب جو مڪان. اجان انهيءَ کان بہ پري آهي. " اها مصرع ٻڌي سڀ خاموش ٿي ويا.]

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت جن سماع ۾ ڏاڍو مشغول هئا ۽ الهي مستي ۽ حقيقي قرب وحان هر هر هٿ مٿي ڪنيائون. آخر مٿي تي جيڪا پڳ ٻڌل هين سا لاهي قوال جي نذر ڪيائون. اهو ڏسي سندن مريدن ۽ خادمن پڻ هڪ هڪ چادر انهيءَ قوال کي پيش ڪئي. ليڪن هڪڙي مريد ائين نہ ڪيو ۽ پنهنجي چادر نہ ڏنائين. سماع کان فارغ ٿي جڏهن پنهنجي حجري ۾ واپس آيا تہ مريد کان پڇيائون تہ اهو ڪهڙو مريد هو جنهن پنهنجي چادر نہ ڏني. اهو معلوم ڪري چوڻ لڳا تہ مريد کي پنهنجي پير جو ادب ڪرڻ گهرجي. اهو ٻڌي اهو مريد ڏاڍو شرمندو ٿيو. ۽ ان ڪانپوءِ هو چوندو هو تہ منهنجي دل مان اهو افسوس ڪڏهن بہ نہ ويندو تہ حضرت جن جي پيروي ڇو نہ ڪيم. (173)

چون ٿا تہ اهڙي سماع جي بيٺڪ مشڪل ٿي هوندي. جنهن ۾ حضرت جن پاڻ حاضر بہ هجن ۽ پنهنجي چادر لاهي قوال کي نہ ڏني هجين. البت هڪ دفعي جڏهن پاڻ سماع ۾ مشغول هئا ۽ جڏهن فارغ ٿيا تہ وٽن ڪا چادر وغيره ڪو نہ هئي جو قوال کي ڏين. انهيءَ تجسس ۾ پاڻ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳا. آخر سترنهن پيسا ڏيئي هڪ ٻئي شخص کان ورتائون ۽ اها قوال جي حوالي ڪري پوءِ گهر آيا.

فرمايائون تہ سماع اهڙو علم آهي، جنهن ۾ هر گز خطرو نہ آهي. چون ٿا تہ پاڻ جڏهن بہ سماع جي محفل ۾ هوندا هئا تہ مريدن خادمن کي پئي کنهن بہ ڪم ڪار لاءِ نہ چوندا هئا. بلڪ انهن کي بہ هدايت ڪندا هئا تہ سماع ۾ مشغول ٿي وڃو. ائين بہ چون ٿا تہ پاڻ جيڪڏهن رات جو سماع شروع ڪندا هئا تہ صبح جو فارغ ٿيندا هئا ۽ اهو سمورو وقت لاڳيتو سماع جاري رهندو هو ۽ ٻيو ڪو ڪم نہ ڪندا هئا.

روايت آهي تہ حضرت جن ڪڏهن بہ ٻاهر يا ٻيءِ ڪان بيهي سماع نہ ڏسندا هئا. بلڪ جيئن سماع جو آواز ڪنن تي پوندو هون تہ مردن وانگر ڪمر ٻڌي وڃ تي اچي ويهندا هئا ۽ سماع ۾ شروع ٿي ويندا هئا. فرمايائون تہ هميشہ سماع ڪرڻ سان مردو بہ جيئرو ٿي پوي ٿو. چون ٿا تہ سماع کي ڇڏي جڏهن ڪو مريد وٽن ايندو هو تہ ان کي جهليندا هئا تہ سماع اڌ ۾ ڇڏي مون وٽ نہ اچو(174) وڃو ۽ وڃي سماع ۾ شامل ٿيو.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ دفعي ڪي فقير سماع ڇڏي اچي ذڪر ڪرڻ لڳا. حضرت جن پاڻ بيٺا هئا ۽ انهن ڏانهن ڪوڙي نظر سان ڏسندي چوڻ لڳا تہ ڇا سماع ذڪر نہ هو جو اهو ڇڏي ذڪر ۾ مشغول ٿيا آهيو.

نقل آهي تہ پاڻ چيائون تہ سماع ۾ حصو وٺندڙ ٻن قسمن جا آهن. هڪڙن جو مثال ڏهندڙ جهڙو آهي تہ ٻين جو پيئندڙ وانگر. ڏهندڙ اهي آهن جيڪي سماع ڪن ٿا ۽ پيئندڙ اُهي آهن. جيڪي اُيا سماع ڏسن ٿا پر دل جي حضور سان ان ۾ حصو وٺن ٿا.

هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ پاڻ نئي جي خانقاہ ۾ ويٺا هئا جو اتي هڪ فقير آيو. ويهڻ ڪانپوءِ ان فقير هڪ بيت پڙهيو. پاڻ جيئن اهو بيت ٻڌائون تہ مٿن وجد ۽ حال اچي غلبو ڪيو. بس پوءِ تہ پاڻ سماع ۾ شروع ٿي ويا ۽ اتي جيڪي سندن مريد موجود هئا. انهن بہ سندن خاطر سماع شروع ڪري ڏنو.

نقل آهي تہ پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ جڏهن پاڻ گهڻو ضعيف ٿي ويا. تڏهن بہ هميشہ اڌرات جو اٿي سنڌي بيت جهونگاريندا هئا. وڏي اسر جو جڏهن فقير اچي سندن حجري جي ٻاهران گڏ ٿيندا هئا. تہ اهي ٻہ ساڳئي طرح بيت چوندا هئا ۽ سماع ڪندا هئا. والله اعلم بالصواب.

باب پنجون

توحيد ۽ ان جي سمجهاڻي

عزت جو صاحب، اوليائن جو ممدوح، اهل صفا جو نمونو، طريقت ۽ تقويٰ جو سالڪ، الاهي واٽ جو شيخ المشائخ، طريقت جو امام، اهل تصوف جو بادشاهه، (175) تڪلفات کان وانجهيل معرفت جو قطب تارو، وحيد عصر، امام دهر، زماني جو يڪتا، بلند قدر وارو، دلين جو سرور، تاريڪ رستي جي روشني، دلين جو مالڪ، زاهدن جي ٽولي جو شرف، اهل فقر ۽ صفا جو جوهر، ذات رحيم جو پسنديده، الاهي اسرارن جي کاڻ حضرت سيد عبدالڪريم شاه خدا ان جي قبر کي منور ڪري، توحيد جي باري ۾ جيڪي چيو يا ان جي سمجهاڻي ڏني.

ڇاڻ گهرجي ته هن خاڪسار فقير کي ڪهڙي طاقت جو حضرت جن جيڪا روشني پکيڙي ان جي ڪنهن حصي کي به بيان ڪري سگهي. البت سچڻن جي فرمائش پوري ڪرڻ خاطر جيڪي ڳالهيون ٻڌڻ ۾ آيون، انهن کي ترتيب ڏئي پيش ڪجي ٿو. جو ته چيو اٿن **العاقل يکفيه الاشاره**: عقل واري لاءِ اشارو ڪافي آهي.

فرمايائون ته ٽيڏو ماڻهو هڪ شيءِ ٻدران ٻه ڏسندو آهي. اهو نقص پاڻ ۾ اٿس پر ڏوهه ٻين تي ڏيندو آهي.

[78]

پائيون جان نه ڪجن، روئي ڏوئي اکڙيون،
جر ڪجر جن اکين ۾، سي ڪيئن پرين پسن.

[جيستائين اکين کي روئي ڌوئي صاف نه ڪبو، تيستائين اهي اکيون جن ۾ ميراڻ ۽ لڙاٽيل پاڻي اچي بيٺو آهي، سي پرينءَ کي ڪيئن ڏسي سگهنديون.]

فرمايائون ته خدا جي ذات سج مثل آهي، پيغمبر عليه الصلاة والسلام ان جي پرتوي جيان آهن ۽ ٻيو موجودات ان جو پاڇو آهي. پاڇي جو مدار پرتوي تي آهي ۽ پرتوي جو مدار سج جي وجود تي آهي. اهو آهي مثال خدا تعاليٰ، حضرت محمد ﷺ ۽ ٻيءَ موجودات جو. هاڻي جيڪڏهن ڪو چوي ته هيءَ سموري روشنائي سج کان آهي ته سچ چيائين. (176) پر جيڪڏهن

ائين ڇوي ته هيءَ روشني سچ جي آهي ۽ اهو نظر ڪو نه ٿو اچي تڏهن به سچ ڇپائين.

جيئن ڇيو ائن:

عــالمي چيســت برزخــي جــامع
صــورت خلــق حــق درو واقــع
عــالمي نيسـت ولـي هسـت نمـا
حــق هســت ولــي نيســت نمــا.

[هي عالم ڇا آهي؟ هڪ ڏڪيل برزخ ، جنهن ۾ مخلوق ۽ حق ٻنهي جي صورت واقع آهي، عالم آهي ئي ڪونه. پر لڳي ٿو ته آهي، حق آهي پر ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي!]

سمجهاڻي: جيڪڏهن ٻرندڙ اُماڙي هٿ ۾ ڪٺي ڇوڏاري ڦيرائبي ته باهه جو هڪ گهيرو نظر ايندو. سيڪو سمجهندو ته اهو باهه جو گهيرو يا دائرو آهي. پر جيئن ئي ان کي ڦيرائڻ بند ڪبو ته اها ئي اُماڙي، نظر ايندي. هي عالم يا جهان پڻ انهيءَ باهه جي گهيري وانگر آهي جيڪو ماڻهن کي ائين نظر اچي ٿو. پر اصل ۾ اهو ئي آهي جو پاڻ آهي.

فرمايائون ته ڪثرت کي نظر ۾ نه آڻڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته سڀ وحدت آهي. خدا ذات جي ڪري احد آهي ۽ صفات جي ڪري واحد.

سمجهاڻي: جيڪڏهن انب جي ڪکڙي پوکبي ته ڪجهه وقت ڪانپوءِ ان منجهان انب جو ٻوٽو پنن ۽ ٽارين سوڌو ظاهر ٿيندو. اهڙيءَ طرح مختلف قسم پيدا ٿين ٿا. ليڪن سڀني جو اصل يا منڍ اها ڪکڙي يعني ٻج آهي، جيڪا شروع ۾ پوکي وئي، ۽ وڻ ٿيڻ ڪانپوءِ ان کي ڳولهبو ته هرگز نه ملندي.

فرمايائون ته جيڪي ظهور ٿئي ٿو، سو سڀ اهو ئي آهي. (همه اوست) انهن لباسن ۾ پاڻ کي پڌرو ڪيو اٿس. هي خلق جي مٿان جيڪي نالا آهن، سي سڀ سندس نالا آهن.

آن پادشــاه اعظــم دربســتـه بــود محڪــم
پوشــيده دلــق آدم ناگــاه برســر آمــد

[اهو عظيم بادشاهه جيڪو پنهنجي جڳهه ۾ محڪم ۽ مضبوط هو اوچتو آدم جي لباس ۾ اچي ظاهر ٿيو.]

ان کانپوءِ قاضي قادن رحہ جا بيت پڙهيائون:

[79]

"لا لاهيندي ڪن ڪي، "لا" موراهين ناهہ،

بالله ري پريان، ڪٿ نہ ڏسجي ڪي بيو.(177)

[لا جو لفظ چئي ڪنهن ڪنهن جو انڪار ڪندين. "لا" دراصل آهي ئي ڪونہ. خدا جو قسم. پرين کان سواءِ بيو ڪجهہ نظر ئي ڪونہ ٿو اچي!]

[80]

"لا م َ لـــوڏي ڪـــدِ، الا م َ لاهـــ لڪ ســـين،

جو مظهر سندو ماڙهئين، تنهن ڪيئن ڪري ود.

["لا" واري لفظ کي ڇڏي نہ ڏي، ۽ "الا" جي لفظ کي پڻ هڪ لمحي لاءِ نہ وسار. اهو جيڪو انسان جو مظهر آهي، تنهن کي ڪيئن ٿو الڳ ڪري سگهين!؟]

بيت

سائر ڏيئي لـــٽ، اچـــي نيچـــي پوڙلـــي

هيڪائين هيڪ ٿئو، ويئي ســـپ جهـــت.

[درياءَ اٿل ڏيئي سپ هيناهيون مٿانهيون ٻوڙي ڇڏيون. هر طرف هڪجهڙو ٿي ويو. ۽ سپ طرف گم ٿي ويا.]

انهيءَ بيت جي جواب ۾ حضرت جن وري فرمايو:

[81]

سائر ڏيئي نہ لٽ، اوچي نيچي سپ ڪي،

نابودي نا ٿئي، اي ناديدي جهـــت.

[درياءَ سپ ڪنهن هيناهينءَ مٿاهينءَ کي لٽ نٿو ڏئي. ڪو بہ طرف نابود نٿو ٿئي، پر ڏسڻ ۾ نٿو اچي.]

سمجهاڻي: جڏهن درياهہ ڪنهن طرف پالوٽ ڪندو آهي تہ اتي بيٺل ساوڪ ياگاهہ اهڙيءَ طرح لڪجي ويندو آهي جو ڪجهہ نظر نہ ايندو آهي. دراصل انهيءَ پالوٽ جي ڪري اها ساوڪ ختم ڪونہ ٿي ويندي آهي، يعني نابود نہ ٿيندي آهي، ان کي هستي آهي، البت رڳو نظرن کان اوجهل ٿي ويندي آهي.(178)

فرمايائون تہ وليءَ تي اهو نالو ان ڪري پيو جو اهو خدا جو نالو آهي.

پر ماڻهو ان ڳالهه کي سمجهن ٿي ڪونه ٿا ته اهو نالو هن پاڻ کي ڏنو آهي. يعني آدم جي صورت ۾ اظهار ڪيو اٿس ۽ پنهنجين صفتن جي پوشاڪ به هن کي ڍڪائي اٿس. انهيءَ ڪري، مريد کي کپي ته هر شيءِ کي خدا جي طرفان ڪري ڄاڻي ۽ پنهنجي پير جي طرفان نه سمجهي.

سمجهاڻي: پاڻي اصل ۾ هڪ قسم جو آهي، پر جڏهن اهو گدري يا ڄانهين ۾ پهچي ٿو تڏهن اهو ميوو رسي تيار ٿئي ٿو. پر ڪاٺ وقت هر ڪو چوندو آهي ته هي گدرو آهي يا انب. ۽ اهو خيال نه ڪندو آهي ته جيڪڏهن پاڻي نه هجي ها ته اهي ميوا هرگز پچي تيار نه ٿين ها. مطلب ته اصل ۾ اهو ساڳيو پاڻي آهي، پر جڏهن مختلف نوعن ۾ ظهور ڪيائين، تڏهن هرهڪ مان جدا جدا لذت ۽ مزو آيو. پر انهيءَ ڪري ماڻهو اصل کان غافل ٿي ويا.

فرمايائون ته بندو اوزار آهي ۽ حق تعاليٰ ان جو هلائيندڙ يا فاعل آهي.

سمجهاڻي: نڙ وارو جڏهن نڙ وڄائيندو آهي، تڏهن ماڻهو سمجهندا آهن ته نڙ ٿو وڄي. پر اهو ماڻهو جيڪو پنهنجي زور ۽ فن سان نڙ مان آواز ڪيندو آهي، سو خواب خيال ۾ به ڪو نه هوندو اٿن، ۽ پاڻيندا آهن ته آواز ئي نڙ مان ٿو نڪري!

چيائون ته جيڪو مريد اهو سمجهي ٿو ته سڀ ڪجهه پير ڏئي ٿو يا ان کان ملي ٿو، اهو بلڪل غلط ٿو سوچي جيڪي ڪجهه ملي ٿو سيڪجهه خدا جي طرفان آهي ۽ ان کان سمجهڻ گهرجي.

فارسي بيت:

روا باشد اناالحق از درختي - چرا نبود روا از نيڪبختي.

فرمايائون ته بي صورت (مطلق) صورت (خلق) ۾ ظهور ڪيو، تنهن ڪري ان بي صورت ذات مطلق کي صورت(خلق) ۾ ڏسڻ گهرجي. اصل ۾ صورت (خلق) آهي ئي ڪو نه، ساڳي بي صورت آهي، پر بي صورت کي صورت کانسواءِ ڏسي نه سگهبو.

سمجهاڻي: مختلف رنگ جي شيشن ۾ پاڻي وجهبو ته هر هڪ شيشي ۾ پاڻي انهيءَ رنگ جو ڏسڻ ۾ ايندو. جيتوڻيڪ اصل ۾ پاڻي اهو ئي ساڳيو آهي.

چيائون ته خدا تعاليٰ فرمايو ته اول ارادو ڪيم (179) ته پنهنجي

صفت پڌري ڪريان، ان ڪري عالم پيدا ڪيم. وري جڏهن ارادو ڪيم تہ پنهنجي ذات ظاهر ڪريان، تڏهن آدم کي پيدا ڪيم ۽ ان کي پنهنجو آئينو بنايم، تہ جيئن پاڻ کي انهيءَ ۾ ڏسان.

[82]

ڪاجا ۾ پرين، سا نہ سئي نہ ٻڌي،
متيون سڀ منجهن، انهيءَ ڏٺي قضيي.

[دوست جي روش ۾ هلت اهڙي آهي، جيڪا نہ ڪنهن ٻڌي آهي نہ سمجهي آهي. اهڙي حالت ڏسڻ سان عقل ۽ مت سڀ ختم ٿي وڃن ٿا.]

فرمايائون تہ ڇا جو مغز ڇا جي کل، سڀڪجھ اهو ئي آهي!

سمجهائي: جهڙيءَ ريت هڪ باغائي جيڪو باغ لڳائيندو آهي، ان کي خبر هوندي آهي تہ کهڙو ٻج پوکيائين ۽ ان مان کهڙو وڻ ۽ کهڙو ميوو پيدا ٿيندو. اهڙيءَ طرح عارف جو مثال بہ ان جهڙو آهي جنهن کي هڪ وقت سڀ خبر پوندي آهي تہ اول ۾ خدا جي ذات هئي جنهن پنهنجو ظهور ڪيو ۽ پوءِ جڏهن سڄي موجودات کي فنا ڪندو تہ ڪجھ نہ بچندو. ليڪن سندس ذات هميشه کان آهي باقي رهندي.

چيائون تہ خدا تعاليٰ جو فرمان آهي: "**الآن ڪما ڪان**" يعني هاڻي ائين بہ آهي، جيئن **اڳي هو**."

سمجهائي: درياءَ جي پاڻيءَ تي حباب يا جرڳوٽا ظاهر ٿيندا آهن. سي درحقيقت حباب ڪونهن. بلڪ انهن کي اهو نالو ڏنو ويو آهي. اصل ۾ درياءَ آهي، باقي ٻين جو وجود ڪونهي.

فرمايائون تہ ڏسڻ ۾ ٻہ آهن. پر اصل ۾ اهي بہ هڪ آهن.

سمجهائي: جڏهن ڪو خالي گنبذ ۾ آواز ڪندو آهي تہ ٻئي طرف کان ساڳئي قسم جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. سڀ سمجهندا آهن تہ اهو ٻئي ڪنهن جو آواز آهي، پر حقيقت ۾ اهو تہ پهرئين آواز جو پڙاڏو هوندو آهي.

چيائون تہ خداوند تعاليٰ جو فرمان آهي: **ڪنت ڪنزاً مخفياً فاحببت ان اعرف فخلقت الخلق**: "آءٌ هڪ لڪل خزانو هوس، گهريم تہ سڃاڻجان، پوءِ هن خلق کي پيدا ڪيم." (180)

[83]

پاڻهي سلطان، پاڻهي ڏي سنيهڙا،

پاڻ ڪر پاڻ لهي، پاڻ سڃاڻي پاڻ.

[پاڻ ئي بادشاهه آهي ۽ پاڻ ئي نياپا ٿو موڪلي. پنهنجي انت جي بہ ڪيس خبر آهي ۽ پاڻ کي پاڻ سڃاڻي ٿو.]

ڇيائون تہ الله تعاليٰ جو فرمان آهي تہ "**يا ايها الذين آمنو**.اي ايمان وارؤ. . . .اتي بہ پاڻ ڏي خطاب اٿس. ٻئي ڪنهن ڏانهن نہ پاڻئجو.

[84]

اسين سڪون جن کي، سي تان اسين پاڻ،

هاڻي وڃ گمان، صحيح سڃاتا سپرين.

[جن جي اسان کي سڪ آهي، سي تہ اسين پاڻ آهيون. هاڻي اي **گمان** پري ٿيءُ، جو اسان پنهنجي محبوب کي صحيح سڃاتو آهي.]

فرمايائون: **لافاعل في الوجود الاالله**. يعني"الله کانسواءِ موجودات ۾ ٻيو ڪو فاعل نہ آهي." ڇيائون، اهو بہ فرمان خداوندي آهي تہ آءٌ جهڙيءَ طرح انسان سان گڏ آهيان، اهڙيءَ طرح ٻي ڪنهن مخلوق سان نہ آهيان.

فارسي بيت

عالم نبود ولي حق بود

بعد از ظهور حق عالم شود

[هي جهان ڪونہ هو تہ حق هو. حق جي ظهور کان پوءِ هي جهان ٿيو.]

ڇيائون تہ حضرت رسالت مآب ﷺ جن جو قول آهي:

'انا احمد بلا ميم' يعني آءٌ ميم کان سواءِ احمد آهيان.

بيت فارسي

زد خنده کہ من بعکس خوبان جهان

در پرده عيان باشم بي پرده نهان.

فرمايائون: **الحقيقه ساري 'في الاکوان'** يعني "ذات حقيقت هر شيءِ ۾ سير ڪندڙ يا موجود آهي."

سمجهاڻي: برسات پوڻ سان جيڪڏهن برسات جو قطرو سپ جي پيٽ ۾ ويندو آهي تہ اهو موتي بڻجي پوندو آهي، پر جيڪڏهن نانگ جي وات

۾ پوندو آهي تہ زهر تي پوندو آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪلراٺي زمين (181) تي پوندو آهي تہ لوڻ ڇمي پوندو آهي . جيتوڻيڪ برسات جو پاڻي ساڳيو آهي پر مختلف هنڌن تي پوڻ سان ان جو اثر يا نتيجو بہ مختلف ٿئي ٿو. بلڪ جنهن شيء جو جهڙو ظرف آهي، ان مان اهو نتيجو يا اثر نڪري ٿو.

فرمايائون تہ تنزيہ ۽ تشبيہ ٻئي ساڳي ڳالھہ آهن. حالانڪ ٻئي مختلف نالا آهن. تنزيہ عين تشبيہ آهي ۽ تشبيہ عين تنزيہ آهي. پر فقير کي تنزيہ ۽ تشبيہ ٻئي پروڙڻ گهرجن، ڇاڪاڻ تہ پڪي هڪ پڪڙانديء سان اڏامي ڪونہ سگهندو. تشبيہ جو مطلب آهي تہ موجودات ۾ جيڪي اکين سان ڏسجي، ڪنن سان ٻڌجي يا جيڪو بہ قول ۽ فعل صادر ٿئي. سو سڀ خدا جي ذات کان ڄاڻجي. تنزيہ جو مطلب آهي تہ هيء جهان ۽ منجهس جيڪي ڪجھہ ظهور ۾ اچي ٿو. سو ٻئي کان نہ ڄاڻجي، پر ائين سمجهجي تہ جيڪي بہ جهان ۾ موجود آهي، سو سڀوئي اهو آهي، ٻيو ڪجھہ نہ آهي.

سمجهاڻي: جيئن ڪو ماڻهو پري کان رڃ ڏسي سمجهندو آهي تہ اهو پاڻي آهي، پر جڏهن ويجهو ويندو آهي تہ خبر پوندي اٿس تہ ڪجھہ نہ هو. هيء جهان پڻ رڃ وانگر آهي، پر ماڻهو ان کي وڏي شيء سمجهن ٿا. حقيقت ۾ ڪي ڪين آهي. جيڪي آهي سو اهو آهي.

فرمايائون تہ خدا تعاليٰ پير يا مرشد جي اک سان ڏسي ٿو. ان کي هرگز غير کان نہ پائنجو.

[85]

جنهن سر سندو نور، جيلاه سو سونهون ٿئي،
تيلاه ٻين سپرين، ڳالھہ لهجي مور.

[اهو جنهن چشمي جو نور آهي، تنهن ڏانهن ئي رهنمائي ڪري ٿو، اهڙيء ريت سپرين ليي ٿو. ڳالھہ جو اصل مقصد ائين لهجي ٿو.]

فرمايائون تہ قرب جا بہ قسم آهن: هڪڙو قرب فرائض ٻيو **قرب نوافل. قرب فرائض** جو مطلب آهي تہ شيء ۽ ان جي فعل ڪندڙ ٻئي حق تعاليٰ آهي. قرب نوافل جو مطلب آهي، تہ بندو پاڻ اها شيء هجي ۽ فاعل خدا تعاليٰ!

سمجهاڻي: جڏهن ڏيئو روشن هوندو آهي تہ ماڻهو ان جي وٽ ۽ تيل طرف ڌيان نہ ڏيندا آهن. حالانڪ تيل ۽ وٽ کانسواء اهو روشني ڪري نٿو سگهي. پر عام ماڻهو وري بہ ائين سمجهندا آهن (182) تہ اها روشني ڏيئي منجهان ئي نڪري.

فرمايائون: **كـُـل قول قول الله وكل فعل فعل الله.** يعني سڀكو قول خدا جو قول آهي، ۽ سڀكو فعل خدا جو فعل آهي.

سمجهائي: جڏهن دهلاري، دهل تي ڏونڪو هڻندو آهي تہ جيڪو آواز نڪرندو آهي، ان لاءِ ماڻهو سمجهندا آهن تہ اهو دهل ٿو آواز ڪري، اهو خيال ٺي نہ ڪندا آهن تہ جيڪڏهن ان جو اندر خالي ۽ پورو نہ هجي تہ اهو آواز جيڪر پيدائي نہ ٿئي! جيائون تہ انسان جو پيٽ بہ ائين پورو آهي. پوءِ جيڪڏهن ان مان ڪو آواز نڪري ٿو تہ اهو انهيءَ ڪان سمجهڻ نہ گهرجي، بلڪ ان آواز جو ڪندڙ اصل ڪو ٻيو آهي.

سمجهائي: جڏهن ڪو ماڻهو سڪئي يا خالي واهڙ جي ڪناري تي ويهي سڏ ڏيندو آهي تہ ان جو پڙاڏو تري ڪان ايندو آهي. پر ماڻهو سمجهندا آهن تہ اهو آواز ڪنهن ٻيٽاريءَ جي رهاڪو جو آهي. جيڪڏهن اهو واهڙ پريل هجي ها تہ هوند اهڙو آواز هرگز نہ نڪري ها.

فرمايائون: "**سبحان من اظهر الاشياءِ وهو عينها**" پاڪائي جڳائي ان کي، جنهن شين کي پڌرو ڪيو آهي ۽ پاڻ انهن جو عين آهي".

[86]

سوئي هيڏان، سوئي هوڏانهن، سوئي من وسيءَ،
تنهين سندي سوجهري سوئي سو پسي.

[اهو ئي هيڏانهن آهي، اهو ئي هوڏانهن آهي. اهو ئي دل ۾ وسي ٿو، اهو ئي پنهنجي سوجهري سان پاڻ کي پسي ٿو .]

فرمايائون تہ عارف ٻن قسمن جا آهن: هڪڙا "عارف قبل شيءِ (شيءِ کان اڳ سڃاڻو) ۽ ٻيا "عارف بعد شيءِ" (شيءِ کانپوءِ سڃاڻو) . عارف قبل شيءِ ان کي چئجي جيڪو اول خدا تعاليٰ کي سڃاڻي ۽ پوءِ شين ۾ نظر ڪري ۽ مظاهر ڄاڻي. عارف بعد شيءِ اهو آهي جيڪو پريائين شين جو مشاهدو ڪري ۽ ان کانپوءِ انهن شين کي خدا جو مظهر ڄاڻي.

فرمايائون تصوف يا سلوڪ جي تحصيل ڪنهن کان نہ ٿي آهي. سڀ ان جي ڄاڻڻ (183) ۾ عاجز ثيا آهن. پر جيڪڏهن ڪو دعويٰ ڪري تہ اهو علم حاصل ڪيو آهي تہ اهو غلط ٿو چوي.

[87]

آهي اهڃاڻو، پسر پريان جو جيڏيون،
جنين سڃاڻو، تنين تان نہ پروڙيو.

["اي سرتيون، پرين جو پير بي نشان ۽ بغير اهجاڻ جي آهي. جن سڃاتو. تن کي پڻ ڪا سمجهه نہ آئي.]

فرمايائون تہ مون کي هڪ فقير ٻڌايو تہ باطل کي باطل نہ چئو. ڇو تہ اهو پڻ خدا جي نالن مان هڪ نالو آهي.

سمجهاڻي: جهڙيءَ طرح دريا جي اندر لهر ۽ پاڻي بہ جدا شيون لڳن ٿيون يا مٿن جدا نالا آهن. پر اصل ۾ تہ ٻئي هڪ آهن.

جيائون تہ خدائي فرمان آهي تہ: "**كُلُّ شَيْءٍ انا**" هر شيءِ آءٌ آهيان .

سمجهاڻي: جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي آڱرين تي حساب ڪندو آهي ۽ ويهن تي پهچندو آهي تہ چوندو آهي تہ ويهہ ٿيا. اهڙيءَ طرح ويندو آهي ڳڻيندو ۽ سئو تي پهچي چوندو آهي تہ سئو ٿيو. پوءِ هزار تي ۽ آخر هڪ لک تائين وڃي پهچندو آهي. مطلب تہ اهڙيءَ طرح وڌندو آهي مٿي چڙهندو. شروع بہ هڪ کان ڪيائين ۽ پڇاڙي بہ وڃي هڪ(لک) تي ڪيائين.

سمجهاڻي: جڏهن ڪو باغائي زمين ۾ ٻج. پوکڻ خاطر پوريندو آهي تہ گويا اهو بالقوه وڻ هوندو آهي. ليڪن جڏهن اهو ٻوٽو وڏي وڏو ٿيندو آهي ۽ منجهس ڪئين ٽاريون ۽ ميوا نڪرندا آهن تہ ان کي بالفعل وڻ چئبو آهي. اهڙيءَ طرح انهيءَ ٻج منجهان پورو وڻ ظاهر ٿيندو آهي ۽ منجهس ٽاريون، پن ۽ ميوا بہ هوندا آهن ۽ آخر ۾ وري اهو ساڳيو ٻج بہ ظاهر ٿي پوندو آهي، جيڪو پهرين زمين ۾ پوريو ويو هو. خدا جو مثال بہ ائين آهي. اهو ئي هو، هوندو ۽ اڳتي رهندو. گويا سڀڪجهہ اهو آهي. (همہ اوست).

مثال: هڪڙو ماڻهو دريا اندر پاڻيءَ ۾ بيٺو هو تہ ٻاهر بيٺل شخص کانئس پڇيو تہ پاڻي ڪيترو اونهو آهي؟ هو چوڻ (184) لڳو تہ هتي گهٽ آهي، پر ٿورو پريان گهڻو اونهو آهي. انهيءَ تي ٽئين شخص چيو درياهہ هڪڙو ساڳيو آهي، تون ٻاهر نڪري ڏس تہ توکي سڄو هڪ نظر ايندو.

جيائون تہ جڏهن ماري پکي ڦاسائڻ لاءِ ڍنڍ ۾ لهندو آهي، تہ مٿي تي پکيءَ جي شڪل ٺاهي رکندو آهي تہ جيئن اصل پکي ان کي ڏسي دلبي ۾ اچي ڦاسي پون. پوءِ واقعي ائين ٿيندو آهي ۽ اهي پکي انهيءَ شڪاريءَ کان بي خبر ٿي ۽ انهي پکيءَ جي شڪل کي اصلي پکي سمجهي ڦاسندا ويندا آهن. مطلب تہ آخر ائين حقيقت جي خبر ڪونہ پوندي اٿن.

فرمايائون تہ فرمان خداوندي آهي: **خلق آدم علیٰ صورتہ**: "انهيءَ ذات انسان کي پنهنجي صورت تي پيدا ڪيو آهي." سا ڳئي وقت اهو بہ چيائون تہ جيڪي آهي، هو ۽ جيڪي ٿيندو، سو سڀ هن ٽن گزن واري انساني صورت ۾ واقع ۽ ثابت آهي.

فارسي بيت

ڪاري ڪہ از خدا ميسر نمي شود
ما خود خدا شويم بر آريم ڪار ما.

[اهڙو ڪم جيڪو خدا جي طرفان ميسر نٿو ٿئي. اچو تہ اسان پاڻ خدا ٿي پنهنجو اهو ڪم سر انجام ڪريون !]

فرمايائون: خدا تعاليٰ جو فرمان آهي **ان الله يامر کم ان تؤدوا الامانات الیٰ اهلها**(سورة 4:58) "بيشڪ الله تعاليٰ حڪم ٿو ڪري، تہ امانتون انهن کي موٽائي ڏيو جيڪي ان جا اهل آهن".

چيائون تہ جيڪا شيءِ آهي سا سڀ خدا کان سمجهو ۽ انهيءَ ڪري انهن جي نسبت بہ ڏانهس ڪريو.

چيائون تہ پيغمبر عليہ الصلواة والسلام جو فرمان آهي: "المؤمن مراة المؤمن" يعني "هڪ مؤمن ٻئي مؤمن لاءِ آئينو آهي." اتي مؤمن جون بہ معنائون آهن. هڪڙي اها تہ مؤمن خدا جو نالو آهي ۽ ٻيو مؤمن ٻانهي کي بہ چون ٿا. انهيءَ ڪري هڪ مؤمن ٻئي مؤمن جو آئينو آهي، يعني حق تعاليٰ آئينو آهي. گويا خدا تعاليٰ انهيءَ مؤمن ٻانهي ۾ ظهور ڪيو آهي، ۽ هن ۾ پنهنجي تجلي ڪئي اٿائين. ٻي معنيٰ هڪ مؤمن ٻئي مؤمن (185) لاءِ آئينو آهي جي معنيٰ اها آهي تہ حق تعاليٰ پنهنجي لاءِ پاڻ آئينو آهي. مطلب تہ سڀ اهو آهي، جيڪي ڪجهہ آهي، اهو پاڻ آهي.

فرمايائون تہ شيخ ابو طالب مڪي رحمة الله عليہ جو قول آهي تہ "**انا اول من ربي بسنتين**" يعني: "مان پنهنجي رب کان ٻہ سال اڳ هئس". ان ڪانپوءِ هي هندي بيت پڙهيائون:

اي سمنا گانٺ پريم ڪي، پڙي جو ڪيسي بير
ايهہ کولي کلي نهين، سڀ جڳ رهڻا اڏير.

[اي سمن، پريم جي ڳنڍ اهڙي سوگهي ٻڌل آهي، جو کولڻ سان پڻ کلي نٿي. سارو جهان ان جي کولڻ ۾ عاجز ٿي پيو آهي.]

باب ڇهون

نبين، ولين ۽ بزرگن جون حڪايتون ۽ دقيق نڪتا

اهل فن جو اڳواڻ، شڪ شبهن جو پارکو اهل حقائق جو شيخ، خلق کان گوشي گذاريندڙ، واڍوڙين جو سپه سالار، زهد ۽ تقويٰ وارن جو سرمايو، اوتادن جو ڏيئو، عابدن جي شمع، اهل سنت جو شيخ، اهل بدعت جو ٿوڙ، جوانمردن جو سرور، روشن دلين جو سج، ولين جو واقف، ولايت ۽ طريقت جي زين، توڪل ڪندڙن جو پيشوا، زماني جو ساٿي، نرم ۽ نياز نوڙت وارو، سڀاڃهو انسان يعني حضرت سيد عبدالڪريم بلڙيءَ وارو.

ڄاڻڻ گهرجي ته هي نقل جيڪي حضرت جن بيان ڪيا آهن، اهو انتهائي شوق ۽ محبت جاڳائيندڙ آهن. بلڪ ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ ايترو متاثر ٿي سگهي ٿو، جو عشق ۽ محبت جا شعلا سندس دل تائين پهچي وڃن. انهي ڪري اسان هنن حڪايتن کي شعلن جي عنوانن تحت پيش ڪيو آهي. اميد ته طالب انهن جي پڙهڻ سان خدا جي دوستي(186) ۽ محبت جي اها روشني ۽ گرمي حاصل ڪندا.

هن باب ۾ ٽي فصل آهن. پهرئين ۾ نبين سڳورن جون حڪايتون ۽ آخرت جو احوال، ٻئي ۾ بزرگان سلف جو ذڪر ۽ دقيق نڪتا ۽ ٽئين ۾ سنڌ جي بزرگن ۽ ولين جا نقل نظير بيان ٿيل آهن.

فصل پهريون

نبين سڳورن جون حڪايتون ۽ آخرت جو احوال

شعلو: فرمايائون ته نبي ڪريم محمد مصطفيٰ ﷺ جڏهن معراج تي ويندي آسمان تي پهتا. ڏٺائون ته انن جي هڪ اڻ ڪٽ قطار آهي جيڪا برابر اڳتي وڃي رهي آهي ۽ هر اٺ جي مٿان به صندوقون ٻڌل آهن. پاڻ جبرئيل کان جيڪو ساڻن گڏ هو. تنهن کان پڇيائون ته هي ڇا آهي؟ هن عرض ڪيو ته سائين، جڏهن کان وٺي خداوند تعاليٰ مون کي پيدا ڪيو آهي، مان انن جي قطار کي ائين ڏسندو رهيو آهيان. بيشڪ قطار جي منڍ ۽ پڇاڙيءَ جي خدا کي خبر آهي. اهو ٻڌي رسول خدا جي دل ۾ خواهش پيدا ٿي ته جيڪر انهن صندوقن کي کولي ڏسجي ته انهن ۾ ڇا آهي؟(187) حڪم نازل ٿيو ۽ جبرئيل عليه السلام هڪ اٺ کي هُشائي صندوق کي کٽي کوليو ته ان مان ڪڪڙ جي آني جهڙي ڪا شيءِ نڪتي. جيئن پاڻ ان کي نهايت غور سان ڏسڻ لڳا ته انهيءَ آني جي اندر کين پورو جهان نظر آيو. اتي کين هڪ اهڙو شهر به ڏسڻ ۾ آيو جتي جمعي جو ڏينهن هو. پاڻ انهيءَ شهر ۾ داخل ٿيا ۽ مسجد ۾ اچي جمعي نماز پڙهيائون. اتي کين محسوس ٿيو ته منبر تي چڙهي جيڪو شخص وعظ نصيحت ڪري رهيو هو، اهي پاڻ هئا. ۽ سندن اڳيان ويٺل صحابي ٿي معلوم ٿيا اهو ڏسي پڪ ڪرڻ خاطر جبرئيل عليه السلام کائنس پڇيو ته قبلا، اهو وعظ ڪندڙ ڪير شخص آهي ۽ اهي ٻيا ويٺل شخص ڪير آهن؟ پاڻ فرمايائون ته سيني هنڌن تي وعظ ڪندڙ آءٌ آهيان ۽ اهي ٻيا منهنجا ساٿي صحابي آهن.

ان کانپوءِ پاڻ چوٿين آسمان تي ويا، جتي واريءَ جو هڪ تمام وڏو درياه کين نظر آيو. جبرئيل کان پڇيائون ته اهو درياءُ ڪيترو وسيع آهي؟ جبرئيل عرض ڪيو ته ان جي ويڪر توڙي اونهائي پنج سئو سالن جو فاصلو آهي. ليڪن ان جي ڊيگهه جي خبر خدا کي آهي. مون کي جڏهن کان خدا تعاليٰ خلقيو آهي ته آءٌ انهيءَ درياءَ کي ائين ڏسندو اچان. انهيءَ درياءَ جو هرهڪ داڻو پنهنجي ليکي هڪ جهان آهي، جنهن کي خدا تعاليٰ خلقيو آهي.

شعلو: فرمايائون ته جڏهن پيغمبر خدا معراج جي رات الاهي قرب

ماٿيو ۽ فَكان قَابَ قَوسَين يعني جڏهن ٻن ڪمانن ڪان به گهٽ فاصلو رهجي ويو. واري درجي تي فائز ٿيا. تڏهن الله تعاليٰ ڪين به شيون ڏيکاريون هڪ طرف رسو ۽ سُيون سبڻ جون ته ٻئي طرف موتين جا ڪوه. ان ڪان پوءِ خداوندا تعاليٰ ڪين مختيار ڪيو ته پاڻ هڪ طرف جو انتخاب ڪن. پاڻ انهن موتين طرف (188) اک ڪئي به نه ڏٺائون. بلڪ رسي ۽ سُئيءَ ڪي قبول ڪيائون. وري آواز آيو ته اي محمد ﷺ اسان لاءِ ڪهڙو تحفو ڪٺي آيو آهين؟ پاڻ حيران ٿي ويا. پر اوچتو دست قدرت سندن سيني تي هيءَ دعا لکي ڇڏي. جيئن سندن نظر اُن دعا تي پئي ته پاڻ فرمايائون ته اها دعا ڪٺي حاضر ٿيو آهيان. اها دعا هيءَ آهي: **اللهم انا نسئلک فعل الخيرات وترک المنکرات و حب المساکين و تغفرلنا و ترحمنا فاذا اردت بقوم فتنة فتوفنا غير مفتون ونسئلک حبک وحب من يحبک وحب عمل يقربنا الي حبک يا ذوالجلال والاکرام برحمتک يا ارحم الراحمين.** " اي الله. آءٌ توکان چڱا ڪم ڪهران ٿو ۽ برن ڪمن ڪان بچڻ چاهيان ٿو. مون کي مسڪينن جي محبت ڏي. اسان کي بخش ۽ اسان تي رحم ڪر. پوءِ جيڪڏهن ڪنهن قوم بابت فتني جو ارادو اٿيي ته اسان کي وفات ڏي.

اسين تنهنجي محبت طلب ڪريون ٿا ۽ انهن جي محبت گهرون ٿا. جن سان تون محبت ڪرين ٿو. اسان کي اهڙي عمل جي چاهنا ڏي جنهن سان تنهنجي محبت کي ويجهو رسجي. اي عزت ۽ عظمت جا صاحب. پنهنجي رحمت سبب. اي گهڻي رحمت ڪرڻ وارا!"

فرمايائون ته هڪ ڏينهن ڪو سائل حضرت پيغمبر عليه الصلواة والسلام جن وٽ آيو ۽ نهايت نماڻائي سان عرض ڪرڻ لڳو ته منهنجي حاجت روائي ڪريو. چو ته آءٌ ڏاڍو مجبور ٿي پيو آهيان. خدارا منهنجي مدد ڪريو. پاڻ ڪجهه دير ڪانپوءِ ان شخص کي مخاطب ٿي چوڻ لڳا ته اچ ته تنهنجي مدد ڪريون. انهيءَ دم وحي نازل ٿيو ۽ خدا تعاليٰ جي درگاه مان عتاب ڪٺي آيو ته اي محمد ﷺ اهو شخص ڪنهن ڪم لاءِ آيو ۽ تو انهيءَ وقت اتي فوراً هن جي مدد نه ڪئي. بلڪ هن جي مدد ڪرڻ ۾ دير ڪيئي. انهيءَ عرصي اندر هن شخص جي دل ۾ وسوسو ۽ سوچ پيدا ٿي ۽ سندس دل ۾ ڏک ٿيو ته الائجي چو دير ڪئي اٿن ۽ الائجي ڪهڙو جواب ڏيندا. جيڪڏهن اها تصير ڪنهن

ٻئي پيغمبر کان سرزد ٿئي ها تہ (189) جيڪر ان کان پنهنجي دوستيءَ جي خلعت واپس وٺون ها ۽ ان کي اهڙيءَ طرح جدائي جي جنجال ۾ وجهون ها.

اها حڪايت بيان ڪري حضرت جن چوڻ لڳا تہ جڏهن ڪان مون اهو واقعو ٻڌو آهي، تڏهن کان سوچيندو آهيان تہ جيڪڏهن ڪو مون کان اهو سوال ڪري تہ سندس ڏندڻ ڪانهري ٻيلي ۾ رهجي ويو آهي ۽ اهو آڻي ڏي. تہ جيڪر آءٌ انهيءَ ۾ هرگز دير نہ ڪريان. بلڪ فوراً روانو ٿيان. ڀوءِ جيستائين هلي سگهجي يا پهچي سگهجي.

شعلو: حضرت رسالت مآب ﷺ جن جڏهن معراج تي ٿي ويا ۽ هڪ هنڌ ريتيءَ جو هڪ وسيع درياءُ نظر آين. جبرئيل جيڪو ساڻن گڏ هو. تنهن کان پڇيائون تہ ان درياءَ جي انت جي ڪا توکي خبر آهي؟ هن جواب ڏنو تہ ان درياءَ جي نہ ابتدا جي خبر اٿم نہ انتها جي! البت ايترو ٻڌو اٿم تہ ان جي اونهائي ۽ وسعت هڪ هزار سالن جو مفاصلو آهي. ان ڪانپوءِ حڪم الاهي تحت ريت جو هڪ داڻو ڪڍي جبرئيل کين ڏيکاريو تہ ان هڪ داڻي اندر هن پوري ڪائنات جهڙي ٻي دنيا کين نظر آئي. آواز آيو تہ اي محمد ﷺ بيشڪ اسان هر داڻي اندر هڪ عالم تخليق ڪيو آهي ۽ تون بہ انهيءَ عالم اندر آهين. ان ڪانپوءِ پاڻ اجان مٿي عالم بالا طرف اُسهيا. تان جو اهڙي هنڌ پهتا جتان اڳتي هلڻ کان جبرئيل عاجزي ڏيکاري ۽ عرض ڪرڻ لڳو تہ جيڪڏهن هتان کان اڳتي وڌندس تہ سڙي خاڪ ٿي ويندس. پاڻ فرمايائونس تہ اسان سان هڪ قدم اڳتي هل. ليڪن انهيءَ هڪ قدم ۾ بہ ستر هزار سالن جو مفاصلو طي ڪري ورتائون. اتي وري جبرئيل عرض ڪيو تہ آءٌ هلڻ کان عاجز آهيان. جو هاڻ اهو سڀ ڪجهہ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. ليڪن آءٌ حيران آهيان تہ توهان کي واٽ جي ڪا خبر ڪونهي، پر توهان برابر (190) مٿي وڃي رهيا آهيو. ان تي پاڻ فرمايائون تہ برادر جبرئيل، جڏهن حڪم الاهي موجب تون عرش کان زمين طرف اچي رهيو هئين تہ تو واٽ تي ڪو لقاءُ ڏنو؟ جبرئيل ورائيو تہ انهيءَ دوران مون هڪ مور کي چار پيرا عالم بالا کان هيٺ ايندي ڏٺو ۽ وري مٿي پڻ ويندي ڏٺو. انهيءَ تي حضرت رسالت مآب ﷺ جن فرمايو تہ اهو مور آءٌ هئس. منهنجي آمدورفت پروردگار جي دربار ۾ ائين جاري آهي. جو مون دربار خداونديءَ ۾ عرض ڪيو تہ اي پروردگار آءٌ تنهنجي حڪم تي هر

وقت حاضر آهيان، پر منهنجو بہ سوال قبول ڪر. آواز آيو تہ جيڪي گهرندين سو ملندو. جڏهن جبرئيل عليه السلام حضور جن ڪان اهي ڳالهيون ٻڌا تہ بلڪل خاموش ٿي ويو ۽ ڪجهہ نہ ڪڇيو.

ان کان پوءِ رسول پاڪ ﷺ جن اڃا اڳتي وڌيا تان جو ذات خداونديءَ جي ايڏو نزديڪ آيا جيئن بصر جو ٻاهريون پردو. اتي وري آواز آيو تہ اي احمد مرسل! جيڪڏهن آءٌ گهران تہ اهو حجاب بہ هٽائي ڇڏيان. ليڪن اسين چاهيون ٿا تہ تون قيامت جي گهڙيءَ تائين ان روش تي قائم رهين ۽ ان جي پڇاڻي نہ ٿئي. اهو آواز جيڪو هينئر تون ٻڌين ٿو، تڏهن بہ تون ائين ٻڌندين ۽ اهو سلسلو ڪڏهن ختم نہ ٿئي.

شعلو: رسول الله ﷺ جي زماني جو قصو آهي. تہ ڪو سوداگر سفر تي ويل هو. هڪ ڏينهن ان جي زال خواب ڏٺو تہ سندس گهر جو ٿنڀو ڪري پيو آهي. جڏهن سجاڳ ٿي تہ ڏاڍو پريشان ٿي ۽ اها ڳالهہ ڪنهن سان نہ ڪيائين. سڌو پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ اچي خواب واري سڄي حقيقت بيان ڪري ٻڌايائين ۽(191) عرض ڪيائين تہ ان خواب جي تعبير ٻڌايو. پاڻ چيائونس تہ تنهنجو مڙس سفر تي ويل آهي، پر اهو سلامتيءَ سان موٽي ايندو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ اهو سوداگر واقعي سفر تان صحيح سلامت واپس آيو. وري پيهر اهو سوداگر ساڳيءَ ريت سفر تي ويو ۽ سندس گهر واري ساڳيو خواب لڌو. هينئر وري اها عورت پاڻ سڳورن وٽ آئي ۽ ساڳي ڳالهہ بيان ڪيائين. پاڻ ڪيس تسلي ڏنائون تہ سندس مڙس خيريت سان واپس ايندو. ان کانپوءِ ٽيهر اهو ساڳيو سوداگر سفر تي روانو ٿيو ۽ جوڻس ساڳيو خواب لڌو. يعني پنهنجي گهر جو ٿنڀو ڪريل ڏٺائين. ليڪن هن ڀيري عورت دل ۾ سوچڻ لڳي تہ بہ دفعا رسول خدا کان ان خواب جو تعبير معلوم ڪيو اٿم. هينئر ڪنهن ٻئي کان ٿي پڇان. اهو سوچي هوءَ ڪنهن ٻئي شخص وٽ آئي ۽ ان کي پنهنجي خواب جي ڳالهہ ڪري ٻڌايائين. انهيءَ شخص اهو تعبير ڪري ٻڌايس تہ تنهنجو مڙس زنده سلامت ڪونہ موٽندو. عورت جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي تہ دل جي سور وچان لڇندي اچي پاڻ سڳورن وٽ حاضر ٿي ۽ دانهون ڪري چوڻ لڳي تہ سائين مون ٽيون ڀيرو بہ اهو ساڳيو خواب ڏٺو آهي. ان جي تعبير ڪريو. رسول پاڪ ﷺ جن سائس مخاطب ٿي پڇيو تہ ڪنهن ٻئي کان ان خواب جو تعبير

معلوم ڪيو ائٽي ڇا؟ عورت هائوڪار ڪئي. پڇيائونس ته ان ڇا چيو؟ عورت ٻڌايو ته چوي ٿو ته منهنجو مڙس زنده سلامت نه ايندو. اهو ٻڌي پاڻ به چيائون ته ها واقعي ائين ٿيندو. چون ٿا ته ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ اها خبر آئي ته اهو سوداگر واقعي هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. **ڪل نفس ذائقة الموت** يعني هر نفس کي موت جو ذائقو چکڻو آهي.

شعلو: هڪ ڏينهن رسول پاڪ ﷺ جن واٽ وٺيو پئي(192) ويا ته هڪڙو شخص گڏين جنهن کي مٿي تي ڪاٺين جي ڀري هئي. اهو شخص پاڻ سڳورن کي نه سڃاڻندو هو, سو ڇا ڪيائين جو اها ڪاٺين جي ڀري ڪٽي حضور پاڪ جي مٿي تي رکيائين ته جيئن ڪيس اها گهر تائين ڪڻائي هلن. اڃان ٿورو اڳتي مس هليا جو هڪ ٻيو شخص جيڪو پاڻ سڳورن کي سڃاڻيندو هو, رستي ۾ ملين. انهيءَ شخص هن ڪاٺين واري کي چيو ته اي بيعقل ڇُسا انسان, هي ته خدا جو رسول ﷺ ۽ حبيب آهي, جنهن جي مٿي تي تو پنهنجي ڪاٺين جي ڀري رکي آهي. اهو ٻڌي اهو شخص ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ ٻئي هٿا گڏجي پاڻ سڳورن ڪان معافي گهرڻ لڳا. خاص ڪري اهو ڪاٺين وارو شخص چوڻ لڳو ته مون پاڻ سڳورن کي نه سڃاتو, جنهن ڪري اها گستاخي ڪئي اٿم. هاڻي اها ڀري واپس ڏيو. انهيءَ تي پاڻ فرمايائون ته اسين انهن ماڻهن مان نه آهيون جيڪي ڪم اڌ ۾ ڇڏي ڏين. آخر پاڻ سڳورن اها ڪاٺين جي ڀري انهيءَ شخص جي گهر آڻي پهچائي ۽ واٽ تي ان کي هٿ لائڻ به نه ڏنائون.

شعلو: هڪ ڏينهن پيغمبر عليه الصلواة والسلام سان گڏ پاسي ۾ حضرت علي ڪرم الله وجه به ويٺو هو جو جبرئيل عليه السلام جو اچڻ ٿيو. اڃا جبرئيل خدمت ۾ اچي مس ويٺو جو حضرت علي رضي الله عنه جي مٿس نظر پئي. نظر پوڻ شرط جبرئيل ان هنڌ بيهوش ٿي ڪري پيو. ٿوري دير ڪانپوءِ جڏهن هوش ۾ آيو ته پاڻ سڳورن مخاطب ٿي پڇيس ته ڪهڙي سبب بيهوش ٿي وئين؟ جبرئيل جواب ڏنو ته هن ڪان هڪ دفعو اڳ به اهڙي حالت مان گذريو آهيان. پڇيائونس ته اهو ڪيئن؟ جبرئيل چوڻ لڳو ته ڪو وقت هو جڏهن خدا تعاليٰ مون ڪانسواءِ اڃا ٻيو ڪو ملائڪ پيدا نه ڪيو هو ۽ آءٌ آسمانن جو سير ڪري رهيو هوس. جڏهن چوٿين آسمان تي پهتم ته اتي هڪ اڻ ڪٽ درياءَ ڏٺم

جنهن ۾ هن نينگر جهڙي صورت واري غسل ڏني ڪيو ۽ ان وقت هو پنهنجي مٿي کي مهٽي صاف ڪري رهيو هو (193) پر جڏهن سندس نظر منهنجي مٿان پئي ته بيهوش ٿي ڪري پيس. اڄ هي ٻيو دفعو اٿين ٿيو آهي. اهو ٻڌي شرط پاڻ سڳورن فرمايو ته اهو غسل ڪرڻ وارو انسان حضرت علي رضي الله عنه هو.

شعلو: هڪ دفعي حضور پاڪ صحابين سان گڏ ويٺا هئا جو جبرئيل اچي حاضر ٿيو. سندس هٿ ۾ پکي ۽ هڪ ڪاتي هئي. چوڻ لڳو. يارسول الله، خدا تعاليٰ فرمايو آهي ته هن پکيءَ کي انهيءَ ڪاتيءَ سان اهو شخص حلال ڪندو جيڪو خدا تعاليٰ کي چڱيءَ پر سڃاڻي ٿو. پاڻ سڳورن ته ان پکيءَ ۽ ڪاتيءَ کي هٿ نه لاتو. البت حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ڏانهن ڏسڻ لڳو. پر هن ڪو ارادو نه ڏيکاريو. ان ڪانپوءِ حضرت عمر رضي الله عنه ڏي اشارو ڪيائون. ليڪن هو به اڳتي ڪونه وڌيو. وري جڏهن حضرت عثمان رضي الله عنه جو وارو آيو ته هن پڻ ڪهڻ جو ڪو خيال نه ڏيکاريو. آخر ۾ جڏهن حضرت علي رضي الله عنه جو وارو آيو ته هن فوراً اها ڪاتي کڻي پکيءَ کي حلال ڪيو. اهو ڏسي سڀ حيران ٿيڻ لڳا. ايتري ۾ آواز آيو ته اي منا مرسل. اسان جي سڃاڻڻ جو جيستائين تعلق آهي ته اهو حق علي رضي الله عنه ادا ڪيو آهي!

شعلو: امت محمدي جي ڪن بزرگن آسمان ۾ وڃي پنهنجا حجرا اڏيا هئا ۽ اتي ويهي خدا کي ياد ڪندا هئا. پر هر وقت خدا کان سوال ڪندا هئا ته اي خداوند. اسان کي پنهنجي پيغمبر جو ديدار ڪراءِ! خداوند تعاليٰ پڻ انهن جي سوال کي قبوليت بخشي هئي ته توهان کي پنهنجي پيغمبر جو ديدار نصيب ٿيندو. آخر جڏهن پيغمبر عليه الصلواة والسلام معراج واري رات قرب الاهي ۾ ٿي ويا ۽ انهن حجرن وٽان اچي گذريا ته حڪم آيو ته (194) انهن حجرن طرف وڃن. پاڻ ڪريم جن حجرن وٽ پهچي ڪڙو کڙڪايو. اندران آواز ته در ڪير ٿو کڙڪائي؟ پاڻ فرمايائون ته خاتم الانبيا ۽ پيغمبرن جو سردار. انهن لفظن ٻڌڻ کانپوءِ خاموشي ٿي وئي ۽ دروازو نه کليو. انهيءَ تي پاڻ سڳورا حيران ٿيا ته ڇا ماجرا آهي؟ جبرئيل عليه السلام چوڻ لڳو ته تواضع منجهان جواب ڏيو ته دروازو کلندو. پاڻ وري دروازو کڙڪايائون ته وري آواز آيو ته ڪير آهي؟ هينئر پاڻ جواب ڏنائون ته **خادم الفقراءِ**. انهيءَ آواز تي دروازو

ڪليو ۽ سڀ آنحضرت ﷺ جن جي ديدار سان مشرف ٿيا ۽ سندن هٿ چمڻ لڳا ته جيئن پاڻ ويهن. اتي جبرئيل عليه السلام ان جو هڪ داڻو ڪڍي حضرت جن جي طرفان انهن بزرگن لاءِ مهماني طور پيش ڪيو. پاڻ سڳورن پاڻيءَ سان ڀريل برتن گهرايو ۽ ان ۾ اهو داڻو مهٽي ڪٽي وڌائون. ٿوريءَ دير ۾ اهو داڻو پاڻي ۾ ملي هڪ ٿي ويو ۽ پوءِ انهيءَ پاڻي منجهان سڀني کي ڍڪ ڍڪ پياريائون. اهو ڏسي اهي بزرگ چوڻ لڳا: "صدقتَ يا رسول الله صدقت يا حبيب الله انت خادم الفقراء" يعني اي خدا جا رسول ﷺ تون سچو آهين. اي خدا جا حبيب تون سچو آهين. تون واقعي خادم الفقراء آهين".

شعلو: روايت آهي هڪ ڏينهن اميرالمؤمنين عمر خطاب رضي الله عنه حضور ﷺ جن جي پٺيان نماز پئي پڙهي. جڏهن فارغ ٿيا ته پاڻ سڳورن ڪانئس پڇيو ته اي عمر، تو اسان وانگر نماز پڙهي؟ اهو ٻڌي عمر رضه حيران ٿي چوڻ لڳو ته (195) يا رسول الله، توهان جهڙي نماز پڙهڻ جي ڪنهن کي طاقت آهي. انهيءَ تي پاڻ فرمائڻ لڳا ته جيڪو شخص پنهنجي نماز ۾ هيءَ دعا پڙهندو ته ان چڻ مون جهڙي نماز پڙهي: **استغفرالله ربي من كل ذنب اذنبته عمداً اوخطا اوسراً اوعلانية لواتوب اليه من الذنب الذي اعلم ومن الذي لا اعلم وانت علام الغيوب ولاحول ولا قوة الا بالله العلي العظيم:** "اي منهنجا رب، مون کي بخش ڪر اهي سڀ گناهه جيڪي مون ڄاڻي ٻجهي يا وِسر ۾ ڪلم ڪلا يا ڳجهه ڳوهه ۾ ڪيا آهن. مان تنهنجي آڏو توبه ڪيان ٿو انهن سڀني ڏوهن کان جن جي مون کي ڄاڻ يا خبر آهي ۽ انهن ڏوهن کان به جن جي مون کي خبر ناهي. بيشڪ تون غيب جو زبردست ڄاڻندڙ آهين. تو کان سواءِ هيٺ مٿي ۽ چوگرد ٻي ڪا قوت ناهي. بيشڪ الله جي ذات تمام وڏي ۽ عظمت واري آهي."

شعلو: جڏهن ڪعبة الله جڙي راس ٿيو ته ان جي وچ تي جيڪو ٿنڀو بيهاريائون ته اهو ماپ کان ڪجهه وڏي ويو. چو ته ان کي پوريءَ ريت نه ڪاٽيو هٿائون. انهيءَ وقت جبرئيل عليه السلام حضرت رسول پاڪ ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته خداوند تعاليٰ جو فرمان آهي ته انهيءَ وڌيل ٿنڀي جي چوٽي کي وڍي ان مان ڪاسو ناهي حضرت علي رضي الله عنه حوالي ڪريو ته جيئن ان ۾ فقيرن لاءِ گدائي جو سامان ڪٺو ڪن.

شعلو: حضرت موسيٰ عليه السلام کي حڪم پهتو تہ حضرت يوسف عليه السلام جو تابوت جيڪو نيل ندي ۾ ڪٿي پوريل آهي ان کي ڪڍي بيت المقدس ۾ وڃي نئين جاءِ تي رکو. حضرت موسيٰ عليه السلام (196) پڇائون ۽ ڳولا ڪرڻ شروع ڪري ڏني تہ اها لاش واري صندوق ڪٿي دفن ٿيل آهي. آخر گهڻي وقت ۽ پڇائڻ کان پوءِ هڪ پوڙهي بيواهہ عورت جنهن کي اها خبر هئي تنهن ٻڌايس تہ فلاڻي جڳهہ تي پوريل آهي. حضرت موسيٰ عليه السلام اها صندوق ڪڍرائي بيت المقدس ڏانهن روانو ٿيو. جڏهن واٽ تي مصر جي شهر ۾ داخل ٿيا ۽ هڪ وڏي دروازي منجهان گذري رهيا هئا تہ اوچتو اها صندوق ماٿهن جي ڪلهن تان هيٺ ڪري پئي ۽ ٽڪرا ٽڪر ٿي پئي. حضرت موسيٰ عليه السلام ڏاڍو پريشان ٿيو تہ ايتري ۾ آواز آيو تہ اي موسيٰ، حضرت يوسف عليه السلام مصر جو بادشاهہ ٿي گذريو هو تنهن ڪري آخر تائين سندس دماغ ۾ اها ڳالهہ ويٺل هئي. پر هينئر تون سندس لاش کي پيءُ ڏاڏي جي قبرستان ۾ ڪٺي ٿي وئين جيڪي اصل فقير ۽ اهل فقر جا هئا. انهيءَ دروازي وٽ جتي حضرت يوسف عليه السلام جو هاٿي سر ٽڪرايو آهي، اتي جڏهن پاڻ بادشاهہ هو تہ بہ خلق خدا جي سندس آڏو ڪنڌ جهڪائي داخل ٿيندي هئي. جڏهن تہ پاڻ حضرت يوسف عليه السلام شاهي دربار ۾ مٿي تخت تي ڪنڌ مٿي ڪري ويهندو هو. انهيءَ واقعي جو مطلب آهي تہ بادشاهيءَ وارو هر خيال سندس ذهن تان مٿجي وڃي ۽ انهن اهل فقر جهڙو ٿئي، جيئن سندس ابا ڏاڏا هئا.

شعلو: خدا تعاليٰ آدم عليه الصلواة والسلام کان اڳ ٻارهن هزار آدم پيدا ڪيا هئا. ڪن بہ ٻن جي وچ ۾ ٻارهن هزار سالن جو عرصو هوندو. مطلب تہ جڏهن هڪڙو آدم هتان موڪلائيندو هو تہ ان کان پوءِ ٻي جي اچڻ جو مدو ٻارهن هزار سال ٿي ويندو هو. اهڙي طرح هڪ آدم جي وڃڻ کانپوءِ ان جو اولاد ٻارهن هزار سالن تائين مٿي رهيو. آخر حضرت آدم عليه السلام مان اهڙو نسل پيدا ڪيائين. جنهن جو حساب ڪونهي ۽ اهو پورو نسل ست هزار سالن ۾ ظاهر ٿيو. (197)

شعلو: هڪ ڏينهن حضرت موسيٰ عليه السلام خدا جي درگاهہ ۾ ٿي ويو تہ واٽ تي هڪ جوان نظر آيس. جيڪو هڪ عاليشان محل جي باغيچي ۾ عبادت ڪري رهيو هو ۽ خدا جي يادگيريءَ ۾ مشغول هو. حضرت موسيٰ جي

سلام تي هن جواب ڏنو پر ڇوڻ لڳو تہ اي موسيٰ جڏهن خدا جي درگاهہ ۾ وڃين تہ منهنجي باري ۾ دعا ڪجانءِ تہ خدا تعاليٰ پنهنجي محبت جو قطرو نصيب ڪري. حضرت موسيٰ عليہ السلام اها ڳالهہ مڃي اڳتي وڌيو. پر جڏهن خدا جي درگاهہ ۾ پهتو تڏهن ذوق ۽ شوق وچان اها فرمائش وسري ويس. الله تعاليٰ فرمايس تہ منهنجي دوست جو نياپو تہ وساري ڇڏيئي. چيائين تہ خداوندا تون بهتر ٿو ڄاڻين. حضرت موسيٰ عليہ السلام ساڳي جڳهہ تان اچي گذريو. ڏٺائين تہ اهو محل اُجڙ ٿيو پيو آهي، باغيچو سڪي ويران ٿي ويو آهي. اجان وڌيڪ حيران ٿيو جڏهن ان نوجوان کي بہ اُتي نہ ڏٺائين. ڪجهہ مفاصلو طئي ڪرڻ کانپوءِ ڇا ڏسي تہ اهو شخص بيهوش ۽ بي خبر زمين تي هيٺ ڪريو پيو آهي. ايتري قدر جو پنهنجي وجود جي بہ ڪا خبر ڪونہ اٿس. بلڪ ٻئي اکيون آسمان ۾ ڪتل هيس ۽ سندس جسم تي ڪيڙا پئي گهميا. حضرت موسيٰ عليہ السلام پريشان ٿي عرض ڪرڻ لڳو: يا خدا، اڳئين حالت ۾ جڏهن عبادت ٿي ڪيائين، تڏهن گهڻو بهتر هو. آواز آيو تہ اي موسيٰ عليہ السلام جنهن کي پنهنجي محبت جو قطرو چکائيندا آهيون تہ ان جو (198) اهڙو حال ٿيندو آهي. ان وقت جڏهن باغيچي ۾ عبادت ٿي ڪيائين تڏهن ڪيس محبت حاصل نہ ٿي هئي.

[88]

سڄڻ ساعت هڪڙي، جي ٿئي اکيئون ڏار،
تہ ڪر سڀ ڄمار، ڏنوسين نہ ڪڏهين.

[سڄڻ جيڪڏهن رڳو هڪڙي گهڙي اکين کان پري ٿو ٿئي تہ ايئن ٿو لڳي تہ ڄڻ سڄي عمر ڪيس نہ ڏٺو هجي.]

[89]

هنيون نہ حاضر جن، پرين نہ اکڙين ۾،
ٺلا ڍانڍا سڪڻا، هونئن جاڙ جين.

[جن جي دل حاضر نہ آهي ۽ پرين اکين ۾ نہ اٿن. اهي خالي، سڪڻا ۽ بيڪار آهن، تن جو جيئڻ اجايو آهي.]

شعلو: خداوند تعاليٰ حضرت دائود عليہ السلام کي فرمايو: "**أريد او تريد لايڪون الاما اريد**" يعني آءٌ گهران يا تون گهرين، ليڪن ٿيندو اهو جو آءٌ گهرندس."

شعلو: هڪ ڏينهن حضرت موسيٰ عليه السلام خدا جي درگاهه ۾ وڃي رهيو هو تہ رستي تي هڪ درويش گڏيس. اهو درويش حضرت موسيٰ عليه السلام کي عرض ڪرڻ لڳو تہ اي خدا جا پيغمبر جيڪڏهن خداوند تعاليٰ جيڪو هر شيءِ تي ڪامل قدرت وارو آهي، جي دربار ۾ پهچين تہ منهنجي لاءِ سوال ڪجانءِ تہ آءٌ خدا جي دربار ۾ مقبول آهيان يا مردود! حضرت موسيٰ عليه السلام جڏهن دربار خداوندي ۾ پهتو تہ الاهي تجليءِ سبب انهيءَ ڳالهه جو هوش نہ رهيس ۽ بلڪل پلجي ويو. آواز آيو تہ اي موسيٰ فلاڻي درويش جو نياپو وسري ويئي. جواب ڏنائين تہ تنهنجي ذات بهتر ڄاڻي ٿي. حڪم آيو تہ ان درويش کي ٻڌائجان تہ هو مردودن ۾ شامل آهي. اهو ٻڌي حضرت موسيٰ عليه السلام سخت حيران ٿيو تہ ايڏي عبادت باوجود ڪين مقبوليت حاصل نہ ٿي. واپسيءَ ۾ ان درويش سان ملاقات ٿيس پر اهو جواب ان کي نہ ٻڌايائين. انهيءَ تي درويش چيس تہ جيڪو ٻڌو اٿئي اهو چئي ڏي وڌيڪ خيال نہ ڪر. (199)

آخر حضرت موسيٰ عليه السلام ٻڌايس تہ تون مردودن منجهان آهين. درويش اهو ٻڌي پڻ خوش ٿيڻ لڳو. جنهن تي حضرت موسيٰ عليه السلام وري تعجب ۾ پئجي ويو. درويش چيس انهيءَ ڪري خوش ٿو ٿيان تہ مون کي ياد تہ رکي ٿو. باقي مقبول يا مردود. انهيءَ سان منهنجو ڪهڙو واسطو. چو تہ جيڪي ڪري ٿو. اهو سڀ پاڻ ڪري ٿو.

شعلو: حضرت عيسيٰ عليه السلام کي جڏهن چوٿين آسمان تي مقام مليو تہ ان وقت سندس پيراهڻ يا چولي ۾ چار سئو پيوند يا ٽڪڙيون لڳل هيون. خداوند تعاليٰ پڇيس تہ اي عيسيٰ! توکي خبر آهي تہ اهو مقام توکي ڪيئن مليو؟ عرض ڪيائين تہ خداوند تعاليٰ تون بهتر ڄاڻين ٿو. آواز آيو تہ هتي توکي ڪا عبادت نہ وني آئي آهي، بلڪ ان جو سبب اهي چار سو پيوند آهن. جيڪي تنهنجي چولي ۾ لڳل آهن. انهيءَ ڪري توکي چوٿين آسمان تي مقام مليو آهي. پر جيڪڏهن تنهنجي چولي ۾ پنج سئو پيوند هجن ها، تہ توکي پنجين آسمان تي ۽ جيڪڏهن ڇهہ سئو پيوند هجن ها تہ ڇهين آسمان تي مقام ملي ها.

شعلو: روايت آهي تہ جڏهن حضرت موسيٰ عليہ السلام فرعون جي لشڪر تي فتحياب ٿيو تہ سندس ساٿين عرض ڪيو تہ هاڻي جڏهن خداتعاليٰ توهان تي پنهنجو فضل ڪيو آهي تہ اسان کي فرعون ۽ سندس ساٿين جا خزانا، محل ۽ باغات هلي ڏيکاريو. انهن جي چوڻ تي حضرت موسيٰ عليہ السلام گهوڙي تي سوار ٿي سندن وچ ۾ اچي بيٺو. ان تي ساٿين عرض ڪيو تہ بادشاهہ کي لشڪر جي وچ ۾ بيهڻ مناسب نہ آهي. پاڻ گهوڙو ڊوڙائي (200) اچي لشڪر جي منڍ ۾ بيٺا. وري هنن عرض ڪيو تہ بادشاهہ کي انهيءَ هنڌ تي بہ بيهڻ نہ گهرجي. پاڻ وري سڄي طرف وڃي بيٺا تہ هنن وري ساڳئي قسم جي ڳالهہ ڪئي. آخر ۾ وري لشڪر جي پوئين طرف اچي بيٺا، تڏهن بہ چيائون تہ حضرت جن لاءِ اها جاءِ بلڪل مناسب ڪونهي. حضرت موسيٰ عليہ السلام پريشان ٿي پڇيو تہ آخر ڪٿي بيهان. جتي تو وڃان ٿو چئو ٿا اها مناسب جڳهہ ناهي.

اها حڪايت بيان ڪري حضرت جن چوڻ لڳا تہ خلق خدا جي ڳالهين کان ماڻهو ڪڏهن بہ آجو ٿي نٿو سگهي.

شعلو: حضرت نوح عليہ السلام جي زماني ۾ جڏهن خدا تعاليٰ کي جيڪو ڪمال قدرت وارو آهي، هن جهان کي نابود ۽ غرق ڪرڻو هو تہ حضرت نوح عليہ السلام دعا گهري. اي خداوندا، تو مون سان وعدو ڪيو هو تہ منهنجي اهل اولاد کي پناهہ ۾ رکندين، هينئر منهنجي پٽ کي انهيءَ مصيبت مان نجات ڏي. آواز آيو تہ اي نوح پنهنجي پٽ جي باري ۾ سوال ڪندين تہ تون بہ ظالمن مان ٿي پوندين. اهو ٻڌي حضرت نوح عليہ السلام خاموش ٿي ويو ۽ وري ڪجهہ نہ ڪڇيو. بلڪ دل ۾ پشيمان ٿيو تہ اهڙو سوال ڇو ڪيم.

شعلو: حضرت آدم عليہ السلام کي جڏهن ڪڻڪ جي داڻي کائڻ جي پاداش ۾ هيٺ زمين تي آندو ويو تہ هر وقت روئيندو رهيو ۽ اها دعا ٿي گهريائين: **ربنا ظلمنا انفسنا و ان لم تغفرلنا و ترحمنا لنکونن من الخاسرين** (201). (اعراف: 23) "اي اسان جا رب، اسان پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪيو ۽ جيڪڏهن تون اسان کي نہ بخشيندين ۽ رحم نہ ڪندين تہ اسان ضرور نقصان پائيندا سون." انهن الفاظن کان پوءِ خدا تعاليٰ آدم کي مخاطب ٿي چيو تہ اي آدم ظلم جي نسبت تون پاڻ ڏانهن ڪرين ٿو جهڙوڪ اهو گناهہ تو ڪيو آهي! آدم عرض ڪيو تہ مالڪ ڄاڻان ٿو، پر نٿو چوان. آواز آيو صحيح ٿو چئين ۽ ائين ئي چئج.

شعلو: هڪ ڏينهن حضرت سليمان عليه السلام وٽ ٻه شخص پنهنجي حاجت واسطي آيا. هڪڙو پاڻ سان تحفي طور ڏنڊڻ ڪٺي آيو ۽ ٻيو خالي هٿين آيو. ٻنهي پنهنجو عرض پيش ڪيو. حضرت سليمان عليه السلام خدا جي درٻار ۾ عرض ڪيو ته خداوندا منهنجي دل ۾ ان شخص واسطي جنهن ڏنڊڻ تحفي طور آندو آهي، هن ٻي شخص جي مقابلي ۾ گهڻو خيال آهي، هاڻي جيڪڏهن واقعي منهنجي دل ۾ اهو خيال اچي ويٺو آهي ته تون ٻنهي جون حاجتون پوريون ڪر. ان ڪانپوءِ ٻنهي جون حاجتون في الفور پوريون ٿيون.

شعلو: هڪ ڏينهن حضرت سليمان عليه السلام، آصف بن برخيا ۽ بيبي بلقيس هڪ هنڌ ويٺا هئا ته هڪ عورت پنهنجو ڪچو چاول ٻار جنهن جي اڃان پوري شڪل صورت نه نهي هئي ڪٺي اچي حاضر ٿي. حضرت سليمان عليه السلام ان عجيب صورت کي ڏسي حيران ٿي ويو ۽ پنهنجي ساٿين ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳو ته اچ اسان جي دل ۾ جيڪي ڪجهه آهي، اهو سچي نيت سان بيان ڪريون. شايد انهيءَ سچ جي برڪت سببان خدا تعاليٰ هن بيصورت کي صورت بخشي. ٽنهي اها ڳالهه قبول ڪئي. سڀ کان پهرين حضرت سليمان عليه السلام چوڻ لڳو ته خداوندا. جڏهن به مون وٽ ڪي ٻه چٽا ايندا آهن ۽(202) هڪ چٽو ڪا سوکڙي ڪٺي ايندو، پوءِ ٻيو خالي هٿين ايندو آهي ته مان پهريين کي مانُ ڏيندو آهيان . جيڪڏهن مون اهو سچ ڳالهايو آهي ته پوءِ ٻي صورت کي صورت بخش. ان کان پوءِ واقعي انهيءَ بيصورت جسم جو ٽيون حصو صورت ۾ اچي ويو. آصف برخيا چيو ته خداوند جيڪڏهن منهنجي دل ۾ اها تمنا سچي آهي ته حضرت سليمان عليه السلام کان پوءِ آءٌ بادشاهه ٿيان ته انهيءَ سچائي ڪري هن بيجان کي جان عطا ڪر. ان ڪانپوءِ انهي جسم جو وڌيڪ ٽيون حصو صورت ۾ اچي ويو. آخر ۾ بيبي بلقيس چيو ته يا الاهي، جڏهن آءٌ ڪو مرد پري کان ڏسندي آهيان ته منهنجي دل ۾ جيڪا آرزو پيدا ٿيندي آهي، اها ڳالهه جيڪڏهن سچي آهي ته هن بي روح ۾ روح ڦوڪ. ان ڪانپوءِ واقعي اهو بي صورت جسم مڪمل صورت وٺي بيٺو ۽ منجهس زندگيءَ جي لهر داخل ٿي وئي.

شعلو: جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو ۽ جڏهن الاهي حڪم سان مردا

قبرن مان زنده ٿي اٿندا ۽ سڀ سوال جواب ۽ حساب ڪتاب ۾ عاجز هوندا تہ اهڙيءَ مهل هڪ جماعت پري ڪان پنهنجي سوارين تي نظر ايندي. انهن جماعت وارن جي جڏهن هن پريشان حال ماڻهن تي نظر پوندي تہ هڪڙو انهن مان وڏي اڇي انهن کان پڇندو تہ هي ڪير آهن. آخر انهن جو اهو حال ڇو ٿيو آهي ۽ ايڏي تڪليف ۾ ڇو آهن؟ آواز ايندو تہ اهي ماڻهو اهي آهن. جن دنيا ۾ پنهنجي زندگي اهل عيال ۽ مال متاع جي فڪر ۾ گذري ۽ خدا جي عبادت پنهنجي مقصد ۽ اُجوري خاطر ڪندا هئا. انهيءَ ڪري هاڻي حساب ڪتاب ۾ مبتلا آهن. جڏهن اهو جواب ٻڌندو تہ موٽي اچي پنهنجي ٻين ساٿين کي ٻڌائيندو تہ روز قيامت برپا ٿي(203) چڪو آهي ۽ خدا تعاليٰ پاڻ قاضي ٿي خلق کان حساب ڪتاب ٿو وٺي. جيئن ئي جماعت وارا اهو سندن ٻڌندا تہ پنهنجن گهوڙن کي تيز هڪلي روانا ٿي ويندا ۽ چوندا تہ ويران زمين تي کهڙي ڊل. اها ڳالهہ بيان ڪري حضرت جن فرمايو تہ اها جماعت انهن ماڻهن جي هئي، جيڪي خدا تعاليٰ کي سندس راضپي خاطر ياد ڪندا هئا ۽ نہ ڪنهن شفقت ڪرامت واسطي!

شعلو: هڪ ڏينهن حضرت جبرئيل عليہ السلام جي نظر حور جي ڏند تي پئجي وئي. ان جي چمڪ ڏسي پانيائين تہ خدا جي نور جو تجلو آهي. انهيءَ بيهوشيءَ جي حالت ۾ ان کي سجدو ڪرڻ لڳو تہ ايتري ۾ اها حور اٿي اچي مٿان بيٺس ۽ چوڻ لڳي تہ اهو سڀ ڪجهہ انهن لاءِ آهي، جيڪي ڪفر جي حالت تي قائم آهن. اهو ٻڌڻ ڪانپوءِ وڃي جبرئيل پنهنجي پوري هوش حواس ۾ آيو. اها ڳالهہ ڪري حضرت جن چوڻ لڳا تہ طالب کي ڪڏهن بہ ڪنهن شيءِ تي فريفتہ ٿيڻ نہ کپي. مبادا اهو مڪر خدا جي طرفان هجي. ڇو تہ قرآن ۾ **والله خيرالماڪرين** (الله بهترين تدبير ڪندڙ آهي.) وارد ٿيو آهي.

شعلو: جڏهن بهشت ۾ داخل ٿيندا ۽ دوزخ وارا دوزخ ۾ تہ خدا تعاليٰ ملائڪن کان پڇندو تہ توهين ڇا ٿا ڏسو. هو چوندا تہ بهشت وارن کي بهشت ۾ ۽ دوزخ وارن کي دوزخ ۾ ٿا ڏسون. ڪجهہ مدت کان پوءِ وري ساڳيو خطاب ايندو تہ هاڻي ڇا ٿا ڏسو؟ ملائڪ عرض ڪندا تہ هينئر نہ بهشت نظر اچي ٿو ۽ نہ بهشت وارا. اهڙيءَ طرح نہ دوزخ ۽ نہ دوزخ وارا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. تڏهن آواز (204) ايندو "**الانسان سري وانا سره**" يعني: "انسان منهنجو ڳجهہ

آهي ۽ مان ان جو ڳجهه آهيان". اگ ۾ خيال هجي ته انهن کي ظاهر ڪريان پر هينئر اهو خيال آهي ته ان کي لڪايان.

شعلو: جڏهن اهل بهشت، بهشت ۾ هوندا ته ڪين سير لاءِ نڪرڻ جو حڪم ٿيندو. سڀ کان اڳتي انبيائن جا خيما هوندا، ان کان پوءِ اوليائن جا شاميانا ۽ پوءِ ٻين سيني جا هوندا. اهو سير جو سلسلو جو شروع ٿيندو ته ڪڏهن ختم نه ٿيندو. هر گهڙيءَ کانپوءِ هو ڪٿان نه ڪٿان پيا گذرندا ۽ اهڙيءَ طرح سير تفريح ۾ وقت ڪٽيندا. ائين گويا هو هميشه هميشه لاءِ ذات خداونديءَ جي سير ۾ مصروف گذاريندا.

شعلو: قيامت جي ڏينهن جڏهن ڪيترن شخصن کي حساب ڪتاب لاءِ خدا جي حضور ۾ پيش ڪيو ويندو ۽ ملائڪ انهن جي گناهن جي باري ۾ شاهدي ڏيڻ لڳندا ته هو عرض ڪندا ته اي مالڪ، "و پاڻ فرمايو هو ته ملائڪ انسان جا حاسد آهن، ۽ تنهنجي ۽ تنهنجي حبيب جي شريعت ۾ دشمن جي گواهي روا ناهي. ان کانپوءِ جڏهن انهن انسانن جا عضوا هٿ پير شاهدي ڏيڻ لڳندا، تڏهن وري هو عرض ڪندا ته اهي عضوا اسان سان شريڪ ڪار هيا ۽ شريڪ ڪار جي گواهي به شريعت محمدي موجب ناجائز ناهي. تڏهن وري خدا تعاليٰ چوندو ته مان پاڻ شاهد آهيان. انهيءَ تي اهي ٻانهيا عرض ڪندا ته بيشڪ اي اسان جا مالڪ، پر پاڻ جهڙو ٻيو شاهد آڻ، ڇو ته هڪ شاهد جي گواهي به شرع محمدي ۾ قابل قبول ڪونهي! (205)

فصل ٻيو

اڳين بزرگن ۽ ولين جون حڪايتون:

شعلو: واقف اسرار الاهي ۾ مقبول ابرار فريدالدين عطار رحمت الله عليه پنهنجي هڪ مناجات ۾ چيو آهي: اي خداوندا، ديندارن کي دين بخش ۽ ڪافرن کي ڪفر، پر مون کي درد دل جو ذرڙو عطا ڪر!

شعلو: هڪ ڏينهن مريدن مان ٻن ڄڻن پنهنجي پير کان پڇيو تہ خدا جو وصال ڪيئن حاصل ٿي سگهي ٿو؟ چيائون مرڻ ڪانپوءِ. اهو ٻڌي انهن مان هڪ ڄڻي اتي بيابان جي واٽ ورتي ۽ پاڻ سان اهڙي ڪٺي حالت ڪيائين جو جڏهن بہ سندس نفس ڪجهہ کائڻ جي خواهش ٿي ڪئي تہ جواب ۾ ٿي چيائين تہ چا مردو بہ ڪڏهن کائيندو آهي. مطلب تہ جڏهن بہ هن جي نفس اهڙي قسم جي خواهش ٿي ڪئي، تہ هن جو اهو ساڳيو جواب هو. اهڙيءَ طرح جڏهن چڱو خاصو وقت گذريو تہ ان شخص تي حقيقت حال جو اهو انڪشاف ٿيو ۽ کيس خدا جو وصال نصيب ٿيو. ان ڪانپوءِ هو موٽي پنهنجي پير جي مجلس ۾ آيو. اتفاق سان سندس ٻيو دوست انهيءَ ڏينهن بہ پير کان اهو ساڳيو سوال ڪرڻ لڳو. ان تي پير وراڻيس تہ تون اجا ٻيو سوال ڪرين. هوڏانهن جنهن منهنجي چوڻ تي عمل ڪيو، اهو واصل بالله ٿي ويو.

شعلو: هڪ ڏينهن سلطان العارفين بايزيد بسطامي سلطان التارڪين شيخ ابراهيم ادهم کي چيو تہ اڄ شام اسان وٽ روزو افطار ڪجو. هن اها دعوت قبول ڪئي ۽ افطار جي وقت اچي حاضر ٿيو. شيخ بايزيد انهيءَ وقت ڌڻيءَ جي درگاهہ ۾ هٿ کڻي طعام جي طلب ڪئي تہ فوراً طعام جا طبق اچي ويا، جيڪو ٻنهي ڄڻن ويهي کاڌو. موڪلائڻ وقت (206)ابراهيم ادهم وري بايزيد بسطامي کي عرض ڪيو تہ سڀاڻي اسان وٽ روزو چوڙجو. بايزيد قبول ڪيو ۽ مقرر وقت اچي حاضر ٿيو. ابراهيم ادهم پڻ خدا جي درگاهہ ۾ هٿ کڻي طعام لاءِ دعا گهري. بس پوءِ تہ دير ئي ڪو نہ ٿي ۽ ٿوري ويرم اندر طنبو طولان، شاميانا ۽ قناتون لڳي ويون ۽ زمين تي ڪيترن قسمن جا فرش وڇائجي ويا. ساڳئي وقت انهن شاميانن اندر سون ۽ چانديءَ جا برتن پڻ رکجي ويا ۽ قسمن قسمن جا طعام پڻ اچي رکيائون. ان ڪانپوءِ ٻنهي ڄڻن اتي

اهو طعام کاڌو. جڏهن کاڌو کائي بس ڪيائون تہ بايزيد مٿي منهن ڪري عرض ڪرڻ لڳو تہ خداوندا، جڏهن مون طعام جي درخواست ڪئي تہ فقط ٻنهي ڄڻن لاءِ مس پورو کاڌو عنايت ڪيئي. ليڪن ابراهيم ادهم کي ايتريون نعمتون! هاتفي آواز آيو تہ اي بايزيد، تون اسان جي راهہ ۾ جيڪي ڇڏي آئين، ان مناسبت سان توکي ڏنوسون. پر ابراهيم اسان جي واسطي بادشاهي ڇڏي آيو. تہ هن کي انهيءَ انداز سان عطا ڪيوسون.

شعلو: هڪ ڏينهن ڪر بادشاهہ شڪار خاطر هڪ طرف روانو ٿيو. حڪم ڪيائين تہ جنهن جي اڙو جيڪو شڪار نظر اچي تہ فقط ان جو شڪار ڪري ۽ ٻي جي ڪڏ نہ لڳي. اوچتو هڪ هرڻ سندس اڳيان اچي گذريو. بادشاهہ پنهنجو گهوڙو سندس پويان ڪٽي ڇڏيو. پر هرڻ اڳتي نڪري ويو ۽ بادشاهہ سندس پويان گهڻو پري جهنگ ۾ هليو ويو ۽ پنهنجي سائين کان جدا ٿي ويو. ائين هلندي هلندي ساٿو ٿي پيو. اتي اچ بہ اچي ڪيس گهڻو ستايو ۽ پاڻي جي پڇا پئي ڪيائين. پر ڪيس پاڻي ڪٿان بہ نٿي مليو. بلڪ انهن ماڻهن سمجهيو تہ هي بہ ٻين وانگر هڪ معمولي سپاهي آهي. تان جو سندس لشڪر وارن ڳولهي لڌس. بس ان ڪانپوءِ اهي ساڳيا ماڻهو ڦري آيس ۽ سندس وڏي تعظيم (207) ڪرڻ لڳا. جو محسوس ڪيائون تہ واقعي بادشاهہ آهي. فوري طور صاف ۽ ٿڌو پاڻي ڪٽي آڻي حاضر ڪيائون. اها حڪايت بيان ڪري حضرت جن فرمايو تہ ذڪر فڪر ڪانسواءِ ائين آهي. جيئن بادشاهہ لشڪر ڪانسواءِ!

شعلو: هڪ ڏينهن صاحب عزت و فضيلت، دين نبوي جي رونق، ذات صمد جو پسنديده، خدا جو برگزيده، مسلمانن جو امام يعني امام اعظم نعمان رضي الله عنه ڪنهن ڳالهہ تان پنهنجي گهر واريءَ سان ڪاوڙجي مسجد ۾ اچي ويهي رهيو. اها خبر وچي وقت جي حاڪم وٽ پهتي، جيڪو وري في الفور امام صاحب جي گهر پهچي ويو. چورائي موڪليائين تہ پردو ڪريو، چو تہ ڪجهہ چوڻو اٿم. آخر ائين ڪيائون ۽ پردي جي پٺيان ويهي امام صاحب جي گهر واريءَ سان مخاطب ٿيو ۽ چيائين تہ امام صاحب کي ڇو ڪاوڙايو اٿوَ؟ هو تہ انتهائي بزرگ قسم جي شخصيت آهي ۽ پنهنجي وقت جو ڏاهو انسان آهي. امام صاحب جي گهر واريءَ عرض ڪيو تہ اي وقت جا حاڪم، امام صاحب شريعت مطابق هلت نٿو ڪري؟ اهو ٻڌي حاڪم چيو تہ

اهو وري ڪيئن؟ عورت چيو تہ خدا تعاليٰ جو فرمان آهي تہ مون عورتن کي ڪبي پاسيءَ مان پيدا ڪيو آهي، پر امام سمجهي ٿو تہ آءٌ سڄي طرف جي آهيان ۽ انهيءَ مطابق هلان. اهو ٻڌي حاڪم سخت حيران ٿيو ۽ گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ عورت کان پڇڻ لڳو تہ اهو علم بہ تہ امام صاحب کان پرايو اٿئي يا پنهنجي پيءُ جي گهران سکي آئي آهين؟ اهي جملا عورت تي ڏاڍو اثرانداز ٿيا ۽ پنهنجي پشيمانيءَ جو اظهار ڪيائين ۽ چوڻ لڳي تہ مون واقعي غلطي ڪئي ۽ توبہ ٿي ڪريان. توهان هاڻي ڪيئن بہ ڪري امام صاحب کي مڃائي واپس گهر وني اچو. آخر اهو حاڪم پاڻ وڃي امام صاحب کي وٺي آيو. (208)

شعلو: چون ٿا تہ هڪ بزرگ وڏو عارف وقت هو ۽ جڏهن هو وعظ ڪندو هو تہ وقت جو بادشاھ ۽ ٻيا عالم ۽ معزز اچي مڙندا هئا. مطلب تہ سڀ ماڻهو ننڍا توڙي وڏا ڪانئس ڏاڍو متاثر هئا ۽ ساڻس ڏاڍي عقيدت رکندا هئا. ڪوبہ سندس ڳالهہ کي ٽاري نہ سگهندو هو. آخر انهيءَ بزرگ جي نفس ۾ وسوسو اچي وينو تہ آءٌ واقعي پهتل پانهو آهيان ۽ سڀ ماڻهو انهيءَ ڪري منهنجي عزت ڪن ٿا. هڪ ڏينهن بزرگ پنهنجي نفس جي انهيءَ چال کي سمجهي ويو ۽ نفس کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو تہ تو مون کي انهيءَ ڄار ۾ ڦاسايو آهي، هاڻي ڏس تہ آءٌ توسان ڇا ٿو ڪريان. هڪ ڏينهن جڏهن وعظ جي مجلس ختم ٿي تہ رات جو سڄو شهر جي مشهور رنڊيءَ وٽ اچي نڪتو ۽ ڪانئس پڇڻ لڳو تہ هڪڙي رات جو توکي ڪيترو اجورو ملي ٿو. ان عورت جيڪي پئسا ٻڌايا، ان جيترا بزرگ کيس ڏنا ۽ پنهنجو مصلو بہ سندس حوالي ڪيائين. وڌيڪ چيائينس تہ سڀاڻي جڏهن ڏينهن ٿئي ۽ آءٌ وعظ جي مجلس ۾ مشغول هجان ۽ گهڻا ماڻهو بہ ويٺل هجن تہ تون اتي اچي نڪرجانءِ ۽ اهو مصلو اڇلائي منهنجي منهن ۾ هڻجانءِ ۽ چئجانءِ تہ وٺ پنهنجو مصلو، جيڪو گذريل رات تو مون وٽ گروي رکيو هو. هاڻي مون کي پنهنجو معاوضو ڏي. سڀاڻي تي ان عورت ائين ڪيو ۽ جڏهن اهو بزرگ وعظ ۾ مشغول هو ۽ وقت جو بادشاھ ۽ ٻي خلق وٽس ويٺل هئي تہ مصلو اڇلائي سندس منهن ۾ هنيائين ۽ پنهنجو معاوضو گهرڻ لڳي. اهو ڏسي بادشاھ ۽ ٻيا سڀ ماڻهو ڏاڍو بدظن ٿيا ۽ ان بزرگ کي جيڪو مٿي تلهي تي چڙهي وعظ ڪري رهيو هو، لاهي

چڱي جڻ ڪيائونس ۽ جيڪا بيعزتي(209) ڪرڻي هين سان ڪيائونس. بلڪ سندس ڳچيءَ ۾ رسو وجهي سڄي شهر ۾ گهمايائونس ۽ آخر ۾ ملڪ نيڪالي به ڏنائونس. تڏهن ان بزرگ پنهنجي نفس کي مخاطب ٿي چيو ته تو مون کي گمراهه ٿي ڪيو. سو ان جي سيڪت توکي ملڻ گهربي هئي.

شعلو: هڪ ڏينهن ڪي عالم سڳورا وقت جي عارفه بيبي رابعه بصريءَ وٽ آيا ۽ چوڻ لڳا ته جيڪڏهن ڪو رڳو **لااله الا الله** ٿو چئي ۽ محمد رسول الله ﷺ نٿو چوي ته اهو ڪافر آهي. پر جيڪڏهن **لااله الا الله** محمد رسول الله ﷺ گڏ ٿا چئون ته جهڙوڪ شرڪ ٿا ڪيون. ان سلسلي ۾ توهان جي ڇا راءِ آهي؟ بيبي وراڻيو ته منهنجي خيال موجب محمد رسول الله پڻ **لااله الا الله** ۾ سمايل آهي، ڇو ته اهو غير ناهي. انهن عالمن کي اهو قول پسند آيو.

شعلو: هڪ درويش پنهنجي ڏاڙهيءَ کي ڦڻي ٿي ڏني ته خدا جي طرفان آواز آيس ته: اي درويش پنهنجي ڏاڙهيءَ جي سينگار ۾ رڌل آهين، منهنجي يادگيري ڪهڙي وقت ڪندين!

درويش اهو ڏوراپو ٻڌي ڦڻي کي هيٺ ڦٽو ڪيو ۽ پنهنجي ڏاڙهي کي هٿن سان پٽڻ شروع ڪيائين ته انهيءَ جي ڪري مون کي اهو ڏوراپو مليو آهي. اتي وري هاتفي آواز آيس ته اي درويش، يا ته ڏاڙهيءَ کي وڃڻ سينگارين يا وري وڃڻ ان کي پٽين. اسان جي يادگيريءَ جو وقت توکي ڪڏهن ملندو؟

شعلو: هڪ ڏينهن سلطان التارڪين، عارف رباني، عاشق صادق، محبت خداونديءَ ۾ درهم برهم شيخ ابراهيم ادهم رحمة الله عليه واٽ وٺي پئي ويو. اها (210) سياري جي سخت رات هئي. آخر سرديءَ کان لاچار ٿي هارون رشيد جي سراءِ ۾ گهڙي آيو ۽ اچي حمام جو پاسو ورتائين ته جئين سرديءَ کان ڪجهه بچاءُ ڪري سگهي. اتفاقاً انهيءَ وقت خليفو پاڻ به وِيس مٽائڻ خاطر اتي اچي نڪتو. جڏهن شاهي لباس لاٿائين ته هيٺان پهريل زرهه وارو پوش ظاهر ٿيو. جنهن جي سخت نوڪن جا نشان سندس بت تي واضح هئا. خليفي اها زرهه ابراهيم ادهم کي ڏيکاريندي چوڻ لڳو ته هي لباس بهتر آهي يا جيڪو لباس تو پهريو آهي، اهو بهتر آهي. ابراهيم ادهم پنهنجي دل ۾ ڏاڍو پشيمان ٿيڻ لڳو ته اوچتو خدائي آواز آيو ته اي هارون، تنهنجي ۽ ابراهيم جي وچ ۾ تمام وڏو فرق آهي. تون بادشاهي ٿو ڪرين. جبتوٽيڪ

منهنجي يادگيريءَ خاطر وڏا مجاهدا ٿو ڪرين، پر ٻيءَ گهڙي تون پنهنجي لشڪر جي سنڀال تي بہ ڌيان ٿو ڪرين ۽ ان وقت تنهنجو سمورو خيال ان طرف هوندو آهي. انهيءَ مان ظاهر آهي تہ تنهنجي ۽ ابراهيم جي وچ ۾ فرق ڪيئن نہ هوندو! مطلب تہ ابراهيم هڪ دم ٿي منهنجي يادگيريءَ ۾ مشغول آهي، جڏهن تہ تون بہ دلون ٿي هر ڪم پيو ڪرين.

شعلو: روايت آهي تہ عارف رباني، ازل ۽ ابد جي صاحب جو پسنديده، پنهنجي وقت جو بزرگ احمد خضروي بلخي رحمة الله عليہ سخت مجاهدا ڪندو هو ۽ هميشہ پنهنجي نفس سان جنگ ۾ رڌل رهندو هو. هڪ ڏينهن ڪا جماعت وٽائنس اچي گذري، جيڪي ڪنهن جهاد تي وڃي رهيا هئا. سندس نفس غازين ۽ غزوات جي شان ۾ جيڪي حديثون آهن، ياد ڏيارڻ شروع ڪيون تہ جڏهن هو بہ انهن سان شامل ٿئي. اتي احمد خضروي پنهنجي نفس کي چوڻ لڳو تہ اهو سڀ تنهنجو مڪر آهي، ڇو تہ توکان ڪو بہ اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ وارو ڪم تہ ٿيڻو ڪونهي. نيڪ آهي آءٌ جنگ تي روانو ٿيان ٿو پر توکي ڏينهن جو نہ تہ ڪجهہ کائڻ لاءِ ڏيندس ۽ نہ ڪو پاڻيءَ جو ڍڪ ئي ملندءِ، بلڪ ساري رات پڻ بيداريءَ ۾ گذاريندس. نفس جواب ڏنو تہ اهو سڀ (211) قبول آهي. اهو ٻڌي بزرگ حيران ٿيڻ لڳو تہ پوءِ آخر جنگ منجهان نفس جي ڇا مراد آهي. آسمان ڏي منهن ڪري چوڻ لڳو تہ خداوندا مون کي هن بدنيت نفس جي مڪر کان واقف ڪر تہ آخر اهو مون کي ڪهڙي مقصد خاطر جنگ تي اڀاري ٿو. آواز آيو تہ وري بہ پنهنجي نفس کان پڇ تہ اهو ئي توکي جواب ڏيندو. ان تي بزرگ پنهنجي نفس کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو سچ پچ ٻڌاءِ تہ ڪافرن سان جنگ ڪرڻ مان توکي ڪهڙو مقصد حاصل ٿيندو. چوڻ لڳو تہ منهنجو مقصد هو تہ تون جڏهن اتي وڃين ۽ هڪ، فعو جنگ ڪرين تہ مان هڪ ڀيري ڪسجي ختم ٿي وڃان ۽ هي بار بار ڪسڻ ۽ مرڻ کان ڇٽي پوان، جيڪا تون هر وقت منهنجي مخالفت ڪري رهيو آهين ۽ منهنجو ڪو مطلب پورو ٿيڻ نٿو ڏين. ٻيو منهنجو مقصد اهو آهي تہ تون جڏهن شهيد ٿي ويندين تہ شهادت کان پوءِ ماڻهو تنهنجي تعريف ڪندا تہ ڪهڙو نہ بزرگ هو جو سڄي عمر مجاهدن ۾ گذاري آخر ۾ شهادت جو پيالو پيتائين. ان ريت جڏهن ٻيا ماڻهو تنهنجي ساراهہ ڪن ها تہ اهو ڪارنامو بہ تو سر انجام ڏنو تہ بحيثيت نفس

مان ڏاڍو خوش ٿيان ها. انهيءَ بزرگ جڏهن نفس جو اهو جواب ٻڌو تہ ويهي رهيو ۽ جهاد لاءِ روانو نہ ٿيو. بلڪ پنهنجي مجاهدي ۾ مشغول ٿي ويو.

عبادت ۾ اها حڪايت بيان ڪري حضرت جن چوڻ لڳا تہ اي طالب خدا جا. نفس جي مڪر جو خاص خيال ڪريو جو تہ اهو مرڻ ڪانپوءِ بہ غرور ۽ وڏائي جي تدبير ڪرڻ گهري ٿو.

شعلو: روايت آهي تہ جڏهن حقيقت ۾ ڪامل، شريعت تي عامل، ۽ عارف رباني شيخ محي الدين ابن عربي رحمة الله عليه کي مرڻ ڪانپوءِ قبر ۾ پوري هليا تہ سوال و جواب ڪرڻ وارا ملائڪ منڪر ۽ نڪير حاضر ٿيا. سندن هٿن ۾ گرز هئا ۽ شيخ ابن عربيءَ کان پڇڻ لڳا تہ من ربک يعني تنهنجو رب ڪير آهي؟ تہ شيخ (212) جواب ڏنو: "**الحقيقت ساري في الا کوان**" يعني "حقيقت پوري جهان ۾ جاري ۽ ساري آهي." ملائڪ حيران ٿيا ۽ رب العزت جي درگاه ۾ سوال ڪرڻ لڳا تہ خداوندا اسين شيخ جي انهيءَ جواب جو مطلب نٿا سمجهون. آواز آيو تہ توهان ان ڳالهہ کي ڇڏي ڏيو ۽ واپس هليا وڃو، ڇو تہ ان جو مطلب هڪ آءٌ ڄاڻان ٿو ۽ ٻيو هو پاڻ ڄاڻي ٿو.

شعلو: ڪنهن درويش کي الله تعاليٰ جو قرب حاصل ٿيو تہ آواز ٻڌائين تہ اسان جي موڪليل پيغمبر رسالت مآب جي خدمت ۾ وڃ ۽ ان جي تابعداري اختيار ڪر. ڇو تہ هاڻي اڪيلي اچڻ جو حڪم ناهي. عرض ڪرڻ لڳو تہ خداوند، ان جي تابعداري اختيار ڪرڻ سان جيڪو مرتبو حاصل ٿيندو، اهو اڳيئي تو مون کي عنايت ڪيو آهي. پوءِ ان جي تابعداري ۾ اچڻ جو ڪهڙو فائدو. ليڪن فرمان ٿيو تہ نہ وڃ ۽ اسان جي رسول جي طفيليءَ ۾ اچ. درويش وري ساڳيو جواب ڏنو. پاڻ سڳورن کي ان ڳالهہ جو جڏهن علم ٿيو تہ کين ڏک پهتو ۽ انهيءَ سبب ڪري اهو درويش خدا جي درگاه مان تڙجي ويو. چون ٿا تہ ان ڪانپوءِ اهو درويش برابر تنزل يعني ڏينهون ڏينهن هيٺ وڃي رهيو آهي ۽ ڪٿي بہ ٻيهڻ جي جڳهہ نٿي مليس.

شعلو: چون ٿا تہ هڪ ڏينهن خداوند تعاليٰ پنهنجي مقبول بندي عارف رباني بايزيد بسطاميءَ کي خطاب فرمايو تہ اي بايزيد، جيڪڏهن تون بسطام جي شهر ۾ نہ هجين ها، تہ ٻين عابدن ۽ زاهدن بلڪ سموري خلق کي هلاڪ ڪري ڇڏيان ها. ڇو تہ اهي پاڻ سان گڏ مون کي ياد ڪن ٿا ۽ تون پاڻ کي وساري يعني بيخود ٿي مون کي ياد ڪرين ٿو.

شعلو: هڪ ڏينهن ڪنهن درويش خدا تعاليٰ کان ٽي شيون گهريون. (213) پهريون مون کي اهڙو پير يا مرشد ملاءِ. جنهن جي مون کي گهرج هجي ۽ هن کي مون ۾ ڪا حاجت نه هجي. ٻيو حلال رزق ڏي ۽ ٽيون اهڙو رفيق ساٿي عنايت ڪر. جيڪو تنهنجي راه ڏانهن رهنمائي ڪري. آواز آيو ته اي درويش اسان توکي ٽيئي شيون ڏئي ڇڏيون. ليڪن تون انهن کان بي خبر آهين. درويش عرض ڪيو ته اهو ڪيئن؟ جواب آيو ته تنهنجو اهڙو پير مرشد مان آهيان. مون ۾ تنهنجي حاجت آهي، پر تو ۾ منهنجي ڪا حاجت ڪونهي. حلال طعام اهو آهي ته تون هر وقت جڏهن پنهنجي ڪاوڙ کي کائي وڃين ٿو ته اهو حلال طعام آهي. ٽيون تنهنجو رفيق قرآن پاڪ آهي، جو ته اهو تنهنجي اسان ڏانهن رهنمائي ڪري ٿو.

شعلو: هڪ ڏينهن اهل ملت جو پيشوا، قيامت جي مجمعي جي شمع. فقر وارن جي حجت، وقت جي قطب. شيخ ذوالنون مصري پنهنجي پٽ کي وعظ ۽ نصيحت طور پڇي رهيو هو ته هن شهر ۾ داناءَ ڪير آهي؟ جواب ڏنائين ته آءٌ وري پڇيائين ته نادان ڪير؟ جواب ڏنائين آءٌ؟ شيخ کي اها ڳالهه وڻي ۽ کيس چوڻ لڳو ته پلا مون کي نصيحت ڪر! هو کيس چوڻ لڳو ته پهرين ڪوڙ هرگز نه ڳالهايو. ٻيو ته سچائي تي هميشه راضي رهو. ٽيون حرام نه کائو. باقي حلال کائڻ کان منع ڪونهي. ٻيا ماڻهو رڳو فرض ادا ڪن ٿا. پر توهان انهن جي ادائگيءَ ۾ استقامت اختيار ڪريو. اهڙيءَ طرح عام ماڻهو وقتي ورد ۾ مشغول ٿيندا. پر توهان پنهنجي ورد وظيفن ۾ هميشگي اختيار ڪريو. ٻيا ماڻهو رڳو رمضان جا روزا رکندا. پر توهان هميشه روزا رکو. شيخ جڏهن اهي نصيحتون ٻڌيون ته پٽ کي چوڻ لڳو ته خدا جو قسم جيڪي ڪجهه چيو اٿئي، ان ۾ بيشڪ علم خداوندي شامل آهي. (214)

شعلو: هڪ شخص ٻڌو ته فلاڻي هنڌ هڪ اهڙو وڻ آهي، جنهن جو ميوو نه ڪنهن ڏٺو آهي ۽ نه ڪنهن چکيو آهي، بس پوءِ ته انهيءَ شوق ۾ هر وسيءَ ۽ واهڻ لتاڙيندو ڪيئي شهر گهمندو آخر هڪ ڏينهن انهيءَ وڻ کي ڳولي لڌائين ۽ ڏٺائين ته واقعي ان ۾ ڦل لڳو پيو آهي. جيئن هٿ مٿي ڪري ميوو پٽڻ جي ڪوشش ڪيائين ته ميوا مٿي هليا ويا. آخر وڻ تي چڙهي ويو ته جيئن

ميوا پٽي سگهي. جيئن ئي مٿي چڙهي ويو تہ ميوا وري هيٺ لٽڪڻ لڳا. پاڻ وري ٿورو هيٺ لهي آيو تہ ميوا وري مٿي چڙهي ويا. مطلب تہ جيڪڏهن هو مٿي ٿي چڙهيو تہ ميوا هيٺ لهي ٿي آيا ۽ جيڪڏهن هو پاڻ هيٺ لهي ٿي آيو، تہ ميوا مٿي چڙهي ٿي ويا. اهو لقاءُ ڏسي ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ آخر عاجز ٿي چپ ڪري ويهي رهيو. ايتري ۾ هڪ شخص اچي اتان لنگهيو جنهن اهو سڀ ڪجھ ويٺي ڏٺو. تنهن چيس تہ اهي ميوا توکي هرگز هٿ نہ ايندا، جيستائين تون پنهنجو سر ڪاٽي هيٺ زمين تي نٿو رکين. آخر ان شخص ائين ڪيو تڏهن وڃي پنهنجي مقصد مراد کي رسيو.

حضرت جن اها حڪايت بيان ڪري چوڻ لڳا تہ هيءَ خدا جي طالبن واسطي هڪ قسم جي تمثيل هئي.

شعلو: روايت آهي تہ دين و دنيا جو سلطان، يقين جي پهاڙ جو پٿر، مجاهدي ڪندڙن جو بادشاهہ، مريدن جو رهنما، ملڪ تفريد جو صاحب شيخ فريد شڪر گنج رحمة الله عليه جوانيءَ جي شروع وارن ڏهاڙن ۾ ئي پير مرشد جي خدمت ۾ گهڻو مشغول رهندو هو. هو هرروز صبح جو جهنگ مان ڪاٺيون ڪري ڪٺي ايندو هو ۽ شام جو ستر مٽ پاڻيءَ جا ڀري رکندو هو ۽ رات جو انهن سڀني مٽن جي هيٺان باهہ ٻاري رکندو هو تہ سندس مرشد انهن ستر مٽن جي پاڻيءَ سان غسل ڪندو هو. (215)

چون ٿا تہ شيخ فريد حسن ۽ جمال ۾ يوسف ثاني هو ۽ جيئن نبين ۾ حضرت يوسف مشهور آهي، تيئن اوليائن ۾ وري شيخ فريد هو.

هڪ رات اوچتو شيخ فريد ڏٺو تہ سڀني مٽن جي باهہ وسامي پئي آهي. ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ انهيءَ پريشانيءَ جي عالم ۾ گهر جي ڇت تي چڙهي هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو تہ من ڪٿي باهہ جي روشنائي نظر اچي. آخر هيٺ لهي ان طرف ڏانهن روانو ٿيو، جتي ڪيس روشني نظر آئي هئي. اتي جڏهن پهتو تہ ڏٺائين تہ اهو بادشاهہ جو محل آهي ۽ سندس ڌيءَ ڏياٽي روشن ڪيو ويٺي آهي. شيخ فريد بہ اتي اچي پنهنجو عرض پيش ڪيو تہ باهہ جي ٻگولا ۾ آيو آهيان. هوڏانهن بادشاهہ جي ڌيءَ جي نظر جڏهن شيخ فريد جي حسن و جمال ڇهري تي پئي تہ هوءَ مٿس موهت ٿي پئي ۽ چيائين تہ جيڪڏهن تون اسان وٽ اچي رهندين تہ تنهنجي باهہ جي فرمائش پوري ڪئي ويندي،

شيخ فريد وراڻيو تہ ائين هرگز نہ ٿيندو. ان تي بادشاھ جي ڌيءَ چيس تہ پوءِ پنهنجي هڪ اک ڪڍي ڏي تہ توکي باھ ڪڻڻ ڏيان. شيخ فريد فوراً پنهنجي آڱرين سان اک ڪڍي سندس آڏو رکي ۽ باھ ڪڻي آٽي مٽ گرم ڪيائين ۽ پنهنجي اک تي پٽي ٻڌي ڇڏيائين. صبح جو پير غسل ڪري جڏهن ٻاهر آيو تہ ڏينهن جي روشنيءَ ۾ سندس نظر وجهي شيخ فريد جي اک تي ٻڌل پٽيءَ تي پئي. پير پڇيس تہ اک ۾ سور اٿئي تہ اچ توکي مرهم رکون. پير جيئن سندس اک تان پٽي مٿي ڪئي تہ اصل ماجرا معلوم ٿيس. فوراً هڪ پتر ڪٽي سندس اک تي گهمايائين تہ اک اڳين جهڙي ٿي وئي. چون ٿا تہ ان ڪانپوءِ شيخ فريد کي جلدي اهو مقصد حاصل ٿيو. جنهن لاءِ ايڏي خدمت ٿي ڪيائين.

شعلو: هڪ بزرگ ٻڌو تہ درياءَ جي ٻي ڪناري تي هڪ درويش اچي منزل ڪئي آهي. سو واهڙ تري پرينءَ پر اچي درويش سان ملاقي ٿيو. گهر موٽي اچي طعام تيار ڪرايائين ۽ گهر واريءَ کي چيائين تہ تون ڪٽي وڃي درويش کي پهچائي اچ. زال (216) چيس تہ وچ تي درياءَ آهي، ڪيئن ويندي‌س؟ بزرگ چيس تہ جڏهن درياءَ تي پهچين تہ هن ريت چئج. اي خداوندا، منهنجي مڙس جي صدقي جيڪو ڪڏهن بہ منهنجي ويجهو نہ آيو آهي، مون کي درياءَ منجهان رستو ڏي. ان عورت درياءَ تي اچي ائين چيو تہ واقعي دريا خشڪ ٿي ويو ۽ ٻيءَ پر اچي اهو طعام درويش آڏو رکيائين. درويش طعام کائي خوش ٿيو ۽ ان عورت کي واپس وڃڻ جي اجازت ڏنائين. ان تي عورت چوڻ لڳي تہ پرين پر آءُ درياءَ کي ڪيئن پار ڪنديس. چيائنس تہ جڏهن ڪناري تي پهچين تہ چئج. يا الاهي، انهيءَ سچ جي صدقي تي هن درويش ڪڏهن بہ طعام نہ کاڌو آهي، مون کي درياءَ پار ڪراءِ. اهڙيءَ طرح واقعي ٻيهر خشڪ ٿي ويو ۽ اها عورت موٽي پنهنجي گهر آئي ۽ مڙس کي چوڻ لڳي تہ بيشڪ توهان ٻئي خدا جا نيڪ ۽ صالح بندا آهيو. پر ڪوڙ ڇا جي لاءِ ڳالهايو ٿا؟ ڇو تہ اهڙي رات مشڪل سان ٿي گذري جو تون منهنجي ويجهو نہ ايندو هجين. اهڙيءَ طرح هن درويش لاءِ جيڪو کاڌو آءُ کڻي ويس، اهو هن منهنجي آڏو ويهي کاڌو!

بزرگ جواب ڏنو تہ اسان ٻنهي صحيح چيو آهي. مون کي سائين جو سوڳند آهي تہ آءُ ڪڏهن بہ نفساني خواهش سبب تنهنجي ويجهو نہ آيو آهيان. البت حق جي رضا ۽ تنهنجي حق ادا ڪرڻ خاطر ائين ڪيو اٿم. اهڙيءَ طرح هن

درويش ڪڏهن بہ پنهنجي نفساني خواهش سبب ڪاڏو نہ طلبيو آهي. مگر حق جي خاطر!

شعلو: ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ ڏينهن عاشق، صادق، صاحب يقين، خلوت نشين، عارف خدا ۽ مجذوب وقت بهلول رحمة الله عليه درياءَ جي ڪناري تي ويٺو هو ۽ مٽيءَ منجهان قلعو ٺي(217) ٺاهيائين. اوچتو وقت جو بادشاهہ اتان گذريو. بهلول بکايل هو سو ڪنڌ مٿي ڪڍي بادشاهہ کي چوڻ لڳو تہ هي محل جيڪو مون ٺاهيو آهي، سو تون هڪ درهم ۾ وٺندين! بادشاهہ چيو تہ جيڪڏهن تون ڏيندين تہ ڇو نہ قبول ڪندس. ائين بهلول کان هڪ درهم عيوض وٺي روانو ٿيو. بادشاهہ گهر اچي جڏهن آرامي ٿيو تہ ننڊ ۾ پاڻ کي بهشت ۾ سير ڪندي ڏٺائين، جيڪو موتين سان سينگاريل هو. پڇا ڪيائين تہ اهو محل ڪنهن جو آهي ۽ منجهس ڪير رهندو؟ جواب آيس تہ اهو محل خدا جو آهي ۽ بهلول درويش لاءِ تيار ڪيو ويو هو، پر ڪالهہ هن اهو هڪ درهم ۾ توکي وڪڻي ڏنو آهي. تنهن ڪري هيئنر اهو تنهنجي واسطي آهي. بادشاهہ اجان ڪجهہ اڳتي وڌيو تہ وڏيڪ عاليشان محلات ڏٺائين جنهن ۾ لعل، فيروزه ۽ ياقوت لڳل هئا. وري پڇا ڪيائين تہ اهو محل ڪنهن جو آهي؟ جواب مليس تہ اهو پڻ بهلول جي ملڪيت آهي، پر اجان تائين وڪيو نہ اٿائين.

بادشاهہ جيئن سجاڳ ٿيو تہ سڌو بهلول وٽ آيو، جيڪو پنهنجي ساڳي ڪار ۾ مشغول هو ۽ پنهنجي سموري آرزو بيان ڪيائين ۽ ڪيس چوڻ لڳو تہ بهلول اها شيءِ بہ وڪڻندين؟ چيائين هائو. بادشاهہ پڇيس تہ ڪيتري ۾؟ جواب ڏنائين تہ بہ لک. بادشاهہ چيس ڪالهہ هڪ درهم ۾ وڪي اٿئي ۽ اڄ بہ لک! وري چيائين پر اهي قبول ناهن، ڇو تہ اڳ ۾ تو اها شيءِ نہ ڏٺي هئي.

شعلو: هڪڙي بادشاهہ پنهنجي نينگر کي پڙهائڻ لاءِ هڪ استاد کي مقرر ڪيو. هڪ ڏينهن ان ڇوڪر پنهنجي استاد کي چيو تہ مونکي اهڙو سبق سيکار جيڪو واقعي منهنجي لاءِ نفعي وارو ثابت ٿئي (218) ۽ آخر ۾ ڇوٽڪارو نصيب ٿئي. استاد چيس تہ اها خاموشي آهي. انهيءَ ڳالهہ ان نينگر تي ايترو اثر ڪيو جو ڳالهائڻ ٻولهائڻ بند ڪري ڇڏيائين. جهڙو گونگو هجي ۽ ڪنهن بہ موقعي محل تي ڪجهہ نہ ٿي ڪڇيائين. سندس پيءُ پريشان ٿيو تہ ڪڏهن تہ پٽس ڳالهائي. آخر پنهنجي امير امرائن سان صلاح ڪيائين جن

چيس تہ نينگر کي شڪار تي موڪلڻ گھرجي تہ من اتي ڪجھ ڳالھائي. ائين ڪجھ ماڻھن سان ھن کي شڪار تي موڪليائون. سڄو ڏينھن جھنگل ۾ رلندا رھيا، پر ڪين ڪو شڪار ھٿ نہ آيو. لاچار نااميد ٿي واپس موٽڻ جي ڪيائون. نينگر انھيءَ سموري عرصي ۾ ھڪ حرف بہ نہ ڪڇيو ۽ ساڳي ماٺ جي مھر چپن تي رکيو آيو. اوچتو انھيءَ وقت ھڪ طرف ڪان تتر جي ٻولڻ جو آواز آيو. بس پوءِ تہ شڪاري ان جي ڪڍ پئجي ويا ۽ آخر ڪٺي ان کي ڦاسايائون ۽ شھزادي جي آڏو جھلي آيا ۽ ڪانئس پڇڻ لڳا تہ ان کي ڪُھي حلال ڪريون يا نہ! شھزادي جواب ڏنو تہ جيڪڏھن اِھو تتر آواز نہ ڪري ھا. تہ جيڪر ڪسجڻ کان بچي وڃي ھا. آزادي جو اھو ڳالھائڻ ٻڌي بادشاھ جا جاسوس ڏاڍو خوش ٿيا تہ چڱو ٿيو جو ڪيئن بہ ڪري شھزادي ڳالھايو تہ سھي ۽ ان ڪري اڳتي بہ ڳالھائيندو. ماڳ پھچڻ ڪانپوءِ اھا ماجرا وڃي بادشاھ کي ٻڌايائون تہ ھو پڻ ڏاڍو خوش ٿيو. ليڪن وري جڏھن شھزادي سان ڳالھائڻ جي ڪوشش ڪيائون تہ ھو کي ڪين ڪڇيو. بلڪ جھڙي پٿ! چون ٿا تہ شھزادي مرڻ گھڙيءَ تائين وري ڪجھ نہ ڳالھايو!

شعلو: سلطان التارڪين. شيخ العارفين. ولايت جو بادشاھ ابراھيم ادھم ھڪ دفعي پنھنجي سائين سان ڪبعة الله جي طواف خاطر ٿي ويو. سندن پويان قافلي ۾ ھڪ خوبصورت نينگر بہ ٿي آيو. اوچتو سندن نظر وڃي ھن تي پئي ۽ ان ڪانپوءِ بيھر بہ ڪنڌ ورائي ھن کي ڏنائون. (219) سائي مريدن عرض ڪيو تہ شريعت ۾ اھڙيءَ طرح ڇوڪرن کي ڏسڻ منع آھي ۽ توھان شريعت جي تابعداري ڇو نہ ٿا ڪريو. جواب ڏنائون تہ اھو ڇوڪرو منھنجو پٽ آھي، جيڪو منھنجي بادشاھي ڇڏڻ وقت ماءُ جي پيٽ ۾ ھو.

شعلو: ھڪڙو پير پنھنجن مريدن سان گڏ خانہ ڪعبہ جي زيارت لاءِ ٿي ويو. ليڪن سندن مريد ڪانئس ڪجھ فاصلي تي ھئا. واٽ تي ڏنائون تہ ھڪ مٿل اٺ پيو آھي، جنھن کي ايترو وقت گذري ويو آھي جو سندس ھر عضوي منجھان اوپڙ اپري آيو آھي. اھو پير ڪجھ دير ان اٺ مٿان بيھي رھيو ۽ خدا عزوجل جي وڏائي بيان ڪري وري اڳتي پنڌ پيو. ليڪن سندس پويان ايندڙ مريد ان اٺ جي مٿان بيھي رھيو ۽ مٿي منھن ڪري ڇوڻ لڳو تہ اي خداوندا، جيڪڏھن اِھي ھيءُ اٺ زنده ھجي ھا تہ ھن ساوڪ ۾ چري ھا ۽ مست

ٿيو پيو گهمي ها. قدرت خدا جي سندس ان اشاري سان اٺ جيئرو ٿي پيو. ليڪن پاڻ وري پنهنجي پير پٺيان روانو ٿيو. خانہ ڪعبي جي زيارت ڪان واندا ٿي جڏهن واپس ساڳي جڳهہ تي پهتا تہ اٺ کي نہ ڏٺائون. اهو مريد گهڙي ڪن لاءِ سوچ ۾ گم ٿي ويو. ليڪن ايتري ۾ اٺ پري کان نظر آيو. جيڪو هينئر هر قسم جو گاهہ کائي ٿلهو متارو ٿي پيو هو. پير جو اٺ کي ڏٺو تہ مريدن کان پڇڻ لڳو تہ توهان مان ڪنهن اها حرڪت ڪئي آهي؟ پهرين تہ ڪير ڪين ڪڇيو. پر پوءِ خبر پيس تہ اها حرڪت سندس هڪ مريد جي هئي. پير هڪدم ان ڏانهن ڪرڙيون اکيون ڪري ڏسڻ لڳو ۽ چيائينس تہ مان ۽ مون سان گڏ ٻيا جيڪي هئا، اهي بہ اهو ڪم ڪري ٿي سگهيا. ليڪن اسان رب جي رضا ۾ دخل اندازي نٿي ڪرڻ گهري. تو شايد هن سپني کي پاڻ کان گهڻ ڇاٽي اهو ڪم سر انجام ڏنو ۽ حڪم الاهي جيڪو اٺ جي مرڻ(220) بابت صادر ٿيل هو. بي پرواهي کان ڪم ورتو. اهڙيءَ طرح تو سخت بي 'ادبي ڪئي جو اهو اٺ جيئرو ٿي پيو. هاڻي تنهنجي اها سزا آهي تہ هن کان پوءِ ڀيهر ڪڏهن بہ اسان جي مجلس ۾ نہ اچجانءِ!

شعلو: غوث اعظم، عارف رباني، پيران پير ميران محي الدين شيخ عبدالقادر جيلاني قدس الله سره جي وقت جي ڳالهہ آهي تہ هڪ ڏينهن پاڻ شهر ۾ ٿي ويا جو هڪ هند ٻارن کي راند ڪندي ڏٺائون تہ انهن مان هڪ نينگر زمين تي دائرو ناهي، ٻين کي چوڻ لڳو تہ جيڪو هن دائري ۾ داخل ٿيندو، اهو حضرت شيخ جيلانيءَ جو مريد ٿيندو. ايتري ۾ هڪ ڇوڪر کي الاهي توفيق نصيب ٿي ۽ ان دائري ۾ گهڙي پيو. گهڻي وقت ڪانپوءِ جڏهن هو وڏي عمر جو ٿيو تہ هڪ ڏينهن ٻئي مريد سان گڏجي پيران پير جي خدمت ۾ آيو. پيران پير کيس سڃاڻي ورتو ۽ پنهنجي ٻئي مريد کي چوڻ لڳو تہ ننڍڙيءَ ڄمار کان وٺي جڏهن مريدي جو ارادو ڪيو اٿائين تہ اسان کيس قبول ڪيو آهي، ۽ کيس پنهنجن مريدن ۾ شامل سمجهون ٿا. ان ڪانپوءِ اهو شخص فوري طور بنهي هٿن سان دست بيعت مريد ٿيو.

شعلو: چون ٿا تہ هڪڙي پير جا ڪيترائي مريد هئا. سو هڪ ڏينهن چا ڪيائين جو پنهنجي حجري جي آڏو هڪ ليڪو ڪڍي هڪ خادم کي اتي ويهاري ڇڏيائين. پاڻ حجري ۾ وڃي عبادت ڪرڻ لڳو. خادم کي چيائين تہ

جڏهن ڪو مريد اچي ته ان کي ٻڌائي ته جيڪو مريد اهو ليکو ٽپي منهنجي حجري ۾ گهڙڻ جي (221) ڪوشش ڪندو، اهو بي ايمان آهي. گهڻا مريد آيا جيڪي اهو سخن ٻڌي ماٺ ڪري اتي ويهي ٿي رهيا. ليڪن آخر ۾ هڪ اهڙو مريد به آيو، جيڪو اهو ليکو ٽپي اندر حجري ۾ گهڙي ويو. پير مخاطب ٿي کيس چوڻ لڳو ته هتي ڇو آيو آهين؟ ڇا تو هن خادم جي ڳالهه نه ٻڌي؟ جواب ڏنائين ته ٻڌم. پر منهنجو پير تون آهين. توکي ڇڏي ڪيڏانهن وڃان. پير اهو جواب ٻڌي قبول ڪيو.

شعلو: هڪ ڏينهن حسن بصري، حبيب عجمي ۽ مالڪ بن دينار ٽيئي گڏجي مخدومه بيبي رابعه بصريءَ وٽ آيا. رابعه بصري ان وقت سخت بيمار هئي. اهو ڏسي سوال ڪيائون ته جڏهن خدا تعاليٰ پنهنجي ڪنهن دوست کي مشڪل سان دوچار ڪري ته اهو دوست ڇا ڪري؟ هڪڙي پاڻ ئي جواب ڏنو ته صبر ڪري. ان تي رابعه بصريءَ چيو ته ان کان وڌيڪ بهتر ڪهڙي ڳالهه آهي. ٻئي چيو ته شڪر ڪري. چيائين ته ان کان وڌيڪ! ٽئين چيو ته انهيءَ مشڪل کي تحفو ڪري ڄاڻي. رابعه بصري چيو ته ٽيئي جواب مناسب آهن. ان تي هنن ٽنهي ڄڻن کيس چيو ته تون ٻڌاءِ. رابعه وراڻيو ته اهڙي وقت ۾ ان مشڪل منجهان ان دوست کي اهڙي لذت حاصل ٿيڻ گهرجي، جو جيئن اهي ٽئي ڳالهيون وساري ويهي!

شعلو: هڪ بادشاهه کي نهايت سهڻي ڌيءَ هئي. هڪ ڏينهن هوءَ محل ۾ ويٺي هئي جو اوچتو سندس نظر دريءَ کان ٻاهر بيٺل هڪ بزرگ شخص تي وڃي پئي. (222) بادشاهه جي ڌيءُ ان بزرگ کي ڏسڻ سان مٿس مفتون ٿي پئي ۽ عشق جي چڻنگ سندس دل ۾ هر وقت دکڻ لڳي. آخر دل جهلي پيءُ کي چيائين ته منهنجي دل ۾ خداتعاليٰ جي يادگيريءَ جو ذوق شوق جاڳيو آهي ۽ دل ٿي چوي ته هي بادشاهي محل ڇڏي، ڪنهن اهڙي شخص جي وڃي خدمت ڪريان جيڪو خدا جي واٽ ڏيکاري. بادشاهه ڳالهه سمجهي ويو ۽ ان بزرگ کي گهرائي پنهنجي ڌيءَ جي نيڪ خواهش کان واقف ڪيائين ۽ چيائين ته مون کي تو جهڙو ٻيو نيڪ شخص نظر نٿو اچي، تنهن ڪري آءٌ کيس تنهنجي حوالي ڪريان ٿو. انهيءَ بزرگ گهڻي غور کان پوءِ اها آڇ قبول ڪئي. بادشاهه ان شخص جي خانقاهه پرسان پنهنجي ڌيءَ لاءِ هڪ الڳ

حجرو ٺهرائي ڏنو تہ جيئن هوءَ وچي اتي رهي سگهي. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ هڪ رات جو بادشاهہ جي ڌيءَ تي شهوت اچي غلبو ڪيو ۽ اڌ رات جو پنهنجي حجري مان اٿي اچي شخص جو دروازو کڙڪايائين ۽ چوڻ لڳي خدا جي واسطي دروازو کول. شخص اندران آواز ڏنو تہ نہ کوليندس. آخر جڏهن بلڪل نااميد ٿي تہ چوڻ لڳي تہ اي شخص. ياد رکجانءِ مون کي تو گهڻو ئي نراس ڪيو آهي ۽ منهنجي مراد پوري نہ ٿو ڪرين. پر آءٌ بہ اهڙو حيلو هلائيندس جو تون ڦاسي کائيندين ۽ اها تنهنجي شيخي ۽ بزرگي مٽيءَ ۾ ملي ويندي. شخص جواب ڏنو تہ منهنجي لاءِ اها ڳالهہ سولي آهي، پر اهو ڪم مشڪل آهي. اهو جواب ٻڌي هوءَ بلڪل نااميد ٿي موٽڻ لڳي تہ سندس نظر وچي هڪ پنهوار تي پئي ۽ دل جي خواهش ۽ حسد وچان پاڻ کٽي ان جي حوالي ڪيائين. شهزادي ان پنهوار مان اميد سان ٿي پئي سو ڇا ڪيائين جو پيءُ کي نياپو ڏياري موڪليائين تہ تو جنهن بزرگ جي حوالي ڪيو هو. انهيءَ جا اجهو ٻين زماني وارن ماڻهن جهڙا ڪم آهن. هوڏانهن هن شخص ڇا ڪيو هو جو شهزاديءَ کي قبوليت ۾ وٺڻ وقت پنهنجي (223) آلت وڍي صندوق ۾ وجهي وقت جي قاضيءَ وٽ امانت طور رکرائي ڇڏيائين. بادشاهہ کي جڏهن ڌيءَ جو نياپو پهتو تہ شخص کي گهرائي قاضيءَ جي حوالي ڪيائين. قاضيءَ شخص کان پڇيو تہ توکان اها تقصير واقعي ٿي آهي يا نہ؟ جواب ڏنائين هائو. قاضيءَ حڪم ڪيو تہ ان پاداش ۾ شخص کي سوريءَ تي چاڙهيو. جڏهن شخص کي سوريءَ ڏانهن وٺي ٿي ويا تہ سندس مريد جيڪي ان وقت اچي گڏ ٿيا هئا، عرض ڪرڻ لڳا تہ اسان کي پڪ آهي تہ اها تقصير تو کان نہ ڪئي آهي ۽ اجايو پاڻ کي سوريءَ جي حوالي نہ ڪر ۽ نہ وري اسان فقيرن کي قيامت ڏينهن شرمندو ڪر. شخص کي پنهنجي مريدن جي اها ڳالهہ آئڙي ۽ شاهي ملازم کي چيائين تہ مون کي بادشاهہ وٽ وٺي هل جو مون کي هڪ عرض ڪرڻو آهي. آخر شخص کي بادشاهہ جي اڳو آندو ويو جتي هن چيو تہ قاضيءَ کي بہ گهرايو وڃي. اتي شخص قاضيءَ کان پنهنجي امانت رکيل صندوق گهرائڻ جي فرمائش ڪئي. جڏهن صندوق کي کوليائين تہ سڀ وائڙا ٿي ويا ۽ ڪين شخص جي سچائيءَ تي پروسو آيو ۽ پنهنجي ڪئي تي شرمندگي ٿي. بس پوءِ تہ بادشاهہ پنهنجي ڌيءَ کي گنهگار ٺهرائي شهر نيڪالي ڏني. جڏهن اهو سڀ ڪجهہ ٿي چڪو تہ

قاضيءِ شخص کان پڇيو تہ تو اھا ڳالھہ اڳ ۾ ظاھر ڇو نہ ڪئي؟ جواب ڏنائين تہ ان وقت جڏھن شھزاديءِ رات جي وقت مون کي دروازو کولڻ لاءِ چيو ۽ مون انڪار ڪيو. اھو منھنجو گناھ ھو.

شعلو: چون ٿا تہ ھڪڙي طالب خدا جي طلب ۾ ٽيھن سالن(224) جو روزو رکيو ۽ انھيءَ دوران ھن ھر ھنڌ بزرگ جي وڃي وڏي خدمت ڪئي، پر آخر تائين کيس پنھنجو مقصد حاصل نہ ٿي ٿيو. ڪن بزرگن کيس اشارو ڏنو تہ وقت جي شيخ ۽ قطب ۽ زماني جي مرشد شيخ ذوالنون مصري جي خدمت ۾ وڃ جو اتي توکي گوھر مقصود حاصل ٿيندو. آخر ھو اچي ذوالنون مصريءَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. جنھن کيس پاڻ وٽ ويھاريو ۽ طعام ڪڍي اچي کيس کائڻ لاءِ ڏنائون. پھريائين تہ اھو طالب خدا جو ڏاڍو دلگير ۽ نا اميد ٿيو، پر ٻڪ ٻہ کيس سالن جي ھئي سو کائڻ کي لڳي ويو. ايترو عرصو جو طعام نہ کاڌو ھئائين، سو کائڻ سان ننڊ اچي مٿس غلبو ڪيو، ۽ سمھڻيءَ جي نماز بہ کانئس ويندي رھي. ننڊ ۾ ڏنائين تہ ھو خدا جي دربار ۾ پھتو آھي ۽ پنھنجو گوھر مقصود حاصل ڪيو اٿائين. ھوڏانھن شيخ مصريءَ کي خدا جي طرفان عتاب آيو تہ تو اسان جي طالب کي ڇو ڪاريو جو اسان اھڙن بي مراد وارن ۾ انھن کي جيڪي اسانجي راہ ۾ سخت مجاھدا ۽ تڪليفون ڪڍندا آھن. انھن کي تمام گھڻو گھرندا آھن.

شعلو: چون ٿا تہ ھڪ ڏينھن سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي رحمۃ اللہ عليہ تي الاھي شوق اچي غلبو ڪيو ۽ عرش تي وڃي پھتو. چوڻ لڳو، اي عرش مون کي خدا تعاليٰ جي خبر ڏي جو پاڻ چيو اٿس: **الرحمٰن علي العرش استوا**(سورة:20/5) معنيٰ:"ٻاجھارو رب عرش تي آھي." عرش جواب ڏنو تہ جنھن کي تون ھتي ڳولھڻ لاءِ آيو آھين، تنھن کي ڌرتيءَ وارن خاڪين يعني انسانن ۾ ڳول. ڇاڪاڻ تہ اللہ تعاليٰ پاڻ فرمايو آھي:(225) **انا عرضنا الامانۃ علي السموات والارض والجبال فابين ان يحملنھا واشفقن منھا وحملھا الانسان انہ کان ظلوما جھولا**:(33/72) معنيٰ: اسان آسمانن، زمين ۽ جبلن کي امانت جي آڇ ڪئي، پر ان جي کڻڻ کان انڪار ڪيائون ۽ پوئتي ھٽيا. پوءِ ان کي انسان پاڻ تي کنيو. بيشڪ ھو پاڻ سان زيادتي ڪندڙ آھي ۽ جاھل آھي."

اي بايزيد، خدا تعاليٰ پنهنجي اشتياق جي اميد خاڪي انسانن ۾ رکي آهي. ان ڪري تون اتي وڃي ڳوليندس، هو انسانن ۾ آهي، هتي نه آهي:

[90]

اُنهين ۾ آهي، جي تون پانئين جهوپڙا،
تاڙي جي لاهي، ته اُجارو لوڪ ٿئي.

[هو انهيءَ هنڌ آهي، جنهن کي تو جهوپڙا ڪري پانيو آهي. ماڻهو جيڪڏهن اندر جي تاڙي لاهي ته جيڪر ڪيس سڀ نيڪ روشن ٿئي.]

[91]

منهن ڪر منجهارا، ٻاهر ڍونڍ ۾ ڍور جئن،
اڪري آرا، ڪنڌيءَ پڄڻ ڏاڪڙو.

[پنهنجي اندر ۾ جهاتي پاءِ، ڍور وانگر ٻاهر نه ڳول. تکي وهڪري کي پار ڪري ڪناري تي رسڻ ڏکيو ڪم آهي.]

شعلو: هڪ دفعي جو ذڪر آهي ته غوث الثقلين عارف رباني، پسنديده درگاهه خداوندي ميران محي الدين شيخ عبدالقادر جيلاني ڪنهن اهڙي جڳهه تي وينا هئا، جو سندن سمورو ڌيان ان طرف هيو ته ڪيئن مختلف شيون خدا جي تسبيح ۾ مشغول آهن. في الفور خدا جي درگاهه مان آواز آيو: اي غوث الاعظم، اسان جو ذڪر ڇڏي غير سان مشغول ٿيو آهين! اهو خطاب ٻڌي پاڻ حيران ٿي ويا ۽ فوري طور زاريءَ ۾ پئجي ويا ۽ دعا گهرڻ لڳا ته اي خداوندا، منهنجي لاءِ اهو دروازو ئي بند ڪر ته جئن پيهر اهي تسبيحون ٻڌي تو کان غافل نه ٿيان. (226)

شعلو: اڳين بزرگن فرمايو آهي ته الاهي سخن جيڪي اسين ڇئون ٿا سي ٻين کي به ٻڌائڻ کپن ته جئن اهي ٻڌي جيڪڏهن ڪنڌ ڌوڻيندا تڏهن به هنن لاءِ اها غنيمت آهي.

شعلو: هڪ دفعي ڪجهه مهمان زماني جي يڪتا عورت بيبي رابعه بصريءَ وٽ اچي ترسيا. گهر ۾ ٻن مانين جو اٽو مس هو. اهي به جڏهن پچايائين ته در تي اچي فقير خدا واسطي سين هنئي. ٻئي مانيون کڻي ان جي حوالي ڪيائين. مهمان تعجب ۾ پئجي ويا ته اهي ٻه مانيون به اسان کي نه ڏنائين، بلڪ فقير کي ڏئي ڇڏيائين. بيبي رابعه مهمانن جي پريشاني سمجهي

وٺي ۽ ڪين چيائين تہ مون اهي مانيون خدا واسطي ان ڪري ڏنيون آهن تہ جئن هو زياده ڪري ڏئي. ڪجهہ دير ڪان پوءِ هڪ ٻانهي ظاهر ٿي جيڪا شهزاديءَ طرفان موڪليل مانيون ڪٺي حاضر ٿي ۽ چوڻ لڳي تہ هي اٺويهہ مانيون سائڻ توهان لاءِ موڪليون آهن. بيبيءَ جڏهن مانيون ڳڻيون تہ اٺويهہ نڪتيون. بيبي اهي قبول نہ ڪيون ۽ ٻانهيءَ کي چوڻ لڳي تہ سائڻ کي چئجانءِ تہ مون خدا واسطي اڪي انگ ۾ مانيون نہ ڏنيون هيون جو مون کي اڪي انگ ۾ ملن.

حضرت جن جڏهن پهتا تہ چوڻ لڳا تہ اسان کي اهو گمان هو تہ ڪو بيبي رابعہ ان ٻانهيءَ جو راز فاش ڪندي. چاڪاڻ تہ اصل ۾ مانيون ويهہ ٿي هيون. پر هڪڙي ماني ٻانهيءَ چورائي هئي.

شعلو: ڪنهن شخص وٽ هڪ گڏهہ هو جيڪو سندس روزگار جو واحد وسيلو. هو اتفاقاً سندس گڏهہ گم ٿي ويو. ڏاڍي ڳولا ڪيائين پر نہ لڌو. آخر جڏهن گمام لاچار ٿيو تہ شهر جي شيخ ۽ پير مرشد وٽ عرض ڪٽي آيو تہ منهنجو گڏهہ گم ٿي ويو آهي، يا تہ اهو ڳولهي ڏيو يا خدا واسطي مونکي ايترا پئسا ڏيو جو ٻيو گڏهہ وٺان. ان مرشد پلاري پڇيس تہ تنهنجو گڏهہ ڪيترو لهندو هو. وراڻيائين پنجاهہ درهم. ان پير جا ڪيترائي مريد هئا. پنجاهہ چڙا تہ ان وقت بہ وٽس ويٺا هئا. سو انهن کي چيائين تہ هن شخص کي هڪ هڪ درهم ڏيو. سڀ (227) مريد پير جي حڪم جي بجاآوريءَ ۾ لڳي ويا. ۽ ڪتان بہ هٽ ڪري هڪ هڪ درهم ان شخص کي ڏنائون. اهڙيءَ طرح اٺونجاهہ مريدن هڪ هڪ درهم ڪري ان شخص کي ڏنو. هڪڙو مريد تمام غريب مسڪين هو. ڪيس هڪ درهم جي بہ وسعت ڪو نہ هئي ۽ نہ وري ڪنهن ڪان اڌارو وٺي سگهيو. آخر لاچار ٿي ان شخص کي چيائين تہ اهي پئسا جيڪي توکي مليا آهن، اهي خرچ راهہ سمجهہ. باقي تنهنجو گڏهہ فلاڻي چراگاهہ ۾ جيڪو ڪافي پري آهي، اتي وڃ تہ توکي ملي ويندو. ان شخص ائين ڪيو ۽ هن کي واقعي پنهنجو گڏهہ ملي ويو.

هوڏانهن غريب مسڪين مريد جڏهن پير جي خدمت ۾ آيو تہ پير پڇيس تہ تو هن گڏهہ واري شخص کي درهم ڏنو يا نہ؟ مريد ويچارو ڏاڍو ڦڪو ٿيو ۽ ڪو بہ جواب ڏئي نہ سگهيو. ان تي پير چيس تہ هي اٺونجاهہ مريد بہ صاحب ڪرامت هئا. پر هنن پنهنجي ڪرامت ظاهر نہ ڪئي. تو هنن وانگر

عقيدو نہ رکيو، ۽ پنهنجي ڪرامت ظاهر ڪيئي. هاڻي تنهنجي اها سزا آهي تہ هن ڪانپوءِ اسان جي مجلس ۾ ڪڏهن بہ نہ اچج. پنهنجي مريدن کي بہ جهليائين تہ هن کي پنهنجي مجلس ۾ ڪڏهن اچڻ نہ ڏين.

شعلو: هڪ دفعي شيخ بايزيد بسطامي ڪنهن ويراني مان گذري رهيو هو تہ پٽ تي ڪنهن جي کوپڙي پيل ڏٺائين. جنهن جي پيشانيءَ تي هيءُ لفظ لکيل هئا. **خسرالدنيا ولاخره** يعني دنيا ۽ آخرت ٻئي ڇڏ ڪيائين.* بايزيد اهي لفظ پڙهي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو.

چون ٿا تہ انهيءَ ڳالهہ ڪرڻ وقت حضرت جي پيشانيءَ تي بہ رونق اچي وئي ۽ پاڻ چوڻ لڳا تہ واقعي جيڪو شخص دنيا ۽ آخرت ٻنهي طرف کو(228) التفات نٿو ڪري ۽ ڇاڻي واڻي انهن کان لاتعلق رهي ٿو تہ اهو ضرور واصل بالله ٿئي ٿو.

شعلو: هڪڙي مريد پنهنجي پير کي نهايت نماڻائيءَ سان عرض ڪيو تہ مون کي خدا تعاليٰ جي حوالي ڪريو. پير وراڻيو تہ توکي خدا جي حوالي نٿا ڪريون. بلڪ خدا کي تنهنجي حوالي ٿا ڪريون.

شعلو: هڪ دفعي عارف ۽ قطب رباني شيخ شبلي رحمة الله عليه جو مريد سندن اجازت سان ڪعبة الله جي زيارت جي ارادي سان روانو ٿيو. هر منزل تي ڏاهي ڪرڻ وقت مراقبو ٿي ڪيائين ۽ جيستائين مراقبي ۾ پنهنجي مرشد جو ديدار نٿي ڪيائين. ايستائين اڳتي نٿي وڌيو. هڪ ڏينهن مراقبي ۾ پنهنجي مرشد کي بادشاهہ جي قيد ۾ ڏٺائين. ان وقت سندن سامهون وضوءِ وارو ڪوزو رکيل هو. جلال ۾ اچي ان ڪوزي طرف جو نظر ڪيائين تہ اهو ڪوزو وڃي اڏاڻو ۽ ان بادشاهہ جي شهر مٿان اچي ڪڙڪيو. ڪوزي جي ڪرڻ سان ڪيترا ماڻهو زخمي ٿي پيا ۽ ڪيترو سارو نقصان ٿيو. بادشاهہ کي جڏهن اها خبر پئي تہ هن عالمن کي گهرائي پڇيو تہ اها قيامت جي نشاني تہ ڪونهي تہ هڪ ڪوزي سان هيءَ شهر تباهہ ٿئي. جواب ڏنائون تہ نہ. اجان اهو ذڪر هليو پئي تہ بادشاهہ کي خبر تہ انهيءَ ڪوزي سندس شاهي طنبيلي ۾ ڪيترن گهوڙن کي زخمي ۽ مرڻينگ ڪري ڇڏيو آهي ۽ آخر ۾ اهو ڪوزو انهيءَ قيدخانہ وٽ وڃي پهتو آهي جتي شيخ شبلي نظر بند آهي.

بادشاهہ اهو ٻڌي پنهنجا امير امرا ۽ مشير ساڻ ڪري، شيخ شبليءَ

جي خدمت ۾ آيو ۽ وڏي عاجزيءَ سان(229) اچي عرض ڪيائين تہ ڪهڙو سبب جو آهي جو هڪ ڪوئرو اسان جي تباهيءَ جو ڪارڻ بنيو آهي؟ شيخ شبليءَ سچي ڳالهہ ڪري ٻڌايس تہ سندس هڪ مريد آهي جو ڪعبة الله جي زيارت لاءِ ويل آهي. تنهن خواب ۾ مون کي قيد ۾ ڏٺو آهي جنهن ڪري هن پنهنجي ڪوئري کي حڪم ڪيو آهي تہ اهو اچي توهان کي خبردار ڪري. اهو ٻڌي هڪدم شيخ کي وڏي عزت ۽ مان شان سان قيد مان ٻاهر وٺي آيا ۽ شيخ جي حڪم کان پوءِ اهو ڪوئرو واپس اڏامي ويو. ان مريد جڏهن اهو ڪوئرو ڏٺو. تنهن کان پوءِ ڪعبي طرف اڳتين منزل ڏانهن روانو ٿيو.

شعلو: هڪ درويش تي خدا تعاليٰ ايڏو مهربان هو جو هڪ ڪڪر سندس حڪم مطابق هلندو هو. جتي بہ هو ويندو هو يا ڪٿي ويهندو هو تہ اهو ڪڪر مٿس ڇانو ڪندو هو.هڪ ڏينهن اهو ڪڪر غائب ٿي ويو ۽ هاٿي مٿس ڪو ڇانو ڪرڻ وارو نہ هو. درويش ڏاڍو پريشان ٿيو. گهڻيئي حيلا هلايائين ۽ ڪيترن بزرگن درويش وٽ ويو. پر ڪامياب نہ ٿيو. آخر هڪ بزرگ ڏس ڏنس تہ فلاڻي بادشاهہ جي خدمت ۾ وڃ ۽ ان کي پنهنجي مقصد لاءِ عرض ڪر. هي شخص جڏهن ان بادشاهہ وٽ پهتو تہ بادشاهہ ان وقت جهنگ ۾ شڪار ڪري رهيو هو. بادشاهہ پاڻ عارف ڪامل هو سو سمجهي ويو تہ هي شخص ڪهڙي مقصد لاءِ آيو آهي. پنهنجي خدمتگار کي چيائين تہ هن جو خاص خيال رک. بادشاهہ جڏهن پنهنجي ماڳ تي موٽي آيو تہ پهريائين ان کي هڪ محل ڏيکاريائين. جيڪو نهايت عاليشان طرز تي ٺهيل هو. سڄو محل عجيب نقش و نگار ۽ هيرن جواهرن سان سينگاريل هو. محل اندر ڪيئي حسين و جميل نازڪ بدن ڪنيزون ريشم ۽ ڪيمخواب پهري ويٺل هيون. سندن لباس تي نهايت قيمتي هيرا موتي(230) جڙيل هئا ۽ سندن سهورو بدن سون ۽ چانديءَ سان ڍڪيل هو. هن آيل درويش کي پهريائين انهيءَ محل جو سير ڪرايو. ليڪن آخر ۾ کيس هڪ اهڙي جهوپڙيءَ ۾ پڻ وٺي آيا. جتي هڪ عورت ويٺي هئي ۽ چرخي تي سٽ ڪَتي رهي هئي. اهو سٽ وڪڻي جيڪي مليس ٿي ان مان ٻن مانين جو اٽو مس ٿي مليو. جنهن مان هڪ ماني پاڻ تي کاڌائين تہ ٻي ان بادشاهہ کي ٿي ڏنائين. اتي بادشاهہ پنهنجو شاهي چرغو هٽائي هيٺان ڇتين لڱل پهراڻ جنهن ۾ لوهہ جون ميخون لڳل هيون. ان درويش کي ڏيکاريو. اهو بہ

ڇيائينس تہ اھا عورت منھنجي زال آھي ۽ لباس منھنجو اھو آھي.

ھوڏانھن بادشاھ جي زال جو اڳ ۾ ٻڌو ھو تہ اڄ سندن گھر تي ھڪ مھمان اچي رھيو آھي تہ ھن ٽي مانيون تيار ڪيون ھيون. ھوءَ دل ۾ ڏاڍو خوش ھئي تہ ڪو طالب خدا سندن مھمان بڻجي رھيو آھي. ليڪن جڏھن بادشاھ ٻڌايس تہ ھي درويش ڪکر جو طالب آھي ۽ ان نيت سان ھتي آيو آھي تہ ان عورت تڏو شوڪارو پريو ۽ چوڻ لڳي تہ مون سمجھيو ھو تہ ھي درويش طالب خدا ھوندا.

آخرڪار ھن درويش کي پنھنجو مقصد حاصل ٿيو تڏھن کيس رخصت ڪيائون.

شعلو: ھڪ دفعي ڪي بزرگ عارف يگانہ بيبي **رابعہ بصريءَ**(231) ڏانھن سيڙجي ملاقات لاءِ آيا. رابعہ بصري کين مخاطب ٿي چوڻ لڳي تہ ڇا توھان کي خداوندا تعاليٰ جي رضامندي ۽ ڪاوڙ جي خبر پوندي آھي؟ ھنن جواب ڏنو تہ اسان کان وڌيڪ توکي خبر آھي. ان تي بيبي رابعہ چوڻ لڳي تہ جڏھن خدا جا فقير صرف سلام ڏياري موڪليندا آھن. پر پاڻ نہ ايندا آھن. سمجھندي آھيان تہ خدا تعاليٰ ناراض آھي. ليڪن جڏھن ھو پاڻ ھلي ايندا آھن تہ سمجھندي آھيان تہ خداوندا تعاليٰ راضي آھي. اھو سخن انھن بزرگن کي ڏاڍو پسند آيو.

شعلو: ھڪ دفعي ڪي ٻہ درويش سفر ڪندي ڪنھن مسجد ۾ اچي مقيم ٿيا. سمھڻي نماز کان پوءِ جڏھن سڀ نمازي ھليا ويا تہ ھنن گوشائتو ويھي وحدت جا سخن ورجايا. ان ڪانپوءِ رمز طور ويھي ھڪٻئي پنھنجون ٽوپيون اڇلائي ھنيائون. اوچتو کين محسوس ٿيو تہ ڪو ٽيون شخص بہ مسجد ۾ ڪنھن ڪنڊ ۾ موجود آھي. فوراً مات ٿي ويا ۽ ظاھري دنيا جون ڳالھيون ڪرڻ لڳا تہ جيئن ٻي ڪنھن کي خبر نہ پوي.

شعلو: ھڪ پيري جو ذڪر آھي تہ وقت جو عارف ۽ خدا جو برگزيده ميران محمد جنھن کي مھدي جو لقب ھو. ٺٽي ۾ تشريف فرما ھو. ھڪ ڏينھن ھن پنھنجي مريدن کان پڇيو تہ فلاڻي مريد کي پورو ھفتو ٿيو آھي جو اسان وٽ نہ آيو آھي، ان جو ڪھڙو سبب آھي؟ جواب ڏنائون تہ ھو بيمار آھي. اھو ٻڌي(232) ميران محمد پنھنجي مريدن کي چيو تہ اٿو تہ ھلي ھن جي عيادت ڪريون. جڏھن ھن مريد جي گھر پھتا تہ پڇيائونس تہ ڪھڙي بيماري آھي. ھن

جواب ڏنو تہ ڪا بيماري ڪونهي، البت هڪ هفتو ٿيو آهي، جو خدا تعالىٰ مون کي قطب جي درجي تي پهچايو آهي، ليڪن آءٌ اهو درجو قبول نہ ڪري رهيو آهيان. هينئر بہ آءٌ پريشان آهيان تہ اهو درجو قبول ڪريان يا نہ! پاڻ چيائونس تہ اها چڱيَ مڙسي هرگز قبول نہ ڪجانءِ. مرد اهو آهي جيڪو غلامن وانگر پنهنجي ڪم ڪار ۾ هميشه مشغول رهي ۽ ڪڏهن بہ مرتبو قبول نہ ڪري.

اها ڳالهہ ڪري حضرت جن فرمايو تہ ميران محمد جونپوري رحمة الله عليه وڏو بزرگ هو. ايتري قدر جو پنج سئو بادشاهن جا پٽ دنيا کي ترڪ ڪري هن جا مريد ٿيا هئا.

شعلو: ڪنهن بادشاهہ کي هڪ خوبصورت ڌيءَ هئي جنهن کي هن شاهي محل ۾ وڏي ناز نعم سان پاليو هو. اوچتو هڪ ڏينهن الاهي شوق ۽ محبت اچي ان شهزاديءَ تي غلبو ڪيو ۽ شاهي ويس وڳا لاهي پنهنجي اگهاڙي تن بدن کي خدا جي حوالي ڪيائين. اهڙي حال سان هوءَ بازارين ۽ گهٽين ۾ گهمندي رهي. جيڪڏهن ڪيس ڪو پنهنجي گهر ۾ وٺي ٿي ويو تہ ڪجهہ نٿي ڳالهايائين ۽ جواب ۾ ڪي نٿي ڪڇيائين. آخر هڪ ڏينهن واپاريءَ جي دڪان تي ويهي ان کي چوڻ لڳي مون کي ڪٿي لڪاءِ جو اهڙو مرد اچي رهيو آهي، جيڪو مون کي اگهاڙو ڏسي وٺندو. هن واپاريءَ جواب ڏنو عجيب ڳالهہ آهي هي ماڻهو جيڪي بيٺا آهن انهن ۾ ڪو مرد ڪونهي جنهن توکي انهيءَ حالت ۾ ڏٺو هجي. شهزادي کيس چوڻ لڳي تون انهيءَ ڳالهہ کي ڇڏي ڏي ۽ خدا واسطي مون کي ڪٿي لڪاءِ!

واپاريءَ سوچيو تہ هن ڇري عورت کي ڪنهن اهڙي جڳهہ تي لڪائجي تہ جيئن مري کپي وڃي ۽ پين جي جان بہ ڇٽي پوي. اهو سوچي هن کي وٺي آئي گهر جي تنور ۾ بند ڪيائين ۽ ان جي مٿان ڍڪ ڏيئي ڇڏيائين. اجان ٿوري دير نہ گذري هئي(233) تہ هڪ مرد ظاهر ٿيو ۽ تنور جي مٿان ويهي سڏ ڪرڻ لڳو تہ ٻاهر نڪري اچ. اندران جواب آيو تہ اگهاڙي آهيان. انهيءَ مرد چا ڪيو جو پنهنجي چادر لاهي اندر اڇلايائين تہ اها عورت چادر ڍڪي ٻاهر نڪري آئي. سندس ڪنهن بہ عضوي کي باهہ نہ ساڙيو هو. ان کان پوءِ ڪافي دير تائين ويهي پاڻ ۾ ڪچهريون ڪيائون ۽ وحدت واريون رمزون ويهي پاڻ ۾ ونديائون.

آخر ۾ واپاريءَ ان شهزاديءَ کان پڇيو ته ان مرد کانسواءِ هتي ڪي ٻه مرد ڪين هئا. جنهن کان تون پنهنجو اگهاڙو بدن ڍڪين ها. جواب ڏنائين ته اهي سڀ نامرد هئا. مرد صرف اهل الله هوندا آهن.

حضرت جن چوندا هئا ته انهيءَ عورت ائين به چيو ته بيبي رابعه بصريءَ پيو سڀ ڪجهه خدا جي واسطي قربان ڪيو هو. پر پنهنجو ستر سيل قائم رکيو هئائين. ليڪن مون پنهنجو سڀ ڪجهه ستر سيل به خدا واسطي قربان ڪري ڇڏيو!

شعلو: هڪ ڏينهن سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي رحمة الله عليه خرقان شهر جي پرسان اچي لنگهيو. اتي پنهنجن سائين ڪي مخاطب ٿي چوڻ لڳو ته هتي اسان کي هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي خوشبو اچي رهي آهي، جيڪو اسان کان پوءِ پيدا ٿيندو. پر اسان جو مريد هوندو ۽ سندس نالو ابوالحسن هوندو. اسان خدا جي راه ۾ جنهن منزل تي ايڏي ذڪر فڪر کانپوءِ پهتا آهيون. هو فوري طور اتي پهچندو.

چون ٿا ته ابوالحسن کان جڏهن اهو سوال ڪيو ويو ته بايزيد پنهنجي جواب ۾ چيو هو ته هو مسافر آهي ۽ نه مقيم. توهان ان سوال جو ڪهڙو جواب ڏيو ٿا؟ ابوالحسن وراڻيو ته اسين هئي يعني مسافر به آهيون ته مقيم به!.

شعلو: هڪ فقير هو جنهن کي اها ڳالهه اچي ذهن ۾ ويٺي ته ڏينهن ۽ رات ۾ هڪ اهڙي گهڙي آهي، جيڪا قبوليت(234) واري آهي. انهيءَ خيال سان وڃي هڪ جبل تي ويٺو ۽ مسلسل اها دعا گهرندو رهيو ته خداوندا هن جبل کي سون بناءِ. اوچتو هن جي دعا قبول پئي ۽ سڄو جبل سون جو ٿي پيو. ان کان پوءِ وري ٻي دعا گهرڻ لڳو ته اي مولا، جيڪو تو کان ٿوري يا ننڍي شيءِ جي گهر ڪري، ان جو ڪارو منهن ڪر. هن اڃان اها دعا مس پوري ڪئي ته سندس منهن ڪارو ٿي پيو. وري مٽي منهن ڪري چوڻ لڳو ته خداوندا، مون اهو ڪو نه گهريو هو ته منهن ڪارو ٿئي. هاتفي آواز آيو ته اي درويش تو تمام ننڍي شيءِ جي گهر ڪئي هئي. منهنجي عنايت تمام وڏي آهي، ۽ منهنجو لطف تمام وسيع آهي. اهو ئي سبب آهي جو تنهنجو منهن ڪارو ٿي پيو آهي.

شعلو: هڪ ڏينهن ڪو خدا جو ديوانو دنيا جا سڀ ڪم ڪار ڇڏي

ڪري، جهنگ منهن ڏيئي هليو. پاڻ سان صرف گدائي واسطي هڪ ڪاسو ڪنيائين. واٽ تي هڪ بزرگ گڏيس جنهن ڏسي ڪيس چيو تہ هي هٿ ۾ ڇا ڪنيو اٿئي؟ جواب ڏنائين تہ اهو ٺڪر جو ڪاسو آهي، جيڪو گدائي واسطي ڪنيو اٿم. بزرگ چيس تہ اهو بہ اجايو ڪنيو اٿئي، جيڪو رزق ڏيندو اهو ڪاسو بہ پاڻهي موڪليندو. ان درويش بہ ان مهل اهو ڪاسو ڪڍي پٽ تي ٺڪاءُ ڪرايو ۽ پاڻ روانو ٿي ويو.

شعلو: پنهي جهانن ۾ خدا جو پسنديده بزرگ سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي رحمة الله عليه فرمائيندو هو تہ جڏهن منهنجي دل ۾ هن دنيا جو خيال ايندو آهي تہ آءٌ صرف وضو ڪندو آهيان، پر جيڪڏهن آخرت جو خيال يا فڪر لاحق ٿيندو اٿم تہ پوءِ غسل ڪندو آهيان. ڇو تہ هيءَ دنيا آخرت جي مقابلي ۾ ڪمتر آهي ۽ آخرت جو درجو گهڻو بلند آهي، ان ۾ بهشت ۽ ٻيون گهڻيو شيون آهن. ان ڪري آخرت جو خطرو وڏو ۽ وڏيڪ آهي. (235) انهيءَ ڪري آءٌ غسل ڪندو آهيان.

شعلو: هڪ بزرگ پنهنجي مريدن کي هدايت ڪري رهيو هو تہ عورتن جي ويجهو نہ وڃو، بلڪ ان ڳالهہ جو خيال ڪريو تہ جڏهن توهان جو پاسو بہ انهن جي چادرن کي نہ لڳي. هن سلسلي ۾ خاص خيال ڪريو ۽ ان نصيحت تي سختيءَ سان عمل ڪريو. مريد ايڏي تاڪيد ٻڌي ان نصيحت تي عمل ڪرڻ لڳا. اتفاقاً هڪ ڏينهن اهو بزرگ پنهنجي مريدن سان گڏ بازار مان اچي لنگهيو. سندس مريد پٺيان پٺيان هئا. ڏٺائون تہ اهو بزرگ عورتن جي وچ مان ٿي گذريو ۽ ان ڳالهہ جو خيال نٿي ڪيائين تہ متان ڪنهن عورت کي پاسو لڳي وڃي يا ان جو ڪپڙو ۽ چادر چنبڙي پوي. مريدن عرض ڪيو تہ سائين اسان کي اهڙين ڳالهين کان سختيءَ سان منع ڪندا آهيو، پر پاڻ ان تي عمل ڇو نہ ٿا ڪريو؟ جواب ڏنائين تہ هي اهي عورتون ناهن جن کان مون توهان کي منع ڪئي آهي. مون توهان کي جن عورتن کان پاسو ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي، اهي آهن جيڪي پنهنجي گهر جي چوديواريءَ کان ٻاهر نٿيون نڪرن ۽ پرهيزگار آهن.

شعلو: چون ٿا تہ عيد جو ڏهاڙو هو. انهيءَ ڏينهن علم جو بحر ۽ حلم جو پهاڙ، همت جو صاحب، ازلي ۽ ابدي مالڪ جو دوست شيخ سعدي رحمت الله عليہ پنهنجي پٽ سان گڏجي عيدگاه طرف وڃي رهيو هو. اتي

ماڻهن جو وڏو انبوه هو سو، پٽ کي چيائين تہ منهنجي چادر جي ڪنڊ کي سوگهو ڪري جهلج تہ متان ماڻهن جي انبوه ۾ گم نہ ٿي وڃين. جيڪڏهن چادر جي اها ڪنڊ توکان ڇڏائجي وئي تہ پوءِ مون کي هرگز ڳولي نہ سگهندين.

اها ڳالهہ ڪري حضرت جن چوڻ لڳا تہ طالب کي گهرجي تہ ڪڏهن بہ اسم خدا جو دل تان نہ وساري، نہ تہ اهڙو فراق اچي ويندس جو خدا کان گهڻو پري رهجي ويندو. (236)

شعلو: هڪ پيري ڪنهن شهر ۾ اچي قحط پيو. ڪيتري وقت کان برسات جو ڦڙو بہ نہ پيو. بک ۽ بدحالي کان ماڻهو مرڻ ۽ شهر ڇڏڻ لڳا. آخر ۾ وڃي بادشاهہ ۽ سندس زال بچيا. ڪجهہ وقت کانپوءِ بادشاهہ بہ گذاري ويو. باقي سندس زال وڃي بچي، جيڪا انهيءَ بک ۽ بدحاليءَ جي عالم ۾ مٽيءَ ۾ پوريل رهيل کهيل ان جا داڻا پٽي ڳولهيندي هئي. ايتري قدر جو پورا ست ڏينهن گڏ ڪرڻ کانپوءِ هڪ ويلي جو قوت گڏ ٿيندو هو ۽ انهن جي ماني پچائي بک ٽاريندي هئي. هڪ دفعي جڏهن ستن ڏينهن جي هڻ هڻان کانپوءِ ان جا داڻا ڪٺا ڪري ماني پچائي تيار ڪيائين تہ هڪ بکايل ڪانو اچي نڪتو. ڪانو جي حالت ڏاڍي رحم جوڳي هئي سو بادشاهہ جي زال اها هڪڙي ماني بہ ان ڪانو کي کائڻ لاءِ ڏئي ڇڏي ۽ پاڻ صبر ڪري ويهي رهي. ڪانو جڏهن ماني کائي ڊوڙ ڪيو تہ منهن مٿي ڪري آسمان ڏي ڏسڻ لڳو. بس پوءِ تہ اچي برسات پئي. سڄو ملڪ خوشحال ٿي ويو. مردا جيئرا ٿي پيا. سڪر سٺائي ٿي وئي. اَن جا انبار لڳي ويا. سڀئي ماڻهن اَن ڊوئي وڃي پنهنجا گهر ڀريا. مطلب تہ ان کان پوءِ ماڻهو خوشحال ٿي ويا ۽ خوش گذارڻ لڳا. ليڪن اهو سڀ انهيءَ هڪڙي مانيءَ جي برڪت سببان ٿيو، جنهن ڪري رحمت الاهي جوش ۾ آئي.

شعلو: چون ٿا تہ زماني جي برگزيده هستي بيبي(237) رابعہ بصري ڪڏهن بہ **اعوذ بالله من الشيطان الرجيم** نہ چيو هو. هڪ دفعي پڇيائونس تہ اعوذ بالله چو نہ ٿي چئين؟ جواب ڏنائين تہ شيطان سان منهنجي ڪا دشمني ناهي، نڪي ان ڏانهن ڪو انتقام رهيل اٿم.

شعلو: هڪ بزرگ کي رسول ﷺ جي صحبت نصيب هئي. سندس هڪ نندي ڏيءَ هئي جيڪا سڄو ڏينهن گڏين سان راند ڪندي هئي. هن اڳرين منجهان ڪيترين انساني شڪليون ٺاهيون هيون ۽ انهن کي ڪيترا نالا ڏنا

هئائين. هڪ وڏي گڏي کي "سيد" ٿي چيائين. اتفاقاً هڪ ڏينهن جڏهن چوڪري راند ۾ مشغول هئي ته سندس پيءُ کيس ڏسي ورتو ۽ ان ڳالهه کي سخت ناپسند ڪيائين. هو اهي سڀ رانديڪا ڪسي انهن کي ساڙڻ لڳو. تنهن تي ڌيءُ چيس ته انهيءَ سيد کي نه ساڙ جو. پڻس انهيءَ ڳالهه تي ڪو ڌيان نه ڏنو ۽ سڀئي ڪٺي باهه ۾ اڇلايائين.

ٻئي دفعي جڏهن اهو درويش رسول ڪريم ﷺ جن جي صحبت ۾ آيو ته پاڻ سڳورن ڪٺي منهن ڦيرايو ۽ پنهنجي ناراضگي ظاهر ڪيائون. اهو بزرگ حيران ٿيو ته ڪهڙي خطا ڪئي اٿم جو هينئن ناراض ٿيا آهن. چيائونس ته تو وڏو ڏوهه ڪيو آهي، جو تنهنجي ڌيءُ توکي ٻڌايو ته هن سيد کي باهه ۾ نه ساڙ جو. تڏهن به ان جو چوڻ نه ڪيو. گويا تو سيدن جي عزت ۽ مرتبي جو ڪو خيال نه ڪيو. اهو عتاب ٻڌي اهو بزرگ توبه تائب ٿيو.

شعلو: زماني جو قطب فاني في الله ۽ بقا باالله شيخ جنيد بغدادي رحمة الله عليه جو قول آهي ته ٻارنهن سال وحدت جي درياءَ ڪناري قيام ڪيوسون. اتي اسان ڏٺو ته ڪيترن خدا جي طالبن (238) جون ڪشتيون ٻڏي غرق ٿي پئي ويون. البت اهڙيون چند ٻڌڻ کان بچي ٿي ويون، جن وٽ صبر جو سڙهه، يقين جو ڪوهو ۽ همت جو سڪاڻ ساڻ هو. صرف اهي ئي ٻيڙيون سلامتيءَ سان ڪناري تي ٿي پهتيون.

شعلو: هڪڙو درويش اڪيلو ئي اڪيلو جهنگ ۾ وڃي خدا کي ياد ڪرڻ لڳو ۽ دنيا جي سيني ڌنڌن ۽ لاڳاپن کان پاڻ پلي ويٺو. هڪ ڏينهن مراقبي ۾ دنيا کي ڏٺائين جيڪا کيس چئي رهي هئي ته مون کي قبول ڪر. درويش چوڻ لڳس ته تو ڪنهن سان وفا نه ڪئي آهي ۽ نه ڪنهن وٽ تون هميشه رهي آهين. بلڪ جڏهن ڇڏي ويندي آهين ته ٻڌائيندي به نه آهين. ان ڪري توکي قبول ڪرڻ هرگز مناسب ڪونهي. دنيا اهو ٻڌي چوڻ لڳس ته مون کي قبول ڪر. توسان آءٌ وعدو ٿي ڪريان ته رواني ٿيڻ وقت آءٌ توکي ٻڌائيندس. آخر درويش اها آڇ قبول ڪئي.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ وزير جو پٽ سخت بيمار ٿي پيو. ڪنهن جي ڏس ڏيڻ تي هن درويش وٽ وٺي آيس، جيڪو درويش جي دعا سان چڱو ڀلو ٿي پيو. وري بادشاهه جي ڌيءُ بيمار ٿي پئي ۽ ذري گهٽ مرڻ تي هئي، بلڪ

ٻين طبيبن لاعلاج سمجهي جواب ڏئي ڇڏيو هو، جو ان کي ٻـ هن درويش وٽ وٺي آيا. درويش جي دعا سان اها ٻـ شفاياب ٿي پئي. بادشاهه اهي ڳالهيون ڏسي درويش جو معتقد ٿي پيو ۽ پنهنجي ڌيءَ جو نڪاح ان درويش سان ڪرايائين. هينئر درويش بادشاهه جو نياڻو ۽ خاص مقرب ٿي پيو، تنهن ڪري وڏس دولت ٻـ ان انداز سان اچڻ لڳي. هر وقت طرحين جا طعام واپرائڻ ۽ مختلف قسمن جون پوشاڪون اوڍڻ لڳو. مطلب تـ هر ڪنهن سندن عزت ٿي ڪئي. (239) ڪيترائي سال زندگي ان نموني ۾ گذاريائين. ليڪن دل ۾ اهو خيال رهندو آيس تـ دنيا ڪڏهن نـ ڪڏهن ڪيس ڇڏي ويندي. ان ڪري پنهنجو درويشي لباس هڪ صندوق ۾ سانڍي رکي ڇڏيائين. ۽ ان وقت جو انتظار ڪرڻ لڳو.

هڪ ڏينهن محل ۾ صرف بادشاهه ۽ درويش موجود هئا. اتفاقاً بادشاهه کي ننڊ اچي غلبو ڪيو سو هن درويش جي گوڏي تي مٿو رکي ليٽي پيو ۽ ڪيس ننڊ ڪئي وئي. ٺيڪ انهيءَ مهل دنيا اچي درويش جي آڏو حاضر ٿي ۽ ڪيس چوڻ لڳي تـ آءٌ توکي خبردار ڪرڻ آئي آهيان تـ آءٌ توکان موڪلائڻ واري آهيان. درويش اهو ٻڌي سخت ڊڄتر جو شڪار ٿي ويو ۽ بادشاهه جي منهن ۾ گهوري نهارڻ لڳو. هوڏانهن انهيءَ وقت بادشاهه خواب ٿي ڏٺو تـ شيطان ڪيس چئي رهيو هو تـ تنهنجو نائي توکي ماري پاڻ بادشاهه ٿيڻ گهري ٿو. اوچتو انهيءَ مهل ڪتان کو ڪک اڏامي اچي بادشاهه جي وات ۾ پيو. درويش خيال ڪيو تـ اهو ڪيئن ٻـ ڪري هٽائجي. انهيءَ خيال سان هن پنهنجو چاقو ڪڍي ان ڪک کي آهستگيءَ سان هٽائڻ لڳو تـ بادشاهه جي اک کلي پئي. بادشاهه جو دوريش جي هٿ ۾ چاقو ڏٺو، سو پڪ ٿيس تـ سندس خواب سچو هو. وٺي وڏي آواز سان سڏ ڪيائين تـ ماڻهو اچي مڙيا. بادشاهه نائيءَ کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو تـ مون توکي هيتري عزت ڏني ۽ توکي ايترو مرتبو مليو مون توسان ڪهڙي برائي ڪئي جو تون منهنجي خون جو پياسو ٿي پئين؟ درويش گهڻئي عذر ڏنا، پر ڪا ڪانه ٻڌائونس. بيعزتو ڪري زنجير ڳچيءَ ۾ وجهي ڪئي قيد ۾ رکيائونس. انهيءَ وقت درويش بادشاهه جي محل ۾ رکرايل صندوق گهرائي ۽ پنهنجو لباس ڪڍي (240) پاتو ۽ بادشاهه کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو تـ ڪو خيال نـ ڪجو اسان دنيا کي چند ڏينهن لاءِ قبول ڪيو هو ۽

هينئر ان کي سوري ترک ڪريون ٿا.

حضرت جن اها ڳالھہ مڪمل ڪري چوڻ لڳا تہ اهي آهن دنيا جا مکر ۽ فريب. دنيا جنهن کي ڪا بقا ڪانهي، ان جي دام ۾ هرگز نہ اچو. بلڪ ان جي ويجھو نہ وڃو تہ جئن هلاڪ ۽ وبال کان بچي سگھو.

شعلو: هڪ پيري عارفن جو بادشاهہ، زاهدن جو شرف، سالڪن جو نڪ، بسطام جو پير بايزيد جهنگ ۾ چلي ۾ مشغول هو. جڏهن چلو پورو ٿيو تہ خدا تعاليٰ کان طعام جي گھر ڪيائين تہ جئن روزو کولي سگھي. آواز آيو تہ جيستائين شهر جو رخ نہ ڪندين تيستائين توکي ڪو طعام ملڻ مشڪل آهي. بلڪ تيستائين توکي اسان جي قدرت جي خبر نہ پوندي. انهيءَ ۾ اسان حڪمت رکي آهي تہ تون شهر ۾ وڃين ۽ توکي جيڪي کائڻ لاءِ ملي اها واپرائين.

شعلو: ڪنهن شهر جي پسگردائي ۾ هڪ شخص رهندو هو. جيڪو پنهنجو گھڻو وقت بيابان ۾ گذاريندو هو. اڪثر ڪري ڇهہ مهينا روزو رکندو هو ۽ اهو سمورو وقت دروازو بند ڪري عبادت ڪندو هو. جڏهن افطار لاءِ ٻاهر نڪرندو هو تہ وقت جو بادشاهہ جيڪو سندس معتقد هو زيارت لاءِ اچي حاضر ٿيندو هو. هو پاڻ سان ڪجھہ طعام پڻ کڻائي ايندو هو. اهو درويش هميشہ ان ريت افطار ڪندو هو. گھڻو وقت انهيءَ شخص جو اهو معمول رهيو. هڪ ڏينهن ان بادشاهہ جي هڪ ٻئي درويش سان ملاقات ٿي تہ ان سان ڪچهري ڪندي ڪيس انهيءَ شخص جي تعريف ڪيائين. چوڻ لڳو تہ هو وڏي مجاهدي وارو انسان آهي، جيڪو ڇهہ مهينا روزو رکي ٿو. اهو ٻڌي درويش چوڻ لڳو تہ توهان غلط سمجھيو آهي. دراصل (241) هو سڀ ڪجھہ کائي پئي ٿو، پر توهان کي خبر ناهي بادشاهہ حيران ٿي پڇڻ لڳو تہ اهو وري ڪيئن. ڪولي سمجھايو هن درويش جواب ڏنو تہ اصل ۾ توهان جي طرفان عزت ۽ مرتبوئي هن جي وڏي قوت آهي. بادشاهہ چوڻ لڳو تہ هن کي انهن ڳالهين جي ڪا پرواهہ ناهي. درويش چيو تہ پوءِ پلا توهان هينئن ڪريو جو هاڻي جڏهن ان جو چلو پورو ٿئي تہ توهان ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي وٽس موڪليو. جڏهن اهو درويش حجري کان ٻاهر اچي تہ ان کي چوي تہ بادشاهہ جيڪو اڳي توهان جو ايڏو معتقد هو هينئر توهان بابت پنهنجي خيال کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي، پوءِ ڏسو تہ ڇا ٿو ٿئي.

بادشاهه ائين ڪيو ۽ جڏهن چلي پوري ٿيڻ جو وقت آيو تہ هن ٻن چٽن کي موڪليو، جن انهيءَ درويش جي آڏو اچي اهڙي گفتگو ڪئي. جڏهن ان عابد شخص اها گفتگو ٻڌي تہ واقعي سخت ملول ٿي پيو. ويتر جو بادشاهه روزي کولڻ وقت نہ آيس تہ وڌيڪ پڪ ٿيس. ٽن ڏينهن کان پوءِ حجري جو دروازو کوليائون تہ ڏٺائون تہ عابد شخص مري چڪو آهي. اها خبر ٻڌي ان درويش بادشاهه کي چيو مون صحيح چيو هو يا غلط بادشاهه جواب ڏنو تہ توهان بلڪل صحيح چيو هو.

شعلو: چون ٿا تہ ولايت جي بادشاهه ۽ وقت جي شيخ سلطان ابراهيم ادهم وٽ جيڪو شخص مريد ٿيڻ لاءِ ايندو هو انَ کي ٽي شرط ٻڌائيندا هئا. جيڪڏهن اهي قبول ڪندو هو تہ ان کي مريديءَ ۾ قبول ڪندا هئا. اهي ٽي شرط هن ريت هئا: پهريون مريد کي چوندا هئا تہ جنهن ڪم جي ڪري توهان محتاجي محسوس ڪريو ان جو ذمو اسان پاڻ تي کڻون ٿا. توهان خاموش ٿي ويهي رهندا. ٻيو تہ ائي ۽ لٽي جو ذمو بہ اسان تي آهي. ٽيون ٻانگ صلواة بہ آءُ پاڻ چوندس. جيڪي ماڻهو مريد ٿيڻ ايندا هئا تہ اهي (242)ڳالهيون ٻڌي حيران ٿيندا هئا. گهڻا اهي ڳالهيون قبول نہ ڪندا هئا. هو چوندا هئا تہ اسين خود پير جي خدمت لاءِ اچون ٿا ۽ نہ پنهنجي خدمت واسطي! البت ڪجھ ماڻهو جيڪي وڌيڪ سمجهدار هوندا هئا اهي ڳالهيون قبول ڪندا هئا. انهن جو خيال هو تہ جيتوڻيڪ پير هٿان مريدن جي خدمت ترڪ ادب ۾ شامل آهي، پر اسان لاءِ اهو ڪافي آهي تہ قيامت جي ڏينهن ابراهيم ادهم جي مريدن جي قطار ۾ شامل هونداسين.

شعلو: ڪنهن بزرگ جو هڪ بادشاهه ڏاڍو معتقد هو. هڪ ڏينهن ٻئي ملڪ جي بادشاهه هن بادشاهه کي چورائي موڪليو تہ پنهنجي ڏيءَ جو سڱ مون کي ڏي نہ تہ توسان جنگ ٿيندي ۽ آءُ تنهنجي ملڪ تي چڙهائي ڪري ان کي برباد ڪندس. هن بادشاهه جواب ڏياري موڪليس تہ اهو ڪم مون کان هرگز نہ ٿيندو. اهو ٻڌي هن بادشاهه حملي جي نيت سان پنهنجو لشڪر چاڙهي موڪليو. هيڏانهن هوڏانهن جڏهن بادشاهه کي خبر پئي تہ فوراً ان بزرگ جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو. اهو بزرگ ان وقت مراقبي ۾ ويٺل هو. تنهن ڪري بادشاهه بيهي انتظار ڪرڻ لڳو. بزرگ جڏهن مراقبي مان ڪنڌ مٿي ڪنيو تہ

پڇا ڪيائين تہ ڪير بيٺو آهي؟ بادشاه جواب ڏنو تہ توهان جو خادم. بزرگ پڇيس تہ خدمت جو ارادو رکين ٿو. جواب ڏنائين تہ هائو. بزرگ چيس تہ پوءِ پنهنجي ڌيءَ مون کي نڪاح ۾ ڏي. بادشاه في الفور محل تي آيو ۽ پنهنجي ڌيءَ کي پرڻي لاءِ تيار ڪري ان بزرگ وٽ وٺي آيو. بزرگ عورت کي حجري ۾ چڙهي وري اچي مراقبي (243) ۾ ويهي رهيو. ليڪن بادشاه پهريائين وانگر اتي بيٺو رهيو ۽ اتان چريو ئي ڪو نہ. آخر بزرگ جڏهن محسوس ڪيو تہ وري ڪنڌ مٿي ڪري پڇڻ لڳو تہ ڪير بيٺو آهي؟ بادشاه ساڳيو جواب ڏنو تہ توهان جو خادم. بزرگ چيو تہ اڃان خدمت جي تمنا رکين ٿو. جواب ڏنائين تہ هائو. بزرگ چيس تہ پوءِ پنهنجي بدن تان ڪل جو ٽڪرو لاهي ڏي. بادشاه انهيءَ مهل ڪن ماڻهن کي چيو جن سندس ڪل لاهي ان بزرگ جي حوالي ڪئي. ٽئين ڀيري وري بزرگ مراقبي ۾ مشغول ٿي ويو. ليڪن بادشاه ساڳي ريت اتي ئي اٿين بيٺو رهيو. بزرگ وري ڪنڌ مٿي ڪڍي پڇيو تہ اڃا ڪير بيٺو آهي. بادشاه ساڳيو جواب ڏنو. بزرگ پڇيس تہ بندگيءَ جي اميد رکين ٿو؟ جواب ڏنائين تہ هائو. بزرگ چيس تہ پوءِ پنهنجو سر ڌار ڪري، اسان جي حوالي ڪر. بادشاه ائين بہ ڪيو. مطلب تہ جيئن بزرگ چيو ٿي تہ بادشاه بنا ڪجهہ جي ائين ٿي ڪيو.

بزرگ جڏهن اهو سڀ ڪجهہ مشاهدي ۾ ڏٺو فوراً ان بادشاه جي سر کي حڪم ڪيائين تہ وڃي ڌڙ سان مليو ۽ ڪل وڃي بدن سان ملي. ان ڪانپوءِ ان کي اٿڻ جو حڪم ڪيائين تہ بادشاه صحيح سلامت اٿي بيهي رهيو. بزرگ پڇيس تہ ڇا ڏٺئي. بادشاه جواب ڏنو تہ جڏهن مون پنهنجي ڌيءَ تنهنجي نڪاح ۾ ڏني معلوم ٿيو تہ دنيا جون سڀ ولايتون منهنجي حڪم هيٺ آهن ۽ ٻيو ڪو بادشاه ڪونهي. جڏهن مون پنهنجي ڪل لاهي تنهنجي حوالي ڪئي تہ خدا تعاليٰ جو مشاهدو نصيب ٿيو. وري جڏهن سر تن کان جدا ٿيو تہ پاڻ کي واصل بحق ڏٺم ۽ پنهنجو مقصد پورو ٿيندي ڏٺم. بزرگ چيس تہ دراصل جيڪي ڪجهہ تو پاڻ ڏٺو، مون اهو ئي توکي موٽائي ڏنو. (244) جيڪڏهن اڃان ڪجهہ ٻيو ڏين ها تہ ان جي عيوض پڻ توکي ضرور ڪجهہ ملي ها.

شعلو: چون ٿا تہ زماني جو شيخ، عارف يگانو، خدا جو پسنديده، پير عصر شيخ حسن بصري رحمة الله عليه گهٽو ڪري جڏهن وعظ ڪندو هو

تہ سامعين جي حال مطابق گفتگو ڪندو هو. ليڪن هڪ ڏينهن هو منبر تي ويهي وعظ ڪري رهيو تہ بي اختيار سندس زبان منجهان حقيقت جا ڳوڙها نڪتا ۽ اسرار الاهي جا نعرا واشگاف ٿيڻ لڳا. پاڻ حيران ٿي ويو تہ آخر ان جو ڪهڙو سبب آهي؟ خادم کي گهرائي چيائين تہ ڏس تہ مجلس ۾ ڪو اهل الله تہ اچي نہ ويٺو آهي. خادم وڃي ڏٺو. پر ڪيس ڪوئي نظر نہ آيو. واپس اچي ٻڌايائين تہ مجلس ۾ اهڙو ڪو شخص ويٺل ڪونهي. ان تي شيخ بصري چيس تہ مسجد ڪان ٻاهر وڃي معلوم ڪر. جڏهن اهو خادم مسجد ڪان ٻاهر آيو تہ ڏٺائين تہ بيبي رابعہ بصري هڪ سوراخ منجهان مسجد اندر نهاري رهي هئي ۽ وعظ ٻڌي رهي هئي. خادم اندر اچي شيخ کي ان حقيقت کان واقف ڪيو. چيائين تہ هائو اسان کي بہ اها حقيقت معلوم ٿي آهي.

شعلو: ڪنهن زماني ۾ هڪڙو فقير ۽ بادشاهہ جو پٽ پاڻ ۾ يار هوندا هئا. اوچتو بادشاهہ مري ويو ۽ سندس پٽ تخت تي ويٺو. فقير اُن وقت ڪنهن ٻئي ملڪ ويل هو. هڪ ڏينهن ان فقير کان ڪنهن غريب هڪ درهم گهريو. فقير چيس تہ مون سان گڏجي هل تہ وقت جي بادشاهہ کان جيڪو منهنجو يار آهي، ان کان توکي درهم وٺي ڏيان. سائل قبول ڪيو ۽ بادشاهہ ڏي روانا ٿيا.

هوڏانهن شهزادي پنهنجي وزير کي چيو تہ دينارن جي هڪ ڳوٿري پاڻ سان کڻو تہ پنهنجي يار فقير کي ڳولي ان جي حوالي ڪريون. اجان شهر کان ٻاهر مس نڪتا تہ رستي تي فقير ملي وين. (245) جڏهن هڪٻئي کي ڏٺائون تہ وڏي سڪ سان مليا ۽ ويهي ڪجهہ دير ڪچهري ڪيائون. اتي فقير بادشاهہ کي عرض ڪيو تہ هن مسڪين کي هڪ درهم ڏياريو. بادشاهہ اشارو ڪيو تہ ان مسڪين کي صرف هڪڙو درهم ڏنو وڃي. فقير جي موڪلائڻ کان پوءِ وزير پڇيو تہ سائين، هيءَ سڄي ڳوٿري جيڪا ساڻ کڻائي اٿو، سا ڪيس ڇو نہ ڏنو؟! هڪڙو درهم ڏيڻ مناسب ڪو نہ هو. بادشاهہ جواب ڏنو تہ جيڪڏهن هو گهر نہ ڪري ها يا سوال نہ ڪري ها تہ جيڪر سڄي ٿيلهي ان جي حوالي ڪريان ها. هاڻي جڏهن ان طمع رکي تہ پوءِ هڪ درهم هن لاءِ ڪافي آهي. هن حڪايت کان پوءِ حضرت جن هي بيت پڙهيو:

[92]

تـوڏانـهـن توتي ڏانءِ، هـي پاڻ اتي مڱنـو،
انهين پارين آسنو، ڪو ڇني وجائي پاڻ.

[اي مالڪ تنهنجي طرفان دان تو جهڙو آهي. باقي هي (بندو) پنهنجي وت آهر گهرجائو آهي. اهڙي روش سان بيوقوف ماڻهو پاڻ ڳالهائي پنهنجو نقصان ڪري ٿو.]

شعلو: هڪ ڏينهن ڪنهن ماڻهوءَ پير بسطاميءَ کي مٽي تي لٺ وهائي ڪڍي. ايتري قدر جو سندس مٽي مان رت وهڻ لڳو. فوراً بيو شخص پنهنجي گهران بصري پچائي ان جي مٿان مکڻ رکي اچي حاضر ٿيو ۽ پير کان پڇڻ لڳو تہ آخر هيءَ ڏک توهان کي ڪنهن هنيو. پير تڪڙ ۾ جواب ڏنو تہ جنهن اها بصري آندي آهي. ان تي وري انهيءَ شخص پڇيو تہ بصري ڪنهن آندي آهي. پير وراڻيو تہ جنهن لٺ هنئي آهي، جيتوڻيڪ اهو شخص بار بار اهو سوال ورجائيندو رهيو، پر پير هميشه اهو ئي جواب ٿي ڏنو. مطلب تہ آخر تائين اهو ڪو نہ ٻڌايائين تہ لٺ ڪنهن هنئي هيئس.

شعلو: چون ٿا تہ هڪ گودڙي پوش فقير ڪنهن سوناري جي پٽ تي عاشق ٿي(246) پيو ۽ گهڻو وقت ان سوناري جي دڪان جي آڏو بيٺو هوندو هو. اهو ڇوڪرو بہ ان دڪان تي ڪر ڪندو هو. جڏهن سونارو ۽ پٽ پنهنجي گهرن ڏانهن واپس ويندا هئا تہ هي فقير سندن دڪان تي وڃي سيٽ ڪيرايل مٽيءَ کي وڏي حسرت وچان هٿن ۾ ڪٺندو ۽ ان کي مهٽيندو رهندو هو تہ اها سندس محبوب جي دڪان جي مٽي آهي. هڪ ڏينهن وقت جي بادشاهہ ان سوناري وٽ هڪ نهايت قيمتي موتي ڏياري موڪليو تہ ان کي منڊيءَ ۾ جڙوات ڪري ڏي. اتفاقاً دڪان بند ڪرڻ وقت اهو موتي خاڪ ۾ ڪري پيو. هوڏانهن فقير دڪان بند ٿيڻ کانپوءِ معمول مطابق ان خاڪ کي ميڙڻ لڳو تہ اهو موتي سندس هٿ چڙهي ويو. فقير اهو موتي کڻي پنهنجي گودڙيءَ ۾ سوگهو ڪيو. ٻئي ڏينهن جڏهن سوناري کي موتي نظر نہ آيو تہ بادشاهہ جي خوف کان سخت حيران پريشان ٿيو. فقير اهو ڏسي سمجهي ويو تہ ڇا ماجرا آهي، سو سوناري کان پڇيائين تہ ڇا معاملو آهي؟ سوناري چيس، تہ موتي گم ٿي ويو آهي. فقير چيس تہ جيڪڏهن ڪو توکي اهو موتي هٿ ڪري ڏئي تہ ڇا

تون پنهنجو پٽ ٿوري دير ان جي حوالي ڪندين. سوناري وراڻيو تہ بلڪل آءٌ پنهنجو پٽ هميشہ لاءِ سندس خدمت ۾ ڏئي ڇڏيندس.

اهو ٻڌي فقير پنهنجي گودڙيءَ مان موتي ڪڍي سندس حوالي ڪيو. سونارو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ فقير جي لاءِ پنهنجي دڪان جي پرسان هڪ حجرو ڪٽي ٺهرايائين ۽ پٽ کي ان جي خدمت جو حڪم ڪيائين. فقير کي جڏهن خبر پئي تہ سندس محبوب هن وٽ اچڻ وارو آهي تہ ان جي مهمانيءَ لاءِ کاڌي جي بندوبست ۾ لڳي ويو. ٿورا ڇانور وٺي ديڳڙي ۾ وجهي باھ تي ڪٽي رکيائين. ٿوريءَ دير ۾ خيال آيس تہ محبوب واسطي طعام تيار ڪرڻ لاءِ ڪاٺيون مناسب ناهن. تنهن ڪري ڪاٺيون ڪڍي پنهنجو پير ڪٽي باھ ۾ وڌائين. باھ جڏهن پير کي ساڙي گوڏي تائين پهتي تہ ڇوڪر وٺي رڙيون ڪيون. (247) ڇوڪر جو پيءُ ۽ ٻيا ماڻهو جيڪي حجري کان ٻاهر ويٺا هئا فوري طور اندر گهڙي پيا تہ مبادا فقير ڇوڪر سان زيادتي نہ ڪري. ليڪن جيئن هو اندر گهڙيا تہ فقير حجري جي ڳڙکي مان ٻاهر نڪري هميشہ لاءِ گم ٿي ويو. ڇوڪر کان جڏهن پڇيائون تہ هن سچي ماجرا بيان ڪري ٻڌاين. بلڪ هو افسوس ڪرڻ لڳو تہ آءٌ هاڻي هن فقير کانسواءِ ڪيئن زنده رهندس. اهو بہ چيائين تہ توهان هتي نہ اچو ها تہ بهتر.

حضرت جن اها ڳالهہ مڪمل ڪري چوڻ لڳا تہ عشق مجازي ۾ ڪڏهن بہ ڦاسڻ نہ گهرجي. پر جيڪڏهن ڪو ڦاسي تہ پوءِ ائين ڪرڻ گهرجي جيئن هن فقير ڪيو.

شعلو: پيغمبر عليہ الصلواة والسلام جي زماني ۾ هڪ فاسق هوندو هو، جنهن جي ڪا رات گناھ کانسواءِ نہ گذرندي هئي. سندس وفات کان پوءِ الله جي رسول کي ٻڌايائون تہ فلاڻي شخص کي هلي دفن ڪريو. پاڻ سندس جنازي ۾ شريڪ ٿيا ۽ هن کي دفنايائون. ليڪن سندس جنازي ۾ هلڻ وقت پاڻ پيرن تي هلي رهيا هئا. يارن پڇيو تہ ڪهڙي سبب کان سڄا پير زمين تي نٿا رکو. فرمايائون تہ هن ميت جي نماز لاءِ آسمان کان ايترا ملائڪ آيا آهن، جو پيرن رکڻ جي جاءِ ڪانهي. ان کانپوءِ جڏهن انهيءَ شخص جي گهر تي آيا تہ سندس پٽن کان پڇيائون تہ هي شخص ڪهڙو ڪم ڪندو هو ۽ ڪهڙي عبادت ۾ وقت گذاريندو هو؟ چيائون تہ زاني هو ۽ اهڙو گناھ ڪونهي جو ڇڏيو

هجيس. پر سمهڻ وقت هميشہ هي الفاظ (248) چوندو هو. **سبحان الله المقدر لما يشاءَ بقدرتہ وفعال لمايريد بعزتہ برحمتک يا ارحم الراحمين.** معنيٰ پاڪ آهي اهو خدا جيڪو پنهنجي قدرت سان جيڪي وڻيس ٿو سو جوڙي. ۽ جيڪو پنهنجي سگهہ سان جيڪي گهري ٿو سو ڪري ٿو: اي ٻاجهارن ۾ ٻاجهارا تون پنهنجي ٻاجهہ ڪر." ان دعا ڪانپوءِ وڏيڪ چوندو هو. اي خداوندا. جيڏي تنهنجي وڏائي آهي ۽ جهڙو تون آهين، تيڏي ۽ تهڙي مون کي اميد آهي. پر پوءِ يقين ٿين تہ ايترو شرف انهيءَ دعا جي برڪت سان مليو هوس.

هن حڪايت کان پوءِ حضرت جن هي بيت پڙهيو:

[93]

جهوڙيرا جهنڪن، مٿي مين مڱڻا،
سيڙ رات سمڱڻا، ڏڪڻا ڏينهن ڏسن،
گهر ٿا گهوٽ وڃن، چنتا لٿي چارڻين.

[طريدار مڱڻا انن تي سوار ٿيو جهونگاريندا وڃن ٿا. سيڙ ڄام ڪين رات نوازيو ۽ اهي ڏينهن جو صاف نظر اچن ٿا. اهي گهوٽ هاڻي گهر ٿا وڃن ۽ چارڻن جي چنتا لهي ويئي آهي.]

شعلو: هڪڙو پير هو. جنهن جا ڪيترائي مريد هئا. هڪ ڏينهن سوداگر ان پير جي مريدن سميت دعوت ڪئي. دعوت جو اهتمام مٿي ماڙيءَ تي ڪيل هو. جتي سيني مهمانن لاءِ عاليشان وڇائو پٿريل هو. طعام ڪانسواءِ سماع ۽ راڳ جو بندوبست بہ هو. اوچتو جڏهن سماع جي محفل عروج تي هئي تہ هڪڙي مريد کي اچي حال پيو. جيڪو اٿي نچڻ لڳو ۽ زور سان پير زمين تي هڻڻ لڳو. ايتريقدر جو جيڪڏهن مريد اٿي ڪيس نہ جهلين ها تہ جيڪر ڪوٺي کان هيٺ ڪري سري وڃي ها. اهو ڏسي پير پنهنجي مريدن کي چيو تہ ڇڏي ڏيوس تہ ڀلي زمين تي وڃي ڪري. گهڻي دير ڪانپوءِ محفل ختم ٿي ۽ اهو مريد هوش ۾ آيو تہ ٻين ڪيس (249) جيڪي وهيو واپرايو هو. تنهن کان واقف ڪيائونس ۽ اهو بہ ٻڌايائونس تہ پير جو ڇا چوڻ هو. اهو مريد پير جي فرمان واري ڳالهہ ٻڌي حيران ٿيو ۽ پير جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪرڻ لڳو تہ ڪهڙي سبب کان پاڻ ڪيس هيٺ ڪرڻ کان روڪڻ جي منع ٿي ڪيائون.

پير ٻڌايس تہ مون گهريو ٿي جڏهن توتي حال پيل هو تہ تون خدا سان

واصل ٿين. مبادا ٻيهر اهڙو موقعو ملڻ ممڪن نہ ٿئي. مطلب تہ جيڪڏهن مرين تہ سڌو خدا سان وڃي ملين.

شعلو: هڪ ڀيري ڪنهن بادشاهزادي کي عشق الاهي اچي سوار ٿيو. سو بادشاهي ڇڏي فقر و فاقہ ڪٺي اختيار ڪيائين. حضرت رسالتمآب ﷺ جي محبت ۾ مديني جو سفر اختيار ڪيائين ۽ روضي پاڪ جي هڪ ڪنڊ ۾ ڳچيءَ ۾ ڪپڙو وجهي سمورو وقت ويٺو هوندو هو. هڪ رات پيغمبر عليه الصلواة والسلام کي خواب ۾ ڏٺائين جن کيس هيءَ صلواة پڙهڻ لاءِ چيو: **اللهم صل علیٰ محمد صلواة انت لها اهلٌ وهولها اهلٌ.** بس پوءِ تہ ڏينهن رات اها صلواة سڄوري پيو پڙهندو هو.

هڪ ڏينهن اتي روم جو بادشاهہ زيارت لاءِ آيو. هن جڏهن شهزادي کي ان حالت ۾ ڏٺو تہ کيس گهڻو خيال ٿيو. سو ڇا ڪيائين جو دينارن سان ڀريل ڳوٿري ان جي حوالي ڪيائين. شهزادي، پڇيس تہ هيءَ ڳوٿري مون کي ڇا لاءِ ٿا ڏيو. بادشاهہ جواب ڏنس تہ جئن ڪاڏو ڪائي سگهين ۽ پنهنجي ڪمزوري دور ڪري سگهين. شهزادو ڇوڻ لڳو تہ آءٌ پاڻ بادشاهہ هوس ۽ پنهنجو ملڪ ڇڏي هتي آيو آهيان. مون ڪيترائي دينار خرچ ڪيا آهن تڏهن تہ اها ڪمزوري ۽ هيٺائي نصيب ٿي اٿم. تنهن ڪري هينئر اهي دينار قبول نہ ڪندس. اهو سوچي دل ۾ خيال ڪيائين تہ هاڻي جيڪڏهن هتي وڌيڪ رهندس تہ مشهوري وڌي ويندي، تنهن ڪري، بهتر اهو آهي تہ روضي پاڪ جي ڪنڊ ڇڏي ڪٿي ٻي جڳهہ تي وڃي رهجي. اجان(250) سوچ ۾ هو تہ خواب ۾ رسول پاڪ ﷺ کي ڏٺائين، جيڪي کيس چئي رهيا هئا تہ اي دوست اسان کي ڇڏي ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ جيئن اهو آواز ٻڌائين تہ واپس خداوند تعاليٰ جو برگزيده بندو ۽ پسنديده ٻانهو بنجي ويو.

شعلو: هڪ ڀيري ڪو پير پنهنجي مريد تي گهڻو راضي ٿيو ۽ سوچيائين تہ ان کي ڪجهہ عنايت ڪري. مريد جو امتحان وٺڻ لاءِ ان کي چيائين تہ منهنجي لاءِ هڪ گڏهہ ڪاهي اچ. مريد ائين ڪيو. مريد کي وڌيڪ امتحان ۾ وجهڻ لاءِ پير هن کي پنهنجي خواهش کان واقف ڪيو. مريد ويچارو اٿيو ۽ هڪ چولو هيٺ وڇايائين ۽ پٽڪو لاهي اولو ڪري ويٺو تہ جيئن ڀيو کو ماٺهو پير کي نہ ڏسي. اهو ڏسي پير هڪدم اٿي ٻيهي رهيو ۽ کيس مريد

جي اطاعت تي ڪو شڪ نہ رهيو ۽ ڪيس اهڙي دعا ڪيائين. جو اهو مريد صاحب معرفت بڻجي ويو.

شعلو: هڪ دفعي برگزيده عام و خاص، پرده نشينن جي سردار بيبي رابعہ بصري کي ڏٺائون تہ سندس هڪ هٿ ۾ باھ ۽ ٻي هٿ ۾ پاڻي هيس ۽ ڇٽي رهي هئي تہ انھيءَ باھ سان بهشت رهڻ نہ ڏيندس ۽ پاڻيءَ سان دوزخ جي باھ اجهائيندس. اهو ان ڪري جيئن خبر پوي تہ خدا جا طالب سندس ڪهڙي مقصد خاطر عبادت ڪن ٿا!

شعلو: هڪ ڏينهن ڪو درويش اچي ڪنهن بادشاهي محل جي هيٺان گذريو. اوچتو سندس نظر وڃي مٿي ماڙيءَ تي بيٺل(251) بادشاھ جي ڌيءَ تي پئي. جيڪا سونهن سوڀيا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. درويش پهرين نظر سان عشق جو شڪار ٿي پيو ۽ دل ۾ ان جي وصل جي خواهش ڪٺي بادشاھ کي اچي عرض ڪيائين تہ پنهنجي ڌيءَ منهنجي نڪاح ۾ ڏيو. بادشاھ پهرين تہ ڏاڍو حيران ٿيو. آخر وزيرن ۽ مشيرن کي گهرائي انهن سان صلاح مصلحت ڪيائين. سڀني جي صلاح بيٺي تہ درويش کان اهڙي شيءِ جي فرمائش ڪئي وڃي، جيڪا هو پوري ڪري نہ سگهي. اهو سوچي درويش کي چيائون تہ جيڪڏهن تون هيترا موتي ۽ مرجان ڪٺي ايندين تہ تنهنجو نڪاح ڪرايو ويندو. درويش اها ڳالھ قبول ڪئي. ليڪن پڇيائين تہ اهي موتي ۽ مرجان ڪٿي ملندا؟ ٻڌايائونس تہ اهي فلاڻي سمنڊ جي تري ۾ ملندا. درويش سمنڊ جي ڪناري تي اچي بيهي ۽ ٿوري هيٺانهين ڪيائين تہ جئن ان ۾ پاڻي وهي اچي ڇچ ڪٺي ان پاڻيءَ ۾ هٿڙ لڳو تہ جئن موتي ڳولي سگهي.

هوڏانهن سمنڊ کي خدا ئي حڪم اچي پهتو تہ جيڪي موتي مرجان گوهر آبدار تنهنجي پيٽ ۾ آهن. اهي ڪڍي ڪناري تي آڻ نہ تہ اسان جو دوست توکي سڪائي خشڪ ڪري ڇڏيندو. خدا جي حڪم موجب سمنڊ مان ڪيترائي موتي نڪري اچي ڪناري تي پيا جن مان جيترا درويش ڪٺي سگهيو اهي ڪٺي اچي بادشاھ جي آڏو رکيائين ۽ باقي ڪيترا اتي ڇڏي ڏنائين. بادشاھ جڏهن ڏٺو تہ درويش اهو شرط تہ پورو ڪري ڇڏيو. سو وري پنهنجي وزيرن سان صلاح ڪيائين. چيائون تہ درويش کي اصل اهڙو ڪم ڏسيو جيڪو هو هرگز نہ ڪري سگهي. انھيءَ بادشاھ جي پرسان هڪ زورآور بادشاھ هو،

جيڪو هر سال وڏو لشڪر وٺي اچي هن ملڪ تي حملو آور ٿيندو هو ۽ شهر ۽ ڳوٺ تباهه ڪري ويندو هو. (252)

اهو سوچي درويش کي چيائون ته جيڪڏهن تون ان بادشاهه جو سر وڍي ايندين ته تنهنجي مراد ضرور پوري ٿيندي. درويش قبول ڪيو ۽ پنڌ ڪندو اچي ان بادشاهه جي ملڪ ۾ پهتو. بادشاهه جي دربار ۾ حاضر ٿي عرض ڪرڻ لڳو ته مون کي اهڙي حاجت اچي پئي آهي، جو توهان جي سر وڍڻ کانسواءِ ان جو پورو ٿيڻ محال آهي. اهو بادشاهه درويشن ۽ فقيرن جو معتقد هو، سو اهو ٻڌي درويش جي ڏاڍي تعظيم بجا آندائين ۽ چيائين ته منهنجو سر حاضر آهي، ڀلي هينئر وڍ. پر ڳالهه اها آهي ته منهنجي ملڪ ۽ هن بادشاهه جي ملڪ جي وچ ۾ ڇهن مهينن جو پنڌ آهي. ان ڪري، جيڪڏهن تون هتي منهنجو سر وڍي، کڻي ويندين ته اهو رستي ۾ ڪنو ٿي ويندو ۽ صورت ئي مٽجي ويندي. ٿي سگهي ٿو ته هو بادشاهه ان کي قبول نه ڪري ۽ تنهنجي اها مشقت ضايع وڃي. هاڻي جيڪڏهن منهنجي ڳالهه مڃين ته آءٌ توسان گڏجي هلڻ لاءِ تيار آهيان. پوءِ جڏهن ان ملڪ جي ويجهو پهچون ته تون منهنجو سر وڍي تازو کڻي وڃي ان بادشاهه کي پيش ڪجانءِ. درويش ان ڳالهه کي قبول ڪيو ۽ ٻئي گڏجي هن ملڪ ڏانهن روانا ٿيا. جڏهن ان شهر جي ٻاهران هڪ باغ جي ويجهو پهتا، ته بادشاهه وري درويش کي چيو ته منهنجو سر حاضر آهي. پر مون کي شڪ ٿو پوي ته هو متان وري توسان ڪو ٻيو حيلو بهانو ڪن. تنهن ڪري تون پهرين بادشاهه وٽ وڃ ۽ کيس چؤ ته جيڪڏهن توهان چاهيو ته ان بادشاهه کي زنده سلامت پيش ڪجي يا ان جو سر وڍي کڻي اچان.

هاڻي جڏهن بادشاهه ۽ وزير اها ڳالهه ٻڌي ته دل ۾ چوڻ لڳا ته انهيءَ بادشاهه جو زنده اچڻ ته نا ممڪن آهي. (253) ان کانسواءِ وچ ۾ ڇهن مهينن جو پنڌ آهي. الله پاڪ مالڪ آهي، انهن ڇهن مهينن ۾ الائجي ڇا ٿي ويندو. اهو سوچي درويش کي چيائون ته هن کي زنده وٺي اچ. هنن اهو سوچيو ئي ڪو نه ته ڪو درويش بادشاهه کي اڪيلي پاڻ سان وٺي آيو هو. هيڏانهن درويش ٿوري دير ۾ بادشاهه کي وٺي آڻي حاضر ڪيو. سڀ ڏاڍا حيران ٿيا ته هي ڇا ٿي ويو. سڀني آيل بادشاهه جي تعظيم ۽ تڪريم ڪئي. جنهن تي هن ڪين مخاطب ٿي چيو ته ڇو هن درويش کي تڪليف ۾ وڌو اٿو. هاڻي جيڪڏهن

پنهنجو خير گهرو ٿا تہ هن کي بادشاھ جي ڌيءَ پرڻائي ڏيو. بس پوءِ سڀني شاديءَ جي ڪٺي تياري ڪئي ۽ ڪنوار کي سينگاري وٺي آيا. درويش ڪنوار کي ڏسي، بادشاھ پين مهمان کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو تہ اها منهنجي ڌيءُ سمان آهي. آءٌ ان کي ڇا ڪندس؟ اهو منهنجو ڪم ئي ناهي. منهنجو مطلب آهي تہ ان کي هن بادشاھ جي نڪاح ۾ ڏيو. آخر جڏهن بادشاھ جي ڌيءَ جو نڪاح هن بادشاھ سان ٿي ويو تہ درويش چوڻ لڳو تہ هن سموري مشقت مان منهنجو مقصد صرف اهو معلوم ڪرڻ هو جو پڌو هئم تہ "**من طلب شيءَ وجد وجد**" يعني جنهن ڪنهن شيءِ جي طلب ۾ جدوجهد ڪئي تہ اها ان کي ملندي.

مون اهو ڏسڻ ٿي گهريو تہ بادشاھ جي ڌيءَ سان نڪاح جيڪو ڪيڏو ڏکيو ڪم آهي. اهو ٿي سگهي ٿو تہ پوءِ خدا جي طلب ۾ پڻ ثابت قدم رهڻ سان. اها حاصل ٿي سگهي ٿي.

شعلو: سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي قدس الله سرہ سخت مجاهدا ۽ ڪشالا ڪڍندو هو. هڪ دفعي بڪ اچي ڪيس بيحال ڪيو ۽ پريشانيءَ وچان ہي ڪنهن شخص کان مانيءَ جو ٽڪر گهريائين. جڏهن (254) اهو مانيءَ ٽڪر مليس تہ اُن کي پٽ تي ڪٽي اڇلايائين ۽ نفس کي چوڻ لڳو تہ آءٌ توکي پنهنجي هٿن سان اهو ڪٺي کو نہ کارائيندس. جيڪڏهن پاڻ ٻاهر اچي کائين تہ پلي. نفس اهو ٻڌي ٻاهر نڪري آيو. شيخ پاڻ وٺي پڳو جو سمجهيائين تہ نفس کان ڇوٽڪارو حاصل ٿيو اٿم. آواز آيس تہ اي بايزيد. پاڻ کي نفس کان آجو ڪري سمجهين ٿو تہ غني ٿي ويو آهين. حالانڪ اهو لقب تہ مونکي جڳائي. جڏهن بايزيد اهي ڪلما ٻڌا تہ توبہ تائب ٿيو ۽ پنهنجي نفس کي وري اندر اچڻ ڏنائين.

شعلو: چون ٿا تہ هڪ ڪسبياڻي عورت پنهنجي پيشي ۾ مشهور هئي. پر سندس رهائش هڪ درويش جي پرسان هئي ۽ اهو درويش هر وقت چوندو هوس تہ هن عورت جو مرڻ کان پوءِ ڇا ٿيندو. هڪ ڏينهن اها عورت رستي ۾ وڃي رهي هئي تہ هي درويش بہ اتان اچي لنگهيو ۽ سندس چادر جو پلؤ هن عورت کي لڳو. ڪجھ ڏينهن کانپوءِ اها عورت مري وئي. هڪ ڏينهن ان بزرگ خواب ۾ ڏٺو تہ منڪر ۽ نڪير هٿن ۾ وڏا گرز کڻي ان عورت جي قبر ۾ داخل ٿيا. اجا ڪٺي هڻڻ جي تياريءَ ۾ هئا تہ درگاھ خداونديءَ مان آواز

آيو تہ اي ملائڪو ان عورت کي ڇڏي ڏيو. ڇو تہ ان جيڪي بہ گناھ ڪيا ھئا. سي اسان ڪيس بخشي ڇڏيا ۽ ان جو سبب اهو آهي تہ هڪ ڏينهن ان عورت جو پلئُ اسان جي هڪ درويش جي چادر سان لڳو ھو. اوچتو اهو درويش ننڊ مان سجاڳ ٿي ويهي رهيو ۽ خداوندا تعاليٰ جا شڪرانا بجا آڻڻ لڳو.

شعلو: هڪ ڏينهن بہ درويش پاڻ ۾ گڏجي عابدن جي شمع ۽ (255) عارفن جي اڳواڻ شيخ بهاءُ الدين ملتاني قدس الله سره جي خدمت ۾ روانا ٿيا. اڃان ٿورو فاصلو مس طئي ڪيو هئائون جو ڦورن اچي ڪين جهليو. انهن مان هڪڙو شخص جيڪو نئون مريد ٿيڻ لاءِ وڃي رهيو هو ان کي تہ ماري ڇڏيائون. ليڪن ٻئي جي ڪنڌ تي جڏهن ڇرو رکيائون تہ هن پنهنجي پير کي سنڀاريو. اوچتو غيب مان هڪ هٿ ظاهر ٿيو. جنهن چور جي هٿ مان ڇري ڪسي پري اڇلائي ۽ چور کي بہ ماري وڌائين. آواز آيو تہ اسان کي ائين تڪڙ ۾ ڇو ياد ڪيئہ. اها حڪايت بيان ڪري حضرت جن فرمايو تہ ان جو مطلب هو تہ اسان پاڻ پهچون ها، ياد ڪرڻ جي ضرورت ڪو نہ هئي.

شعلو: چون ٿا تہ ڪنهن بادشاھ جي در تي هڪ دربان هوندو هو. جيڪو غريبن جون شڪايتون بادشاھ تائين پهچائيندو هو. سندس انهيءَ ڪم سبب حضرت خضر عليہ السلام هر روز وٽس اچي ڪچهري ڪندو هو. جڏهن انهيءَ ڳالهہ کي گهڻا ڏينهن ٿي ويا تہ ڪيس خيال آيو تہ هيءَ جڳهہ حضرت خضر عليہ السلام جي اچڻ لاءِ مناسب ناهي. ان ڪري سوچيائين تہ بادشاھ جي نوڪري ڇڏي ٻي ڪا ڪنڊ وڃي وسائجي تہ جيئن حضرت خضر عليہ السلام اتي اچي وڃي سگهي. پر جڏهن ائين ڪيائين تہ ڪيترن ڏينهن تائين حضرت خضر عليہ السلام وٽس آيو ئي ڪو نہ. ان ڪري اها جڳهہ ڇڏي وري اچي دربان ٿيو تہ خضر عليہ السلام وٽس اچي حاضر ٿيو. دربان ڇوڻ لڳس تہ تنهنجي ڪري هي جڳهہ ڇڏي وڃي گوشائتو ٿي ويٺس. پر اتي تون ڪو نہ آئين. ۽ هيءَ جڳهہ جيڪا تنهنجي لائق نہ آهي اتي (256) تون اچين ٿو. خضر عليہ السلام جواب ڏنس تہ خدا تعاليٰ وٽ تنهنجي ٻي ڪا عبادت ڪم جي ناهي، سواءِ ان جي تہ تون غريبن ۽ ڏتڙيلن جون خبرون بادشاھ تائين پهچائين ٿو. هتي منهنجي اچڻ جو ڪارڻ اهو ئي آهي.

شعلو: هڪڙو شخص بازار ۾ جتيا وڪڻي رهيو هو. جن مان ڪن

جو ملھ ھڪ درھم تہ ٻين جو ٻہ درھم ھيو. اتفاقاً سلطان التارڪين، وقت جو شيخ ۽ خدا جي محبت ۾ درھم برھم ابراھيم ادھم رحمة الله اچي اتان لنگھيو. ان شخص کان پڇيائين تہ مون کي جٽيو خريد ڪرڻو آھي ڏيندين. ھن جواب ڏنو تہ ھائو. پڇيائين تہ ڪيتري ۾ ڏيندين. ھن شخص چيو تہ ھڪ لک درھم. ابراھيم ادھم چوڻ لڳس تہ عجيب ڳالھ آھي جو ٻين کي تہ ھڪ درھم ۾ ٿو وڪڻين، باقي مون کي ھڪ لک ۾ ان شخص جواب ڏنو تہ جنھن جٽيي سان ابراھيم ادھم جھڙي شخص جو بت ڍڪجي، ان جي قيمت ٻہ لک بہ گھٽ آھي. پوءِ خبر پئي تہ جٽيا وڪڻندڙ شخص خود صاحب ولايت ھو.

شعلو: ھڪ ڀيري ڪنھن بادشاھ پرواري ملڪ کي تاراج ۽ ان کي زير ڪرڻ جو ارادو ڪيو. جڏھن سندس وزيرن کي اھا خبر پئي تہ بادشاھ کي چيائون تہ جنگ جي تياري سازو سامان سان ڪرڻ گھرجي. بادشاھ اھو ٻڌي چيو تہ ھائو حلوو ۽ ماني تيار ڪريو. بادشاھ پاڻ صاحب ولايت ھو. ليڪن سندس وزير ۽ امير امراءَ ان ڳالھ کان ناواقف ھئا. تنھن ڪري اھي ھر وقت اھو ئي چوندا رھيا تہ جنگ لاءِ لشڪر ۽ ساز و سامان تيار ڪرايو. پر بادشاھ اھو ئي ساڳيو جواب ٿي ڏنو. آخر انھيءَ حالت ۾ ئي اچي ھٿي ملڪ جو بادشاھ پنھنجي لشڪر سوڌو مٿن ڪڙڪيو ۽ تخت تي قبضو ڪري ويھي رھيو. ان بادشاھ کين چيو تہ آءٌ ايترو ويجھو اچي پھتس، پر تڏھن بہ توھان ڪجھ نہ ڪيو. ھيڏانھن بادشاھ پنھنجي وزير کي چيو تہ مون گھڻا ڏينھن حلوو ماني ويھي کاڌو، ھاڻي تون کاءُ. (257) ائين چئي بادشاھي حوالي ڪري پاڻ رمندو رھيو.

اھا ڳالھ ڪري حضرت جن چيو تہ اڳيان بادشاھ ڏينھن جي پھرئين پھر ۾ بار ڪٽندا ھئا. پر پوئين پھر ۾ ھٽ وٺي مريد ڪندا ھئا.

شعلو: ھڪ دفعي ڪو بزرگ وقت جي مخدومہ بيبي رابعہ بصري وٽ آيل ھو. انھيءَ وقت رابعہ بصريءَ اھو گفتو پئي ڪڍيو تہ جيڪي خدا جا طالب آھن، ڪعبو پاڻ انھن جي زيارت لاءِ اچي ٿو ۽ انھن جو طواف ڪري ٿو. پر جيڪڏھن ڪو انھن مان ڪعبي جي طواف جي نيت ڪري ٿو تہ ڪعبو ان کان لڪي وڃي ٿو. انھيءَ بزرگ کي انھيءَ گفتن تي يقين نٿي آيو. رابعہ بصري سمجھي وئي سو ھن کي چيائين تہ مٿي نھار بزرگ مٿي نھاريو تہ

ڏنائين تہ واقعي ڪعبو بيبي رابعہ بصريءَ جي چوڌاري گھمي رھيو ھو.

شعلو: ھڪ بزرگ ھو جنھن کي جيڪڏھن ڪو رنجائيندو ھو تہ پاڻ ان جو رزق ڪشادو ٿيندو ھو ۽ فقر فاقا ڇڻ ختم ٿي ويندا ھئس. بلڪ اھو ماڻھو خوشحال ٿي ويندو ھو. پر جيڪڏھن ڪو ماڻھو ھن بزرگ جي خدمت ڪندو ھو تہ ان جو رزق تنگ ٿي پوندو ھو ۽ اھو مصيبت ۾ ڦاسي پوندو ھو. آخر ھڪ ڏينھن ھن کان پڇيائون تہ ان جو ڪھڙو سبب آھي تہ جيڪو توھان کي رنجائي ٿو ان جي رزق ۾ ڪشادگي ٿئي ٿي ۽ جيڪو خدمت ڪري ٿو اھو مصيبت ۾ ڦاسي ٿو. بزرگ جواب ڏنو تہ فقير ٻن قسمن جا آھن. پھريان اھڙي پاڻي وانگر آھن، جيڪو ٿانءَ ۾ پيل آھي جنھن کي گرم ڪري سگھجي ٿو. ٻيا درياءَ وانگر آھن جو انھن کي گرم ڪري نٿو سگھجي. بلڪ اھو پاڻي جيڪو ٿانءَ ۾ گرم ٿيل ھوندو آھي، ان کي (258) بہ جڏھن درياءَ ۾ وجھندا آھن تہ اھو بہ ٿڌو ٿي پوندو. پر جيڪڏھن درياءَ گرم ٿي پوي تہ ان کي ڪو بہ ٿڌو ڪري نہ سگھندو آھي. اسان بہ اھڙي درياءَ وانگر آھيون جو جيڪڏھن گرم ٿي وڃون تہ ڪو بہ ٿڌو ڪري نٿو سگھي.

شعلو: خليفي ھارون رشيد جي ڳالھ ٿا ڪن تہ ھن اھا حديث ٻڌي تہ سال ۾ ھڪ دفعو پنھنجي گھر کي لٽائڻ گھرجي. ھڪ ڏينھن پاڻ گھر کان ٻاھر نڪري ويھي رھيو ۽ حڪم ڪيائين تہ جنھن کي جيڪي وڻي سو کڻي وڃي. پوءِ ٿيو بہ ائين جنھن کي جيڪي ھٿ آيو ٿي سو کڻي ٿي ويو. ليڪن انھيءَ سموري عمل دوران ھڪ اھڙي ڪنيز بہ ھئي، جيڪا خليفي جي صرف جتي کڻي ويھي رھي، باقي قيمتي موتين ۽ جواھرن کي ھٿ بہ نہ لاتائين. بلڪ ڪجھ وقت کان پوءِ خليفي جي مٿي تي ھٿ رکي ويھي رھي ۽ چيائين تہ مون توکي قبول ڪيو. گويا خليفو پاڻ بہ لٽ جي سامان ۾ شامل ھو ۽ اھو ھن ڪنيز جي حصي ۾ آيو. خليفو سڄي مام سمجھي ويو ۽ ھن پڻ ڪنير کي پنھنجو حرم قبول ڪيو ۽ ٻين سيني جي مقابلي ۾ وڌيڪ قرب ڏيڻ لڳو.

حضرت جن کي ھيءَ حڪايت ڏاڍي پسند ھئي ۽ پاڻ محفل ۾ اڪثر ان کي ورجائيندا رھندا ھئا.

شعلو: ھڪ بزرگ گوشي نشين ٿي خدا جي عبادت ڪندو ھو. ليڪن ھڪ ڏينھن سندس دل ۾ عورت جو خيال آيو ۽ ان نيت سان ھن نڪاح

ڪيو. پهرين رات ئي سندس زال حامله ٿي وئي. ان ڪانپوءِ وري زال جي ويجهو نه ويو. بلڪ سمورو وقت حجري اندر گذاريندو هو. حمل جي مدت پوري ٿيڻ بعد سندس گهر واريءَ کي ڌيءُ ڄائي. هوڏانهن جو بادشاهه هن بزرگ جو گهڻو معتقد هو ۽ هميشه سندس حاضريءَ ۾ پيو ايندو هو. بلڪ سندس دل جي تمنا هئي ته ڪڏهن اهو بزرگ ڪيس ڪنهن شيءِ جي فرمائش ڪري. بزرگ جي جڏهن ڌيءَ جوان ٿي ته ماڻس ڪيس پٽس ڏي ڏياري موڪليو. بزرگ ڏنو ته سندس ڌيءَ جوان ٿي(259) وئي آهي. سوچيائين ته هن جي اٿارڻ لاءِ ڪجهه ڪرڻو پوندو. آخر هڪ ڏينهن مريدن سوڌو پاڻ بادشاهه جي خدمت ۾ هلي آيو. بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو ۽ بزرگ جي وڏي عزت ۽ تعظيم ڪيائين. بزرگ بادشاهه کي چيو ته هڪ ڏينهن جڏهن آءٌ درياءَ وٽان لنگهي رهيو هوس ته مون واڳونءَ جو آواز ٻڌو. اهڙو آواز وڪڻڻ گهران ٿو. ڇا تون اهو وٺندين؟ بادشاهه ته ان فڪر ۾ هو ته بزرگ جي ڪا فرمائش پوري ڪريان. چيائين ته هائو. ڇو نه خريد ڪندس. بزرگ ٻه دفعا اهڙو آواز ڪڍيو. بادشاهه ان جي عيوض بزرگ کي ٻه ٽيلهيون دينارن جون پيش ڪيون. بزرگ اهي وٺي گهر واپس ٿيو. مريدن کي بزرگ جي اها ڳالهه پسند نه آئي. سو ڪيس چوڻ لڳا ته توهان هن کان اڳ ڪڏهن به بادشاهه وٽ نه هليا ۽ نه ڪڏهن ڪانئس ڪنهن شيءِ جي گهر ڪئي. هينئر توهان کي ڇا ٿي ويو هو. انهيءَ نموني ۾ آواز ڪڍي بادشاهه کان اهي دينار قبول ڪيو. ڇا توهان بادشاهه کي ڪلام الاهي يا حديث نبوي ٻڌائي نه ٿي سگهيا؟ بزرگ جواب ڏنو ته آءٌ بادشاهه وٽ مردار شيءِ جي واسطي هلي ويو هوس. ان ڪري قرآن يا حديث پڙهڻ مناسب نه هو. مردار ڪم جي لاءِ مردار ڳالهه ڪرڻ پئجي ويم.

شعلو: هڪ پيري ڪو مريد عشق ۽ معرفت جي داناءَ، شوق ۽ تڪريم جي درياءَ ۽ اسرارن جي عارف شيخ شقيق بلخي کان ڪعبي جي زيارت لاءِ اجازت وٺي روانو ٿيو. شيخ چيس ته واٽ تي بايزيد جي زيارت ڪندو ويجانءِ. مريد جڏهن بايزيد جي مڪان تي پهتو ته نهايت ادب سان ويهي رهيو. شيخ چيس ته پنهنجي پير جو ڪو گفتو ٻڌاءِ. مريد جواب ڏنو ته منهنجي پير جو هڪڙو (260) سخن اهو آهي ته جيڪڏهن هيءَ سموري زمين لوهه جي ٿي پوي ۽ سڀ آسمان ٽامي جا ٿي پون ۽ آسمان مان برسات جو هڪ قطرو به

نہ ٽپکي جنھن ڪري ڏرتي تي ڪو اوپڙ نہ آيري. اهڙيءَ صورت ۾ هي سڄو عالم منهنجو عيال هجي. پر تڏهن بہ منهنجي دل ۾ اهو خيال هرگز نہ ايندو تہ ان سموري خلق کي ڪير کارائيندو!

اهو ٻڌي شيخ چوڻ لڳو تہ خدا جو قسم جيڪڏهن آءٌ اهڙي وقت ۾ ڪانءُ هجان تہ انهيءَ مشرڪ جي ملڪ مٿان اڏامڻ ڪڏهن بہ پسند نہ ڪريان ها. مريد اهو ٻڌي سخت پريشان ٿي ويو. حج اتي ئي وسري ويس ۽ پوئين پير وٺي ڀڳو ۽ سڌو اچي پنهنجي مرشد وٽ ساهي پٽيائين. جيڪي ٻڌي آيو هو سو سمورو بيان ڪيائين. سندس مرشد اهو سڀ ڪجهہ ٻڌي چيس تہ هاڻي وري واپس وڃ ۽ پڇي اچ تہ آخر چا ڪجي؟ مريد وري اچي شيخ بايزيد وٽ پهتو. جنهن اها ڳالهہ ٻڌي چيو تہ هينئر تہ پاڻ اڳي ڪان بہ وڏيڪ ڪم خراب ٿيو. بهرحال هن ڪاغذ جو ٽڪرو ڪنيو ۽ ان تي لکڻ شروع ڪيائين. "**بسم الله الرحمان الرحيم**" ۽ ان جي آخر ۾ لکيائين تہ بايزيد ڪجهہ ناهي يعني نيست آهي.

اهو ڪاغذ ٽڪر ويڙهي ان مريد کي ڏنائين تہ وڃي پنهنجي پير کي پهچائي. هيڏانهن جڏهن اهو ڪاغذ کڻي مريد شقيق بلخي جي خدمت ۾ پهتو تہ هن جو آخري وقت اچي پهتو هو. جڏهن ئي اهو ڪاغذ شقيق کي مليو تہ هو کولي ان کي پڙهڻ لڳو. ۽ حاضرين کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو تہ آءٌ هينئر نئين طرح مسلمان ٿيان ٿو. ائين چئي ڪلمو **لا الہ الا الله محمد رسول الله** پڙهيائين ۽ وڃي حق سان مليو.

شعلو: ڪنهن زماني ۾ هڪڙو بادشاهہ ڪنهن بزرگ جو ڏاڍو معتقد هو ۽ هن جي هميشہ اها خواهش هوندي هئي تہ جيڪر اهو بزرگ هن کان ڪجهہ نہ ڪجهہ قبول ڪري. هوڏانهن بزرگ وري ڪنهن بہ شيءِ قبول ڪرڻ جي خيال ۾ نہ هو. آخر هڪ ڏينهن بادشاهہ وٽ اهو بزرگ ويو ۽ کيس چوڻ لڳو تہ منهنجي ڪا مدعا آهي، جيڪڏهن قبول(261) ڪريو تہ بيان ڪريان. بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو اهو تہ اسان تي احسان ٿيندو. جيڪڏهن توهان اهڙو موقعو ڏيندؤ. بزرگ چيو تہ مون کي پنهنجي طهارت خاني جي خدمت لاءِ رکو. بادشاهہ جواب ڏنو تہ ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي. پر بزرگ چيو تہ اسان جي خوشي انهيءَ ۾ آهي. بادشاهہ پنهنجي قول سبب مجبور ٿي پيو ۽ لاچار اها ڳالهہ قبول ڪيائين. هن بزرگ وٽ ڪو اهڙو دارو هو جو جڏهن بادشاهہ ڪا

حاجت ڪري نڪرندو هو تہ اندر وجي سندس ڪيل گندگيءَ مٿان اهو دارو ڇڙڪائيندو هو. جنهن ڪري اها گندگي ڳري زمين ۾ هلي ويندي هئي.

انهيءَ واقعي کي گهڻا ڏينهن ڪو نہ گذريا تہ بادشاهہ جي ويجهن ماڻهن کيس وجي عجيب و غريب ڳالهيون ٻڌايون تہ اهو بزرگ ڪرفتي ڪائي ٿو وجي، ڇو تہ اسان کيس ڪڏهن بہ ٻاهر ڪٿي ايندي نہ ڏٺو آهي. بادشاهہ کي بہ دل ۾ وسوسو اچي پيو تہ اها ڳالهہ واقعي ائين هوندي. آخر هڪ ڏينهن اهو بزرگ بادشاهہ وٽ آيو تہ بادشاهہ ڪٿي پنهنجي وات تي رومال رکيو ۽ منهن ڪٿي ڦيريائين. بزرگ سمجهي ويو تہ بادشاهہ ٻين جي ڳالهين ۾ اچي ويو آهي، سو ڇا ڪيائين جو فوراً بادشاهہ جو هٿ وٺي کيس انهيءَ هنڌ وٺي آيو ۽ کيسي مان اهو دارو ڪڍي هيٺ زمين تي هاريائين تہ جيڪا بہ گندگي هئي، اها پاڻي ٿي پٽي ۽ زمين ڇٻي وئي. ان کان پوءِ اهو بزرگ بادشاهہ کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو تہ مون سڀ کان وڏيڪ نيچ ڪم اختيار ڪيو. تڏهن بہ تنهنجي وزيرن مون تي اهڙا بهتان هنيا. پر جيڪڏهن تون مون کي ڪا جاگير يا علائقو بخشين ها تہ اهي مون کي وڏي آزار ۾ وجهن ها. بلڪ مون کي ضرور ڪاٺ ۾ هڻن ها. (262)

شعلو: هڪ ڏينهن ڪنهن مريد سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي قدس الله سره. جي جبي تي هڪ وڄون ڏٺو. سو ويجهو وجي ان کي جبي تان هٽائڻ لڳو تہ مٿان شيخ کي ڏنگي وجهي. اهو ڏسي شيخ چيس تہ ان کي ڇڏي ڏي. ڇاڪاڻ تہ ان کي چاليهہ سال ٿيا آهن جو اهو جبي ۾ ٿي آهي. پاڻ ڪڏهن ڪڏهن مون کي غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪندو آهي.

شعلو: ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ دفعي هڪڙو بادشاهہ وڏو لشڪر تيار ڪري وڏي دٻدٻي سان پرواري بادشاهہ جي ملڪ تي چڙهائي ڪري آيو. هي بادشاهہ وري ان زماني جو هڪ درويش جو ڏاڍو عقيدتمند هو، سو جيتوڻيڪ سندس وزيرن کيس چيو تہ هن بادشاهہ جو لشڪر ويجهو اچي پهتو آهي ڪجهہ ڪريو. پر هي بادشاهہ وري وڃي ان بزرگ جي خدمت ۾ ويهي ٿي رهيو ۽ پنهنجو حال احوال ان کي ٿي ٻڌايائين. بزرگ هر ڀيري بادشاهہ کي تسلي ٿي ڏني تہ خدا خير ڪندو، ڳڻتي ۽ فڪر اجايو آهي. آخر هن بادشاهہ جو لشڪر تمام ويجهو اچي پهتو. تڏهن بادشاهہ وري بہ وجي ان درويش وٽ حاضر ٿيو ۽

چوڻ لڳو تہ هينئر دشمن در تي اچي پهتو آهي. اهو ٻڍي بزرگ بادشاهہ جو هٺ هٺ ۾ وٺي مخالف بادشاهہ جي درٻار ۾ هليو آيو. اتي ويهڻ کان پوءِ درويش هڪ سنهي ڪاٺي کڻي زمين ۾ کوڙي ۽ هن مخالف بادشاهہ کي چوڻ لڳو تہ اها مون کي زمين مان ڪڍي ڏيکار. هن بادشاهہ چيو تہ اها ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي، سو اٿي ان ڪاٺيءَ کي ڇڪ ڏئي ٻاهر ڪڍڻ لڳو. پر ان ڪاٺي کي ڪڍي نہ سگهيو. آخر پنهنجي لشڪر جي پهلوانن کي گهرايائين. پر اهي بہ ڪڍڻ ۾ ناڪام ٿيا. بادشاهہ جڏهن اهو لقاءُ ڏٺو تہ پنهنجي لشڪر کي واپس موٽڻ جو حڪم (263) ڏنائين، ۽ چوڻ لڳو تہ جنهن ملڪ ۾ اهڙا درويش هجن، ان ملڪ کي ڪير فتح ڪري نٿو سگهي.

شعلو: چون ٿا تہ لقمان حڪيم کي وقت جي بادشاهہ ڪنهن خاص مطلب خاطر هڪ کوهہ ۾ پورايو هو. البت سندس مرضيءَ موجب ڪيترا مڻ تيل ۽ تر اتي موجود ڪري ڏنو هئائين. لقمان انهيءَ تيل منجهان ڏيئو روشن ڪري رکندو هو ۽ تر کائي پيٽ پريندو هو. ان ڳالهہ کي ڪيترو وقت گذري ويو ۽ ان وچ ۾ بادشاهہ مري ويو. پر لقمان جي ڪنهن کي خبر نہ رهي، هوڏانهن کوهہ جي ڍڪيل منهن مٿان گاهہ ڄمي آيو. آخر اهو ملڪ هڪ ٻئي بادشاهہ جي قبضي ۾ اچي ويو. هي بادشاهہ حد کان وڌيڪ ٿلهو هو. بلڪ ڪيس ٿولهہ جي بيماري هئي. جيئن ڪجهہ کائيندو هو تہ اڃان وڌيڪ ٿلهو ٿيندو هو. ان ڪري ڏاڍي تڪليف ۾ هو ۽ پريشان هو. هڪ ڏينهن پنهنجي ملڪ جي سڀني حڪيمن کي جمع ڪيائين، پر پوءِ بہ ڪيس ڪو فائدو نہ ٿيو. ڪنهن چيس تہ اڄ جيڪڏهن لقمان حڪيم هجي ها تہ توهان جي بيماريءَ جو ضرور علاج ڪري ها. بادشاهہ اهو ٻڌي لقمان جي ڳولا جو حڪم ڏنو. ڪنهن ٻڌايس تہ اڳئين بادشاهہ جي وقت ۾ لقمان کي هڪ کوهہ ۾ پورايو هئائون تہ سندس حڪمت جي خبر پوي. ليڪن ان کانپوءِ اهو بادشاهہ مري ويو ۽ هينئر ڪنهن کي خبر ناهي تہ لقمان ڪٿي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ هو، مري ويو هجي. بادشاهہ اهو ٻڌي سڄي ملڪ جا وڏي عمر وارا ماڻهو جمع ڪرايا ۽ انهن کان لقمان جي پڇا ڪيائون. آخر انهيءَ جڳهہ کي وڃي ڳولي لڌائون ۽ جيئن ان کوهہ جو منهن کوليائون تہ اندران آواز ٻڌائون. سڀ ڏاڍا خوش ٿيا، پر جڏهن لقمان تي نظر پيئي (264) تہ ڏٺائون تہ گوشت جي هڪ ٻوٽي وڃي بچيو آهي

جيڪو چرڻ پرڻ کان لاچار آهي. آخر ڪانئس پڇيائون تہ توکي اتان ڪيئن ڪيجي. جواب ڏنائين تہ مون کي هتان ڪپهہ ۾ ويڙهي ڪيو نہ تہ آءٌ اتي ئي مري ويندس. انهيءَ طريقي سان کيس ٻاهر ڪيو هوا کان محفوظ گرم جڳهہ تي آڻي رهايائونس. لقمان چين تہ هينئر منهنجي خوراڪ اها آهي تہ هر روز مون کي پاءُ گوشت جو رڌي ان جو رهو پياريو. ڪجهہ ڏينهن تائين ائين ڪيائون تہ هو تندرست ٿي پيو ۽ جڏهن هلڻ جهڙو ٿيو تہ بادشاهہ جي درٻار ۾ اچي حاضر ٿيو. بادشاهہ جيڪو پنهنجي ٿولهہ کان پريشان هو پڇڻ لڳس تہ ان جو ڪهڙو علاج آهي؟ لقمان جواب ڏنو تہ ان مرض جو ڪو علاج ڪونهي ۽ تون ٻن مهينن کان پوءِ مري ويندين، ڇو تہ تنهنجا ڏينهن اچي پورا ٿيا آهن. بادشاهہ جڏهن اهو جواب ٻڌو تہ سخت پريشان ٿيو ۽ انهيءَ ڳڻتي ۽ پريشانيءَ اندر ويو ڳرندو. تانجو ٻن مهينن ۾ سندس اها ٿولهہ ويندي رهي، بلڪ پين بيمارين کان بہ ڇوٽڪارو ملي ويس. جڏهن ٻہ مهينا پورا ٿيا تہ لقمان کي گهرائي چوڻ لڳو تہ تو چيو هو تہ آءٌ مهينن ۾ پورو ٿي ويندس. لقمان چيس تہ جڏهن تنهنجو وقت پورو ٿيندو تہ پوءِ تون ضرور مرندين. البت هينئر مون اها ڳالهہ ڄاڻي واڻي ڪئي هئي، ڇاڪاڻ تہ ان بيماريءَ جو علاج ڪونهي. تنهن ڪري مون توکي ائين چيو هو تہ من موت جي ڳڻتيءَ ۾ تون سنهو ٿي پوين ۽ ان آزار کان ڇٽي پوين.

اها پوري پڪ ناهي تہ هن ڳالهہ ۾ حضرت جن لقمان حڪيم جو نالو ٿي ڪنيو يا ڪنهن حڪيم جي لاءِ ائين ٿي چيائون.

شعلو: هڪڙي پير جا ٻہ خادم هئا. انهن مان هڪڙو(265) ڏاڍا مجاهدا ڪندو هو، تہ ٻيو تمام گهٽ. پر پير جي نظر شفقت هن ٿوري مجاهدي ڪندڙ خادم تي هئي. آخر هڪ ڏينهن پير کان پڇيائون تہ توهان جي شفقت واري نظر هن ٿوري مجاهدي واري خادم تي آهي، ان ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟ پير چيو، چڱو هاڻي ترسو، تہ توهان کي سڀ خبر پئجي ويندي. پير هڪدم هڪ اٺ گهرائي ان کي ذبح ڪيو. پوءِ پهريائين ان مريد کي گهرايائين جنهن گهڻا مجاهدا ٿي ڪيا. ان کي چيائين تہ هن اٺ کي ڪٽي مٿي گهر جي ڇت تي پهچايو. اهو ٻڌي اهو مريد سوچ ۾ پئجي ويو، ۽ چوڻ لڳو تہ اهو منهنجي وس کان ٻاهر آهي. پر جڏهن ٻئي مريد کي سڏيائون تہ هو هڪدم ڪمر ڪشي بيٺو ۽ ڪٽڻ لاءِ تيار ٿي ويو. اهو ڏسي پير فرمايو تہ هاڻي توهان کي خبر پئي

ته ڪير منهنجي حڪم ۾ آهي. بس اهو ئي سبب آهي جو هن ٻئي مريد تي منهنجي شفقت واري نظر گهڻي آهي.

شعلو: چون ٿا ته هڪ پيري زماني جا ٻه طالبعلم يڪرنگ موحد، جمال الاهي ۾ گم، ملڪ تفريد ۾ پهتل. نبي ڪريم وٽ مقبول يعني شيخ محي الدين ابن عربي قدس الله سره جي شهر ۾ ان قصد سان پهتا جو ٻڌو هئائون ته هو شريعت خلاف معنائون ۽ تعبير ٿو ڪري. هن جو خيال هو ته شيخ سان بحث ڪبو ۽ ڏسبو ته هو اسان وارن دليلن جو ڪهڙو جواب ٿو ڏئي، ليڪن جڏهن ان شهر ۾ پهتا ته ڪين خبر پئي ته شيخ تازو وفات ڪري ويو آهي. ٻئي سوچ ۾ پئجي ويا ته جنهن ڳالهه جي ڪري هيڏي تڪليف ڪئي سون. اهو مسئلو حل نه ٿيو. اڃان انهيءَ سوچ ۾ هئا ته سندن اک لڳي وئي، (266) خواب ۾ ڏٺائون ته جمعي جو ڏهاڙو آهي ۽ ڪافي ماڻهو گڏ ٿيا آهن. اتي شيخ ابن عربي به موجود آهي ۽ پيغمبر عليه الصلواة والسلام جن ڪيس چئي رهيا آهن ته اي محي الدين اٿ ۽ منبر تي اچي اهو وعظ ڪر جيڪو هن ڪان اڳ تون دنيا ۾ ڪندو هئين. شيخ حضور عليه الصلواة والسلام جي حڪم موجب اٿين ڪيو ۽ منبر تي اچي خطبو چيائين.

ان ڪانپوءِ اهي طالبعلم جڏهن ننڊ مان بيدار ٿيا ته ڪين پشيمانيءَ جو احساس ٿيو ۽ وري اهڙو خيال دل ۾ نه آندائون.

شعلو: هڪ ڏينهن ڪا عورت ڪجهه مانيون پچائي هڪ درويش وٽ کڻي آئي ته جئن هو کائي. درويش اهي مانيون وٺي پاڻ وٽ وينلن ۾ ورهائي ڇڏيون ۽ پاڻ به هڪڙي کاڌائين. ڪجهه دير ڪانپوءِ ان درويش چيو ڪيو جو اگر هٿي، جيڪي کاڌو هئائين ڪڍي ٻاهر ڪيائين. اٿين پٺي معلوم ٿيو ڇڻ اها ماني کاڌي ٿي نه هئائين. بلڪ پين کي به ڇوڻ لڳو ته توهان پڻ جيڪي کاڌو آهي، اهو ڪڍي ٻاهر ڪريو. پر هو اٿين ڪري نه سگهيا. اهو ڏسي درويش ڇوڻ لڳو ته کاڌو ان کي ڪائڻ ڪپي، جيڪو وري اٿين سمورو ڪڍي ٻاهر ڪري.

شعلو: چون ٿا ته عنقا هڪ اهڙو پکي آهي، جيڪو زمين ۽ آسمان جي وچ تي رهي ٿو. هڪ ڏينهن هڪڙو بزرگ عنقا جي شڪار لاءِ تيار ٿي نڪتو. اوڇتو وات تي هميشه جي حياتي ماڻيندڙ سلطان بحر حضرت

خضر عليه السلام گڏيس. جنهن پڇيس تہ ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ جواب ڏنائين تہ عنقا جي شڪار لاءِ ٿو وڃان. خضر عليه السلام چيس تہ اهو اهڙو پکي آهي. جنهن جو زمين تي پاڇو ئي ڪونہ ٿو پوي. بزرگ چوڻ لڳو تہ ڇا پوءِ ان جي طلب بہ نہ ڪجي ۽ اميد لاهي ويهي رهجي. حضرت خضر عليه السلام ورائيو (267) هائو واقعي اميد لاهڻ نہ گهرجي ۽ ان جي طلب مدامي رکڻ گهرجي. اهو بزرگ پاڻ وڏيڪ شتابيءَ سان روانو ٿي ويو.

شعلو: هڪ دفعي ڪنهن پير جا بہ مريد گڏ چنڊ کي ڏسي رهيا هئا. هڪڙو چوڻ لڳو. ڇا تہ چنڊ آهي؟ ٻيو چوڻ لڳو. ڇا تہ خدا جي ذات آهي. جنهن هن چنڊ کي پيدا ڪيو آهي! جڏهن پير کي اها خبر پئي تہ چوڻ لڳو تہ پهريون صاحب عرفان آهي. البت ٻيو اڃان خام آهي.

شعلو: هڪ پيري ڪنهن پير جي ٻن مريدن رستي تي هڪ مئل ڪتو ڏٺو. هڪڙو چوڻ لڳو تہ جيڪڏهن اهو بہ خدا جي طرفان آهي تہ آءٌ اهڙي خدا جي عبادت نہ ڪندس. ٻيو چوڻ لڳو تہ جيڪڏهن اهو خدا ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي جو ڪم آهي تہ آءٌ اهڙي خدا جي عبادت هرگز نہ ڪندس. جڏهن پير کي هنن ٻنهي جي گفتگو جي خبر پئي تہ چيائين تہ ٻنهي صحيح چيو آهي.

شعلو: چون ٿا تہ هڪ ڏينهن شيطان کي ڏيءُ ڄائي. ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ ڪاڏيءَ هيٺان هٿ ڏئي غمگين ٿي ويهي رهيو. اچا انهيءَ سوچ ۾ هو تہ ڏٺس اڃي نڪتي ۽ چوڻ لڳيس تہ ڇو غمگين ٿيا آهيو؟ شيطان چوڻ لڳو تنهنجي ڪري پريشان آهيان. ڇو تہ توکان ڪجهہ نہ ٿيندو ۽ خلق کي تون گمراهہ ڪري نہ سگهندين. ڌيئس جواب ڏنو تہ فڪر نہ ڪريو. بلڪ خوش ٿيو ڇو تہ جڏهن بہ آءٌ ڪنهن بزرگ جو سچو مٺو يا مٺي جو ڪجهہ حصو اگهاڙو ڏسنديس تہ ان تي حرف ڏيندس. اهو ٻڌي شيطان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پوءِ پنهنجي جڳهہ تان اٿي کڙو ٿيو.

شعلو: هڪ ڏينهن ڪنهن بادشاهہ هڪ بزرگ کي گهرايو تہ جيئن ان جو وعظ يا نصيحت ٻڌي سگهي. اهو بزرگ بادشاهہ وٽ اچڻ (268) لاءِ روانو ٿيو. واٽ تي هڪ هنڌ ڪافي پکي ويٺا هئا. جڏهن اهو درويش اتي پهتو تہ پکي ٿاهہ ڪائي ڀڄي اڏاڻا. درويش اهو لقاءُ ڏسي سوچ ۾ پئجي ويو تہ جڏهن مون کي ڏسڻ کان پوءِ پکي بيقرار ٿي اڏامڻ لڳن ٿا تہ پوءِ انسان تي منهنجي

نصيحت ڪهڙو اثر ڪندي يا انهن ڪي ڪهڙو قرار ۽ سڪون ايندو. سو موٽي اچي مجاهدي ۾ لڳي ويو ۽ پورو هڪ سال ائين مجاهدي ۾ گذاريائين. آخر وري، هڪ ٻئي بادشاهه ڪيس دعوت ڏيئي پاڻ وٽ گهرايو. هينئر جڏهن انهن پڪين وٿان لنگهيو تہ پڪي اڏامڻ جي بجاءِ سندس چوڌاري مڙي آيا. آخر جڏهن بادشاهه وٽ پهتو ۽ پنهنجو هدايت ۽ نصيحت وارو وعظ شروع ڪيائين تہ بادشاهه ۽ سندس ساٿي جيڪي پنج سئو ڪن تين ها ڏاڍو متاثر ٿيا. بلڪ هن جي نصيحت ٻڌڻ ڪانپوءِ سيئي اٿي جهنگ منهن ڪري روانا ٿيا. بمصداق ففروا الي الله. مطلب تہ دنيا و مافيها کي ترڪ ڪري پنهنجو نام و نشان مٽائي ڇڏيائون.

شعلو: چون ٿا تہ حضرت رسالتمآب ﷺ جي وفات ڪانپوءِ مديني جي ڪيترن ماڻهن وڏيون عمارتون ناهيون ۽ سٺا ڪپڙا پائڻ لڳا ۽ پلا گهوڙا چڙهيءِ لاءِ استعمال ڪرڻ لڳا. هڪ ڏينهن ڪو درويش اچي مديني ۾ نڪتو ۽ اهي عمارتون ۽ نٺ ناٺگر ڏسندو هڪ مدرسي ۾ اچي ترسيو جتي ٻيا ڪيترا ماڻهو ويٺا هئا. درويش ويهڻ سان قرآن پاڪ جي هيءَ آيت پڙهي:

تبارڪ الذي بيده الملڪ وهو علي ڪل شيءٍ قدير. ۽الذي خلق الموت والحياة ليبلوڪم ايڪم احسن عملا (1:67) ترجمو: "اها برڪت واري ذات آهي جنهن جي هٿ ۾ هيءَ دنيا آهي ۽ هر شيءِ تي قدرت وارو آهي. اهو ئي آهي جنهن موت ۽ زندگيءَ کي پيدا ڪيو آهي تہ جئن توهان ڪي آزمائي تہ ڪير سٺا ڪم ڪري ٿو." (269)

هن درويش ان آيت جي پڇاڙي ۾ "عملاً" جي بجاءِ "ثوبا" معنيٰ ڪپڙا پڙهيو. جڏهن اتي ويٺلن اهو لفظ ٻڌو تہ مٺس ڪلڻ لڳا. بلڪ هڪبئي کي چوڻ لڳا تہ شايد ديوانو آهي جو قرآن کي ائين غلط ٿو پڙهي. آخر درويش کي مخاطب ٿي چوڻ لڳا تہ تو اها آيت غلط پڙهي. درويش وري ساڳي آيت پڙهي پر هينئر "احسن عملا" جي بجاءِ "احسن فرسا" پڙهيائين. وري انهن ماڻهن چيس تہ هينئر بہ غلط پڙهيو اٿئي. ٽيئن دفعي ان درويش "احسن عملا" جي بجاءِ "احسن عمارتاً" پڙهيو تہ وري مٿس ڪلڻ لڳا. آخر درويش چين تہ پلا صحيح ڇا آهي. جواب ڏنائون تہ "احسن عملاً". فقير اهو ٻڌي چوڻ لڳو. پر جڏهن اچي مون عمارتون. گهوڙا ۽ سٺا لباس ڏٺا تہ مون سمجهيو تہ هاڻي خدا توهان کي انهن شين سان آزمائي ٿو. ۽ عمل جي بجاءِ شايد اهي ڳالهيون وجي ٻڇيون

آهن. اهو ٻڌي اهي شخص ڏاڍو شرمندا ٿيا ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيا ۽ ڪو جواب نہ ڏنائون.

شعلو: هڪ ڏينهن هڪڙي فقير ٻئي کان پڇيو تہ خدا کي ڪيئن ياد ڪرين ٿو؟ هن جواب ڏنو تہ خدا کي هر وقت ياد ڪريان ٿو. سواءِ ٽن وقتن جي ۽ اهي هي آهن. پهريون جماع وقت، ٻيو قضا حاجت وقت ۽ ٽيون ڪاڌي کائڻ وقت. تڏهن هن فقير چيس تہ اهي وقت تہ پاڻ خدا کي ياد ڪرڻ لاءِ وڏيڪ موچارا آهن. پوءِ تون ڪيئن ٿو چئين تہ تون هميشہ ۽ هر وقت خدا کي ياد ڪرين ٿو. لڳي ٿو تہ تو پنهنجي عمر ضايع ڪري ڇڏي ۽ اهو سمورو وقت غفلت ۾ گذاري ڇڏيئي!

شعلو: هڪ ڏينهن ڪو درويش درياءَ جي ڪنڌيءَ تي ستو پيو هو. اتفاقاً دريا ان ڪناري کان کائڻ شروع ڪيو. حضرت خضر عليہ السلام اچي ان درويش کي خبردار ڪيو تہ اٿي پري ٿيءُ تہ دريا ۾ نہ لڙهي وڃين. درويش وراڻيو تہ اها فضول ڳالهہ نہ ڪر. ڪير آهي جو ائين ڪري ۽ مون کي درياءَ ۾ اڇلي. حضرت خضر عليہ السلام اهو جواب ٻڌي حيران ٿيو تہ اهو ڪهڙو(270) جواب آهي جيڪو آءٌ ٻڌي رهيو آهيان. آواز آيو تہ اي خضر! جيڪي منهنجا طالب آهن، انهن کي تہ تنهنجي ضرورت آهي، پر اهي جن جو آءٌ طالب آهيان، انهن کي تنهنجي ضرورت ناهي.

شعلو: هڪ بادشاهہ کي ڌي هئي، جنهن جي شادي اڃان نہ ٿي هئي. هڪ ڏينهن ان پيءُ کي چيو تہ منهنجو نڪاح ڪنهن درويش سان ڪرايو. آخر هڪ ڏينهن بادشاهہ کي هڪ اهڙو فقير ملي ويو. جنهن کي پنهنجي ڌيءُ پرڻائي ڏنائين. جڏهن ٻئي خلوت ۾ پهتا تہ درويش ڪڇي مصلو وڇايو ۽ بادشاهہ جي ڌيءُ کٽ تي چڙهي انتظار ڪرڻ لڳي. فقير ٻہ رڪعتون پوريون ڪري ساڻس مخاطب ٿيو ۽ چوڻ لڳس تہ هينئر مون کي مصحف يعني قرآن پاڪ آڻي ڏي تہ تلاوت ڪريان. بادشاهہ جي ڌيءُ چوڻ لڳس تہ اڃان مصحف پاڪ سان اُنس رکين ٿو؟ مون تہ سمجهيو هو تہ تون ان جي ذڪر سان مشغول هوندين.

اها خبر نہ هئي تہ ڪو منهنجو نڪاح تو جهڙي شخص سان ٿي رهيو آهي، جيڪو اڃان انهيءَ منزل تي نہ پهتو آهي.

شعلو: معرفت جي سمنڊ ۽ خدا جي برگزيده بندي رحمان شيخ پوراني

رحمة الله عليه جي ڳالهه ٿا ڪن تہ هو ڪڏهن بہ ڪنهن ڳالهہ تي ناراض نہ ٿيندو هو. ڪڏهن بہ ڪاوڙ مٿس غلبو نہ ڪيو هو. ڪيس ڪاڏيءَ تي ڏاڙهي جا بہ ٽي وار مس هئا. هڪ ڏينهن ڪنهن بدنيت شخص پڪو ارادو ڪيو تہ اڄ شيخ کي ضرور چيڙائيندس. اهو سوچي هو روانو ٿيو. اڃان رستي تي ئي هو جو شيخ کي سامهون سواريءَ تي ايندي ڏٺائين. ويجهو وڃي کيس چوڻ لڳو تہ اي شيخ هيءَ تنهنجي ڏاڙهي آهي يا ڳڏهہ جو پڇ. شيخ جواب ڏنو تہ جيڪڏهن اها خدا جي درگاهہ ۾ قبول آهي تہ پوءِ اها ڏاڙهي آهي، ورنہ اها ڳڏهہ جي پڇ کان بہ بدتر آهي. اهو ٻڌي اهو شخص ڏاڍو شرمندو ٿيو.

شعلو: هڪ ڏينهن ڪو فقير اهڙي جڳهہ تي اچي نڪتو جتي سندس پير پائي ٻيا ڪيترا فقير(271) موجود هئا. انهن مان هڪڙو ڪنڊ ۾ ڪنهن رسالي پڙهڻ ۾ مشغول هو. هي فقير سڌو ان وٽ وڃي ويهي رهيو. جڏهن هن کان پڇيائون تہ ڪهڙو سبب آهي جو هنن سڀني کي ڇڏي هن رسالي پڙهندڙ مريد وٽ وڃي ويٺين. جواب ڏنائين تہ هي ٻيا سڀ ڳالهين ۾ مشغول هئا ۽ جيڪڏهن انهن وٽ وڃان ها تہ هو اجائي وڏائي ۾ پئجي وڃن ها. پر هو جيڪو مطالعي ۾ مشغول هو، سو بزرگن جي ارشادن ۽ هدايتن جي اثر تحت پنهنجي نفس جي اصلاح جو سامان ڪري رهيو هو. ان ڪري آءٌ وٽس وڃي ويٺس.

شعلو: هڪ ڏينهن عشق ۽ معرفت جي داناءَ، محبت ۽ شوق جي درياءَ، عشق الاهي ۾ پڇيل ۽ الاهي اسرارن جي واقف شيخ حسن بصريءَ جي مريد ڪنهن ٻقال جي دڪان تي ويٺي ماني کاڌي. اتي کي ٻلا هڪٻئي کي ڇئي رهيا هئا تہ اڄ شيخ حسن بصري هن دنيا مان گذاري ويو. اهو مريد ٻلن جي ٻولي سمجهندو هو، سو اهو ٻڌي شيخ جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو. ڏٺائين تہ شيخ تہ صحيح سلامت ويٺو آهي. ليڪن ٻلن کان جيڪي ٻڌو هئائين، سو عرض ڪيائين. شيخ جواب ڏنو تہ تو صحيح ٻڌو آهي. اڄ دراصل ڪجهہ ساعتون خدا جي ياد کان سواءِ گذريون آهن. ان ڪري زمين آسمان ۾ غلغلو پئجي ويو آهي تہ شيخ وفات ڪري ويو. انهن ٻلن پڻ اهو آواز ٻڌو هوندو!

شعلو: هڪ پيري بہ فقير گهران سنيري ڪنهن طرف وڃي رهيا هئا تہ اوچتو انهن مان هڪڙو ڇٺو ويهي رهيو ۽ اڳتي وڌڻ کان نابري واري ويهي رهيو. ان تي ٻئي مريد پڇيس تہ ڇا ٿيو. جواب ڏنائين تہ مون ڪڏهن(272)

نيت کانسواءِ هڪڙو قدم بہ نہ کنيو آهي. هيئنئر آءٌ پاڻ ۾ ان ڳالهہ جي ڪمي ٿو محسوس ڪريان. اهو ٻڌي ٻيو چوڻ لڳس تہ مون وري ڪڏهن بہ نيت سان ڪم نہ ڪيو آهي، بلڪ منهنجو هر قدم بنا نيت جي هوندو آهي. حضرت جن هن ٻئي فقير جي جواب کي پسند ڪندا هئا.

شعلو: چون ٿا تہ خدا جي برگزيده بندي شيخ پوران رحمة الله کي ٻنيءَ ٽڪر هو، جنهن جي پرسان هڪ ٻئي شخص جي زمين پڻ هئي. جڏهن پاڻي وهي ايندو هو تہ هو شخص ڇا ڪندو هو جو شيخ جو آواندو بند ڪري پنهنجي ٻنيءَ ۾ پاڻي وهائيندو هو. انهيءَ ڪري شيخ جي زمين ۾ پاڻي ويندو ئي ڪونہ هو ۽ اها غيرآباد پئي هوندي هئي. ان جي باوجود شيخ ڪڏهن ڪجهہ نہ چيو. آخر هڪ ڏينهن شيخ سنيري وٽس ويو ۽ هن کي چوڻ لڳو تہ ادا جڏهن تنهنجي زمين پوريءَ ريت سيراب ٿي وڃي ۽ تنهنجي ڪاوڙ بہ پوري ٿئي تہ پوءِ منهنجي زمين ڏانهن پاڻي ڇڏج. اهي لفظ چئي واپس هليو آيو.

شعلو: ڪنهن شهر جا ماڻهو ڏاڍا سچار هئا ۽ ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهائيندا هئا. شهر جي پرپاسي ۾ ڪيتريون ڪاٺيون هيون ۽ جڏهن رحمت الاهي پوندي هئي تہ انهن ڪاٺين مان ڪيترا هيرا ۽ موتي ڪين لپي پوندا هئا. اهي وڪڻي پنهنجو گذر سفر ڪندا هئا. (273)

هڪ ڀيري ٻئي شهر جي ڪنهن ماڻهوءَ هن شهر جي هڪ عورت سان شادي ڪئي ۽ اچي هن شهر ۾ رهيو. هڪ ڏينهن اجان ڪنوڻ تجلو مس ڏنو هو تہ هن شخص چوڻ شروع ڪيو تہ برسات ٿي اچي. جڏهن سندس زال اهي لفظ ٻڌا تہ وٺي رڙيون ۽ دانهون ڪيائين. جنهن تي ماڻهو اچي گڏ ٿيا. انهن کي ڏسي عورت پنهنجي مڙس لاءِ چوڻ لڳي تہ هي مرد ڪوڙ ٿو هڻي. منهنجي هن مان جان ڇڏايو. گڏ ٿيل ماڻهن عورت کي منٿون ڪري سمجهايو تہ هن دفعي کيس بخش ڪر ۽ هن مرد کي بہ چيائون تہ آئنده ائين نہ چوندو ڪر. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ اها عورت ڳورهاري ٿي پئي تہ سندس مڙس چوڻ لڳو تہ توکي پٽ ڄمندو. اهو ٻڌي هڪ دفعو وري عورت ڪٽي دانهون ڪيون ۽ ماڻهو ڪٺي گڏ ڪيائين. چوڻ لڳي تہ منهنجو مڙس ڪوڙو آهي. چو تہ هو غيب جي ڳالهين ۾ هٿ ٿو وجهي. منهنجو هن سان گڏ گذارڻ مشڪل آهي. منهنجي هن ڪان جان ڇڏايو. آخر ائين ڪيائون ۽ ڪجهہ پئسا ڏيئي هن شخص کي انهيءَ شهر مان رواتو ڪيائون.

حضرت جن اها ڳالھ پوري ڪري چوڻ لڳا تہ اڳيان بزرگ غيب ۾ ڪڏھن بہ ھٽ نہ وجھندا ھئا. پر اڄڪلھہ درويش غيب جون خبرون ڏيڻ لڳا آھن. جيڪا عجيب و غريب ڳالھ آھي.

شعلو: ڪنھن شخص عارف باالله باقي باالله شيخ جنيد بغدادي رحمة الله عليه کي مرڻ کان پوءِ خواب ۾ ڏٺو. پڇڻ لڳس تہ خدا تعاليٰ توھان سان ڪھڙو سلوڪ ڪيو. جواب ڏنائين تہ مون کي مغفرت نصيب ٿي. ليڪن منھنجا دقيق اشارات ۽ تقريرون ڪنھن (274) ڪم نہ آيا. البت اڌ رات جو اٿي جيڪي ٻہ رڪعتون نماز جون پڙھندو ھوس. اھي قبول پيون ۽ انھن جي ڪري مون کي ڇوٽڪارو نصيب ٿيو.

شعلو: ھڪڙي پير سڄي عمر شادي نہ ڪئي ۽ ڇڙو پئي گذاريائين. آخر جڏھن پيريءَ ورايس تہ ضعيف ٿيو ۽ ڪن خير خواھن صلاح ڏنس تہ ھاڻي ٻہ نڪاح ڪر تہ جئن ڪا عورت اچي تنھنجي خدمت چاڪري ڪري. چوڻ لڳو تہ ھينئر مڙسي ئي نہ رھي اٿم. پر جيڪڏھن ڪا عورت اھڙيءَ حالت ۾ مون کي قبول ڪري تہ آءٌ تيار آھيان. آخر ھن پير مرد لاءِ ھڪ اھڙي عورت کي ڳولي لڌائون جنھن جي پڻ ڪڏھن شادي نہ ٿي ھئي ۽ سڄي عمر پاڪيزہ زندگي گذاري ھئائين. ان عورت کي وچي چيائون تہ جيڪڏھن فلاڻي پير کي تون قبول ڪرين تہ بھتر. عورت جواب ڏنو تہ مون کي مڙس جي ڪا ضرورت ڪونھي. البت جيڪڏھن شيخ مون کي قبول ڪندو تہ مون کي منظور آھي. آخر ٻنھي جو نڪاح ڪرايو ويو.

جڏھن رات جو ٻئي اڪيلا ٿيا تہ پير عورت کي چيو تہ مون کي مصحف پاڪ ڪڻي ڏي تہ ان سان ڪجھ وروند ڪريان. اھو ٻڌي عورت کيس چوڻ لڳي تہ ڇا اڃان تون قرآن سان محبت رکين ٿو؟ مون کي تو ۾ اھڙو گمان نہ ھو. انھيءَ تي اھو پير چوڻ لڳو تہ پلا وھاڻو ڪڻي ڏي تہ ننڊ ڪريان. عورت چيس تہ اھا تہ اڳيءَ کان بہ وڌيڪ خراب ڳالھ ڪئي اٿئي. وڌيڪ چيائينس محبت لاءِ توکي مصحف کپي ۽ ننڊ لاءِ توکي وھاڻو کپي. مون کي اھا اميد نہ ھئي. پير اھو ٻڌي ڏاڍو شرمندو ٿيو ۽ سوچڻ لڳو تہ زال تہ گھر ۾ ڪونہ آندي اٿم. البت ڪو مرد ماڻھو پلئہ پيو اٿم.

شعلو: هڪ دفعي غوث الثقلين عارف رباني شيخ محي الدين عبدالقادر جيلاني قدس الله سره جو مريد واڻ ونيو پئي ويو. اوچتو شاهي گماشتو گڏيس. جيڪو گاهه جي پري لٽائي بيٺو هو، تنهن اها پري ڪٺي سندس مٿي تي (275) رکي ۽ چوڻ لڳس تہ اها منهجي گهر تائين ڪڻائي هل. هن شخص چيس تہ آءٌ شيخ جيلانيءَ جو مريد آهيان. اهو ٻڌي هن رهندو مٿي تي لٺ وهائي ڪڍيس. مريد اها سڄي ماجرا اچي پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ ٻڌائي، جنهن پڇيس تہ ڇا تو هن شخص کي پنهنجو تعارف ڪرايو هو؟ چيائين تہ مون کيس ٻڌايو هو. پير چيو تہ هاڻي هو اڳتي ترقي نہ ماڻيندو. ليڪن مريد دل ۾ سوچيو تہ جيڪڏهن پير هن شخص کي بد دعا ۽ لعنت ملامت ڪري ها تہ بهتر. ڪجهہ عرصي کانپوءِ خبر پئي تہ بادشاهہ ان گاهہ واري شخص کي شاهي گهوڙن جو سئيس مقرر ڪري ڇڏيو. جڏهن مريد کي اها خبر پئي تہ وري اچي پير جي خدمت ۾ پهتو ۽ اها حقيقت ڪري ٻڌايائين. پير جواب ڏنو تہ اڳتي ائين ڪو نہ ٿيندو. اجان ڪجهہ ڏينهن مس گذريا تہ بادشاهہ ان شخص کي ملڪي خبرداريءَ جي ذميواري ڏني. مريد وري اچي پير جي خدمت ۾ سربستو احوال ٻڌايو. پير بہ ساڳيو جواب ڏنو. ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ بادشاهہ جو هڪ امير گذاري ويو تہ ڪٺي هن شخص کي ان جي جاءِ تي رکيائون. هن دفعي بہ پير پنهنجي مريد کي ساڳيو اڳي وارو جواب ڏنو. آخر اهو شخص وزير ٿيو. تڏهن بہ پير پنهنجي مريد کي اهو پهرين وارو جواب ڏنو. انت جڏهن بادشاهہ گذاري ويو تہ امير امرائن صلاح ڪري هن شخص کي ڪٺي بادشاهہ بڻايو. هاڻي وري اهو مريد پنهنجي پير وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو تہ سائين هو شخص تہ بادشاهہ ٿي ويو. پير چيو تہ هاڻي اهو پنهنجي مرتبي تي پهتو آهي. آخر هڪ ڏينهن جڏهن اهو شخص بادشاهہ ٿيڻ بعد هڪ عاليشان چبوتري هيٺان وينو هو تہ ان جا ٿنڀا پاڙ کان ٽٽي پيا ۽ (276) بادشاهہ ان حجري جي ڇت هيٺان دبجي مري ويو. چون ٿا تہ ان ڏينهن کان وٺي اهو شخص ان حجري جي ڇت جي بار هيٺان برابر زمين اندر پيهبو وڃي.

شعلو: هڪ دفعي ڪو پير پنهنجي مريد کان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سوچيائين تہ هن سان ڪا خاص عنايت ڪري. خضر عليه السلام کي پنهنجي ارادي کان واقف ڪيائين. جنهن چيس تہ مريد جي آزمائش شرط آهي، ان

ڪانپوءِ پلي ڪيس نوازجي . پير اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ ذڪر جي ڪني گهرائي ان ۾ پاڻي وجهي باهه تي تيڏي ڪري رکيائين. مريد اهو ڏسي ڇوڻ لڳو تہ اي شيخ. ڪنيءَ ڪي سڌو نہ رکيو اٿو.

مرشد جواب ڏنو تہ مون کي خبر ناهي تہ اها ڪو واقعي تيڏي آهي. مريد جي اها روش ڏسي ڪيس ڪا شيءِ عنايت نہ ڪيائين.

شعلو: هڪ ڏينهن جڏهن عارف بالله فاني في الله خدا جو برگزيده بندو شيخ بهاءُ الدين ملتاني قدس الله سره پنهنجي مرشد وقت جي قطب ۽ پيرن جي فخر برگزيده خداوندي شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جي خدمت ۾ آيو تہ مرشد مٿس تمام گهڻي شفقت ۽ عنايت ڪئي. اهو ڏسي ٻين مريدن ڪي دل ۾ خيال پيدا ٿيو تہ اسان هيترا سال خدمت ڪئي آهي، پر اسان تي اها شفقت جي نظر اجان تائين نہ ٿي آهي. جڏهن پير ڪي اها خبر پئي تہ سيني مريدن ڪي گهرايائين ۽ کين چيائين تہ درگاهه ۾ هيٺ وڃائڻ لاءِ گاهه ۽ پن ڪٽي اچو. پر خيال رکجو تہ اهو گاهه خدا جي ذڪر ۾ مشغول نہ هجي.

سيئي مريد روانا ٿيا ۽ جلد ئي سائو گاهه ڪٽي جهجي انداز (277) ۾ آڻي، گڏ ڪيائون. هوڏانهن شيخ شهاب الدين گهڻي ڳولا ڪان پوءِ ڪافي دير سان سڪو گاهه ڪٽي آيو. اهو ڏسي شيخ شهاب الدين ٻين مريدن جي آڏو بهاءُ الدين کان پڇيو تہ تون سڪل گاهه ڇالاءِ ڪٽي آيو آهين. جواب ڏنائين تہ آءٌ جتي بہ ويس ٿي تہ سائي گاهه کي خدا جي ذڪر ۾ مشغول ٿي ڏٺم. آخر ۾ اهو سڪل ۽ مئل گاهه نظر آيم. تنهن ڪري اهو ڪٽي اچي حاضر ٿيو آهيان. اهو ٻڌي شيخ هنن ٻين مريدن ڏانهن نهاريو ۽ کين چوڻ لڳو تہ ڏٺو. توهان جي بهاؤالدين سان ريس ڪرڻ اجائي آهي. هينئر سڀ مريد پنهنجي روش تي پشيمان ٿيا ۽ وري ڪجهه نہ ڪڇيائون.

هن حڪايت بيان ڪرڻ بعد حضرت جن چوڻ لڳا تہ شيخ **بهاؤالدين** اها تفريق الاٿجي ڇو قبول ڪئي. اسان جو خيال آهي تہ سڪا توڙي ساوا سڀ خدا جي ياد ۾ مشغول آهن

شعلو: هڪڙو بزرگ خلق خدا جي نگاهه ۾ وڏي عزت ۽ مرتبي وارو شمار ٿيڻ لڳو. هڪ ڏينهن سندس دل ۾ خيال آيو تہ ماڻهو منهنجي ايڏي عزت ڪن ٿا ۽ گهڻو گهرن ٿا. تنهن ڪري، نفس کي سيکت ڏيڻ ضروري آهي. اها

لابارن جي موسم هئي ۽ فصل پچي تيار بيٺا هئا. سو چا ڪيائين جو صبح جو اٿي ڪنهن جي ٻنيءَ ۾ گهڙي پيو ۽ چڱو خاصو اَن لٽي پري ناهي رکيائين. جڏهن صبح جو هاري زمين تي آيا تہ هي بزرگ اَن جو گنڍو مٿي تي رکي ڀڄڻ لڳو. ايتري ۾ مالڪ بہ اچي پهتو. بس پوءِ تہ ڪڍ لڳس ۽ آخر پڪڙي وڌائونس. چڱي خاصي مار بہ ڪڍيائونس ۽ ڏاڙهي مٿو ڪوڙي گڏهہ تي چاڙهي، اهو اَن جو گنڍو ساڻ رکي سڄي شهر ۾ گهمايائونس ۽ آخر ۾ شهر نيڪالي ڏنائونس.

اها حڪايت بيان ڪري حضرت جن چوڻ لڳا تہ اڳيان بزرگان دين ائين وقت گذاريندا هئا. هو ڪڏهن بہ عزت ۽ مرتبي کي(278) قبول نہ ڪندا هئا ۽ پنهنجي نفس کي اهڙي نموني ۾ تعزير ۽ سيڪت ڏيندا هئا.

شعلو: هڪڙي ڏينهن ڪنهن بزرگ حجام کي سنوارت لاءِ گهرايو. هوڏانهن بزرگ پاڻ **لا الہ الا اللّٰہ** جي ظاهري ذڪر ۾ مشغول هو. جڏهن حجام پاڪي چپن تي آندي، تڏهن بزرگ کي چيائين تہ ٿوري دير صبر ڪريو. متان ٽڪو نہ اچي وڃيو ۽ رت نہ نڪري پوي. چيائين تہ ڪيئن بس ڪريان. جو سڄ بس نٿو ڪري ۽ تہ هلندو پيو وڃي. جيڪڏهن سڄ بہ ٿوري ويرم لاءِ ترسي تہ مان بہ هوند ترسان. پر جنهن صورت ۾ اهو بہ تيزيءَ سان هلندو ٿو وڃي. تہ اهڙيءَ صورت ۾ مون کي ڪهڙي مجال آهي جو خدا جي يادگيريءَ کان غافل رهان! ان ڪانپوءِ حضرت جن هي بيت پڙهيو:

[94]

تان ڪي ٻوري چـَـل، لاڙائو سج ٿئو.
هاڙهي ڏاري هـَـل، وڃي هوتن جو ٿئو.

[اي ڪمزور عورت تڪڙي وک وڌاءِ جو سج لهڻ وارو آهي. هاڙهي جبل جي آسپاس هوتن جو ٺي هول ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.]

شعلو: هڪڙو بزرگ هو جنهن لاڳيتو ٻارهن سال اها دعا ٿي پني تہ اي مالڪ ملڪ جا مون کي اهڙي جماعت وارن ۾ هرگز شامل نہ ڪج جن لاءِ ماٺهو آگر کڻي اشارو ڪن.

شعلو: هڪڙو بزرگ هو جنهن کي پورا چوڏهن سال خدا تعاليٰ جي طرفان هاتفي آواز ايندو رهيو تہ منهنجي طرفان ڪا شيءِ قبول ڪر. آخر

چوڏهن سالن کانپوءِ اهو بزرگ چوڻ لڳو تہ اي مالڪ. شيون تہ ڏارين ۽ پروان ماڻهن کي ڏبيون آهن. مون کي انهن ڏارين ۾ شامل نہ ڪجانءِ!

شعلو: هڪ درويش مراقبي ۾ خدا تعاليٰ کي چيو تہ آءٌ حق(279) جي طلب خلق منجهہ نٿو رکان. آواز آيو تہ پر آءٌ انهن سان آهيان.

شعلو: هڪڙو بزرگ سدائين سفر ۾ گذاريندو هو ۽ هڪ ڏينهن اهڙي شهر ۾ اچي نڪتو جتي سڀ ڪافر رهندا هئا. اچان هڪڙي ڪنڊ وٽي مس وينو هو تہ ذڪر جو آواز ٻڌائين. ويجهو وڃي پڇا ڪيائين تہ تون ڪير آهين جو هن جڳهہ تي رهين ٿو. جتي ڀيو ڪو بہ مسلمان ڪو نہ ٿو رهي ۽ تون وري ذڪر ۾ مشغول آهين. اهو ٻڌي ان ذڪر ڪندڙ بزرگ جواب ڏنس. مون ڀِرين سمجهيو هو تہ تون ڪو مرد ماڻهو آهي. پر هينئر سمجهيم تہ نہ. تون عورت ذات آهين جو توکي سڀ ڪافر ٿا نظر اچن. اهو ٻڌي درويش ان بزرگ جو مريد ٿيو.

شعلو: هڪ ڏينهن ڪنهن بزرگ کي هاتفي آواز آيو تہ تون پنهنجي پڳ وڪڻندين؟ بزرگ جواب ڏنو تہ نہ وڪڻندس. پر وٺندو ڪير؟ جواب آيو تہ آءٌ وٺندس. بزرگ چيو تہ مالڪ ڪهڙي قيمت ڏيندين؟ جواب آيو تہ جيڪي هن دنيا ۾ آهي، اهو سڀ ۽ اٺ بهشت پڻ ڏيندس. ان ڪان سواءِ توکي دوزخ جي باهہ کان بہ بچائيندسين. بزرگ چوڻ لڳو تہ مون کي انهن شين جو ڪو خيال ڪونهي. وري آواز آيو تہ منهنجي ديدار جي خواهش رکين ٿو؟ جواب ڏنائين تہ ان جي بہ طمع ڪو نہ اٿم. ارشاد ٿيو تہ خاموش رهہ. ورنہ تنهنجا عيب سڀ خلق جي آڏو پڌرا ڪيا ويندا ۽ تنهنجي خواري ٿيندي. بزرگ عرض ڪيو تہ خداوندا تنهنجي خاموشي بہ ضروري آهي. ورنہ آءٌ سڀ خلق تي تنهنجي رحمت جو چرچو ڪندس تہ قيامت تائين توکي ڪو سجدو نہ ڪندو!! آواز آيو تہ آءٌ خاموش آهيان. هاڻي تون بہ خاموش رهہ!!

شعلو: هڪ ڏينهن ڪنهن پير پنهنجي مريد کي ذڪر جي تلقين ڪندي چيو تہ ماڻهن سان هرگز نہ ڳالهايو ۽ جيڪڏهن ڪو ڪنهن شيءِ لاءِ پڇي تہ جواب ڏيو. مجبوريءَ جي حالت ۾ (280) اگر سان اشارو ڪريو تہ آءٌ جواب ڏيڻ کان لاچار آهيان.

شعلو: هڪڙو خدا جو طالب حجري جو دروازو بند ڪري، خدا جي ياد ۾ مشغول هو. دنيا و مافيها سان سڀ لاڳاپا ٽوڙي ۽ ماڻهن کان منهن

موڙي هڪ ڪنڊ ۾ وڃي ويٺو. هوڏانهن ٻاهر هڪ چالاڪ شخص ڏاڙ هڻي ته آءُ ڪو نمونو ڪري ان طالب کي حجري کان ٻاهر ضرور ڪڍندس. سو ڇا ڪيائين جو حجري جي ٻاهران ٻيهي رڙ ڪري چوڻ لڳو ته اي بزرگ، اندر لڪي ڇا لاءِ ويٺو آهين؟ جيڪڏهن تون بخشيل ٻانهن مان آهين ته ٻاهر نڪري اچ ته جئن ٻي خلق خدا جي توکان بهره مند ٿئي. پر جيڪڏهن بخشيل ٻانهو نه آهين، تڏهن به ٻاهر اچ ته من ٻئي ڪنهن کي ڏسڻ سان تنهنجي مغفرت ٿئي ۽ انهيءَ برڪت سببان تون بخشيل ٻانهن ۾ شامل ٿي وڃين.

اها ڳالهه ڪري حضرت جن چوڻ لڳا ته اصلي جن ۽ شيطان لاحول پڙهڻ سان ڀڄي وڃن ٿا. پر انساني جن هرگز نٿا ڀڄن!

شعلو: فرمايائون ته اڳيان بزرگ ذڪر جهر يعني وڏي آواز وارو ذڪر ايڏي زور سان شروع ڪندا هئا، جو ٻهرين ضرب سان سندس چادر گوڏن وٽان ڦاٽي پوندي هئي.

شعلو: هڪڙو حجام صاحب ولايت هو ۽ نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي مجلس ۾ ويندڙ هو. هوڏانهن هڪ سيدزادو انهيءَ حجام جو خادم هو. هڪ ڏينهن جڏهن اهو حجام مجلس ۾ ٿي آيو ته اهو خادم به پنيان لڳو آيس. جڏهن دروازي تي پهتا ته ان حجام جوتا لاهي کيس ڏنا ته جئن واپس اچڻ تائين جهلي بيهي. حجام اندر پهتو ته هن خادم جي دل ۾ خيال آيو ته هو به جيڪر اندر وڃي، پر دربانن کيس داخل ٿيڻ نه ڏنو. اها خبر پاڻ ڪريمن تائين پهتي، ته دربانن کي چيائون ته جيڪڏهن منهنجي نسب جو شرم نٿا رکو ته انهيءَ جتي واري جو خيال ڪريو ته(281) اها ڪنهن جي آهي. جڏهن گهر موٽي آيا ته اچڻ سان ان خادم پنهنجي ڌيءَ جو نڪاح ان حجام سان ڪرائي ڇڏيو. ماڻهن کي جڏهن خبر پئي ته چوڻ لڳس توکي ڇا ٿيو جو پنهنجي ڌيءَ حجام جي حوالي ڪئي. جواب ڏنائين ته جنهن جاءِ تي آءٌ هيس، اتي نسب جي ڪا ڳالهه ڪو نه هئي. بلڪ حسب يعني عمل ئي ڪم واري شيءِ آهي.

شعلو: هڪ دفعي به فقير گڏجي سير سفر تي نڪتا. هڪ ڳوٺ جي ٻاهران ڪين رات پئي ته اچي ڪتن وراين. ٻين کي ته ڀڄائي ڪڍيائون پر هڪڙو ڪتو سندن پچر ئي ڪو نه ڇڏي آخر هڪ ڳوٺ ۾ اچي پهتا. هڪڙي فقير چيو ته هي ڪتو اسان سان مسخري ٿو ڪري، هاڻي اسين به کيس ڪو نه

ڇڏيندا سون. اهو ڇئي ان ڳوٺ جي ٻاهران پيئڻ واري پاڻيءَ تي نظر وڌائون ته ان جو اهو تاثير ٿيو جو جنهن ماڻهو اهو پاڻي ٿي پيتو. اهو تپ ۾ مبتلا ٿي ٿيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ انهيءَ ڳوٺ جو هڪ ماڻهو ڏيري ڏيل سان اچي وٽن پهتو. فقيرن پڇيس ته توکي ڇا ٿيو ۽ ڳوٺ جي ٻين ماڻهن جو ڇا حال آهي. انهيءَ شخص ٻڌاين ته مون کي سخت تپ آهي. بلڪ ڳوٺ جي سڀني ماڻهن جو اهو حال آهي. فقيرن ان شخص کي ڏس ڏنو ته جيڪڏهن هن ڪتي جا ڪجهه ٻچ پٽي انهن کي باهه تي ساڙيندؤ ته انهيءَ جي بانس سان توهان جو تپ لهي ويندو. انهيءَ شخص ائين ڪيو ته واقعي سندس تپ ويندو رهيو. بس پوءِ ته اها ڳالهه ڳوٺ ۾ ڦهلجي وئي ۽ سڀئي ماڻهو ان ڪتي جي ڪڍ پئجي ويا. نه ڇڏيائونس ٻچ پٽي پٽي وچي هوٽي ڇڏيائونس. تڏهن فقير ان ڪتي کي چوڻ لڳا ته تو به اسان سان ڏاڍي ڪئي. پر هاڻي تون به اسان کي ياد ڪندين. (282)

شعلو: هڪڙي بادشاهه ٻئي ملڪ کي فتح ڪرڻ جي ارادي سان لشڪر ڪشي ڪئي. هن بادشاهه پنهنجن جاسوسن کي موڪليو ته وڃي خبر لهي اچو ته اهو بادشاهه ۽ لشڪر ڪٿي پهتا آهن. هن حملي ڪندڙ بادشاهه اها چالاڪي ڪئي هئي جو پنهنجي گهوڙن جا نعل ابتا هڻائي ڇڏيا هئائين. تنهن جي ڪري هنن جاسوسن جڏهن اهي نشان ڏٺا ته سمجهائون ته لشڪر سندن ملڪ جي طرف نه آيو آهي. اها خبر وڃي بادشاهه کي ٻڌايائون ته هو آرام سان ويهي رهيو. هوڏانهن اوچتو هو بادشاهه لشڪر سوڌو اچي هنن جي مٿان ڪڙڪيو.

انهيءَ مرحلي تي حضرت جن چوڻ لڳا ته خدا جا طالب پڻ ان طرح آهن جو بظاهر ته هو ماڻهن سان ملن ٿا. پر سندن اصل ارادو ۽ عزم خدا سان آهي. ماڻهو سمجهن ٿا ته هو اسان سان آهن. حالانڪ اندر ۾ فعل وانگر باهه ۾ پچندا رهن ٿا.

شعلو: هڪ ڏينهن سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي رحمة الله عليه سان واٽ ويندي کو نوجوان مليو. ان کان رزق بابت پڇيائين. نوجوان جواب ڏنو ته جيڪي ڏئي ٿو سو کاوان ٿو. پر جيڪڏهن نٿو ملي ته خاموش رهان ٿو. بايزيد چيس ائين ته اسان جي شهر ۾ ڪتا به ڪن ٿا. انهيءَ تي نوجوان پڇيس توهان سان ڇا معاملو آهي. بايزيد جواب ڏنو ته جڏهن ڪوشيءَ ڏئي ٿو ته ٻهرين

ڪيس واپس موٽائي ڏيون ٿا. پر جيڪڏهن نٿو ڏئي تہ چپ رهون ٿا.

شعلو: هڪ ڏينهن ڪو فقير پنهنجي پير جي زيارت لاءِ گهران سنيري نڪتو. جڏهن پير وٽ حاضر ٿيو تہ هو انهيءَ مهل مسجد ۾ ويٺو هو. ڪافي دير تائين ويٺي ڳالهيون ڪيائون. پر انهيءَ سموري عرصي دوران جيستائين پير ڳالهائيندو (283) رهيو تہ هڪ مريد مسجد جا ڪک هٿ ۾ کڻي انهن کي ڦيرائيندو رهيو. جهڙوڪ: آرام ئي نٿي آيس ۽ راند ويٺي ڪيائين. آخر پير اٿيو ۽ هن کي چيائين تہ تون اتي ويهہ آءٌ اچان ٿو. ايئن چئي ٿوري دير ۾ پنهنجي گهران اهڙا ڪک آڻي فقير جي هٿن ۾ ڏنائين ۽ فقير کي چوڻ لڳو تہ مسجد جي ڪکن کي الٽ پلٽ ڪرڻ شيطان جي تسبيح آهي. سو جيڪڏهن توکي ڪکن سان راند ڪانسوءِ آرام نٿو اچي تہ پوءِ انهن ڪکن سان ويهي کيڏ. اهو ٻڌي فقير کڻي ڪنڌ هيٺ ڪيو ۽ وري اهڙو ڪم نہ ڪيائين.

شعلو: هڪ ڏينهن ڪو گودڙي پوش فقير جهنگ منجهان لنگهي رهيو هو تہ اوچتو سندس مٿي مان هڪ جُون هيٺ ڪري پئي. خيال ڪيائين تہ هن جهنگل ۾ هن ويچاريءَ کي کائڻ لاءِ ڪجهہ نہ ملندو. سو قياس ڪري پٽ تان کڻي مٿي ۾ وجهي ڇڏيائين.

شعلو: فرمايائون تہ درويشن جو هڪ اهڙو گروهہ بہ آهي، جو انهن کي جيڪو ڏک ۽ تڪليف پهچائي ٿو تہ هو پاڻ انهن تي احسان ڪن ٿا.

شعلو: هڪڙو درويش ڪنهن هنڌ ويٺو هو تہ اوچتو ڪنهن ٻڪيءَ جو آواز ٻڌائين. ٻڌڻ سان مٿس وجد ۽ حال جو غلبو ٿي ويو ۽ بيخبر ٿي زمين تي ڪري پيو. يعني خدا تعاليٰ جو غلبو ٿي ويس ۽ بيخبر ٿي زمين تي ڪري پيو. خدا تعاليٰ جي درگاهہ مان آواز آيس تہ اي درويش اسان جو سڏ ٻڌي بيهوش ٿيو آهين. انهيءَ آواز سان فوراً هوش ۾ آيو ۽ اٿي توبہ تائب ٿيو.

شعلو: هڪ بزرگ کان سوال ڪيائون تہ مجازي عشق ڪيئن ڪجي؟ جواب ڏنائين مجاز مانيءَ جيان پچائجي. يعني تہ نہ اها ڪچي رهي نہ سڙي وڃي. ان ڪانپوءِ حضرت جن هي بيت پڙهيو:

[95]

مجازي موهي، ڪڏهن ويندءِ نڪري،

اڪڙيون توهي، مچن وهين وسهي. (284)

[مجازي توکي موهي جلدي نکري هليا ويندا. متان انهن اکين تي ڀروسو ڪري ويهي رهين.]

شعلو: هڪڙو بزرگ ڪعبي جي در تي ويهي ڌڻيءَ جي ياد ۾ مشغول هو. اوچتو سندس نظر غير عورت تي وڃي پئي. انهيءَ مهل غيب مان هڪ تير اچي سندس مٿي تي لڳو. بزرگ سوچڻ لڳو ته مون عبرت جي لحاظ کان عورت کي ڏٺو. پوءِ هي تير ڇا لاءِ! آواز آيو ته جيڪڏهن شهوت واري نظر سان ڏسين ها ته پوءِ توکي هميشه لاءِ پاڻ وٽان تڙي ڪڍون ها.

شعلو: هڪڙو مريد جڏهن پير جي زيارت ڪري موٽيو ته. ڀين پڇيس ته پير جي زيارت مان توکي ڪهڙو فائدو ٿيو؟ جواب ڏنائين ته گهر کان ٻاهر پهرين قدم رکڻ سان اول ته خدا تعاليٰ منهنجا گناهه بخش ڪيا. ان کان پوءِ جيڪو ٻيو قدم مون کنيو ٿي ان جو اجر الله تعاليٰ الڳ ٿي ڏنو. مطلب ته پير جي زيارت مان جيڪي فائدا آهن. تن کي بيان ڪرڻ جي حاجت ڪونهي.

شعلو: فرمايائون ته هڪ اهڙي جماعت به آهي جن پاڻ تي ننڊ کي حرام ڪيو آهي. پر جيڪڏهن ڪين ننڊ اچي وڃي ته اتي جنابت جو غسل ڪندا آهن. انهن جو چوڻ آهي ته اهو غسل واجب آهي. ڇو ته نوم يعني ننڊ عورت جو پڻ نالو آهي.

شعلو: چيائون ته فقيرن جو هڪ اهڙو گروهه به آهي. جيڪي ٻيرن سان ٻنڌ ڪونه ڪن. بلڪ هوا ۾ اڏامن. انتهائي ضرورت وقت يا ڪنهن ڪم واسطي جڏهن بازار ۾ اچن. تڏهن به اڏامي اچي اتي لهن. ڪنهن ڪائڻ پڇيو ته بزرگن هميشه ڪرامتن کي ظاهر ڪرڻ کان منع ڪئي آهي. پوءِ توهان ظاهر ظهور ائين ڇو ٿا ڪريو. جواب ڏنائون ته اها ڪرامت نه آهي. اسان لاءِ اها ڳالهه بلڪل ٻين شين وانگر معمول مطابق آهي. (285)

شعلو: هڪ ڏينهن پير پنهنجي مريد کي نصيحت ڪئي ته هميشه درياءَ سان واسطو رک ۽ ان سان محبت ڪر. مريد اها ڳالهه نه سمجهي ۽ پڇڻ لڳو ته اهو ڪيئن ٿيندو؟ پير چيس ته هميشه پاڻ سان پاڻيءَ جو ڪوزو رک ۽ اهو ئي تنهنجي لاءِ درياءُ آهي.

شعلو: هڪ ڏينهن ڪو شخص بزرگ جي زيارت لاءِ آيو. بزرگ پڇيس ته ڇا ٿو ڪرين! اهو شخص چوڻ لڳو ته خدا ۽ ان جي قرآن سان مشغول آهيان. بزرگ چيس ته خبر اٿئي پڙهڻ مان ڇا مراد آهي؟ ٻڌايائينس ته زبان

سان پڙهڻ ۽ حرفن کي اکين سان ڏسڻ ۽ دل سان هندائڻ. انهن ٿنهي سان ٻه خدا سان نه ملين ته پوءِ الائجي ڇا سان مشغول آهين!

شعلو: هڪڙو بادشاهه علم وارن جو وڏو قدردان هو ۽ اڪثر انهن جي پٺيان نماز ادا ڪندو هو. پر هڪ ڏينهن ٻڌائين ته ڪو وڏو عالم ۽ فاضل بزرگ اچي پهتو آهي، سو ان جي پٺيان نماز پڙهيائين. ان بزرگ نماز جي هر رڪعت ۾ سورة فاتحه کان پوءِ سوره اخلاص پنج دفعا ٿي پڙهي. جڏهن نماز کان فارغ ٿيا ته بادشاهه چيس ته مون توکي عالم فاضل شخص سمجهي تنهنجي پٺيان نماز پڙهي، پر تو هر رڪعت ۾ صرف سورة اخلاص پڙهي. ان بزرگ جواب ڏنو ته جيئن تو مون کي ٻين بزرگن جي مقابلي ۾ وڌيڪ فضيلت وارو سمجهيو. تيئن مون پڻ ان لحاظ کان قرآن جي ان سورة جو انتخاب ڪيو.

شعلو: هڪڙي فقير کي خدا جو وصل نصيب نٿي ٿيو ۽ هي بيت پئي پڙهيائين:

بيت

ارتاس ملاءِ، جس ملدي من ملي

ديا پيک اناءِ، نيت کا کبيرا کون.

اتي حضرت جن چوڻ لڳا ته انهن جي ٻوليءَ ۾ "ديا" خدا کي چون ٿا ۽ "پيک" قيامت کي ڪوٺين ٿا.

شعلو: هڪ ڏينهن بزرگ خدا تعاليٰ کي انگل ڪيو ته مون کي پاڻ ڏيکار. خدا تعاليٰ کيس پنهنجي پوري مخلوق ڏيکاري. ان کانپوءِ بزرگ کي آواز آيو ته مون کي ڏٺئي؟ بزرگ جواب ڏنو "نه" وري آواز آيو ته پوءِ ڇا ڏٺئي؟ (286) بزرگ کي هينئر ڳالهه سمجهه ۾ آئي. سو چيائين ته هائو توکي ڏٺم. ان کانپوءِ اهو بزرگ صاحب عرفان ٿيو ۽ سندس محنت سجائي ٿي.

شعلو: هڪڙو فقير جهنگل ۾ ٿي ويو ته اوچتو شينهن اچي مٿس حملو ڪيو. فقير اصل ڀڄڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي، بلڪ اتي ئي ويٺو رهيو ته پلي شينهن کائي ويس. جڏهن ٻئي بزرگ کي اها ڳالهه ٻڌايائون ته هو چوڻ لڳو، ان فقير غلط ڪيو جو نه ڀڳو. ڇو ته الله تعاليٰ جي قهاري صفت جو ظهور شينهن ۾ آهي ۽ جتي قهر جو ظهور ٿئي، اتي ويهڻ نه ڪپي ۽ اتان ڀڄي پناهه وٺڻ گهرجي. والله اعلم بالصواب.

شعلو: هڪڙو درويش اڪيلائي جي عالم ۾ جبل جي ڪنهن غار ۾ گذاريندو هو ۽ مٿس خدا تعاليٰ جي عنايت ۽ راضپو هو. هڪ ڏينهن ٻيو فقير پنهنجي پٽ کي وٺي سندس زيارت لاءِ ڪهي آيو. ڳچ وقت رهاڻ ڪرڻ کانپوءِ، جڏهن هي ٻئي پيءُ پٽ گهر موٽي آيا ته فقير پنهنجي پٽ کي چيو ته مون کي اهو فقير ڪنهن تقصير سبب اصل درجي تي نظر نه آيو ۽ وڏي ڳالهه ته ان جي کيس خبر ناهي. پٽ پڇڻ لڳو ته اها ڪهڙي تقصير آهي. پيءُ چوڻ لڳو ته چڱو هاڻي هيئن ڪر جو وڃي کيس چئو ته هڪ ڏينهن جڏهن ان جبل مٿان ڏاڍو مينهن ٿي پيو ته تنهنجي دل ۾ اهو خيال آيو ته هن جبل تي مينهن جي وسڻ مان ڪهڙو فائدو!؟ بس انهيءَ تقصير سبب هن جي اها منزل نه رهي آهي. پٽ اهو پيغام ڪٺي وڃي ان درويش کي پهچايو ته هن تسليم ڪيو ته واقعي ائين آهي. بلڪ هن کي چيائين ته هاڻي هيئن ڪر جو منهنجي ڳچيءَ ۾ (287) رسو وجهي هن سڄي جبل تي مون کي ڦيراءِ! هن چوڪر ائين نه ڪيو ۽ اچي پيءُ کي سڄي ڳالهه ٻڌايائين. پيءُ چيس ته بيشڪ وڃ ۽ ائين ڪر. آخر هن درويش کي ڳچيءَ ۾ رسو وجهي سڄي جبل ۾ رلايو ۽ اهو درويش مسلسل توبه زاري ڪندو رهيو. اوچتو آواز آيو ته اسان تنهنجو گناهه بخش ڪيو. بلڪ تنهنجي اڳئين درجي ۾ اضافو ڪيو. والله اعلم بالصواب.

فصل ٽيون

سنڌ جي اوليائن جون حڪايتون

شعلو: عزت ۽ عرفان جو صاحب، ذات حق ۾ فاني، جوانمردن جو سروان آفتاب ورع ۽ عرفان مخدوم نوح قدس الله سره جڏهن قرآن پاڪ جي هيءَ آيت **"قال نوح رب لاتذر على الارض من الكافرين ديارا"** (سوره 71:26) معنيٰ: "نوح پنهنجي رب کي چيو ته زمين تي هڪڙي ڪافر کي به نه ڇڏ." پڙهندا هئا ته چوندا هئا ته انهيءَ آيت سان فقيرن لاءِ هيءُ اشارو آهي ته اهي هينئن پڙهن: **قال روح رب لاتذر على القلب من الوسواس ديارا.** يعني: روح خدا تعاليٰ کي ٻاڏائي ٿو ته اي خداوندا، منهنجي دل تان انساني توڙي شيطاني سڀ وسوسا دور ڪر، جيئن مون کي غافل ڪن ٿا ۽ دل کي حق جي ذڪر کان پري ڪن ٿا.

شعلو: هڪ پيري مخدوم آجب لانگاهه رحمة الله عليه جيڪو پاڻ رضا جو چشمو، وفا جو نقطو، سرالاهي جو صاحب، حقائق ۽ دقائق جو ڄاڻو ۽ خدا جو پسنديده هو، پنهنجي هڪ مريد سان گڏجي ٻيڙي ڪنهن ڳوٺ طرف روانا ٿيا ۽ ٽيهريءَ جو وقت اچي ڪنهن واهڙ تي پهتا. ڏنائون ته ٻيڙيءَ وارو ڪونه هو. مريد چوڻ لڳو ته هتان موٽي ڪنهن ڳوٺ ۾ هلجي، ڇو ته سياري جي رات آهي، ٿڌ تمام گهڻي ٿيندي، جيڪا پاڻ کان برداشت نه ٿيندي، پنهنجو خيال رکجي ته اهو بهتر آهي. (288)

اهو ٻڌي مخدوم چوڻ لڳو ته پاڻ اڄ رات هتي رهنداسين ۽ صبح جو اتي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي پرينءَ پر هلنداسين. مريد جڏهن اهو ٻڌو ته رهڻ لاءِ تيار ٿي ويو ۽ اتي ئي سمهي پيا. چون ٿا ته ڪجهه گهڙيون گذريون ته واهڙ هڪ نندي واهه جيان ٿي پيو ۽ آواز اچڻ لڳو ته اي مخدوم، جيڪڏهن توهان قبول ڪريو ته پلي لنگهي پار وڃو. ليڪن مخدوم قبول نه ڪيو. ڪجهه دير کان پوءِ اهو واهڙ وڌيڪ سوڙهو ٿي وڪ جيترو مس وڃي بچيو. وري ساڳيو آواز آيو. پر مخدوم هينئر به اها ڳالهه قبول نه ڪئي ۽ جواب ڏنائين ته اي دريا. اسان کي تنهنجي مدد جي ضرورت نه آهي. اسان جي توڪل خدا تي آهي.

آخر صبح جو جڏهن سج ابري مٿي آيو ته ٻيڙيءَ وارو به اچي حاضر

ٿيو. پاڻ ان ۾ سوار ٿي ٻئي ڳوٺ اچي پهتا.

شعلو: مخدوم ساهڙ لنجار جيڪو عشق ۽ معرفت ۾ پڙ هو. شوق ۽ محبت جو دريا هو. غفار ۽ جبار ذات جو برگزيده هو. سو چوندو هو تہ مون پنهنجي پير کان ٻڌو تہ مريدن کي اها نصيحت ٿي ڪيائون تہ جنهن ماڻهوءَ ۾ هي ٽي خصلتون ڏسو. ان جي پچر هرگز نہ ڇڏيو. ڇو تہ ان ۾ توهان جو فائدو آهي. بلڪ توهان جو پير اهو ئي آهي. پهريون. جڏهن توهان ان وٽ ويهو تہ توهان کي هن جي ڏسڻ سان خدا ياد اچي. ٻيو. جڏهن هو ڳالهائي تہ توهان تي ان جو اثر ٿئي. ٽيون. ان کان موڪلائڻ وقت يا ان جي صحبت مان اٿڻ (289) توهان لاءِ دشوار محسوس ٿئي.

شعلو: هڪ بزرگ چيو تہ منهنجي گهر واري رب جي محبت ۾ گهڻو مشغول رهندي هئي. ايتريقدر جو هڪ ڏينهن رنگريز جي زال اسان جي گهر ۾ اچي چيو تہ اسان ڏي سندس اجوري جا ڪجھ پئسا رهيل آهن. اهو ٻڌي گهر واريءَ چيس تہ انهيءَ ملهہ جو اُن ڪٽي وڃ. ان عورت ڇا ڪيو جو پنهنجي مرضيءَ موجب جيترا ٽويا اُن جا ڪٽي سگهي هلي وئي. ڪجھ دير کان ڪانپوءِ وري موٽي آئي ۽ چوڻ لڳي تہ اجان منهنجا ڇھ ٽويا رهن ٿا. گهر واري جو محبت الاهيءَ ۾ مشغول هئي. سو سمجهيائين تہ چوي ٿي ٻارهن. سو چيائينس تہ پلي ٻارهن ٻيا پري ڪٽي وڃ. مطلب تہ انهيءَ محويت ۾ ائين ٿي سمجهيائين تہ ٻارهن ڇھ کان گهٽ آهن!

شعلو: وقت جي قطب ۽ خدا جي پسنديده ٻانهي مخدوم نوح جو هڪ خاص مريد هو. جيڪو خانوٽ ۾ رهندو هو. تنهن کي حبس دمَ جي ايڏي پڪاوت هئي جو جڏهن خانوٽ کان نڪرندو هو تہ اچي هالڪنديءَ ۾ دم کوليندو هو. اهڙيءَ طرح وري جڏهن هالڪنديءَ مان روانو ٿيندو هو تہ حبس دم ڪندو هو. جيڪو وري خانوٽ ۾ کوليندو هو. حالانڪ انهن ٻنهي شهرن جي وچ ۾ اڌ پهر (ڏيڍ ڪلاڪ) جو پنڌ هو.

شعلو: هڪ ڏينهن ڪڪرالہ شهر ۾ اسان جي هڪ اهڙي درويش سان ملاقات ٿي. جيڪو ڇهن مهينن کان پوءِ روزو کوليندو هو. ان سان ڪيترين ڪچهريون ٿيون جن ۾ ڪيترين ڳالهيون ٻڌايائين. هڪ ڏينهن پنهنجي ڳالهہ ڪندي ٻڌايائين تہ آءٌ حج يعني ڪعبي جي زيارت لاءِ سنيري نڪتس. واٽ تي

اُن قافلي کان ڇڇي پري رهجي ويس. (290) ڏاڍو حيران پريشان ٿيس ۽ اهڙي جڳهہ تي اچي پهتس جنهن کي موت جي وادي سڏڻ صحيح ٿيندو. ليڪن اوچتو هڪ درخت جي هيٺان ذڪر جي ضرب جو آواز ٻڌي. فوراً ان طرف وڃڻ لڳس. ويجهو وڃي ڏسان تہ ڪنهن ماڻهوءَ جو مٿو نظر آيم ۽ اهو ذڪر ان جي زبان تي جاري هو. اهو منظر ڏسي مون کيس عرض ڪيو تہ سخت بڪايل آهيان ۽ رستو ڀٽڪي ويو آهيان. خدا جي واسطي منهنجي مدد ڪريو ۽ دڳ لايو. جواب ڏنائين تہ ڇگو تون هاڻي روانو ٿيءُ، پر ڪجهہ پنڌ ڪرڻ ڪانپوءِ توکي هڪڙي قبر نظر ايندي. اتي توکي ڪٽڪ ۽ اُن کي پيهڻ لاءِ جند، اٽي جي ڇاٽي ۽ مٽان سڀ موجود ملندا. اهو ڀڃائي پنهنجي بک لاهجان، پر پنهنجي ضرورت کان وڌيڪ هرگز ڪا شيءِ ضايع نہ ڪجانءِ. ان ڪانپوءِ توکي ازخود رستي جو ڏس ملي ويندو.

مان جڏهن اتي پهتس تہ واقعي سڀ ڪجهہ نظر آيو جنهن جي باري ۾ مونکي ڏس مليو هو. مون ائين ئي ڪيو جيئن مون کي چيو ويو هو. ان کان پوءِ مون کي رستي جي خبر بہ پئجي وئي. ليڪن انهيءَ ماني کائڻ جو مون تي اهڙو اثر ٿيو جو ان کان پوءِ مون لاءِ ماني کائڻ ۽ نہ کائڻ ٻئي برابر آهن.

شعلو: مخدوم نوح عليہ الرحمة جيڪو حلم جو پهاڙ ۽ علم لدني جو سمنڊ هو چوندو هو تہ اسان کائون پيئون ٿا. ليڪن ڪڏهن بہ ڊوُ ياد نہ اٿم.

شعلو: فرمايائون تہ اسان جي عزيزن مان هڪڙو سيد جيڪو مٽيارين ۾ رهندو هو، تنهن ڳالهائڻ بند ڪري سڪوت ۽ خاموشي (291) اختيار ڪئي، ۽ ڪنهن سان بہ گفتگو نہ ڪيائين. آخر جڏهن چلو پورو ڪيائين ۽ ٻاهر نڪتو تہ گهوڙي تي سوار ٿي ان کي پاڻي پيارڻ لاءِ ڪنهن واهڙ جو رخ رکيائين. اتي پهچي گهوڙي کي پاڻي پيارڻ لاءِ آواز ڪيائين. اجا اتي ئي بيٺو هو تہ عملن جي ڪاتب ملائڪ جو آواز ٻڌائين، جيڪو ٻئي ڪي چئي رهيو هو تہ اهو آواز ڪڍيو اٿس، اهو سندس حساب ۾ لکو. اهو ٻڌي پاڻ ملائڪن کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو تہ ڇا ايترو ڳالهائڻ بہ لکندؤ؟ انهيءَ تي ٻئي ملائڪ ڀرين کي چيو تہ اهو جيڪو چيو اٿس، اهو بہ لکوس. چون ٿا تہ ان ڪانپوءِ مرڻ گهڙيءَ تائين وري هڪ لفظ نہ ڳالهايائين.

شعلو: هڪ دفعي مخدوم نوح جيڪو پاڻ هدايت ۽ نصيحت جو

صاحب عقل ۽ شرع جو امين. اصل ۽ فرع جو عارف ۽ عاشق يگانو هو. پنهنجي مجلس ۾ ويٺو هو ته سندس خاص مريد لڏو فقير ٻين ڪيترن ماڻهن سان گڏ اچي اتي نڪتو. خدا تعاليٰ مخدوم نوح عليه الرحمة جي ظاهري اکين ۾ بغير سرمي جي حقيقي بينائي ڏني هئي. سو جڏهن لڏي فقير سان آيل جماعتن جي ماڻهن هڪ هڪ ڪري سائس هٿ ملائڻ شروع ڪيو ته اها روش پاڻ کي پسند نه آين. فرمايائون ته اي لڏا. اسين دارلحرب يعني جنگ جي ميدان ۾ نه ويٺا هئاسون جو تون پوري جماعت وٺي آيو آهين.

شعلو: عزت ۽ وحدت جو صاحب. احسان ڪرم جو آفتاب. عرفان جو دريا. ننڍن ۽ وڏن ۾ مقبول شيخ پرڪيي رحمة الله عليه جي ڳالهه ٿا ڪن ته پاڻ فرمايائين ته هڪ دفعي آءٌ رب تعاليٰ جي نورشهود ۾ مستغرق هوس جو آواز ٻڌم ته اي پرڪيا. ٻانهو رهڻ چاهين ٿو؟ چيم ته!(292) وري آواز آيو ته غلام ٿيڻ چاهين ٿو؟ چيم نه! ٽي دفعا اهو آواز ايندو رهيو ۽ مان هر دفعي انڪار ڪندو رهيس. آخر آواز آيو ته جيڪڏهن ٻانهو به نه ۽ غلام به نه ٿو ٿيڻ چاهين ته پوءِ ڇا ٿو گهرين؟ عرض ڪيم ته ڪي ڪين آهيان ۽ ڪين به نٿو ٿيڻ گهران. جڏهن اهو ڇٽي ڇڪس مون محسوس ڪيو ته قدرت پنهنجو شفقت وارو هٿ مون مٿان دراز ڪيو. حضرت جن چوڻ لڳا ته ان ڪانپوءِ خدا تعاليٰ وٽ شيخ پرڪيي جو عرفان قبول پيو.

شعلو: هڪ ڏينهن مخدوم نوح عليه الرحمة جو مريد جنهن جو نالو قطب هو. سير سفر تي نڪتل هو. اوچتو ڪيس بوبڪن جي، شهر ۾ رات پئجي وئي، ته طالبعلم گهيري ويس. پڇڻ لڳس ته ڪنهن جو مريد آهين؟ جواب ڏنائين ته خدا جو مريد آهيان. طالبعلم جواب ٻڌي غصي ۾ اچي ويا ۽ سوچيائون ته هن کي شهر جي وڏي عالم ۽ فاضل مخدوم جعفر وٽ وٺي ڪيس تعزير ڏيارجي. جڏهن ڪيس هو پڪڙي وٺي هلڻ لڳا ته الٽو چوڻ لڳو خدا منهنجو مريد آهي. اهو ٻڌي طالبعلم وڌيڪ ڪاوڙ ڪرڻ لڳا ۽ فوري طور مخدوم جي آڏو پيش ڪيائون. اتي پهچڻ کان پوءِ مخدوم پڇيس ته تو واقعي ائين چيو آهي؟ جواب ڏنائين ته هائو. مخدوم وري پڇيس ته ائين جو چيئه. جو ته انهيءَ سان توتي شريعت جي حد لازم اچي ٿي. جواب ڏيڻ لڳو ته مون تي حد لازم ڪو نه ٿي اچي، جو ته مون جيڪي چيو آهي اهو معنوي لحاظ کان

چيو اٿم. مخدوم پڇيس ان جو ڇا مطلب! ڇيائين جڏهن خدا جو مريد چيم تہ ان جو مطلب هو تہ خدا جي ارادي ۽ آرزو کان سواءِ منهنجي دل ۾ بي ڪا شيءِ ڪو نہ هئي. پر جڏهن اهو چيم تہ خدا منهنجو مريد آهي. (293) ان جو مطلب آهي تہ خدا تعاليٰ جيڪي ارادو ڪيو آهي ياد ڪندو اهو ضرور ظهور ۾ ايندو. مطلب تہ شروع ۾ توڙي آخر ۾ اسان جي باري ۾ ارادو سندس ئي آهي. اسان کي اتي ڪو وس ڪونهي. جيڪي ڪري ٿو هو پاڻ ڪري ٿو. البت آءٌ پاڻ مخدوم نوح جو مريد آهيان.

شعلو: مخدوم جوڻو جيڪو بنوري پرڳڻي جي ڳوٺ ڏبيءَ جو رهواسي هو ۽ پنهنجي وقت جي مشائخن مان هو. ان کان نقل آهي تہ مائي نوري اصل ۾ مهاڻن جي قبيلي مان هئي. جنهن کي ڄام تماچي پنهنجي پٽ راڻي بڻايو ۽ ڪيس محل ۾ آڻي رهايائين. هڪ ڀيري هوءَ سيج تي چڙهي ويٺي هئي ۽ هر طرف مشڪ ۽ عنبر ڇڪاريل هئا ۽ ڪيتريون ٻانهيون سندس خدمت ۾ حاضر هيون تہ اوچتو اچي روئڻ ۾ ڇڪي. سيئي عورتون سندس چوڌاريءَ مڙي آيون ۽ چوڻ لڳس تہ پنهنجي پيءُ واري مڇيءَ جي نوڪري ياد پيئي اٿئي ڇا جو ايترو ويٺي ٿي روئين؟ چوڻ لڳي تہ نہ ان ڪري نٿي روئان. بلڪ سوچيان ٿي تہ جيڪڏهن مون کي ڄام تماچيءَ سان محبت هجي ها ۽ منهنجي دل هن کي گهري ها. تہ هن جڳهہ تي ڪيئن پهچان ها! هينئر تہ اها هن جي محبت آهي جيڪا مونکي ڇڪي هتي ڪٺي آئي ۽ هن هند پهچايائين!

شعلو: هڪڙي فقير وڏي اتساه منجهان ڪنهن بزرگ کان پڇاڪئي تہ خدا سان ڪيئن واصل ٿجي؟ هن جواب ڏنو تہ مرڻ پڇاڻان. فقير تي ايڏو اثر ٿيو. (294) جو ڪنڊ ۾ وڃي ڇيلهہ سان ٻڌل ڪاتي ڪڍي پاڻ کي ذبح ڪري ڇڏيائين. هيڏانهن مريدن اچي بزرگ کي ٻڌايو تہ هن فقير پاڻ کي ڪهي ڇڏيو. بزرگ چيو تہ خدا تائين وڃي پهتو ۽ پنهنجو مقصد ماڻيائين. پر اسان هن کي ائين نہ چيو هو تہ پاڻ کي ڪاتيءَ سان ڪهي. بلڪ اسان جو مطلب هو تہ مجاهدا ڪڍي جيئرو پاڻ کي ماري يعني مئلن مثل جيئرو رهي.

شعلو: بزرگ ڀلاري، عالم ربانيءَ خدا سان حجتي مخدوم نوح رحہ جي ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ دفعي هو اڪيلو جمعي نماز واسطي مسجد طرف وڃي رهيو هو تہ رستي ۾ قاسم ڪوري جيڪو سندن خاص معتقد هو جي نظر

وڃي مٿن پئي. هن ڏٺو ته مخدوم صاحب اڪيلا وڃي رهيا آهن ته خاموشيءَ سان سندن پويان هلڻ لڳو. مخدوم نوح ؒ جڏهن سندس پاڇو ڏٺو ته پاڻ بيهي رهيا ۽ ڪيس چيائين ته ٻيا سڀ رستا ڇڏي هن رستي سان آيو آهين. اهو ٻڌي قاسم ڪوري دل ۾ شرمندو ٿيو. ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو وڪون پري هلڻ لڳو. ان ڪانپوءِ مخدوم نوح ؒ وري سندس پويان هلڻ شروع ڪيو.

شعلو: وقت جي مشائخ هوتي لاکي جي ٻن پٽن احمد ۽ محمد جيڪي پاڻ زماني جا عابد ۽ عارف هئا. تن جي ڳالهه آهي ته هنن بهشت کي خواب ۾ ڏٺو. اتي عاليشان قسم جا محل ۽ ماڙيون ڪين ڏسڻ ۾ آيا. ليڪن انهن جي اندر اهڙا شخص ويٺا هئا جن جا هٿ ڪپيل هئا. انهيءَ ڳالهه جو سبب معلوم ڪرڻ تي خبر پئي بلڪ انهن پاڻ ٻڌايو ته اسان سڀ عبادتون ڪندا هئاسين. پر جڏهن ٻانگ ڏيندڙ ٻانگ پوري ڪندو هو اسان ٻڪ نه جهليندا هئاسون ۽ نڪي هٿ منهن تي ڦيريندا هئاسون.

شعلو: هڪ ڏينهن ڪو مريد پير سان گڏ هو (295) ۽ هو ٻئي ڪنهن طرف وڃي رهيا هئا. اوچتو رستي ۾ ڪو چور گڏين جنهن ڏسڻ سان پير جي مٿي تي لٺ وهائي ڪڍي. پير نظر ڦيرائي ان چور تي وڌي ته اهو چور ڪامل ولي ٿي پيو. مريد کي محسوس ٿيو سو پير کي چوڻ لڳو ته مون ڪيترو وقت توهان جي خدمت ڪئي آهي ۽ ايتري مشقت ڪنئي اٿم. پر مون تي اها شفقت واري نظر نه ٿي آهي. ليڪن هو شخص جنهن توهان کي تڪليف پهچائي، ان کي هڪ گهڙيءَ ۾ خدا تائين پهچايو ڇڏيو! پير جواب ڏنو ته هن کي جيڪي مونکي ڏيڻو هو سو ڏنائين ۽ مون کي جيڪي ڏيڻو هو سو مون ڏنو. چون ٿا ته اهو پير حضرت جن پاڻ هئا.

شعلو: هڪ ڀيري سنڌ جو حڪمران مرزا شاهه حسين پنهنجي لشڪر سوڌو نيرن ڪوٽ پرڳڻي جي شهر اگهم ڪوٽ وٽان اچي گذريو. هوتي نالي بزرگ جيڪو اتي رهندو هو. اتي سندس لشڪر سان گڏ هلڻ لڳو. بادشاهه کي جڏهن اها خبر وڃي ٻڌايائون ته فلاڻو بزرگ گڏ هلي رهيو آهي ته چيائين ضرور زمين جو مالڪ هوندو. اڳتي هليا ته مجذوب **عمر ٻودلي** وٽان سندس گذر ٿيو. ليڪن هن بادشاهه جي لاءِ ڪنهن به قسم جو توجه نه ڏنو ۽ نڪو خيال ڪيس ته ڪو بادشاهه گذري رهيو آهي. اها خبر وڃي شاهه حسين کي ٻڌايائون ته هن

درويش ڪنهن بہ قسم جو تواضع بجا نہ آندو. بادشاهہ چيو تہ پڪ هو زمين جي خفي ڪان آجو آهي.

شعلو: هڪ پيري جو ذڪر آهي تہ عزت ۽ برڪت جي صاحب، حقيقت ۽ معرفت ۾ ڪامل، نبيءَ جي وارث ذات پاڪ جي برگزيده مخدوم نوح رحمة الله عليه (296) وٽ هڪبئي پٺيان ماڻهن جا ڪيترا ٽولا ملڻ آيا. سيئي مخدوم سان دست بيعت ڪري رهيا هئا. انهن ۾ هڪڙو ننڍو ڇوڪرو بہ هو. ان جڏهن مخدوم سان هٿ ملايو تہ خوش مزاجي ڪندي. چيائون تہ هي واقعي ڇوڪر آهي. جڏهن سيني ڇيو تہ هائو تہ پاڻ فرمايائون تہ ننڍي وهيءَ ۾ خدا هن ڪي پاڻ ڏانهن متوجہ ڪيو آهي.

شعلو: هڪ دفعي درويش قطب فقير ڪي ڪنهن ڳوٺ ۾ رات پئجي وئي تہ ڳوٺ جا ماڻهو مڙي آيس. چوڻ لڳا تہ توهين جو چئو ٿا تہ خدا تعاليٰ توهان جو دوست آهي ۽ اڻ گهريو توهان ڪي مان ڏئي ٿو ۽ پنهنجي فضيلت ظاهر نٿو ڪري، انهيءَ جو ڇا مطلب آهي!

دوريش جواب ڏنو تہ ڇا توهان هيءَ حڪايت نہ ٻڌي آهي؟ هڪ ڏينهن ڪو بادشاهہ پنهنجي ماڙيءَ مٿان ويٺو هو. سندس ڇوڏاري ڪيترين حسين و جميل عورتون ۽ ٻانهيون ويٺل هيون. ليڪن اوچتو ماڙيءَ هيٺان هڪ ٻاليچاڻ عورت پنهنجي مٿي تي گندگيءَ جي ٽوڪري ڪٽي لنگهي، تہ بادشاهہ جي نظر مٿس وڃي پئي. ڏسڻ سان ان تي عاشق ٿي پيو. بس پوءِ تہ دير ئي نہ ڪيائين. ان ڪي گهرائي وڏي عزت ۽ مرتبو ڏنائين ۽ سيني عورتن ۽ ٻانهين ڪان مٿي ڪٽي ويهاريائينس. بلڪ انهن سڀني ڪي چيائين تہ هن جي فرمانبرداري ڪريو. هاڻي ٻڌايو تہ انهيءَ بادشاهہ هن عورت ۾ ڇا ڏٺو هو جو ان ڪي اهو مرتبو بخشيائين!

شعلو: چون ٿا تہ عارف الاهي ميرڻ ڪاتيار هڪ اهڙو بزرگ هو. جو اڪثر ڪري ذڪر ڪندي بيهوش ٿي ويندو هو. ذات حق ۾ ايترو مستغرق ٿي ويندو هو جو ڪيس ڪا خبر نہ پوندي هئي. بلڪ ٻيا ماڻهو سمجهندا هئا تہ هي جهان ڇڏي ٻئي جهان ۾ وڃي پهتو آهي. (297) اڪثر ڪري سورة ياسين جو ورد شروع ڪري ڇڏيندا هئا. ليڪن گهڻي دير ڪانپوءِ هو وري هوش ۾ اچي ويندو هو ۽ صحيح سالم اٿي ويهي رهندو هو.

شعلو: نقل آهي تہ وقت جي برگزيده، عارف رباني ۽

سلطان التاركين ميران سيد يوسف بکري جي پٽ سيد ابراهيم چيو ته آءٌ جڏهن ننڍو هوس ته هڪ ڏينهن مون انهيءَ ڪمري جو دروازو کڙڪايو، جنهن جي اندر سندس پيءُ ويٺل هو. اندران آواز آيو ته ڪير آهي؟ جواب ۾ چيم سيد ابراهيم . اهي لفظ ٻڌي سخت غصي ۾ اچي ويا ۽ چوڻ لڳا ته جيڪڏهن "سيد" لفظ نه چئين ها ته ڇا ٿي پوي ها ۽ تنهنجي مرتبي ۾ ڪهڙي گهٽتائي ٿي پوي ها . چو ڪو نه چيئي ته فقير ابراهيم آهيان يا رڳو ابراهيم چئين ها. حضرت جن کي هيءَ ڳالهه ڏاڍي پسند هوندي هئي.

شعلو: هڪ دفعي زماني جو مرشد، طريقت جو شيخ ۽ عارف يگانو جرڪس پٽ ڏنو، جيڪو ونگي ۾ رهندو هو. پنهنجي مريدن جي جماعت سان ڪنهن طرف وڃي رهيو هو. رستي تي جڏهن هڪ وڏو بيابان نظر آين ته هڪڙي مريد سوچيو ته آءٌ ٽڪڙو ٽڪڙو ٻي رستي کان وڃي پير جو اڳ ٿو جهليان. پير جڏهن ان جڳهه تي پهتو. هن لکي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. اتفاقاً پير جي زبان مان نڪري ويو ته اهو ڪو چور آهي. ان ڪانپوءِ اهو مريد واقعي راهه کان هٽي ويو ۽ چوريءَ کي ڌنڌو بنائي ڇڏيائين ۽ ڪاٽ هڻڻ لڳو. آخر هڪ ڏينهن اهو چور خود پنهنجي پير جرڪس جي پٽن جي (298) مينهن چورائي ويو، جنهن تي سڄي گهر جو گذر سفر هو. سڀ ڏاڍا پريشان ٿيا ۽ چور جو پيرو ڪنيائون. پتو پئجي ويو ته اها چوري ان مريد ڪئي آهي، جنهن کان پير کي نفرت هئي. جڏهن اها خبر پير جرڪس تائين پهتي ته هو چوڻ لڳو ته اهو مريد ڇا لاءِ چور بڻيو آهي. انهيءَ ڪم کي ڇڏي چو ته تو ڏٺي ۽ اها ئي ڳالهه هن لاءِ بهتر آهي. چون ٿا انهيءَ گهڙيءَ اهو مريد توبه تائب ٿيو. هيڏانهن اهو پير ۽ پيا ماڻهو اجان پيرو ڪئي. انهيءَ طرف وڃي رهيا هئا ته واٽ تي ڏٺائون ته اهو شخص پاڻ اها مينهن موٽائي اچي رهيو هو. جڏهن مرشد تي نظر پيس ته مينهن ڪٺي ان جي حوالي ڪيائين. مرشد چيس ته چوري چو شروع ڪئي اٿئي. چوڻ لڳو ته پهرين ٻه توهان پاڻ اهو پاراتو ڏنو ۽ هينئر وري توهان پاڻ دعا ڪئي، جيڪا قبول ٿي.

شعلو: هڪ ڏينهن درويش بادو جيڪو نيرن ڪوٽ پرڳڻي جي ڳوٺ ناهيون ۾ رهندو هو ۽ مخدوم نوح عليه الرحمة جو مريد هو. تنهن پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته منهنجي دل چاهي ٿي ته هائي هتان ڪنهن

ہي جڳھ تي هليو وڃان. مخدوم صاحب فرمايس تہ اي بادا. چئو لا الہ الا اللہ. اجان اهي لفظ مس چيائين تہ ائين ڦٿڪڻ لڳو جئن مڇي ڇار ۾ ڦٿڪندي آهي. آخر بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيو. چيائون تہ هن کي ڪٺي اندر حجري ۾ سمهاريو. (299) پورا ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون حجري ۾ بي خبر پيو هو ۽ ڪيس هن دنيا جي ڪا خبر نہ هئي.

شعلو: هڪ ڏينهن ڪنهن سائل خدا جي برگزيده ٻانهي ۽ عارف يگاني مخدوم يعقوب پليجي رحمة اللہ عليہ. جيڪو ستيار پرڳڻي جي ناري نالي ڳوٺ ۾ رهندو هو. . تنهن کان سوال ڪيو. مخدوم چيس تہ وڃ ۽ اسانجو غلام جيڪو جهنگل ۾ مينهون چاري ٿو. تنهن کان وڃي هڪ مينهن وٺ. انهيء سائل ڳولهي اچي ان غلام کي هٿ ڪيو ۽ هن کان مينهن جي گهر ڪيائين. غلام ڪيس سيني ۾ پليل ۽ پلي مينهن جيڪا ڇهہ ڪاسا کير ڏيندي هئي. سا ڪٺي حوالي ڪئي. شام جو غلام جڏهن گهر موٽي آيو تہ مخدوم پڇيس تہ سائل کي مينهن ڏنئہ. هن جواب ڏنو تہ هائو سائل کي اها مينهن ڏنم جيڪا ڇهہ ڪاسا کير جا ڏيندي هئي. اهو ٻڌي مخدوم ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳس تہ مون هن کي ڪا بہ مينهن ڏين لاءِ چيو هو. پر جئن تہ تو هن کي پلي ۾ پلي مينهن ڏني آهي. انهيءِ عيوض آءٌ توکي آزاد ڪريان ٿو. ان ڪانپوءِ اندر اچي اها ڳالهہ پنهنجي گهر واريءَ کي ٻڌايائين جيڪا پڻ ڏاڍو خوش ٿي. بلڪ اهو ٻڌي چوڻ لڳي تہ هائي جڏهن تون پاڻ مينهن ڏيڻ لاءِ چيو ۽ غلام پلي مينهن ڏئي ڇڏي. تہ منهنجا جيڪي بہ توتي حق آهن. اهي توکي بخشي ڇڏيم.

شعلو: هڪ ڏينهن پير پنهنجي ٻن مريدن کي چيو تہ اسان وٽ جيڪي مينهون آهن. تن جو کير ڏهي اچو. ٻئي مريد بہ ڪاسا (300) کير جا ڏهي واپس اچي رهيا هئا تہ هڪڙي ٻئي کي چيو تہ هڪڙو ڪاسو کير جو آءٌ ٿو پيان باقي هڪڙو ڪٺي پير وٽ هلون ٿا. ٻئي چيس تہ پاڻ کان اهو ڪم هرگز نہ ٿيندو ۽ پيو تہ پير کي اها خبر پئجي ويندي ۽ ضرور هو اها ڳالهہ سمجهي ويندو. هو چوڻ لڳو تہ تون اجايو وسوسو نہ ڪر. چو تہ آءٌ پير کي چوندس تہ اڄ صرف هڪ ڪاسو کير جو ٿيو. آخر ٻنهي ڄڻن هڪ ڪاسو کير جو پيتو ۽ باقي هڪڙو ڪاسو ڪٺي پير وٽ پهتا ۽ چوڻ لڳا تہ اڄ صرف هڪڙو ڪاسو کير جو ٿيو آهي. پير جڏهن اهو گفتو ٻڌو تہ چوڻ لڳو واٽ تي توهان مان ڪنهن چيو تہ

هڪ ڪاسو پيئڻ گهرجي ۽ ڪنهن چيو ته نه پيئجي. جو ته پير ڪي خبر پئجي ويندي. اهو ٻڌي اهي ٻئي مريد ڏاڍا شرمندا ٿيا. ان ڪانپوءِ پير ان مريد تي نظر وڌي جنهن ڀرين ڪير پيئڻ تي رضامندو ظاهر ڪيو هو ته اهو مريد انهيءَ نظر سبٻان وقت جو عارف بڻجي ويو. وري جڏهن ٻئي مريد تي نظر وڌائون ته اهو به ڪاملن جي مرتبي کي وڃي رسيو. جڏهن ٻين مريدن کي اها خبر پئي ته چوڻ لڳا ته اسان هيڏي ساري مشقت ۽ ڪشالا ڪريون. پر اسان کي ڪجهه حاصل نه ٿو ٿئي. پر اهي جن کي تقصير ٿي آهي. اهي نوازجي ويا. پير چوڻ لڳو ته جيڪي اڳيئي صدمن ۾ آهن تن کي وڌيڪ صدمو نه ڏجي. بلڪ انهن تي شفقت ۽ نوازش ڪجي. چون ٿا ته اهي پير حضرت جن پاڻ هئا.

شعلو: خدا جو نيڪ ۽ پلو ٻانهو ميرڻ ڪاتيار اڪثر ڪري چوندو هو ته عزرائيل عليه السلام جي اسان تي ڪا دعوي ڪونهي.

شعلو: هڪ ڏينهن درويشن جو درويش. متقين جو اڳوان. پاڪ ۽ صاف انسانن جو سرواڻ داؤد رحمة الله عليه جنهن جي برسه ڪولاب جي ڪناري تي جيڪا سندس نالي سان مشهور آهي(301) ۽ سندس ذات جي ڪري اهو هند مشهور آهي. پنهنجن مريدن سان گڏ انهيءَ ڪڏ ۾ وهنجي رهيا هئا ۽ هڪٻئي کي پڪڙڻ واري راند ۾ مشغول هئا. جيڪو پڪڙبو ٿي تنهن کي ٽٻي ٿي ڏياريائون. آخر هڪڙو وارو دائود درويش جو آيو. بس پوءِ ته هر ڪنهن کي پڪڙيندو ٿي ويو ۽ خوب ٽٻيون ٿي ڏياريائين ۽ انهن ٽٻين ۾ ئي پنهنجي مريدن کي. واصل بالله ۽ الهي جمال جو جلوو ٿي ڏيکاريائين.

شعلو: هڪ پيري مشقت ۽ مجاهدي ۾ مشهور درويش شيخ پرڪيو رحمة الله عليه پنهنجي ڳوٺ ڪاتيار ۾ چلي ۾ ويٺل هو ته هڪ ٻيو درويش به ساڳئي ڳوٺ ۾ اچي چلي ۾ مشغول ٿيو. هي درويش چلي ۾ نه کائڻ برابر ڪاڏو وابرائيندو هو. ليڪن شيخ پرڪيي لاءِ هر روز مڪيل ۽ مٺي ماني پهچندي هئي. سڄي ڳوٺ ۾ اهو چوبول ٿي ويو ته شيخ پرڪيو چلي ۾ به سٺا طعام ٿو کائي. جڏهن ته هو درويش بکون ٿو ڪاٽي. آخر جڏهن چلو پورو ٿيو ۽ شيخ پرڪيي وٽ پنهنجا مريد آيا ته هن وات ۾ آگر هڻي چاليهه ئي مانيون ڪڍي ٻاهر رکيون ۽ چوڻ لڳو ته مون جيڪي کاڌو اهو سڀ توهان جي اڳ۾ آهي. پلي توهان به کڻي کائو.

شعلو: هڪ ڀيري ڪنهن ماڻهوءَ جي ڍڳي گم ٿي وئي، سو بنا سنت پوري ڪرڻ جي وقت جي (302) درويش جرڪس پٽ ڏني رحمة الله عليه ونگي واري وٽ دعا ڀڻ ولاءِ هلي آيو. درويش دعا ۾ هي الفاظ چيا تہ: "اي خداوندا. جيڪڏهن تنهنجي درگاهہ ۾ اهو بہ روا آهي تہ جيڪو سنت پوري ڪرڻ کانسواءِ دعا جو طالب ٿئي تہ ان جي مدعا پوري نہ ٿئي. تہ اها ڍڳي پيدا ڪر." چون ٿا تہ اها دعا قبول پئي ۽ ڍڳي ملي وئي.

شعلو: خدا جو طالب، صدق ۽ صفا ۾ ڪامل ميرڻ ڪاتيار رحمة الله عليہ چوندو هو تہ اسين جڏهن ذڪر ڪريون ٿا. تہ بلڪل اسانجي شڪل و صورت جهڙو پيو شخص سامهون اچي ويهي ٿو ۽ ذڪر ڪري ٿو. هو اسان کي چڱي، طرح نظر اچي ٿو.

شعلو: تجريد جي واٽ جو سالڪ ۽ توحيد جو پانڌيڙو مخدوم زمان يعقوب پليجو رحہ جنهن جو ڳوٺ نارو. ستيار پرڳڻي ۾ هو. هڪ دفعي مريدن سان گڏجي پنهنجي زمين تي آيو جتي مڱن جو فصل بيٺل هو. مريدن کي چيائون تہ مڱ رڌي تيار ڪريو تہ کائون. مريدن عرض ڪيو تہ ٺڪر جي ڪني آهي سا بہ ڀڳل جنهن مان پاڻي وهي ٿو وڃي. درويش چين تہ توهان پاڻيءَ سان ڀري باهہ جي مٿان رکو. مريدن پاڻيءَ سان ڀري ان کي پاسيرو ڪري رکيو تہ جيئن ان مان پاڻي وهي نہ وڃي. درويش چوڻ لڳو تہ ان کي سڌو ڪري رکو تہ جيئن منجهس گهڻا مڱ پچي سگهن. چو تہ اسان بہ الاهي ماڻهو آهيون. آخر درويش جي چوڻ موجب ڪني کي سڌو ڪري رکيائون تہ منجهائنس هڪ ٽيپو بہ پاڻيءَ جو ٻاهر نہ نڪتو. سڀ عجب ۾ پئجي ويا ۽ جڏهن مڱ پچي تيار ٿيا تہ کائي ڍؤ ڪيائون ۽ پنهنجي گهرن ڏانهن موٽي آيا. گهڻن ڏينهن کان پوءِ (303) هڪ ڀيري وري مخدوم يعقوب پليجو پنهنجن مريدن سان زمين تي آيو ۽ زمين کي ڪيڙيءَ لاءِ تيار ڪرڻ لڳا. اجان ڪوڏر واري انهيءَ هنڌ تي ڦهريون لپو مس هنيو تہ اها ٺڪر جي ڪني نڪري وچي ڀري پئي. مطلب تہ ڪوڏر جي ڏڪ لڳڻ سان نہ ڀڳي ۽ ٻئي طرف وڃي پئي. درويش ان ڪوڏر واري کي چيو تہ ڀيهر مٿس ڪوڏر هڻي. پر تڏهن بہ ڪنيءَ کي ڪجهہ نہ ٿيو. اهڙيءَ طرح ٽيون دفعو بہ ائين ڪيائون. پر ڪني نہ ڀڳي ۽ ڏڪ لڳڻ سان ٽڙي ٻي هنڌ هلي ٿي وئي. آخر تائين ڪنيءَ ۾ نڪو سوراخ ٿيو ۽ نہ ڀڳي نہ ٽٽي.

شعلو: هڪ ڀيري جو ذڪر آهي تہ اوائل عمر ۾ ميرڻ ڪاتيار گهران

پنگ پي ٻاهر نڪتو ۽ سڌو پنهنجي ٻنيءَ جو رخ رکيائين. اتفاقاً رستي تي قدرت خداونديءَ سان مٿس الاهي جذب ۽ شوق جي ڪيفيت طاري ٿي وئي. بس پوءِ ته سڀ ترڪ ڪري پاڻ کي عشق خداونديءَ ۾ فنا ڪري ڇڏيائين. ايتريقدر جو ڪنهن ڳالهه جو هوش نه رهيس. آخر ڪن ماڻهن پڇيس ته هي رنگ توتي ڪيئن چڙهيو ۽ ڪنهن کان مليو؟ چوڻ لڳو ته جيستائين حضرت جن ملندا ته اهو راز ڪنهن کي نه ٻڌائيندس. ڪيتري وقت تائين اهو راز سيني ۾ سانڍي هلندو رهيو. انهيءَ دوران سندس حالت ڇرين جهڙي ٿي وئي ۽ هر ڪنهن کي ائين ڀانئين ته جيڪي مون وٽ هو، اهو هينئر هنن جي آڏو آهي. آخر جڏهن حضرت جن سان مليو ته چوڻ لڳو توهان کانسواءِ سر الاهي بيان ڪيم ته اجهو هيءَ حالت ٿي اٿم.

حضرت جن چيو ته اسان جڏهن هن کي انهيءَ حالت ۾ ڏٺو ته هٽ کان وٺي مخدوم نوح رحه وٽ وٺي آياسون. جن کيس ڏسي مون کي چيو ته جيڪي اسان جي هٽن مان وڃائجي ويو هو. اهو اڄ اسان کي وري موٽي مليو آهي (304) مخدوم نوح سان ملڻ کانپوءِ ميرڻ ڪاتيار چوڻ لڳو ته مون پڻ جيڪي وڃايو هو، هينئر محسوس ٿو ڪريان ته ان کان ٻيڻو مليو اٿم. ان کانپوءِ هن جڏهن به ائين چيو ته هن کي اتي رهڻ مان گهڻو فائدو پئي لڳو ته اسان کيس چيو ٿي ته ڀر اسان کي ڪجهه نٿو ملي. بهرحال جيڪڏهن توکي اتي رهڻ مان فائدو ٿئي ٿو ته پوءِ اسان وڌيڪ رهڻ لاءِ تيار آهيون. اهڙيءَ طرح پوءِ پورا ٽي ڏينهن اسان اتي ٽڪي پياسين.

شعلو: وقت جو مخدوم ۽ مشائخ. ڪرامت جو صاحب واقف اسرار الاهي، عشق خداونديءَ ۾ پڪل ۽ پختو رڪن الدين پٽ ونهيون رحه جيڪو سنڌ جي پٽ نالي ڳوٺ جو رهواسي هو، اڪثر مراقبي ۾ گذاريندو هو. مراقبي دوران جيڪڏهن ڪنهن شخص جو آواز ٻڌندو هو، ته ڪنڌ مٿي ڪڻي اهڙو هيبتناڪ آواز ڪيندو هو جو اڳلو اتي ئي دم ڏيندو هو. آخر هڪ ڏينهن اها خبر وقت جي عارف ۽ مرد مجاهد درويش پلي رحه جي ڪنن تائين وڃي پهتي. هو تيار ٿي هوٿي لاڪي جي پٽ درويش احمد وٽ آيو ۽ ان کي سچي حقيقت ٻڌائي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ تيار ڪيائين. ٻئي گڏجي روانا ٿيا ۽ پنڌ ڪندي اچي ان جاءِ تي پهتا. ڏٺائون ته درويش رڪن الدين پراڻ دريا جي ڪناري تي

گدامڙيءَ جي وڻ هيٺان سماع ۾ مشغول هو. ٻئي ڄڻا ڪنڌ وٺي ويهي رهيا. ڪنهن وجي درويش کي ٻڌايو ته احمد درويش آيو آهي. سو سماع ڇڏي احمد جي پرسان اچي وڏو خوفناڪ آواز (305) ڪيائين. ته جڻ هو به ٻين ماڻهن وانگر مري وڃي. ليڪن احمد کي انهيءَ آواز ٻڌڻ سان ڪجهه نه ٿيو. اهو ڏسي سمجهيائين ته هي ڪانئس وڌيڪ بزرگ آهي. سو پرسان ويهي پڇڻ لڳو ته اي احمد. خداتعاليٰ جا ڪيترا نالا آهن؟ هن جواب ڏنو ته مون کي خبر ناهي. البت ايترو ڄاڻان ٿو ته عرش هيٺان هڪڙو وسيع و عريض ميدان آهي. جنهن جي ديگهه پنج سئو سالن جو پنڌ آهي. انهيءَ ميدان ۾ بي شمار سفيد پکي موجود آهن. جيڪي هر پيري ساهه کڻڻ سان اسم الله جو ورد ڪن ٿا ۽ هر پيري خدا جو نئون نالو وٺن ٿا. يعني جيڪي پهرين پيري ساهه کڻڻ سان نالو ورتو هئائون. اهو ٻئي پيري نٿا وٺن. بلڪ نئين نالي سان ياد ڪن ٿا. مون کي انهن پکين جي پڇيءَ تي هٿ لائڻ جو شرف حاصل ٿيو آهي. جڏهن درويش رڪن الدين اهو گفتو ٻڌو ته اٿي کڙو ٿيو ۽ پنهنجي واٽ ورتائين. اهو ڏسي درويش پلي چوڻ لڳو ته رڪن الدين درجي ۾ احمد کان سٺي نه آهي. بلڪ هو ته نانگ مثل آهي جنهن جي ڏنگ سان ماڻهو مري ٿا وڃن.

شغلو: هڪڙو بزرگ سماع جو دلداده هو سو هڪ ڏينهن ريڻ دريا جي ڪناري تي ڪنهن قوال کي ٻڌي رهيو هو. جڏهن به ذاڪر بيت ٿي پڙهيو ته هن درويش تي ٻڌڻ سان ئي وجد ۽ حال غلبو ٿي ڪيو. بلڪ هوش حواس وڃائي ٿي ويٺو. آخر سماع ۾ ايڏو محو ٿي ويو جو درياءَ ۾ اندر ڪري پيو. ماڻهو هيٺ پاڻيءَ ۾ لهي ڳولهڻ لڳا پر هٿ نه آيو. پورن ٽن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ ختم قرآن جو ڪيرايائون جنهن ۾ فاتحه لاءِ ماڻهو اچي گڏ ٿيا. ويچارو قوال ڏاڍو پريشان هو ۽ اهو سمورو وقت فڪر ۾ مبتلا ڪنڌ هيٺ ڪيو گم سم ويٺو هو. آخر ڪاڏيءَ تي رڪيل هٿ هٽائي وري ساڳئي جوش سان بيو بيت پڙهڻ شروع ڪيائين ته سندس اکين مان لڙڪ به وهي رهيا هئا. اهو آواز ٻڌڻ سان اوچتو اهو درويش درياءَ مان نڪري نروار ٿيو ۽ سڀني ماڻهن جي آڏو اچي بيٺو ۽ وري سماع ۾ لڳي ويو. (306) جڏهن سماع کان فارغ ٿيو ته وصيت ڪيائين ته مون کي مرڻ کانپوءِ اهڙي جڳهه تي دفن ڪجو. جتي درويش اچي سماع ڪن ته جيئن انهن جي پيرن جي خاڪ اڏامي منهنجي قبر تي اچي پوي.

حضرت جن فرمايو تہ انهيءَ درويش جي قبر مخدوم حسن هريڙي جي ميدان ۾ آهي، جتي مخدوم پاڻ سماع ڪندو هو.

شعلو: وقت جو شيخ ۽ امام، ارباب شوق وذوق، جهان جو ٿنڀ ۽ جذبي واري جو امام مخدوم حسن هريڙه رحہ دائري ۾ رهندو هو ۽ اهو ڳوٺ ڏڪ پرڳڻي ۾ واقع هو. هڪ دفعي هن ڏٺو تہ ڪو شخص رسول الله ﷺ جي حاضريءَ ۾ ويندو هو. هڪ دفعي هن ڏٺو تہ ڪو شخص رسول الله ﷺ جن وٽ خوشبو جو تحفو ڪٺي آيو. پاڻ سڳورن اهو ڪٺي حسن کي ڏنائون تہ حاضرين ۾ تقسيم ڪري، هن اتي سيني حاضرين ۾ اها خوشبو تقسيم ڪئي. پر پاڻ لاءِ رڳو اهو ڪاغذ جو ٽڪر بچيس جنهن ۾ اها ويڙهيل هئي. پوءِ اهو ڪاغذ پنهنجي مٿي تي مهٽيائين. چون ٿا تہ جيستائين جيئرو هو سندس مٿي مان اها خوشبوءِ ختم نہ ٿي.

شعلو: چيائون تہ هڪ دفعي آءٌ ۽ عيسو فقير گڏجي ڳوٺ ڪان ٺٽي طرف روانا ٿياسون. رستي ۾ رات پئجي وئي ۽ اسان ڪان رستو گم ٿي ويو. آءٌ اڳ ۾ هلي رهيو هوس ۽ پٺيان عيسو فقير هو. جيتوڻيڪ هو سمجهي ويو هو تہ اسان رستو ڀلجي ويا آهيون، پر مجال جو ٻڙڪ ٻاهر ڪڍي. آخر جڏهن مون پڇيومانس ڪٿي اچي نڪتا آهيون؟ چوڻ لڳو فلاڻي ڳوٺ ۾ آهيون. پڇيومانس (307) تہ واٽ تي ٻڌايئي ڇو ڪو نہ تہ هي رستو ٺٽي وارو ناهي ۽ اصل رستو ڪو ٻيو آهي. چوڻ لڳو منهنجي سڌي رستي سان ڪهڙو واسطو يا ٺٽي ۾ منهنجو ڪهڙو غرض! واسطو تہ حضرت جن سان آهي، ڀيڏانهن توهان ويندا، آءٌ توهان جي ڪڍ آهيان.

شعلو: ڪنهن شخص کي پيريءَ ۾ خدا جي ياد جو خيال آيو، پر دل ۾ خيال آيس تہ هينئر آءٌ ضعيف ٿي چڪو آهيان، سو خدا کي ڪيئن ياد ڪري سگهندس. ان لاءِ تہ قوت ۽ سگهہ کپي. اتفاقاً انهيءَ وقت هو هڪ جبل منجهان گذري رهيو هو، ڇا ڏسي تہ ڪولين جي هيڏي ساري قطار آهي، جيڪا برابر وڃي رهي آهي، اهو سوچي دل ۾ چوڻ لڳو تہ جيڪڏهن هي ڪمزور ڪوليون بہ پيون ٿيون هلن ۽ هلڻ کان بس ڪو نہ ٿيون ڪن تہ مون کي بہ شايد ڪجھ اڳيرو هلڻ سان راهہ ملي وڃي. انهيءَ خيال سان خدا جي ياد ۾ مشغول ٿي ويو ۽ نيٺ بزرگيءَ جو وڏو درجو ماڻيائين.

هيءَ حڪايات اڳين بزرگن جي باري ۾ آهي، پر اسان هتي لکي آهي.

شعلو: هڪ ڏينهن ڪو شخص ڪنهن مسئلي پڇڻ خاطر وقت جي سڄاڻ قاضي مخدوم حسن رحه جيڪو ٻنوري پرڳڻي جي هنڙي نالي ڳوٺ ۾ رهندو هو وٽ هلي آيا. مخدوم پنهنجي گهر هو. سو هنن اچي در کڙڪايو. ٿوري دير ۾ مخدوم ڪي گهر ڪان ٻاهر ايندي ڏٺائون. ليڪن هن جي پويان ڪو ماڻهو هو جيڪو ڪيس پٺيءَ تي ٻهارو هڻندو ٿي آيو. انهيءَ حالت ۾ هو جلدي اندر هليو ويو. آخر جڏهن ملاقاتي ٿيا ته پڇيائونس. اهو ڪير هو جيڪو توهان کي پٺيءَ کي ٻهارو هڻي رهيو هو؟ جواب ڏنائين ته اها منهنجي گهر واري هئي، جيڪا سخت غصي ۾ هئي.(308)

شعلو: هڪ ڏينهن ڪنهن واعظ پنهنجي تقرير ۾ چيو ته جيڪڏهن ڪو شخص ست ڀيرا الحمد پڙهي وهندڙ درياءَ تي شوڪاريندو ته درياءَ سڪي ويندو. هڪ شخص جيڪو وڏي ڪشالي بعد درياءَ پار ڪري گڏه تي ڪاٺيون ڪٽي ايندو هو، اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. گهر پهچڻ شرط گڏه کي سنيرائي درياءَ جي ڪناري تي آيو ۽ جيئن واعظ چيو هو ته تيئن ڪيائين. واقعي درياءَ خشڪ ٿي ويو ۽ هو بنا ڪنهن تڪليف جي لنگهي پار پيو ۽ گڏه تي ڪاٺيون رکي وري واپس موٽي آيو. ائين ڪيترو عرصو هو دريا پار ڪري ايندو ويندو رهيو.

گهڻن ڏينهن کان پوءِ اهو واعظ به درياءَ جي ڪناري تي اچي پهتو. ڏنائين ته هڪڙو ڪاٺير آهي، جيڪو ڪجهه پڙهي شوڪاري ٿو ته درياءَ خشڪ ٿي وڃي ٿو. واعظ ان شخص کان پڇيو ته ڪهڙي سبب ڪان درياءَ خشڪ ٿي وڃي ٿو. هن جواب ڏنو ته جنهن ڏينهن اوهان ڪان ٻڌو هئم ته جيڪو به ست ڀيرا الحمد پڙهي درياءَ تي شوڪاريندو ته اهو سڪي ويندو. تڏهن ڪان وٺي آءٌ ائين ڪندو آهيان ۽ سولائي سان پار پهچي ويندو آهيان. واعظ پاڻ دل ۾ چيو ته ڇو نه مان به ائين ڪريان ته بنا ڪنهن تڪليف جي وڃي هن پار پهچان. سو الحمد پڙهي دم ڪيائين ۽ ور ڪنجي پاڻيءَ ۾ گهڙڻ لڳو ته پاڻي ورائي ويس ۽ ٻڏڻ لڳو. گهڻيون ٿي ڏانهون ۽ ڪوڪون ڪيائين پر ڪجهه به ڪين وريس ۽ انهيءَ شخص اهو سچو لقاءُ ڏيڻي ڏنو. حضرت جن ان موقعي تي هي بيت پڙهيو:

[96]

وبساهه واري لنگھنو، اويساهي تار، (309)
ملو وڃي ڪن ڪر، تون ڪنر ڪوڏ نهار.

[ويساهه وارا درياءَ لنگهي پار پئجي ويا. ليڪن جن کي ويساهه ناهي، سي تار پاڻيءَ ۾ ڦاسي پون ٿا. ملان ڪنن تائين پاڻي ۾ ٻڏي ٿو وڃي، تون شوق وچان تماشو ڏس.]

شعلو: وقت جو بزرگ، وحدانيت جو پهلوان، جوانمردي ۽ سخاوت جي کاڻ، نبي ڪريم صلعم جي اولاد سيد رڪن الدين رحه مٽيارين وارو چوندو هو ته اسين پنهنجي ترڪش کي تيرن سان ڀري وينا آهيون. پوءِ جڏهن انهن تيرن کي هلايون ٿا، ته ڪي ماڻهن جي ڪنن وٽان لنگهي وڃن ٿا ته ڪن جي منهن وٽان گذري وڃن ٿا. اهي ماڻهو جيڪي انهن جو نشانو نٿا بڻجن، انهن کي ڪجهه نٿو ٿئي. البت جن مٿان اهي ڪارگر ٿين ٿا، ته اهي ڦٽجي پون ٿا ۽ قيامت تائين اٿي نٿا سگهن.

شعلو: هڪ ڏينهن ڪنهن درويش بهاءُ الدين گودڙيي کي چيو ته تون رڳو تو ڪتاب گڏ ڪرين يا خدا کي به ياد ٿو ڪرين. هن وراڻيو ته خدا ته گهڻا آهن، تون الائي ڪنهن جي باري ۾ ٿو پڇين.

اتي حضرت جن کان ڪنهن پڇيو ته ملان ڇا چيو ۽ درويش ڇا چيو؟ ملان ڏاڍي ڪاوڙ ۾ اچي ويو. البت درويش سنئين سبتي ڳالهه ڪئي ته ملان جيتوڻيڪ گهڻا خدا ڳڻي ٿا وڃن، پر آخر ۾ اهو ئي هڪڙو خدا آهي.

شعلو: خدا جو برگزيده ٻانهو ۽ ٻنهي جهانن جي فڪر کان فارغ درويش صالح ڪڪرالي وارو چوندو هو ته جيڪڏهن خدا تعاليٰ عدل ڪندو ته اسان جو ڇوٽڪارو ٿيندو ۽ جيڪڏهن فضل ڪندو ته اسين عاجز ٿي پونداسون.

شعلو: هڪ ڏينهن عارف رباني(310)، برگزيده سبحاني، اڳين ولين جي شمع ۽ سچن جي صبح، خدا جي وات ۾ ڪنل حسن سنيو رحه ڳاهوٽ جو رهندڙ وڻ جي هيٺان وينو هو. اوچتو وڻ جي مٿان وينل جهرڪيءَ وٺ لاتي جيڪا درويش جي مٿان اچي پئي. فوراً اها جهرڪي به هيٺ ڪري پئي ۽ مري وئي. اتي وينل ماڻهن مان ڪن چوڻ لڳا ته جهرڪيءَ کي ڇا ٿيو جو اها مري پئي. درويش جواب ڏنو ته خدا جو قسم سون کي ڪا خبر ناهي. چون ٿا ته اها

خبر جڏهن ٻئي درويش کي پئي تہ هو ڇوڻ لڳو تہ خداوندا. سونکي اهڙن ماڻهن کان پناهہ ۾ رکج جن تي جيڪڏهن ڪا وٿ جهڙي شيءِ ڪري ٿي تہ ساهوارا مري وڃن ٿا.

شعلو: مخدوم اسماعيل سومرو جيڪو فقير بہ هو تہ غني بہ هو. مجاهدي ۽ رياضت جو صاحب هو وڏو مالدار ماڻهو هو. وٽس ڪيترو ئي ماهيو مال موجود هو. هڪ ڏينهن سندس ڏيءِ مخدوم عثمان رحمة الله عليه جيڪو پنهنجي وقت جي ڏاهن انسانن مان هڪ هو. تنهن کان پڇيو تہ اسان جون نوڪريائيون جڏهن ڏڌ ولوڙينديون آهن. تڏهن پيرن جو زور ڏيئي ماڻاٽيءَ کي گهمائينديون آهن. ان وقت ڏڌ جا ڦڙا پيرن کي لڳي وري اچي چاڏيءَ ۾ پوندا آهن. سي پاڪ آهن يا نہ؟ مخدوم جواب ۾ هي بيت پڙهيو:

[97]

چارئي پلنگ چڪ ۾، پيچي پاريهر وٺ،
ان اهڙي احتياط سين، ڦٽ پچائان ڦٽ.

[چادر جا چارئي پلاند گرِ چڪ ۾ آهن. پر پيچي ٿو ڪبوتر جي وٺ بابت؟ (311) اهڙي احتياط جو نتيجو جڻ ڦٽ ئي آهي.]

ان ڪانپوءِ چيائين تہ بادشاهن جا انعام کائو ٿا ۽ پڇو ٿا اهڙا مسئلا؟

شعلو: هڪ درويش، عمر بودلي لاءِ جيڪو مجذوب ۽ حال کان بيحال هو. ان لاءِ چوندو هو تہ بيشڪ هو پنهنجو مٽ پاڻ آهي. پر منجهس هڪڙي خراب عادت آهي. اها هيءَ تہ جيتوڻيڪ هو پنهنجي جڳهہ ڪجهہ عرصي لاءِ ڇڏي وڃي ٿو، ليڪن وري موٽي اچي اتي ويهي ٿو.

شعلو: هڪڙو مجذوب هميشہ اهي لفظ ٻيو چوندو هو تہ آءٌ وڃان ٿو وڃان ٿو، پر ڪٿي بہ ترسان نٿو. حضرت جن کي اهي الفاظ ڏاڍا وڻندا هئا ۽ اڪثر دهرائيندا رهندا هئا.

شعلو: دلين جو شرف، اڪابرن ۾ وڻيل ۽ ابرارن ۾ پسنديده درويش ميان سليمان جيڪو اگهم ڪوٽ جو رهندڙ هو. تنهن کي چار زالون هيون. جنهن گهر واريءَ سان گهڻو انس هوندو هوس. ان کي جڏهن ڪو ڪم ڪار چوندو هو. تہ هي الفاظ ڪڍندو هو "اي انڌي، هيءُ ڪم ڪر." جون ٿا تہ ائين چوڻ سان ان عورت جي نظر ٻيهجي وينندي هئي ۽ وري جڏهن پيار مان ائين

چوندو هوس تہ شال تنهنجو اڳيون نور روشن ٿئي، تہ ان جو اڳيون نور واپس ايندو هو. چون ٿا هن جي گهر وارين سان اڪثر ائين ٿيندو رهندو هو.

شعلو: وليـن جو اڳواڻ پرهيزگارن ۾ پلـو، ظـاهر ۽ بـاطن ۾ گر، غائب ۽ حاضر جو مسافر، ورع جو صاحب، پنهنجي وقت جو يگانو مخدوم عربي دياٿو رحہ هالڪنڊيءَ ۾ رهندو هو. هڪ رات پنهنجي جاءِ ۾ ويٺو هو تہ اوچتو ڇت تان پاڻي وهندو اچي سندس چادر تي ڪريو. (312) دل جو وهم دور ڪرڻ لاءِ فوري طور چادر لاهي خادم کي ڏنائين تہ جڏهن درياءَ تي وڃي ڌوئي اچي. خادم ڏاڍو پريشان ٿيو تہ اڌ رات جو ڪيڏانهن ويندس. بهرحال پير جو حڪم مڃڻ لاءِ اٿي کڙو ٿيو ۽ چادر کڻي درياءَ طرف روانو ٿيو. اجان شهر ڇڏي ٻاهر ٿيو تہ ڏسي تہ منجهند جو وقت ۽ سخت گرمي آهي ۽ ڪافي ماڻهو اچي وڃي رهيا آهن. دل ۾ عجب ڪائيندو اچي درياءَ تي پهتو ۽ چادر ڌوئي واپس ورڻ لڳو. وري جڏهن پير جي خدمت ۾ پهتو، ڏسي تہ اتي ساڳي رات آهي. هر طرف اونداهي آهي ۽ ڪٿي بہ روشنيءَ جو نالو نشان ڪونهي. مخدوم ڌوتل چادر ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ خادم کي چوڻ لڳو تہ مون کان جيڪي گهرڻو هجئي سو گهر! هن جواب ڏنو تہ توهان جيڪي ڏيندؤ سو قبـول آهي. مخدوم چيس تہ پوءِ ڇنڇر جي رات سمهڻيءَ جي نماز کان پوءِ صلواة غنا پڙهندو ڪر، جنهن جي هر رڪعت ۾ فاتح ۽ آية الڪرسيءَ کان پوءِ اٺ دفعا انا اعطينا ۽ يارهن ڀيرا سوره اخلاص پڙهج. مون تي خدا تعالىٰ جيڪو پنهنجو ڪرم ڪيو آهي، انهيءَ نفل کان وڌيڪ مون ڪا شيءِ نہ ڏني.

شعلو: مناهيجي ڳوٺ ۾ رهندڙ هڪ بزرگ چوندو هو تہ خدا تعالىٰ تائين پهچڻ جي سولي ۾ سولي واٽ سماع آهي ۽ ان کان وڌيڪ ٻي ڪا اهڙي آسان واٽ ڪانهي.

شعلو: هڪ ڏينهن وقت جي وليءَ، خدا جي عشق ۾ پڪل درويش حسن سٽيي کنهن طالبعلم کان پڇيو تہ بهشت ۾ سماع هوندو يا نہ؟ هن جواب ڏنو، نہ. اهو ٻڌي درويش چوڻ لڳو، پوءِ اسانجي کهڙي ڪر جو، سماع کان سواءِ اسان کي ان جي ضرورت بہ ڪونهي!

شعلو: هـڪ ڏينهـن (313) زمـاني جـو شيخ ۽ مخدوم، عشـق ۽ معرفت جو داناءُ، رياضت ۽ مجاهدي جو صاحب درويش هوتي لاکو، جنهن جي

تربت ساڱري جي ڪپ تي نصرپور پرڳڻي ۾ آهي. پنهنجي پٽ کي نصيحت ڪري رهيو ته سماع کي هرگز ترڪ نه ڪجو يعني سماع کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ان ۾ شامل ٿيڻ نه ڇڏجو. ان کان پوءِ پنهنجي ڳالهه ڪري ٻڌايائون ته هڪ ڏينهن آءُ ٻين ڪيترن بزرگن سان گڏ سماع ۾ مشغول هوس. اوچتو اتي هڪڙو شخص آيو جنهن کي ڳاڙهو لباس پاتل هو ۽ اچڻ سان سماع ۾ شامل ٿي ويو. انهيءَ شخص جي ڏسڻ سان اسان سيني کي ڏاڍو اثر ٿيو ۽ اسانجي دل ۾ درد الاهي ۽ وجد شوق و محبت جو نئون جذبو جاڳي اٿيو. بلڪ انهيءَ سماع ۾ هڪ مٿل شخص جيئرو ٿي پيو ۽ الفت الاهيءَ ۾ رڱجي ويو. مونکي بہ خدا تعاليٰ جيڪي نصيب ڪيو آهي، انهيءَ جو سبب ۽ ڪارڻ اهو واقعو آهي.

شعلو: هڪ دفعي جو ذڪر آهي ته همت ۽ سخاوت جو صاحب، علم ۽ حلم جو پهاڙ، ازلي ۽ ابدي ذات جو دوست، بندو شيخ طلحه جنهن جي قبر ٺٽي شهر جي پرسان مڪليءَ تي آهي، پنهنجي وقت جي عارف ۽ مشائخ، زاهدن جي زاهد ۽ عابدن جي عابد پير مراد رحه جنهن جي تربت پڻ مڪليءَ تي آهي، ان وٽ هلي آيو ۽ ڪائنس پڇڻ لڳو ته پير ڪنهن کي چئجي؟ (314) پير مراد هڪ ڪنڊ ۾ نيم مرده پلي تي نظر وڌي ۽ ان کي چيائين، "اٿ" ته فوراً اهو پلو آواز ڪندو اٿي هلڻ لڳو. ان کان پوءِ چيائين ته پير ان کي چئبو آهي. هاڻي وري پير مراد پاڻ شيخ طلحه کان پڇيو ته ڀلا شيخي مان مراد ڇا آهي يا شيخ ڪنهن کي چئجي؟ ائين چئي هڪ دڪان تي ويٺل ڪافر کي ڪٺي آڻي مسجد جي منبر تي ويهاريائون ته اهو وعظ ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو. چيائين شيخي ان جو نالو آهي!

شعلو: هڪ ڏينهن درويش ميرڻ ڪاتيار جي گهر واري سندس حجري ۾ هلي آئي، جت هو اڪيلائي ۾ ويهي خدا کي ياد ڪندو هو. درويش کي اها ڳالهه نہ آئڙي. فوراً ٻاهر نڪري سوچڻ لڳو ته انهيءَ حجري کي ڍاهي پٽ ڪريان يا ان کي باهه ڏئي ڇڏيان. مون کي خبر پئي، ته وٽس وڃي پهتس ۽ باهه ڏيڻ کان منع ڪئي مانس. چوڻ لڳو ته جتي عورت جو پير پوي، اتي خدا کي ڪيئن ٿو ياد ڪري سگهجي. جڏهن تمام گهڻو سمجهايومانس، تڏهن وڃي ان ارادي کان باز آيو.

شعلو: شيخ ممون ڍنڍيءَ واري جي اولاد منجهان ڪو شخص واقف

شريعت ۽ طريقت، علم ۽ سخاوت جي کاڻ، تارڪ دنيا و راغب دين مخدوم صدرالدين راهوڻ واري جو مريد هو. هڪ ڏينهن مخدوم جو ان طرف کان گذر ٿيو. جتي سندس اهو مريد رهندو هو. مريد کي چورائي موڪليائين ته پٽ مراد توکي دعائون ڏو ڪري. خادم وڃي مريد کي چيو جئن مخدوم چيو هيس. مريد سمجهيو ته ميان مراد کي اڳيئي گهڻو اولاد آهي، (315) سو خدا کيس وڌيڪ نوازيو هوندو.

هڪدم ٻه ٽويا آن جا ڪٽي اچي ان خادم کي ڏنائين. خادم جڏهن آن کڻي مخدوم وٽ پهتو ته هن وري کيس چيو ته واپس وڃ ۽ اسان جي مريد کي چؤ ته مخدوم صدرالدين پاڻ بيٺو توهان کي دعائون ڪري. خادم ويچاري ساڳيو نياپو اچي مريد کي ڏنو. مريد اهي لفظ ٻڌي گهر واريءَ سوڌو جتي ٻه هٿ نه آين، اچي مخدوم جي خدمت ۾ سهڙيو ۽ پنهنجي اڳين روش لاءِ ڳچيءَ ۾ ڳارو وجهي معافي گهرڻ لڳو. ان کانپوءِ وڏي عزت ۽ تعظيم سان مخدوم کي پنهنجي گهر تي وٺي آيا ۽ پنهنجي هلت جي تلافيءَ خاطر سڄي ڳوٺ کي ماني کارايائون. جڏهن ماني کائي سڀ واندا ٿيا ته مرشد کي چيائون ته اسان کي نصيحت ڪريو ته جئن اڳتي ان تي عمل ڪريون. مخدوم چيو ته هي جيڪو اسان ٻنهي جي وچ ۾ ٿي گذريو، ان ۾ گهڻي نصيحت سمايل آهي.

شعلو: چرن ٽا سوڍن جي قوم جو ڪو ماڻهو مسلمان ٿيو. جنهن ڪري پنهنجي مٽن مائٽن سان هر قسم جو تعلق ختم ڪري ڇڏيائين. جنهن تي انهن گڏجي هن کي چيو ته جڏهن تو اسانجو مذهب ڇڏي ڏنو آهي، ته پوءِ اڳتي خبردار ٿجانءِ ۽ هوشياريءَ کان ڪم ونجانءِ. ڇاڪاڻ ته هن کانپوءِ اسان جي مذهب ۾ واپسي هرگز نه ٿيندي. ليڪن مسلمان ٿيڻ کانپوءِ انهن جهڙو به نه ٿجانءِ جيڪي رڳو گهمندا ڦرندا ۽ گداگري ڪري پيٽ قوت ڪندا آهن. بلڪ اهو رستو ونجانءِ جيڪو خدا جي طالبن جو آهي. (316)

شعلو: هڪ ڏينهن ڪو فقير ڪنهن ملاح جو اچي مهمان ٿيو. ملاح گهر واريءَ کان اچي پڇيو ته گهر ۾ ڪا شيءِ آهي، جيڪا مهمان کي پيش ڪجي. عورت چيو ته نه، ڪجهه به نه آهي، سواءِ ان هڪڙي ٻيڙيءَ جي! ملاح جي دل ۾ ڏاڍو خيال ٿيو ۽ زال کي چوڻ لڳو ته پوءِ دوستن لاءِ اها ٻيڙي به ڪٽي قربان ڪريون!

شعلو: شمع جمال الاهي جو پروانو ۽ بزرگ يگانو مخدوم عربي ديانو رحہ جيڪو هالڪنديءَ ۾ رهندو هو. تنهن کان هڪ ڏينهن نماز حاجات جي ترتيب پڇيائون. هن جواب ڏنو تہ مون پيغمبر عليہ الصلواۃ والسلام کان ٻڌو آهي تہ چار رڪعتون نماز حاجات جون آهن. پهرين رڪعت ۾ فاتح سان گڏ آيت الڪرسي هڪ ڀيرو ۽ سوره ڪافرون هڪ ڀيرو پڙهي. ٻي رڪعت ۾ هڪ ڀيرو آيت الڪرسي ۽ هڪ ڀيرو اخلاص پڙهي. ٽين رڪعت ۾ آيت الڪرسي ۽ قل اعوذ برب الفلق هڪ ڀيرو پڙهي. چوٿين رڪعت ۾ فاتحہ آيت الڪرسي کانپوءِ قل اعوذ برب الناس هڪ ڀيرو پڙهي.

شعلو: زماني جو ولي، عارف يگانو، مجاهدا ڪنيندڙ ۽ مشاهدا ماڻيندڙ درويش هوتي لاکو. جنهن جي تربت ساگري جي ڪپ تي آهي، سندس تعلق نصرپور سان هو. هڪ ڏينهن پنهنجي خيال ۾ گم ويٺو هو تہ ماڻهن اچي ٻڌايس تہ تنهنجو پٽ وفات ڪري ويو. چيائين ترسجو تہ آءٌ اچان ٿو. ماڻهن جيو اسان تہ هن کي دفن ڪري آيا آهيون. چيائين پوءِ بہ ترسو. آءٌ اچان ٿو ۽ ان جو ڪو فڪر ناهي. آخر اتي اچي پهتو جتي پٽس جي لاش کي دفن ڪرڻ لاءِ رکيو هئائون. چوڻ لڳو. اي پٽڙا، اٿي ويهہ (317). هن جو ائين چوڻ تہ سندس پٽ جيئرو ٿي اٿي ويٺو. حاضرين سخت تعجب ۾ پئجي ويا تہ انهن کي چوڻ لڳو هي چوٿون دفعو آهي جو هن پٽ جو روح چوٿين آسمان تان واپس موٽيو آهي. چون ٿا ان کانپوءِ جنهن شخص بہ هوتي لاکي کي پيغمبر عليہ الصلواۃ جي محفل ۾ ڏٺو تہ هن جو ڪنڌ شرمساريءَ کان جهڪيل هو. چاڪاڻ تہ پاڻ سڳوري عتاب وچان کيس مخاطب ٿيندي فرمايو هو اي هوتي، جيڪڏهن خدا تعاليٰ تنهنجي ڳالهہ کي رد نٿو ڪري. پر توکي گهرجي تہ ادب وچان سڀ ڪجهہ قبول ڪر ۽ توکي ائين ڪرڻ نہ جڳائي.

شعلو: پير طريقت، صاحب سخاوت، وعظ قرآن، جهان داريت فهم ولايت جي کاڻ، ذات ازلي ۽ ادبي وٽ مقبول مخدوم صدرالدين راهوٽي ڳوٺ چانيهہ پرڳڻي هالڪنديءَ ۾ رهندو هو. هو جڏهن ماڻهن کي وعظ ڪندو هو تڏهن بہ کيس ٽڳڙين لڳل لباس پيل هوندو هو. خلق خدا جي کيس ڏسي ۽ ٻڌي ڏاڍو اثر وٺندي هئي ۽ ڪيترا ماڻهو روئڻ ويهي رهندا هئا. هڪ ڏينهن واٽ ويندي مون کي قاضي منور جيڪو مخدوم جي اولاد مان هو ملي ويو. چيا

ڏسان تہ ڪيس تمام عمدا ڪپڙا پاتل آهن ۽ وڏي ناهہ نوهہ سان ڪنهن طرف وڃي رهيو هو. مون ڪيس روڪي پڇيو تہ توهانجو ڏاڏو جڏهن وعظ ڪندو هو تہ ڪيس هميشہ ڇتين لڳل ڪپڙا ۽ ڦاٽل ٽوپي پيل هوندي هئي. اهي عمدا لباس گهر ۾ لڪائي رکيا هئائين ڇا؟ اهو ٻڌي هو ڏاڍو شرمندو ٿيو.

شعلو:چون ٿا تہ زماني جي پير، عارف ڪامل، (318) عامل هدايت ۽ ڪامل عنايت وقت جي شيخ مخدوم بهاءُ الدين ملتاني جي اولاد مان ڪي ٻہ شخص اهڙا بہ ٿي گذريا، جيڪي پاڻ سان عورتون وٺي پرپاسي واري باغ ۾ رهندو هو. تنهن ڪري هو عورتن کي پاڻ سان گڏ گهوڙي تي وهاري پاڻيءَ مان گذري ويندا هئا. چون ٿا تہ جڏهن هو دريا جي ڪناري تي پهچندا هئا ۽ پاڻٺي نہ هوندو هو تہ اڙي هٿي دريا ۾ گهوڙا ڇڏي ڏيندا هئا. دريا مان گذري گهوڙا پرينءَ پر ايندا هئا. پر انهن جون ڇنگهون آليون نہ ٿينديون هيون. ڪڏهن ائين بہ ٿيندو هو جو ٻيءَ پر پهچڻ ڪان پوءِ ڪين ياد ايندو هو تہ فلاڻي شيءِ وسري وئي آهي تہ وري گهوڙي تي چڙهي ساڳيءَ ريت دريا پار ڪري اچي شهر پهچندا هئا. اهي سڀ برڪتون ۽ پلايون سندن جد امجد يعني ڏاڏي جي ڪري هيون.

شعلو: بزرگ پلارو، عارف يگانو، سلطان دين و دنيا، يقين ۽ هدايت جو سيمرغ، مشاهدو ماڻيندڙ شيخ پرڪيو چڪيو رحہ ڪاتيار جي باري ۾ ڪن ماڻهن اعتراض ڪيو تہ پاڻ کي ڪهڙي حساب ۾ ولي ٿو سڏرائي، ڇو تہ جڏهن خدا تعاليٰ ولين کي ولايت جون خلعتون ٿي پارايون تہ ان وقت هو حاضر ڪو نہ هو. پوءِ هاڻي پاڻ کي ڪيئن ٿو ولي سمجهي. جڏهن شيخ پرڪيي اها ڳالهہ ٻڌي تہ چوڻ لڳو تہ انهيءَ گهڙيءَ جڏهن خدا تعاليٰ ارواحن کي ولايت سان ٿي نوازيو تہ هو اهو سچو ڪم اميرالمؤمنين حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي هٿان (319) ٿي رهيو هو. آءُ ان وقت حاضر هوس ۽ اهي خلعتون جيڪي توهان ۽ توهان جهڙن ٻين کي مليون آهن، مان جهلي بيٺو هوس. مان توهان کي ڏسي رهيو هوس. پر توهان مونکي نہ پئي ڏسي سگهيا، ڇو تہ آءُ اميرالمؤمنين امام المسلمين سلطان ملت مصطفوي، برهان ۽ حجت نبوي امير علي رضي الله عنہ جي نور واري شعاع هيٺ بيٺو هوس.

شعلو: هڪ ڏينهن مخدوم عامل صديق عالم تحقيق عيسيٰ، ميان عبدالقدوس جي پيءُ، جيڪو حضرت جن جو خاص مريد هو، مسجد ۾ آيو. هو

مسجد ۾ ورد ۾ مشغول هو ۽ پنهنجي مٽي کي ٿي ڦيرايائين. پڇس جڏهن اها حالت ڏٺي تہ کيس چوڻ لڳو مٽي کي اهڙيءَ طرح ڦيرائڻ مان کهڙو فائدو. جيڪڏهن ان عبادت جو ثواب نٿو ملي. ان کان بهتر آهي تہ پنهنجي مٽي کي اها تڪليف نہ ڏي تہ جيئن تو مٽان کو آگر نہ ڪٽي.

شعلو: سلطان التارڪين, برهان المحققين, قطب دين و دولت, سنت جي شمع, مخدوم صدو لانگاهہ رحہ جنهن جي تربت نصريہ سومرو نالي ڳوٺ ۽ بنوري پرڳڻي ۾ آهي. هو ترڪ دنيا جي مقام تي پهتل هو. جيڪا بہ شيءِ وٽس بچي پوندي هئي, سا هميشه بين ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. ايتريقدر جو رات جو مٽن ۽ دلن جو پاڻي بہ هارائي ڇڏيندو هو ۽ چوندو هو"يوم جديد و رزق جديد" يعني "نئون ڏينهن نئون رزق." هڪ ڏينهن ڪنهن ماڻهوءَ ٻڌايس تہ توهان جي گهر ۾ ڪجهہ ڪونهي. تنهن ڪري توهان جا نينگر ڇا کائن (320). جيڪڏهن گهر ۾ ڪجهہ بچائي رکو تہ بهتر آهي. پاڻ ان کي هيءَ حڪايت ٻڌايائون:

هڪڙي بادشاهہ ٻي بادشاهہ جي مٿان لشڪر ڪشي ڪئي تہ جيئن ان جو ملڪ فتح ڪري. هن بادشاهہ پنهنجا جاسوس موڪليا تہ حملہ آور لشڪر جي خبر چار رکي اچن. اهي جاسوس جلدي موٽي آيا ۽ اچي بادشاهہ کي ٻڌايائون تہ واقعي لشڪر اچي پيو. بادشاهہ فڪرمند ٿي پيو ۽ جاسوسن کي گهرايو ۽ اچي پنهنجي بين ماڻهن کي انهن جاسوسن جي جاسوسيءَ لاءِ موڪليائين تہ ڏسي اچو تہ جيڪڏهن اهي پاڻ آرام جي ننڊ سمهي پيا آهن تہ پوءِ ڪوڙ ڳالهايو اٿن. البت جيڪڏهن اهي پاڻ بي آرام ۽ پريشان آهن تہ معنيٰ خبر سچي ڏني اٿن. بادشاهہ جا اهي ماڻهو وڃي ڏسي آيا تہ اهي جاسوس ڏاڍي مزي جي ننڊ ۾ ستا پيا آهن ۽ کين ڪنهن بہ قسم جي ڳڻتي ڪا نہ هئي. موٽي اچي بادشاهہ کي اها حقيقت ٻڌايائون.

اها حڪايات بيان ڪري مخدوم صدو لانگاهہ چوڻ لڳو تہ اسين پاڻ جاسوس آهيون. علم پڙهيو اٿئون. جيڪڏهن اسين پاڻ آرام سان سمهيا پيا هونداسين ۽ هن دنيا کي قبول ڪنداسين تہ بيا بہ اهڙيءَ طرح عمل ڪندا. انهيءَ ڪري بهتر آهي تہ هن دنيا مان ذرو بہ قبول نہ ڪريون تہ جئن بين لاءِ اهڙو مثال قائم ٿئي.

شعلو: هڪڙي فقير پڇيو تہ ڇا سبب آهي جو هيڏي ساري خلق

سخاوت ۽ سعادت جي سج. خدا جي عشق ۽ سڙيل ۽ پچيل حضرت شيخ ﭘنـي رحہ جي زيارت لاءِ وڃي ٿي. الائجي ڇو شيخ پاڻ کي اهڙين ڳالهين لاءِ ڪٿي مشهور ڪيو آهي؟ چون ٿا تہ جلد ئي ان فقير خواب ۾ شيخ ﭘنـي کي ڏٺو. جنهن چيس تہ اي فقير، خدا جو قسم مون کي ماڻهن جي اچڻ وڃڻ جي ڪا خبر ناهي. مان هر وقت حضرت رسالتمآب ﷺ (321) جي خدمت ۾ هوندو آهيان. خدا تعاليٰ ماڻهن جا ڪم سندن نيت ۽ ارادي سبب پورا ڪري ٿو ۽ مونکي ماڻهن جي مراد پڄائڻ ۾ ڪو دخل ڪونهي.

شعلو: سيد علي شيرازي ٿٽي وارو جيڪو فقير بہ هو تہ غني بہ هو ۽ محبت جي بازيءَ ۾ اڳرو هو. چوندو هو تہ اهو پير مريد ڇو ٿو ڪري جيڪو مريد جون هر روز سٺو خطائون بخش نٿو ڪري سگهي. ان جو مثال اهڙو آهي تہ جڻ ڪنهن جو پٽ ناحق خون ٿئي ۽ اهو معاف نہ ڪري يا نہ ڇڏي!

شعلو: هڪ شخص شيخ پرڪيي رحہ ڪاتيار جي خدمت ۾ اچي عرض ڪرڻ لڳو تہ الائجي منهنجي گهر واري گم ٿي وئي آهي يا گهر ڇڏي هلي وئي آهي، پر ننڍڙا ٻار آهن. جيڪي ويٺا ٿا روئن. خدا جي واسطي دعا گهرو تہ جڻ مونکي گهر واري ملي پوي! اهو ٻڌي شيخ فوراً پنهنجي خادم کي حڪم ڏنو تہ وڃ ۽ عورت کي وٺي اچ. خادم ويچارو جلد ئي اٿيو ۽ دروازي کان ٻاهر ٻهڄي سوچڻ لڳو تہ پر ڪيڏانهن وڃان. شيخ چيس تہ اڳتي وڃ. آخر شيخ جو حڪم مڃي اڳتي ڪاهي پيو. جيئن اڳي وڌندو ويو تہ اوچتو زمين هيٺ ٿيڻ شروع ٿي ۽ اٿين ٿي لڳو تہ ڄڻ هو زمين اندر گهڙندو ٿي ويو. آخر زمين مٿائنس وري وئي ۽ هو ڏاڪڻ ذريعي هيٺ پهچي ويو. اتي ڏٺائين تہ شاهي خيما لڳل آهن ۽ قيمتي فرش وڇايل آهن (322) ۽ پرواري خيمي اندر ڪجهہ مرد ۽ عورت جهڙوڪ قيد ۾ بند پيا آهن. بلڪ انهن جا هٿ ۽ پير ڇورن وانگر ٻڌل آهن.

هي خادم ان بزرگ جي سامهون ويو ۽ عرض ڪرڻ لڳو تہ شيخ جنهن ڪم لاءِ مونکي هتي موڪليو آهي، اهو ڪم ڪري ڏيو. اهو بزرگ چوڻ لڳو تہ اهو اسانجو نذرانو هو جيڪو ان شخص پاڻ ڏيٺو ڪيو هو. پر پوءِ ان وعدي تان ڦري ويو. خادم اهو جواب ڪٿي سموري حقيقت اچي شيخ پرڪيي کي ٻڌائي. اهو ٻڌي شيخ پنهنجي جڳهہ تان اٿيو ۽ ان شخص کي هٿ کان وٺي ان

بزرگ جي خدمت ۾ آيو. شيخ عرض ڪرڻ لڳو تہ هن جي عورت هن کي موٽاءِ. ائين ٻہ دفعا چيائين هن بزرگ کي ڪو جواب نہ ڏنو. بلڪ منهن ڪٽي ٻئي طرف ٿي ڪيائين. آخر شيخ بزرگ جي اجازت ڪانسواءِ ان شخص کي وٽي ان تنبوءِ طرف آيو جتي هن جي عورت قيد ۾ هئي. هن کي چيائين تہ پنهنجي عورت کي سڃاڻ ۽ هن کي ٻاهر وٺي اچ. مريدن پنهنجي بزرگ کي چيو تہ هي بنا اجازت عورت کي وٺي ٿا وڃن. تنهن تي ان بزرگ چيو تہ هي مجذوب خدا جو آهي ۽ ان جي محبت ۾ مست آهي. هو جيڪڏهن سيني کي ڇڏائي وٺي وڃي ها تڏهن بہ آءُ کيس ڪجهہ نہ چوان ها. چون ٿا اهو بزرگ ڀلارو حضرت غوث الثقلين برهان المحققين عارف رباني ميران محي الدين عبدالقادر جيلاني هو. (323)

شعلو: هڪ ڀيري ڪنهن شخص وقت جي ولي ۽ بزرگ صابو سومرو جيڪو ٻنوري پرڳڻي جي ڳوٺ هنڙيءَ جو رهندڙ هو. تنهن ڪان پڇيو تہ ڪي اوليا بظاهر آرام جي ننڊ ۾ ستل نظر اچن ٿا. جڏهن تہ ٻيا نماز روزي ۽ ورد وظيفن ۾ مشغول آهن. توهان انهن ٻنهي کي ڪيئن ٿا سمجهو؟ جواب ڏنائين تہ ان جو مثال هن ريت آهي. جڏهن ننڍا ڇوڪرا ڏورو ويڙهي لاٽونءَ کي زمين تي اڇلائيندا آهن تہ اهو اهڙي زور سان ڦرڻ لڳندو آهي جو ڇڻ تہ هڪ هنڌ ٽڪ هٽي بيٺو آهي ۽ ماڻهو سمجهندا آهن تہ اهو بيٺو آهي. اهو مثال انهن ستلن جو آهي. پر جڏهن ٿوري دير ڪان پوءِ اهو لاٽون آهستي ڦرڻ لڳندو آهي تہ محسوس ٿيندو آهي تہ اهو گول ڦري رهيو آهي. اهو مثال عابدن جو آهي.

شعلو: هڪڙي پير جو ڪو مريد هو جيڪو هڪ ڏينهن ڪنهن ٻئي پير سان اٽڪي پيو. انهيءَ پير هن مريد کي ڏاڍا پِٽ پاراتا ۽ بددعائون ڪيون. بلڪ سندس خوب خبر ورتائين. آخر اهو مريد روئيندو پنهنجي پير وٽ دانهن ڪٽي آيو ۽ چوڻ لڳو تہ مونکي فلاڻي پير پٽيو آهي ۽ ڏاڍيون بددعائون ڪيون اٿس. هاڻي خدا خير ڪري. پير چيس تہ فڪر نہ ڪر. هن جي پٽ پاراتو توکي هرگز ڪو نہ لڳندو. ڇو تہ مون کيس هڪ ڏينهن ڳنڍ ۾ پئسا ٻڌندي ڏٺو آهي.

شعلو: برگزيده بزرگ عارف يگانو شيخ ابراهيم جيڪو حظيره قدس ۾ فائز شيخ ريحان جهنگلي جي اولاد منجهان هو. جنهن جي رهائش نيرن ڪوٽ جي ڳوٺڙي رڪن پور ۾ هئي. (324) هڪ ڏينهن جگر گوشہ نبي

ڪريو. خفي ۽ جلي ۾ مشغول بزرگ ميران سيد علي شاھ شيرازي ٺٽوي وٽ هلي آيو. ان وقت سندس هٿ ۾ تسبيح هئي. جڏهن سيد علي شيرازي سان هٿ ملايائين تہ سيد علي چيس تہ توهان بہ هٿ ۾ تسبيح رکو ٿا! جواب ڏنائين تہ جڏهن گهوڙو ڏبرو ۽ ضعيف ٿي پوي تہ پوءِ لڪڻ ڪٽڻ جي ضرورت پوي ٿي. ليڪن تازي گهوڙو بہ لڪڻ سان سونهي ٿو. اهو ٻڌي سيد علي خاموش ٿي ويو ۽ وڌيڪ ڪجھ نہ چيائين.

شعلو: علم ۽ حڪمت جو خزانو حلم ۽ عصمت ۾ يگانو. پانهن جو شرف. زاهدن جو سرموڙ درويش پنيو سنهارو خدا واسطي ماڻهن جا ڪم ڪندو هو. هڪ ڏينهن ڪجھ ماڻهو وٽس اچي چوڻ لڳا تہ اسانجو وقت جي مغل حاڪم ۾ ڪم آهي. اسان سان گڏجي هلو. هوڏانهن اهو مغل حاڪم هن درويش جي بار بار اچڻ مان اڳيئي تنگ ٿي پيو هو. سو پنهنجي دربانن کي چٺي ڇڏيو هئائين تہ جيڪڏهن پيهر اهو درويش اچي تہ خوب ڇهبڪ وهائي ڪڍجوس تہ جيئن وري اسان وٽ نہ اچي. هن اسان کي گهڻو ئي تنگ ڪيو آهي. آخر ٿيو بہ ائين. جڏهن پنيو درويش انهن ماڻهن سان گڏجي مغل حاڪم جي دروازي تي آيو تہ دربانن سندس خوب خدمت ڪئي. ايتريقدر جو ڳالھ بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. تاهم درويش ڪجھ نہ ڪڇيو.

اجان هو واپس وڃي رهيو هو تہ واٽ تي وري هڪ پيو حاجتمند مليس جنهن کي ان واقعي جي ڪا خبر نہ هئي. اهو چوڻ لڳس تہ ڪيتري عرصي کان توهان کي پيو ڳولهيان. اڄ الائي ڪيئن ملي ويا آهيو. خدا جي واسطي مون سان گڏجي هن مغل حاڪم وٽ هلو تہ توهان جي برڪت سان من منهنجي جان خلاصي ٿئي. (325)

درويش پنيو هڪ لفظ بہ نہ ڪڇيو ۽ ان شخص سان گڏجي وري ان مغل حاڪم جي دروازي تي اچي پهتو. دربان ڏسي پڇڻ لڳس تہ وري ڇو آيو آهين. اڃين مار وسري وئي اٿئي ڇا؟ درويش چوڻ لڳو تہ توهان جي هٿان مار کائي واپس ٿي ويس تہ واٽ تي هي شخص مليو جيڪو خدا جو واسطو ڏيئي، هتي وٺي آيو آهي تہ جيئن سندس مقصد پورو ٿئي. مغل حاڪم کي جڏهن اها خبر پئي تہ ڪچيءَ ۾ ڳارو وجهي ٻاهر نڪري آيو ۽ اچي درويش کان معافي گهريائين. چون ٿا تہ ان کانپوءِ ڪڏهن بہ درويش جو چوڻ نہ موٽايائين.

شعلو:درويش بي خويش، صاحب عزت و ورع يعقوب پليجو رهندڙ نارو پرڳڻو ستيار جي ڳالهه ڪن تا ته پورو هڪ سال طعام نه کاڌائين، تڏهن به بت ۾ ٿلهو متارو هو. هڪ ڏينهن مريد کي چيائين ته اڳتي اڌ پاءُ اٽي جي ماني تيار ڪندا ڪريو. مريد ائين ڪرڻ لڳو ۽ ڪيترن ڏينهن تائين اهو معمول رهيو. هڪ ڏينهن مريد ساڳئي ريت ماني پيش ڪئي ته ڪجهه حصو مانيءَ جو کائي باقي حصو مريد کي ڏنائين ته جيئن زنبيل ۾ وجهي محفوظ ڪري رکي. چون ٿا ته مريد ڇهه مهينا اهو مانيءَ ٽڪر سنڀالي رکيو، ليڪن هڪ ڏينهن جڏهن کيس ڏاڍي بک لڳي ته کائي ڇڏيائين. اوچتو هڪ درويش مريد کان انهيءَ پاروتي مانيءَ ٽڪر جي گهر ڪئي. مريد ويچارو ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته هڪ ڏينهن ڏاڍو بکايل هوس سو مون اهو کائي ڇڏيو. درويش کيس مخاطب ٿي چوڻ لڳو ته پوءِ تو ۾ ۽ هڪ چور جي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي. هو بغير اجازت ٻين جون شيون کڻي ٿا وڃن ۽ تو به بنا اجازت ماني کائي ڇڏي آهي!

شعلو: زماني جو عارف ۽ وقت جو مخدوم (326) ميران سيد علي شيرازي هڪ ڏينهن پنهنجي پير مرشد قبله انوار نقطهٔ اسرار درويش آچر ٺٽويءَ جي پيرن کي زور ڏيئي رهيو هو. اتفاقاً درويش عبدالحليم مجذوب، جيڪو دادو درويش جي ڳوٺ ۾ مدفون آهي، اتان اچي لنگهيو ۽ سيد علي شيرازيءَ کي ان حالت ۾ ڏسي چوڻ لڳو، "هتي ٻيءَ طرح ٿا گذاريو ۽ هتي هن طرح ٿا گذاريو." درويش آچر اهو ٻڌي وراڻيو ته ٻيا گهڻن ۾ ٿورا پر هي ٿورن ۾ ٿورو آهي. درويش عبدالحليم جڏهن اهو جواب ٻڌو ته اتان روانو ٿي ويو. هيڏانهن سيد علي پنهنجي مرشد آچر کان پڇيو ته عبدالحليم جي گفتي جو الائي ڇا مطلب هو ۽ توهان الائجي کيس ڪهڙو جواب ڏنو؟

درويش چيو ته سندس اشارو هو ته پيغمبر عليه الصلواة والسلام جي حضور ۾ آءٌ هر قسم جي خدمت بجا آڻيندو آهيان، پر هتي وري هڪ سيد زادي کان پنهنجي خدمت ٿو ڪرايان. ان تي مون کيس جواب ڏنو ته هڪڙا ماڻهو اهڙا آهن، جيڪي هميشه پنهنجي لاءِ ٻين کان وڌيڪ نفعي جي طلب رکن ٿا ۽ اهي گهڻائيءَ ۾ آهن. ليڪن ڪي ٿورا اهڙا به آهن جيڪي ٻين کي پاڻ کان وڌيڪ نفعو ڏيڻ پسند ڪن ٿا ۽ اهي گهڻ آهن، پر ڪي اهڙا به آهن جيڪي

ٻين جي نفعي خاطر پنهنجو نقصان ڪن ٿا ۽ اهي تمام گهڻ آهن. (327)

شعلو: مجاهدي جي ميدان جو مرد ڪامل. عامل هدايت ۽ ڪامل عنايت سلطان عالم روح مخدوم نوح رحه هالڪنديءَ وارو هميشه پنهنجي هٿن سان ڪم ڪار ڪندو هو ۽ ڪڏهن به ٻين کي تڪليف ڏيڻ نه گهرندو هو. هڪ ڏينهن مجلس ۾ ويٺو هو ته اڄ ڪيس ڏاڍو تنگ ڪيو. پاڻي ڪافي پري رکيل هو سو اٿي ان طرف هلڻ لڳو. اتي هڪ مريد ويٺو هو جيڪو اها ڳالهه سمجهي فوراً ان طرف ڊوڙيو ۽ پاڻيءَ جو ڪوزو ڀري آڻي مخدوم صاحب جي آڏو حاضر ڪيائين. پاڻ اهو پاڻيءَ سان ڀريل ڪوزو ورتائون، پر پاڻي نه پيتائون. بلڪ پاڻ انهيءَ مٽ تائين ويا ۽ اهو پاڻي ان ۾ وجهي وري ٻيهر ڪوزو ڀري پوءِ پنهنجي هٿن سان پيتائون ۽ ان ڪانپوءِ موٽي اچي مجلس ۾ ويٺا.

شعلو: هڪڙو درويش بهرام پور پرڳڻي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ رهندو هو. ان ڳوٺ جي ٻنين ۾ اتان جا ڪئا ڏاڍو نقصان ڪندا هئا. هي درويش اتان جي ماڻهن کي پٿرن جي مٿان الحمد پڙهي ڏيندو هو. ماڻهو پوءِ اهي پٿر وڃي زمين ۾ رکندا هئا ته ڪئا مري ويندا هئا. آخر انهيءَ درويش هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو ته ماڻهو وري اچي سندس پٽ کي عرض ڪرڻ لڳا. هن پڻ ماڻهن کي پٿرن تي سورة فاتحه پڙهي دم ڪري ڏني ته وڃي زمين ۾ رکن (328) پر هن دفعي انهن پٿرن جي رکڻ مان ڪو فائدو نه ٿيو. موٽي اچي کيس حقيقت ٻڌايائون. چوڻ لڳو ته منهنجو پيءُ سورة الحمد پڙهي چوڪاريندو هو. مون پڻ ائين ڪيو. ليڪن منهنجي پيءُ جي برڪت ظاهر هئي لڳي ٿو اها برڪت هن سان گڏ ختم ٿي وئي. مونکي ان ڪان وڌيڪ خبر ناهي.

شعلو: عزت ۽ فتوت جي صاحب، حلم ۽ حميت جي ڪاڻ، عارف يگانو درويش يعقوب پليجو صاحب ڪرامت هو. هڪ ڏينهن ڪانئس پڇيائون ته پنهنجون ڪرامتون ڇو ٿا ظاهر ڪريو؟ جواب ڏنائين ته جيڪي ڪرامت کي ڪا شيءِ سمجهن ٿا، اهي ان کي لڪائن ٿا ۽ ظاهر نٿا ڪن.

شعلو: حضرت جن پاڻ ذڪر ڪيو ته هڪ دفعي آءٌ ۽ ميرڻ ڪاتيار گڏجي مخدوم نوح رحه جي زيارت لاءِ روانا ٿياسون. واٽ تي هڪ هندوستان جو درويش به اچي اسان سان مليو. اسان هلندي هلندي اهڙي هنڌ اچي پهتاسون جو اسان جي آڏو [illegible] ٿي وهيو. پاڻي دريا جي ٻيءَ پر هو. اهو ڏسي ميرڻ

ڪاتيار شاهي چوبدارن وانگر آواز ڏيڻ شروع ڪيا. انهيءَ درويش کي اها ڳالهه نه آئڙي ۽ چوڻ لڳو مون سمجهيو ٿي ته اوهين خدا جا طالب آهيو. پر هينئر پڪ ٿي اٿم ته اوهان ڪنهن ٻئي گروهه منجهان آهيو. جيڪڏهن اسان کي هن جڳهه تي ٿي ڏينهن به گذري وڃن ها ته ڇا ٿي پوي ها. بلڪ هڪ گهڙي ترسڻ جي بجاءِ، توهان شاهي چوبدارن وانگر ملاح کي سڏڻ شروع ڪيو آهي. (329) ائين چئي هو هليو ويو.

شعلو: هڪڙا به فقير وڏي شوق منجهان خدا جي باري ۾ خبرون پيا ڪندا هئا ۽ پنهنجي مرشد کان پڻ ان سلسلي ۾ پيا پڇندا هئا. انهن مان هڪڙي فقير وٽ نوڪر به هو. هڪ ڏينهن ڏٺائون ته اهو فقير اڳ ۾ ۽ پنهنجو نوڪر سندس ڪؤنرو کنيو ٿي آيو. پير کي جڏهن اها خبر پئي ته چيائين ته ان فقير پاڻ کي ضايع ڪيو. ڇو ته هو خدا جي طلب کان پري آهي. اصل ۾ جيڪو پاڻ وٽ ڪو خادم نٿو رکي، بلڪ پاڻ کي ان جي جڳهه تي سمجهي ٿو، اهو خدا سان واصل ٿي سگهي ٿو.

شعلو: هڪ دفعي بزرگن جو سالار، واقف اسرار ۽ مقبول ابرار مخدوم نجيم جيڪو سيوهڻ جي پرسان ريل ڳوٺ ۾ رهندو هو، زماني جي عارف ۽ بزرگ، علم ۽ عمل جي ڪعبي، ورع ۽ حلم جي قبلي مخدوم نوح رحه وٽ هلي آيو. چوڻ لڳو ته مخدوم ڪهڙي ڪم ۾ مشغول آهن؟ ڪو به جواب نه مليس ته وري وڏي آواز سان ساڳيو سوال ورجايائين. مخدوم صاحب ڪنڌ مٿي ڪٿي جواب ڏنو ته ڪجهه نه پيا ڪن ۽ ان وقت هيءَ آيت پڙهيائون: "**والله خلقكم وما تعملون**" (96:37) يعني الله توهان کي به خلقيو آهي، ۽ جيڪي توهان ڪريو ٿا."

جڏهن اها آيت پڌائين ته پوءِ پري ٿي ويهي رهيو.

شعلو: هڪ پيري عارف رباني فاني في الله باقي بالله مخدوم نوح رحه ٺٽي ۾ تشريف فرما ٿيا. ٺٽي جا ملا اهو ٻڌي گڏ ٿيا چون لڳا ته اسان ٻڌو آهي ته مخدوم قرآن شريف جي اڻ ٻڌل يا نئين معنيٰ ٿو ڪري. اهو سوچي سڀ وٽس هلي آيا ۽ اچي اهو مسئلو پيش ڪيائون. اتي هڪ مريد وينو هو ان چيو ته جڏهن مخدوم صاحب قرآن جي معنيٰ شروع ڪئي ته مون تسبيح جا مڻڪا سورڻ شروع ڪيا. هڪڙي معنيٰ تي هڪڙو مڻڪو ٿي سوريم. جڏهن پاڻ معني

ڪري بس ڪيائون تہ مون تسبيح جا مڻڪا ڳڻيا تہ اهي پورا اسي ٿيا.

شعلو: هڪ شخص جو پٽ خدا جو طالب ٿي ويٺو. پيءُ نصيحت ڪندي چيس تہ ڇو اسان جا حق ادا نٿو ڪرين؟ ڇا اسان توکي انهيءَ لاءِ پالي وڏو ڪيو هو. اسان کي اميد هئي تہ تون وڏو ٿي اسان جي خدمت ڪندين. اهو ٻڌي پٽ اٿيو ۽ قرآن پاڪ کڻي پيءُ کي ڏنائين تہ قسم کڻي چؤ تہ جڏهن تو منهنجي ماءُ سان قربت ڪئي، ان مهل تنهنجي نيت ۾ اها ڳالهہ هئي تہ مونکي اهڙو پٽ عطا ٿيندو جيڪو منهنجي خدمت ڪندو. اهو شخص اهو ٻڌي خاموش ٿي ويو ۽ وڌيڪ ڪجهہ نہ ڪڇيو.

شعلو: هڪ ڀيري ڪيترا بزرگ ميڙ ڪري نڪتا. ساڻن درويش بي خويش، عامل ڪامل راڄو ستيو دل جنهن جي تربت ڳوٺ راڌڻ پرڳڻي لنداڻ ۾ آهي، پڻ گڏ هو. جڏهن هي سڀ ان قبيلي واران وٽ پهتا تہ هنن ڪين مهت نہ ڏنو. سيني کي ڏاڍو رنج پهتو ۽ ڪجهہ نہ کاڌائون. ليڪن درويش راڄو اهڙي وقت ۾ بہ انهيءَ قبيلي وارن جي هڪ گهر ۾ آيو ويو ٿي ۽ طعام (331) پڻي کاڌائين. بين بزرگن کي جڏهن اها خبر پئي تہ چوڻ لڳس اي راڄيا، اسان پاڻ کي بک ۾ ماري پاهہ ڪيو آهي. پر تون انهن وٽ پيو ٿو وڃين ۽ کائين پڻين جن اسانجو ڪو خيال نہ ڪيو آهي. درويش راڄو چوڻ لڳو تہ توهان کي جيڪي وڻيو سو بين سيني قبيلي وارن سان ڪيو. باقي هن گهر واري جو اسين پاڻهي خيال ڪنداسين.

شعلو: خدا جي برگزيده بندي ميرڻ ڪاتيار جي ڳالهہ تا ڪن تہ هو جڏهن ماڻهن کي ڪاڏي ڪارائڻ جو خيال ڪندو هو ۽ ماڻهو تمام گهڻا هوندا هئا ۽ ڪاڏو ٿورو تہ پوءِ عجيب اٽڪل ڪندو هو. جنهن ماڻهوءَ کي ڪاڏو ڪارائڻو هوندو هوس تہ ان جي پرسان وڃي مذاق ۾ ان جي پڳ لاهي پاڻ وٺي اندر ڀڄندو هو تہ اهو ماڻهو سندس پويان اندر هليو ايندو هو. پوءِ ان کي آرام سان ويهاري ماني ڪارائيندو هو.

شعلو: هڪ ڏينهن ڪيترا طالبعلم سيڙجي وقت جي شيخ عارف يگانہ، عالم صديق، عامل تحقيق، صاحب صدق، مسافر غائب و حاضر، محو ظاهر ۽ باطن قاضي قادن درٻيلي واري وٽ آيا. چوڻ لڳا تہ اسان ٻڌو آهي تہ توهان چئو ٿا تہ آءٌ خدا کي اکين سان ڏسان ٿو ۽ ٻين کي بہ ڏيکاري سگهان ٿو. جيڪڏهن اهو سچ آهي تہ پوءِ اسانکي ڏيکار. قاضي قادن چيو تہ بهتر،

هنن سيني کي حجري ۾ ويهاري پاڻ اندر آيو ۽ انهن سيني لاءِ قسمين قسمين جا طعام خاص طور گوشت جو جهجهو بندوبست ڪيائين. (332) اهو سڀ آٽي انهن جي آڏو حاضر ڪيائين. جيڪو هنن سيني ڪائي چٽ ڪيو. پر هنن لاءِ آخر تائين پاڻي اصل نہ آندائين. گوشت کائڻ کانپوءِ هنن گهڻو ئي پاڻي لاءِ چيو. پر ڪين هر وقت چوندو رهيو تہ ڪجهہ ترسو. هيڏانهن قاضي قادن حجري جو دروازو بند ڪري پاهران ڪڙو چاڙهي هليو ويو. هي سڀ آخر تائين پاڻي پاڻي ڪري گوڏن ۾ منهن وجهي ويهي رهيا. جهڙو مراقبو ڪري رهيا هجن ۽ انهيءَ حالت ۾ هو سڀ اونگهہ ۾ پئجي ويا. صبح جو قاضي قادن اچي دروازو کوليو تہ هو سڀ مٿس غصو ڏيکارڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا تہ اسان کي توهان مان اها اميد نہ هئي.

انهيءَ تي قاضي قادن چيين تہ پلا توهان ننڊ ۾ ڪجهہ ڏٺو. هڪڙن چيو تہ اسان پاڻ کي پاڻيءَ جي کوهہ اندر ڏٺو ۽ ٻين چيو تہ اسان پاڻ کي درياءَ ۾ تڙڳندي ڏٺو، جتي اسان خوب پاڻي پئي پيتو. اهو ٻڌي قاضي قادن کين مخاطب ٿي چيو تہ فقط هڪ رات اوهان سچي دل سان ٻيون سڀ ڳالهيون وساري پاڻيءَ جي طلب ڪئي تہ اوهان کي ننڊ ۾ بہ پاڻي نصيب ٿيو. انهيءَ ڪري جيڪي ماڻهو خدا کي محبت وچان سالن جا سال ياد ڪن ٿا ۽ ان جي طلب ۾ ڪيترا ڪشالا ڪڍن ٿا، سي ڪيس چو ڪو نہ ڏسي سگهندا. اهو ٻڌي اهي طالبعلم ڏاڍا شرمندا ٿيا ۽ ڪجهہ ڪڇڻ کانسواءِ اتان روانا ٿي ويا.

شعلو: وقت جي ولي، عزت ۽ برڪت جي صاحب شيخ پرڪيي چڪيي ڪاتيار کي ڪن ماڻهن اچي ٻڌايو تہ رڪن الدين پٽ ڏٺو اهڙو آواز ٿو ڪڍي جو ان سان ٻڌندڙ جو دم پرواز ٿو ڪري وڃي. اهو ٻڌي شيخ پرڪيو چوڻ لڳو اسان ڪنهن کي مارڻ واري ڳالهہ نٿا پسند ڪيون. البت ايتري سگهہ پاڻ ۾ سمجهون ٿا تہ حضرت آدم عليہ السلام کان وٺي هن وقت تائين جيڪي مري چڪا آهن، انهن کي زنده ڪجي. ليڪن شرم ٿو اچي تہ انهيءَ ڳالهہ ۾ حضرت رسالتمآب (333) ﷺ پڻ هٿ نہ وڌو.

شعلو: صاحب ولايت ۽ عزت، صاحب هدايت ۽ بصيرت سيد حيدر شاهہ سن تعلقي سيوهڻ واري جي ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ ڏينهن ماڻهن جي ميڙ ۾ ويهي چوڻ لڳو تہ اسان خدا ڏانهن ويندڙ ايترين واٽن جي خبر رکون ٿا، جو هر

ماڻهوءَ کي هڪ جدا رستي سان ان تائين پهچائي سگهون ٿا. ايتريقدر جو انهن مان ڪنهن کي اها خبر نہ پوندي تہ ڪير ڪهڙي رستي سان ويو.

شعلو: قاضي قادن پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ ڏاهو انسان هو. هن جو تعلق بکر پرڳڻي ۾ دربيلي شهر سان هو. هڪ ڏينهن هن ڏٺو تہ ڪو ملامتي درويش مسجد جي محراب ۾ اگهاڙو ٿي قبلي جي طرف پير ڪري سمهي پيو آهي، سو درو ڪڻي اچي مٿانئس بيٺو تہ جئن کيس هٽان. جڏهن پيرن وٽ بيهي درو الاريائين. ڏٺائين تہ ان جڳهہ تي درويش جو مٿو آهي. اهڙيءَ طرح وري ڪوشش ڪيائين تہ مٿي جي جاءِ تي پير نظر آيس. پوءِ پيرن جي طرف ويو تہ اتي پڻ مٿو نظر نہ آيس. اهڙيءَ طرح جڏهن بہ پيرن جي طرف ٿي ويو تہ مٿو ٿي نظر آيس. اها صورتحال ڏسي ڏاڍو حيران ۽ پريشان ٿيو. ايتري ۾ ان درويش قاضيءَ جي طرف نهاريو ۽ چيائينس. پير جيڏانهن وڃني تيڏانهن ڪر. پر پنهنجي دل سنڀال! اهو ٻڌي قاضيءَ درو ڪڻي هيٺ رکيو ۽ خدا جي طالبن ۾ شامل ٿي ويو. ان وقت هي بيت پڙهيائين.

[98]

جوڳيءَ جاڳايوس، سُتو (334) هوس ننڊ ۾،
تهان پوءِ ٿيوس، سندي پريان پيچري.

[جوڳيءَ مون کي سجاڳ ڪيو، نہ تہ مان اڳ ننڊ ۾ هيس. انهيءَ ڪان پوءِ مان پرينءَ جي پيچري تي هلڻ لڳو آهيان.]

شعلو: هڪ ڏينهن وقت جي شيخ ۽ عارف صاحب اسرار شيخ پرڪيي کان پڇيائون تہ هن وقت هرڪو ماڻهو وقت جي قطب ۽ غوث عارف رباني شيخ بهاءُ الدين ملتانيءَ جو مريد آهي پر توهان ڪو نہ آهيو. ان جو ڪهڙو سبب آهي؟ انهيءَ وقت سندس هٿ ۾ کير جو پيالو هو سو چا ڪيائين جو ان پيالي سوڌو زمين ۾ ٽبي هنيائين ۽ سڌو وڃي ملتان ۾ غوث بهاءُ الدين جي سجاده نشين جي گهر پهتو. جتي سجاده نشين اڃان پنهنجي پلنگ تي گهر واريءَ سان گڏ ويٺو هو. شيخ پرڪيي کين کير جو پيالو پيش ڪيو تہ کيس چيائون ڪجهہ خيال ڪر تہ ڪٿي اندر هليو آيو آهين. توکي ادب ڪرڻ گهربو هو. شيخ اهو ٻڌي پنهنجو منهن ٻئي طرف ڪري دست بيعت لاءِ چيو ۽ وري ڪڻي ٽبي هنيائين تہ انهيءَ ساڳي هنڌ اچي نڪتو جتي اڃان اهي ماڻهو مجلس ۾

وينا هئا. اها ڳالهه سيني کي بڌايائين تہ هينئر ملتان ۾ دست بيعت ٿي آيو آهيان. سڀ حاضرين ٻڌي عجب ۾ پئجي ويا.

شعلو: حضرت جن فرمايو تہ ننڍي هوندي مان ۽ منهنجو وڏو ڀاءُ سيد جلال هڪڙي ٽانءِ ۾ ڪاٺيندا هئاسين. اوچتو هڪ ڏينهن ٽالهه ڳر ٿي ويو ڪا خبر نہ پئي تہ ڪير ڪٽي ويو. منهنجو ڀاءُ اٿيو ۽ گهر ڪان ٻاهر (335) ڳولهڻ لڳو تہ ڏٺائين تہ وڻ ۾ ٽنگيو پيو آهي. هڪ دفعو ٻيهر بہ ائين ٿيو تہ وري منهنجو وڏو ڀاءُ ڳولهي ڪٽي آيو. آخر تائين اها خبر نہ پئي تہ اسانجو اهو ٽالهه ڪير ٿي ڪٽي ويو. بظاهر ائين ٿي لڳو تہ ڪو جن ڪٽي ٿي ويو.

شعلو: درويش بي خويش. متصرف اسرار ۽ متوڪل ابرابر بهاءُ الدين گودڙيي لاءِ چون ٿا تہ اوائل ۾ هو جوڻ ۾ رهندڙ عارف ۽ ولي موسيٰ رحہ جي خدمت ۾ رهندو هو ۽ ان کان ذڪر جي تلقين حاصل ڪئي هئائين. بلڪ هن جي خاص مريدن ۾ شامل هو ۽ ٻيا مريد ان سبب سندس وڏي عزت ڪندا هئا. ايتريقدر جو جڏهن اندر داخل ٿيندو هو. تہ سڀ اٿي بيهندا هئا ۽ جڏهن روانو ٿيندو هو تہ وڏي تواضع ڪندا هئا. هڪ ڀيري جڏهن بهاءُ الدين مخدوم نوح عليہ الرحمة جي مجلس ۾ آيو تہ ڏٺائين تہ سڀ مريد خدا جي ذڪر ۾ مشغول آهن ۽ ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي اچڻ وڃڻ وقت ڪا تواضع نٿي ڪيائون. اهو ڏسي دل ۾ چوڻ لڳو تہ اي بهاءُ الدين. توکي پنهنجي دل جي مراد ۽ مقصد هتان حاصل ٿيندو. ان کان پوءِ پنهنجي اصلوڪي پير مرشد کي ڇڏي مخدوم نوح جي خدمت ۾ وڏي جفاڪشيءَ کان ڪم ورتائين. اهو ئي سبب هو جو هو پوءِ مخدوم نوح عليہ الرحمة جي وڏن ۽ خاص يارن ۾ شمار ٿيڻ لڳو.

شعلو: حضرت جن فرمايو تہ هڪ ڏينهن آءٌ ڪنهن فقير وٽ وينو هوس. اتفاقاً بزرگن جي اڏامڻ جو ذڪر وچ ۾ آيو. اهو ٻڌي فقير چوڻ لڳو تہ اهي اڏامڻ واريون ڳالهيون وقتي آهن. مان پاڻ ڪجهہ وقت اهڙن فقيرن سان گڏ رهيو آهيان. جيڪي اڏامندا هئا. پر هينئر انهن جي اڏامڻ جي ڪا خبر نہ اٿم.

شعلو: (336) هڪڙي شخص صاحب تعظيم ۽ شرف. واقف اسرار شيخ پرڪيي ڪاتيار وٽ نذر باسيو تہ جيڪڏهن منهنجو فلاڻو ڪم ٿي ويو تہ آءٌ مينهن ڏئي ويندس. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ان شخص جو واقعي اهو ڪم ٿي ويو تنهن ڪري ڪنهن خادم کي موڪليائون تہ ان شخص وٽان مينهن ڪاهي

اچي. اهو خادم ان شخص وٽ پهچي مينهن ڪاهي اچي رهيو هو ته رستي ۾ دريا پار ڪرڻ وقت ٻڏڻ لڳو. مريد اهڙيءَ مهل مرشد کي گهڻو ئي ياد ڪيو. پر پاڻي به اونهو هو سو ٻڏڻ لڳو. آخر تنگ ٿي شيخ جي ڏيءَ لاءِ گاريون ڪڍڻ لڳو. پر ايتري ۾ ٻڏڻ کان بچي ويو ۽ مينهن سوڌو اچي ڪناري تي پهتو. مينهن ڪاهي اچي مرشد وٽ حاضر ٿيو. شيخ پرڪيي زنده ڏسي کيس چوڻ لڳو ته درياءَ سان زور بازي پاڻ تي ڪيئي ۽ گاريون اسان کي ٿي ڏنئي. مريد اهو ٻڌي دل ۾ ڏاڍو شرمندو ٿيو ۽ توبه تائب ٿيو.

شعلو: هڪ ڏينهن درويش پلي سميجو ساگري جي درياءَ جي ڪناري تي مڇي ڦاسائڻ جي ارادي سان چار هٿ ۾ جهلي ويٺو هو. ٿوري دير ۾ هن چار ڪٽي پاڻيءَ ۾ اڇليو ۽ انتظار ڪرڻ لڳو ته جيئن مڇي ڦاسي، پر ڪافي دير ڪانپوءِ به ڪا مڇي چار ۾ ڪو نه آئي. خدا کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو يا ڏي يا وٺ. اجان اتي ئي ويٺو هو ته واهڙ جو ڪپر سندس پيرن هيٺان کسڪي پاڻيءَ ۾ ڪرڻ لڳو. (337) خوف وچان پنتي هٽي ويهي رهيو ۽ چوڻ لڳو عجب آهي ته سندس ڏيڻ ڏکيو وٺڻ سولو آهي.

شعلو: حظيره قدس جو ساڪن سلطان روح مخدوم نوح رحه هالڪنڊيءَ وارو فرمائيندو هو ته فقط پنج لقما کائڻ گهرجن. ليڪن انهن مان به اسان به خدا واسطي ڇڏي ڏنا ۽ باقي ٿي کائيندا آهيون.

شعلو: حضرت جن فرمايو ته خدا جي برگزيده ٻندي درويش احمد رونجهي جي هڪ ڏينهن مون سان ملاقات ٿي. چوڻ لڳو ته منهنجي پٽن لاءِ دعا گهر ته خدا کين جهجهو رزق ڏئي. مون کيس جواب ڏنو ته آءٌ اها دعا ڪندس جيڪا آءٌ پنهنجي پٽن لاءِ ڪندو آهيان. پڇڻ لڳو ته اها ڪهڙي دعا آهي؟ چيومانس اها هيءَ دعا آهي ته خداوندا منهنجي پٽن کي هڪڙي ويلي جي سگهه ڏئي. البت انهن کي پنهنجي معرفت مان ڀرپور حصو ڏي. درويش احمد کي چيم ته مون وٽ اها دعا آهي. ان ڪانسواءِ ٻي ڪانهي.

شعلو: مخدوم ساهڙ لنجار انڙپور واري جو هڪ مريد هو جيڪو هميشه مرشد لاءِ ڪوزو ڀري رکندو هو. جڏهن پير مرشد وفات ڪئي تڏهن به ان مريد اها خدمت نه ڇڏي. بلڪ ٻين جا ڪوزا ڀري رکندو هو. تانجو اهو مريد پاڻ مرشد ٿي ويو. پر پوءِ به اها عادت ترڪ نه ڪيائين. حضرت جن کي اها

ڳالھ ڏاڍي پسند هئي ۽ پاڻ ان کي بار بار دھرائيندا هئا.

شغلو: حضرت جن فرمايو تہ هڪ ڏينهن هندوستان جي بهار پرڳڻي جو هڪ درويش جيڪو ٽنڍي ۾ آيل هو (338) مون سان گڏ هو ۽ اسان ڪاڏي وڃي رهيا هئاسين واٽ تي هڪ هنڌ سماع ٿي رهيو هو. سو اسان اتي ويهي رهياسين. اهو درويش پڇڻ لڳو تہ اهي ماڻهو "همہ همہ" چئي رهيا آهن، ان جو ڇا مطلب آهي؟ ٻڌايومانس تہ ان جو مطلب "همہ اوست" يعني "سڀ هو پاڻ آهي". وري پڇيائين تہ انهن مان ڪجھ "اح" چئي رهيا آهن. ان جو ڇا مطلب آهي. ٻڌايومانس تہ "احد احد" پيا چون. اهو ٻڌي ڳچيءَ ۾ ٻڌل تعويذ ۽ مڻڪا لاهي ڪڍي ڦٽي ڪيائين. ۽ پاڻ بہ سماع ۾ مشغول ٿي ويو.

شغلو: چون ٿا هڪ گروھ اهڙو آهي، جيڪو خدا جي راھ ۾ سڀ ڪجھ ڏئي ڇڏڻ چاهي ٿو. يعني **لن تنالوا البر حتیٰ تنفقوا مما تحبون** (سوره3:92) **يعني** توهان هرگز نيڪيءَ کي نہ رسندا جيستائين توهان پنهنجي پسند واريون شيون ڏئي نٽا ڇڏيو". بلڪ اهي پنهنجن زالن لاءِ بہ انفاق يعني ڏئي ڇڏڻ جي ڳالھ ڪن ٿا. آخر انهن جي هڪ بزرگ سان ملاقات ٿي تہ هن کين پنهنجون زالون ڏيئي ڇڏڻ کان منع ڪئي ۽ کين چيائين تہ اهو ان ڪري ڇاڪاڻ جو توهان بيهر انهن کي وٺي آڻي سگهو ٿا. اهو بزرگ چوڻ لڳو تہ خدا جي واٽ ۾ اهڙي چيز ڏيو. جيڪا واپس ٿي نہ سگهي ۽ اها دل آهي.

باب ستون

تصرفاتن جي بيان ۾ :

زماني جي قطب، فاني في الله باقي بالله، سنت مصطفوي جو نگهبان، ملت جو معاون، الاهي اسرارن جو خزانو،انوار الاهي جي کاڻ، هدايت ۽ ولايت جو امين، عابدن جو شرف، زاهدن جو مرڪ، عارفن جو پيشوا، اهل صفا جو اڳواڻ، اهل رضا جو سرموڙ، (339) زماني ۽ وقت جو يڪتا، مريدن جي دلين جو پارکو، برگزيده يعني حضرت سيد عبدالڪريم قدس سره جي تصرفات، خوارق ۽ عادات، ڪرامتن ۽ برڪتن جو بيان. هن باب جي شروعات ۽ پڇاڙي ٻن فصلن تي مشتمل آهي، پهرئين فصل ۾ تصرفات ۽ ٻئي فصل ۾ خوارق، عادات ۽ ڪرامتون آهن.

فصل پهريون

تصرفات:

چاڻ گهرجي تہ هن سلسلي ۾ حضرت جن جا مخفي توڙي ظاهري تصرفات تمام گهڻا آهن. انهن مريدن جو شمار ئي نٿو ڪري سگهجي ۽ اسانکي خبر ناهي تہ ڪيترا آهن جن کي ظاهري ذڪر جي تلقين سان نوازيائون ۽ بيا الائجي ڪيترا آهن، جن کي باطني فيض رسايائون.

وري الائجي ڪيترن کي انهن جي تصرف جو حصول ٿيو ۽ ڪيترن تي شفقت ۽ عنايت ڪيائون، مطلب تہ عقل کي اها سگهہ ڪانهي تہ قدرت جي انهن رازن کي ظاهر ڪري سگهي. ائين فڪر وسيلي پڻ انهن جو اظهار ۽ سمجهائڻ مشڪل آهي، انهي سبب جي ڪري مون اختصار کان ڪم ورتو آهي ۽ صرف کي ڳالهيون جيڪي تصوف جي صاحبن کان ٻڌيون اٿم اهي لکڻ تي اڪتفا ڪريان ٿو، ڇو تہ جيڪڏهن سڀني مريدن کان تصوف جي باري ۾ ٻڌل واقعا هتي بيان ڪريان ها، تہ ڪتاب تمام وڏو ٿي وڃي ها. اهو ئي سبب آهي جو مشت از خروار طور ڪجهہ نقل هتي لکيا اٿم. **اللهم ثبتنا مع جميع المؤمنين علىٰ صراط المستقيم.**

نقل: هڪ ڏينهن حضرت جن ٺٽي شهر ۾ پنهنجي خانقاهہ اندر ڪاڏو پٺي ڪاڏو. جڏهن ڪائي بس ڪيائون تہ بچيل ڪاڏو مريدن ۾ ورهائڻ لاءِ ڇيائون. چون ٿا تہ اتي وينل مريد ڪاڏو نہ ڪاڏو پر اتي آيل هڪ سوداگر اهو بچيل ڪاڏو ڪائي پورو ڪيو (340). ڪائڻ جي دير هئي : سوداگر واصل باالله ٿي ويو ۽ صفت مجذوبي کٽي اختيار ڪيائين. بلڪ غيب جون خبرون ڏيڻ لڳو. جڏهن آخر اها خبر وڃي ان سوداگر جي پيءُ ماءُ کي پهتي، تہ اهي ڏاڍا پريشان ٿيا ۽ ڪشالا ڪڍي اچي حضرت جن جي خدمت ۾ پهتا. حضرت جن انهن کي لاچار ڏسي دعا ڪيائون تہ سندن پٽ اصلي حالت ۾ اچي، آخر ائين ٿيو ۽ اهو سوداگر پنهنجي اصلي حالت ۾ اچي ويو.

نقل: هڪ مريد چيو تہ هڪ ڀيري آئون سهي سنبري حضرت جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ ٺٽي روانو ٿيس، جڏهن خدمت ۾ پهتس تہ پاڻ حجري جي دروازي تي بيٺا هئا. مونکي اڪيلو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. موڪلائڻ وقت چوڻ

لڳا ته جڏهن به ڪو شخص پنهنجي پير جي حاضري ۾ اچي ٿو ته ان جو اچڻ ڪڏهن به خالي نٿو وڃي. پڪ ڄاڻج ته هر پيري جيڪڏهن حو جي داڻي جيترو فائدو ٿئي ان کان وڌيڪ بهتر آهي جو هڪ ئي وقت سڀ ڪجهه ملي وڃي. ڇو ته جيڪي ٿورڙو ۽ آهستي آهستي ملي ٿو اهو ديرپا ۽ مستقل آهي. اهو ختم نٿو ٿئي. مريد چيو ته آءٌ جڏهن ڳوٺ موٽي آيس ته مون کي واقعي ان ڳالهه جي اهميت جو احساس ٿيو ۽ ان کانپوءِ مون پاڻ تي اها روش لازم ڪري ڇڏي.

نقل: هڪ مخلص ٻڌايو ته هڪ ڏينهن آءٌ ننئي شهر مان تيار ٿي حضرت جي خدمت ۾ روانو ٿيس. جڏهن سندن ڳوٺ پهتس ته پاڻ اتي ڪو نه هئا ۽ ڪنهن ٻئي طرف ويل هئا. مون ان طرف جو رخ رکيو. اهو شاهه جو وڳڙو هو. واٽ تي هڪ ڏکئي رستي ۾ اچي ڦاٿس جو هر طرف جهنگل ئي جهنگل هو تانجو (341) رستي ۾ ئي رات پئجي وئي. هلندي هلندي اچي پاڻيءَ جي هڪ اڻ ڪٽ ڇَرَ ۾ ڦاٿس. ايتري قدر جو نڪرڻ جي ڪابه واهه نظر نٿي آئي. سمجهيم ته هاڻي بچڻ مشڪل آهي. اوچتو آواز ٻڌم جيڪو ڇٽي رهيو هو رستو هن طرف آهي. مونکي يقين ٿي ويو ته اهو آواز پڪ حضرت جن جو آهي. مون کي جڏهن ان طرف هلڻ شروع ڪيو ته واقعي ڪجهه دير کانپوءِ انهيءَ مصيبت مان نجات ملي وئي. ڪجهه دير مس پنڌ ڪيم ته اوچتو روشنيءَ جو ترورو نظر آيم. سو ڪيئن به ڪري اچي اتي پهتس. اتي پڪ به اچي مونکي ڪنيو. آخرڪار اڌ رات جو اچي حضرت جن جي خدمت ۾ پهتس. انهي وقت سندس آڏو کير ۽ پينهون رڌل پيا هئا. جيڪي کڻي مونکي ڏنائون ۽ چوڻ لڳا ته ايتري مشقت ڪرڻ ۽ پاڻ کي ڏولائي ۾ وجهڻ جو ڪهڙو ضرور هو؟ مون عرض ڪيو ته توهان صحيح فرمايو ٿا. پوءِ چوڻ لڳا ته جيستائين مريد پاڻ کي پتنگ جيان هر قسم جي قربانيءَ لاءِ تيار نٿو ڪري، تيستائين هو پنهنجي مراد نه ماڻيندو. خير. اها رات اتي رهي صبح جو روانا ٿياسون ته پاڻ به ننئي شهر هلڻ لاءِ گهوڙيءَ تي سوار ٿيا. آءٌ به ساڻن گڏ هلڻ لڳس. واٽ تي پنڌ جي ٿڪاوٽ سبيان ڪيترا پيرا منهنجي خراب حالت ڏسي چيائون ته گهوڙيءَ جي زين کي وٺي هل. مون جڏهن ائين ڪيو ته مونکي محسوس ٿيو ته ڪا غيبي قوت مونکي طاقت ڏئي رهي هئي ۽ آءٌ ان جي تصرف ۾ هوس. ايتريقدر جو ان جو بيان ڪرڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي.

گهڻي عرصي گذرڻ کانپوءِ مون کي هڪ ڏينهن حضرت جن کان پڇيـو تہ تجلي ڪنهن کي ٿا چون؟ چيائون تہ زبان سان ان جو بيان مشڪل آهي، (342) البت دل کي ان جي آگاهي حاصل ٿئي ٿي. ان کانپوءِ مون کـي وڏي راز جون نصيحتون ۽ نڪتا ٻڌايائون. جن جو منهنجي دل تي تمام گهڻو اثر ٿيو ۽ جڏهن آءٌ ڪانئن موڪلائي پنهنجي ڳوٺ آيس تہ منهنجي دل ۾ تصرف ۽ الاهي عشق جي جوش هر وقت محسوس ٿيڻ لڳي.

هڪڙي مخلص کان نقل آهي تہ هڪ ڀيري حضرت جن جي خدمت ۾ منهنجي هڪ پهتل فقير سان ملاقات ٿي، جنهن مون کي لا الہ الا الله جي ذڪر جي تلقين ڪئي. اهو ذڪر منهنجي دل ۾ نهايت محڪم ٿي ويو. پر گهڻي مشغوليءَ سبب ڪن ڏينهن کانپوءِ هڪبئي پٺيان فاقا ڪرڻ لڳس. آخر هڪ ڏينهن اهو فقير مون کي هٿ کان جهلي حضرت جن وٽ وٺي آيو. ان وقت منهنجي هٿ ۾ انهيءَ ذڪر وارو رسالو هيو ۽ دل ۾ اهو ذڪر جاري هو. ٿوري دير ترسي مونکي چوڻ لڳا تہ: ڪي بزرگ لا الہ ا لله جو ذڪر تہ ڪن ٿا. پر لفظ "الله" کي ٻاهر ڪڍن ٿا ۽ الف لام کي اندر نين ٿا. ليڪن بهترين طريقو ذڪر جو الله الله وارو آهي. جو تہ سڀ انبياء ۽ اولياء پوئين ساھ کڻڻ وقت گريو ڪندا هئا. ان ڪري تہ جڏهن پساھ پورا ٿين تہ "هو" جو آواز ٻاهر نڪري ۽ "الا" جو آواز اندر رهجي وڃي.

ان مخلص جو بيان آهي تہ جڏهن مون اهو نڪتو ٻڌو تہ منهنجي دل تان "لاالہ الله" جو ذڪر هميشہ لاءِ غائب ٿي ويو ۽ ان جي بجاءِ "الله" جو ذڪر هميشہ لاءِ جاري ٿي ويو. اهڙيءَ طرح حضرت جن جي مريدي قبول ڪيم ۽ ان ڏينهن کان وٺي اهو ذڪر ڪندو اچان جنهن جي پاڻ تلقين ڪيائون.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن مخدوم عبدالرشيد بصير جيڪو پنهنجي وقت جو جيد عالم سگهورو هو، حضرت جن جي خدمت ۾ آيو. پاڻ نهايت شفقت جي نظر سان کيس نهارڻ لڳا. (343) چون ٿا تہ مخدوم عبدالرشيد تي ان هڪڙي نظر تمام گهڻو اثر ڪيو جو ان کانپوءِ ذڪر حق ۾ ايترو مشغول ٿي ويو. جو ڪانئن ٻيئڻ ۽ پڙهڻ پڙهائڻ ترڪ ڪري ڇڏيائين. آخر اها حالت ڏسي هن جا پيءُ ماءُ ۽ پائر سخت پريشان ٿيا ۽ ميڙ ڪري حضرت جن وٽ هلي آيا تہ خدا جي واسطي. ان صورتحال جو ازالو ڪريو. پاڻ جڏهن دعا ڪيائون تہ هو وري ان

ساڳي حالت تي موٽي آيو.

نقل آهي تہ درويش عبداللطيف پڻ هڪ دفعي حضرت جن جي مجلس ۾ آيو تہ سندس دل تي ذڪر الاهيءَ جو غلبو ٿي ويو ۽ پاڻ کي حضرت جن جي تصرف ۾ محسوس ڪيائين. آخر پنهنجي زبان مان چوڻ لڳو تہ مونکي واقعي تمام گهڻو فائدو ٿيو.

هڪڙي مخلص چيو تہ مرض جي حالت هوندي بہ آءٌ جڏهن حضرت جن جي صحبت ۾ ويس تہ ڪڏهن بہ فائدي کان خالي نہ موٽيس. بلڪ آءٌ جڏهن بہ خدمت ۾ ويس تہ مون پاڻ تي سندن تصرف محسوس ڪيو. ايتري قدر جو آءٌ پاڻ کان بيخبر ٿي ويندو هوس.

هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ عيسو فقير جيڪو حضرت جن جو ويجهو ساٿي هو، وٽن اچي پنهنجي پٽ جي شڪايت ڪرڻ لڳو تہ هو گهڻو رلي ٿو ۽ ڪو ڪم ڪار نٿو ڪري. اهو ٻڌي پاڻ چوڻ لڳا تہ ڍڳي گم ٿي وئي هيس، سا هينئر ملي اٿس، سو هاڻي سانتيڪو آهي.

هڪ ڀيري عيسو فقير سخت بيمار ٿي پيو سو پاڻ سنپري ان جي عيادت لاءِ نڪتا. اتي پهچي چيائون تہ هڪ رسو ڪٺي اچو تہ جئن فقير کي ان سان ٻڌي ڇڏجي. چون ٿا تہ فقير کي جڏهن رسي سان ٻڌائون تہ هو واصل بالله ٿي ويو ۽ ان ڪانپوءِ جيڪو ماڻهو ڪانئس پڇڻ ٿي آيو تہ ان کي چوڻ لڳو (344) تہ حضرت جن وٽ وڃو، جيڪي توهان کي خدا سان ملائي ڇڏيندا.

چون ٿا تہ جڏهن عيسو فقير مرض الموت ۾ مبتلا ٿيو تہ پاڻ ڪٺائي حضرت جن وٽ آيو. پاڻ ڏانهس مخاطب ٿي چوڻ لڳا تہ توکي تجريد ۽ تفريد ٻئي حاصل ٿيا. اجان ٻيو وڌيڪ توکي ڇا گهرجي؟

هڪ لڳا اهو ساڳيو فقير مٽي تي ڪانئن جي ڀري ڪٺي اچي حضرت جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. جيئن حضرت جن مٿس نظر شفقت ڪئي تہ سندس حالت غير ٿي وئي ۽ اهو سڀ ڪجھ حاصل ٿي ويس جنهن جي ڳولا ۾ هو.

انهيءَ ساڳئي فقير کان نقل آهي تہ هڪ رات مون خواب ۾ ڏٺو تہ حضرت جن وٽ هڪ نهايت رعبدار ۽ نوراني شخصيت جنهن جي تعريف بيان کان ٻاهر آهي تشريف فرما آهن. مان پاڻ سندن خدمت ۾ حاضر بيٺو هوس. ايتري ۾ مون ٻڌو تہ انهيءَ شخص حضرت جن کي چيو تہ عيسي فقير تي شفقت

جي نظر رکجو. حضرت جن وراثيو تہ بيشڪ ائين ڪندس. ڇون تہ اها شخصيت نبي ڪريم پيغمبر اسلام پاڻ هئا.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت جن ڪاڏو ڪائي رهيا هئا تہ هڪڙو فقير اچي نڪتو. پاڻ جيڪي بچايو هئائون، اهو ڪڻي ان جي آڏو رکيائون. ان فقير جڏهن اهو ڪاڏو ڪائي بس ڪئي، تہ بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيو ۽ پورا ڇهہ مهينا بي خبر رهيو. آخر مس مس وڃي هوش ۾ آيو.

نقل ٿا ڪن تہ هڪڙو شخص نصرپور جي پسگردائيءَ ۾ پنهنجن مُگن جي فصل ۾ ڪم ڪري رهيو هو ۽ حضرت جن پنهنجي ڳوٺ ۾ هئا. حڪم الاهي جي تقاضا ٿي تہ ان شخص کي اتي تلقين ۽ هدايت ڪن. آخر ائين ٿيو ۽ اهو شخص (345) اتي ئي ذڪر فڪر ۾ مشغول ٿي ويو.

هڪ مريد کان نقل آهي تہ اوائل جوانيءَ ۾ آءٌ پنهنجي مال جو وڳ چاريندو هوس. منهنجا پيءُ ماءُ سڪيا ستابا ۽ مالوند هئا. هڪ رات خواب ۾ ڏٺم تہ ڪو شخص آيو. جيڪو مونکي چئي رهيو هو تہ، آهي ڪو جنهن کي اسان ذڪر جي تلقين ڪريون؟ مون چيو تہ آءٌ حاضر آهيان، اها عنايت مون تي ڪئي وڃي. فرمايائون تہ دنيا کي ترڪ ڪرڻو پوندو ۽ توبہ ڪندين! عرض ڪيم تہ آءٌ تيار آهيان. ان کانپوءِ مونکي ذڪر جي تلقين ڪيائون ۽ پاڻ غائب ٿي ويا. آءٌ جڏهن ننڊ مان سجاڳ ٿيس تہ محسوس ڪيم تہ واقعي منهنجي دل الله الله چئي رهي هئي. فوري طور دنيا کان قطع تعلق ڪئي ڪيم تہ ۽ توبہ تائب ٿيس. آخر هڪ سال کانپوءِ جڏهن حضرت جن جي خدمت ۾ اچڻ ٿيو تہ محسوس ڪيم تہ ذڪر جي اها تلقين حضرت جن ڪئي هئي.

هڪ مريد کان نقل آهي تہ حضرت جن جي صحبت مان فيضياب ٿيڻ کان اڳ آءٌ سيد علي شيرازي، پير مراد ۽ عسيٰ لنگوٽيءَ جي مزارن تي ڪيترا چِلا ڪڍي چڪو هوس تہ جيئن قلبي ذڪر حاصل ٿئي. مون ان نموني ڪافي وقت گذاريو، پر ڪو فائدو نہ ٿيو. آخر ٺٽي شهر ڏانهن واپس آيس، جتي هڪ هنڌ مون ڏٺو تہ ڪي ماڻهو ذڪر ۾ مشغول هئا. پڇا ڪيم تہ هي ڪير آهن. پتو پيو تہ اهي حضرت جن جا مريد هئا. مون سندن پڇا ڪئي. چيائون تہ حجري ۾ آهن. مان اتي اچي حاضر ٿيس. پاڻ مونکي ڏسي چيائون تہ انهن يارن سان وڃي ويهہ ۽ ذڪر ۾ مشغول ٿيءُ. اهي لفظ ٻڌي انهيءَ ساعت

منهنجي قلب ۾ الله الله جو ذڪر جاري ٿي ويو ۽ ان ڪانپوءِ اٿي اچي انهن يارن سان ذڪر ۾ شامل ٿي ويس.(346)

هڪڙي ڪامل مريد کان نقل آهي ته آءٌ ٽي راتيون مسلسل حضرت جن جي خدمت ۾ هئس. آخر هڪ رات پنيرڪي مهل منهنجي مٿي ۾ اچي ننڊ جو اثر ٿيو ۽ اتان اٿي اچي هڪ واهڙ جي ڪناري تي وضو ڪيم. ايتري ۾ مونکي گهل اچي وئي ۽ ڏٺم ته حضرت جن مونکي هڪ ڏاڙهون ۽ مٺائي ڏئي رهيا آهن. وڏيڪ چيائون ته سترهن ڏينهن ڪانپوءِ مولانا محمد عالم ڪنهن جي فاتحه پڙهندو. مان جڏهن سجاڳ ٿيس ته ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ مونکي فرزند عطا ٿيو جو سمجهيم ته ڏاڙهونءَ مان اها مراد هئي. اهڙيءَ طرح سترهن ڏينهن ڪانپوءِ مولانا محمد عالم واري ڳالهه به صحيح ثابت ٿي مٺائيءَ جو اثر پڻ خدائي حڪم موجب ظاهر ٿيو جو اها سندن تصرف جي خاص نشاني هئي ۽ اها اهڙي عنايت هئي، جيڪا وڏيڪ رمز جو سبب هئي.

نقل آهي ته هڪ مريد ٻڌايو ته هڪ ڏهاڙي حضرت جن جو هڪ خاص مريد مونکي سندن خدمت ۾ وٺي آيو ۽ ڪين عرض ڪرڻ لڳو ته قبلا هن کي ذڪر جي تلقين ڪريو. حضرت جن انهيءَ وقت الله الله جو ذڪر تي فرمايو. مون تي انهيءَ جو ايڏو اثر ٿيو، جو اهو ذڪر هميشه لاءِ منهنجي دل ۾ گهر ڪري ويو.

فصل ڇهون

ڪرامتون:

چاڻ گهرجي تہ حضرت جن جو مرتبو ڪرامتن کان مٿي آهي ۽ اُن ڪري ڪانئن ڪرامتن جو ظاهر ٿيڻ مناسب نٿو لڳي، پر ڇاڪاڻ تہ ڪجهہ ڪرامتون ڪن يارن دوستن بيان ڪيون آهن، تنهن ڪري انهن مان ڪي هتي بيان ڪجن ٿيون. جيتوڻيڪ چون ٿا تہ حضرت جن ڪرامتن کان ڪراهت ڪندا هئا ۽ انهن کي لڪائڻ جي ڪوشش (347) ڪندا هئا. پاڻ ڪرامتن کي ڪڏهن چڱو نہ سمجهيائون. ان ڪري انهن جو ظاهر ظهور بيان نہ ڪندا هئا ۽ اهو ئي سبب آهي جو ڪيترين جي خبر ڪونهي. پر جيڪڏهن ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ منجهان سندن ڪرامتن ۽ برڪتن کي ويهي ڪٺو ڪجي تہ اهو وڏو ڪتاب بنجي پوندو. بهرحال هتي ڪجهہ ڪرامتون جيڪي ثقي وارن کان معلوم ٿيون سي لکجن ٿيون.

هڪڙي سچي مريد کان نقل آهي تہ آءٌ جڏهن ڳڀرو هوس تہ هڪ ڏينهن پنهنجي استاد سان گڏجي جيڪو مونکي قرآن پڙهائيندو هو، سيد علي شيرازي رحمت الله عليه جي درگاهہ تي آياسون، اتي ڪيترا بزرگ سماع ۾ مشغول هئا. جڏهن ڪجهہ دير گذري تہ منهنجي استاد مونکي چيو تہ تو ان شخص کي ڏٺو جيڪو انهن سيني ۾ شينهن وانگر آهي ۽ ٻيا سڀ سندس مطيع آهن. مون جواب ڏنو تہ مونکي ڪو شينهن نظر نٿو اچي. ان ڪانپوءِ حضرت جن ڏانهن اشارو ڪري چوڻ لڳا تہ هن ڏانهن نهار. مون ڏٺو تہ سندن جسم جو مٿيون حصو واقعي شينهن وانگر نظر آيو ۽ هيٺيون اڌ پنهنجي اصلي صورت ۾ هو. اهو حال ڏسي آئون سخت حيران ٿيس ۽ عجب ۾ پئجي ويس، استاد کي چيم تہ ڇا اهو شخص پاڻ انهيءَ شڪل ۾ ٿيو آهي؟ جواب ڏنائين تہ هائو پاڻ انهيءَ شڪل کي پسند ڪري ٿو. اهو ٻڌي منهنجا هوش حواس اڏامي ويا. پنهنجي ماڳ موٽي اچڻ ڪانپوءِ ڪجهہ سال انهي پريشاني ۾ گذريا. آخر هڪ ڏينهن جيڪي علم پڙهيو هيم ۽ جيڪي(348) ڪتاب رکيل هئا، اهي سڀ جا سڀ وٺي اچي حضرت جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيس.

چون ٿا تہ حضرت جن جي صغير سني ۾ هڪ پيري سندس وڏو ياءُ

ميان سيد جلال کين پنهنجي ٻني ۾ نگهباني لاءِ ڇڏي ويو. ڪجھ دير ڪانپوءِ کنهن شخص ڏٺو ته پاڻ ان جڳھ تي آهن ئي ڪو نه. اها حقيقت وڃي ميان جلال کي ٻڌايائون. جنهن ٻئي ماڻهو کي موڪليو ته وڃي حقيقت حال ڏسي اچ. اهو شخص جڏهن ٻنيءَ ۾ پهتو ته ڏٺائين ته حضرت جن واري جڳھ تي هڪ باز نگهباني ڪري رهيو هو ۽ پاڻ پري گوشي نشين ٿي عبادت ڪري رهيا هئا.

نقل آهي ته مرزا غازي ترخان جي دور ۾ بگهاڙ ۽ ان جي پسگردائي هڪڙي مغل جي جاگير ۾ هئا. اهو مغل پنهنجي ڏاڏائي ۾ مشهور هو. حضرت جن جي ڇوڪرن جو مغلن سان جهيڙو ٿي پيو. ايتري قدر جو مغلن جي سرادرن جا مٿا ڦاٽي پيا ۽ شديد زخمي به ٿيا. بلڪ رت وهڻ جي ڪري مرڻينگ حالت کي وڃي پهتا. انهي ڪري سپني ساداتن کي ڪٺي ٻڌائون ۽ سزا طور ننهڻ اُس ۾ ويهاري ڇڏيائون. اها خبر جڏهن حضرت جن کي پئي ته ميان عماد ۽ ٻين بزرگن کي ميڙ ڪري مغلن وٽ آيا. ليڪن مغلن مڃڻ کان انڪار ڪيو. آخر ۾ مغلن اهو شرط رکيو ته توهان سڀ لکي ڏيو ته جيڪڏهن زخمي شخص مري پيو ته توهان هن جي ضمانت ۾ آهيو. اها ڳالھ ٻڌي بزرگ سوچ ۾ پئجي ويا (349) ليڪن حضرت جن فرمايو ان ۾ ڊڄڻ جي ڳالھ ڪونهي. اسان لکي ٿا ڏيون ته خداوند خير فرمائيندو. ان ڪانپوءِ وڃي ساداتن کي آزادي ملي.

انهيءَ سڄي عرصي دوران مغلن منجهان هڪ شخص اگهاڙي تلوار ڪنيو پئي گهميو ۽ تلوار بار بار حضرت جن جي مٿان پئي اولاريائين. ليڪن پاڻ هن کي ڏسي مشڪندا رهيا. چون ٿا ته جڏهن حضرت جن گهر پهتا ته اهو شخص جيڪو مرڻينگ حالت ۾ هو سو ته بچي ويو. البت جيڪو تلوار کڻي اولرون ڪري رهيو هو، تنهنجي وات ۽ پيٽ مان اڇي رت جاري ٿيو. اها حالت ڏسي ان شخص جي گهر واري ۽ سندس عزيز حضرت جن جي خدمت ۾ آيا ۽ ڳچي ۾ ڳارو وجهي حضرت جن جي پيرن تي ڪري پيا ته اسان کي معافي ملي ۽ اسانجي حق ۾ دعا ڪريو. پاڻ چيائون ته اسان کي ڪا خبر ناهي. ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ اهو شخص مري ويو ۽ سندس گهر واري حضرت جن وٽ اچي عرض ڪيو ته مونکي پنهنجي پٽ جي حوالي ڪريو. پر پاڻ اهو قبول نه ڪيائون. هاڻي ان شخص جي قبر حضرت جن جي مقري جي ٻاهريان احاطي ۾ آهي.

نقل آهي ته مراز جاني(بيگ) جي وقت ۾ سندس هڪ عزيز صالح

محمد کي جنهن جو علائقو جاگير ۾ ڏنل هو. حضرت جن جي ٻني به ان علائقي ۾ هئي. اتفاقن حضرت جن جي فرزند سان ان شخص سان اچي ٻنئي تي جهيڙو ٿي پيو ۽ نوبت لنبازي تائين وڃي پهتي. اها خبر جڏهن حضرت جن کي پهتي ته پاڻ ان وقت خلوت جي عالم ۾ انتهائي شوق ۽ محبت ۾ محو هئا. ليکن اها ڳالهه ٻڌي پاڻ سخت غصي ۾ وچان ٻاهر نڪري پيا. (350) سندس غصي جو اهو عالم هو جو نڪرڻ سان سندس نظر وڃي حجري ٻاهران بيٺل وڻ تي پئي ته ان کي باهه لڳي وئي. بلڪ ائين به چون ٿا ته جيئن پاڻ ان وڻ کي ڏٺائون ته ان مان باهه جو هڪ شعلو نڪتو ۽ تنهن کان پوءِ وڻ سڙي ويو. اڄ تائين سڙيل حالت ۾ بيٺو آهي.

چون ٿا ته انهيءَ حالت ۾ ان جاءِ ڏانهن وڃي رهيا هئا جتي سندن پٽن جهيڙو ڪيو هو ته واٽ تي هڪ گهوڙيسوار گڏين. پاڻ ان کان گهوڙو وٺي ان تي سوار ٿيا ته جيئن اندر جلد پهچن. ليکن ڪجهه پنڌ ڪانپوءِ هڪ مريد گڏين جنهن عرض ڪيو ته سائين جن جي اتي پهچڻ سان معاملو وڌيڪ خراب ٿي سگهي ٿو. اهو ٻڌي پاڻ گهوڙي تان لهي پيا ۽ غصي کي پيئڻ خاطر زمين تي ويهي رهيا. اهڙيءَ طرح اڳتي وڃڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيائون.

هوڏانهن جاگيردار ٺٽي شهر ۾ پهچي مرزا جاني وٽ فريادي ٿيو. ڪين جڏهن اها خبر پئي ته پنهنجي ماڻهن کي چيائون ته هينئر سڀ فصل لٽي وٺو. بلڪ ٻيا ڇگا ڀلا ماڻهو جن کي پڻ جاگيردار اَن ٺٽي ڏنو سي به لاچاري کي لڳي ويا. آخر مرزا جانيءَ جو ماڻهو وٽن اچي پهتو ته ڪين مرزا طلب ڪيو آهي. پاڻ ٺٽي شهر ۾ وارد ٿيڻ سان پهريائين سيد جلال بن علي شيرزاي وٽ آيا. پاڻ ان کي گهڻو چيائون ته اسان سان گڏجي هل ته جئن معاملو خير خوبيءَ سان رفع دفع ٿي وڃي. ليکن هو مرزا جي خوف وچان نه هليو. آخر پاڻ اڪيلا خدا تي توڪل ڪري (351) ڇتين لڳل لباس ۾ مرزا جي آڏو اچي پيش ٿيا. مرزا جاگيردار کي مخاطب ٿي چيو ته توسان ڪنهن زيادتي ڪئي آهي؟ هن حضرت جن ڏانهن اشارو ڪيو. جنهن تي مرزا چيو ته ڇا هن گدڙي پوش فقير توکي تنگ ڪيو آهي! اهو ٻڌي ان شخص تي هيبت طاري ٿي وئي ۽ چوڻ لڳو ته نه. البت هن شخص جي پٽن مون سان جٺ ڪئي آهي.

مرزا جاني بيگ چوڻ لڳو ته پوءِ آءٌ هن جي پٽن کي ٿو گهرايان.

ليڪن ڇون ٿا تہ آخر تائين مرزا کي حضرت جن جي پٽن کي گهرائڻ جي توفيق نہ ٿي. آخرڪار معاملو ائين ئي ختم ٿي ويو.

هڪ مريد کان نقل آهي تہ هڪ ڏهاڙي حضرت جن گهران نڪري ڪنهن طرف وڃي رهيا هئا. راهہ ويندي منهنجي ٻن سائن ملاقات ٿي، مونکي اها بلڪل خبر نہ هئي تہ، ڪيڏانهن وڃي رهيا آهن. مونکي ڏسندي چيائون تہ تو پاڻ سان ڪوزو ڇو ڪو نہ کنيو آهي؟ ڇو تہ بظاهر ان جي ضرورت پئجي سگهي ٿي. بهرحال مون محسوس ڪيو تہ حضرت جن ڪنڌن ڪرڻ جو، خيال نٿي رکيو ۽ تمام تيزيءَ سان وڃي رهيا آهن ۽ آءٌ ڪين پهچي نہ ٿي سگهيس. اهو سوچي منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ پوءِ جيڪر پاڻ اڏامڻ لڳن تہ بهتر ڇو تہ هونئن بہ پيرن لاءِ اها ڪا وڏي ڳالهہ ناهي. اوچتو. مون ڏانهن نهاري چوڻ لڳا تہ اسان لاءِ اڏامڻ سولي ڳالهہ آهي. پر خداوند تعاليٰ وٽ محنت ۽ مشقت ۽ تڪليف برداشت ڪرڻ ۽ ڌرتيءَ تي هلڻ وڌيڪ پسنديده عمل آهي.

نقل آهي تہ هڪ دفعي پاڻ نوبڪلائي جي عالم ۾ پنهنجي حجري اندر ويٺا هئا ۽ اتي صرف هڪڙو مريد موجود هو. ڪجهہ مدت ڪانپوءِ ان مريد ڏٺو (352) تہ حضرت جن دنيا مان ڪوچ ڪري ويا آهن. سو وٺي روئڻ پٽڻ لڳو تہ ساداتن کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس. ٿي سگهي ٿو تہ هو مونکي ذميوار سمجهي مونکي تڪليف ڏين. آخر ٿوريءَ دير ڪانپوءِ جڏهن پاڻ اتي ويٺا تہ مريد ويچارو حيرت ۾ پئجي ويو.

نقل آهي تہ عيد جو موقعو هو ۽ حضرت جن جي پيرن ۾ سخت ڦلوڪٽا نڪتل هئا. ايتريقدر جو هلڻ ڇلڻ کان لاچار هئا. دستور موجب پاڻ عيد جي نماز سومرن جي ڳوٺ ۾ پڙهندا هئا. اها جاءِ جتي نماز پڙهندا هئا سندن ڳوٺ کان ڪافي پري هئي. جيتوڻيڪ عيد واري ڏينهن ڪين ڪافي تڪليف هئي. پر پاڻ صبح جو سوير اٿي ان طرف روانا ٿيا. هڪ مريد چيو تہ انهيءَ ڏينهن آءٌ بہ سائن گڏ هوس ۽ پٺيان پٺيان هلي رهيو هوس. اوچتو مون ڏٺو تہ پاڻ پلجي ڪنهن ٻئي طرف وڃي رهيا آهن. اهو محسوس ڪري مونکي حڪم ڪيائون تہ جيڪڏهن آءٌ ٻئي طرف وڃي رهيو آهيان تہ تون اڳيان ٿيءُ. آخر آءٌ اڳ ۾ ٿي هلڻ لڳس. هلندي هلندي اڃي اسان واهڙ تي پهتاسون، جتان باقي ڪجهہ پنڌ تي سومرن جو ڳوٺ هو. اسان اتي ڏئي وٺي ويناسون، سو اتي ئي

ويهي رهياسين. اچان اتي ئي وينا هئاسين تہ اوچتو خطيب پيش امام ۽ پيا ماڻهو اتي اچي سهڙيا ۽ عيد جي نماز اتي بيهي پڙهيائون. اسان اها رات اتي نکي پياسون. جو پاڻ چيائون تہ صبح جو واپس هلنداسون. رات جو جڏهن آءُ ستس تہ مونکي اچي تپ ورايو. مون کجهہ بہ نہ کچيو. پر الائجي ڪيئن حضرت جن کي خبر پئجي وئي، سو پنهنجي چادر لاهي مونکي ويڙهڻ لاءِ ڏنائون. آخر صبح جو اتي اسان پنهنجي ڳوٺ (353) روانا ٿياسون.

نقل آهي تہ پنيو مهاڻو جيڪو چام هالي جي اميرن منجهان هو حضرت جن جو پڻ عقيدتمند هو. هن جو امر راٺي جي پٽ سان وڏو تڪرار هلندڙ هو ۽ نوبت وڃي جنگ و جدل تائين پهتي هئي. پنيي وٽ لشڪر ٿورو ۽ ڪمزور هو ۽ ڪيس اهو خطرو رهندو هو تہ آخر ان تڪرار جو انجام ڇا ٿيندو. ليڪن دل ئي دل ۾ اهو خيال رهندو هوس تہ جيڪڏهن حضرت جن ان ڏکئي وقت ۾ منهنجي دستگيري ڪئي تہ پوءِ سڀ سٺائي ٿي پوندي. آخر ڪجهہ عرصي کان پوءِ راٺو عمر پنهنجي لشڪر سميت چڙهائي ڪري آيو. جڏهن ٻئي لشڪر آمهون سامهون ٿيا تہ پنيي جي لشڪر پنهنجي ڪمزوريءَ سبب ميدان مان ڀڄڻ جو ارادو ٿي ڪيو. اوچتو هن ڏٺو تہ حضرت جن پاڻ نمودار ٿيا ۽ کيس چئي رهيا هئا تہ هرگز ميدان نہ ڇڏج. اهي لفظ ٻڌي پنيو گهوڙي تان هيٺ لٿو ۽ اچي حضرت جن جي پيرن تي ڪريو. پين ماڻهن سمجهيو تہ پنيو ڇريو ٿي پيو آهي ۽ الائجي ڇا ٿو چوي ۽ ڇا ٿو ڪري. اهي لفظ ٻڌي پنيو چوڻ لڳو تہ حضرت ميران سيد عبدالڪريم پاڻ اسان جي مدد لاءِ آيا آهن. مطلب تہ ان ريت حضرت جن پنيي کي مقابلي لاءِ همت ڏياري تيار ڪيو ۽ پاڻ غائب ٿي ويا.

ڇاڪاڻ گهرجي تہ حضرت جن جي ڳوٺ ۽ انهيءَ ميدان جي وچ ۾ ڪيترن ڏينهن جو فاصلو آهي. جيڪو پڻ لحظي ۾ طي ڪري پهتا. آخر گهڻي مدت ڪو نہ گذري جو راٺي امر جي پٽ جي لشڪر ڀاڄ ڪاڌي ۽ پنيي جو لشڪر سندن پويان ڪاهي پيو (354) اهڙيءَ طرح جن جي برڪت سببان ڪمزور طاقتور تي غالب پيا ۽ فتح ماڻيائون.

هڪ مريد کان نقل آهي تہ هڪ ڏهاڙي حضرت جن پنهنجي ڳوٺ ۾ هئا ۽ آءُ سندن خدمت ۾ حاضر هوس. اوچتو پاڻ چوڻ لڳا "لشڪر ڪٿي آهي ۽

ڪٿي آهي سندس شهزادو " جيڪي پنهنجي ماڳ کان روانا ٿيا آهن. " هڪ ڏينهن گذرڻ کانپوءِ واقعي شهزادو نصرپور جي نواح ۾ پليجن جي ڳوٺ وٽان گذرندو اچي خدمت ۾ پهتو. انهيءَ وقت حضرت جن پاڻ آرامي هئا. سيٺي مصلحت خاطر طعام اڳ ۾ تيار ڪري ڇڏيو. بلڪ ان مريد کي سمجهائي ڇڏيائون ته جڏهن حضرت جن اسان کي پاڻ وٽ ڪاڏي ڪائڻ لاءِ سڏين ته اهو طعام ڪٺي اچي حاضر ڪجو ته جئن حضرت جن کي ڪا تڪليف نه ٿئي. مريد اها ڳالهه قبول ڪئي. جڏهن سيٺي حضرت جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ته پاڻ ان مريدکي سڏي چيائون ته وڃ طعام تيار ڪرائي اچ. اهو مريد ويو ۽ ڪجهه دير ڪانپوءِ اهو ساڳيو تيار ٿيل طعام ڪٺائي پهتو. پاڻ ڏسي چيائون ته هي به نيڪ آهي، پر پنهنجو رڌل طعام ڪٺي اچ. گويا انهيءَ سڄي واقعي جي بنا ٻڌائڻ جي کين خبر پئجي وئي.

نقل ٿا ڪن ته هڪ دفعي پاڻ هلڻ جهڙا نه هئا. پر سندن هڪ مريد گهڻو اصرار ڪيو ته سندس ڌيءَ ڏاڍي بيمار آهي، سو گهر تي هلي دعا گهرن. آخر کين ڪٽ تي ڪٺي ان ڳوٺ ۾ آيا. ان شخص کين پنهنجي گهر ۾ رهايو جنهن جي ڌيءَ سخت بيماريءَ ۾ مبتلا هئي. رات جو ڪجهه حصو مس گذريو هو ته پاڻ اٿي ويهي رهيا (355) ۽ مريدن کي چيائون ته اٿو ته هلون جو هتي رهڻ ڪونهي. ان مريد گهڻيون منٿون ڪيون ته ترسي پوءِ پر پاڻ نه ترسيا. جلد ئي ٻاهر نڪري هلڻ لڳا. گهڻي دير نه گذري ته ان شخص جي ڌيءَ گذاري وئي. گويا ڪشف ذريعي کين معلوم ٿي چڪو هو ته هن جو وقت پورو ٿي چڪو آهي.

چوڻ لڳا ته مريدن جي دل ۾ جيڪي وهي واپري ٿو، ان جي اسان کي خبر هوندي آهي، پر الاهي رضا جي ڪري ڪجهه نه ڪچندا آهيون.

هڪڙي مريد کان نقل آهي ته هڪ ڏينهن آءٌ حضرت جن وٽ ويٺو هئس ۽ موري تي ڪاڏم. مون کان موريءَ جي گهر ڪيائون ۽ چوڻ لڳا ته ڏي ته جئن وحدانيت الاهيءَ جو ذائقو وٺون. پاڻ ڀهريائين موريءَ جا هيٺيان ويڪرا پن ڪائڻ شروع ڪيائون ۽ چوڻ لڳا ته ان جي هر پن تي سورة **قل هو الله احد** لکيل آهي ۽ سندس آخري پن تي لفظ "احد" آهي.

هڪڙي مريد چيو ته آءٌ پنهنجي ڳوٺ ۾ هوس، جيڪو مٽيارين جي پسگردائي ۾ هو. هڪ ڏينهن ڪنهن عورت اچي مون کي پيسا ڏنا ۽ دعا جي درخواست ڪئي. گهڻن ڏينهن کان پوءِ جڏهن آءٌ حضرت جن جي جاءِ تي آيس

جيڪا ڪافي مفاصلي تي هئي ته مون تي عتاب ڏيکاريائون. چوڻ لڳا ته هاڻي ان لائق ٿيا آهيو جو پئسا وٺي دعا ٿا ڪيو.

هڪڙي مخلص چيو ته آءٌ حضرت جن وٽ هوس ۽ پاڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ هئا. اوچتو ٻه دفعا پاڻ نور محمد، نور محمد چيائون. اهو فقير نورمحمد ٺٽي جو ويٺل هو. بهرحال ٽن ڏينهن کان پوءِ نور محمد پاڻهي اچي خدمت ۾ حاضر ٿيو.

هڪ مريد کان نقل آهي ته هڪ ڏينهن پاڻ ٺٽي شهر ۾ ترسيل هئا ۽ آءٌ سندن خدمت ۾ حاضر هوس. اوچتو خبر پئي (356) تي هڪڙي مغل سردار، يار محمود ٻارڻ کي جيڪو حضرت جن جي دوستن منجهان هو، ڪنهن ڏوهه سبب سندس ڳوٺ تي چڙهائي ڪري گرفتار ڪيو آهي. حضرت جن مونکي اشارو ڪيو، تنهن ڪري آءٌ ۽ سندس فرزند گڏجي ان ڳوٺ طرف روانا ٿياسون. اسان پاڻ سان ٺٽي جي صدر نشين مولانا محمد جي سفارشي چٺي به ورتي. پر جڏهن ان مغل وٽ پهتاسون ته دربانن اسان کي اندر گهڙڻ ئي ڪو نه ڏنو، الٽو اسان کي ڇينڀ ڪڍيائون. اسان پاڻ کي ڏاڍو بيوس محسوس ڪيو ۽ دل ۾ خيال آيو ته خدا وارن درويشن سان ائين نه ٿيڻ گهربو هو. اسان اجان اتي ئي بيٺا هئاسون ته اوچتو حضرت جن پاڻ سواريءَ تي آيا ۽ سڌو اندر مغل وٽ وڃي پهتا. اسان ڏاڍو خوش ٿياسون، جيتوڻيڪ حضرت جن اسان جي طرف نهاريو به ڪو نه. پاڻ جئن اتي پهتا ته مغل اٿي بيهي سندن تعظيم ڪئي ۽ محمود ۽ سندس ماڻهن کي حضرت جن جي آڏو آزاد ڪيائين. اسان تي جڏهن نظر پين ته چوڻ لڳا حقيقت ۾ فقير کي ائين چوڻ نه گهرجي ۽ نه ڪو فقيرن کي ائين ڪرڻ سونهي ٿو. اهي جملا پاڻ بار بار ورجايائون. تڏهن مون سمجهيو ته اهي لفظ مون کي چون ٿا، ڇو ته ٿوري دير اڳ واقعي اهڙا خيال منهنجي دل ۾ آيا هئا. بهرحال ان کانپوءِ اجازت وٺي اسان ٺٽي موٽي آياسون ۽ پاڻ پنهنجي ڳوٺ روانا ٿي ويا.

هڪڙي مخلص کان نقل آهي ته مون خواب ۾ پاڻ کي هڪ عاليشان سينگاريل عمارت اندر ڏٺو. اتي حضرت جن، نبي ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ مشغول هئا(357) ۽ پاڻ ڪريم جن ويٺل هئا. مون کي به چڪ ٿي ته اندر وڃان. ڏسان ته هڪ ڏاڪڻ آهي، جهن جي پهرين ڏاڪي تي آءٌ ويهي رهيس.

حضرت جن پاڻ مٿي وينا هئا. مونکي ڏسي چيائون تہ فلاڻن فقيرن کي سڏي اچ. مان انهيءَ خيال سان اٿيس تہ دربانن مونکي چيو تہ ڪجهہ دير ترس تہ نبي ڪريم ﷺ جن کان اجازت وٺون. انهن جا اهي الفاظ ٻڌي، حضرت جن پاڻ ڪريم ﷺ جن ڏي مرڪ واري انداز ۾ ملتجي ٿيا. اتي آءٌ خواب مان جاڳي پيس.

هڪ خادم کان نقل آهي تہ هڪ دفعي آءٌ ڪنهن وڏي مرض ۾ مبتلا هوس ۽ پاڻ کي مرڻ جي ويجهو ٿي سمجهيم. انهيءَ حالت ۾ ڪجهہ مريد ڀائر حضرت جن جي مقبري تي زيارت لاءِ ويا. اتي وڃي منهنجي بيماري ۾ شفا واسطي دعائون پنيائون. انهيءَ رات مون کي پاڻ وڏيڪ تڪليف ٿي ۽ سيني پانيو تہ اڄ منهنجي آخري رات آهي. اچا منهنجي اک مس لڳي هئي تہ خواب ۾ ڏٺم تہ هڪ شخص چئي رهيو هو تہ اڄ رات ڪ ـ ماڻهو توکي کڻڻ لاءِ وٺي ويندو. ڪجهہ دير کان پوءِ واقعي هڪ شخص آيو جيڪو مونکي پاڻ سان گڏ هڪ جهنگ ۾ وٺي آيو ۽ اتي هڪ ليڪو ڪڍي ان جي اندر مونکي ويهاريائين. آءٌ مرڻ جي جهوري ۽ ڳڻتيءَ ۾ هيس ۽ سوچي رهيو هوس تہ هن مصيبت منجهان مونکي هاڻي سواءِ پنهنجي پير مرشد جي ڪير بچائي سگهندو. انهيءَ خيال ايندي محسوس ڪيم تہ حضرت جن پاڻ منهنجي آڏو بيٺا آهن ۽ اهو شخص جيڪومونکي جهنگ ۾ ڪٺي آيو هو غائب ٿي چڪو هو. ٿوري دير ۾ جڏهن آءٌ سجاڳ ٿيس تہ پاڻ کي نوبنو ۽ تندرست محسوس ڪيم. جڻ تہ مونکي بيماري ٿي ئي ڪو نہ هئي.

(358) هڪڙي مخلص چيو تہ جڏهن حضرت جن کي رب تعاليٰ پنهنجي جوارِ قرب ۾ جڳهہ ڏني. يعني هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو تہ آءٌ ڏاڍو رنس ۽ پاڻ کي سخت غمگين محسوس ڪيم. آخر هڪ رات خواب ۾ ڏٺم تہ مون کي چئي رهيا هئا. تہ مون مئل نہ سمجهيو. بس فرق صرف هي آهي تہ پهرين اسان هن هنڌ هياسون ۽ هاڻي هتي آهيون. بلڪ جيڪو صدق وچان اسان جي زيارت لاءِ ايندو تہ هن کي گهڻو فائدو پهچندو ۽ ان جي هر مدعا پوري ٿيندي. انهيءَ ڪري وسوسو ۽ وهم نہ ڪريو. انهيءَ کان پوءِ آءٌ خواب مان جاڳي پيس ۽ وري ڪڏهن اهڙو خيال دل ۾ نہ آيو.

هڪ مريد چيو تہ هڪ پيري مون حضرت جن جي فرزندن جي ڪم جي باري ۾ سستي اختيار ڪئي، بلڪ ڪجهہ ٻين مريدن بہ اهڙو رويو اختيار

ڪيو. ايتريقدر جو مون پنهنجي حجري کي ٻاهران قلف ڏئي، ٻئي هنڌان داخل ٿي اندر اچي سمهي رهيس ته متان ڪي مريد اچي مونکي تنگ ڪن. مون کي اتي ننڊ ڪٿي وٺي ۽ خواب ۾ ڏٺم ته حضرت جن مون کي هٿ کان وٺي اٿاري رهيا آهن ۽ چئي رهيا هئا ته ٻيا ته سستي ڪن ٿا، پر تون به ائين ٿو ڪرين. ايتري ۾ آءٌ سجاڳ ٿي پيس. ڏٺم ته حضرت جن جو فرزند حجري جي دروازي جي ٻاهران ويٺو آهي. آخر قلف کولرائي ٻاهر نڪري آيس ۽ سندن ڪم کي لڳي ويس.

هڪڙي مخلص کان نقل آهي ته حضرت جن پاڻ ٻڌايو ته هڪ ڏهاڙي مون ۽ منهنجي وڏي ڀاءُ گڏجي سماع ٿي ڪيو. مخدوم آجب جيڪو پنهنجي وقت جو عارف ۽ عالم هو ۽ اسان سان شفقت وارو رستو هيس. (359) تنهن هڪ ته اسان کي سماع کان منع ڪئي. ٻيو چوڻ لڳو ته جيڪڏهن حضرت جن نويڪلا ٿي سماع ڪن ته بهتر، ڇو ته ٻيا جيڪي سماع جي سمجهه نٿا رکن ۽ وڏي آواز سان سماع ڪن ٿا. انهن جي حلقي ۾ حضرت جن سماع ڪرڻ مناسب نٿو لڳي. اسان مخدوم جي انهيءَ ڳالهه تي آمنا صدقنا ڪئي، پر جڏهن رات گذري صبح ٿيو ته مخدوم صاحب اسان وٽ اچي سهڙيو. مان ٻاهر نڪري وٽس مس آيس ته پاڻ چادر لاهي منهنجي پيرن تي رکيائين ۽ ڏاڍي معذرت واري انداز ۾ چوڻ لڳو ته گذريل رات مون نبي ڪريم ﷺ جن کي خواب ۾ ڏٺو ته هڪ طرف وڃي رهيا آهن. سندن يارن کان پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته پاڻ سيد عبدالڪريم جو سماع ٻڌڻ لاءِ وڃي رهيا آهن. جڏهن سجاڳ ٿيس ته انهيءَ خيال کان توبه تائب ٿيو آهيان ۽ هينئر به انهيءَ ڪري هلي آيو آهيان ته پنهنجي تقصير لاءِ معافي وٺان.

هڪڙي خادم چيو ته هڪ پيري آءٌ ۽ هڪ ٻيو مريد ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي ڏاڏونءَ جي ڳوٺ ۾ اچي لٿاسون ۽ رات جنهان جي ڳوٺ ۾ ترسياسون. صبح جو اتان اٿي نئين جو رخ رکيم ۽ حضرت جن جي خدمت ۾ اچي پهتس. جڏهن سندن حجري تي پهتس ته پاڻ ستل هئا. مان سندن پيرانديءَ کان ويهي رهيس. ٿوريءَ دير کان پوءِ جڏهن پاڻ اٿيا ته سلام چئي منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي ڪيڪاريائون ۽ چوڻ لڳا ته ڏاڏونءَ ۾ ٻيڙيءَ رستي پهچڻ ڪانپوءِ جنهان ۾ رات رهي هتي پهتو آهين. (360) منهنجي حيرانيءَ جي حد نه رهي ۽ عرض

ڪير تہ قبلا جيڪي چئو ٿا بلڪل ائين آهي.

نقل آهي تہ هڪ دفعي رات جي وقت پاڻ جهنگ منهن ڪري روانہ ٿيا. مدرسي جو هڪ مولوي پڻ ٿوري خاطر لڪي سندن پويان ويو تہ ڏسان تہ حضرت جن ڪيڏانهن ٿا وڃن. ڪجهہ پنڌ ڪان پوءِ اوچتو جهنگ ۾ شينهن نڪري نروار ٿيو. انهيءَ مهل پاڻ ان شخص جي نظرن کان اوجهل هئا. شينهن کي ڏسي انهيءَ شخص وڏي رڙ ڪئي تہ حضرت سائين هاڻي پهچو نہ تہ منهنجو خاتمو آهي. پاڻ ان شخص ڏانهن متوجه ٿيا ۽ چوڻ لڳس تہ ڇو اسان جي ڪڍ آئين ۽ ڇو هن ڏچي ۾ پاڻ کي وڌءِ!

هڪ مريد کان نقل آهي تہ اوچتو اچي منهنجي دل ۾ خيال پيدا ٿيو تہ حضرت جن ڪو مرتبو ۽ درجو قبول نٿا ڪن، بلڪ ٻين کي بہ منع ٿا ڪن تہ هرگز قبول نہ ڪيو. جيتوڻيڪ مون ٻڌو آهي تہ وقت جو عارف شيخ پرڪيو رحمت الله عليه هر روز خدا تعاليٰ سان ٽي هزار نوان سخن ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح وقت جو قطب مخدوم نوح جو قول آهي تہ جيڪڏهن آءٌ خداوند تعاليٰ کان اک ڇنڀ جيترو وقت پري ٿيان تہ سڙي مران. مون سوچيو، آخر انهن اهي مرتبا ڇو قبول ڪيا آهن. منهنجي دل ۾ اهو خيال گهر ڪري ويو ۽ هر وقت منهنجي دماغ ۾ اها ڳالهہ ڦرڻ لڳي، پر ڪنهن سان اها گفتگو بہ نٿي ڪيم. آخر هڪ ڏينهن جيئن آءٌ حضرت جن وٽ آيس تہ پاڻ مخاطب ٿي چوڻ لڳا تہ تنهنجي دل ۾ جيڪو گمان آهي، ان جو جواب هي آهي تہ اهي حضرات هڪ جدا گروهہ سان تعلق رکن ٿا ۽ اسان هڪ اهڙي ٽولي سان آهيون، جيڪي مرتبا ۽ درجا قبول نٿا ڪن. اهو ٻڌي منهنجي مشڪل حل ٿي وئي.

هڪ خادم کان نقل آهي تہ حضرت جن پڇيو تہ اهو ڪهڙو ولي آهي جنهن جي هڪ جست ۾ عرش جي ڪنگرن کان وٺي ملائڪ، زمين ۽ آسمان ۽ ريتيءَ جا داڻا، زمين تي اپرندڙ نباتات (361) دريائن جو پاڻي، جملي حيوانات ۽ پکي پکڻ، مطلب تہ زمين ۽ آسمان جي درميان جيڪي ڪجهہ آهي، اهي سڀ پار ڪري وڃي ٿو. مون عرض ڪيو تہ حضرت جن پاڻ. في الفور مونکي چيائون تہ نہ، اهو بهاءُ الدين گودڙيو آهي.

هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ حضرت جن بهاءُ الدين گودڙيو ۽ ڪي ٻيا دوست گڏجي ڪڪرالي طرف گهمڻ ويا. واپسيءَ ۾ کين هڪ هنڌ رات پئجي

وٺي. اتي ڪين ٻک بہ اچي لڳي، سو حضرت جن پاڻ پيٽ قوت لاءِ ٽڪري پيا. ڪجھ دير ڪان پوءِ ڪين ھڪ شخص ڪونھون ڏنو. پر پڇيائين تہ اھو شيخ پنھنجي ٻاس ٽيل آھي. عام طور رسم اھا آھي، تہ پوءِ اھا شيءِ ان پير جي ھوندي آھي. جنھن جي سنڀال بہ ھو پاڻ ڪندو آھي. جيڪڏھن ڪنھن کي ڏٺي ڇڏيندو آھي تہ اھو بہ سندس ذمي آھي. پر جيڪڏھن ڪو بزرگ اھا شيءِ گھرندو آھي تہ ان کي ڏٺي بہ ڇڏيندا آھن. بھرحال حضرت جن انھيءَ ڪونھين کي حلال ڪري پچائي آٽي دوستن جي آڏو رکيو. البت ان جي ڪل انھيءَ شخص کي ڏنائون تہ جنھن اھا ٻاس ٻاسي ھئي. پوءِ پاڻ تتي ھليا آيا. رات جو انھيءَ شخص خواب ۾ شيخ پنھي کي ڏٺو. جيڪو کيس چئي رھيو تہ صبح جو اھا ڪل بہ کڻي وڃي حضرت جن جي خدمت ۾ حاضر ڪر. ڇو تہ اھا سندن مھرباني آھي جو اسان جو اھو تحفو قبول ڪيائون. جڏھن صبح جو اھو شخص سجاڳ ٿيو تہ سڌو حضرت جن جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو ۽ اھا ڪل بہ پيش ڪيائين ۽ سموري ماجرا بہ عرض ڪيائين.

نقل آھي تہ ھڪ پيري اسان گھڻو پري ٽڪري وياسون. جڏھن واپس ٻھتاسين تہ پاڻ پڇيائين تہ ڪيڏانھن ويا ھئو. عرض ڪيم تہ سائين سماع ٻڌڻ (362) ويا ھئاسون. فرمايائون تہ ڇا جي لاءِ ويا؟ مطلب تہ اھا ڳالھ ڪين نہ آئڙي. ان ڪانپوءِ ھڪ دفعي پاڻ تشريف فرما ٿيا. ٻئي دفعي آءٌ ڪجھ پنھنجن دوستن سان سنيري وٽن وڃڻ لاءِ نڪتس وات تي ٻودن جي ڳوٺ ۾ اسانجو ھڪ سنگتي ھو جنھن وٽ آءٌ ھميشہ لسي يا ڏوڙرو يا کير پيئندو ھوس. پر ھن دفعي جڏھن آءٌ اتي پھتس تہ ڪا شيءِ نہ ملي. منھنجو اھو دوست چوڻ لڳو تہ اڄ صبح جو کير جو وٽو ۽ ڏوڙري جي دڪي حضرت جن جي خدمت ۾ موڪليا اٿم. مون سوچيو تہ پڪ اڄ حضرت جن اسان کي اھا لسي ۽ ڏوڙرو ڪارائيندا ۽ پوءِ چوندا تہ سماع ڪريو ٿا يا نہ! جيڪڏھن ھن سلسلي ۾ ھڪڙو حڪم ڏنائون تہ پوءِ منھنجو يقين پختو ٿي ويندو. بھرحال ائين ئي ٿيو. جڏھن آءٌ سندن خدمت ۾ پھتس تہ کائڻ لاءِ اھو ڏوڙرو ڏنائون ۽ سماع ڪرڻ جي موڪل ڏنائون. چوڻ لڳا تہ ڀلي توھان کي حال پوي يا نہ. پر شايد ٻين اھڙن سماع ڪندڙن جي برڪت سان توھان پنھنجي منزل تي پھچي وڃو. انھيءَ وقت پاڻ سندن ڇھري مان ڏاڍو خوش نظر ٿي آيا. جنھن ڪري منھنجو يقين وڌيڪ

پختو ٿي ويو.

نقل آهي ته جڏهن حضرت جن کي حضرت ميان جلال جي هن فاني جهان مان رحلت جي خبر پئي ته کين ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ وڏي آھ ڀري چوڻ لڳا ته ويچارو جلال مجذوب ٿي گذاري ويو.

هڪ مخلص کان نقل آهي ته هڪ ڏينهن آءٌ پنهنجي ڪنهن دوست سان حضرت جن ڏانهن (363) عازم سفر هوس. واٽ تي منهنجي دل ۾ خيال آيو ته چو نه وڏو سير سفر ڪجي. مون جڏهن پنهنجي ساٿيءَ سان اها ڳالهه ڪئي ته هن پڻ قبول ڪيو. جڏهن اسين سندن خدمت ۾ حاضر ٿياسين ته اسان کي ڏسي چوڻ لڳا ته فقير لاءِ پيرن جو سفر هلاڪت جو سبب بنجي ٿو. البت جيڪڏهن ڪيس دل جو سير حاصل ٿئي ۽ پوءِ پلي پير ڊگها ڪري سمهي پوي ته هن کي زمين آسمان جو سير حاصل ٿي ويندو. ان ڪانپوءِ مون ظاهر سير و سفر ترڪ ڪري ڇڏيو.

هڪ مخلص بيان ڪيو ته. مون تفسير حسينيءَ جو مطالعو ٿي ڪيو ۽ جڏهن بهشت وارين آيتن تي پهتس ته منهنجي دل ۾ بهشت جو خيال ويهجي ويو. جڏهن رات تي خواب ۾ حضرت جن کي ڏٺم جو چئي رهيا هئا ته آئون پڙهڻ سان جنت جي خيالن ۾ گم ٿي ويو آهين. آءٌ مونجهاري ۾ پئجي ويس. ايتري ۾ پاڻ مون کي هٿ کان جهلي بهشت جي دروازي تي وٺي آيا ۽ ڏيکاري چوڻ لڳا ته ڏس اجهو اهو اٿئي بهشت. جنهن لاءِ توکي ايڏي سڪ ۽ ڇڪ هئي. چوڻ لڳا خدا جو ذڪر ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي طلب ڪرڻ گهرجي. جڏهن آءٌ سجاڳ ٿيس ته منهنجي دل مان بهشت جي آرزو ختم ٿي چڪي هئي.

نقل آهي ته مخدوم نوح عليه الرحمة جو پٽ پنهنجي والد جي رحلت کان چار سال پوءِ حضرت جن جي خدمت ۾ آيو. هو چوي ٿو ته جڏهن منهنجي نظر حضرت جن جي چهري مبارڪ تي پئي ته. مونکي لڳو ته سندن جسم شڪل ۽ عضوا سڀ بلڪل مخدوم نوح جيان آهن(364) ڪافي دير آءٌ وٺن ويٺو رهيس ته مونکي مخدوم صاحب ۽ سندن شڪل ۾ ڪو فرق محسوس نه ٿيو. البت جڏهن آءٌ ڪاٺڻ موڪلائڻ لڳس ته مونکي پنهنجي اصل شڪل ۾ نظر آيا.

نقل آهي ته هڪ ميهار جهنگ ۾ مينهون ٿي چاريون. اوچتو مٿس

الاهي جذبو ظاهري ٿي ويو ۽ هو واريءَ جي مٺان ڪري پيو، واءُ لڳڻ جي ڪري مٺس واري وري ٿي وئي ته وري ٻي رخ ۾ ڳهلڻ سبب لهي به ٿي وئي. هڪ ڏينهن حضرت جن ان ٻسڪرداڻي ۾ ڳدرن جي باغ وٽان اچي مٺيا ته ان جي مالڪ ڪجهه ڳدرا آڻي وٽن حاضر ڪيا ته جڻن پاڻ واپرائن. اتي اهو درويش به وينو هو. پاڻ پنهنجي هٿن سان ڳدرا ڪٽي ان کي ڏنائون ٿي ته جڻن هو کائي. پر هن آخر تائين ڪجهه نه کاڌو. ڪو نه ڪو بهانو ڪري ٽاريندو رهيو. اٿڻ وقت پاڻ رنج ٿيا ۽ چوڻ لڳا ته اسان جي هٿ مان وٺي نٿو کائين. باقي انشاءَالله اسان ڪانپوءِ ان جون کلون به کائي ويندين. چون ٿا ته حضرت جن جي وڃڻ ڪانپوءِ هن شخص کي ايڏي اچي بک لڳي. جو واقعي سڀ کلون به کائي ويو. بلڪ ائين به چون ٿا ته جيستائين جيئرو هو ڪيترا به طعام کائيندو هو. پر ڪڏهن به پيٽ نه ڀريس ۽ نه بک گهٽيس.

هڪڙي مريد بيان ڪيو ته هڪ ڏينهن آءُ حضرت جن جي خدمت ۾ وينو هوس ته پاڻ نهايت شفقت ڀرئي انداز ۾ مونکي ٻڌائڻ لڳا ته. خدا جي ملڪ ۾ هڪ اهڙو زمين ٽڪر به آهي، جنهن جي وسعت اسي سالن جو پنڌ آهي. اها زمين بلڪل هموار ڪنڊن ڪرڙن کان پاڪ آهي. بلڪ ان ۾ بيٺل فصل جا سنگ اهڙا آهن جو جيڪڏهن ماڻهو صرف هڪڙو کائي ته سندس ڍءُ ٿي وڃي. مون عرض ڪيو ته سائين اها سر زمين ڌرتيءَ تي آهي. چيائيون ته نه عرض ڪير ته ڀلا آسمان تي آهي. وراڻيائون نه (365) بلڪ اها سر زمين اهڙي هنڌ آهي جتي سج چنڊ جي روشني ڪا نه ٿي پهچي. البت اتي رحمت جو مينهن وسي ٿو ۽ ملائڪ ان ۾ ٻج ڇٽن ٿا. پر ان جو ڦل نصيب وارن کي نصيب ٿئي ٿو.

هڪڙي خادم چيو ته هڪ ڏينهن مون کي دل ۾ اچي وهم پيو ته حضرت جن وٽ جيڪي آندو وڃي ٿو سو کائي وڃن ٿا ۽ نيڪ بد جي تميز نٿا ڪن. رات جو مون ڏٺو ته خواب ۾ مون کي چئي رهيا هئا ته هر وقت جڏهن به ڪو کاڌو اسان جي اڳيان آندو ويندو آهي ته اسان نيڪ ۽ بد جي تميز ضرور ڪندا آهيون. مان جڏهن سجاڳ ٿيس ته. پنهنجي وهم تي پشيمان ٿيس.

نقل آهي ته هڪڙو مريد ڪنهن بزرگ جي زيارت لاءِ گهران نڪتو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هن جو پيءُ ڪيس ڳولهيندو حضرت جن جي خدمت ۾ اچي

پهتو ۽ چوڻ لڳو ته پنهنجي پٽ کي منهنجي حوالي ڪريو ته واپس موٽي وڃان. حضرت جن چيس ته اڳئين نماز تائين صبر ڪر جو مون خواب ۾ ڏٺو آهي ته هو تنهنجي خاطر هيستائين هتي اچي رسندو. مونکي پڪ آهي ته هو ضرور ايندو. ايتري ۾ ٻاهران ڪنهن وڏي آواز سان رڙ ڪري چيو ته فلاڻو اچي ويو. اهو آواز ٻڌي حضرت جن ڏاڍو خوش ٿيا. آخر اهو مريد حاضر ٿيو ۽ قدم بوسيءَ جو شرف حاصل ڪري پنهنجي پيءُ سان گڏجي نئين روانو ٿيو.

هڪڙي مريد بيان ڪيو ته، حضرت جن جي رحلت کانپوءِ اسان ٻيڙيءَ ۾ سوار(366) ٿي نئين طرف اچي رهيا هئاسون ته واٽ تي اٺائي واءُ ۾ ڦاسي پياسون. لهرن جي زور سبب ٻيڙي هيٺ مٿي ٿي رهي هئي ۽ ٻڏڻ جو خطرو پيدا ٿي چڪو هو. ذهني طور ٻڏڻ لاءِ تيار هئاسون. پر اوچتو حڪم الاهيءَ سان واءُ ستائو ٿي پيو ۽ اسان ڪناري تي اچي پهتاسون. اتي لهي رات گذارڻ لاءِ هيٺ سمهي پياسون. اسان ۾ صالح نالي هڪ مريد هو جنهن خواب ۾ ڏٺو ته حضرت جن پاڻ ان جڳهه تي اچي پهتا آهن ۽ اسان جي مٿن ڪان بيٺا آهن. صالح ڪين عرض ڪيو ته قبلا هتي ڪيئن آيا آهيو. پاڻ چيائون ته مريد پريشاني ۽ تڪليف ۾ هئا. انهن جي خبرگيريءَ واسطي هتي آيا آهيون. صالح جيئن ننڊ مان سجاڳ ٿيو ته سيني کي اها ڳالهه ڪري ٻڌايائين ۽ وري سمهي پيو. پيهر به ننڊ ۾ ڏٺائين ته حضرت جن ڪيس ساڳي ڳالهه چئي رهيا هئا. هوڏانهن وري جڏهن صالح ننڊ مان جاڳيو ته مريدن کي ساڳي ڳالهه ٻڌايائين. مطلب ته ائين ڪيترا دفعا ٿيو ۽ صالح ساڳي ڳالهه پئي ورجائي.

نقل آهي ته هڪ ڏهاڙي ڪي ماڻهو وتن دانهن ڪئي آيا ته سندن ڳئون مال فلاڻو ڏاڍو ماڻس زوريءَ ڪاهي ويو آهي. سو اسان جي لاءِ ان ڏاڍي ماڻس ڏي ميڙ ٿي هلو ته جيئن اسان جو مال موٽائي ڏي. پاڻ اتي انهن سان گڏجي هليا. جتي اهو ڏاڍو ماڻس رهندو هو. جڏهن ان شخص ٻڌو ته حضرت جن روانا ٿيا آهن ته پاڻ صبح جو سوير اٿي انهن ماڻهن جي ڪيٽن طرف ويو. جتي هنن جو ان ٻارين ۾ پيو هو. هن جي نيت هئي ته ان کي ساڙائي ڇڏي. جڏهن اها خبر حضرت جن کي ٻڌايائون ته پاڻ خاموش ٿي اتي ويهي رهيا. (367) هوڏانهن هن شخص پهرين ٻار ساڙائي جيئن ٻنيءَ طرف ويو ته سندس گهوڙي سرڪشي ڪئي ۽ هو زمين تي ڪري پيو ۽ سندس عضوا ضربجي پيا. ان

ڪانپوءِ وري ڪيس هوش آيو ته هي سڀ ڪجهه حضرت جن جي ڪرامت سبب آهي. آخر پاڻ کي چادر ۾ ويڙهائي پاڻ ڪٺائي حضرت جن وٽ اچي حاضر ٿيو ۽ پنهنجي پشيمانيءَ جو اظهار ڪيائين. ان ڪانسواءِ فوري طور ڏيڍيون لهرائي سڀني مريدن خادمن کي ڪارايائين ۽ اهو سڀ جهليل مال موٽائي ڏنائين. حضرت جن اها رات وٽس مهمان رهيا ۽ ٻئي ڏينهن واپس ٿيا.

هڪ مريد بيان ڪيو ته آءٌ هر دفعي جڏهن نئين ڪان حضرت جن جي زيارت لاءِ ايندو هوس، ته رستي تي بگهڙن ۽ سوئرن جو ڏاڍو ڏپ ٿيندو هو ۽ پڻ اهو ته ڪٿي نانگ بلائون ڪائي نه وجهن. هڪ ڏينهن مون خواب ۾ ڏٺو ته حضرت جن چئي رهيا هئا ته جيڪو اسان جي زيارت لاءِ ايندو ان کي اهي بلائون ڪو نقصان نه پهچائينديون ۽ نه ڪو انهن کان ڏڃڻ گهرجي. ان مريد چيو ته انهيءَ ڪانپوءِ آءٌ جڏهن به سندن حاضريءَ ۾ ويندو هوس ته سوئر، بگهڙ ۽ نانگ بلائون رستي جي چوڌاري ڏسندو هوس، پر مونکي ڪو ڏپ ڊاءُ نه ٿيندو هو ۽ نه ئي وري مونکي ڪڏهن ڪو نقصان پهچايائون.

نقل آهي ته پير لاکو جيڪو بگهاڙ ۾ مدفون آهي، اتي ماڻهو هڪ ٻئي کي سنهن ڏينهن لاءِ ايندا هئا. جيڪڏهن سنهن وارو ماڻهو سچو هوندو هو ته ان کي ڪجهه نه ٿيندو هو. پر جيڪڏهن ڪوڙو هوندو هو ته اتي رت ٿي چڙندو هو. اها خبر جڏهن حضرت جن کي پئي ته پير لاکي جي قبر تي آيا ۽ اتي اچي چوڻ لڳا ته اي لاکا، ماڻهو جيئري پنهنجي نفس کي ماري ڇڏين ٿا. پر تون مرڻ ڪانپوءِ به ڪين نٿو ڇڏين. چون ٿا، ان ڪانپوءِ ائين ٿيڻ بند ٿي ويو. بلڪ جيڪڏهن ڪنهن سندس قبر سان به هٿ ڇراند ٿي ڪئي ته ان کي ڪجهه نٿي ٿيو. (368)

چون ٿا ته چيٽ جا فصل پچي تيار ٿيندا هئا ته ڪي ماڻهو انهن ٻنين منجهان سنگ چوري ڪري پيٽ قوت ڪندا هئا. انهيءَ پرڳڻي جا جاگيردار مغل هئا، سو تن ڇا ڪيو جو، انهن ماڻهن کي جهلي شيخ پرڪيي جي اڳڻ تي ڪين خاڪ پياريائون ته جيئن اڳتي چوري نه ڪن. آخر اهي ماڻهو جڏهن بلڪل لاچار ٿي پيا ته حضرت جن وٽ اچي عرض ڪرڻ لڳا ته هينئر بک ٿا مرون، شيخ پرڪيي جي خاڪ ڪاڏي اٿئون، پر سڄي عمر ائين گذري آهي. هاڻي ڇا ڪريون؟ پاڻ چيائون ته وڃي ساڳي ڪار ڪريو. توهان کي شيخ پرڪيي جي

خاڪ ڪجهہ ڪو نہ ڪندي. چون ٿا ان ڪانپوءِ هو ساڳي ڏنڊي ڪي لڳي ويا ۽ خاڪ جو مٿن ڪو اثر نہ ٿيو.

نقل آهي تہ سيد ابراهيم جيڪو پرڏيهي پير جي نالي سان مشهور آهي ۽ جنهن جي قبر حضرت جن جي پسگردائي ۾ آهي. ان جي چوڌاري وڻن جو گهاٽو جهنگل هو. چون ٿا تہ جيڪڏهن ڪو اٺ يا ٻڪري انهن وڻن ۾ چڪ هڻندو هو تہ اتي جو اتي ڦٿڪي ساهہ ڏيندو هو. حضرت جن کي جڏهن اها خبر پئي تہ پاڻ سندس قبر تي اچي چوڻ لڳا تہ اي ماڻهن جا پير، انسان جيڏري پنهنجي نفس کي ماري ڇڏين ٿا، تون مرڻ ڪانپوءِ جيئرن کي ٿو مارين. چون ٿا ان ڪانپوءِ توڙي جو ماڻهو اتان وڻ وڍي هليا ويندا هئا، تڏهن بہ ڪين ڪجهہ نہ ٿيندو هو.

چون ٿا تہ هڪ دفعي پاڻ ڪنهن طرف وڃي رهيا هئا، ساڻن هڪ نامراد مريد گڏ هو. جنهن جي اصليت زهريلي ڪنڊي وانگر هئي. پاڻ جڏهن جهنگل ۾ ڪافي پنڌ هليا تہ(369) اهو مريد ڏاڍي بڪ لڳڻ ڪري ڇتو ٿي پيو ۽ چيلهہ سان ٻڌل خنجر ڪڍي حضرت جن تي الاري چوڻ لڳو تہ ڪجهہ بہ ڪريو پر مون لاءِ ڪاڌو پيدا ڪريو. پاڻ مشڪي ڏانهس ڏسندا رهيا ۽ چوڻ لڳا تہ هتي ڪاڌو ڪٿان ايندو. انهيءَ تي اهو نياڳو چوڻ لڳو نہ تہ آءٌ توهان جي ران جو ٽڪر ڪپي کائيندس. چوڻ لڳا، اهو بہ تنهنجو آهي. پاڻ ائين مشڪندا رهيا ۽ ان کي ڪجهہ نہ چيائون. آخر گهڻي ردڪد ڪانپوءِ ڪيس چيائون تہ چڱو ٿوري دير صبر ڪر. تڏهن اهو شخص ٿوري دير لاءِ ڪائنڻ پري ٿيو ۽ پاڻ هيٺ ليٽي پيا. ايتري ۾ هڪ شخص ظاهر ٿيو جيڪو ڪاڏي جو تس پري ڪٺي آيو ۽ ان شخص ويهي اهو ڪاڌو. ان ڪانپوءِ پاڻ پنهنجي راهہ وٺي روانا ٿيا.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن ميان جلال مخدوم نوح عليہ الرحمة جي پٽ حضرت جن کان پڇيو تہ ماڻهو چون ٿا تہ توهان مخدوم نوح جي زيارت لاءِ نہ، پر بهاءُ الدين گودڙيي سان ملاقات لاءِ اتي وڃو ٿا. پاڻ چيائون تہ هائو، تو صحيح ٻڌو آهي. ڇو تہ مونکي بهاءُ الدين ۾ مخدوم نوح جو ظهور نظر اچي ٿو. جيڪو ٻئي ڪنهن ۾ نظر نٿو اچي.

هڪڙي ڏاهي مريد کان نقل آهي تہ مون هڪ دفعي خواب ۾ ڏٺو تہ آءٌ مري ويو آهيان ۽ مون کي مٽ مائٽ دفن ڪرڻ لاءِ قبرستان ڪٺي آيا آهن.

جيئن قبر کوٺي تيار ڪيائون تہ ڏٺم تہ اها نانگ بلائن ۽ وڇن سان ڀري پئي آهي. (370) جڏهن مونکي قبر ۾ لاهڻ لاءِ ويجهو آنديائون تہ ڏاڍو دلگير ٿيس تہ انهن بلائن کان ڪيئن بچندس. اجا انهيءَ پريشانيءَ ۾ هوس جو ڀري ڪان هڪ سوار کي ايندو ڏٺم. پڪ ٿيم تہ اهي حضرت جن آهن. پاڻ جڏهن اتي پهتا تہ منهنجي پريشاني کي ڏسي منهنجن مائٽن کي چوڻ لڳا تہ هن کوٺيل قبر کي مٽيءَ سان ڀري ڇڏيو ۽ هن جي ٻيءَ جاءِ تي قبر کوٽيو. مون کي ڏسي چوڻ لڳا تہ تنهنجي قبر هن جاءِ تي ٿيندي ۽ تون پريشان نہ ٿيءُ. اهي لفظ ٻڌي منهنجي پريشاني ختم ٿي وئي ۽ آءٌ خوشيءَ جي عالم ۾ جاڳي ويهي رهيس.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن ڪنهن مريد حضرت جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ قبلا، ٻڌو اٿئون تہ وقت جي هڪ بادشاهہ جنهن جو نالو سليم هو. تنهن چيو تہ جيڪڏهن مونکي ڪو اصل فقير نظر اچي تہ جيڪر پاڻ کي ان جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيان ۽ ويهي الله الله ڪريان. اهو ٻڌي پاڻ چيائون تہ جيڪڏهن واقعي سندس دل ۾ خدا جي طلب آهي تہ هتي ايترا فقير آهن جو هن کي جتي آهي تتي فيض رسائي سگهن ٿا.

هڪ مخلص کان نقل آهي تہ ڪنهن ڪم خاطر آءٌ ڏاڍو پريشان هيس ۽ ڪا واٽ نظر نٿي آئي. يار دوست بہ مون کان بيزار نظر ٿي آيا. پاڻ کي بلڪل تنها ٿي محسوس ڪيم. آخر جمعي جي ڏينهن جڏهن آءٌ جمعي جو خطبو ٻڌي رهيو هوس تہ، دل ۾ خيال آيو تہ. جيڪڏهن ههڙي وقت ۾ حضرت جن منهنجي مدد ڪن تہ ڏاڍو سٺو. اجان انهن خيالن ۾ گم هوس تہ. منهنجون اکيون زوريءَ ٻوٽجي ويون. ڇا ٿو ڏسان تہ منهنجي آڏو هڪ ڪاري هيبتناڪ بلا آهي. آءٌ ٿوريءَ دير لاءِ خوفزده ٿي ويس. پر پاڻ اڳتي وڌي ان بلا کي ڪٽي زمين تي سٽيائون ۽ مون کي چوڻ لڳا تہ هاڻي ڪنهن قسم جو ڀؤ نہ ڪر. جڏهن اک(371) کلي تہ حضرت جن کي نہ ڏٺم. بهرحال آءٌ نماز ادا ڪري گهر موٽي آيس. ان کان پوءِ جلد ئي منهنجي اها مشڪل حل ٿي وئي ۽ اهي تڪليف ۽ ڏک خوشي ۾ تبديل ٿي ويا.

نقل آهي تہ. هڪ ڏينهن ڪو فقير سهي سنيري حضرت جن جي خدمت ۾ اچڻ لاءِ تيار ٿيو. پر وٽس اهڙي ڪا شيءِ نہ هئي، جا ساڻ ڪٽي اچي خدمت ۾ پيش ڪري. جڏهن تہ ٻين وٽ ڪجهہ نہ ڪجهہ موجود هو. دل ئي دل ۾

محسوس ڪرڻ لڳو تہ ڪهڙو منهن کڻي وڃي حاضر ٿيندس. بهرحال جڏهن اهو فقير خدمت ۾ پهتو تہ حضرت جن ڪيس ڏسي چيو تہ جيڪڏهن فقير وٽ اهڙي ڪا شيءِ نہ هجي جو پنهنجي پير وٽ کڻي اچي، تہ بيو نہ گهٽ ۾ گهٽ ڪاٺين جي ڀري کڻي اچي. ڇو تہ فقيرن جو اهو ئي مرڪ آهي.

نقل آهي تہ، حضرت جن پنهنجي زمين جا پروانا مهر هڻائڻ واسطي پنهنجي ڪنهن قاصد ذريعي ٺٽي جي حاڪم مصطفيٰ خان وٽ ڏياري موڪليا. اهو قاصد بيان ٿو ڪري تہ جڏهن اهي پروانا تيار ٿي مهر هنيل مليا تہ آءٌ فوري طور حضرت جن جي خدمت ۾ پهچائڻ واسطي روانو ٿيس. آءٌ بيحد خوش هوس، ايتري قدر جو رستي جي خبر بہ نہ پئي ۽ آخر هڪ هنڌ اوجهڙ ۾ وڃي ڦاٿس، جتي ڪيترا وڇون ۽ نانگ بلائون هئا. جن مونکي ڏنگي وڌو. مون پنهنجو پاڻ تان آسرو کڻي ڇڏيو. رڳو اهو فڪر هيم تہ ڪيئن بہ ڪري اهي سندون ۽ پروانا حضرت جن وٽ پهچن. واٽ تي جيڪي ماڻهو گڏيا تن منهنجي حالت ڏسي چيو تہ اڄهو ٿو تنهنجو خاتمو ٿئي. آءٌ ڪين ڇوڻ لڳس تہ مون کي مرڻ جو ڪو ڊپ ڪونهي. مونکي صرف اهو فڪر آهي تہ اهي ڪاغذ ڪيئن بہ ڪري حضرت جن کي ملن تہ مونکي اطمينان ٿيندو. منهنجي اها حالت ڏسي انهن ماڻهن کي رحم آيو ۽ هنن (372) مونکي گهوڙي ڏني تہ جيئن آءٌ حضرت جن وٽ پهچي سگهان. بهرحال اهڙي حالت ۾ جڏهن آءٌ حضرت جن جي ڳوٺ ۾ پهتس تہ پاڻ اتي ڪو نہ هئا. بلڪ ٻئي ڪنهن ڳوٺ ۾ ويل هئا. گهوڙيءَ کي اتي ڇڏي وري پنڌ ڇڪيم تہ اهي سندون پهچايان. اتي مون کان وري رت وهڻ لڳو ۽ هاٿي پڪ ٿيم تہ ڇاڻ ٿو مران.

اهڙي حال ۾ مون تي جڏهن سندن نظر پئي تہ ڏاڍي همدردي ڪيائون ۽ پڇڻ لڳا تہ رستي تي ڪهڙي تڪليف آئي اٿئي. عرض ڪيم تہ واٽ تي بلا ڏنگيو اٿم. اهو ٻڌي پاڻ پنهنجو هٿ مبارڪ منهنجي زخم تي گهمايائون تہ انهيءَ جي برڪت سان منهنجو زخم ٺيڪ ٿي ويو ۽ ان زهر جو اثر بہ ختم ٿي ويو. ان کانپوءِ پاڻ پنهنجي ڳوٺ آيا تہ آءٌ بہ سندن همراهہ هوس، اجا ڪجھ پنڌ مس هليس تہ مونکي بڪ ساٿو ڪري وڌو ۽ هلڻ کان لاچار ٿي ڪري پيس. بهرحال دل جو سور دل ۾ ئي پي ٿي ويس ۽ حضرت جن کي نٿي ٻڌايم. اهڙيءَ طرح جهڙي تهڙي حال سان ٽڙندو ٿاٻڙندو اڳتي هلندو رهيس. پر مونکي

محسوس ٿي رهيو هو ته حضرت جن پنهنجي باطن جي روشنيءَ سبب سنهنجي دل کان واقف آهن. اهڙي حال ۾ جڏهن اسان هڪ جهنگل مان گذري رهيا هئاسون ته هڪ عورت اوچتو ظاهر ٿي. جنهن حضرت جن کي سڃاڻي وڏي آزي ڪري چوڻ لڳي ته اڄ رات مون وٽ ترسو ۽ مون وٽ مهمان ٿيو ۽ مونکي اهو شرف بخشيو. پاڻ اها ڳالهه قبول نه ڪيائون. ليڪن ٿوري دير ۾ اها عورت ٻه مانيون ۽ ڪجهه ساڳ پنهنجي رئي جي پلوءَ سان ڍڪي کڻي آئي. اهو ڏسي مونکي سڏي چيائون ته هن مان ڪائي پيٽ قوت ڪر ته جيئن اڳتي هلڻ جهڙو ٿئين (373). مون اهي مانيون ڪاڍيون ته ڪجهه جان ۾ جان آئي ۽ آءٌ پاڻ کي سگهارو محسوس ڪرڻ لڳس ۽ آخر اچي منزل تي پهتاسون.

نقل آهي ته ڪو شخص حضرت جن جي وفات ڪانپوءِ مريد ٿيو. ليڪن پاڻ کي چوڻ لڳو ته ڪاش جيڪر سندن حياتيءَ ۾ دست بيعت ڪري مريد ٿيان ها ته ڪيترو نه بهتر ٿئي ها. انهيءَ خيال ۾ گم هو ته سندس اک لڳي وئي. خواب ۾ حضرت جن کي ڏٺائين. پاڻ سندس هٿ هٿ ۾ وٺي چوڻ لڳا ته جيڪڏهن زندگيءَ ۾ توکي اهو موقعو نه ملي سگهيو ته هينئر ان جو فائدو وٺ. ليڪن وسوسو ۽ وهم نه ڪر. ڇو ته تون اسان سان ملي چڪين.

هڪ مريد کان نقل آهي ته هڪ پيري مون ڏٺو ته حضرت جن قبلي کي ڇڏي، ٻئي طرف منهن ڪري نماز پڙهي رهيا آهن. دل ۾ خيال ڪيم ته کين ٻڌايان. پر خاموش رهڻ بهتر سمجهيم ۽ ڪنڌ وٺي ويهي رهيس. جڏهن فارغ ٿيا ته چوڻ لڳا مان ڪنهن ٻئي طرف منهن ڪري نماز پڙهي رهيو هوس. تو ڇو ڪونه ڪڇيو. ائين چئي فرمايائون: **فاينما تولوا فثم وجه الله:** "پوءِ توهان جنهن طرف منهن ڪريو ٿا. اوڏانهن خدا جي ذات آهي"(القرآن).

نقل آهي ته هڪ ڏينهن پاڻ ڪيترن ماڻهن کي زنجيرن ۾ ٻڌل ۽ قيد ۾ بند ڏسي آيا. جڏهن پنهنجي حجري ۾ داخل ٿيا ته بار بار ڏک ۽ همدرديءَ جو اظهار پئي ڪيائون. جڏهن سندن آڏو ڪاڌو آندو ويو تڏهن به چوڻ لڳا ته افسوس اسان ته طعام ڪائي رهيا آهيون. پر اسانجا پائر قيد ۾ بند ۽ گرفتار آهن. چون ٿا ته ڪجهه دير کان پوءِ انهن سيني ماڻهن کي آزاد ڪري ڇڏيائون.

نقل ٿا ڪن ته ڪو مريد شهر ۾ رهندو هو ۽ کيس ڪافي عيال هو. هميشه انهيءَ پريشانيءَ ۾ مبتلا رهندو هو ته شهر ۾ رهجي يا ٻهراڙيءَ ۾ وڃي

خدا تعاليٰ کي ياد ڪجي. هڪ رات حضرت جن کي خواب ۾ ڏنائين جيڪي چئي رهيا هئس ته تون پلي شهر ۾ ٿي رهه (374) ۽ ڀهراڙيءَ جو رخ نه ڪر. خداوند تعاليٰ ته شهر ۾ به ملي سگهندو. جڏهن سجاڳ ٿيو ته دل ۾ سڪون ۽ قرار محسوس ڪيائين.

نقل آهي ته هڪ پيري حضرت جن مسجد ۾ نه ويا ۽ پنهنجي ڪجهه مريدن سان گڏجي نماز پڙهيائون ۽ پاڻ امامت ڪيائون. هڪڙو مريد جيڪو مسجد ۾ نماز ادا ڪرڻ ويو هو، سو جڏهن واپس آيو ته دل ۾ خيال ڪيائين ته عجب آهي جو حضرت جن سنت جماعت کي ڇڏي هتي نماز پڙهي آهي. پاڻ ان مريد کي مخاطب ٿي چوڻ لڳا ته جماعت نماز پڙهڻ سان آهي، ليڪن اڪيلائي ۾ خدا کي ياد ڪرڻ فرض آهي.

هڪڙي مريد کان نقل آهي ته هڪ دفعي آءٌ نئين ماڻ تيار ٿي، حضرت جن جي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيس. جڏهن اتي پهتس ته خبر پئي ته پاڻ ڪنهن ٻئي طرف ويل آهن. لاچار نااميد ٿي پوئتي موٽ ڪاڏمر ۽ پناهه واهه جي ڪناري تي منجهي ويهي رهيس ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳس. اوچتو هڪ طرف کان مٿي اگهاڙو سوار ايندي ڏٺم. پڪ ڄاتم ته حضرت جن پاڻ آهن. ليڪن انهيءَ وقت پاڻ الاهي جمال جي ساگر ۾ ايترو غرق هئا، جو ڪين پنهنجي وجود جي به خبر ڪا نه هئي ته ڪو مٿو اگهاڙو اٿن. جڏهن مون تي نظر پين ته هي مصرع پڙهيائون:

هي گهاتوئن ويا، مون ڏورائين لڪا.

[مون پري کان سمجهيو ته اهي بهادرن جا ڇاوا آهن.]

ان کانپوءِ پنهنجي ڳوٺ ڏي رخ رکيائون ۽ مون کي چيائون ته فلاڻي هند ڪنهن شخص منهنجي مهماني ڪئي هئي (375). هن ڏاڍيون منٿون ڪيون ته اڄ مون وٽ منزل ڪيو، پر مون ان ڪري قبول نه ڪيو ته جئن ڳوٺ پهچي سگهان. ماڻ ان وقت ڏاڍو بڪايل هوس. سو هڪڙي ماني جا هڙ ۾ ٻڌل هين، مون کي کائڻ لا ڪيي ڏنائون.

نقل آهي ته هڪڙو مريد جيڪو نفل نمازون ادا ڪندڙ ۽ تهجد گذار هو، حضرت جن وٽ آيو. دل ۾ خيال ڪيائين ته جيڪڏهن حضرت جن پاڻ چيو ته نفل ادا ڪندس ورنه اٿين ويٺو رهندس. اهو مريد جڏهن وٽن پهتو ته پاڻ ان کي ٻڌايائون ته هڪڙو شخص هوندو هو، جيڪو نفل تمام گهڻا پڙهندو هو. ان

ڪي ڪن ٻين ماڻهن چيو تہ چو نفل نٿو پڙهين. جواب ڏنائين تہ آءٌ پنهنجي ٻنيءَ جي سنڀال ۾ رڌل رهان ٿو. اهو ماڻهو چوڻ لڳس تہ پر ان سان نماز ادا ڪونہ ٿي ٿئي. اهو ٻڌي اهو شخص چوڻ لڳو تہ آءٌ زمين جي حقيقت کان واقف آهيان ۽ مون ڏٺو آهي تہ جي فصل گهاٽو ٿيندو آهي تہ اتي سنگ ڪمزور ٿيندا آهن. پر جتي فصل ڪمزور هوندو آهي تہ اتي سنگ مضبوط هوندا آهن. اهو ٻڌي ان مريد نفلن پڙهڻ تي زور ڇڏي ڏنو.

چون ٿا تہ حضرت جن جي مريد کي ڪنهن طعنو ڏنو تہ پاڻ چون ٿا تہ اسانجي مريدن ۾ خير خواهن کي رزق جي تنگيءَ جو منهن نہ ڏسڻو پوندو. پوءِ توهان ايڏي افلاس ۽ تنگدستيءَ ۾ ڇو آهيو؟ اهو ٻڌي مريد ڏاڍو دلشڪستو ٿيو ۽ فڪرات ۾ پئجي ويو. آخر خواب ۾ ڏنائين تہ حضرت جن ڪيس چئي رهيا هئا تہ دلگير نہ ٿيءُ ۽ خدا جي ورهاست تي راضي رهڻ سک. اهو جيڪي ڪري ٿو، ان تي استقامت رک.

نقل آهي تہ هڪ دفعي رات جو حضرت جن پاڻ آرام ۾ هئا، جو سندن ڪي مهمان اچي پهتا. هن خادم کي ٻڪريءَ جي گوشت کائڻ جي فرمائش ڪئي، پر وٽن ڪو ٻڪر ڪونہ هو (376). پاڻ اجان ليٽيل ئي هئا تہ خادم اچي کين ٻڌايو تہ فقيرن گوشت کائڻ جي فرمائش ڪئي آهي. ڪنڌ مٿي ڪٽي ڪيس چيائون تہ نيڪ آهي، گوشت جو بندوبست ڪريو ۽ کين رڌي کارايو. پاڻ وري پاسو ورائي ليٽي پيا. اڃان ٿوري دير نہ گذري تہ هڪڙو شخص جنهن جي ڏيءَ کي ويم جا سور ٿيا هئا. پاڻي پڙهائڻ لاءِ حاضر ٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ مون وٽ هڪ ٻڪري آهي، جيڪا شيخ پنهنجي نذر ڪئي هيم، اها هاڻي توهان جي نذر ڪيان ٿو. پاڻ چيائون تہ جڏهن تنهنجي مراد پوري ٿئي تہ پلي ڏئي وڃ. هوڏانهن ان شخص جي پنهنجي گهر پهچڻ جي دير هئي ۽ جيئن پاڻي پياريائين تہ مشڪل حل ٿي وئي. فوراً ٻڪري آڻي خدمت ۾ پيش ڪيائين، جنهن کي فقيرن کهي پچائي کاڌو.

نقل آهي تہ هڪ پيري ڪو شخص وٽن اچي مهمان ٿيو. پاڻيائون تہ طالب خدا ٻنجڻ جي ارادي سان آيو آهي، پاڻ شڪر بجا آندائون. ليڪن گهڻي دير ڪانپوءِ اهو شخص دنياوي مقصد خاطر دعا گهرائي رواني ٿيو. انهيءَ ڳالهہ کي پاڻ پسند نہ ڪيائون ۽ انهيءَ سبب ان شخص جي ڪا تواضع نہ ڪيائون.

اتفاق سان ڪجھ عرصي ڪانپوءِ اهو شخص حضرت جن جي مريد سان ڪٿي ملاقي ٿيو تہ هن مريد کيس چيو تہ حضرت جن توکي ياد ڪندا رهن ٿا. چون ٿا تہ ان ڪانپوءِ اهو شخص خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ دنيا کي ڇڏي سچو طالب خدا بنجي ويو.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت جن ڪڪرالي جي ڳوٺ ۾ ڪنهن جي گهر ٽڪي پيا ۽ اتي ڪجھ کاڌائون. ڪن ماڻهن کي جڏهن اها خبر پئي تہ چوڻ لڳا. حضرت جن کي ڇا ٿيو آهي جو چورن جي گهر(377) ۾ رهن ٿا ۽ انهن جي ماني کائين ٿا. جڏهن کين اها خبر پئي تہ پاڻ هي بيت پڙهيائون:

[99]

خرقانُ خوش ڪري، اڇي ويناسون،
جائين ڏني حسن کي، تائين ڏيندين تون.

[خرقان وارن کي خوش ڪري اڇي ويناسون. جتان حسن خرقانيءَ کي ڏنءِ. تتان اسان کي بہ ڏيندين.]

والله اعلم بالصواب خاتمة الكتاب.

ضميمو

تاريخ وفات ۽ ڪجھ ارشادات

حضرت سيد عبدالڪريم سنڌي رحمت الله عليه جيڪو زماني جو قطب ۽ وقت جو عارف هو. جيڪو دلين جي دوا ڪندڙ ۽ عيبن کي ڍڪيندڙ هو. جيڪو توڪل ڪندڙن جو سرواڻ ۽ حقيقت وارن جو اڳواڻ هو. جيڪو زاهدن جو پيشوا، پرهيزگارن جو امام هو. الاهي اسرارن جو درياءَ ۽ مهربانين جي کاڻ هو. اهو حضرت عبدالڪريم اوليائين جو اڳواڻ. طريقت جي صحرا جو سياح، ڪرامتن جي درياءَ جو تارو، حقيقت جي ولايت جو سلطان، حلقهٔ ارباب ذوق جو پيش امام ۽ اصحاب شوق جو شيخ هو. پاڻ پنهنجي اولاد جي حق ۾ جيڪي ڪجھ فرمايائون، اهو هتي پيش ڪجي ٿو. جاڻڻ گهرجي تہ سندس اهل اولاد وغيره جو مرتبو ۽ مقام گهڻو مٿانهون آهي ۽ ان جو پورو بيان ڪرڻ بہ مشڪل آهي، پر برڪت ۽ فضيلت جي لحاظ کان ڪجھ گفتا ۽ سخن جيڪي پاڻ فرمايائون، هتي بيان ڪجن ٿا. هن جا بہ فصل آهن. پهرين فصل ۾ حضرت جن جي وفات جو ذڪر ۽ ٻئي ۾ اهي سخن ۽ گفتا جيڪي پنهنجي اولاد جي باري ۾ چيائون. (378)

فصل پهريون

سندن رحلت جو وقت مغرب يعني سانجهي، آچر جو ڏينهن، تاريخ ستين ذوالقعد سنہ هڪ هزار ٻٽيهہ هو ۽ لاڏاڻي وقت پنهنجي گهر ۾ هئا. اول کين ڪهڙو مرض لاحق ٿيو. ان بابت ڪا خبر نہ پئي آهي. البت هڪ مخلص چيو تہ مون کائنس ٻڌو تہ پاڻ چيائون تہ منهنجي وجود مان چوويهہ سالن کان چار پنج مرض ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيا آهن. حضرت جن جو مقبرو مبارڪ جنت ثاني شال الله تعاليٰ سندن مرتبي کي اعليٰ عليين ۽ طابَ ثَـراهُ جي مقام تائين پهچائي. پنهنجي ڳوٺ سيدپور ۾ آهي. اهو ڳوٺ ڪاتيارن جي ڳوٺ جي ويجهو ۽ بهرام پور ۾ آهي. جيڪو سنڌ جو هڪ پرڳڻو آهي ۽ اهو درياءَ جي ڪناري تي آهي. هاڻي هر مهيني جي پهرين سومر تي سندن فردوس مثال بهشت ثاني روضي مبارڪ تي ڪيترا اولياءُ، بزرگ، مريد، خادم ۽ ٻيا ڪيتري خلق اچي گڏ ٿئي ٿي. اتي سماع ٿئي ٿو ۽ وڏو مجموعو گڏ ٿئي ٿو.

پري پري کان ڪيترا ماڻهو غريب توڙي امير زيارت ۽ برڪت حاصل ڪرڻ خاطر اچن ٿا ۽ فيض پرائن ٿا. ڪن ڪامل بزرگن جو چوڻ آهي تہ جيڪو ماڻهو ڪامل يقين سان اچي حضرت جن جي زيارت ڪندو، ان کي اوترو فائدو ٿيندو جيترو سندن حياتيءَ ۾ ٿئي ها.

فصل پيو

اهي سخن ۽ ارشادات جيڪي پنهنجي اولاد جي باري ۾ چيائون ۽ انهن جا نالا ۽ تفصيل جيڪي سندن اولاد ۾ شامل آهن. (379) انهن مان پهريون خداوند تعاليٰ جو برگزيدو بندو ۽ الاهي عنايتن سان نوازيل ۽ حضرت جن جي فيض سان پريل حضرت سيد لال شاهہ هو. ليڪن هن جڏهن ڌرتيءَ تي قدم رکيو ۽ سندس پيشاني مبارڪ تي ولايت جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا، بلڪ هو اجا ٻاروتڻ ۾ ئي هو تہ وفات ڪري ويو ۽ وڃي حق سان واصل ٿيو. حضرت جن سندس لاڏاڻي تي هي الفاظ چيا تہ. "اتي منهنجي جگر جا ٽڪرا، حضرت ڪريم نبي عليہ الصلاة والسلام جي خدمت ۾ اسان جا سلام عرض رکجانءِ!"

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن پاڻ ڪجهہ مريدن سان گڏجي ڪنهن طرف وڃي رهيا هئا. اتفاقاً سندن گذر انهيءَ مقام وٽان ٿيو. جتي سندن نينگر مدفون هو. پاڻ بنا ٻڌائڻ جي ان طرف رخ رکيائون ۽ مريدن پنهنجو ڏگ ورتو. جڏهن ڪافي دير ٿي ۽ سندن مريد سڌ پتہ اڳي وڌي ويا تہ هو اتي ويهي سندن راه تڪڻ لڳا. جڏهن پاڻ اتي اچي پهتا تہ مريدن عرض ڪيو تہ قبلا ڪهڙي طرف نڪري ويا هئا. جواب ڏنائون تہ مقام ۾ ويو هئس. اتي پنهنجي نينگر کي ڏٺم. جيڪو ٻين ڇوڪرن سان راند ڪيڏي رهيو هو. مان پاڻ انهيءَ راند ڏسڻ ۾ مشغول ٿي ويس. ۽ هن کي ڏسي رهيو هوس، پر هو مون کي ڏسي نہ سگهيو.

ٻيو فرزند جيڪو اسرار طريقت کان واقف، انوار شريعت تي عامل، جذبہ ربوبيت سان سرشار(380) عبوديت جو ادب يافتہ ۽ درگاهہ خداوندي جي مقامات تي فائز هو، اهو حضرت سيد عبدالرحيم عليہ الرحمة هو. هو دين جي وڏن بزرگن مان هو ۽ سندس ڪرامتون ۽ فضيلتون ايتريون گهڻيون آهن، جو لکڻ کان ٻاهر آهن. هو سماع کي ڏاڍو پسند ڪندو هو ۽ اڪثر پاڻ سماع ۾ مشغول رهندو هو.

نقل ٿا ڪن تہ حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمة جو پٽ حضرت

ابراهيم جيڪو پاڻ ڏٺيءَ جي پسنديده پانهن مان هو. چوندو هو تہ جڏهن سيد عبدالرحيم مخفي جهان مان ظاهري دنيا ۾ پير رکيو تہ مون خداوند تعاليٰ جو شڪر بجا آندو تہ حضرت جن جي جيئري ئي هن جهان ڇڏي وڃي مالڪ حقيقيءَ سان مليو.

ٽيون فرزند جيڪو سخا ۽ حيا جو صاحب، جمال ۽ جلال جو آئينو، سونهارو ۽ عزت ۽ شرف وارو حضرت سيد جلال رحمة الله عليه هو. هو بيحد حسين هو ۽ عبادت بہ گهڻي ڪندو هو. زبان کي ڪهڙي مجال جو تعريف ڪري ۽ قلم کي ڪهڙي طاقت جو حق ادا ڪري. چون ٿا تہ هڪ دفعي جڏهن هو هالڪنديءَ مان روانو ٿي ڪيڏانهن وڃي رهيو هو تہ واٽ تي چورن هٿان شهيد ٿي ويو. (381) اهو واقعو بہ حضرت جن جي حياتيءَ ۾ ٿيو.

چوٿون فرزند جيڪو متقين ۽ زاهدن جو اڳواڻ هو. حضرت سيد برهان هو. هو عبادت ۾ يگانو ۽ قوت ۾ نهايت سگهارو هو. ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ دفعي هو درياءَ جي ڪناري تي ويٺو هو ۽ چٽي رهيو هو تہ مون کي ڪو هٿان چوري درياءَ ۾ ڪيرائي. چون ٿا تہ ڪيترائي ماڻهو گڏ ٿيا. پر ڪيس پنهنجي جاءِ تان جتي ويٺو هو. چوري نہ سگهيا. ظاهر آهي تہ جنهن کي خداوند تعاليٰ پاڻ اهڙي سگهہ ڏني ۽ ان جي پاڻ مدد ڪري ۽ اهو پاڻ عبادت الاهي جو بہ حق ادا ڪندو هجي، ان کي ڪير ٿو لوڏي سگهي يا ان جي برابري ڪري سگهي. زبان سندن حق ادا ڪرڻ کان گونگي آهي. ۽ قلم جو گهوڙو معذور آهي. هن جي وفات بہ حضرت جن جي زندگيءَ ۾ ٿي.

پنجون فرزند راه طريقت جو پانڌيڙو ۽ راه حقيقت جو واقف، مجذوب وحدت، معروف ۽ مشهور سيد الله مجذوب هو. ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ ڏينهن حضرت جن واٽ وٺي وڃي رهيا هئا تہ کين هڪ مجذوب ملي ويو. هن کانئن هڪ درهم گهريو ۽ کين چوڻ لڳو تہ هڪ درهم عيوض پٽ ڏيان ٿو. حضرت جن چيو تہ مون کيس هڪ درهم ڏنو. جڏهن گهر پهتس تہ ٻڌايائون تہ پٽ ڄائو آهي. ويجهو وڃي ڏٺم (382) تہ بلڪل انهيءَ ديواني شخص جي مهانڊي نظر آيم.

جڏهن وڏو ٿيو تہ منجهس عادتون بہ اهڙيون ئي ظاهر ٿيڻ لڳيون. مطلب تہ مٿس انهيءَ ديواني جو پورو اثر نظر اچڻ لڳو. ان جي باري ۾ حضرت جن چوندا هئا تہ بيشڪ کيس امان جي ڪامل صفائي نصيب ٿي آهي. جيتوڻيڪ مشڪلاتون بہ گهڻيون ڏنائين. پر سير سفر بہ جهجها ڪيائين. هن رسالي جي تصنيف وقت زنده هو ۽ هن مصنف کيس ڏٺو هو.

ڇهون فرزند جيڪو صاحب هدايت ۽ ولايت هو. اڪابر ۽ ابرار جو پسنديده هو. رحمان ۽ رحيم جو مٺس راضپو هو. راه يقين وارن جو پيشو ۽ اهل دين جو مقتدا. خدا ۽ رسول جو پيارو سيد دين محمد هو. خدا شل سندس چمار ڏگهي ڪري. حضرت جن جي حياتيءَ ۾ ئي عزت ۽ شوڪت جو صاحب بڻجي ويو. وڏو مالدار هو ۽ سيني پائرن ۾ غني هو. عمدا ڪپڙا پائيندو هو ۽ گهوڙي تي سواري ڪندو هو. حضرت جن ڪيس گهڻو پيائيندا هئا ۽ شفقت ڏيکاريندا هئا.

نقل آهي ته حضرت جن سڪرات جي وقت جڏهن پاڻ الاهي عشق جي نشي ۾ سرشار هئا. ته اوچتو مٺو مٺي ڪٺي جهيڻي آواز ۾ دين محمد جو نالو وٺي سڏ ڪرڻ لڳا. مريد خادم جيڪي موجود هئا تن جواب ڏنو ته دين محمد هتي ڪونهي ٻاهر آهي. اهو جواب ٻڌي پاڻ وري غش تي ويا. ٿوري دير ڪانپوءِ ميان دين محمد اچي حاضر ٿيو ۽ هٽ ٻڌي بيهي رهيو. ڪجهه دير بعد جڏهن پاڻ وري هوش ۾ آيا ته دين محمد دين محمد پڪارياڻون (383). مريدن جواب ڏنو ته دين محمد حاضر آهي. پاڻ خوش ٿيا ۽ شفقت ڀري نظر سان ڪيس ڏناڻون. ان ڪانپوءِ جان جان آفرين جي حوالي ڪياڻون. ايتري ۾ سڀ ماڻهو روئڻ لڳا. پر دين محمد کي جيڪي ملڻو هو مليو. هو هٽ ٻڌي اتي جو اتي بيٺو رهيو.

جڏهن حضرت جن کي دفن ڪري واپس آيا ته ماڻهو ۽ مريد خادم ڦيريائين ته منجهي پيا ته حضرت جن جي جاءِ ڪير والاريندو. اجان انهيءَ فڪر ۾ هئا ته ڏناڻون ته دين محمد جو مٺو ڪوڙيل آهي ۽ ڪيس ٽڳڙيل لڳل ڪارو لباس ڦهريل آهي. هو جڏهن ڪلهن تي ڪفني رکي ۽ ڪاري چادر اوڍي اچي ماڻهن جي ميڙ ۾ وينو ته الاهي نشي ۾ مست لڳي رهيو هو. ماڻهن سمجهيو ته دنيا جون سڀ ڳالهيون ترڪ ڪري چڪو آهي. ان ڪري مريد خادمن سيني ڪيس حضرت جن جو قائم مقام تسليم ڪيو ۽ سندس تعظيم و تڪيم ڪرڻ لڳا.

حضرت جن چوندا هئا ته دين محمد کي خدا تعاليٰ ڪاوڙ ۽ ڏمر کان پالهو پيدا ڪيو آهي. بلڪ جيڪڏهن ڪٿي جنگ جهيڙو هجي ته اتي دين محمد کي وٺي وڃو ته انشاءَالله ماٺ ميٺ ۽ امن امان ٿي ويندو. هي رسالو سندس حياتيءَ ۾ تڪميل کي پهتو ۽ هي فقير سندن زيارت کان مشرف به ٿيو.

ستون فرزند خادم الفقرا. غريبن جي پناه. نسيم وصال جو همدرد ۽ حريم جلال (384) جو محرم سيد سادات ميران سيد حسين هو. جنهن جي باري ۾ حضرت جن سڪرات جي وقت ۾ فرمايو ته جڏهن ڪو اسان جي يارن

جي منجهان ڪنهن مشڪل ۾ ڦاسي تہ سيد حسين وٽ وڃي پنهنجي مشڪل بيان ڪري. پوءِ جڏهن هو دعا گهري تہ توهان آمين چئجو تہ انشاءَ الله توهان جو مقصد پورو ٿي ويندو. ڇاڪاڻ تہ هن جي دعا قبول ٿيندي آهي.

نقل آهي تہ پاڻ سيد حسين جي باري ۾ چوندا هئا تہ هو خادم الفقراءُ آهي. پر اسان امير المؤمنين امام حسين رضي الله عنہ جي محبت ۾ هن جو نالو حسين رکيو آهي.

ائون فرزند سندن نظر شفقت جو پاليل ۽ ڪماليت جو صاحب سيد عبدالقدوس هو. هو ننڍپڻ ۾ حضرت جن جي زندگيءَ ۾ ئي وفات ڪري ويو. حضرت جن چوندا هئا تہ هڪ ڏينهن مون الله تعاليٰ کان دعا گهري تہ مونکي اهڙو پٽ ڏي. جو هن ڪان آءٌ تنهنجون رمزون پڇان ۽ هو مونکان اهي ڳالهيون پڇي. ان ڪانپوءِ سيد عبدالقدوس ڄائو.

جڏهن هو وڏو ٿيڻ لڳو تہ واقعي منجهس اهي وصفون ظاهر ٿيڻ لڳيون. ايتريقدر جو ننڍي هوندي ڇوڪرن کي گڏ ڪري راند ڪرڻ بجاءِ انهن کي ڇوڏاري ويهاري ذڪر ڪرائيندو هو.

نائين. ڏهين ۽ يارهين نياڻين جي اولاد هئي. جيڪي پنهنجي پر ۾ بيبي مريم ۽ بيبي رابعہ ثاني هيون. حضرت جن جي مٿن خاص نظر شفقت هئي، هن فقير جي زبان انهن پرده دار هستين جي تعريف کان عاجز ۽ قلم (385) انهن ستر وارين عورتن جي وصف کان قاصر آهي. بهرحال حضرت جن پنهنجي زندگيءَ ۾ اولاد جي باري ۾ جيڪي فرمايو. اهي بيشڪ ان جو نمونو نظر اچن ٿا. باقي حضرت جن جي اولاد جو اولاد گهڻو آهي. سو جيڪڏهن انهن جي باري ۾ ڪجهہ لکڻ ويهبو تہ هي ڪتاب تمام طويل ٿي پوندو. انهيءَ ڪري اسان صرف سندن فرزندن جو ذڪر آندو آهي. والله اعلم بالصواب.

پورو ٿيو.

هتان خادم فقراء احقرالعباد

ضياء الدين بن گل محمد

تاريخ 29- رمضان المبارڪ 1228 هجري. (386)

تشريحي حوالا

صفحو 51. لا احصي .... نفسڪ

حديث جي مشهور ڪتابن مسند احمد بن حنبل ۽ صحيح مسلم موجب هيءَ حديث آهي، جيڪا حضرت علي رضي الله عنه ڪان روايت ٿيل آهي. صحيح حديث ۾ "انت" لفظ "ڪما" ڪان اڳ ۾ آيل آهي، يعني لا احصيٰ ثناءِ عليڪ انت ڪما اثنيت عليٰ نفسڪ يعني "آءٌ تنهنجي ثنا نٿو ڪري سگهان، جيئن تون پنهنجي ثنا ڪي ڄاڻين ٿو". لڳي ٿو هتي ڪاتب جي سهو ڪان "انت" لفظ پنهنجي جاءِ تي نہ آيو آهي.

مولانا جاميءَ پنهنجو مشهور ڪتاب لوايح جو آغاز پڻ هن حديث سان ڪري ٿو. ليڪن ان ۾ ڪجهہ وڌيڪ الفاظ آيل آهن. ان ڪان علاوه اها حديث مولانا روميءَ جي مثنوي ۽ فخرالدين عراقي جي "لمعات" ۾ پڻ آيل آهي. گلزار ابرار جي مصنف پڻ هن حديث جو حوالو ڏنو آهي.

(فهرست تفسير، ڪشف الاسرار 353، لمعات 399، لوايح جامي از تسبيحي 1، گلزار ابرار 13)

صفحو 51. (ديباچو)

سبحان خالقي ڪہ صفاتش ز ڪبريا

هي اشعار فارسي زبان جي مشهور صوفي شاعر فريدالدين عطار (540هہ-627هہ) جي ٻهرين قصيدي مان ورتل آهن. جيئن ڪتاب جي مقدمي ۾ ان طرف اشارو ڪيو ويو آهي تہ سنڌ هند جي صوفي فڪر تي عطار جي شاعري ۽ سندس نثري تصنيف 'تذڪرة الاولياءَ جو وڏو اثر آهي. عطار جي ٻي مشهور تصنيف 'منطق الطير' آهي جنهن جو سنڌيءَ ۾ اختصار 'پکين جي پارليامينٽ' نالي سان غلام حسين جلباڻي ڪيو ۽ اهو ننڍڙو ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيل آهي. عطار جي ٻين منظوم تصنيفن ۾ 'اسرار نامہ'، 'الاهي نامہ'، 'مصيبت نامہ' ۽ 'مختار نامہ' شامل آهن.

جيتوڻيڪ عطار ڏانهن ٻيون تصنيفون پڻ منسوب ڪيون ويون آهن. ليڪن تحقيق جي لحاظ سان اهو انتساب غلط آهي.

('ديوان عطار'، بديع الزمان فروز انفر، ص 41، 'مختار نامہ'، محمد رضا شفيعي ڪدڪني، ص 32)

صفحو 52. فمنهم ظالم ......بالخيرات (122:28)

عوارف المعارف واري هن آيت جي تشريح ۾ ٽن قسمن جا قول آندا آهن. هڪ بزرگ مطابق هن آيت ۾ ظاهر مان مراد زاهد، مقتصد مان مراد عارف ۽ سابق مان مراد عاشق الاهي آهي.

ٻئي قول مطابق ظالم اهو آهي، جيڪو مصيبت وقت گهٻرائي ٿو. مقتصد يا معتدل اهو آهي، جيڪو مصيبت وقت صبر ڪري ٿو. ۽ سابق يعني سبقت وارو اهو آهي، جيڪو مصيبت کي لذت سمجهي ٿو.

ٽئين قول موجب ظالم اهو آهي، جيڪو غفلت سان پر عادت جي ڪري عبادت ڪري، مقتصد اهو آهي، جيڪو خوف ۽ لالچ سبب عبادت ڪري ٿو ۽ سابق اهو آهي، جيڪو هيبت ۽ احسان سان خدا جي عبادت ڪري ٿو.

چوٿون قول آهي ته ظالم اهو آهي، جيڪو خدا جو ذڪر محض زبان سان ڪري ٿو. مقتصد جيڪو خدا جو ذڪر قلب يا دل ۾ ڪري ٿو ۽ سابق اهو آهي، جيڪو ڪڏهن به خدا کي نٿو وساري.

(عوارف المعارف، صفحو 109، فصوص الحڪم 103)

صفحو 52. خداوندي ڪه بي شبه است و مانند

هي ساڳيا اشعار "تاريخ معصومي" جي آغاز ۾ پڻ آندل آهن. ان جو هڪڙو سبب اهو آهي ته تاريخ معصومي جنهن جو مصنف مير معصوم بکري آهي. جيڪا هن 1009 هه ۾ لکي پوري ڪئي، ان جو هڪ نقل بيان العارفين جي مصنف محمد رضا سال 1045 هه ۾ ڪتابت ڪيو. انهيءَ ساڳي نسخي کي علامه دائود پوٽي بنيادي نسخو قرار ڏئي، تاريخ معصوميءَ جو فارسي ايڊيشن تيار ڪيو. وري انهيءَ ساڳي تاريخ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو مخدوم امير احمد ڪيو. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپيل آهي.

گويا بيان العارفين کان ست سال پوءِ محمد رضا اهو نسخو ڪتابت ڪيو. مير معصوم پاڻ شاعر هو. ٿي سگهي ٿو ته هي شعر سندس هجن. ليڪن "مير معصوم بکري" ڪتاب ۾ ڪو نه آهن، جنهن ۾ حسام الدين راشديءَ مير معصوم جي سوانح ۽ ڪارنامن سان گڏ سندس شاعريءَ کي به جمع ڪيو آهي. مخدوم امير احمد مٿيان فارسي اشعار هيٺين ريت سنڌي ۾ منظوم ڪيا آهن.

خدا. جنهن جو نہ آ ڪو مٽ نہ مانند
آ قدرت سان رئيس جو بہ خاوند
اهو مالڪ تہ جنهن جو ڪو بہ همتا
سندس هستيءَ تي شاهد جملہ اشيا.

(تاريخ معصومي سنڌي - ڇاپو ٽيون 1985ع. سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. صفحو 36 ۽ 37 مير معصوم بکري تصنيف سيد حسام الدين راشدي 279)

صفحو 60. مخدوم نوح (911/1505- 998/1589ع)

مخدوم نوح جو احوال سڀ کان پهرين سنڌ جي اولين تذڪري حديقة الاولياءِ ۾ ملي ٿو. جيڪو مصنف سال 1016 هہ / 1607ع ۾ تصنيف ڪيو. هڪ هنڌ سندس انداز بيان مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو پاڻ مخدوم نوح سان مليو هو. مخدوم نوح جي قران فهميءَ جو ذڪر سيني تذڪرن ۾ موجود آهي. ڏانهنس منسوب قرآن پاڪ جو فارسي ترجمو ڪجهہ سال اڳ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيل آهي.

جيئن مقدمي بيان ۾ ڪيو ويو تہ مخدوم نوح جو احوال "رسالہ فتحيہ" ۾ سندس پوٽي سنہ 1019 هہ ۾ مرتب ڪيل آهي. ان کانپوءِ دليل الذاڪرين جيڪو 1106 هہ / 1695ع ۾ حاجي پنهور مرتب ڪيو. تنهن ۾ پڻ مخدوم نوح جي سوانح ۽ وقت جي بزرگن جو تذڪرو موجود آهي.

ان کانسواءِ مخدوم نوح جو ذڪر گلزار ابرار. تحفة الڪرام ۽ معيار سالڪان طريقت ۾ پڻ ملي ٿو. تازو قاضي محمد شوڪت علي مخدوم نوح جا چونڊ ملفوظات سوانح سميت مرتب ڪري شايع ڪرايا آهن. ڪجهہ ملفوظ بيان العارفين ۽ هن ڪتاب ۾ مشترڪ آهن. جن جي مناسب هنڌن تي نشاندهي ڪئي ويندي.

(حديقة الاولياءِ 131 - 139. تحفة الڪرام 383 -388)

صفحو 60. سيد ميران يوسف بکري

تحفة الڪرام موجب هو بکر کان لڏي اچي ٺٽي ۾ رهيو. ميران محمد جونپوريءَ سان عقيدت رکندڙ هو. تحفة الڪرام واري بہ تقريباً ساڳيو احوال بيان العارفين تان ورتو آهي. البت وڌيڪ سندس اولاد جو بہ ذڪر ٿيل

آهي. معيار سالڪان طريقت ۾ پڻ مير علي شير اهو ساڳيو احوال ڏنو آهي. جتي مشاهيرن ۽ صوفين جو احوال هر صديءَ جي حوالي سان الڳ ڏنل آهي.

(تحفة الڪرام، صفحو 504)

صفحو 61. شيخ پنو (وفات 680 ھ / 1282ع)

حديقة الاولياءَ جي مصنف عقيدت وچان شيخ پني جو سچو احوال منظوم ڪيو آهي ۽ اها مشهور روايت آندي آهي، جنهن مطابق قلندر شهباز عثمان مروندي، شيخ زڪريا ملتاني ۽ شيخ صدرالدين ٽيئي گڏجي ٺٽي ۾ شيخ پني وٽ آيا. ان ڪانپوءِ شيخ زڪريا جو مريد ۽ خليفو بڻيو.

تحفة الڪرام جي مصنف تقريباً ساڳيو احوال معيار سالڪان طريقت ۾ آندو آهي.

تاريخ جي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو ته سومرن ۽ سمن بادشاهن جي دور ۾ عوام جي شيخ پني سان وڏي عقيدت هئي. سنه 752 ھ /1351ع ۾ سلطان محمد تغلق سنڌ تي چڙهائي ڪئي، پر اوچتو ٺٽي جي ڀرسان بيمار ٿي مري ويو. ان ڪانپوءِ سلطان فيروز شاه 766 ھ / 1365ع ۾ وري سنڌ تي حملو ڪيو. وڏي مقابلي بعد رسد جي ڪمي ۽ گهوڙن ۾ بيماري پوڻ سبب، سلطان واپس گجرات هليو ويو ته سنڌ جي عوام ان کي پير پني جي ڪرامت قرار ڏنو. جنهن تان هي پهاڪو مشهور ٿيو.

بابرڪت شيخ پنو- هڪ مئو هڪ ٽنو

(سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڊاڪٽر بلوچ، چوٿون ايڊيشن، صفحو 180 ۽ 189)

صفحو 62. مخدوم آدم سميجو

مير علي شير قانع تحفة الڪرام ۾ بيان العارفين وارو ساڳيو احوال دهرايو آهي، جيڪو اڳتي ايندو.

صفحو 63. حاجي شورو

مير علي شير قانع لکي ٿو ته هو جوڻ پرڳڻي جو رهندڙ هو ۽ مخدوم نوح، مخدوم اسماعيل جاڳو، سيد رڪن الدين ۽ سيد عبدالڪريم جي صحبتن مان فيض پرايو هئائين. تحفة الڪرام واري هن کي سورو ۽ اسماعيل جاڳو کي جاڪي ڪري لکيو آهي.

(تحفة الڪرام صفحو 409)

صفحو 63. صابو سومرو

تحفة الڪرام واري هن ڪي صابو سومرو ڪري لکيو آهي ۽ ڪيس مخدوم نوح جو خاص فيض يافته ڄاڻايو آهي.

(صفحو 429)

صفحو 64. بهاءُ الدين گودڙيو

مخدوم نوح جو ناليرو مريد ۽ خاص معتقد هو. هو باقاعدي عالم هو. مخدوم نوح ڏانهن منسوب قرآن شريف جو فارسي ترجمو سندس ڪتابت ڪيل اهي. هو ڀهريائين درويش موسيٰ جوڻ واري جو مريد هو. هو ننڍي ۾ رهندو هو. شاهه ڪريم سان سندس وڏو رستو هو.

صفحو 64. سيد ابراهيم. سيد يوسف ۽ سيد محمد جعفر

سيد ابراهيم ميران يوسف جو لائق فرزند هو. تحفة الڪرام ۾ سندس احوال ڏنل آهي. سيد ابراهيم جو پٽ وري سيد محمد جعفر ٿيو. جيڪو شاهه ڪريم سان وڏي عقيدت رکندو هو.

(تحفة الڪرام صفحو 504 -506)

صفحو 64. ميان ابراهيم ولد مخدوم نوح رحه

مخدوم نوح جو فرزند جنهن جي شادي ميرڻ ڪاتيار جي نياڻيءَ سان ٿي. (چوندِ ملفوظات مخدوم نوح، قاضي شوڪت، صفحو 56)

صفحو 64. مخدوم ضياء الدين

هن جو ذڪر تاريخ معصومي ۾ پڻ ٿيل آهي.

مهراڻ نهڙيو: (تحفة الڪرام صفحو 424)

ميان عبدالعزيز ڏاڏونءِ وارو: ڏاڏونءِ جو ڳوٺ بلڙي جي ويجهو تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ اڄ به موجود آهي.

صفحو 65. ميان عيسيٰ (تحفة الڪرام صفحو424)

احمد رونجهو (تحفة الڪرام صفحو 424)

ميان عبدالرشيد (تحفة الڪرام صفحو 424)

صفحو 66. ابوبڪر پٽ بايزيد (تحفة الڪرام صفحو 455)

صفحو 68. فوت الانفاس قتل الانبيا بغير حق.

گهڻي تلاش جي باوجود هن مقولي جي اصليت يا ماخذ بابت خبر

پئجي نہ سگھي. جيتوڻيڪ سيني صوفين وٽ ساهہ يا دمر جي اهميت، خاص طور خدا جي ياد جي حوالي سان مسلم آهي، تاهمر هن مقولي ۾ جنهن شدت سان ان جي اهميت بيان ڪيل آهي، اها سموري صوفي ادب ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي.

دراصل قرآن پاڪ جي سورة آل عمران جي آيت 112 ۾ بني اسرائيل لاءِ اهو بيان ٿيل آهي تہ هو پنهنجي نبين کي ناحق قتل ڪندا هئا. جيڪا ڳالهہ سندن نافرمانيءَ جي نشاندهي ڪري ٿي. ويقتلون الانبياء بغير حق.

صفحو 70. ميان عبدالقدوس شاهہ ڪريمر جو صحبتي هو.

(تحفة الڪرامر 424)

صفحو 70. خدا تعاليٰ کي ڪو بہ مطلب رکي ياد نہ ڪريو.

بيان العارفين جي ڪاتب هن مقولي جي وڌيڪ وضاحت لاءِ مثنوي روميءَ جو هيٺيون شعر لکيو آهي. هن ڪان علاوه پڻ حاشين تي مثنويءَ سان معنوي ربط ثابت ڪرڻ خاطر ڪيترائي اشعار لکيا آهن.

از خدا غير خدارا خواستـــن

ظن افزو نيست و کلي کاستن.

[خدا کان غير خدا جي طلب ڪرڻ اجائي گمان ۽ خواريءَ جي برابر آهي.] (جلد ڇهون، شعر 775)

صفحو 73. حال، ماضي ۽ مستقبل

شاهہ لطيف جو هن سلسلي ۾ نهايت معنيٰ خيز شعر آهي تہ:

ڪنين ماضي من ۾، ڪنين استقبال

حاصل جنين حال، آءٌ نہ جيئندي ان ري

(سر رامڪلي)

صفحو 73. ذڪر جلي.

ذڪر جي اها ترڪيب قادري سلسلي موجب آهي. خاص طور ذڪر جهر ۽ ضرب وارو طريقو قادرين جو آهي. لا الہ چوي تہ معنيٰ الله ڪانسواءِ ٻي هر وجود جي نفي ڪري، ذڪر جلي ڪانپوءِ ذڪر خفي ڪري.

فڪر مان مراد مراقبو آهي، جنهن ۾ اسم ذات جو ذڪر ڪري.

(القول الجميـل في بيان سواءِ السبيل، شاه ولي الله، ترجمو محمد سرور، سنڌ ساگر اڪيڊمي، لاهور، 1981، صفحو 60 ۽ 64)

صفحو 74. سماع معنيٰ مخفي ذڪر آهي.

شيخ ابو طالب مڪي چوي ٿو تہ سماع ذڪر جي صورت آهي، بشرطيڪ ان سان الله طرف رجوع ٿئي. هو ائين بہ چوي ٿو تہ وڏي منزل تي پهتل عارف لاءِ سماع ٻڌڻ درست آهي. پر مبتدي يا سيکڙاٽ لاءِ اهو ٺيڪ ناهي. سماع بابت صوفين جا ڪيترائي قول ملن ٿا.

(قوت القلوب اردو جلد دوم 224)

صفحو 74. ذڪر ۽ فڪر

هن سلسلي ۾ رومي چوي ٿو:

اين قدر گفتيم باقي فڪر ڪن
فڪر گر جامد بود، رو ذڪر ڪن
ذڪر آرد فڪر رادر اهتزاز
ذڪر را خورشيد اين افسرده راز.

صفحو 76. من احب شيءِ اڪثر ذڪره

صاحب ڪشف اسرار موجب هيءُ مشهور حديث آهي. (صفحو 367)

ان الله لاينظر الاصور کم .... ونياتکم

فهرست تفسير ڪشف الاسرار ۾ هيءُ حديث ڄاڻايل آهي.

تذڪره عطار ۾ بيبي رابعہ بصريءَ جي ذڪر ۾ پڻ " ان الله لاينظر الا صور کم تائين حديث ڏنل آهي. (صفحو 326)

(تذڪرة الاوليا، تهران، صفحو 27)

صفحو 77، ان الله وتر يحب الوتر

هيءُ حديث قدسي آهي، جيڪا صحيح بخاري ۽ مسلم ۾ آهي ۽ ڪجھ ٻين لفظن سان گڏ پڻ ملي ٿي.

(صحيفۂ همام بن منبه – ڊاڪٽر حميد الله، ڪراچي، ص 91)

صفحو 80. فارغ المشغول ۽ مشغول الفارغ

سير اولاليا، جو مصنف نظام الدين اولياءُ جي حوالي سان لکي ٿو تہ پاڻ چيائون فارغ مشغول اهو آهي جيڪو بظاهر ياد الاهي ۾ مشغول هجي، پر اندر ڪن ٻين ڳالهين سان مشغول هجيس. ليڪن مشغول فارغ اهو آهي.

جيڪو ظاهر ۾ خلق جون تڪليفون برداشت ڪري. پر اندر ۾ ياد الاهي سان مشغول هجي.

جنيد بغدادي جو قول آهي تہ مان فارغ مشغول آهيان ۽ محمد رويم مشغول فارغ يعني مان دنياوي لاڳاپا ترڪ ڪري ياد حق ۾ مشغول آهيان. پر هو دنياوي تعلقات جي باوجود حق سان مشغول آهي.

(مراة الاسرار، صفحو 360. سير الاوليا' - امير خورد. اردو ترجمو اعجاز الحق قدوسي، اردو سائنس بورڊ. ڇاپو چوٿون. 1996. لاهور. صفحو 685)

صفحو 81. چار اصول

عوارف المعارف، مطابق روحانيت جو بنياد هي چار ڳالهيون آهن:

(1) گهٽ کائڻ. (2) گهٽ سمهڻ. (3) گهٽ ڳالهائڻ (4) ماڻهن سان گهٽ ملڻ يا الڳ ٿلڳ رهڻ.

(عوارف المعارف: عمر بن محمد شهاب الدين سهروردي، اردو ترجمو: حافظ سيد رشيد احمد، لاهور 1982. صفحو 253. فوائد الفواد: اردو ترجمو: محمد سرور: اوقاف پنجاب. 1985. صفحو 47)

صفحو 81. من عرف نفسه فقد عرف ربه

صوفين وٽ مقبول ۽ مشهور حديث آهي. تصوف جي سڀني بنيادي ڪتابن ۾ آيل آهي. جن ۾ ابوبڪر ڪلاباذي جو "ڪتاب التعرف". ابو نصر سراج جو "ڪتاب اللمع ". علي هجويري جو "ڪشف المحجوب" امام غزالي ۽ جو "احياء علوم الدين ". شيخ شهاب الدين سهروردي ۽ جو "عوارف المعارف" ۽ مثنوي مولانا رومي خاص طور قابل ذڪر آهن.

ليڪن سڀ کان وڌيڪ ۽ بار بار هن حديث کي ڪيترن حوالن سان ابن عربي پنهنجي ڪتاب فصوص الحڪم ۾ آندو آهي.

(فصوص الحڪم. اردو. صفحو 98)

صفحو 82. ڪارو لباس

صوفين وٽ خرقہ پوشي يا مخصوص لباس شروع کان اهميت وارو رهيو آهي. عوارف المعارف ۾ هڪ حديث جي حوالي سان اهو ذڪر آهي تہ جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن وٽ ڪارو لباس پيش ڪيو ويو تہ پاڻ اهو ام خالد کي پائڻ لاءِ ڏنائون ۽ ڪيس بہ دفعا چيائون تہ اُن کي ايترو پهريو.

جيئن اهو پراڻو ۽ ڦاٽل لڳي. هڪ دفعي جڏهن سندن نظر پراڻي لباس تي پئي ته پاڻ ان کي پسند فرمايائون.

عوارف المعارف وارو اڳتي لکي ٿو ته اهل تصوف رنگدار لباس کي انهيءَ ڪري پسند ڪيو آهي، جو هو خدا جي ياد ۾ ايترو مشغول هوندا آهن، جو بين ڪمن لاءِ ڪين فرصت نه ملندي آهي.

شيخ ضياءِ الدين سهروردي "آداب المريدين" ۾ چوي ٿو ته: صوفي چتين لڳل لباس ڪيترن سببن ڪري پهرين ٿا. هڪڙو هي ته اهو گهڻ خرچ وارو ٿئي ٿو. گهڻ ڦاٽي ٿو ۽ گهڻا ڏينهن هلي ٿو. ان ڪانسواءِ منجهائنس سادگي ۽ نهٺائي بکي ٿي ۽ تڪليف ۾ صبر ڪرڻ سولو ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح سردي ۽ گرمي پنهي لاءِ موزون رهي ٿو. چور چڪار کي ان جي چورائڻ جي خواهش ڪو نه ٿي ٿئي. هٿ ۽ وڏائي کي پيدا ٿيڻ نٿو ڏئي.

شاهه ڪريم بابت جئن بيان العارفين مان معلوم ٿئي ٿو ته هو گودڙي اوڍيندو هو ۽ مريدن کي به ان جي ترغيب ڏيندو هو. گودڙي پنهنجي ليکي هڪ مڪمل لباس آهي.

(آداب المريدين، اسلامڪ بڪ فائونڊيشن، لاهور، سال 1980، صفحو 22، عوارف المعارف، صفحو 142)

صفحو 84. سيد جلال شيرازي.

سيد علي شيرازي (795 هه - 877 هه) پير مراد جو وڏو ڀاءُ هو. سيد جلال عليءَ جو پٽ هو ۽ پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ پنهنجي چاچي پير مراد (893 هه / 1478) جو پيو خليفو ٿيو. هن سال 903/1497 ۾ وفات ڪئي. سيد جلال پنهنجي پٽ جو نالو سيد علي ثاني رکيو. جيڪو وڏو عالم ۽ فاضل ٿيو. "آداب المريدين" سندس تصنيف آهي، جيڪا سنه 954 هه ۾ لکي پوري ڪيائين. هن 981 هه ۾ وفات ڪئي. سندس پٽ جلال ثاني وڏي ناليوارو بزرگ ٿي گذريو. مرزا باقيءَ ترخان جي پٽ مرزا صالح پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ هن بزرگ کي ڏنو هو.

(تحفة الڪرام صفحو 468)

صفحو 89. ماترڪت ...... النساءِ

فهرست تفسير ڪشف الاسرار ۾ هيءَ حديث ڇاٽايل آهي .(صفحو 362)

صفحو 91. العلم نقطة كثرتها في الجهل

جواهر العشاق ۾ مٿيون قول ائين ڄاڻايل آهي تہ، جنهن جو مطلب آهي تہ علم هڪ نقطو آهي ۽ ان جي ڪثرت جهل آهي.

(جواهر العشاق اردو، صفحو 180)

صفحو 91. قاضي قادن (وفات 958 هہ / 1551ع)

قاضي قادن جو سڀ کان پهرين احوال مير معصوم "تاريخ معصومي" ۾ ڏنو آهي، جنهن مطابق هو هڪ وڏو عالم فاضل ۽ مدبر شخص هو ۽ سيد محمد جونپوريءَ جي مريدن جي سلسلي ۾ داخل هو. سنہ 926 هہ ۾ جڏهن شاهہ بيگ ارغون شهر ٺٽي تي قبضو ڪيو تہ قاضي قادن اتي ترسيل هو. جنگ جي ڪري ٺٽي شهر ۾ قتل و غارت وارو سمان هو. شاهہ بيگ سان قاضي قادن جي خط و ڪتابت ڪري، امن و امان قائم ٿيو ۽ آخر ۾ انهن ڪوشش ڪري قاضي قادن شاهہ بيگ جو اعتماد حاصل ڪري ورتو. سال 927هہ ۾ شاهہ بيگ کيس بکر جو قاضي القضات مقرر ڪيو. شاهہ بيگ جي مرڻ کانپوءِ شاهہ حسن جو بہ مٿس پروسو رهيو. ليڪن سال 947هہ ۾ قضا جو عهدو ڇڏي، حج تي روانو ٿيو ۽ اتيئي وفات ڪيائين.

اها عجيب ڳالهہ آهي تہ مير معصوم جيڪو پاڻ بکر جو هو ۽ فارسيءَ جو شاعر هو. تنهن قاضي قادن جي سنڌي شاعريءَ بابت ڪو اشارو نہ ڏنو آهي. بهرحال اهو گلزار ابرار جو مصنف محمد غوثي مانڊوي هو جنهن 1022هہ / 1613ع ۾ لکيل انهيءَ ڪتاب ۾ قاضي قادن جي وحدت الوجودي ۽ صوفي شاعر هجڻ بابت لکيو. جنهن مقدمي ۾ عرض ڪيو ويو تہ غوثي احمدآباد، برهانپور ۾ رهندڙ سنڌي بزرگ شيخ عيسيٰ جندالله پاڻائي کان ۽ پوءِ، ان جو وڏو معتقد بڻجي ويو. معلوم ٿئي ٿو تہ قاضي قادن جا چارئي سنڌي بيت جن جو ترجمو هن ڪتاب ۾ پاڻ ڏنو، اتي جي سنڌي بزرگن کان ٻڌا هوندائين.

گلزار ابرار کان پوءِ بيان العارفين پيو ڪتاب آهي. جنهن ۾ قاضي قادن جا ست بيت ملن ٿا. جيڪي شاهہ ڪريم پنهنجي مريدن آڏو پڙهيا. سال 1978ع ۾ ڀارت جي صوبي اوڀر پنجاب ۾ پراڻي ديوناگريءَ صورتخطيءَ ۾ لکيل قاضي قادن جا وڌيڪ بيت مليا. ۽ بعد ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق سان

ٻين ماخذن مان ٻيا بيت مليا. جنهن مان ان ڳالهه جي وڌيڪ تصديق ٿي ته هو اعليٰ پايي جو صوفي شاعر هو.

قاضي قادن جو رسالو: ڊاڪٽر بلوچ، سنڌالاجي، حيدرآباد، 1999، صفحو 16 -22، تحفة الڪرام صفحو 363، تاريخ معصومي سنڌي 240)

صفحو 93، ڪشف الاسرار

ڪشف الاسرار نالي سان ڪيترن ڪتابن جو ڏس ملي ٿو. انهن مان مشهور ڪشف الاسرار وعدة الابرار نالي فارسيءَ ۾ تفسير آهي جيڪو ڏهن جلدن ۾ هڪ ضخيم تصنيف آهي. اها اصل ۾ هڪ ننڍي تصنيف آهي جيڪا خواجه عبدالله انصاري هراتي (394هه - 481هه) ڏانهن منسوب آهي. ان جو شرح ۽ تفصيل ابو الفضل ميبدي سنه 520هه /1126ع ۾ ڪيو.

جيتوڻيڪ بيان العارفين ۾ مولانا رومي ۽ ان جي مثنويءَ جو ڪٿي به نالو نه ورتو ويو آهي. پر شاهه ڪريم جي شاعري ۽ فڪر تي روميءَ جو واضح اثر نظر اچي ٿو. جيئن مقدمي ۾ ان جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. غالب گمان آهي ته 'ڪشف الاسرار' مان مراد مثنوي رومي آهي ۽ ان ڳالهه ڏانهن اشارو مثنوي روميءَ جي عربيءَ ۾ لکيل هن ديباچي مان ملي ٿو. اها عبارت هن ريت آهي:

هذا كتاب المثنوي و هوا صول اصول الدين، في كشف اسرار الوصول و اليقين وهو فقه الله اكبر ....

[هيءَ ڪتاب مثنوي آهي ۽ اهو دين جي اصول جو به اصول آهي ان ۾ وصول ۽ يقين جي راز کي کوليو ويو آهي.]

(ڪشف الاسرار وعدة الابرار، تهران، 1363هه، معروف به تفسير خواجه عبدالله انصاري، مثنوي معنوي، تصحيح: قوام الدين خرشاهي 1378هه)

صفحو 98، الجوع طعام الله في الارض

هن قول بابت مثنوي روميءَ ۾ ڪيئي شعر موجود آهن. بلڪل ساڳي معنيٰ بابت هيٺيان شعر آهن:

جوع رزق جان خاصان خداست
كي زبونِ همچوتو گيج گداست.

| بک خدا جي خاص بندن جو رزق آهي. اها تو جهڙي بيوقوف فقير جي قابو ۾ ڪيئن ايندي؟ |

(جلد پنجون شعر 2845)

رسالہ غوث الاعظم جي شرح "جواهر العشاق " ۾ سيد حسيني گيسودراز هن قول جي وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ فقير جو ڪاڏو يا قوت جمال الاهي ڏسڻ ۽ هن جو پيئڻ خدا سان ڪلام ڪرڻ ۾ آهي.

(جواهر العشاق:اردو ترجمو مولوي احمد حسين، پروگريسو بڪس، لاهور، سال 2000، صفحو 53)

صفحو 101، تجريد ۽ تفريد

صوفين جا عام اصطلاح، جن تي مقدمي ۾ روشني وڌي وئي آهي. عطار جي پندنامہ ۾ هينيان شعر ملن ٿا:

ترڪ دعويٰ هست تجريد اي پسر	[هرقسم جي دعوا کان پري رهڻ تجريد آهي، اي پٽ
فهم ڪن معنى تفريد اي پسر	اهڙيءَ طرح تفريد معنيٰ سمجهہ، اي پٽ
اصل تجريدت وداع شهوت است	اصل ۾ تجريد شهوت کي ڇڏڻ جو نالو آهي
بلڪہ ڪلي انقطاع شهوت است	بلڪ شهوت کان مڪمل طور پاسو ڪرڻ تجريد آهي.
گر تو برداري ز غيرش اعتميد	جڏهن تون بہ هر شيءِ تي اعتماد ڪرڻ ڇڏي ڏيندين
آنگہ از تجريد گردي با اميد	تڏهن تون تجريد کي حاصل ڪرڻ جي اميد رکي سگهين ٿو
اعتمادت چون همہ برحق بود	جڏهن تنهنجو سمورو ڀروسو ذات حق تي هوندو
آن دمت تفريد مطلق بود	تڏهن توکي تفريد جي پوريءَ ريت خبر پوندي
گرز دنيا دست شوئي بهر حق	جڏهن توکي خدا واسطي دنيا مان هٿ ڪيندين
وانگہ از تفريد گويندت سبق	تڏهن توکي تفريد جو پهريون سبق ملندو
گريابي از سعادت اين مقام	جڏهن خوش قسمتيءَ سان توکي هي مقام حاصل ٿئي]
صاحب تجريد باشي والسلام	

(پندنامہ عطار 44 ۽ 45)

صفحو 103، فصوص ۽ لمعات

انهن ٻنهي ڪتابن بابت مقدمي ۾ تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي.

رونقي وجود ڪن ڪہ يابي
سري ڪہ نيابي در فصوص و لمعات

جاميءَ جي رباعيءَ جون هي ٻہ آخري سٽون آهن. مقدمي ۾ پوري رباعي ڏنل آهي. مولانا جاميءَ عراقيءَ جي ڪتاب "لمعات" جي جيڪا شرح "اشعة اللمعات" نالي سان ڪئي آهي. ان جي پڇاڙي مٿين رباعي سان ٿئي ٿي.

(اشعة اللمعات قلمي مورخہ 1095 هہ در هرات خطي شماره 8767. مرکز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان)

صفحو 106. من مدحک فقد ذبحک

هيءَ حضرت عمر رضي الله عنہ جو قول آهي. مثنوي روميءَ ۾ پڻ هيٺيون شعر ملي ٿو.

"مدح" باشد در حقيقت همچو "قتل".

ترجمو: تعريف ڪرڻ در حقيقت قتل جي برابر آهي.

(احاديث و قصص مثنوي تاليف بديع الزمان فروز انفر تهران، 1376. صفحو 85)

صفحو 106. ڪُن في الدنيا.....اصحاب القبور

(حديث بحوالہ ڪشف الاسرار صفحو 352)

صفحو 109. نجا المخففون و هلک لمثقلون

هي قول مالڪ بن دينار ڏانهن منسوب آهي. هن اهي الفاظ تڏهن چيا جڏهن هڪ دفعي بصري ۾ باهہ لڳي ۽ ماڻهن کي ڀڄندي ڏٺائين.

(تذڪرة الاولياءُ. فارسي تصحيح دڪتر محمد استعلامي. چاپ نهم. تهران. صفحو 54)

صفحو 111. الفقر فخري:

صوفين وٽ مشهور حديث آهي. عطار تذڪره ۾ هڪ دفعو ۽ مولانا رومي مثنوي ۾ ڪيئي دفعا ان کي آندو آهي. قادري سلسلي جي صوفين وٽ فقر جي وڏي اهميت آهي. غوث اعظم جي الهامن ۾ فقر جي عظمت تمام وڏي آهي. هڪ هنڌ آهي تہ اي غوث اعظم. پنهنجي دوستن کي ٻڌاءِ تہ فقير مون وٽ آهن ۽ آءٌ فقيرن وٽ آهيان.

(رسالہ غوث الاعظم: جواهرالعشاق 129)

صفحو 112. همان مردي تمام است در تمامي

هن شعر بابت مقدمي ۾ وضاحت ڪيل آهي.

صفحو 111. چاليھ چاليھا.

شاھ لطيف جي ھڪ سٽ آھي:

تھڙا چاليھا نہ چاليھہ. جھڙو پسڻ پرينءَ جو

صفحو 114.

دريا دليم و ديده ما معدن در است

گردست من تهي ست ولي چشم من پر است

ڊاڪٽر بلوچ جي راءِ آھي تہ ھي غالباً شاھ ڪريم جو پنھنجو فارسيءَ ۾ چيل شعر آھي. ليڪن 'مخزن الغرائب' جي روايت موجب ھي شعر مغل شھنشاھ ھمايون جو آھي.

سيد صباح الدين عبدالرحمان لکي ٿو تہ ھمايون صاحبِ ديوان ھو ۽ سندس اھو ديوان ھن پاڻ پنھنجي استاد حافظ شمس الدين پٽنہ ڪاليج جي شعبہ فارسي وٽ ڏٺو ھو. جيڪو ان تي تحقيق ڪري رھيو ھو. ھمايون جون ڪيترين رباعيون پڻ ملن ٿيون جن جو ثبوت 'روضتہ السلاطين' مان پڻ ملي ٿو.

(سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ. ڊاڪٽر بلوچ ص 314. مخزن الغرائب. سنديلوي. ص 734. بزم تيموريہ. سيد صباح الدين. ص 55)

صفحو 114. طالب ڪي ڪا انتھا ناھي.

انھيءَ ساڳي مطلب جي ادائگي لاءِ شاھ لطيف جي ھيٺين سٽ نھايت معنيٰ خيز آھي:

نڪا ابتدا عبد جي نڪا انتھا

جي سڄاتو سپرين. سي وڃڻ ڪي وٿا.

(شاھ لطيف جو رسالو: سر ڪلياڻ -21)

ھن خيال جو ماخذ بہ تذڪره آھي. ذوالنون مصريءَ جي احوال ۾ آھي تہ واٽ ويندي ھن جي ھڪ عورت سان ملاقات ٿي. جنھن کان سوال پڇيائين تہ محبت جي انتھا آھي؟ ھن وراڻيو تہ محبت جي ڪا انتھا ڪانھي. ڇاڪاڻ تہ محبوب جي انتھا ڪانھي.

(تذڪرة الاولياءُ 146)

صفحو 116. دنيا جو ترڪ ڪرڻ.

صوفي ادب ۾ هن موضوع تي تمام گهڻو مواد موجود آهي. فارسيءَ ۾ هڪ شعر ذريعي مٿئين تصور جي وضاحت ڪري سگهجي ٿي.

سر برهنه نيستم دارم ڪلاهِ چار ترڪ
ترڪ دنيا ترڪ عقبيٰ ترڪ مولا ترڪ ترڪ

[دنيا ۽ آخرت کي نفساني خواهش سمجهي ترڪ ڪيو اٿم. ترڪِ مولىٰ مان مراد رضائي مولا از همه اوليٰ آهي. البت ترڪ ترڪ جو مطلب مڙئي حرص و هوس کي ترڪ ڪرڻ آهي.]
(بحوالہ فخرنامہ: اردو لاهور. صفحو 3).

صفحو 117. الموت جسر.....الي الحبيب

هيءَ حديث يحيٰ بن معاذ جي حوالي سان تذڪرة الاوليا ۾ آيل آهي، جتان روميءَ پڻ مثنويءَ ۾ آندي آهي.

جڏهن شاهه لطيف جي والد شاهه حبيب جو انتقال ٿيو ته شاهه لطيف جي معتقد مولانا محمد صادق نقشبنديءَ هن حديث سان وڏيڪ "يوصل الحبيب للقاء الحبيب " جا الفاظ ملائي شاهه حبيب جي وفات جو سال 1144 هه ڪڍيو.
(شاهه جو رسالو ڊاڪٽر بلوچ. 32، تذڪره الاوليا. 364)

هيءَ حديث معين الدين چشتي اجميريءَ جي ملفوظات دليل العارفين ۾ پڻ ملي ٿي.

(دليل العارفين: اردو، لاهور. صفحو 125)

صفحو 119. تارڪ الوردِ ملعون و صاحب الورد ملعون

سيرالاوليا ۾ پڻ هي قول آيل آهي جنهن موجب ڪنهن شخص حضرت نظام الدين اوليا کان مٿين قول جو مطلب پڇيو ته پاڻ ان جي سمجهاڻي ڏنائون.

(سيرالاولياء: صفحو 679، فوائد الفواد اردو - محڪمہ اوقاف پنجاب، 1985، صفحو 220)

صفحو 122. ڪلما خطر ببالڪ والله بخلاف ذالڪ:

هيءَ شيخ ابو اسحاق ابراهيم بن شهريار گازروني (وفات 426 هه) ڏانهن منسوب قول آهي، جيڪو دراصل رسول اڪرم صلعم جن خواب ۾ سندس توحيد بابت سوال جي جواب ۾ فرمايو. پورو قول هن ريت آهي.

التوحيد كل ببالک او خطر في خيالک فالله سبحانه بخلاف ذالک التوحيد ان تنزه عن الشرک والتعطيل. يعني جيکي ڪجھ تنهنجي گمان ۾ خيال ۾ اچي، خدا جي ذات ان کان ٻيءَ طرح آهي. توحيد اها آهي تہ خدا کي شرک ۽ وهم کان پاک سمجهين.

(تحفة الابرار، مرزا آفتاب بيگ صفحو 3)

صفحو 124: ڪعبو خدا وارن جو طواف ڪري ٿو.

تذڪره الاولياءُ ۾ ابراهيم بن ادهم جي باري ۾ مذڪور آهي تہ جڏهن پاڻ حج جي واسطي مکي ۾ پهتو تہ ڪعبي کي پنهنجي جاءِ تي نہ ڏٺائين. سمجهيائين تہ شايد نظر ختم ٿي وئي اٿم. آواز آيس تہ نہ بلڪ ڪعبو بيبي رابعہ بصريءَ جي استقبال ڪري پنهنجي جڳهہ تي نہ آهي. هوڏانهن رابعہ جڏهن ڪعبي کي ڏٺو تہ چيائين مون کي توسان ڪهڙو ڪم. مون کي تہ ڪعبي جي مالک سان مطلب آهي.

هڪ ٻئي هنڌ سهل تُسترِيءَ جي احوال ۾ پڻ ڪعبي جي طواف ڪرڻ جو ذڪر ملي ٿو.

تذڪرة الاولياءُ ۾ بايزيد بسطامي چوي ٿو: "ڪو عرصو مون خانہ ڪعبي جو طواف ڪيو. ليڪن جڏهن خدا سان واصل ٿيس تہ مون ڏٺو تہ ڪعبو منهنجي چوڌاري طواف ڪري رهيو هو."

(تذڪرة الاولياءُ، 75 ۽ 190)

صفحو 127. الدنيا جيفه و طالبوها کلابُ:

صوفين وٽ نهايت مقبول حديث آهي. مثنوي روميءَ ۾ ان تي ڪيترا شعر موجود آهن. شاهہ لطيف پڻ پنهنجي بيتن ۾ ان کي تضمين طور ڪم آندو آهي.

(احاديث مثنوي 580)

صفحو 129. ورد وظيفا:

ورد وظيفا صوفين وٽ خاص اهميت وارا آهن. اهي سڀ کان پهرين ابو طالب مکي جي قوت القلوب ۾ ملن ٿا. جتي نهايت تفصيل سان بيان ٿيل آهن. ان کان پوءِ شيخ شهاب الدين سهروردي، عوارف المعارف ۾ پڻ ڪافي تفصيل سان ڏنا آهن. ورد وظيفن ۾ گهڻو ڪري زندگيءَ جي هر قسم جي

معمولات بابت دعائون شامل آهن. جن ۾ طهارت کان وٺي هر قسم جي نمازن ۽ شب بيداريءَ جا عمل پڻ اچي وڃن ٿا. شيخ بهاؤ الدين ذڪريا ملتاني ڏانهن پڻ هن سلسلي ۾ هڪ الڳ رسالو"الاوراد" منسوب آهي. سير الاولياءِ ۾ فريد الدين گنج شڪر ۽ نظام الدين اوليا جا ورد وظائف نهايت تفصيل سان موجود آهن. انهن مان تمام گهڻ ڪي ساڳيا آهن، نہ تہ گهڻو ڪري اهي مختلف آهن.

صفحو 133. مٿو ڪوڙائڻ:

چشتي بزرگن وٽ مٿو ڪوڙائڻ بيعت خاطر لازمي آهي. نظام الدين اوليا جي باري ۾ مذڪور آهي تہ جڏهن هو پنهنجي مرشد فريدالدين گنج شڪر وٽ پهتو تہ بدرالدين اسحاق سندس مٿي ڪوڙڻ جو حڪم ڪيو.

(سيرالاوليا: 215)

صفحو 135. فسبحان الله حين تمسون و حين تسبحون:

هيءَ آيت عوارف المعارف ۾ صوفين جا روزانہ معمولات تحت مذڪور آهي. قرآن ۽ حديث جي دعائن تي مشتمل ڪتاب حسن حصين، جيڪو امام محمد الجزريءَ جو مرتب ڪيل آهي تنهن ۾ پڻ هيءَ دعا موجد آهي. نظام الدين اوليا پڻ هيءَ آيت ڏينهن جو خاص ڪري صبح جي وقت پڙهندا هئا.

(عوارف المعارف: 396. سير الاولياءُ: 580)

صفحو 139. شيخ شبلي(وفات 324 هہ / 942):

هو جنيد بغداديءَ جو شاگرد هو. تذڪرة الاوليا ۾ ڏانهس تمام گهڻيون ڳالهيون منسوب آهن. هيءَ واقعو بہ اتان ورتل آهي. تذڪره ۾ اها حڪايت بہ آهي تہ جڏهن سندس آخري وقت اچي پهتو تہ چيائون "لااله الله" پڙهہ. جواب ڏنائين تہ جڏهن غير آهي ئي ڪو نہ تہ نفي ڪنهن جي ڪريان.

(تذڪره الاولياءُ فارسي، صفحو 621 ۽ 637)

صفحو 142. فقير ڪهڙيءَ طرح خدا کي ياد ڪري:

تذڪره ۾ شبليءَ جي حوالي سان اچي ٿو تہ جڏهن ڪانئس پڇيائون تہ فقير ڪير آهي؟ چيائين فقير اهو آهي، جيڪو خدا کانسواءِ ٻي ڪنهن شيءِ سان راضي نہ ٿئي.

(تذڪره الاولياءُ فارسي، 633)

صفحو 143. مخدوم ساهڙ وفات(980 ھ / 1550ع):

مخدوم ساهڙ لنجار لاءِ تحفة الڪرام وارو لکي ٿو تہ هو سدائين عبادت ۾ مشغول رهندو هو ۽ رات ۽ ڏينهن جي ڪا بہ گهڙي پروردگار جي ذڪر کان سواءِ واندو نہ رهندو هو. انڙپور ۾ مدفون آهن.

(حديقۃ الاوليا. صفحو 121. تحفة الڪرام. صفحو 391)

صفحو 143. مخدوم بلال تلتيءَ وارو. (وفات 929 / 1522ع):

سمن جي دور جو مشهور صوفي بزرگ. سيرالعارفين جو مصنف جمالي جڏهن ساڻس مليو تہ وٽس عوارف المعارف رکيل هو. ڪجهہ وقت کان مخدوم بلال کي شهيد طور پيش ڪيو ويو آهي. ليڪن ان جي ڪا بہ تاريخي روايت ڪونهي.

(حديقۃ الاولياءُ. صفحو 79- 81. تحفة الڪرام. صفحو 359. مخدوم نوح جا همعصر. محبوب علي چنہ 13)

صفحو 146. ميران محمد جونپوري(747 ھ / 1443- 910 ھ / 1504):

هو بنارس جي شهر جونپور ۾ ڄائو. هو شيخ دانيال چشتيءَ جو مريد ۽ خليفو هو. ليڪن بزرگيءَ ۾ اهڙو نالو ڪڍيائين جو مهدي هجڻ جي دعويٰ ڪيائين. گجرات جي رستي بکر سنڌ ۾ داخل ٿيو. سنڌ جي حڪران ڄام نندي ۽ وقت جي عالمن خاص طور مخدوم بلال سندس مخالفت ڪئي. تاهم سنڌ جا ڪيترا بزرگ سندس حلقہ اثر ۾ داخل ٿي ويا. جن ۾ خاص طور ڪلهوڙن جو وڏو ڏاڏو آدم ڪلهوڙو. قاضي قادن. ميران يوسف بکري جيڪو پوءِ اچي ٺٽي ۾ رهيو شامل آهن.

معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ ڪريم کي مهدوي طريقي جي بزرگن لاءِ احترام هو. جنهن جي هڪ سوال جي جواب ۾ وضاحت ڪئي اٿس. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن نامعلوم شخص ابراهيم بهاري جنهن سان ساڻس ڳوٺ جي مسجد ۾ اوچتو ملاقات ٿي. ان کي پنهنجو مرشد سمجهي خدمت ڪيائين ۽ هن جڏهن ڪانئس مشهور معروف بزرگن لاءِ پڇا ڪئي تہ پاڻ يوسف رضوي بکري جو نالو ورتائين. اهڙيءَ طرح قاضي قادن پنهنجي وقت ۾ مهدوي نسبت سان مشهور هو. مير معصوم سندس احوال ڏيندي اها وضاحت ڪئي.

(قاضي قادن جو رسالو: ڊاڪٽر بلوچ صفحو 23. تاريخ معصومي. امير احمد: 240. گلزار ابرار اردو. صفحو 27)

صفحو 151. شيخ عبدالقادر جيلاني (471 هه / 1078 - 561 هه / 1227):

سڀ کان اولين ۽ مقبول ترين قادري سلسلو ڏانهن منسوب آهي. خاص طور برصغير ۾ ان کي سڀني کان وڌيڪ پذيرائي ملي. سندس مشهور تصنيفات ۾ "غنية الطالبين" ۽ فتوح الغيب شامل آهن. شيخ عبدالقادر جيلانيءَ کي پيران پير ۽ غوث اعظم جي حيثيت ۾ تسليم ڪيو وڃي ٿو. اهو هن ڪري تہ سهروردي سلسلي جو باني شهاب الدين سهروردي جنهن پنهنجي چاچي شيخ ابونجيب سهروردي کان فيض پرايو هو. سو وري شيخ عبدالقادر جيلانيءَ کي فيض يافتہ هو. بلڪ پڪي پختي روايت آهي تہ جڏهن شهاب الدين سهروردي اجان ڳڀرو نوجوان هو تہ سندس چاچو کيس عبدالقادر جيلاني وٽ وٺي آيو. جنهن مٿس شفقت جي نظر ڪئي.

اسلامي دنيا جي وڏي مفڪر صوفي شيخ اڪبر عربي"فتوحات مڪيہ" ۾ شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي سڀني وليـن ۾ مٿانهين حيثيت کي تسليم ڪيو آهي. ساڳئي ڪتاب ۾ هئي هنڌ سندس "قطب" هئڻ جو اقرار ڪيو آهي. ان ڪانسواءِ غوث اعظم جي "اويسي نسبت" پڻ مسلم آهي. اهو ئي سبب آهي جو قادري پاڻ کي اويسي بہ ڪوٺائين ٿا. جئن شاهہ ڪريم پاڻ کي اويسي ڪوٺائڻ وڌيڪ پسند ڪندو هو.

هڪ ٻي روايت موجب هندوستان ۾ چشتيہ سلسلي جي باني خواجہ معين الدين چشتيءَ جو مرشد خواجہ عثمان هاروني بغداد ۾ شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي صحبت ۾ رهيو هو.

(فصوص الحڪم. مترجم محمد برڪت الله لکنوي فرنگي محل. تصوف فائونڊيشن. لاهور 1999. صفحو 27 ۽ 43. تحقيق الامر في شرح فصوص الحڪم. محمد عطاء الله. فيصل آباد. 1983. صفحو 4 ۽ 85. هشت بهشت: ملفوظات چشتيہ: لاهور. 1994. صفحو 63. همعات اردو. ترجمو محمد سرور. صفحو 168)

صفحو 152. شيخ بهاء الدين زڪريا ملتاني (578 هه / 1182ع -661 هه / 1262ع):

شيخ بهاء الدين. شيخ شهاب الدين کان سڌو سنئون فيض پرايو هو. جنهن جي صحبت ۾ هو صرف سترنهن ڏينهن رهيو. ليڪن شيخ سندس

روحاني اهليت ڏسي ڪيس پنهنجو خليفو بنايو ۽ واپس ملتان اچڻ جي هدايت ڪئي. بلڪ واپسيءَ ۾ ڪيس نوح بکريءَ سان ملاقات ڪرڻ لاءِ به چيائين. جنهن جو ذڪر مقدمي ۾ ٿي چڪو آهي.

روايت آهي ته غوث بهاؤالدين جو ملتان ۽ سنڌ ۾ ايترو اثر هو يعني ايترا مريد هئا جو شيخ فريد گنج شڪر ان پاڳي کي شيخ بهاء الدين جو علائقو سڏيندو هو. اڳتي هلي شيخ بهاؤ الدين جي اولاد مان ڪيترا بزرگ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ اچي آباد ٿيا. جن مان ڪيترن جا نالا تحفة الڪرام ۾ ڏنل آهن.

حديقة الاولياء جيڪو سنڌ جي صوفي بزرگن بابت پهريون تذڪرو آهي. جيڪو 1016 هه ۾ لکيو ويو. تنهن جي مصنف عبدالقادر سبي کان پهرين بهاء الدين زڪريا ملتانيءَ جو احوال ڏنو آهي.

(حديقة الاولياء. صفحو 17 ۽ 21. سنڌي بولي ۽ ادب جي تاريخ: ڊاڪٽر بلوچ صفحو 127)

صفحو 153. فقر جو حرفي اشتقاق:

فقر قادري صوفين وٽ نهايت اعليٰ مقام آهي. لفظ "فقير" جي حرفن تي مشتمل شيخ عبدالقادر جيلانيءَ ڏانهن منسوب هيٺيان اشعار نهايت معنيٰ خيز آهن:

فاء الفقير فناء في ذاته
وفراغه عن نعته و صفاته
والقاف قوة قلبه لحبيبه
و قيامت الله في مرضاته
والياء يرجوا ربه و يخافه
ويقوم بالتقوي بحق تقاته
والراء رقة قلبه و صفاته
و رجوعه لله عن شهواته

(سنڌھ کي اکابرين قادريه کي علمي و ديني خدمات. صفحو 198)

شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي حوالي سان تصوف لفظ جو هي اشتقاق پڻ مشهور آهي ته "ت" مان مراد توبه. ص معنيٰ صفائي. و معنيٰ ولايت ۽ ف معنيٰ فنا في الله.

(بحوالہ مقالہ اسلامي تصوف: ڊاڪٽر عاشق حسين، نئين زندگي آگسٽ 1980ع، صفحو 144)

صفحو 154. العارف لاينظر غيره ولايسمع غيره ولايتفكر غيره:

انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ٻيو قول هن ريت آهي: **ما رايت شيئا الا وقد رايت الله فيه**

[مون ٻي ڪا شيءِ نہ ڏٺي مگر مون ان ۾ الله کي ڏٺو. هي قول محمد بن واسع جو آهي.]

(ڪشف المحجوب، صفحو 639)

صفحو 155. شيخ پرڪيو (وفات 998 هه / 1590ع):

سندس احوال ۽ ڪرامتون حديقة الاوليا ۽ تحفة الڪرام ۾ ڏنل آهن. بلڪ تحفة الڪرام واري بيان العارفين جي حوالي سان وڏيڪ ذڪر پڻ ڪيو آهي، جيڪو اڳتي ايندو.

(حديقة الاوليا، صفحو 175، تحفة الڪرام صفحو 404 ۽ 406)

صفحو 155. من يقول الله لايعرف الله ومن يعرف الله لايقول الله

انهيءَ ساڳي معنيٰ ۾ صوفين وٽ ٻيو مشهور قول آهي، جيڪو جنيد بغداديءَ ڏانهن منسوب آهي.

من عرف الله كل لسانه

[جنهن الله کي سڃاتو، ان جي زبان خاموش ٿي وئي]

(ڪشف المحجوب فارسي، صفحو 515)

صفحو 158. شيخ جهندو پاتڻي:

مير علي شير قانع جي لکڻ موجب هو ميران محمد جونپوريءَ جو فيض يافتہ هو. هن اها روايت پڻ بيان ڪئي آهي تہ ڪيئن ميران مهدي مٿس مهربان ٿيو. سندس درگاهہ مڪلي تي نهايت مشهور زيارت گاهہ آهي.

(تحفة الڪرام، صفحو 460)

صفحو 172. شيخ جيو:

مير علي شير قانع مڪليءَ جي بزرگن ۾ سندس ذڪر ڪيو آهي. شيخ جيو شيخ نعمت الله جو فرزند هو. جيڪو بهاؤالدين زڪريا ملتانيءَ جي اولاد مان هو. هو سمن جي دور ۾ سنڌ ۾ آيو ۽ هتي سڪونت اختيار ڪيائين.

سندس مزار تي خلق جي وڏي رجوعات هئي. ان ڪري ڪيس "شيخ جيو مڪليءَ جو ڏيئو " ڪوٺيندا هئا.

(تحفة الڪرام. صفحو 610)

صفحو 187. عالمي چيست برزخي جامع:

جيئن مقدمي ۾ وضاحت ڪئي وئي تہ هيءَ اصل مولانا جامي جو شعر آهي. جيڪو مثنوي سلسلة الذهب مان ورتل آهي. صحيح پڙهڻي "عالمي" جي بجاءِ آدمي آهي. يعني:

آدمي چيست برزخي جامع.

ساڳي مثنويءَ ۾ انهيءَ نظريي جي وڌيڪ وضاحت ۾ هيٺيان بند پڻ آيل آهن:

گشت آدم جلاءِ اين مرات
شد عيان ذات او بجملہ صفات
مظهري گشت ڪلي و جامع
سر ذات و صفات از ولامع

["آدم ان جي بار بار چمڪ آهي. هن ۾ اها ذات مڙني صفتن مان ظاهر ٿي آهي. آدم جو سچو سارو مڪمل مظهر آهي. آدم منجهان سندس ذات ۽ صفات جو راز ظاهر ٿئي ٿو."]

انسان بابت هي نظريو اصل ۾ ابن عربي پنهنجي مشهور ڪتاب "فصوص الحڪم" ۾ ڏنو آهي. جتي هو انسان ڪي خلق ۽ حق جو برزخ ڪوٺي ٿو ۽ چوي ٿو تہ انسان جي وجود سان هي عالم پورو ۽ مڪمل ٿيو. انهيءَ ڪري انسان هن جهان ۾ منڊيءَ جي ٽڪ يا نگينہ يعني فص آهي. ڪتاب ۾ ڪل ستاويهہ فص آهن. جيڪي حضرت آدم ڪان وٺي حضرت محمد ﷺ تئين آهن. هر ڪا فص هڪ نبيءَ جي حوالي سان آهي ۽ انهيءَ تحت هو انسان بابت خدا جي حڪمت جي وضاحت ڪري ٿو.

(مثنوي سلسلة الذهب هفت اورنگ جامي: تصحيح و مقدمہ مدرس گيلاني. صفحو 68. فصوص الحڪم. اردو. محمد برڪت الله لڪنوي: صفحو 60 ۽ 257)

صفحو 187. همہ اوست:

همہ اوست جي عام فهم سمجهاڻي مولانا جامي هيٺين رباعي ۾ ڏني آهي:

همسايہ و همنشين وهمره همه اوست
در دلقِ گدا واطلسِ شہ همه اوست.
درانجمن فرق و نهان خانۂ جمع
باالله همه اوست ثم بالله همه اوست.

[ويجهو رهندڙ، گڏ ويهندڙ ۽ گڏ هلندڙ سڀ اهو آهي. گدا جي گودڙيءَ ۾ شاهي پوشاڪ ۾ سڀ اهو آهي. "فرق" جي انجمن هجي توڙي "جمع" جي لڪل ڪوٺي. خدا جو قسم سڀ اهو آهي، پيهر خدا جو قسم سڀ اهو آهي.]

(لوايح مولانا جامي بکوشش محمد حسين تسبيحي، صفحو 43)

صفحو 187. انب جي ڪکڙي جو مثال:

مثنوي روميءَ ۾ اها ساڳي سمجهاڻي هن شعر ۾ آيل آهي:

پس بمعني آن شجراز ميوه زاد
گر بصورت از شجر بودش ولاد

(دفتر چهارم - 524)

صفحو 187.

آن پادشاه اعظم دربستہ بود محکم
پوشيده دلق آدم ناگاه برسر آمد.

هي شعر لمعات عراقي ۾ 24 لمعہ تحت آيل آهي. ان جي وڌيڪ مقدمي ۾ وضاحت ڪئي وئي آهي. اهو شعر گلزار ابرار واري پڻ هڪ ٻہ دفعا آندو آهي.

(لمعات عراقي بکوشش سعيد نفيسي، 1336، صفحو 400. گلزار ابرار، اردو: المعارف، لاهور صفحو 135)

صفحو 187. خدا ذات جي ڪري احد آهي ۽ صفات جي ڪري واحد:

مقدمي ۾ هن قول طرف اشارو ٿي چڪو، **تاهم هي هڪ وڏو ۽ ڏکيو** بحث آهي، جنهن تي ابن عربي فصوص الحکم ۾ هڪ ڪان وڌيڪ جڳهن تي

روشني وڌي آهي. "خدا ذات جي ڪري ڪيئن احد" آهي. هن تي حڪمت احديت بڪلمه هوديہ ۾ بحث تيل آهي. هڪ شعر ۾ چوي ٿو:

وما خلق تراه العين - الاعينه حق

[جيڪا بہ مخلوق اکين سان ڏسجي ٿي. انهن سڀني جو عين حق تعاليٰ آهي.]

هن سلسلي ۾ هو پاڻيءَ جو مثال ڏيندي چوي ٿو تہ جيئن پاڻي حقيقت جي لحاظ کان هڪڙو آهي. پر جدا جدا جڳهن ۽ حالتن جي ڪري ان جي ذائقي ۾ فرق اچي وڃي ٿو. ڪٿي اهو مٺو آهي تہ ڪٿي ڪڙو. ليڪن آهي اهو ساڳيو پاڻي جنهن جي ماهيت ساڳي آهي.

خدا صفات جي ڪري واحد آهي. هن تي في حقيہ بڪلمۂ اسحاقيہ ۾ بحث تيل آهي. هڪ شعر ۾ چوي ٿو.

والواحد الرحمان ڪل مؤطن - من الصور مايخفيٰ وما هو ظاهر.

[اهو واحد رحمان رحيم سڀني هنڌن تي آهي. ڪن صورتن ۾ اهو مخفي آهي تہ ڪن ۾ ظاهر.]

فان قلت هذا الحق قد قلت صادقاً- وان قلت امر اخرانت عابر.

[پوءِ جيڪڏهن تون ان کي ئي حق چوين تہ بيشڪ تون سچو آهين. پر جيڪڏهن تون چئين تہ اها ڳالهہ ئي ٻي آهي تہ جڻ تون پنهنجي تعبير ٿو پيش ڪرين.]

(فصوص الحڪم: صفحو 120 ۽ 144)

صفحو 189. روا باشد(اناالحق) از درختي:

هي شعر گلشن راز مان ورتل آهي. جنهن تي مقدمي ۾ روشني وڌي وئي آهي.

صفحو 189. مختلف رنگ جي شيشن ۾ پاڻي وجهبو تہ.......

هيءَ تشبيہ بہ اصل ۾ ابن عربيءَ فصوص الحڪم ۾ ڏني آهي. جتان پوءِ عراقيءَ لمعات ۾ توڙي جاميءَ اشعة اللمعات ۾ پڻ هنڌن تي استعمال ڪئي آهي.

اصل عبارت آهي: لون الماء لون انائه: پاڻيءَ جو رنگ ٿانءَ جو رنگ آهي.

(لمعات. صفحو 383. فصوص الحڪم. صفحو 290)

صفحو 190. كنت كنزاً مخفياً فاحببت ان اعرف فخلقت الخلق.

["آءٌ لڪل خزانو هوس پوءِ مون چاهيو تہ سڃاتو وڃان تہ مخلوق کي پيدا ڪيم."]

(احاديث وقصص مثنوي ص 120، احـاديث قدسـي، ڪشـف الاسـرار فهرست، صفحو 267، فصوص الحڪم، اردو، صفحو 263)

رومي گنج مخفي ڇئي ان جي سمجهاڻي ريت ڏني ٿو:

گنـج مخفـي بـدز پـري جـوش ڪـرد
خـاڪ را سـلطان اطلـس پـوش ڪـرد

(دفتر پهريون 2863)

[هو لڪل خزانو هو، جيڪو فراواني سبب جوش ۾ اچي ويو ۽ مٽيءَ (انسان) کي مان ڏني، شاهي پوشاڪ ڍڪايائين.]

بيان العارفين واري مٿين حديث کان پوءِ شاهہ ڪريم جو جيڪو بيت ڏنو آهي، ان ۾ پڻ "سلطان" جو لفظ آيل آهي.

پاڻهي پاڻ سلطان، پاڻهي ڏي سنيهڙا،
پاڻ ڪر پاڻ لهي، پـاڻ سـڃاڻي پـاڻ.

مولانا جامي "اشعة اللمعات" ۾ "سلطان عشق" جو لفظ آندو آهي ۽ ان جي وڌيڪ سمجهاڻي ڏيندي لکي ٿو:

"سلطان عشق بعد از تنزل وي بمرتبهء معشوقي و عاشقي خواست"

["عشق جي سلطان تنزل کان پوءِ معشوق ۽ عاشق جو مرتبو گهري ورتو."]

(اشعة اللمعات: جامي رباني، تهران، 1352، صفحو 43)

صفحو 190. الآن كما كان يعني هو ائين آهي، جئن هو.

هيءَ صوفين جو قول آهي، جيڪو اڪثر ڪري صحيح بخاريءَ جي حديث"كان الله ولم يكن معه شيئا" يعني الله تعاليٰ هو ۽ ان سان گڏ ٻي ڪا شئي نہ هئي" جي شرح طور آندو وڃي ٿو. اها تشريح ابن عربيءَ فتوحات مڪيہ جي جلد پهرئين ۾ ڪئي آهي. ليڪن اتي "وهو الآن عليٰ ماعليه كان" يعني خدا تعاليٰ هينئر بہ ان صفت سان موصوف آهي، جنهن سان پهريائين هو جا الفاظ آئي ٿو. هو ڪان الله مان مراد صفات الاهي وٺي ٿو ۽ نہ ذات الاهي. اهڙيءَ طرح الآن مان مراد آهي تہ اها ذات هر لحاظ کان ڪامل مڪمل آهي.

ناقابل تغير آهي. اهو ڪنهن بہ لحاظ کان ناقص ناهي، ڇو تہ ناقص ۾ گهٽ وڌائي ٿي سگهي ٿي.

مولانا رومي هن حديث جي نهايت سهڻي سمجهاڻي هن ريت ڏني آهي:

در اثر افزون شد و در ذات ني
ذات را افزوني و آفات نـــي
حق ز ايجاد جهان افزون نشد
آنچہ اول آن نبود اڪنون نشد

(دفتر چوٿون: 1665-1666)

[هن پنهنجي اثرات کي وڌايو، ۽ نہ ذات کي. هن جي ذات کي نہ واڌ آهي نہ ڪوٽ؛ جهان کي وجود ۾ آڻڻ سان حق ۾ ڪو اضافو يا واڌارو نہ ٿيو. اهو جيئن پهريائين نہ هو، هينئر پڻ بہ طرح ناهي(ائين آهي جيئن پهريائين هو) .]

سترهين صدي سنڌ صوفي شاعر شاه لطف الله قادري هن حديث جي وري هينئن ريت سمجهاڻي ڏني آهي:

سيپئي وهيا واهڙ، اُڏ مئو مهراڻ،
ذات مڙوئي هيڪڙو، نڪو ات ڇوڻ نہ ڇاڻ،
الآن ڪمان ڪان، وئو وڃان ئي پاڻ،
جي پروڙين پاڻ، تہ پرينءَ ري ڪين پسين.

ابن عربي فصوص الحڪم توڙي فتوحات مڪيہ ۾ "ذات جي احديت" بابت هن حديث مان بار بار دليل وٺي ٿو. اهڙيءَ طرح جامي پڻ لوايح ۾ ان مان استدلال ڪري ٿو.

(لوايح، صفحو 37، فصوص الحڪم، صفحو 150، مثنوي معنوي، صفحو 560، فتوحات مڪيہ، صفحو 152، 81، شاه لطف الله قادريءَ جو رسالو، تحقيق ڊاڪٽر بلوچ صفحو 58)

صفحو 191. لا فاعل في الوجود الا الله:

موجودات ۾ خدا جي ذات کان سواءِ ٻيو ڪو **فاعل** ناهي.

فتوح الغيب جي مقال الثالث ۾ هن طرح جا الفاظ ملن ٿا. **ان لا فاعل**

في الحقيقة الاالله ولا محرك ولا مسكن الاالله" يعني موجودات ۾ الله کان سواءِ ڪو حقيقي متصرف يا فاعل ڪونهي. ان کانسواءِ نڪو حرڪت ڏيندڙ آهي ۽ نہ ڪو سڪون ڏيندڙ آهي."

بهرحال صوفين وٽ ساڳيءَ طرز تي ٻيا بہ ڪيترا قول ملن ٿا. مثلاً: لاموجود الاهو، لامقصود الاالله، لا متصرف في الوجود الاالله وغيره. ابن عربي فتوحات ۾ وري هيءَ عبارت آڻي ٿو:

فسبحان من لافاعل سواه، ولا موجود نفسه الا اياه.

يعني پاڪ آهي اها ذات جنهن کانسواءِ ڪوئي فاعل ڪونهي ۽ ڪوئي پنهنجو پاڻ موجود ناهي، سواءِ انهيءَ ذات جي جيڪو هو پاڻ آهي."

ابن عربي پنهنجي انهيءَ خيال جي تائيد ۾ فوري طور قرآن جي آيت، "والله خلقكم وما تعلمون" يعني الله توهان جو پيدا ڪندڙ آهي ۽ توهان جي عملن جو" حوالو آڻي ٿو.

سنڌ جي عالم ۽ عارف شاعر شاهہ لطف الله قادريءَ هينين ٻن بيتن ۾ انهن مقولن کي تضمين ڪيو آهي.

انــدر اوطـاقـــون اوءِ، سير سبحان جي پٽا،
ســـي پسي پروردگـــار ڪـي، منـامنيءَ وٺـا،
لافاعل في الوجود الاالله، نڪنجان نڪنج ٿٺـا،
واديءَ تنـهـن وٺـا، جا نسوروئـــي نـاه جـي.

حــقـائين حـق ٿــئـا، حــقــان ٿـئـن حـــق،
عقــل ويــاڃ م ان ســين، جنـــي ذات مطلـــق،
لاموجود شيءَ غيرالله، اي ساري پڙهيـائون سبق،
ســي واري وحـدت ورق، اوءِ نسورو ئـي نـاه ٿئـا.

(شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام، مرتب: ڊاڪٽر بلوچ، 7 ۽ 9)

صفحو 191، عالم نبود ولي حق بود - بعد از ظهور حق عالم شد:

علم عروض مطابق هي شعر ڪو نہ ٿو لڳي، البت لائحہ 23 جي عبارت جو اختصار معلوم ٿئي ٿو، جتي اصل عبارت هن ريت آهي:

"پس عالم ظاهر حق است. و حق باطن عالم - عالم پيش از ظهور عين حق بود، و حق بعد از ظهور عين عالم. بلک في الحقيقت يک حقيقت است."

يعني عالم بظاهر حق آهي ۽ حق بباطن عالم آهي. عالم پنهنجي ظهور کان اڳ عين حق هو ۽ حق ظهور کان پوءِ عين عالم. بلک حقيقت جي روءِ کان حقيقت هڪڙي آهي."

مولانا جامي ساڳيءَ لائحہ 23 ۾ پنهنجي ان خيال جي تائيد ۾ قرآن شريف جي آيت "هوالاول ولآخر والظاهر والباطن" جو حوالو ڏنئي ٿو.

(لوايح جامي: صفحو 50. از تسبيحي)

صفحو 191. انا احمد بلاميم:

احد ۽ احمد بابت گلشن راز ۾ محمود شبستريءَ جا هيٺيان شعر ملن ٿا:

احد در ميم احمد گشت ظاهر
درين دور آمد اول عين آخر
ز احمد تا احد يک ميم فرق است
جهاني اندران يک ميم غرق است

(19 ۽ 20)

[ذات احد ميم ۾ پنهنجو ظهور ڪيو. انهيءَ چڪر ۾ اول آخر جو عين ٿيو.]

احد ۽ احمد جي وچ ۾ هڪ ميم جو فرق آهي. هي سارو جهان انهيءَ هڪڙي ميم ۾ غرق آهي.

بهرحال مجموعي طور هي صوفين جو نهايت محبوب موضوع رهيو آهي. شاهه ڪريم کان پوءِ سترهين صديءَ ۾ سنڌ جي صوفي شاعر شاهه لطف الله قادري احد ۽ احمد جي اسرار بابت هيٺينءَ ريت اظهار خيال ڪري ٿو:

سوئي احمد، محمد سو، سوئي احد الله،
سوئي واحد وجود جو، سوئي سرير ساهه،
انا احمد بلا ميمي، ايءَ ڱجهي پروڙج ڳاهه،
جن روح اپڻي راهه، سي پسن ڪين پرينءَ ري.

شاهه لطيف جو پڻ مشهور بيت آهي:

احد احمد پاڻ ۾، وچان ميم فرق.
آهي مستغرق، عالم انهيءَ ڳالهه ۾.

(سرڪلياڻ)

(شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام صفحو 39. گلشن راز صفحو 3)

صفحو 191. الحقيقة ساري في الاكوان:

ابن عربي هيٺين شعرن ۾ ساڳئي نظرئي جي وضاحت ڪري ٿو.

حقيقة ظهرت في الكون قدرتها
فاظهرت هذه الاكوان والحجبا
مافي الستر بالاكوان من عجب
بل كونها عينها مما فوي عجباً

[اها ساڳي حقيقت آهي جنهن جي قدرت هر هستيءَ ۾ ظاهر آهي. انهيءَ ذات سموري موجودات ۽ سيني حجابن کي ظاهر ڪيو آهي. موجودات جي پردي هجڻ ۾ ڪوئي تعجب ڪونهي. البت هن جو موجودات جو عين هجڻ نهايت عجيب آهي.]

فص زڪريا ۾ وري هي الفاظ ملن ٿا:

فرحمة الله في الاكون سارية - يعني الله تعالىٰ جي رحمت موجودات ۾ جاري و ساري آهي.

مولانا جامي لوايح 24 ۾ پنهنجي هڪ رباعي جو اختتام هيٺين ريت ڪري ٿو:

سريست حقيقة الحقايق ساري

[اهو ڳجهه آهي "حقيقت الحقايق" جيڪو جاري و ساري آهي. هن قول جي هڪڙي تشريح اها به ڪئي وڃي ٿي ته عالم موجود ٿي نه هجي ها جيڪڏهن حق عالم ۾ جاري و ساري نه هجي ها، چو ته هي عالم موجود بالحق آهي، يعني عالم جو وجود حق سان آهي.]

(تحقيق الامر في شرح فصوص الحكم: اردو محمد عطاء الله صفحو 64. فصوص الحكم، اردو صفحو 35. لوايح جامي از دڪتر تسبيحي، صفحو 53)

صفحو 192. قرب فرائض ۽ قرب نوافل:

وما يزال العبد يتقرب الي بالنوافل حتىٰ احبه فاذا احببته كنت لـه

سمعاً يسمع به وبصراً يبصربه ويده التي يبطش بها....“

ترجمو: منهنجو ٻانهو نفل (عبادت) جي ذريعي ايترو قريب ٿي وڃي ٿو، جو آءٌ هن سان محبت ڪريان ٿو. پوءِ جڏهن آءٌ هن سان محبت ڪريان ٿو تہ آءٌ هن جي ٻڌڻ جي سگهہ بنجي پوان ٿو. جنهن سان هو ٻڌي ٿو. اهڙيءَ طرح اکين جي طاقت، جن سان ڏسي ٿو ۽ هٿ جن سان ڪم ڪري ٿو.“

هيءَ حديث ڪجهہ لفظن جي ڦيرڦار سان صحيح بخاري ۽ مشڪواة ۾ ملي ٿي. هن حديث مان قرب فرائض ۽ قرب نوافل جو مطلب اخذ ڪيو وڃي ٿو. هيءَ حديث ٽن هنڌن تي بلڪ هن حديث جا ٽي حصا مختلف هنڌن تي تذڪرة الاولياءُ ۾ آيل آهن. بهرحال ان جي قرب فرائض ۾ قرب نوافل جي لحاظ ڪان تشريح فصوص الحڪم ۾ ٻن هنڌن تي پهريون فصل اسماعيليہ ۽ پوءِ في لقمانيہ ۾ ملي ٿي. ان ڪانسواءِ فتوحات مڪيہ ۾ بار بار ان جو حوالو اچي ٿو.

قرب فرائض جو مطلب آهي تہ ذات خداونديءَ جو ٻانهي ۾ اهڙيءَ طرح تاثير ٿئي ٿو، جو هو هر ڪم الاهي امر تحت ڪري ٿو.

يعني ٻانهو خدا تعاليٰ جا هٿ ۽ پير بنجي پوي ٿو. ليڪن قرب نوافل ۾ ٻانهي جا سڀ ڪم خدا تعاليٰ جي هٿان ٿين ٿا. صوفي قرآن پاڪ جي آيت **وما رميت اذ رميت ولاكن الله رمىٰ** (18:8) منجهان قرب نافل جو استدلال ڪن ٿا.

[تو نہ اڇليو (مٺيءَ جو ٻڪ) جڏهن تو اڇليو بلڪل اهو الله تعاليٰ اڇليو.]

روميءَ جي هيٺين شعر ۾ هن حديث ڏانهن اشارو آهي.

رو ڪہ بي يسمع و بي يبصر تو يي - سر تويي چہ جاي صاحب سر تويي

ترجمو: وڃ جو بي يسمع ۽ بي يبصر تون پاڻ آهين. ڪجهہ تون پاڻ آهين، بلڪ ڪجهہ جو صاحب بہ تون آهين. (دفتر اول، 1938)

(فصوص الحڪم، صفحو 245" اشعة اللمعات، صفحو 15، احاديث و قصص مثنوي، صفحو 89، قرآن اور تصوف، صفحو 21، عوارف المعارف، اردو، صفحو 130، فتوحات مڪيہ الجز الثاني، صفحو 548)

صفحو 192، جنهن سر سندو نور، جيلاه سو سونهون ٿئي،
تيلاه لين سپرين، ڳالهہ لهجي مور.

هن بيت جو پس منظر قرآني آيت الله نورالسمٰوات والارض ۽ يهدي الله لنوره من يشاءُ سان ملي ٿو. فارسيءَ جي صوفي شاعرن وٽ هيءَ نهايت پسنديده موضوع آهي. گلشن راز ۾ پهريون هي بيت ملي ٿو:

همه عالم بنور اوست پيدا
کجا او گردد از عالم هويدا

[سارو عالم ان جي نور کان پيدا ٿيو آهي، پوءِ هو عالم مان ڪيئن ظاهر نظر ايندو؟]

ٻئي هنڌ ان جو جواب پاڻهي ڏئي ٿو:

تو چشم عکسي و او نور ديده است
بديده ديده را ديده ديده است

[تون اولڙي واري اک آهين ۽ هو پاڻ اکين جو نور آهي. انهيءَ اک ۾ هو پنهنجيءَ اک سان پاڻ کي ڏسي ٿو.]

بلڪ ان کان پوءِ چوي ٿو:

چو نيکو بنگري دراصل اين کار
همو بيننده هم ديده است و ديدار

[جيڪڏهن غور سان انهيءَ ڳالهه جي تهه ۾ وينديِن ته هو پاڻ ڏسندڙ جي اک آهي ۽ ڏسڻ واري شيءِ پڻ!]

انهيءَ معنيٰ ۾ شاهه ڪريم جو هيو بيت آهي:

سوئي هيڏان سوئي هوڏان سوئي من وسي،
تنهين سندي سوجهري سوئي سو پسي.

(گلشن راز: صفحو 166، 141 ۽ 143)

صفحو 193. سبحان من من اظهر الاشياءَ وهو عينها:

اهو پاڪ آهي جنهن شين کي ظاهر ڪيو ۽ پاڻ انهن جو عين آهي. ابن عربيءَ پنهنجو هيءُ نظريو وڏي شد و مد سان "فتوحات مڪيه" ۾ پيش ڪيو آهي ۽ سندس انهيءَ عبارت کي وحدت الوجود جو بنياد چيو وڃي ٿو. نثر کان علاوه عربي نظم ۾ پڻ ابن عربي پنهنجي ان خيال جي بار بار تشريح ڪئي آهي. ليڪن اها به حقيقت آهي ته هو ڪڏهن حق ۽ خلق کي هڪٻئي جو

عين چوي ٿو تہ ڪڏهن وري غير پڻ ڪوني ٿو. اهڙيءَ طرح ڪڏهن خلق ڪي حق طرف اشارو ڪندڙ سڏي ٿو. تہ ڪڏهن وري حق جي تنزل مان خلق مراد وٺي ٿو. بهرحال مولانا جامي اشعة اللمعات ۾ فتوحات منجهان ٿي هڪ حوالي سان ابن عربيءَ جي هن نظريي جي نهايت خوبصورت وضاحت ڪئي آهي.

فهوعين ڪل شيءِ في الظهور، وما هو عين الاشيا ؕ في ذواتها سبحانہ و تعالیٰ وهو هو والاشياءِ اشياءِ (صفحو 71)

يعني "پوءِ هو سڀني شين جو عين آهي، جيڪي ظاهر ظهور آهن. ليڪن هو شين جو ذات جي لحاظ کان عين ناهي. اهو پاڪ ۽ وڏائيءَ وارو آهي يقيناً هو هو آهي، ۽ شيون شيون آهن."

ابن عربيءَ پنهنجو اهو نظريو ڪنهن حد تائين فصوص الحڪم ۾ پڻ فص هودي ۾ بحث هيٺ آندو آهي. ان جي وضاحت خاطر هيٺيون عربي شعر بہ ڏنو اٿس.

وما خلق تراه العين - الاعينه حق.

[جيڪي ڪجهہ (مخلوق) اکيون ڏسن ٿيون، اهو ناهي مگر انهن جو عين حق(تعالیٰ) آهي.]

شاهہ لطف الله قادري (وفات 1090 هہ / 1679ع)جيڪو شاهہ ڪريم کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جو وڏو سالڪ ۽ عارف شاعر ٿي گذريو آهي، تنهن مٿين عبارت کي نهايت خوبصورتيءَ سان پنهنجي هڪ بيت ۾ تضمين ڪيو آهي.

ٻيائي ٻڙو ناهہ ڪو، شڪُ سڀوئي لاهہ،
جاتو دوئي پانئي، سا هڏهن ناهہ،
سبحان من اظهر الاشيا و هو عينها، دوس دلين ۾ راهہ،
ات هنڌ حڪايت ناهہ، حيرت جهڙي ڳالهڙي.

(شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام، ڊاڪٽر بلوچ، صفحو 28، فتوحات مڪيہ عربي، الجزالثاني، صفحو 450، فصوص الحڪم، اردو، صفحو 144، اشعة اللمعات صفحو 71، محي الدين ابن عربي اردو ترجمو، صفحو 279)

صفحو 193، ڪل قول قول الله وڪل فعل فعل الله:

سڀڪو قول خدا جو قول آهي ۽ سڀڪو فعل خدا جو فعل آهي.

هيءَ عبارت قرب نوافل حديث جي هڪ لحاظ کان مزيد تشريح آهي.

ان جو دراصل مطلب عارف وٽان صفات بشري جو ختم ٿيڻ ۽ خدا جي صفات جو ظاهر ٿيڻ آهي. بايزيد بسطاميءَ جي ان شطح "سبحاني ما اعظم شاني جو جواز تذڪرة الاوليا ۾ بي ينطق و بي يسمع وبي يبصر تحت اهو ئي ڏنل آهي. مطلب تہ اهو مرحلو يا حالت جڏهن ٻانهي جو قول ۽ فعل خدا جي قول ۽ فعل سان مڪمل هم آهنگي رکندو هجي.

(تذڪرة الاولياءُ. صفحو 207)

صفحو 195. خدا تعاليٰ فرمايو تہ اول ارادو ڪيم .... آئينو. تہ جيئن پاڻ کي ان ۾ ڏسان:

هيءَ نظريو ابن عربي پهرين فص يعني فص آدم ۾ نهايت تفصيل سان بيان ڪيو آهي. ان کان علاوه فارسيءَ جي مڙني وڏن صوفي شاعرن انهيءَ خيال کي ڪنهن نہ ڪنهن ريت بيان ڪيو آهي.

صفحو 195. خلق آدم عليٰ صورته:

مڪمل حديث هن ريت آهي: ان الله خلق ادم عليٰ صورتہ يعني بيشڪ الله تعاليٰ آدم کي پنهنجي صورت تي ناهيو. صوفين وٽ نهايت مشهور ۽ مقبول حديث آهي. امام غزالي ڪيمياي سعادت ۾ ان سان گڏ هي الفاظ بہ آندا آهن. فاعرف نفسڪ يا انسان تعرف ربڪ" يعني خدا انسان کي پنهنجي صورت تي پيدا ڪيو. پوءِ تون پنهنجي نفس کي سڃاڻ تہ اي انسان خدا کي سڃاڻي وٺندين".

شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جو هن سلسلي ۾ قول آهي: ماظهرت في شيءِ ڪظهوري في الانسان" يعني خدا تعاليٰ چوي ٿو تہ: مون پاڻ کي ٻي ڪنهن شيءِ ۾ اهڙيءَ طرح نہ ڪيو آهي، جهڙيءَ طرح انسان ۾."

ليڪن سيني کان وڌيڪ ۽ بار بار هن حديث جي تشريح ۽ توضيح ابن عربي فتوحات ۽ فصوص الحڪم ۾ ڪئي آهي. سندس نظر ۾ هن حديث جو خاص مفهوم اهو آهي تہ انسان خدا جي مڙني صفتن جو مظهر آهي. بلڪ جامع آهي. ڪائنات جي ٻي ڪنهن بہ تخليق ۾ ايڏي جامعيت ۽ شان ناهي. ان ڪري انسان ڪائنات جو سرنامو يعني سندس خليفو آهي. فتوحات ۾ هڪ هنڌ هو انسان کي خلق ۽ حق ٻنهي ڪوٺي ٿو. حق تعاليٰ هونئن تہ عالم جي سيني صورتن ۾ تجلي فرمائي ٿو، مگر اهو شرف صرف انسان کي حاصل آهي تہ هو

اعليٰ ۽ اڪمل تجليءَ جو نمائندو آهي. ابن عربي ان جي سمجهاڻي ڏيندي وڏيڪ چوي ٿو تہ فرشتا خدا جي ذات جي صرف صفت جمال جو مظهر آهن. ليڪن انسان خدا جي جمال ۽ جلال ٻنهي جو مظهر آهي.

مولانا رومي پڻ مثنويءَ ۾ هن حديث ڏانهن هن ريت اشارو ڪيو آهي:

خلق مابر صورت خود کرد حق
وصف ما از وصف او گیرد سبق

(دفتر چوٿون 1194)

[اسان کي حق تعاليٰ پنهنجي صورت تي پيدا ڪيو آهي. اسان جون وصفون ان جي وصفن مان ئي سبق حاصل ڪن ٿيون.]

(نصوص الحڪم اردو 86، 257، فتوحات مڪيہ، اردو، صفحو 385 ۽ 387)

صفحو 195. ان الله يامرڪم ان تؤدو الامانات اليٰ اهلها (قرآن، 58:4):

بيشڪ الله تعاليٰ حڪم ڪري ٿو تہ امانتون موٽائي ڏيو، انهن کي جيڪي ان جا اهل آهن."

صوفين جي نظر ۾ انسان وٽ سڀ کان وڏي امانت سندس وجود آهي ۽ خدا وٽ ان جي اهليت لاءِ ٻن شرطن کي پوري ڪرڻ جي ضرورت آهي. پهريون تجريد يعني پاڻ کي هن دنيا جي ظاهري لاڳاپن کان الڳ رکڻ ۽ ٻيو تفريد يعني پنهنجي باطن کي پاڪ رکڻ.

عراقيءَ لمعات ۾ پڻ هن آيت ڪريمہ کي انهيءَ مطلب ۽ مراد سان زير بحث آندو آهي. جنهن جي تشريح جامي اشعة اللمعات جي 21 لمعہ ۾ آندي آهي.

(لمعات عراقي: صفحو 376، اشعة اللمعات: صفحو 125)

صفحو 195. انا اول من ربي بسنتين:

معنيٰ: آءٌ پنهنجي رب کان ٻہ سال اڳ ۾ هئس".

هن قول جو ماخذ پڻ **لمعات عراقي آهي**، ليڪن اتي اهو قول ابوالحسن خرقانيءَ ڏانهن منسوب آهي ۽ "اول" جي بجاءِ "اقل" آيل آهي. يعني آءٌ پنهنجي رب کان ٻہ سال ننڍو آهيان." البت ساڳئي 17 لمعي ۾ بلڪل هن قول سان گڏ ابو طالب مڪيءَ جو هي قول آيل آهي: وهو خالق العدم ڪما هو

خالق الوجود" يعني خدا تعاليٰ عدم جو بہ اهڙيءَ طرح خالق آهي، جهڙيءَ طرح وجود جو. "ابو طالب مكي (وفات 386 هہ/996ع) جي تصوف بابت ضخيم تصنيف "قوت القلوب في معاملة المحبوب" موجود آهي. هو اولين صوفين منجهان آهي، جيڪو حديث جي سند پاڻ روايت ڪري ٿو. ازانسواءِ هو صاحب صحو صوفين ۾ شمار ٿئي ٿو. معلوم ٿئي ٿو تہ هن قول نقل ڪرڻ ۾ بيان العارفين جي مؤلف کي اشتباه ٿيو آهي.

البت تذڪرة الاولياءُ، جنهن ۾ بين سيني صوفين جي مقابلي ۾ وڌ ۾ وڌ تفصيلي احوال ابوالحسن خرقانيءَ جو ڏنل آهي، اتي پڻ ابوالحسن خرقانيءَ ڏانهن منسوب اهڙو قول ڪو نہ ٿو ملي.

(لمعات، صفحو 373، نفحات الانس، صفحو 13، تذڪرة الاوليا، صفحو 661-716)

صفحو 195، المؤمن مراة المؤمن:

[هڪ مؤمن ٻئي مؤمن جو آئينو آهي.]

عراقيءَ جي لمعات ۾ هي قول هن ريت ملي ٿو. "المؤمن مراة المؤمن والله المؤمن" يعني مؤمن مؤمن جو آئينو آهي، ۽ الله مؤمن آهي."

هيءَ قول لمعہ 7 ۾ ملي ٿو، جتي اهو بحث پڻ ملي ٿو تہ ڪيئن هر شيءِ خدا جي حسن جو اولڙو يا آئينو آهي.

(لمعات عراقي: صفحو 361)

صفحو 209، الانسان سري و انا سره:

يعني: انسان منهنجو ڳجهہ آهي ۽ آءٌ هن جو ڳجهہ آهيان.

صوفين وٽ نهايت مقبول حديث آهي. مولانا رومي مثنويءَ ۾ ان ڏانهن اشارا ڪيا آهن. غوث اعظم جي الهامن ۾ پڻ اهي الفاظ جيئن جو تيئن ملن ٿا.

يا غوث الاعظم انا مكون لمكان وليس مكان سوي الانسان والانسان سري وانا سره الانسان.

[اي غوث اعظم مان مڪانن کي پيدا ڪرڻ وارو آهيان ۽ انسانن کان سواءِ منهنجو ڪو مڪان ناهي. انسان منهنجو لڪل راز آهي ۽ آءٌ انسان جو راز آهيان."]

(احاديث و قصص مثنوي: صفحو 216، رسالہ غوث اعظم : صفحو 67)

صفحو 211، عطار فريد الدين (513 هـ / 1120- 628 هـ / 1230ع):

فارسي زباني جو عظيم شاعر نيشاپور جي پرسان پيدا ٿيو. خانداني پيشي حڪمت يا طبابت جي ڪري عطار مشهور ٿيو. سندس تصنيفات ۾ "تذڪرة الاوليا" فارسي نثر ۾ نهايت مشهور ۽ مقبول آهي. نظم ۾ "پندنامہ"، "منطق الطير" ۽ "اسرار نامہ" تمام گهڻو مشهور آهن.

برصغير پاڪ و هند ۾ جيڪي بہ صوفي سلسلا موجود رهيا آهن، انهن ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ تذڪرة الاوليا منجهان استفادو ڪيو آهي. انهيءَ جو خاص سلوڪ ۽ معرفت جي چاشني ڏني وئي آهي. صوفين جي حلقن ۾ اهي نقل ايڏو مشهور ٿيا، جو انهن مان گهڻا تہ زباني طور ماڻهن کي ياد ٿي ويا.

تاريخي روايت آهي تہ مولانا رومي نوجوانيءَ ۾ جڏهن بلخ کان نيشاپور جو سفر ڪيو تہ عطار سان سندس ملاقات ٿي. جنهن ڪيس پنهنجو ڪتاب "اسرار نامہ" ڏنو. مولانا رومي پنهنجي شاعريءَ ۾ عطار ۽ سنائي کي هنن لفظن ۾ خراج عقيدت پيش ڪيو آهي:

عطار روح بود و سنائي دو چشم ما،
ما از پئي سنائي و عطار آمديم.

[عطار روح هو ۽ سنائي اسان جون بہ اکيون. اسان سنائي ۽ عطار جي ڪڍ آيا آهيون.]

فريد الدين عطار تاتارين جي يلغار ۾ 1230ع ۾ شهيد ٿيو. هو نيشاپور ۾ مدفون آهي.

مقدمي ۾ اهو بحث ٿي چڪو تہ بيان العارفين ۾ تذڪرة الاوليا جي اثرات کي چڱيءَ ريت محسوس ڪري سگهجي ٿو. عطار کي سندس شاعريءَ جي حوالي سان وحدت وجودي فڪر جو وڏي ۾ وڏو شارح چيو وڃي ٿو.

آب در بحر بيكران آب است
وركني در سبو همان آب است
ليک غير خدائي عز و جلال
نيست موجود نزد اهل كمال
وحدت خاصہ شهود اين است
معني وحدت وجود اين است.

[پاڻي بحر بيڪنار ۾ بہ پاڻي آهي. جيڪڏهن ڪنهن ٿانءَ ۾ پوندو تڏهن بہ پاڻي آهي، ليڪن خدا جي ذات ڪانسواءِ پهتل پانهن وٽ پيو ڪو موجود ناهي. شهادت جي اک وارن لاءِ وحدت جي اها خاصيت آهي، وحدت وجود جي معنيٰ بہ اها ئي آهي.]

صفحو 211. بايزيد بسطامي (وفات 261 هہ / 875ع):

جليل القدر صوفي بايزيد بسطامي لاءِ ابونصر سراج "ڪتاب اللمع" ۾ لکي ٿو تہ هو ڪجھ وقت ابو علي سنڌيءَ جي صحبت ۾ رهيو هو، جنهن لاءِ بايزيد جو قول آهي تہ آءٌ هن کان توحيد ۾ فنا وارو علم پرايو. شيخ بو علي لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو ٽين صدي هجري ۾ سنڌ جو عظيم صوفي هو. بايزيد بسطامي تصوف جي سيني سلسلن ۽ خاص طور صوفي ادب ۾ **نهايت مقبول** شخصيت آهي. جنهن جو بين سيني صوفين جي مقابلي ۾ گهڻو ذڪر ملي ٿو. بيان العارفين ۾ بہ سندس بار بار ذڪر اچي ٿو.

تصوف جي دنيا ۾ صوفين جا بہ عام قسم آهن. هڪڙن کي صاحب صحو ۽ ٻين کي صاحب سڪر چيو وڃي ٿو. جنيد بغدادي صاحب صحو صوفين جو اڳواڻ ڪوٺيو وڃي ٿو تہ بايزيد صاحب سُڪر صوفي شمار ٿئي ٿو. صاحب سڪر صوفين کان شطحيات صادر ٿيا آهن، جن ۾ بايزيد بہ شامل آهي. بايزيد جي مشهور شطح "سبحاني ما اعظم شاني" آهي يعني آءٌ پاڪ آهيان، ڪيڏو منهنجو شان آهي." بهرحال صوفين جي اڪثر راءِ موجب انهن کي مغلوب الحال تصور ڪيو ويو آهي. اهو ئي سبب آهي جو بايزيد جي شطحيات جي تعبير ۽ دفاع جنيد بغداديءَ پاڻ ڪيو آهي، ليڪن هتي اها ڳالھ قابل ذڪر آهي تہ بيان العارفين ۾ جيتوڻيڪ بايزيد جو گهڻ ۾ گهڻ ڏھ دفعا ذڪر آيو آهي، پر ان جي ڪنهن بہ شطح بابت ڪو اشارو ناهي. ان مان عام طور سنڌ اندر ان وقت جي صوفين ۽ خاص طور شاھ ڪريم جي، شطحيات کان الڳ، پنهنجي نقطۂ نظر جي خبر پوي ٿي.

(تذڪرة الاوليا: صفحو 166، ڪتاب اللمع: اردو: صفحو 543)

صفحو 211. ابراهيم ادهم (وفات 161 هہ / 777ع):

تذڪره موجب ابراهيم ادهم اصل ۾ بلخ جو شهزادو هو. هڪ رات جڏهن پنهنجي محل ۾ ستو پيو هو تہ ڇت تي ڪنهن جي هلڻ جو آواز ٻڌائين.

آواز ڏنائين تہ ڇت تي ڪير آهي؟ جواب آيو تہ توهان جو دوست آهيان. هتي پنهنجو وڃايل اٺ ڳولڻ آيو آهيان. انهيءَ تي ابراهيم ڇيو تہ ڇت تي اٺ ڪٿان ملندو؟ ان شخص وراڻيو تہ بادشاهي محلن ۾ بہ خدا ڪو نہ ملندو. مولانا رومي جيڪو پاڻ بلخ جو هو، مثنويءَ ۾ چوي ٿو تہ هن واقعي ابراهيم جي اندر جا بند دروازا کولي وڌا. چون ٿا اهو آواز حضرت خضر عليه السلام جو هو. ان واقعي کانپوءِ بادشاهي ترڪ ڪري جهنگ منهن ڪيائين. جتي سخت رياضتون ۽ ڪشالا ڪرڻ لڳو. آخر چاليهن سالن جي گريہ و زاري کانپوءِ اچي مڪي پاڪ پهتو. جتي ڪانيون وڪٽي گذر سفر ڪندو هو.

هڪ دفعي دجلہ جي ڪناري تي ويهي پنهنجي گودڙيءَ کي سبي رهيو هو تہ هڪ شخص کيس سجاڻي چوڻ لڳو تہ: بادشاهي ترڪ ڪري ڇا مليئہ؟ اهو ٻڌي پنهنجي هٿ واري شئي ڪٽي درياءَ ۾ ڦٽي ڪيائين تہ بيشمار مڇيون پنهنجي وات ۾ سيون جهلي پاڻي ۾ ظاهر ٿيون. ليڪن پاڻ چوڻ لڳو تہ بادشاهيءَ جي عيوض اها معمولي شيءِ حاصل ٿي اٿم. هيءَ حڪايت تذڪره توڙي مثنوي رومي ۾ ملي ٿي.

بهرحال ابراهيم ادهم ۽ بايزيد بسطاميءَ جي هڪبئي کي روزي افطار جي دعوت ڏيڻ واري ڳالهہ انهن ٻنهي ڪتابن ۾ ڪو نہ ٿي ملي.

(تذڪرة الاوليا، فارسي: صفحو 126)

صفحو 212. امام اعظم نعمان ابو حنيفہ (80 هہ / 700-150 هہ / 767):

عام طور ابو حنيفہ کي عظيم فقيہ يا فقہ جو اڳواڻ تسليم ڪيو وڃي ٿو. ليڪن علي هجويري، ڪشف المحجوب ۾ عطار تذڪره ۾ کيس صف اول جي صوفين ۾ ڳڻ شمار ڪن ٿا. ابراهيم بن ادهم، فضيل عياض، دائود طائي ۽ بشر حافي جهڙا جليل القدر صوفي سندس شاگرد هئا.

(ڪشف المحجوب: صفحو 125-127، تذڪرة الاوليا: صفحو 240-245)

صفحو 215. احمد خضروي بلخي (وفات 240 هہ / 855):

تذڪرة الاوليا موجب هو حاتم اصم کان بيعت هو. ليڪن ابوتراب نقشبيءَ کان بہ فيض حاصل ڪيو هئائين. بايزيد بسطاميءَ سان ملاقات جو شرف ٻڻ حاصل ٿيو هوس. هيءَ حڪايت تقريباً انهيءَ انداز ۾ تذڪره ۾ موجود آهي.

(تذڪرة الاولياءَ فارسي 350)

صفحو 216. ابن عربي. محي الدين (560 / 1165 - 638 / 1240):

اندلس جو مشهور فلسفي صوفي جيڪو پنهنجي تصنيف خاص طور "فصوص الحڪم" ۽ "فتوحات مڪيہ" جي ڪري مشهور آهي. فصوص الحڪم جي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ اهو سال 627 هہ هو. جڏهن مون خواب ۾ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کي ڏٺو تہ پاڻ ڪريم جن هڪ ڪتاب ڪڍي مون کي هٿ ۾ ڏئي رهيا هئا. لهٰذا فصوص الحڪم جي تصنيف جو اهو سبب آهي.

ابن عربي جتي اندلس جي مشهور فلسفي ابن رشد سان بہ مليو هو تہ ٻئي طرف اسلامي دنيا جي علمي مرڪزن مڪي، مديني، شام ۽ بغداد جو بہ سير و سفر ڪيو هئائين. پنهنجي عظيم پيش رَوَن امام غزالي ۽ شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي فڪر کي بہ پروڙيو هئائين. هو ڪنهن حد تائين غزاليءَ تي تنقيد ڪري ٿو، پر شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي نظريئہ قطب کي وري فلسفيانہ ۽ منطقي انداز ۾ اڳتي وڌائي ٿو.

ابن عربيءَ کان پوءِ سنڌس فڪر جا وڏي ۾ وڏا شارح صدرالدين قرنوي، عراقي ۽ مولانا جامي آهن. خاص طور، سنڌ هند ۾ مولانا جامي ۽ عراقيءَ جي حوالي سان ابن عربيءَ جو فڪر گهڻو پڪڙيو ۽ نهايت مقبول ٿيو. ايتري قدر جو سنڌس ڪتابن تي هتان جي عالمن نهايت پر مغز شرحون لکيون آهن. جيڪي صوفيانہ ادب ۾ شاهڪار حيثيت رکن ٿيون. هڪ لحاظ سان لوايح ۾ جاميءَ ابن عربيءَ جي نظريات جي نهايت وڻندڙ انداز ۾ تشريح ۽ توضيح ڪئي آهي.

صفحو 216. بايزيد بسطامي:

هي نقل ڪنهن حد تائين تذڪرة الاوليا ۾ بايزيد جي احوال ۾ اچي وڃي ٿو.

(تذڪرة الاولياءُ: صفحو 201)

صفحو 217. ذوالنون مصري (وفات 245 هہ /.....):

تذڪرة الاولياءُ ۾ سنڌس تفصيلي احوال موجود آهي. ليڪن هيءَ حڪايت اتي ڪانهي.

(تذڪرة الاولياءُ: صفحو 137)

صفحو 218. شيخ فريد گنج شڪر (569 هہ / 1175ع - 664 هہ / 1265ع):

چشتي سلسلي جو وڏا صوفي بزرگ جنهن خواجہ قطب الدين بختيار

ڪاڪي کان فيض پرايو. هندوستان جو مشهور صوفي بزرگ نظام الدين اوليا سندس مريد ۽ خليفو هو. سندس ملفوظات موجود آهي. چشتي تذڪرن ۾ سندس تفصيلي احوال موجود آهي. جن ۾ خاص طور "سيرالاوليا" ۽ "سيرالعارفين" قابل ذڪر آهن. سندس آخري آرامگاهه پاڪ پٽڻ پنجاب ۾ آهي. هو پنجابي زبان جو اولين شاعر بہ آهي. سندس اها شاعري سکن جي مقدس ڪتاب گروگرنٿ جو هڪ مستقل باب آهي.

شيخ فريد شيخ بهاؤالدين ملتانيءَ جو همعصر هو ۽ هڪ روايت موجب بغداد ۾ شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جي ملاقات جو شرف پڻ حاصل ٿيو هوس.

شيخ فريد بابت هيءَ روايت چشتي سلسلي جي مٿين تذڪرن ۾ نظر ڪو نہ آئي.

(سيرالاوليا: صفحو 140، سنڌي بولي ۽ ادب جي تاريخ. ڊاڪٽر بلوچ 270- 273، سيرالعارفين: اردو: صفحو 42 - 78)

صفحو 219. ٻن درويشن جي حڪايت ۽ عورت جو دريا پار ڪرڻ:

هيءَ حڪايت بلڪل ساڳي انداز ۾ نظام الدين اوليا جي ملفوظات "فوائد الفواد" ۾ موجود آهي. ليڪن ٿي سگهي ٿو تہ اها روايت زباني طور صوفين جي هڪ حلقي مان ٻي هنڌ پهتي هجي.

(فوائد الفواد: صفحو 150- 151)

صفحو 220. بهلول:

هن جي لغوي معنيٰ خوش طبع يا مسخرو آهي. هن جو سڀ کان پهرين احوال الجاحظ جي ڪتاب البيان ۾ ملي ٿو. روايت مطابق هو ڪوفي ۾ 188 هه /804ع ۾ هارون رشيد سان مليو هو. سندس ڪيئي قول ۽ حڪايتون مشهور آهن. هڪ روايت مطابق هو داناءِ شخص هو. ليڪن ڄاڻي واڻي ناداني جو روپ اختيار ڪيو هئائين. بهلول جو ذڪر مثنويءَ ۾ پڻ ملي ٿو.

(اردو دائره معارف اسلاميہ. دانش گاهه پنجاب. بار دوم. 1985ع. صفحو 149)

صفحو 221. ابراهيم ادهم:

ابراهيم ادهم ۽ سندس پٽ بابت هيءَ حڪايت تذڪرة الاوليا ۾ موجود آهي. (تذڪرة الاوليا: صفحو 108)

صفحو 222. شيخ عبدالقادر جيلاني:

شيخ عبدالقادر جيلانيءَ بابت مشهور تذڪرن "بهجة الانوار" ۽ "خلاصة المفاخر" جن ۾ سندس گهڻيون ڪرامتون ۽ حڪايتون بيان ٿيل آهن. پر تن ۾ هيءَ حڪايت نظر ڪا نہ آئي. (خلاصة المفاخر: اردو: لاهور، 1983ع)

صفحو 223. حسن بصري (وفات 110 هـ / 728ع):

صحابہ ڪرام ڪان پوءِ پهرين طبقي جي صوفين ۾ سندس شمار ٿئي ٿو. سندس همعصرن ۾ حبيب عجمي / مالڪ بن دينار ۽ بيبي رابعہ بصري اچي وڃن ٿا. حسن بصري تابعين ۾ شمار ٿئي ٿو. هڪ روايت موجب سندن نالو حضرت عمر رضہ تجويز ڪيو هو. کيس حضرت علي رضہ جي صحبت جو شرف پڻ حاصل ٿيو هو.

تذڪرة الاولياءُ ۾ سندس تفصيلي ذڪر موجود آهي. بيبي رابعہ بصريءَ لاءِ کيس از حد احترام هو. چون ٿا تہ پاڻ هفتي ۾ هڪ دفعو وعظ ڪندو هو. پر جيستائين بيبي رابعہ بصري شريڪ نہ ٿيندي هئي، تہ وعظ شروع نہ ڪندو هو.

مالڪ بن دينار جي حوالي سان خبر آهي تہ هڪ دفعي هن ڪانئس سوال ڪيو تہ تباهي ڪنهن شيءِ ۾ پوشيده آهي؟ جواب ڏنائين تہ مرده دليءَ ۾. هن وري پڇيو تہ مرده دلي ڇا کي چئجي؟ جواب ڏنائين تہ دنيا سان رغبت رکڻ. تذڪرة الاوليا ۾ حسن بصري، مالڪ بن دينار ۽ شقيق بلخي (174 هـ) جي حوالي سان هيءَ ساڳي حڪايت تمام ٿوري ڦير ڦار سان موجود آهي.

(تذڪرة الاولياءُ 33، 72، 81)

صفحو 225. ذوالنون مصري:

ذوالنون مصريءَ بابت هيءَ روايت تذڪرة ۾ سندس احوال هيٺ درج آهي.

(تذڪرة الاوليا: صفحو 145)

صفحو 225. بايزيد بسطامي:

بايزيد بسطامي بابت هيءَ حڪايت تذڪرة الاوليا ۾ جيئن جو تيئن موجود آهي. البت تذڪره ۾ وڌيڪ اهو بہ آهي تہ جڏهن ڪنهن سائل بايزيد کان عرش جي حقيقت متعلق پڇيو تہ جواب ڏنائين عرش آءٌ پاڻ آهيان. هن وري ڪرسيءَ بابت پڇيو تہ جواب ڏنائين تہ اها بہ آءٌ آهيان. سائل پڇيو پلا قلم متعلق ڇا ٿا چئو؟ چيائين تہ اهو بہ آءٌ آهيان.

(تذڪرة الاوليا: صفحو 186)

صفحو 226. شيخ عبدالقادر جيلاني:

هن روايت جو ماخذ معلوم نہ ٿي سگهيو.

صفحو 226. بيبي رابعہ بصري:

بيبي رابعہ بصري متعلق هيءَ حڪايت تذڪرہ ۾ موجود آهي.

(تذڪرة: صفحو 77)

صفحو 228. بايزيد بسطامي:

تذڪرة الاولياءَ ۾ بايزيد بابت جيڪا حڪايت آهي، ان موجب هن جي جنهن ڪوپڙيءَ تي نظر پئي ان تي صم بڪم عمي فهم لايعقلون يعني "اهي گونگا، ٻوڙا ۽ انڌا آهن، جيڪي ڪا ڳالهہ نٿا سمجهن"، لکيل هو. دراصل هيءَ قرآن ڪريم جي آيت آهي. تذڪرہ موجب بايزيد انهيءَ ڪوپڙي کي ڪٽي ڇمي ڏني ۽ چوڻ لڳو تہ اها هڪ اهڙي صوفيءَ جي ڪوپڙي آهي، جيڪو ذڪر الاهيءَ ۾ ايڏو پريشان رهندو هو جو سندس ڪنن ۾ اها طاقت نہ رهي هئي جو هو ڪجهہ ٻڌي سگهي. اهڙيءَ طرح سندس اکين ۽ زبان ۾ اها سگهہ باقي نہ بچي هئي جو ڪجهہ ڏسي سگهي يا ڳالهائي سگهي. ياد رهي تہ هيءَ هن آيت جي صوفيانہ تشريح آهي. صوفين جو چوڻ آهي تہ جيستائين انسان غير خدا بابت انڌو، گونگو ۽ ٻوڙو نہ ٿيندو، تيستائين ذات خداونديءَ جو مشاهدو نہ ماڻيندو.

بيان العارفين ۾ آهي تہ هڪ شخص شاهہ ڪريم آڏو هيٺيون بيت پڙهيو ۽ پڇيائين تہ ان بابت توهان جي ڇا راءِ آهي.

وائي وڃيم شال، ڪنين سين ڪين سڻان،
پلو ڪري پال، تہ اکين سين انڌو ٿيان.

پاڻ چيائون تہ صحيح ٿو چوي. هن بيت ۾ بہ صوفين جي انهيءَ ساڳي ڪيفيت جي نشاندهي ٿيل ٿي ڏسجي.

بهرحال تذڪرہ ۾ شبليءَ جي حوالي سان اهو ذڪر آهي تہ هن جي نظر پڻ هڪ ڪوپڙيءَ تي پئي، جنهن تي "خسرالدنيا والآخرة" لکيل هو ۽ هن چيو تہ اها ڪوپڙي، ڪنهن نبي يا وليءَ جي آهي ۽ ان جو مطلب آهي تہ جيستائين دنيا ۽ آخرت ٻئي قربان نہ ڪبا تہ خدا جو قرب حاصل نہ ٿيندو.

صفحو 228. شيخ شبلي:

شيخ شبليءَ جو احوال تصوف جي سيني بنيادي ڪتابن ۾ موجود آهي. بهرحال هيءَ حڪايت تذڪرة الاولياءَ ۾ ڪونہ ٿي ملي، جتي شيخ شبليءَ

بابت ڪيئي نقل ۽ حڪايتون بيان ٿيل آهن.

صفحو 231. ميران محمد جونپوري:

ميران محمد جونپوريءَ جو نئي ۾ اچڻ تاريخي طور ثابت آهي.

(قاضي قادن جو رسالو: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، صفحو 23)

صفحو 232. بايزيد جي ابوالحسن خرقاني بابت پيش گوئي:

تذڪرة الاولياءُ ۾ ابوالحسن خرقانيءَ بابت وڏ ۾ وڏ تفصيلي احوال موجود آهي. جنهن جي شروعات بايزيد بسطاميءَ جي سندس جنم بابت پيشنگوئي سان ٿئي ٿي. اها پيشن گوئي مثنوي روميءَ جي چوٿين دفتر ۾ پڻ آيل آهي. ابوالحسن، بايزيد ۽ شبليءَ وانگر مقام محويت تي فائز هو. سندس ڪيترائي اقوال تعبير جا محتاج آهن.

(تذڪرة الاولياءُ: فارسي، صفحو 66i)

صفحو 233. بايزيد بسطاميءَ جو دنيا ۽ آخرت بابت خيال:

هيءَ نقل سبع سنايل ۾ آيل آهي جتي اهو پڻ بيان ٿيل آهي ته جڏهن بايزيد کان پڇيائون ته دنيا جي يادگيريءَ سان وضو ڇو؟ جواب ڏنائين ته دنيا محدث آهي. انهيءَ ڪري ان جي ذڪر سان حدث ٿيو ۽ حدث کان پوءِ وضو ڪرڻ گهرجي. ليڪن جنت خواهشن کي پورو ڪرڻ جو نالو آهي. گويا ان سان جنابت واقع ٿئي ٿي ۽ جنابت جي ڪري غسل لازمي آهي.

(سبع سنابل: صفحو 290)

صفحو 233. شيخ سعدي (وفات 691 هه / 1292ع):

فارسي زبان جو عظيم شاعر شيراز ۾ پيدا ٿيو. تمام گهڻا سير و سفر ڪيائين. بغداد ۾ شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جي بيعت ڪيائين. جيئن "بوستان" جي هڪ شعر ۾ پاڻ ان جو انڪشاف ڪيو اٿس.

مرا شيخ داناءِ فرخ شهاب

فارسي نثر ۾ گلستان ۽ مثنويءَ ۾ بوستان سندس شاهڪار آهن.

صفحو 234. بيبي رابعه بصري:

عطار جي تذڪرة الاولياءُ ۾ بيبي رابعه بصريءَ بابت گهڻا نقل ۽ حڪايتون موجود آهن. هڪ دفعي جڏهن کانئس پڇيائون ته شيطان سان دشمني رکين ٿي؟ جواب ڏنائين ته خدا سان محبت سبب شيطان سان دشمنيءَ جو وقت ئي نٿو ملي. بهرحال اها حقيقت آهي ته سموري صوفي ادب ۾ خاص

طور تذڪره نويسن وٽ سندس شخصيت نهايت مقبول آهي ۽ الائجي ڪيترا نقل ۽ واقعا ڏانهس منسوب آهن. بيان العارفين ۾ پڻ وڏ ۾ وڏ حڪايتون ڏانهس منسوب آهن.

(تذڪرة الاولياء: صفحو 80)

صفحو 235. جنيد بغدادي (وفات 297 ه / 910ع):

هن کي صاحبِ صحو صوفين جو اڳواڻ يا سيد الطائفہ ڪوٺيو وڃي ٿو. هو پنهنجي اعليٰ فهم ۽ فڪر جي ڪري ممتاز آهي. هن جو نقطۂ نظر هميشہ متوازن ۽ معتدل هيو. هو مشهور صوفي سري سقصليءَ فيض يافتہ هو. سندس قول آهي تہ خدا کان سواءِ ٻي هر شئي کي ترڪ ڪرڻ جو نالو تصوف آهي. صوفي اهو آهي، جيڪو حضرت ابراهيم عليہ السلام کان خليل يعني دوست هجڻ جو، حضرت اسماعيل عليہ السلام کان تسليم جو، حضرت دائود عليہ السلام کان غم جو، حضرت ايوب عليہ السلام کان صبر جو، حضرت موسيٰ عليہ السلام کان شوق جو ۽ حضور ڪريم ﷺ کان اخلاص جو سبق سکي.

مشهور صوفي منصور حلاجؒ حضرت جنيدؒ جي صحبت اختيار ڪئي، ليڪن پنهنجي مخصوص نظريات سبب جلد ئي علحده ٿي ويو.

بيان العارفين ۾ ڏنل مقولو سڌيءَ ريت تذڪرة الاوليا ۾ موجود ڪونهي. البت جنيد جي قولن جي عام فهم سمجهاڻي آهي.

(تذڪرة الاوليا: صفحو 406)

صفحو 238. ابراهيم ادهم:

تذڪرة الاولياء ۾ هيءَ حڪايت گهٽي ڦيرڦار سان موجود آهي. مثلاً: اهو ذڪر آهي تہ ڪيس جيڪا اُجرت ملندي هئي، اها پاڻ مزدورن جي ڪاڌي تي صرف ڪري ڇڏيندو هو. هڪ دفعي پاڻ دير سان آيو تہ سندس مريد اڳيئي سمهي پيا هئا. اهو سمجهي تہ هو بکيا سمهي پيا آهن، پاڻ باهہ ٻاري هنن لاءِ ڪاڌو تيار ڪرڻ لڳو.

اهڙيءَ طرح جيڪو ساٿس گڏ هلڻ لاءِ چوندو هو تہ ان سان ٽي شرط رکندو هو. پهريون تہ آءٌ توهان جي خدمت ڪندس. ٻيو نماز لاءِ بانگ آءٌ پاڻ ڏيندس. ٽيون تہ جيڪي ملندو، اهو آءٌ برابر برابر تقسيم ڪندس.

صفحو 239. حسن بصريءَ جو واعظ:

تذڪرة الاولياءُ ۾ آهي تہ جيستائين بيبي رابعہ بصري موجود نہ هوندي هئي، ايستائين حسن بصري وعظ شروع نہ ڪندو هئو. بلڪ پنهنجي وعظ ۾ جوش جذبي لاءِ چوندو هو تہ اهو رابعہ جي ڪري آهي.

(تذڪرة الاولياءُ: فارسي: صفحو 33)

صفحو 241. پير بسطامي ۽ نوجوان:

تذڪرة الاوليا ۾ هيءَ حڪايت هن ريت آهي تہ هڪ دفعي حضرت بايزيد بسطاميؒ جو گذر قبرستان مان ٿيو. ڏنائين تہ اتي ڪو نوجوان بربط جو ساز وڄائي رهيو آهي. اهو ڏسي حضرت بايزيدؒ لاحول پڙهي تہ ان نوجوان اهو ساز مٿي تي وهائي ڪڍيس، جنهن سان نہ رڳو حضرت بايزيدؒ جو مٿو ڦاٽي پيو، پر اهو ساز بہ ٽٽي پيو. حضرت بايزيدؒ گهر اچي ان نوجوان ڏانهن پيسا ڏياري موڪليا تہ جئن هيو ساز وٺي. ان ڪان علاوه ڪجهہ ڪائڻ پيئڻ جون شيون بہ موڪليائين تہ جئن ٽٽل ساز جو غم غلط ڪري سگهي. نوجوان اهو سڀ ڪجهہ ڏسي ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ معافي وٺڻ لاءِ پنهنجي سائيءَ سوڌو اچي حضرت بايزيدؒ وٽ حاضر ٿيو.

بيان العارفين ۾ اٿ جو ذڪر نقل ڪي عام فهم بنائڻ خاطر ڪيل ٿو ڏسجي. البت نقل ۾ وڌيڪ اضافو ان ڪي يقيني طور وڌيڪ معنيٰ خيز بنائي ٿو، جيڪو حضرت بايزيدؒ جي استغراق ۽ محويت واري ڪيفيت جو آئينہ دار آهي.

(تذڪرة الاولياءُ: صفحو 171)

صفحو 245. بيبي رابعہ بصريءَ جو نظريۂ عبادت:

بيبي رابعہ بصريءَ متعلق تذڪرن ۾ بيشمار نقل ۽ حڪايتون موجود آهن. جن جو جيتوڻيڪ اصل متصد ۽ مفهوم ساڳيو آهي، ليڪن هر مؤلف ان ڪي نئين ۽ منفرد انداز ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ جيئن انهن ۾ پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن لاءِ ڪشش پيدا ٿئي. تذڪره ۾ سندس هي الفاظ ملن ٿا:
اي خدا، منهنجي لاءِ صرف تون ڪافي آهين. جيڪڏهن مان جهنم جي خوف ڪان تنهنجي عبادت ڪريان ٿي تہ مونکي بيشڪ جهنم ۾ داخل ڪر. ۽ جيڪڏهن بهشت جي لالچ ۾ تنهنجي عبادت ڪريان ٿي تہ مون تي بهشت

حرام ڪر! پر جيڪڏهن منهنجي عبادت صرف تنهنجي ديدار واسطي آهي تہ پوءِ مونکي پنهنجي ديدار سان مشرف ڪر. ليڪن ان جي باوجود بہ جيڪڏهن تو مونکي جهنم ۾ داخل ڪيو تہ پوءِ آءٌ اها شڪايت ڪرڻ ۾ حق بجانب هونديس تہ دوستن سان دوستيءَ وارو سلوڪ ٿيڻ ڪپندو هو!

ٻئي دفعي چيائين تہ: جيڪو ٻانهون جهنم جي خوف کان ۽ بهشت جي اميد تي خدا جي بندگي ڪري ٿو، ان کان وڌيڪ ڪريل انسان پيو نٿو ٿي سگهي. اهو ٻڌي ڪنهن چيس، ڇا توکي خدا جي ذات ۾ اميد ناهي، يا ان کان خوف ناهي؟ جواب ڏنائين تہ منهنجي نظر ۾ جهنم ۽ بهشت جو نہ هجڻ برابر آهي، ڇو تہ عبادت خدا جو فرض آهي، ڇا جيڪڏهن جهنم ۽ بهشت نہ هجن ها تہ خدا جي بندن تي اطاعت لازم نہ هئي؟!

دراصل بيبي رابعہ بصريءَ جو خدا جي عبادت جي باري ۾ تصور خدا سان محبت جي مترادف آهي. سندس سيئي اقوال انهيءَ نقطئہ نظر جي عڪاسي ڪن ٿا.

(تذڪرة الاوليا فارسي 78)

صفحو 249. بيبي رابعہ بصري ۽ ڪعبي جي حاضري:

تذڪره ۾ هي نقل ان صورت ۾ موجود ڪونهي. البت اهو ذڪر آهي تہ هڪ دفعي ابراهيم ادهم حج لاءِ روانو ٿيو تہ هر وک تي ٻہ رڪعتون نماز ادا ٿي ڪيائين. اهڙيءَ طرح چوڏهن سالن کانپوءِ مڪي پاڪ پهتو. دل ۾ سوچيائين تہ ٻيا ماڻهو پيرين پيادا اچي پهچندا. ليڪن آءٌ اکيون پير ڪري پهتو آهيان. انهيءَ پربور تمنا سان جڏهن ڪعبي طرف منهن ڪيائين تہ ڏنائين تہ ڪعبو پنهنجي جڳهہ تان غائب آهي. ڏاڍو پريشان ٿيو تہ شايد منهنجي نظر ختم ٿي چڪي آهي يا الائجي ڪهڙو اسرار آهي! غيبي آواز آيو تہ تنهنجي نظر کي ڪجهہ ڪو نہ ٿيو آهي، البت ڪعبو هيٺي مخلوق جي استقبال لاءِ ويل آهي. اهو ٻڌي وڌيڪ افسوس ۽ تعجب ٿيس تہ اها شخصيت ڪير آهي. آواز آيو تہ اها نهايت برگزيده هستي آهي. اجان اهو ٻڌي اکيون کوليائين. ڇا ڏسي تہ بيبي رابعہ بصري لٺ جي سهاري تي هلندي اچي سندس آڏو گذري ۽ ڪعبو پنهنجي جڳهہ تي پهچي ويو. تذڪره ۾ هن کان پوءِ ٻنهي جي وچ ۾ ڪجهہ مڪالما آهن.

تذڪره ۾ اهو بہ آهي تہ جڏهن بيبي رابعہ بصري اهڙيءَ طرح ڪعبي ڪي پاڻ وٽ ڏٺو تہ چئي ڏنائين. مونکي ڪعبي جو نہ بلڪ ڪعبي جي مالڪ جو اشتياق آهي. مون کي ڪعبي جي حسن کان وڌيڪ جمال خداونديءَ جي خواهش آهي!

(تذڪرة الاولياءُ: فارسي: صفحو 75)

صفحو 247. من طلب شيءِ جد و جد:

تذڪرة الاولياءُ ۾ شبليءَ جي احوال هيٺ درج آهي تہ هڪ ڏينهن جنيد بغداديءَ چيو: "من طلب وجد" يعني جنهن خدا جي طلب ڪئي تہ اهو ان کي مليو. انهيءَ تي شبليءَ چيو ائين نہ بلڪ هيئن چئو: من وجد طلب: يعني جنهن کي مليو اهو ئي طالب آهي.

(تذڪرة الاولياءُ: فارسي: 623)

تذڪرة الاوليا ۾ هيءَ حڪايت ڪو نہ ٿي ملي.

صفحو 248. بهاءُ الدين ذڪريا جو مريدن کي چورن کان بچائڻ:

پيرن بابت اهو عام اعتقاد آهي. جنهن جا صوفي تذڪرن ۾ ڪيترا مثال موجود آهن.

صفحو 248. حضرت خضر عليه السلام:

قرآن پاڪ جي سوره ڪهف ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ حضرت خضر جو قصو بيان ٿيل آهي. حالانڪ حضرت خضر جو نالو آيل ڪونهي. حضرت خضر، حضرت موسيٰ جي ٽن جڳهن تي رهنمائي ڪري ٿو، جنهن جي حضرت موسيٰ کي ڪا خبر نہ هئي. صوفي اتان اهو استدلال وٺن ٿا تہ حضرت خضر هر وقت غيبي رهنمائي لاءِ موجود آهي. صوفي تذڪرن ۾ ايترا ڪيئي واقعا نقل ٿيل آهن، جتي حضرت خضر پاڻ اچي رهنمائي ڪندو آهي، جڏهن پيو کو رهبري ڪرڻ وارو نہ هوندو آهي. ابن عربي پنهنجي مشهور تصنيف "فتوحات مڪيہ" ۾ حضرت خضر سان پنهنجي اهڙي ملاقات جو ذڪر ڪيو آهي.

صفحو 251. شقيق بلخي ۽ بايزيد:

تذڪرة الاوليا ۾ هيءَ حڪايت جيئن جو تيئن بايزيد بسطاميءَ جي احوال هيٺ درج آهي.

(تذڪره الاولياءُ فارسي 174)

صفحو 251. شقيق بلخي ۽ جٽيو:

تذڪرة الاوليا ۾ بايزيد جي جٽيي جو ذڪر ملي ٿو. البت شقيق بلخيءَ بابت اهڙو ڪو بہ حوالو ڪو نہ ٿو ملي. (تذڪرة الاوليا:فارسي: 174)

صفحو 254. لقمان حڪيم:

قرآن ڪريم ۾ هڪ سورة سندس نالي سان موجود آهي ۽ اهو حوالو موجود آهي تہ ڪيس حڪمت جي علم سان نوازيو ويو هو. لقمان نہ صرف طبيب مشهور آهي، بلڪ حڪيم يعني ڏاهپ ۾ مشهور آهي. عطار جي "پندنامہ" ۾ لقمان حڪيم جا هڪ سو نصيحت جا نڪتا موجود آهن. جيڪي هن پنهنجي پٽ لاءِ چيا آهن.

صفحو 260. حسن بصري:

هيءَ حڪايت تذڪرة الاولياء ۾ ڪونهي. البت گنج شڪر ڏانهن منسوب ملفوظات "اسرار الاوليا" ۾ هڪڙي واصل باللہ جي حوالي سان هيءَ حڪايت بيان ٿيل آهي. (هشت بهشت، اردو 415)

صفحو 262. جنيد بغدادي:

تذڪرة الاوليا ۾ هيءَ نقل بلڪل ساڳي صورت ۾ موجود آهي. (تذڪرة الاوليا 451)

صفحو 263. شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي ڪرامت:

شيخ عبدالقادر جيلاني ڏانهن منسوب بيشمار ڪرامتون مختلف تذڪرن ۾ موجود آهن. ستين صدي هجريءَ ۾ لکيل "بهجة الاسرار" ۾ هڪ اهڙي حڪايت موجود آهي تہ ڪيئن شيخ جي غائبانہ رڙ سان سندس عقيدتمند ڦورن کان محفوظ رهيا.

(بهجة الاسرار امام ابوالحسن شطنوفي: اردو ترجمو، مولانا حافظ احمد علي شاہ، صفحو 191)

صفحو 264. شيخ بهاء الدين ملتاني:

"فوائد الفواد" مطابق شيخ شهاب الدين سهروردي پنهنجن مريدن سان هن ريت مخاطب ٿيو: "توهان ڪنهن مونجهاري ۾ نہ پئو. توهان آلين ڪاٺين وانگر آهيو ۽ بهاءَ الدين سڪل ڪاٺيءَ وانگر. ظاهر آهي تہ سڪل ڪاٺيءَ کي آليءَ جي مقابلي ۾ جلد باہ لڳندي آهي. (الاوراد، اردو، صفحو 13)

شيخ شهاب الدين 264

صفحو 265. بزرگ جي سنوارت ۾ خدا جو ذڪر:

اهو ساڳيو نقل جڻ جو تيئن مخدوم نوح هالائيءَ جي ملفوظات ۾ ڏنل آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ صوفين جي حلقي ۾ ساڳئي قسم جا نقل ۽ حڪايتون هلندڙ هئا. جيڪي پوءِ سندن مريدن ۽ معتقدن ملفوظات جي صورت ۾ محفوظ ڪري ڇڏيا. هونئن بہ شاهہ ڪريم جو مخدوم نوح سان وڏي عقيدت وارو رستو هو. ٿي سگهي ٿو تہ اهو نقل اتان ئي ٻڌو هوندائين ۽ پوءِ اچي پنهنجي مريدن آڏو بيان ڪيائين.

(مخدوم نوح عليہ الرحمة جا چونڊ ملفوظات: مرتب شوڪت علي قريشي: صفحو 69)

صفحو 267. بايزيد ۽ نوجوان:

تذڪره ۾ هيءَ حڪايت ڪونهي. البت واٽ ويندي بايزيد کي ہہ دفعا ڪتو سامهون پئجي ويو تہ سائس ڪتي سان ٿيل مڪالما ڏنل آهن.

(تذڪرة الاولياءُ: فارسي: صفحو 172)

صفحو 271.

ارتــاس مــلاءِ، جــس ملــدي مــن ملــي،
ديــاپيڪ انــاءِ، نيــت ڪــا ڪبيــرا ڪــون.

ڊاڪٽر دائود پوٽي توڙي ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي هن بيت جي معنيٰ طرف ڪو اشارو نہ ڏنو آهي، وڏي ڳالهہ تہ ٻنهي "ڪبيرا" کي "ڪپڙا" ڪري پڙهيو آهي. شايد ان جو سبب هي آهي تہ ٻين سڀني سنڌي بيتن جي مؤلف طرفان فارسي نثر ۾ معنيٰ ڏنل آهي، ليڪن شاهہ ڪريم جي حوالي سان مؤلف هن بيت جي صرف ٻن لفظن "ديا" ۽ "پيڪ" جي معنيٰ طرف اشارو ڪيو آهي. هي دوهو هندي ٻوليءَ جي مهان ڪوي ڀڳت ڪبير (1440-1518ع جو آهي ۽ دوهي ۾ سندس نالو آندل آهي. جڏهن اصل فارسي متن مان پڻ تصديق ڪري سگهجي ٿي. ارتـاس اصـل ۾ هـندي لفـظ "ارداس" آهـي. جيڪـو اصـل ۾ عرضداشت جي بگڙيل صورت آهي. ان لحاظ ڪان جيڪڏهن دوهي جي معنيٰ ڪبي تہ جا هيءَ ٿيندي.

[**منهنجو** عرض اگهاءِ جنهن سان من **جو محبوب ملي،**
اي خدا، قيامت برپا ڪر تہ **ڪبير جي نيت پوري ٿئي.**]

هن دوهي جي وڌيڪ صحيح پڙهڻيءَ خاطر جڏهن جناب الياس

عشقيءَ سان رابطو ڪيو ويو تہ هن وري هن دوهي کي هيٺئين ريت پڙهيو.

هـردا آس مـلاءِ، جـس ملـدي مـن ملـي،

ديا پيک أناءِ، ميت ڪبيرا ڪون هئـي.

[اي دل ان سان ملاءِ جنهن سان من جو ميل آهي. اي ڏيئا روشني ڪر تہ ڪبير ميت سان ملي سگهي.]

بهرحال هن دوهي جي معنيٰ اجان وڌيڪ تحقيق طلب آهي.

(اردو هندي - انگريزي لغات: Platts سنگ ميل لاهور. 1983ع.)

صفحو 273. مخدوم نوح:

مخدوم نوح جي قرآن فهمي پنهنجي وقت ۾ مشهور هئي، جنهن جو ذڪر حديقة الاوليا واري پڻ ڪيو آهي. مخدوم نوح جيڪو فارسيءَ ۾ قرآن شريف جو ترجمو سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپيل آهي، ان ۾ حروف مقطعات جو مفهوم پڻ ڏنل آهي.

صرفحو 273. مخدوم آجب لانگاه:

تحفة الڪرام ملا آجب جي نالي سان سندس ذڪر ڪيو آهي ۽ مخدوم صدوءَ جو پٽ ڄاڻايو آهي. بلڪل اها ساڳي ڪرامت بيان ٿيل آهي.

(تحفة الڪرام: صفحو 425)

صفحو 273،

مخدوم ساهڙ لنجار جو ذڪر اڳ ۾ ٿي گذريو.

صفحو 274. درويش صالح ڪڪرالي وارو:

تحفة الڪرام ۾ سندس نالو ملي ٿو.

(صفحو 437)

صفحو 274. مخدوم نوح جو مريد:

دليل الذاڪرين ۾ پڻ اهو ساڳيو نقل درج آهي، جنهن جو حوالو بيان العارفين تان ورتل آهي.

(دليل الذاڪرين قلمي: صفحو 232)

صفحو 278. مخدوم نوح جو مريد قطب:

تحفة الڪرام ۾ ساڳيو احوال موجود آهي. دليل الذاڪرين ۾

ڪيترن هنڌن تي سندس ذڪر آهي تہ هو ڪانهري ٻيلي جو رهندڙ هو. اهو ساڳيو نقل اتي بہ آيل آهي.

(دليل الذاڪرين قلمي: صفحو 220)

صفحو 278. قاسم ڪوري:

تحفة الڪرام ۾ سندس ذڪر آهي.

صفحو 278. مشائخ هوتي لاڪو:

حديقة الاوليا ۾ سندس ذڪر شيخ الشيوخ جي عنوان تحت ڪيل آهي. اهو پڻ ڄاڻايل آهي تہ هو سماع جو شائق هو. سندس ڀڻ پٽن احمد ۽ محمد جو بہ احوال موجود آهي، جيڪي پڻ سماع جا شوقين هئا.

سندن سماع جي برڪت سان رحمت باران جي وسڻ جو ذڪر پڻ موجود آهي. تحفة الڪرام ۾ بہ سندس احوال ڏنل آهي.

(حديقة الاولياء: صفحو 101 کان 114، تحفة الڪرام: صفحو 368-369)

صفحو 278. مرزا شاهہ حسن ۽ عمر بودلو:

مرزا شاهہ حسن ارغون، شاهہ بيگ ارغون جو پٽ هو ۽ سندس مرڻ کان پوءِ سنڌ جو حڪمران ٿيو. تاريخي طور شاهہ حسن جو اگهم ڪوٽ وٺڻ لنگهڻ ثابت آهي. هن 992 هـ/1554 ۾ وفات ڪئي.

عمر بودلي جو ذڪر حديقة الاوليا ۽ تحفة الڪرام ۾ ملي ٿو. ليڪن هي واقعو بيان ٿيل نہ آهي.

(تحفة الڪرام: صفحو 409، حديقة الاوليا: صفحو 234-236)

صفحو 279. ميرڻ ڪاتيار:

تحفة الڪرام ۾ سندس ذڪر موجود آهي. (صفحو 504-505)

صفحو 280. جرڪس پٽ ڏنو:

حديقة الاولياءَ ۾ سندس تفصيلي احوال موجود آهي، جنهن مطابق هو شيخ پرڪيي سان بہ هڪ پيري ملاقاتي ٿيو هو تہ مخدوم بلال سان پڻ گفتگو ٿي هيس. اهو مڪالمو تحفة الڪرام ۾ بہ ڏنل آهي.

(حديقة الاوليا: صفحو 186-188، تحفة الڪرام: صفحو 416)

صفحو 280. درويش بادو:

تحفة الڪرام ۾ ساڳيو ذڪر موجود آهي. (صفحو 445)

صفحو 281. مخدوم يعقوب پليجو:

حديقة الاولياء ۽ تحفة الڪرام ۾ سندس ذڪر موجود آهي ۽ مينهن واري حڪايت بہ بيان ٿيل آهي. البت حديقة الاوليا ۾ مرزا شاهہ حسن جي حوالي سان سندس هڪ ڪرامت جو پڻ ذڪر ٿيل آهي.

(حديقة الاوليا: صفحو 223. تحفة الڪرام 450)

صفحو 282. ميرڻ ڪاتيار:

هن بابت اها ساڳي ڳالهہ تحفة الڪرام ۾ موجود آهي.

(تحفة الڪرام صفحو 406. دليل الذاڪرين: صفحو 232)

صفحو 282. شيخ پرڪيو:

اها ساڳي روايت تحفة الڪرام واري پڻ آندي آهي.

(صفحو 404)

صفحو 283. يعقوب پليجو:

هيءَ روايت ساڳي ريت تحفة الڪرام ۾ موجود آهي.

صفحو 284- 283. ميرڻ ڪاتيار ۽ پنگ:

اها ساڳي روايت تحفہ الڪرام ۾ موجود آهي. دليل الذاڪرين ۾ پڻ اها روايت ملي ٿي. (تحفة الڪرام صفحو 406. دليل الذاڪرين قلمي، صفحو 123)

صفحو 284. رڪن الدين:

حديقة الاوليا ۽ تحفة الڪرام ۾ درويش رڪن الدين ولد ڏتو جو ذڪر ملي ٿو. سندس دانهن يا آواز ڪرڻ سان ماڻهن جي مرڻ جو ذڪر بہ ٿيل آهي. سندس وفات جو سال 988 هہ ڄاڻايل آهي.

(حديقة الاوليا، 162. تحفة الڪرام، صفحو 373)

صفحو 284-درويش پلي:

ساگري درياءَ جي ڪناري واري بزرگن جي عنوان هيٺ سندس ذڪر ٿيل آهي. (تحفة الڪرام، 393)

صفحو 286. مخدوم حسن هريڙه:

تحفة الڪرام ۾ ساڳيو ذڪر موجود آهي.

(تحفة الڪرام: صفحو 430)

صفحو 287. الحمد پڙهي درياءَ پار ڪرڻ:

هيءَ حڪايت فوائد الفواد ۾ پڻ ملي ٿي.

(فوائد الفواد: صفحو 150)

صفحو 254-284-285. سيد رڪن الدين متيارين وارو:

تحفة الڪرام ۾ ساڳيو احوال ڏنل آهي، البت دليل الذاڪرين ۾ سندس ذڪر ٻه ٽي دفعا آيو آهي.

(تحفة الڪرام 441، دليل الذاڪرين قلمي، 59، 66)

صفحو 288. حسن سنيو:

تحفة الڪرام ۾ ساڳي حڪايت بيان ٿيل آهي. (صفحو 435)

صفحو 289. مخدوم اسماعيل سومرو:

حديقة الاوليا ۾ سندس تفصيلي احوال موجود آهي. اگهم ڪوٽ جي پراڻن آثارن ۾ سندس مزار تي وفات جو سال 998 هه / 1589ع اڃ سوڌو موجود آهي. تحفة الڪرام ۾ سندس مختصر احوال ڏنل آهي، جتي مخدوم عثمان جو پڻ نالو آيل آهي.

مخدوم اسماعيل سومرو مخدوم نوح جو همعصر هو، بلڪ سندن وفات جو ساڳيو سال آهي. دليل الذاڪرين ۾ پڻ سندس ذڪر ملي ٿو. ان ڪان سواءِ گلزار ابرار ۾ پڻ سندس احوال ڏنل آهي.

(حديقة الاوليا: صفحو 153- 156، تحفة الڪرام: 407-408، دليل الذاڪرين، قلمي: صفحو 66، گلزار ابرابر اردو: صفحو 389)

صفحو 289. درويش سليمان:

تحفة الڪرام ۾ ساڳي حڪايت موجود آهي.

(صفحو 408)

صفحو 290- مخدوم عربي دياٽو:

حديقة الاوليا ۽ تحفة الڪرام ۾ سندس تفصيلي ذڪر موجود آهي. سندس وفات جو سال 980 هه / 1572ع آهي. هو مخدوم نوح جو استاد هو، جنهن قرآن شريف جي تعلير ڪانئس ورتي هئي. دليل الذاڪرين ۾ اها حڪايت ڪرامت جي رنگ ۾ بيان ٿيل آهي. مخدوم عربي جو ذڪر گلزار ابرار واري به ڪيو آهي.

(حديقة الاوليا:صفحو 128، تحفة الڪرام: صفحو 382، دليل الذاڪرين قلمي: صفحو 82، گلزار ابرار: صفحو 378)

صفحو 290. درويش هوتي لاڪو:

حديقة الاوليا ۽ تحفة الڪرام ۾ هوتي لاڪي جي سماع بابت غير معمولي ذوق جو ذڪر ملي ٿو.

صفحو 291. شيخ طلحہ:

شيخ طلحہ ۽ پير مراد بابت ساڳي حڪايت تحفة الڪرام ۾ موجود آهي. (تحفة الڪرام : صفحو 612)

صفحو 291. ميرڻ ڪاتيار:

ساڳي روايت تحفة الڪرام ۾ موجود آهي.

صفحو 291. شيخ ممون:

هن جو نالو تحفة الڪرام ۾ موجود آهي(صفحو 450)

- **مخدوم صدرالدين راهوتي:**

تحفة الڪرام ۾ ٻن جاين تي سندس ذڪر آيو آهي.

(صفحو 385 ۽ 430)

صفحو 295. مخدوم صدو لانگاهہ:

هو شهيد عنايت صوفي جهوڪ واري جو وڏو ڏاڏو هو.

(تحفة الڪرام : صفحو 425)

صفحو 296. شيخ پنو:

حديقة الاوليا موجب سندس وفات 680 هہ /1282ع ۾ ٿي هئي. هو لعل شهباز قلندر جو همعصر هو. سندس تفصيلي احوال اڳ ۾ ٿي گذريو آهي.

صفحو 296. شيخ پرڪيي جي ڪرامت:

تحفة الڪرام ۾ ساڳي ريت بيان ٿيل آهي. (صفحو 403)

صفحو 298. پنيو سهار:

تحفة الڪرام ۾ ساڳيو واقعو درويش پنيو سهار جي نالي سان ورجايل آهي. (صفحو 443- 444)

صفحو 297. شيخ ريحان ۽ شيخ ابراهيم:

تحفة الڪرام واري ڪين سومرو ڄاڻايو آهي، ۽ سندس اولاد مان شيخ ابراهيم ڪان علاوه ٻين جو ذڪر پڻ ڪيو آهي. تحفة الڪرام موجب شيخ ريحان لعل شهباز جو همعصر هو. (صفحو 445-446)

صفحو 301. والله خلقڪم وما تعلمون (قرآن 96:37)

يعني توهان جو خالق آهي ۽ توهان جي عملن جو.

ابن عربي فتوحات ۾ هي نتيجو قائم ڪري ٿو تہ الله تعاليٰ انسان کي ڪم ڪرڻ يا اڪتساب جي صفت سان نوازيو آهي، ليڪن هنن کي ڪنهن شيءِ جي قدرت نہ ڏني آهي، ڇو تہ خدا تعاليٰ پاڻ قادر مطلق آهي. گويا انسان جي عملن جو خالق بہ هو پاڻ آهي. اهو ساڳيو بحث لافاعل في الوجود الاالله تحت ٿي گذريو، جتي ابن عربيءَ هيءَ آيت حوالي طور آڻي ٿو.

انهيءَ سموري بحث کي فارسيءَ جي هن شعر ۾ آندو ويو آهي.

خلق حق افعال ما را موجد است

فعل ما آثار خلق ايزد است.

[خدا جي خالقيت اسان جي افعالن جو سبب آهي. اسانجا ڪم خدا جي خلقت جا آثار آهن.]

عراقي وري لمعہ 17 ۾ هن آيت تي وڌيڪ روشني هيئن وجهي ٿو:

آن را کہ بخود وجود نبود

خود فعل کجا تو اندش بود

[جنهن کي پنهنجو وجود نہ هجي، ان کي پنهنجي فعل جي سگهہ ڪٿان آئي؟!]

(فتوحات مڪيہ اردو: صفحو 24 ۽ 149، لمعات از عراقي: سعيد نفيسي: صفحو 391)

صفحو 299، درويش آچر ۽ سيد علي شيرازي:

ساڳي روايت تحفة الڪرام واري نقل ڪئي آهي. (صفحو 614)

صفحو 300، ميرڻ ڪاتيار:

هيءَ روايت دليل الذاڪرين واري پڻ آندي آهي.

صفحو 301، مخدوم نجيم:

تحفة الڪرام واري ريل وارن بزرگن ۾ سندس ذڪر ڪيو آهي ۽ مخدوم نوح جو عقيدتمند ڄاڻايو آهي.

صفحو 302، راڄو ستيو دل:

تحفة الڪرام موجب هن 977 هہ ۾ وفات ڪئي. هو مجذوب ۽ واصل بالله هو. (صفحو 449)

صفحو 303، سيد حيدر شاهہ:

تحفة الڪرام موجب هو سن جو رهندڙ هو ۽ مخدوم بلال جو

عقيدتمند هو. اها ساڳي روايت بيان ٿيل آهي.

(صفحو: 365-366)

صفحو 303، قاضي قادن:

قاضي قادن بابت اها روايت ٻي ڪنهن هنڌ نٿي ملي. البت قاضي قادن جي بيتن ۽ شاعريءَ جو ڀيريون دفعو ذڪر ابرار ۾ مليو ٿو.

(گلزار ابرار: صفحو 275)

صفحو 303، شيخ پرڪيو:

ساڳي روايت تحفة الڪرام ۾ موجود آهي. (صفحو 404)

صفحو 305، بهاءُ الدين گودڙيو ۽ درويش موسيٰ:

تحفة الڪرام بيان العارفين تان ساڳي روايت ورتي آهي. البت دليل الذاڪرين ۾ ڄاڻايل آهي تہ هو جمعي جاڙيجي جي وساطت سان مخدوم نوح جو مريد ٿيو.

(تحفة الڪرام: صفحو... دليل الذاڪرين: صفحو 169)

صفحو 306، درويش پلي:

ساڳي روايت تحفة الڪرام ۾ موجود آهي. (صفحو 393)

صفحو 306-احمد رونجهو:

تحفة الڪرام ۾ شاهه ڪريم جي صحبتن ۾ سندس نالو ڄاڻايل آهي.

صفحو 306- مخدوم ساهڙ لنجار انڙپور وارو:

دليل الذاڪرين وارو لکي ٿو تہ ڀيريان ٻہ شخص جن مخدوم نوح کان فيض پرايو، سي مخدوم ساهڙ لنجار ۽ شيخ مشائخ هوتي لاکو هئا.

(دليل الذاڪرين قلمي: صفحو 158)

صفحو 311-312 عبدالرشيد بصير، درويش عبداللطيف ۽ عيسو فقير:

تحفة الڪرام واري ٽنهي جو گڏ ذڪر ڪيو آهي. (صفحو 424)

صفحو 315، سيد علي شيرازي ۽ سماع:

سيد علي شيرازي ثاني ٺٽي جي انجوي ساداتن جو چشم و چراغ هو. مخدوم نوح جو مريد ۽ عقيدتمند هو. سماع سان وڏو انس هوس. پاڻ شاعر بہ هو. سنڌيءَ ۾ سندس هڪ بيت محفوظ رهجي ويو آهي. تاريخ معصوميءَ ۾ پڻ سندس احوال ملي ٿو.

(سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ڊاڪٽر بلوچ، 1999ع، صفحو 305)

صفحو 316. مرزا غازي ترخان:

مرزا جاني بيگ کانپوءِ هن سورهن سالن جي عمر ۾ مغلن طرفان سنڌ جو حڪمران بنيو. هن سال 1021 هه / 1612ع ۾ وفات ڪئي.

صفحو 316. مرزا جاني بيگ:

هو پنهنجي پيءُ مرزا باقي ترخان جي مرڻ کانپوءِ سنڌ جو حڪمران ٿيو. سندس دور ۾ اڪبر جو سپه سالار عبدالرحيم خانخانان سنڌ تي چڙهائي ڪري آيو. آخر آڻ مڃڻي پيس ۽ ڪيس وٺي وڃي دهليءَ ۾ رهايائون. اهو واقعو سال 1000 هه / 1591ع ۾ ٿيو، جڏهن شاهه ڪريم جي عمر 56 سال هئي.

صفحو 319. چام هالو:

تاريخ طاهريءَ ۾ چام هالي جو ذڪر آهي. هن جو مرزا غازي بيگ سان زمين جي معاملي تي تڪرار ٿيو هو.

(تاريخ طاهري: صفحو 245)

صفحو 319. عمر راٺو:

يوسف ميرڪ ٺٽي جي سردارن جي فهرست ۾ چام هالي ۽ عمر راٺي جو نالو ورتو آهي.

(تاريخ مظهر شاهجهاني: صفحو 34)

صفحو 323. مخدوم آجب:

تحفة الڪرام موجب هو صدو لانگاهه جو پٽ هو ۽ غالباً شاهه ڪريم جو همعصر هو.

تفسير حسيني: هيءُ تفسير فارسي زبان جي مشهور نثر نويس ملا حسين واعظ ڪاشفيءَ(وفات 911 هه / 1505ع) جي تصنيف آهي. هن تفسير جي خاص خوبي اها آهي ته منجهس گهڻن هنڌن تي قرآني آيتن جي تشريح ۽ تعبير مشهور صوفي بزرگن ۽ شاعرن جي قولن سان ٿيل آهي، جن ۾ خاص طور خواجه عبدالله انصاريءَ جو تفسير ڪشف الاسرار، ابن عربيءَ جو فتوحات مڪيه، شهاب الدين سهرورديءَ جو عوارف المعارف، ابو طالب مڪيءَ جو قوت القلوب، مثنوي مولانا رومي، فخرالدين عراقيءَ جو لمعات، محمود شبستريءَ جو گلشن راز ۽ منجهس جاميءَ جي شاعريءَ جا ڪيترا حوالا ملن ٿا. معلوم ٿئي ٿو ته ان زماني جي صوفين وٽ هي تفسير گهڻو مقبول هو.

صفحو 329، پير لاکو:

اها ساڳي حڪايت تحفة الڪرام واري نقل ڪئي آهي.

(صفحو 437)

صفحو 330، سيد ابراهيم عرف پير پرڏيهي:

اها ساڳي روايت تحفة الڪرام ۾ آندل آهي.

(صفحو 431)

صفحو 332، حاڪم علي مصطفيٰ:

مرزا مصطفيٰ سنه 1028 ھ / 1618ع ۾ مغلن طرفان ٺٽي جو حڪمران ٿيو.
(تحفة الڪرام: صفحو 233)

فهرست -1: قرآني آيتون، حديثون ۽ قول

نوٽ: پاسيري ليڪ جي ساڄي طرف وارا انگ موجوده ڪتاب جي صفحي ۽ کاٻي پاسي وارا انگ قلمي ڪتاب جي صفحي جي نشاندهي ڪن ٿا.

الف

فهرست-2: مقدمي، متن ۽ حوالن ۾ آيل ڪتاب

1- قرآن مجيد مترجم فارسي از
حضرت شاه ولي الله محدث دهلوي
تفسير از حضرت حسين الواعظ
الكاشفي
تاج ڪمپني لميٽڊ، ڪراچي
پاڪستان 1984ع

2- قرآن مجيد
سنڌي ترجمو: مولانا عبدالڪريم
قريشي

3- الفتوحات المكيه
تاليف محي الدين ابن عربي، دار
احياء التراث العربي، بيروت - لبنان
1418 هه 1998ع

4- تذكرة الاوليا شيخ فريد الدين
عطار
بررسي دكتر محمد استعلامي،
انتشارات زوار، چاپ نهم، 1377

5 - كشف المحبوب
تاليف ابوالحسن علي بن عثمان
جلابي هجريري غزنوي
به كوشش دكتر محمد حسين
تسبيحي(رها)
انتشارات مر كز تحقيقات فارسي،
ايران و پاكستان، اسلام آباد 1414ه

6- فهرست تفسير كشف الاسرار وعدة
الابرار
معروف به تفسير خواجه عبدالله
انصاري
به كوشش دكتر محمد جواد شريعت،
تهران 1363

7- مثنوي معنوي
مولانا جلال الدين محمد بلخي
از قوام الدين خرمشاهي
كتابخانه ايران 1378 هجري

8 - احاديث ، قصص مثنوي
تاليف بديع الزمان فروز انفر
ترجمه كامل و تنظيم مجدد
حسين دادوي، تهران 1376 هجري

9- گلشن راز
شيخ محمود شبستري
مركز تحقيقات فارسي ايران و
پاكستان
لاهور 1378 هه /1979ع

10- ديوان كامل فخرالدين عراقي معہ
لمعات
مقدمہ و تصحيح
اسماعيل شاهروردي
انتشارات فخر رازي 1374 هجري

11- تذكره مخزن الغرائب
شيخ احمد علي خان هاشمي سنديلوي
مركز تحقيقات فارسي ايران
پاكستان 1994ع

12- اشعة اللمعات جامي
بانضمام سوانح غزالي و چند كتاب
عرفاني ديگر
بتصحيح و مقابلہ مرحوم حامد رباني
- تهران 1352 هجري

13- دبستان مذاهب مع تعليقات
موبد كيخسرو اسفنديار
بہ اهتمام رحيم رضا زاده ملک
كتابخانہ ظهوري 1362 هجري
14- لوائح فارسي
مولانا جامي
اي - ايچ و نفيلڈ ۽ محمد قزويني
ايران پاكستان مركز تحقيقات
اسلامک بک فائونڊيشن، لاهور
1978ع

15 - مثنوي هفت اورنگ تاليف
عبدالرحمان جامي
تصحيح و مقدمہ مدرس گيلاني،
طهران 1337 هجري

16- لوائح
تاليف مولانا نورالدين عبدالرحمان
جامي
بكوشش محمد حسين تسبيحي
كتابفروشي فروغي 1342 تهران

17- فتوحات مكيہ، اردو، جلد اول
مترجم مولوي محمد فضل خان،
تصوف فائونڊيشن، الهور 1999ع

18- فصوص الحكم اردو
ترجمہ مولانا عبدالقدير صديقي
پروگريسو بکس، لاهور، 1993ع

19- فصوص الحكم اردو
مترجم محمد بركت الله لكنوي فرنگي
محلي
تصوف فائونڊيشن، لاهور، 1999ع
20- تحقيق الامر في شرح فصوص
الحكم اردو
محمد عطاء الله
مطبع خيبر پرنٽرز پشاور 1983ع
21- مراة الاسرار

موئلف شيخ عبدالرحمان چشتي
تحقيق و ترجمہ کپتان واحد بخش سيال
الفيصل اردو بازار، لاهور

22- رسالہ غوث اعظم
مع شرح موسومہ بہ
جواهر العشاق
خواجہ بنده نواز سيد محمد حسيني گيسودراز
پروگريسو بکس، لاهور، 2000ع

23- نفحات الانس، اردو
تاليف مولانا جامي،
مترجم حافظ سيد احمد علي صاحب چشتي
لاهور، 1997ع

24- عوارف المعارف، اردو
مترجم حافظ سيد رشيد احمد ارشد
شيخ غلام علي اينڈ سنز، لاهور 1982ع

25- هشت بهشت اردو
مجموعہ ملفوظات خواجگان چشت
مترجم عنصر صابري
ناشر پروگريسو بکس، لاهور 1996ع
26- سبع سنابل اردو
مصنف مير عبدالواحد بلگرامي
مترجم مفتي محمد خليل خان برکاتي
حامد اينڈ کمپني، لاهور طبع ثاني، 1999ع
27- سيرالاوليا ترجمہ اعجاز الحق قدوسي
اردوسائنس بورڈ، لاهور 1996ع
28 - قرآن اور تصوف ڈاکٹر مير ولي الدين
پروگريسو بکس، لاهور 1979ع

29- بزم تيموريہ
سيد صباح الدين عبدالرحمان
نفيس اکيڈمي کراچي 1989ع

30- تصوف اسلام عبدالماجدي دريابادي
اسلامک بک فائونڊيشن، لاهور 1980ع
31 - تذکرة الاوليا اردو
مبارک علي قادري
شبير برادرز، لاهور 1980ع

31- فوائد الفواد ملفوظات حضرت نظام الدين اوليا
ترجمو: پروفيسر محمد سرور
محکمہ اوقاف لاهور، 1985ع

32- حديقة الاوليا فارسي، تاليف
سيد عبدالقادر
تصحيح سيد حسام الدين راشدي
سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1967ع

33- تحفة الڪرام از مير علي شير
قانع
مترجم مخدوم امير احمد
سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٻيو 1967ع

34- معيار سالڪان طريقت قرن اول
تا بارهوين صدي هجري
مير علي شير قانع مقالہ برائي پي -
ايچ - ڊي سيد خضر حيات نوشاهي
بيت الحڪمت ريسرچ انسٽيٽيوٽ
دانش گاه همدرد، مدينة الحڪمت
1417 هه / 1994ع

35- سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ
ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ
پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ڄام شورو،
1999ع

36 - تاريخ مظهر شاهجهاني
مؤلف يوسف ميرڪ
سنڌي ادبي بورڊ 1970ع

37 - تاريخ طاهري
سيد محمد طاهر نسياني تصحيح
ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ
سنڌي ادبي بورڊ مترجم نياز همايوني
1995ع

38- آداب المريدين اردو
شيخ ضياء الدين سهروردي
مترجم محمد عبدالباسط
اسلامڪ بڪ فائونڊيشن، لاهور،
1980ع

39 - الاوراد اردو
بهاء الدين ذڪريا ملتاني
مترجم محمد ميان صديقي
اسلامڪ بڪ فائونڊيشن، لاهور 1986ع

40 - جوهر تقويم
ضياء الدين لاهوري
اداره ثقافت اسلاميہ، لاهور، 1994ع

41 - محي الدين ابن عربي
تاليف ڊاڪٽر محسن جهانگيري
مترجم احمد جاويد ۽ سهيل عمر
اداره ثقافت اسلاميہ، لاهور، 1999ع

42 - قاضي قادن جو رسالو
تحقيق ۽ ترتيب
ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄام
شورو 1999ع

43 - مخدوم نوح سرور جا سهيوڳي
پروفيسر محبوب علي چنه
سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1991ع

44- چونڊ ملفوظات
غوث الحق مخدوم نوح رحه هالائي
قاضي محمد شوڪت علي قريشي،
هالا پراڻا، 1999ع

45- ڪريم جو ڪلام
ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻو،
1976ع

46 - مڪتوبات روضي ڌڻي محقق
ڊاڪٽر نذر حسين سڪندري
مدرسه صبغة الهدي، سانگهڙ 1996ع

47- دليل الذاڪرين قلمي(فوٽو
ڪاپي)
مملوڪ ڪتبخانه قاضي غلام محمد
قريشي
هالا پراڻا

48- مڪلي نامو
سيد حسام الدين راشدي
سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد

49 - تفسير انوارالاسرار
تصنيف مسيح الاوليا شيخ عيسيٰ
جندالله پاڻائي ثم برهانپوري
سنڌي ترجمو
پروفيسر محمد عثمان ميمڻ
اداره پاڪ هائوس، 1988ع، حيدرآباد

50 - عوارف المعارف سنڌي
مترجم عبدالجبار صديقي
اداره پاڪ هائوس، حيدرآباد، 1988ع

51- شاهه جو رسالو: شاهه جو
ڪلام (جلد1-8)
ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ
علامه قاضي تحقيقاتي رڪا، حيدرآباد

52 - اشرف العلوم ترجمه سنڌي
منظوم
مثنوي مولانا روم
مولانا دين محمد اديب فيروزشاهي
آر- ايچ - احمد اينڊ برادرس،
حيدرآباد، 1949- 1961ع

53- اذڪار ابرابر اردو ترجمو گلزار
ابرار
مصنف محمد غوثي شطاري مانڊوي

مترجم فضل احمد جيوري، لاهور،
1395 هجري

54-.قوت القلوب جلد اول دوم
شيخ ابوطالب مڪي
ترجمو محمد منظور الوجيدي
شيخ غلام علي سنز، لاهور 1988ع

55- ڪتاب اللمع في التصوف
ابونصر سراج طوسي
اردو ترجمو ڈاڪٽر پير محمد حسن
اداره تحقيقات اسلامي، اسلام آباد،
1996ع

56- شرح فتوح الغيب
تصنيف شيخ عبدالحق محدث دهلوي
ترجمو علامہ ظهور احمد جلالي
صفہ اڪيڊمي لاهور، 2000ع
57- تاريخ تصوف
پروفيسر يوسف سليم چشتي
دارالڪتاب لاهور، 1999ع

58 - همعات شاه ولي الله
اردو ترجمہ محمد سرور
سنڌ ساگر اڪيڊمي، 1964

The Mathnavi of Jalauddin - 59
Rumi
R.A.Nicholson 8 vols
E.J.Gibb Memorial.
London, 1926 - 1940

Muslim Saints and Mystics -60
A.J.Arberry
Routledge & Kegan Paul,
London 1966
Tales from The Masnavi (2
vols) -61
A.J.Arberry
George Allan and Unwin Ltd.
London 1961

فهرست -3: ماڻهن جا نالا

فهرست -4: ماڳن، مڪانن، شهرن ۽ ذاتين جا نالا


بيان العارفين و تنبيه الغافلين

ڪتاب جو اصل فارسي متن

1

بسم الله الرحمن الرحیم [illegible]

[illegible]


4
3
2

5

[illegible] و مکشفات و چنین بخشش [illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible] بزرگان [illegible] کرده [illegible] مشتمل بر [illegible] فصل
فصل اول در ذکر پیری و مریدی و تاریخ تولد حضرت ایشان
[illegible] فصل دوم در ذکر تعریف مقامات حضرت ایشان
[illegible] باب اول در ذکر طلب حق [illegible]
[illegible] و تجربه [illegible] و آداب و خطاء و نصیحت
که حضرت ایشان قدس الله سره [illegible] فرموده [illegible]
[illegible] فصل اول در ذکر [illegible]
[illegible] فصل دوم در ذکر [illegible] باب دوم در ذکر [illegible]
که حضرت ایشان کرده [illegible]
در ذکر علم [illegible] حضرت ایشان [illegible]
و این باب [illegible] فصل اول در ذکر علم و
[illegible] فصل دوم در ذکر [illegible] باب چهارم در ذکر
سماع و صحبت و وجد و شوق حضرت ایشان قدس الله سره

6

و این باب [illegible] فصل اول در ذکر سماع و
[illegible] صحبت و شوق [illegible] فصل دوم در ذکر [illegible]
[illegible] حضرت ایشان [illegible]
باب ششم در ذکر [illegible] و حکایات که حضرت
[illegible] قدس الله سره [illegible]
و چندی از احوال آنحضرت نقل کرده اند و این باب مشتمل است
بر دو فصل فصل اول در حکایات انبیا علیهم الصلوة
والسلام و چندی از احوال آنحضرت فصل دوم در ذکر حکایات
بزرگان سلف رحمة الله علیهم فصل سیوم در ذکر تصرفات و
خوارق عادات و برکات و کرامات حضرت ایشان قدس
سره [illegible] و این باب [illegible] فصل [illegible] فصل
اول در ذکر تصرفات فصل دوم در ذکر کرامات و برکات
[illegible] در ذکر تاریخ [illegible] حضرت ایشان [illegible]
[illegible] فرموده اند این خاتمه بر دو فصل [illegible] فصل اول
در ذکر تاریخ وفات حضرت ایشان قدس الله سره فصل دوم

[illegible]

7

در ذکر بعضی [illegible] که حضرت ایشان [illegible]
[illegible] در ذکر پیری و مریدی و تاریخ [illegible]
[illegible] سالکان [illegible]
[illegible]
طلب کردن معرفت [illegible] حقیقت [illegible]
[illegible]
[illegible] بزرگان [illegible] شریعت [illegible]
حضرت ایشان [illegible] قدس الله سره [illegible]
[illegible] فصل اول
در ذکر پیری و مریدی و تاریخ تولد ایشان قدس الله سره
فصل دوم در ذکر تعریف مقامات حضرت پیران [illegible] بزرگان
[illegible] فصل سیوم در ذکر پیری و مریدی و تاریخ تولد
حضرت ایشان [illegible] ولادت حضرت ایشان
[illegible]
[illegible]
علیه و سلم [illegible] حضرت ایشان [illegible]

8

اویسی بوده چنانکه از حضرت ایشان نقل است که در ابتدای ایام
روزی که حضرت ایشان سماع میکردند و در آن وقت [illegible] جلال
رحمة الله علیه که پدر بزرگ ایشان بود چون دید که [illegible]
[illegible] سبیل [illegible] مبارک [illegible] از جمع بیرون [illegible]
والده خود [illegible]
و گفت من هیچ علم نخوانده ام و ضایع شده ام و حضرت ایشان
هیچ نخوانده که هیچ نخوانده و سماع کردن مشغول کرده و این [illegible]
[illegible] که حضرت ایشان در آن وقت این بیت را بر زبان
میراندند [illegible]
[illegible]
بیش از این [illegible] که تمام شب [illegible]
کرده [illegible] چنین استماع است که بزرگ وقت میان [illegible] جلال
رحمة الله علیه فرموده که چون حضرت ایشان را [illegible]
والده خود [illegible]
[illegible] که حضرت ایشان را هیچ نگوید که [illegible]
[illegible] حضرت ایشان [illegible]

9

[illegible] نقل [illegible] فرمودند که روزی [illegible]
[illegible] گم شده بود [illegible]
و دیگر [illegible] حضرت رسالت پناه [illegible] و سلم [illegible]
برای پرسش [illegible] تشریف فرموده بودند [illegible]
در [illegible] کرده [illegible] در درون خانه [illegible]
بودم که ناگاه حضرت رسالت پناه صلی الله علیه و سلم از خانه
بیرون آمدند [illegible] شدم [illegible] فرمودند
[illegible] دست گرفته [illegible] حضرت رسالت پناه
صلی الله علیه و سلم [illegible] مبارک [illegible]
[illegible] تشریف فرموده [illegible]
[illegible] حضرت ایشان قدس سره [illegible]
[illegible] که حضرت ایشان [illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible] حضرت رسالت پناه صلی الله علیه و سلم
[illegible]

10

[illegible] مبارک [illegible] فرموده اند این [illegible]
[illegible]
[illegible] والده [illegible] سماع [illegible] حضرت ایشان
[illegible] حضرت ایشان [illegible]
[illegible]
[illegible] حضرت ایشان [illegible]
[illegible] حضرت [illegible] جلال
[illegible] حضرت ایشان قدس الله سره [illegible]
[illegible] مشغول [illegible]
[illegible] جلال [illegible]
[illegible] حضرت ایشان [illegible]
حضرت رسالت پناه صلی الله علیه و سلم [illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible] حضرت ایشان [illegible] که حضرت ایشان فرموده اند
[illegible]

11

[illegible]

12

[illegible]

13

[illegible]

بودیم با جمعی [illegible] از من همراه تربت وقتی که ایشان [illegible]
شدم هر واقعه که بر من گذشته بود از اول تا آخر بیان نمودند و [illegible]
من بر [illegible] و چند بار برخود لرزیدم [illegible] مرا داده که [illegible]
که طرف حج میرود [illegible] از آن گذشته [illegible]
[illegible] نگاه داشتم و [illegible] داشتم و این [illegible]
[illegible] هر چند میران سید یوسف فرمودند که [illegible]
قبول نکردم چه از من [illegible] سید میران [illegible] مرا داده [illegible]
[illegible] حضرت ایشان [illegible]
[illegible] گذشته [illegible]
ایشان رسانم که رفتم در شهر رسیده [illegible]
[illegible] بستم پس [illegible]
حضرت ایشان چون رفتم [illegible] یقین [illegible]
که [illegible] فهم من [illegible] شده [illegible]
خوشحال [illegible] حضرت [illegible] دیگران [illegible]
[illegible] داشتم [illegible] گشته و [illegible]
[illegible]

برفتم جهت زیارت [illegible] که در کشتی سوار شوند شتاب نموده [illegible]
پیش ایشان [illegible] باشادم [illegible] خوشی [illegible]
چون آن محبت و شفقت که بر من مشاهده کرده [illegible]
[illegible] بسیار [illegible] دست من [illegible] گفت [illegible]
[illegible] گفتم برای [illegible]
[illegible] مهربانی بر من زیاده کردند و گفتند [illegible] گفتم [illegible]
حضرت شما مرا [illegible]
پس [illegible] گفتم که [illegible] گفتم [illegible] خدمت
طلب [illegible] اکنون برای [illegible]
مرا [illegible] فرمودند که [illegible] سال خود [illegible]
